سيرت مصطفيٰ صلى الله عليه وسلم



مصنف: مولوي محمد عظيم شيدا

سنڌي ادبي بورڊ

سيرت مصطفيٰ

مصنف

مولوي محمد عظيم 'شيدا'

سنڌي ادبي بورڊ

چاپو پهريون	سال 1976ع	تعداد 1000
چاپو ٻيو	سال 1984ع	تعداد 2000
چاپو ٽيون	سال 2005ع	تعداد 1000
چاپو چوٿون	سال 2018ع	تعداد 2000

[هن ڪتاب جا جملي حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

ڪتاب جو نالو: سيرت مصطفيٰ

مصنف: مولوي محمد عظيم 'شيدا'

پروف ريڊنگ: ڊاڪٽر حبيب الله صديقي 'پاتائي'

ڪمپوزنگ: ذوالقرنين اياز چنا (+92 22 3463798818)

ناشر: سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو

قيمت: 1000 روپيا

ملڻ جو هنڌ

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد

Email: sindhiab@yahoo.com

Website: www.sindhiab.com

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشوري ۾ مئنيجر .... ڇپيو ۽ .....سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

فهرست

مصنف جو مختصر تعارف

مهاڳ

پيش لفظ

انگريزي مترجم جو اظهار خيال

مقدمو 1

حضور عليہ السلام جي ولادت باسعادت جو بيان 14

جوانيءَ کان نبوت تائين واقعن جو بيان 25

وحي جو نزول 28

اصحابن سڳورن جو ايمان آڻڻ 34

حضور جن جي طرفان اسلام جي دعوت 47

مکي وارن ۽ قريشن کي اسلام جي دعوت 50

اصحابن سڳورن جي حبش ڏانهن هجرت 63

نجاشيءَ جو ايمان آڻڻ 69

حضرت حمزه بن عبدالمطلب جو ايمان آڻڻ 70

عمر ابن خطاب جو ايمان آڻڻ 74

قريشن جو بني هاشم ۽ بني عبدالمطلب سان قطع تعلقات 81

حضرت ابوطالب جي وفات 84

بيبي خديجته الکبريٰ رضہ جي وفات 87

حضور عليہ السلام جن جو طائق ۾ وڃي دين جي تبليغ ڪرڻ 88

طفيل بن عمرو دُوسي جو ايمان آڻڻ 91

حضور عليہ السلام جن جو بيبي عائشہ صديقہ سان نڪاح 92

حضور عليہ السلام جن جي بيبي سوده رضہ سان شادي 94
نبوت جي يارهين سال ۾ انصارن (مديني جي ماڻهن) جو ايمان آڻڻ 95
حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو معراج 96
بيعت عقبت الاوليٰ 122
بيعت عقبت الثاني 123
اصحابن کي هجرت جو حڪم 126
حضور جن کي نقصان رسائڻ لاءِ قريشن جو منصوبو 127
حضور عليہ السلام جن جي هجرت 129
مسجد نبوي جي تعمير 144
عبدالله بن سلام جو اسلام آڻڻ 146
مهاجرن ۽ انصارن جي ٻاڦي 148
يهودين سان صلحنامو 149
بانگ جو مقرر ٿيڻ 150
حضور جن جي عائشہ صديقہ رضي الله عنها سان شادي 152
حضرت سلمان فارسي ۽ سندس ايمان آڻڻ 154
روزي جي فرضيت 160
قبلي جي تبديلي 160
حضرت بيبي فاطمہ رضہ ۽ حضرت علي رضہ جن جي شادي 161
جهاد جو حڪم 168
پهرين غزوه 171
ٻي غزوه 172
ٽين غزوه 172
چوٿين غزوه 173

بدر جي جنگ 177
بدر وارن جي شان ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو فرمان 217
حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي نائي ابوالعاص جو احوال 218
حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي نياڻي بيبي رقيہ جي وفات 221
عمير بن وهب جو اسلام آڻڻ 223
غزوه بني قينقاع 226
غزوه سويق 229
غزوه قرقرتہ الكدر 230
غزوه آنار يا غزوه ذوآمر 231
غزوه سريہ 232
كعب بن اشرف يهودي جو قتل 233
ابورافع حجازي جو قتل 236
بيبي اُم كلثوم رضہ جي حضرت عثمان رضہ سان شادي 238
حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي بيبي حفصہ رضہ سان شادي 238
حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي بيبي زينب رضہ سان شادي 240
امام حسن رضہ جو تولد ٿيڻ 241
جنگ احد 242
غزوه حمراء الاسد 273
سن 4 هجري جا واقعا 276
رجيع چشمي تي ڏهن قارين جو قتل 277
ابو سلمہ جو جٿو 282
بير معونتہ تي ستر قارين جو قتل 283
غزوه بنو النضير 285

حضرت امام حسين رضہ جي ولادت 290
سن 4 هجري جا ڪي ٻيا واقعا 290
غزوه بدر صغريٰ 290
غزوه ذات الرقاع 293
غزوه دومتہ الجندل 296
غزوه خندق 298
غزوه بنو قريظہ 319
حضرت سعد رضہ جي شهادت 328
عمرو بن العاص ۽ خالد بن وليد جو اسلام آڻڻ 329
غزوه مرالیسع يعني بني مصطلق 332
حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي جويره بنت حارث سان شادي 334
غزوه بني مصطلق ۽ واقعہ افڪ 338
ثمامہ بن اثال نجدي جو ايمان آڻڻ 347
غزوه بني لحيان 348
بني ڪلاب ڪي سيکٹ 349
جنگ فدڪ 350
غزوه ذي قرده 350
عرنيہ قبيلي جي هڪ ٽولي جو قتل 352
نماز باران 353
حج جو فرض ٿيڻ 355
حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي چاچي ابوطالب، ڏاڏي عبدالمطلب ۽ والدين جي ايمان بابت 356
صلح حديبيہ 357

ابو نصير جو مسلمان ٿي مديني ۾ اچڻ جو واقعو 371
بادشاهن ڏي قاصد موڪلي کين اسلام جي دعوت ڏيڻ 373
وحيت الکلبي رضہ جو هرقل بادشاهہ وٽ ويڻ 376
عبدالله بن حذيفہ جو پرويز وٽ ويڻ 383
حاطب بن ابي بلتعہ جو شاهہ مقوقس ڏي ويڻ 386
شجاع وهب اسدي جو خط ڪٽي شام ڏي ويڻ 387
سليط بن عمرو عامري جو خط ڪٽي يمامہ جي والي ڏانهن ويڻ 387
علاء حضرمي جو بحرين جي والي منذر ڏي ويڻ 388
ظهار جو واقعو 389
اُم رومان جي وفات 390
غزوه خيبر 391
زينب يهودياڻي جو حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي زهر ڏيڻ 403
حجاج بن علاط سلمي جو واقعو 404
صلح فدڪ 406
مهاجرن جو حبشہ مان موٽي اچڻ 407
حضور صلي الله علي وسلم جن جو بيبي ام حبيبہ سان نڪاح 408
حضور صلي الله علي وسلم جن جي دعا سان لٽل سج جي موٽي اچڻ وارو واقعو 409
جنگ وادي قريٰ 409
ليلت التعريس جو واقعو 410
عمرتہ القضاء 411
غسان جي بادشاهہ جبلہ بن ابهم جو واقعو 415
فروه بن عمرو خزاعي جو ايمان آڻڻ 416

خالد بن وليد، عمرو بن العاص ۽ عثمان بن طلحہ جو ايمان آڻڻ 417
غزوہ موتہ 419
فتح مڪي معظمہ 423
غزوہ حنين 450
غزوہ طائف 458
حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي نياڻي بيبي زينب رضہ جي وفات 466
عدي بن حاتم طائي جو اسلام آڻڻ 471
غزوہ تبوڪ 473
بني ثقيفہ جي وفد جو اسلام آڻڻ 495
بني مرہ جي وفد جو مسلمان ٿيڻ 498
بنو عامر جو وفد 499
بني نجيب جو وفد 500
بني ڪنانہ جو وفد 501
بني سعد بن بڪر جو وفد 502
حبشہ جي بادشاهہ نجاشي جي وفات 505
سن 10 هجري جا واقعا: بني الحارث قبيلي جو اسلام آڻڻ 509
نجران جي نصارن سان صلح ڪرڻ 509
حضرت علي رضہ جو يمن ڏي وڃڻ 512
جرير جو وفد جو واقعو 514
بني حنيفہ جو وفد 515
حج الوداع جو واقعو 517
جرير بن عبدالله ڪي ذي الڪلاع ڏي موڪلڻ 527
حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي فرزند ابراهيم رضہ جي وفات 528

سن 11 هجري جا واقعا 529
مسيلمت الڪذاب جي نبوت جي دعويٰ 529
سجاح نالي هڪ عورت جي نبوت جي دعويٰ 531
عبهلت بن اسود عنسي جي نبوت جي دعويٰ 533
طلحہ بن خويلد جي نبوت جي دعويٰ 534
اُسامہ بن زيد جي لشڪر جي تياري 536
حضور عليہ السلام جن جي رحلت ۽ انهي واقعي بابت تحقيق 539

ضميمو

حصو اول: شجره طيبہ 555
حصو ٻيو: عدنان کان حضرت اسماعيل عليہ السلام تائين 555
حصو ٽيون: اسماعيل عليہ السلام کان وٺي حضرت آدم عليہ السلام تائين 556
حصو اول: نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم کان وٺي عدنان تائين 556
حصو ٽيون: اسماعيل عليہ السلام کان وٺي حضرت آدم عليہ السلام تائين 562

*****

هن پليڪيز ڪتاب جي مصنف جو مختصر تعارف

ڪتاب جي مصنف، مولوي محمد عظيم شيدا ولد فقير لعل بخش سولنگي سال 1870ع ۾ ڳوٺ گُل برڙو تعلقہ وارھہ ضلع لاڙڪاڻي، سنڌ پاڪستان ۾ جنم ورتو.ابتدائي تعليم سنڌي ۽ فارسيءَ زبانن ۾ حاصل ڪئي ۽ قرآن پاڪ جي تعليم پنھنجي وڏي پاءُ آخوند فقير محمد کان ورتي. بعد ۾ مولانا عبدالعزيز خاراني جي مدرسي واقع ڳوٺ ڪنڊُو ۾ داخلا ورتي جتي ھن عربي زبان جي بنيادي تعليم حاصل ڪئي. پوءِ مولانا عبدالغفور ھمايوني جي مدرسي ۽ علامہ محنس شاھہ ميان جو ڳوٺ واري جي عظيم علمي درسگاھن ۾ علم پرايو. پوئين علامہ محسن شاھہ صاحب مدرسو شڪارپور شھر ۾ ھو. آخر ۾ جيڪب آباد جي ڳوٺ پليڏنو آباد ۾ مولانا خادم حسين جتوئي جي مدرسي ۾ دستاربندي ڪئي جيڪا ديني تعليم جي اعليٰ سنَد ھئي ۽ پوءِ مولانا خادم حسين جتوئي ۽ علامہ سيد محسن شاھہ ڪيس سنڌ جي عظيم مدرسي پير جھنڊو شريف ضلع حيدرآباد ڏانھن رجوع ڪيو. ھندستان جي بيحد مشھور مدرسي ديوبند روانو ڪيو جيڪو برصغير جي اسلامي درسگاھن ۾ ھڪ تمام معروف مدرسو ھو. اُتي ھُن تفھيم القرآن ۽ فتويٰ جع علم ۽ ھنر مشھور عالمِ دين ۽ انقلابي شخصيت مولانا عبيدالله سنڌي کان حاصل ڪيو. ھُن شريعت، اسلامي فقہ، اسلام جي تاريخ، رياضي، طب/حڪمت، ادبي انتخاب، تصوف، علم نفسيات، دست شناسي ۽ جسم جي تشريح جو مڪمل علم حاصل ڪيو ھو. ڪيس عربي ۽ فارسي زبانن تي عبور حاصل ھو. مولانا

عبدالغفور همايوني جي صحبت ۾ سنڌي، اردو، فارسي ۽ عربي ۾ شعر گوئي شروع ڪئي.

هُن 1916ع کان 1917ع تائين ترڪ مسلمانن جي حمايت خاطر خلافت تحريڪ ۾ حصو ورتو. الحاج عبدالله هارون جي سرپرستيءَ ۾ سنڌي مسلمانن اتڪل ڏهه لک روپين جو چندو ڪنو ڪيو ۽ جناب شيدا جي سفارش تي مرحوم پير الاهي بخش کي عليگڙهه ۾ اعليٰ تعليم واسطي داخل ڪرايو ويو. سال 1924ع ۾ مولوي صاحب هاري تحريڪ ۾ شامل تيو ۽ انهيءَ جو بنيادي رُڪن مان هڪ هو. ساڳئي سال حج بيت الله جو فريضو ادا ڪيائين. سندس سات ۾ 40 ڇٽا شامل هئا جن کي لاڙڪاڻي جي عظيم مُخير شخص نواب غيبي خان چانڊيو پنهنجي خرچ تي موڪليو هو. مولوي صاحب تعليم بالغان جي سلسلي ۾ مرحوم جي-ايم- سيد ۽ پير الاهي بخش جو ساٿ ڏنو ۽ پنهنجي متعدد مدرسن ۾ بالغن لاءِ انگريزي زبان ۽ جديد تعليم جو انتظام ڪيو. ٽيهن جي ڏهاڪي جي آخر ۾ سندس وڏي فرزند عبدالحق سولنگي انگريزن جي هندستاني فوج ۾ ملازمت ڪئي ۽ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ حصو ورتو. 1943ع ۾ مولوي صاحب مولانا نذير حسين جتوئيءَ سان گڏجي ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ کي هاري تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني جنهن بعد ۾ انهيءَ تحريڪ کي زور ونرايو. مولانا نذير حسين جتوئي مولوي صاحب جو ذهين شاگرد هو. مولانا صاحب جميعت علماءِ اسلام هند جي مرڪزي ڪاميٽيءَ جو ميمبر هو ۽ سنڌ شاخ جو امير هو. مولانا صاحب جميعت شورا سنڌ جو پڻ ميمبر هو ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جو صدر هو. سندس تحريڪ وڳڻ شهر ضلعي لاڙڪاڻي جي خان صاحب مقصود علي وڳڻ، 1943ع ۾ مولانا محمد علي جوهر ۽ مولانا شوڪت علي کي دعوت ڏئي سنڌ گهرايو جيڪي پنهنجي محترم والده صاحبہ ۽ ٻي امان سان گڏ هتي تشريف فرما ٿيا.

مولوي صاحب وڏو باهمت ۽ سندس سنئون شخص هو. ايتريقدر جو سندس پهرين حج دوران جڏهن شريفِ مڪ حڪم جاري ڪيو ته هندستاني مسلمان حرم شريف ۾ فقط هڪ ڏينهن قيام ڪن، ڇاڪاڻ ته اُهي پليگ/ڪالرا پکيڙيندڙ هئا. تڏهن هُن هڪ فتويٰ لکي جنهن ۾ هن بادشاهي حڪم تي سخت تنقيد ڪئي ۽ اعلان ڪيو ته سندس عقيدي ۽ مڪتبِ فڪر مطابق دنيا جي ڪُنڊ ڪُڙڇ مان ايندڙ مسلمانن کي مڪمل حق حاصل هو ته هو حرم شريف ۾ ڪيترا به ڏينهن ترسن ۽ پنهنجي طريقي موجب مذهبي فريضو ادا ڪن. سندس لاف وانرٽ جاري ڪيو ويو ۽ شاهي دربار ۾ حاضر ٿيڻ جو حڪم ڪري ڪيس ڇيو ويو ته هو اڇي پنهنجي فتويٰ واپس وٺي ليڪن مولوي صاحب پنهنجي موقف تي سختيءَ سان قائم رهيو. شاهي ڪابينہ جي هڪ سياڻي رُڪن سندس حمايت ڪئي ۽ شريفِ مڪ تي زور رکيو ته هو پنهنجو فرمان منسوخ ڪري. مولوي صاحب ٻيو حج سال 1953ع ۾ ادا ڪيو جنهن دوران هن اسلام جي متعدد موضوعن تي مفصل واعظ ڪيا جن ۾ اسلامي فقہ، تفسير القرآن ۽ شرعي اصول شامل هئا. ڪيس انهن واعظن تي اُتي بيحد پذيرائي حاصل ٿي. هن کي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر جي عهدي جي آڇ ڪئي وئي جيڪا هن نهنائي سان ناقبول ڪئي ڇاڪاڻ ته پوئتي پنهنجي ملڪ ۾ هن جون وسيع مصروفيتون هيون. سعودي عرب جي سرڪار مولوي صاهب کي مختلف موضوعن تي لکيل 300 کان مٿي ڪتاب تحفي ۾ ڏنا. سندس وفات بعد ولي عهد عبدالحق سولنگي وڪيل اُهي ڪتاب سر شاهنواز لائبرري لاڙڪاڻي ۾ جمع ڪرايا جنهن جو هو هڪ بنيادي رُڪن هو.

مولوي صاحب هڪ عظيم انسان دوست ۽ مُخير شخص هو. نصير آباد شهر ۾ سندس مهمان خانو محتاجن، بيواهين، يتيمن، پيرسنن ۽ بيمارن لاءِ هميشہ کليل رهندو آهي جتي طعام ۽ هر قسم جي مدد ميسر

هوندي هئي. مولوي صاحب هڪ مشهور طبيب هو. خاص طور تي دل، بُکين ۾ فالج جي بيمارين جو حاذق صغيم هو. ذهني مريضن سان گڏ ويهي انهن کي آٿت ڏيندو هو. ڪڏهن ته بيحد خطرناڪ مريضن سان گڏجي ويهندو هو ۽ پنهنجي جان جي به پرواهه نه ڪندو هو.

مولوي صاحب جا ٽي گهر هئا جن مان يارهن پُٽ ۽ ٻه نياڻيون هئس. سندس فرزندن مان ٽي ۽ ٻه پوٽا حافظ القرآن ٿيا. جيئن ته مولانا عبيدالله سنڌي جو صالح شاگرد هو تنهنڪري پنهنجي رَوَبي ۾ بيحد برداشت کان ڪم ونڊو هو. اهڙي طرح مختلف فرقن ۽ مڪاتبِ فڪر جا عالم اڪثر ساڻس اچي ملاقات ڪندا هئا ۽ وٽس ترسندا هئا. سندس مهمان خانه ۾ رهي سندس علم مان مستفيض ٿيندا هئا.

هجرت تحريڪ ۾ مولانا عبيدالله سنڌيءَ سان گڏجي سبيءَ بلوچستان تائين ويو جتان افغانستان طرف وڃڻو هو. مولوي صاحب ايران، افغانستان، عراق، مصر ۽ اردن جو متعدد بار سفر ڪيو. عربي ۽ فارسيءَ زبانن جي مختلف لهجن کان واقف هو ۽ آسانيءَ سان مختلف عرب ملڪن جي ماڻهن سان گفتگو ڪري سگهندو هو. مختلف عرب ملڪن جا ماڻهو وٽس علاج لاءِ ايندا هئا ۽ گهڻا ڏينهن ساڻس گڏ رهڻ جو لطف حاصل ڪندا هئا. پاڻ ڪتابن جي مطالعي جو بيحد شوقين هو. ابنِ خلدون، ابن منصور حلاج ۽ ابن العربي جو پابندي سان مطالعو ڪند رهندو هو.

مولوي صاحب ٽيون حج سن 1973ع ۾ ادا ڪيو. اٽڪل ست سال تائين تفسير القرآن جو پابندي سان درس ڏنائين، جنهن ۾ علائقي جي اعليٰ عالم پروفيسرن سميت گهڻا طالبِ علم شامل هوندا هئا. تاريخ 7 آڪٽوبر 1988ع تي بنا ڪنهن بيماري يا تڪليف جي آرام سان پيرسني ۾ نصير آباد ضلع لاڙڪاڻي ۾ بيماري ۾ وفات ڪيائون.

آءٌ محترم ایاز چنا کي نٽو وساري سگھان جنھن پنھنجين مصروفيتن مان وقت ڪڍي ھن ڪتاب کي ڪمپوز ڪري، سنواري سجائي، خوبصورت بنائي سيني پڙھندڙن جي ھٿن تائين پھچايو. ڪتاب کي وقت سِر پوري ڪرڻ لاءِ محترم ایاز چنا جو ٿورائتو آھيان جنھن پنھنجي اٽاھ مصروفيتن جي باوجود ھن ڪاوش کي پايۂ تڪميل تي پھچايو.

منصور الحق سولنگي

ولد

مولوي محمد عظيم 'شيدا'

شيدا پبليڪيشن، 24-پي-آءِ-ڊي-سي

آفيسرس فلئٽس، اسٽريٽ نمبر-3

باٿ آئلئنڈ، ڪلفٽن، ڪراچي،

سنڌ، پاڪستان

موبائيل نمبر 03332377337

مهاڳ

ويهين صدي عيسويءَ ۾ مولوي محمد عظيم شيدا (17_1870 آڪٽوبر 1988ع) سنڌ جو هڪ عظيم ديني عالم ٿي گذريو آهي. سندس تحريڪ کيل حضرت محمد رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي سوانح حيات (سيرتِ مصطفيٰ) سنڌ ۾ اُن وقت تائين لکيل، جامع ۽ قابلِ اعتبار تمام ڪتابن جي صف ۾ شمار ٿئي ٿي. تاريخي واقعات سان گڏ پاڪ قرآني ۽ حديثن جي حوالن سان هي هڪ مستند ڪتاب آهي. انهيءَ ڪري هي سوانح حيات، اهڙن ٻين ڪتابن کان منفرد آهي. جيتوڻيڪ عالم هن عظيم موضوع تي مسلسل لکندا ٿا رهن ۽ تاريخ ۾ تسليم ڪيا وڃن ٿا، تاهم هي ڪتاب سوانحي ادب ۾ هڪ اهم اضافو آهي. سال 1980ع ۾ صدر مملڪت اسلامي پاڪستان انهيءَ حقيقت جي مدِنظر مولوي صاحب کي فخرِ ڪارڪردگي (Pride of Performance) جو ايوارڊ پيش ڪيو. سندس نامزدگي بين الاقوامي طور تي تسليم شده عالم، فلاسافر ۽ مشهور وڪيل مسٽر اي-ڪي-بروهي ۽ پٽ جسٽس تنزيل الرحمان، چئرمن ۽ ميمبر هجره ڪائونسل طرفان ڪئي وئي هئي. 'سيرت ڪانفرس' ۾ شيدا صاحب ڪليدي تقرير پڙهي هئي، جيڪا لاهور ۾ سال 1980ع ۾ منعقد ٿي هئي، جنهن جي صدارت پنجاب جي گورنر ليفٽيننٽ جنرل سوار خان ڪئي. انهيءَ ۾ اسلامي ملڪن جا سفارتڪار وڏي تعداد ۾ شامل هئا. مسٽر اي-ڪي-بروهي ۽ وفاقي وزير داخلہ محمود اي هارون سميت اهم شخصيت موجود هئا.

هاڻي، هي سوانح حيات، ڊاڪٽر حبيب الله صديقي انگريزي زبان ۾ ترجمو ڪئي آهي. هو جديد دور جو هڪ مشهور عالم آهي جنهن کي تنهي

زبانن، سنڌي، عربي ۽ انگريزي تي عبور حاصل آهي. هڪ پڪي مومن ۽ پاڻ اڀيل مسلمان جي حيثيت ۾ هُن پنهنجون تمام صلاحيتون ۽ جفاڪشي ذريعي هن ترجمي کي اصل متن جي ڪمال حقہ قريب ڪيو آهي. هن ڪتاب جا ٽي ڇاپا تہ سنڌي ادبي بورڊ جيئن جو تيئن ڇاپيا آهن، پر هي ڇوٽون ڇاپو پاڪستان اسٽڊي سينٽر يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو جي پبليڪيشن آفيسر مسٽر ايياز ڇنا پنهنجي ڪاوش سان هن ڪتاب کي هڪ معياري اشاعت بنايو آهي.

هن پاڪ ڪتاب ۾ تمام واقعات جو تفصيلي بيان شامل آهي، جيڪو اسلام کان اڳ جي عربستان کان وٺي پاڪ پيغمبر صلي الله عليہ وسلم جي اوائلي حياتي، الاهي وحي جي نزول، مڪي ۾ اوائلي زندگي ۽ اسلام جي تبليغ، مديني طرف هجرت ۽ مسلمانن ۽ ڪافرن جي وچ ۾ اهم معرڪن ۽ اهڙن اهم واقعن تائين احوال قلمبند ڪيو ويو آهي.

مسٽر منصورالحق سولنگي جَسُ لهٽي، جنهن هن ڪتاب کي شايع ڪيو آهي ۽ پاڻ مصنف جو فرزند پڻ آهي. موصوف هن معاملي ۾ وڏو جُهد ڪيو اهي ۽ هن عاليشان ڪتاب کي انگريزي زبان ۾ پڻ ترجمو ڪرايو آهي. جيئن تہ اهو وسيع پيماني تي پڙهندڙن کي ميسر ٿي سگهي ۽ اُهي تمام دنيا جي هن عظيم تر شخصيت جي سوانح حيات مان فائدو حاصل ڪري سگهن.

پروفيسر ڊاڪٽر قاضي خادم حسين

ڊئريڪٽر، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي چيئر

وزيٽنگ پروفيسر ۽ سابق ڊين

فئڪلٽي آف آرٽس

يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو

پيش لفظ

اُنهن شخصيتن جي سوانح حيات، جن تاريخ ۾ بُلند شهرت حاصل ڪئي آهي، بنيادي ماخذن جي بنياد تي بهترين نموني لکي وڃي ٿي. هي ڪتاب حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جن جي سوانح حيات آهي جيڪو تاريخ جي ڄاتل عظيم ترين شخصيت آهي. ڪتاب اصل ۾ مولي محمد عظيم شيدا سنڌي زبان ۾ لکيو هو. مولوي صاحب سنڌ جو مشهور مذهبي عالم هو جنهن کي انتهائي غيرجانبدار سان لکيل هن بهترين تصنيف تي صدارتي ايوارڊ ڏنو ويو.

مولوي شيدا آزادي جو علمبردار، خلافت تحريڪ (ترڪ خلافت جي بحالي) جو رُڪن، جماعت علماءِ هند جي مرڪزي ڪاميٽيءَ جو ميمبر ۽ سنڌ هاري تحريڪ (هارين جي تحريڪ) جو بنيادي محرڪ هو. ازانسواءِ پاڻ تعليم دان ۽ اعليٰ پيماني جو انسان دوست شخص هو. پنجاهہ سالن کان مٿي عرصو تفسيرالقرآن پڙهائيندو رهيو. سنڌي، اردو، فارسي ۽ عربي زبانن ۾ شاعري ڪيائين. جيئن محمد حسين هيڪل، انگريزي زبان ۾ 'لائيف آف محمد (صلي الله عليہ وسلم)' ڪتاب لکيو ۽ علامہ شبلي نعماني 'سيرت مصطفيٰ (سيرت النبي)' ڪتاب لکيو ۽ مولانا سيد ابوالحسن علي ندوي 'سيرتِ رسول اڪرم (صلي الله عليہ وسلم) جي عنوان سان ڪتاب رقم ڪيو ۽ صفي الرحمان مبارڪ آبادي 'رحيق المخطوم' ڪتاب لکيو. تيئن مولوي شيدا صاحب 'سيرتِ مصطفيٰ' جي تصنيف ۾، قرآن پاڪ ۽ پاڪ نبي (صلي الله عليہ وسلم) جي مستند حديثن جا وسيع پيماني تي حوالا ڏنا آهن، جيڪي مڪمل طور تي قابلِ اعتبار آهن ۽ انهن

تاريخي واقعن کي بهتر طور تي سمجهڻ ۽ هنڌائڻ لاءِ معاون آهن، جيڪي بيان ڪيا ويا آهن.

'سيرتِ مصطفيٰ' جو هڪ مشهور تعليمدان ڊاڪٽر حبيب الله صديقي طرفان انگريزي زبان ۾ ڪيل ترجمو هڪ صاف ۽ سچو نقل آهي. مون کي اُميد آهي ته انگريزي زبان ۾ پرهندڙ ضرور انهيءَ مان فائدو حاصل ڪندا. اُهو ترجمون هر لحاظ کان پڙهڻ وٽان آهي.

هلندڙ صدي ۾ اسلام متعلق فڪر عام ٿي ويو آهي، جنهن ۾ عميق ذهني مباحثا ڪيا وڃن ٿا. مختلف فرقن پنهنجا دليل ناهي ورتا آهن، تاهم تاريخ جو مطالعو ڪندڙ اُنهن حقيقتن تي انحصار ڪندو جيڪي وقت، جاءِ ۽ حالتن تي منحصر آهن. واقعن جو سڏو سنئون بيان ۽ ايمان جا بنيادي اوصاف بهتر ڄاڻ ۽ اندر جي روشني طرف رهنمائي ڪندا ۽ هي ڪتاب تقريبن هو مقصد حاصل ڪرڻ ۾ مددگار ٿيندو.

مون کي اميد آهي ته اهي طالب، استاد ۽ اصلاح جي فهم جي خواهش رکندڙ سڀ هي مقدس ڪتاب پڙهندا ۽ بني ڪريم صلي الله عليه وسلم جي اصولن ۽ عملن جي روشنيءَ ۾ انهيءَ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا.

بئريسٽر سيد شرف الدين پيرزادو

سينيئر ائڈووڪيٽ

سپريم ڪورٽ آف پاڪستان

سابق سفير عام

سابق وزير خارجہ پاڪستان ۽

تنظيم اسلامي ممالک جو جنر سيڪريٽري

انگريزي مترجم جو اظهارِ خيال

مولوي محمد عظيم شيدا جي 'سيرتِ مصطفيٰ' کي انگريزي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ ڪافي مشڪل ڪم هو. هڪ عالم جنهن کي لاڳاپيل قرآني آيتون ۽ حديثون ذهن نشين هيون تنهن لاءِ ضروري نه هو ته حوالا ڇاڻائي. مترجم کي وڇين ڏنگين ۾ اهي صحيح حوالا لکڻا پيا.

تحرير جي طرز ۽ واقعن جو بيان منفرد هو ۽ بياني انداز ۾ لکيل هو. انهيءَ کي انگريزي زبان ۽ گرامر ۽ تحريري اصولن سان مناسبت ۾ آندو ويو.

وڌيڪ خبرداري جو ڪم قرآن شريف جي عربي آيتن جي انگريزي ترجمي جو هو جيڪي مستند ترجمن ۽ تفسيرن جي مدد سان سرانجام ڪيو ويو آهي.

هيءَ حضور جن صلي الله عليہ وسلم جي هڪ مستند سوانح حيات آهي. هن وقت تائين سوانح جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چُڪا آهن ليڪن مولوي شيدا صاحب جي سنئين سڌي انداز ۾ هڪ بہ ڪتاب موجود نہ آهي جنهن ۾ ذري پُرزي تفصيل کي لاڳاپيل واقعن سان گڏي بيان ڪيو ويو آهي.

هن پيش ڪتاب لکڻ جي عيوض الله تبارڪ وتعاليٰ سندس روح کي بي سمار رحمت نازل ڪري ۽ سندس فرزند محترم منصورالحق سولنگيءَ کي انهيءَ ڪتاب جو انگريزي ترجمو ڪرائڻ جو ثواب عطا فرمائي ۽ انهيءَ کي شايع ڪرائي هڪ بين الاقوامي زبان ۾ پيش ڪرڻ جو اجر عنايت ڪري جنهن مان پرهندڙن جو ڪثير تعداد فائدو حاصل ڪندو. دراصل اها وقت جي تقاضا آهي تہ اسلام ۽ پيغمبرِ اسلام جي

ڪردار کي بهتر نموني سمجهيو ويڃي، جڏهن تہ ڪي گمراهہ ذهن متعصب آهن ۽ توهين جا مرتڪب ٿين ٿا.

انشاالله تعاليٰ هي سوانحي مواد پڙهندڙن کي صاف ستڙو ۽ مڪمل علم فراهم ڪندو.

ڈاڪٽر حبيب الله صديقي 'پاٽائي'
ب_27 بيت العزت
سنڌ يونيورسٽي ايمپلائيز ڪوآپريٽو
هائوسنگ سوسائٽي، فيز_1
ڄامشورو_سنڌ

الله جي نالي سان شروع جو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي

مقدمو

حضرت عيسيٰ مسيح عليہ السلام کان ٻہ هزا سال اڳي جو ذکر آهي تہ سلطنت بابل نهايت عروج ۾ هئي. سلطنت جي مالي حالت مضبوط ۽ فوجي طاقت زبردست هئي. گهٽي دولت بادشاهہ جي دماغ ۾ نخرو ۽ غرور پيدا کيو جو هن پنهنجي سوني مورتي ٺهرائي. ماڻهن کي حڪم کيو تہ: "ان کي پوجو ۽ سجدا کريو". الله تعالیٰ ان جي هدايت لاءِ حضرت ابراهيم عليہ السلام کي نبي ڪري موڪليو. حضور عليہ السلام جن جي نسب جو سلسلو ٻہ حضرت ابراهيم عليہ السلام سان وڃي ٿو ملي.

بادشاهہ کي حضرت ابراهيم عليہ السلام جي الله تعالیٰ جي توحيد لاءِ هدايت قبول نہ پئي جو کيس مرتبہ الوهيت کان لهي عبديت ۽ ٻانهپ ڏي اڇو ٿي پيو.

حضرت ابراهيم کان بادشاهہ ناراض ٿيو تہ حضرت ابراهيم جو گهراڻو جنهن جو تعلق بادشاهہ سان هو سو ٻہ کانئن ناراض ٿيو پيو تنهنڪري حضرت ابراهيم کي پنهنجو وطن ڇڏڻو پيو. حضرت

ابراهيم جي بيبي سره (ساران) ۽ سندس پائيٽو لوط بن فاران ۾ هجرت ۾ ساڻن گڏ هئا.

حضرت ابراهيم پنهنجي گذران لاءِ ريڍون ۽ ٻکريون ڏاريون هيون. اهي پڻ پاڻ سان کاهي کنهن ميدان ۾ وڃي رهيو. جڏهن اُتي قحط پيو. بارش کا نه پئي، سندس مال تنگ ٿيو. تڏهن لڏيندو اچي مصر ۾ پهتو.

مصر ۾ اُن وقت 'رقيون' بادشاهه هو. کن چيو آهي ته سندس نالو طوطيس هو. مصر جي بادشاهه بيبي سره (ساران) جي حسن جي هاک ٻُڌي کيس پنهنجي راڻي کرڻ ٿي گهُريو پر پوءِ خبر پيس ته هيءَ الله تعاليٰ جي هک برگزيده نبي عليه السلام جي بيبي آهي. بادشاهه، حضرت ابراهيم جي نهايت عزت ۽ تعظيم ڪئي. جڏهن حضرت ابراهيم پنهنجي وطن وريو ته بادشاهه پنهنجي ڌيءِ بيبي هاجره به حضرت ابراهيم ۽ بيبي سره (ساران) کي ڏئي ڇڏي ته هن خاندان نبوت ۾ سندس پرورش ٿئي.

بادشاهه جي مرضيءَ مطابق، حضرت ابراهيم، بيبي هاجره سان عقد نڪاح ڪيو. جنهن مان الله تعاليٰ کيس فرزند ارجمند حضرت اسماعيل عطا ڪيو. کيس بيبي سره (ساران) مان ٻيو فرزند ڄائو جنهن جو نالو اسحاق عليه السلام رکيو ويو. الله تعاليٰ، پنهنجي دوست ابراهيم کي ڄاڻايو هو ته ٻئي پائر وڏين قومن جا ڏاڏا بزرگوار ٿيندا، انهيءَ ڪري حضرت ابراهيم ٻنهي پائرن لاءِ جدا جدا ملڪ تقسيم ڪيا. 'شام' جو ملڪ حضرت اسحاق کي ڏنائين، ڇو ته باب انهيءَ

جي اوپر ۾ هو ۽ جيئن اُتي هُن جو پنهنجي ناناڻي ڪهول سان لاڳاپو رهي. عرب جو ملڪ حضرت اسماعيل کي ڏنائين، ڇو تہ مصر انهيءَ جي اولهہ ۾ هو ۽ جيئن حضرت اسماعيل جو لڳ لاڳاپو پلي پنهنجي ناناڻي ڪهول سان رهي. وچ ۾ ٻيو ملڪ رهيو ئي ڪو نہ، تہ پلي هي ٻئي ٻائر آئي ويل ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪن.

حضرت اسماعيل جي شادي بنو جوهر قبيلي جي سردار 'مضاض' جي ڌيءِ سان ٿي. بني جوهر عرب جو قديم زماني کان حاڪم ۽ فرمانروا هو. مضاض پنهنجي علائقي جو سردار هو. حضرت اسحاق جي شادي پنهنجي ناناڻي ڪهول مان ٿي. ٻنهي کي اولاد ٿيو. جسماني ڏورانهين هوندي بہ هنن ٻنهي هڪٻئي جي مدد ٻئي ڪئي.

حضرت موسيٰ، فرعون جي خوف کان ڀڄي عرب ۾ پناهہ ورتي. وري جڏهن بني اسرائيلن کي فرعون کان ڇوٽڪارو ڏياريائين تہ چاليهہ سال تپہ (بيابان) عرب جي ۾ گذاريائين. حضرت دائود عليہ السلام، بادشاهہ سموئيل جي خوف کان ڀڄي اچي عرب ۾ ٽِڪيو، بخت نصر، بني اسرائيلن کي تباهہ ڪيو تہ ڀڄي اچي عرب ۾ معد بن عدنان وٽ پناهہ ورتائون، جنهن کي عزت سان رهايو.

هتي اسان کي حضرت اسماعيل بنسبت لکڻو آهي، جو حضور عليہ السلام جن جو نسب مبارڪ حضرت اسماعيل سان وڃي ملي ٿو. حضرت ابراهيم، حضرت اسماعيل ۽ سندس والده کي عرب جي انهيءَ هنڌ تي اچي رهايو، جتي هينئر مڪو معظم آباد آهي. حضرت ابراهيم، پنهنجي نونهال فرزند اسماعيل سان گڏجي مسجد جي تعمير

ڪئي ۽ الله تعاليٰ کا دعا گهريائين تہ: "اي مالڪ الملڪ! آءٌ پنهنجا پاتي، هن غير آباد جڳهہ تي ڇڏيان ٿو هنن کي روزانو ميوا، ترڪاريون ۽ جهجهو رزق ڏجان، هنن جي رهنمائي ۽ هدايت لاءِ. هنن سان هڪ رسول بہ هن جاءِ تي پيدا ڪر جو کين دين سيکاري ۽ پاڪ صاف ڪري. تنهنجون آيتون هنن کي پڙهي ٻڌائي" (القرآن: 2:129، 14:37). الله تعاليٰ سندس ٻئي دعائون قبول ڪيون. مڪي معظم ۽ غير آبادي‌ءَ جي باوجود تازا ميوا ۽ عمديون سبزيون روزانو پيون پهچن ۽ الله تعاليٰ مڪي معظم ۽ حضرت محمّد عليہ الصلوات والسلام کي نبي مرسل ڪري موڪليو.

حضرت اسماعيل کي ٻارهن پُٽ ٿيا، جن کي عرب جو ملڪ تقسيم ڪري ڏنائين. هو ايترو تہ وڏي ويا، جو اولهہ طرف مصر سان وڃي لڳا، جيڪو هنن جي ناناڻي ڪهول جو ملڪ هو. ڏکڻ طرف يمن کي پهچي ويا، جتي بہ سندن ٻائر آباد هئا. اُتر طرف شام سان وڃي مليا، جتي سندن سئوٽ حضرت اسحاق جو اولاد آباد هو. انهي‌ءَ طرح هڪ پي‌ءُ جا بہ پُٽ، بابل ۽ مصر جي تهذيب ۽ تمدن جا مالڪ بنجي ويا. بحرهند ۽ بحر احمر جي اهڙن بندرگاهن جا مالڪ ٿي ويا، جو ساري دنيا جي تمدن ۽ تجارت تي قبضو ڪري ٿي سگهيا. عرب جو اندريون حصو بہ هنن جي قبضي ۾ اچي ويو. جيڪو غير قومن کان بچاءَ لاءِ هڪ وڏو قلعو ليکيو ويندو آهي.

قيدار جو ذڪر: حضرت اسماعيل جي اولاد مان قيدار هڪ وڏو نالي وارو شخص ليکيو ويندو آهي. قيدار جو اولاد خاص مڪي معظم

۾ آباد رهيو. پنهنجي والد وانگر هن مقدس جاءِ کي پنهنجو وطن سمجهي، مسجد الحرام جا حق حقوق نهايت پورا بجا آندا، جو دنيا جي لاءِ هڪ توحيد جي درسگاهه هئي. قيدار جي اولاد ۾، ستٽيهين پُشت بعد، عدنان اول نهايت اولو العزم، برگزيده آدمي ٿي گذريو آهي. سندس ننڍي پاءُ عُڪّ يمن ۾ بادشاهي ڪئي هئي. عدنان کان بعد هن قوم تي، جرهم قبيلو غالب اچي ويو هو. جرهم اگرچه هنن جو ماماڻو ڪهول هو. تاهم هنن کي سن 207ع ۾ مڪي کان نيڪالي ڏئي ڇڏيائون، ڇو ته بنو اسماعيل موحد هئا ۽ جرهم وارا بُت پرست هئا. پر پوءِ قصيٰ، جو عدنان جو پندرهون پُٽ آهي، تنهن 440ع ۾ مڪي تي قبضو ڪري، مشترڪ حڪومت جو بنياد وِڌو. هن هيٺيان عهدا قائم ڪيا: 'رفاده' (جيڪي حاجين لاءِ مال ٻاهران آڻين)، 'سقايه' (زمزم پيارڻ لاءِ ماڻهو)، 'حجابه' (ايلچي، دربان ۽ خدام)، 'قياده' (وفدن جي رهبري ڪندڙ). قومي نشان جهنڊو ۽ قومي مجلس جنهن کي 'دارالندوه' ۾ چوندا هئا.

'قصيٰ' کان بعد سندس پُٽ عبد مناف، انهيءَ جو پُٽ هاشم، انهيءَ جو پُٽ عبدالمطلب جيڪو 497ع ۾ ڄائو، انهيءَ جو پُٽ ابو طالب مڪي جا سردار ٿيندا رهيا، حضور عليه السلام، عبدالمطلب جو پوٽو هو.

مٿئين بيان مان معلوم ٿيو ته عرب ۾ ڪير آباد هئا ۽ پنهنجن پاڙيسري ملڪن سان انهن جو ڪهڙو تعلق هو. نقشي ڏسڻ سان معلوم ٿيندو ته عرب، جزيره نما (اپپيٽ) آهي، جنهن کي ٽن طرفن کان درياه

۾ هڪ طرف خالي آهي. يعني جنهن جي مغرب ۾ بحيره احمر (ڳاڙهو سمنڊ)، ڏکڻ ۾ بحيره هند (هندي سمند)، مشرق ۾ خليج فارس (ايراني نار) آهي ۽ اُتر ۾ شام ملڪ. شام کان هن کي جبلن جي اها قطار جدا ٿي ڪري، جيڪا ڏکڻ کان هلي ٿي. مصر کان هن کي نهرِ سوئيز ٿي جدا ڪري، جيڪا اڳ خاڪنائي سوئيز جي نالي سان سڏبي هئي. پاڪستان کان هن کي خليج بحيره جدا ٿو ڪري. عربستان ڪشادگي ۾ فرانس کان ذري گهٽ ٻيڻو اهي. ملڪ جا مختلف حصا جدا جدا خصوصيتن تي شامل آهن. يمن جي وادي ۽ طائف جا پهڙا اهڙا سرسبز آباد ۽ باغات سان ڀرپور آهن، جو پاڪستان جا آباد حصا بہ ڏسي جيڪر رشڪ ڪن. الحجره جي پٿريلي زمين ۽ وچ عرب جو ڪشادو ريگستان ۽ برپٽ، آفريڪا جي صحراءِ-اعظم جو مقابلو ٿو ڪري.

عرب جي سياسي حالت: حضور عليہ السلام جي پيدا ٿيڻ وقت عربستان جي ملڪي ۽ اخلاقي حالت جو هي حال هو. هن جي ڏاکڻي حصي تي حبش جي حڪومت هئي، اُترئين پاسي رومين جي حڪومت هئي، مشرق ۾ شام ۽ الهندي طرف قسطنطنيہ جو قبضو هو. اندريون حصو ڪي قدر آزاد هو، مگر سڀني حڪومتن جي نظرن ۾ هو.

اخلاقي حالت: ملڪ جي اندروني خودمختياريءَ سڄي ملڪ تي بُرو اثر وِڌو هو. خودمختياريءَ ڪري تڪبر، هٺ، وڏائي، شجاعت ۽ بهادري پنهنجي قوم ۽ پائرن تي آزمائي پئي ويئي، بيڪاري، ڪاهلي،

جُوا ۾ شراب خوري انهن جي فطرت ۾ عادت ٿي وئي هئي. جهالت جي اها حد هئي، جو پنهنجون نياڻيون جيئري پوري ڇڏيندا هئا ته متان کو کائن سگ يا مِٽي مائٽي جي طلب ڪري. بُت پرستي جي انهن ۾ اهڙي عادت پئجي وئي، جو هو انسانيت ۾ اخلاق کان ٻاهر نڪري ويا هئا. هنن پٽرن، پاڻيءَ سج، چنڊ ۾ وڻن ٻوٽن کي پوڄيو ۾ خدا تعاليٰ کي وساري ڇڏيو هئائون. انساني حق حقوق ته پويان ٽيا، تنهنڪري هُنن ۾ شرافت جو ڪو مادو ئي ڪو نه رهيو هو. رهزني، ڦرلُٽ، قتل، ناحق ۾ زنا وغيره هُنن جو شيوو ٿي ويو هو.

انهيءَ هوندي به هو پاڻ کي بهترين قوم ڪري ليکيندا هئا ۾ سمجهندا هئا ته اسان جهڙو ڪو به انسان ڪونهي، نه اسان جي دين جهڙو ڪو دين آهي ۾ نه اسان جي تهذيب ۾ تمدن جي مُٽ ڪو ٻيو آهي! چوطرف مختلف حڪومتن جو گهيرو ۾ مختلف مذهبن جي رواداري به عرب ۾ تمام گهٽي هئي. ڪي عيسائي ۾ ڪي يهودي صابي ستاره پرست به هئا. عرب جا عام ماڻهو لکڻ پڙهڻ کان عاري، فنون، تمدن ۾ تهذيب کان خالي هئا. ڪيئي دهريا به هئا، جيڪي خدا تعاليٰ جي وجود،حشر ۾ نشر جا منڪر هئا.

عرب جو محل وقوع: عرب کي جيڪڏهن ڪره ـارض جي نقشي تي ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته الله تعاليٰ هن کي ايشيا، يورپ ۾ آفريڪا جي براعظم جي وچ ۾ جاءِ ڏني آهي، جو هو دنيا جي خشڪي ۾ آبي حصي کي سڄي ۾ ڪٻي کان ملائي هڪ ڪري ڇڏي ٿو انهيءَ ڪري اتي دنيا جا سيئي مذهب پهچي سگهن ٿا. جيڪڏهن دنيا جي هدايت

واسطي، واحد مرڪز قائم ڪرڻ جي ڪا جاءِ آهي، جتي ويهي ساري دنيا سان تعلق قائم ڪري سگهجي ٿا. اها عرب جي جزيره نما جاءِ آهي. جڏهن آفريڪا، يورپ ۽ ايشيا جي وڏين وڏين حڪومتن جو تعلق عرب سان هو، خاص ڪري ان وقت، انهن سڀني ملڪن ۾ عرب جو آواز، نهايت آساني سان پهچي سگهيو ٿي. انهيءَ ڪري رب العالمين، رحمت العالمين کي عربستان ۾ پيدا ڪيو تہ ساري دنيا کي هتان ئي هدايت جو نور پهچي سگهندو.

حضور عليہ السلام جي پڑ ڏاڏي هاشم جا حالات: جيڪڏهن حضور عليہ السلام جي جُملي ڏاڏن بزرگوارن جو بيان ڪجي تہ ڪتاب تمام وڏو ٿي پوندو. حضرت اسماعيل جي اولاد جو ذڪر ٿي چڪو آهي، جنهن ۾ حضور جو نسب اچي وڃي ٿو، مگر ويجهن ڏاڏن- پڑ ڏاڏن جو ذڪر ڪرڻ بہ ضروري آهي. انهيءَ ڪان بعد حضور عليہ السلام جي ولادت باسعادت ڪان وٺي صرف حضور جن جو ذڪر ايندو.

هاشم جو نالو عمر هو ۽ عمر العليٰ جي لقب سان مشهور هو. مطلب، نوفل ۽ عبدالشمس سندس ڀائر هئا. پنهنجي پيءُ عبدالمنان ڪان پوءِ هاشم قوم جو سردار ٿيو، پر سندس ڀائيٽي اُميہ بن عبدالشمس سندس سرداري مڃڻ ڪان انڪار ڪيو. عسقان ملڪ جو هڪ ڪاهن امين ۽ منصف مقرر ڪيو ويو، جنهن هاشم جي حق ۾ فيصلو ڏنو. سندس لقب هاشم هن ڪري پيو جو هڪ پيري مڪمي ۾ قحط پيو، هن شام ۾ واپار ڪري اُتان تمام گهٽو اناج آندو. پوءِ عام دعوت

ڪيائين. عربن کي گوشت ۾ ماني جي پوري يعني ڪُٽي ڏاڍي وٽندي آهي، سو هن عام جام ڪري وٺي دعوت ڏني ۽ مڪي جا عرب کائي ڏاڍا خوش ٿيا. 'هشم' ڇڏبو آهي 'پوري ڪرڻ' کي، انهيءَ ڪري هن جو لقب ٿيو 'هاشم'.

هن روم جي قيصر بادشاهه سان دوستي رکي، جنهنڪري واپار تان ٽيڪش معاف ڪرائي ڇڏيائين. مڪي وارن جو به شام سان واپار ٿيندو هو تہ ٽيڪس معاف هو.

اُميہ کي پنهنجي چاچي هاشم سان جيڪو اختلاف ٿيو هو، سو هلندو آيو ۽ پوين نسلن ۾ به ظاهر ٿيو. جنهنڪري يزيد جو بنو اُميہ مان هو. تنهن امام حسين رضہ کي، جيڪو بنو هاشم مان هو، شهيد ڪرايو.

هاشم ۽ مُطلب جو اولاد هڪ طرف هو ۽ نوفل ۽ عبدالشمس جو اولاد ٻئي طرف، جيڪي پاڻ ۾ وڙهندا آيا. حضور عليہ السلام جي وقت ۾ سندن صلح ٿيو. "فاصبحتم بنعمت اخوانا" يعني: "خدا جي مهرباني سان توهان ڀائر ٿي پئو". مگر دلين مان پراڻو بُغض ڪو نہ وين، جو آخر اڳتي هلي ظاهر ٿيو.

عبدالمطلب جا حالات: حضور عليہ السلام جي ڏاڏي عبدالمطلب جو نالو 'عامر' ۽ لقب 'شيبہ' آهي. 'شيبہ' جو ترجمو آهي 'پوڙهو'. هن جي عمر وڏي هئي، تنهنڪري اهو لقب پيس يا تہ ڇهڻ وقت کي وار اڇا هئس، جنهنڪري اهو لقب پيس. سندس والد هاشم فوت ٿيو تہ هي پنهنجي ناناڻي ڪهول يثرب (مديني منوره) ۾

هو. سندس چاچو مُطلب کيس مديني منوره مان وٺي آيو. هن کي پنهنجي چاچي مُطلب نهايت شان شوکت، عزت ۽ مانَ سان پاليو هو. تنهنکري پاڻ کي عبدالمطلب (مُطلب جو غلام) ٻڌائيندو هو. نبي کريم جن جو نالو 'محمد' ٻڌي هن رکيو هو. حضور عليہ السلام کي اٺن سالن تائين نپائڻ جو شرف ٻڌي کيس حاصل آهي.

عبدالمطلب جي عام نصيحت هئي تہ "ظلم غارت نہ کريو. رحم کرم کريو". عبدالمطلب جي فضائل ۾ هي ٻڌي آهي تہ کوهہ زمزم جيکو جرهم قبيلي جي عمرو بن حرث بند کرائي پورائي ڇڏيو هو ۽ جنهن جو نالو نشان ٻڌي گم ٿي ويو هو. اهو کوهہ وري کوٽائي آباد کيائين. عبدالمطلب کي ٽي راتيون لڳو لڳ طواب آيو تہ کوهہ زمزم کوٽاءِ ۽ اها جاءِ ٻڌي کيس ڏيکاري وئي. هن کوهہ جي کوٽائي شروع کئي تہ ماڻهو چٽرون کرڻ لڳس. هن جو وڏو پُٽ حارث ٻڌي هن کم ۾ شامل هو. ٽن ڏينهن جي کوٽائي بعد بنو جرهم جون مدفون شيون نکرڻ لڳيون: تلوارون، زرهون ۽ نيزا وغيره. اُتي قريشن کي ٻڌي هوش آيو. آخر کوهہ لڌو ۽ زمزم جو پاڻي نڪتو. جو اڄ تائين تبرک لاءِ ساري دنيا ۾ وڃي ٿو. اهو فيض ٻڌي حضرت عبدالمطلب جو آهي، جو حضرت اسماعيل جو معجزو وري زندهہ کيائين.

عبدالمطلب کي تيرهن پُٽ ۽ ڇهہ نياڻيون هيون. مگر ڪن مورخن ڇيو آهي تہ کيس ڏهہ فرزند هئا. وڏو پُٽ حارث هئس، جنهن کي چار پُٽ هئا، جي چارئي مسلمان ٿيا. هڪ نوفل ابن الحارث، ٻيو

عبدالله ابن الحارث، ٽيون ربيعہ ابن الرحارث ۽ چوٿون ابو سفيان ابن الحارث.

حضرت عبدالله جا حالات: حضور عليہ السلام جن جو والد حضرت عبدالله پنهنجي پيءُ عبدالمطلب جو لاڏلو فرزند هو. عبدالمطلب باس باسي هئي تہ جيڪڏهن مون کي الله تعالیٰ ڏهہ پُٽ ڏنا تہ هڪ پُٽ الله تعالیٰ جي نالي قربان ڪندس. جڏهن ڪيس ڏهہ پُٽ ٿيا تہ نذر جي وفائي لازم سمجهيائين. انهيءَ زماني ۾ اولاد جي قرباني‌ءَ جو رواج هو. ٻيو تہ سُنتِ ابراهيمي سمجهيائين تہ حضرت ابراهيم بہ پنهنجو فرزند اسماعيل قربان ڪيو ٿي، اها سُنت آءٌ بہ ادا ڪريان.

ڪُٽو وِڏائون تہ حضرت عبدالله جو نالو نڪتو. حضرت عبدالله الله جي رضامندي لاءِ الله جي راهہ ۾ سِر ڏيڻ لاءِ نهايت خوشيءَ سان تيار ٿيو. ابو طالب پنهنجي پاءُ جي بچاءَ ۾ پنهنجي والد کي روڪيو. هوڏانهن حضرت عبدالله جو ناناٽو ڪهول بہ مخالف ٿي بيٺو. آخر فيصلو رکيائون تہ فلاٽو مشهور ڪاهن جيڪو فيصلو ڏئي، ان تي عمل ڪجي. هن فيصلو ڏنو تہ حضرت عبدالله ۽ اُڻن جي وچ ۾ ڪُٽو وجهو. عرب ۾ اڳي خون بها ڏهہ اُٺ هئي. ڪُٽو وِڏائون تہ حضرت عبدالله تي پيو. ويا ڏهہ – ڏهہ اُٺ وڏائيندا. ڪُٽو حضرت عبدالله تي پوندو ويو. جڏهن سئو اُڻن جي ڪيائون تڏهن ڪُٽو اُڻن تي پيو. پوءِ سئو اُڻن جو قربان ڪيائون. انهيءَ ڏينهن کان وٺي انسان جي ناحق قتل جي خطا طور يا خلع طور خون بها سئو اُڻن جي مقرر ٿي.

حضرت عبدالله جي پلڪدامني: حضرت ابن عباس کان روايت آهي تہ هڪ عورت حضرت عبدالله کي پنهنجي طرف متوجهہ ڪرڻ لڳي، جو هن جي پيشاني مبارڪ ۽ نورِ محمد جي جهلڪ هئي. هن عورت هڪ سئو اُٺ بہ ڏيڻ ڪيا، مگر حضرت عبدالله هن ورت کي جواب ڏنو ۽ شعر پڙهيا:

اماالحرم فاالممات ردنہ ـ والل لاحل فاسبينہ

فكيف الي امرالذي تبغينہ ـ يحمي الكريم عرضہ ودينہ

"حرام فعل ڪرڻ کان مرڻ بهتر آهي. مان بيشڪ پسند ڪريان ٿو مگر ان جو اعلان ضروري آهي، تون مون کي ڦاسائين ٿي. مگر شريف انسان کي لازم آهي تہ پنهنجي عزت ۽ دين بچائي".

حضرت عبدالله جو نڪاح سيده بيبي آمنہ رضہ سان ٿيو. انهيءَ بعد حضرت عبدالله واپار جي خيال کان شام ملڪ ڏي ويو. موٽندي اچي مدينہ طيبہ ۾ رهيو. سندس والد جو حڪم هئو تہ مديني جي ڪجور جو واپار ڪجان. مگر اُتي بيمار ٿي پيو ۽ اُتي ئي هن دارفاني کان ملڪ جاوداني ڏي رحلت فرمائي. سندس مزار مبارڪ مديني طيبہ ۾ آهي. ان وقت سندس عمر پنجويهہ سال هئي، نوجوان هو. حضور عليہ السلام جن ايا پنهنجي والده جي شڪم مبارڪ ۾ هئا.

سيده آمنہ جا حالات: حضور عليہ السلام جي والده ماجده بيبي آمنہ رضہ جو والد وهب، بنو زهره جو سردار هو ۽ قريش ۾ نهايت محترم ۽ عزت وارو هو. بيبي صاحبہ جو والد وفات ڪري ويو هو ۽ هوءَ پنهنجي چاچي وهيب جي پرورش ۽ سنيال ۾ هئي. وهيب بہ پنهنجي

پاءُ وانگر نهايت عزت وارو هو. بيبي صاحبہ جي شادي، حضرت عبدالله سان سندس چاچي وهيب ڪرائي.

وهب ۽ وهيب جي نسب جو سلسلو فهر سان ملي ٿو، جنهن جو لقب 'قريش' آهي، جيڪو حضور جن جو يارهون ڏاڏو آهي. انهيءَ ڪري حضور عليہ السلام عرب جي بهترين قبيلي مان آهي، خواهہ ڏاڏنگ ڏانهن خواهہ ناننگ ڏانهن.

ابو نعيم، حضرت ابن عباس کان روايت ڪئي آهي تہ حضور عليہ السلام جن فرمايو تہ: منهنجي وڏن جي نسل ۾ ڪو بہ مرد خواهہ عورت بطور سفاح (زناڪاري) سان ڪو نہ مليا آهن. منهنجو نسب زناڪاري کان پاڪ صاف آهي. الله تعاليٰ مون کي هميشہ پاڪ پُڻن ۽ پاڪ صاف جسمن ۾ رهائيندو ۽ منتقل ڪرائيندو آيو آهي، تان جو منهنجي پيدائش پاڪ صاف نموني ۾ ٿي.

ابو نعيم، بيبي عائشہ کان روايت ڪئي آهي تہ حضور جن فرمايو تہ: مون کي جبرئيل چيو تہ مون مشرق ۽ مغرب جو سير ڪيو آهي، پر محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جهڙو ڪو انسان پيلائيءَ ۾ نہ ڏٺم، ۽ نہ بني هاشم جي قبيلي کان وڌيڪ ڪو قبيلو ڏٺم.

مولوي محمد عظيم 'شيدا'

حضور عليہ السلام جي ولادت باسعادت جو بيان

حضور جن جي ولادت جي بيان کان اڳ، سندن نُور مبارڪ جو بيان بہ ضروري آهي. عبدالرزاق پنهنجي سنَد سان حضرت جابر بن عبدالله انصاري کان روايت ڪئي آهي تہ: مون عرض ڪيو تہ منهنجا ماءُ پيءُ توهان تان قربان هجن، مون کي خبر ڏيو تہ سڀ کان اڳ ڪهڙي شيءِ پيدا ٿي؟ پاڻ فرمايائون تہ: اي جابر! الله تعاليٰ سيني شين کان اڳ ۾ تنهنجي نبيءَ جو نُور پنهنجي نُور مان پيدا ڪيو (انهيءَ جي اها معنيٰ آهي تہ الله تعاليٰ پنهنجي نُور جي فيض مان نُورِ محمدي پيدا ڪيو). پوءِ اهو نُور جتي بہ الله تعاليٰ کي منظور هو، اتي رهايو ويو ۽ ڪيس سير ڪرايو ويو.

انهيءَ وقت نہ لوح هو ۽ نہ قلم، نہ بهشت نہ دوزخ، نہ ملائڪ نہ آسمان ۽ نہ هئي زمين، نہ سج نہ چند، نہ جِن نہ انسان. پوءِ جڏهن الله تعاليٰ مخلوق پيدا ڪرڻ ٿي گُهريا، تڏهن ان نُور کي چار حصا ڪيائين. هڪ حصي مان لوح، بئي مان قلم، ٽئين مان عرش ۽ چوٿين مان ساري مخلوقات. اڳتي حديث ڏِگهي آهي. هن حديث مان معلوم ٿيو تہ جن جن شين جي اول اول پيدا ٿيڻ جو ثبوت آيو آهي، اهي پڻ نُورِ محمدي مان پيدا ٿيون آهن.

عرباص بن ساريہ کان روايت آهي تہ حضور عليہ السلام جن فرمايو تہ: بيشڪ مان الله تعاليٰ جي نزديڪ خاتم النبين ٿي چُڪو

هئس. جو آدم عليہ السلام اجا پنهنجي خمير (مِٽي ۽ پاڻي) ۾ هو. يعني اجا هن جو بوتو بہ تيار ڪو نہ ٿيو هو. احمد بيحقي ۽ حاڪم هن روايت کي صحيح الاسناد چيو آهي. مشڪوات ۾ بہ هيءَ حديث مذڪور آهي.

حاڪم پنهنجي صحيح ۾ روايت ڪئي آهي تہ حضرت آدم عليہ السلام حضور عليہ السلام جن جو نالو عرض معليٰ تي لکيل ڏٺو. الله تعاليٰ حضرت آدم کي فرمايو تہ: جيڪڏهن محمد عليہ السلام نہ هجي ها تہ توکي بہ پيدا نہ ڪريان ها. حضرت عمر بن الخطاب کان روايت آهي تہ جڏهن حضرت آدم عليہ السلام کان خطا صادر ٿي تہ الله تعاليٰ جي دربار ۾ عرض ڪيائين: اي الله تعاليٰ، حضرت محمد عليہ السلام جي وسيلي مون کي معاف ڪر. الله تعاليٰ پڇيس تہ: اي آدم! تو هن کي ڪيئن سڃاتو؟ اجا تہ مون هن کي پيدا ئي ڪو نہ ڪيو آهي! آدم عليہ السلام عرض ڪيو تہ: جڏهن تو مون کي پنهنجي هٿ قدرت سان پيدا ڪيو ۽ پنهنجي شرف سان روح ڦوڪيو. مون مٿو کڻي ڪري ڏٺو تہ عرض معليٰ جي پاون تي لکيل هو: لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ مون سمجهيو تہ جنهن شخص جو نالو الله تعاليٰ پنهنجي نالي سان گڏ لکيو آهي، اهو ضرور الله تعاليٰ جو پيارو هوندو. الله تعاليٰ فرمايو تہ: سچ آهي، هو مون کي ساري مخلوقات کان پيارو آهي، مون توکي انهيءَ جي صدقي معافي ڏني. جيڪڏهن آءٌ هن کي نہ پيدا ڪريان ها تہ توکي بہ پيدا ڪو نہ ڪريان ۽

بيبي آمنہ جا قول: بيبي صاحبہ فرمائي ٿي تہ جڏهن حضور عليہ السلام جن مون کي حمل ۾ ٿيا تہ خوب ۾ بشارت آئي تہ: تون هن امت جي سردار سان حاملہ آهين، هو ڄمي تہ ڇئجان: اُعيذک بِالواحد من شر کل حاسد (الله تعاليٰ وحده لاشريک لہ سان توکي شيءِ شر کان پناهہ ۾ ٿي ڏيان) هن جو نالو 'احمد' رکجانءِ.

سيرت ابن هشام ۾ آهي تہ حمل جي وقت بہ بيبي صاحبہ هک نور ڏٺو جنهن جي روشنائي جي ڪري شام علائقي جي شهر 'بصري' جون جايون ءِ محلاتون نظر ۾ آيس. هيءُ بہ سيرت ابن هشام ۾ آهي تہ بيبي صاحبہ فرمائي ٿي تہ حمل جي وقت مون کي عام عورتن وانگر اُڏيهڙ وغيره ڪو نہ ٿيا، جنهن ۾ ڪاڳِراني، قَئي يا دل جي ڪچائي ٿئي ءِ نہ وري ڪنهن شيءِ وڙڻ يا نہ وڙڻ جي حالت ٿئي.

عبدالرحمان بن عوف پنهنجي ماءُ شفا کان روايت ٿو ڪري تہ: جڏهن حضور عليہ السلام جن بيبي آمنہ رضہ جي بطن مبارڪ مان پيدا ٿيا ءِ منهنجي هٿن ۾ آيا تہ سندن ڳالهائڻ جو آواز ٻُڌم ءِ ڪنهن چيو تہ: رَحِمکَ اللهُ (تو تي الله تعاليٰ جي رحمت هجي).

'شفا' چوي ٿي تہ مشرق ءِ مغرب جي وچ ۾ ايتريقدر روشني ڦهلجي وئي، جو مون روم جون محلاتون بہ ڏٺيون، پوءِ ڪيس والده ماجده کير پياريو. ٿوري دير گذري تہ هک اونداهي ڇائنجي ويئي، رعب ءِ زلزلو آيو ءِ حضور عليہ السلام جن منهنجي نظر کان غائب ٿي ويا. ڪنهن چيو تہ: هن کي ڪاڏي ٿا نيو؟ هُن چيو تہ: مشرق طرف، ٻيءَ روايت ۾ مغرب بہ آيو آهي، کما في الشمامہ.

حضور عليہ السلام جن جي ولادت باسعادت بهار جي موسم ۾ سومر جي ڏينهن 9 ربيع الاول سن 1 عام الفيل مطابق 22 اپريل سن 571ع، يڪم چيٽ 628ع بڪرمي مڪي معظم ۾، بعد صبح صادق، سج اُڀيٽ کان اڳ ٿي. حضور عليہ السلام پنهنجي والدين جا اڪيلا فرزند هئا. ڏاڏي عبدالمطلب سندن نالو 'محمد' رکيو. والده 'احمد' رکيو. اهي ٻئي نالا حضور جن جا ذاتي نالا آهن.

حضور عليہ السلام جن جي ولادت وقت ڪسريٰ (نوشيروان) جي محلات ۾ زلزلو آيو ۽ ڪوٽ جا چوڏهن ڪنگرا ڪِري پيا.

فارس جو آتشڪدو جيڪو هزار سالن کان ٻرندو رهيو سو وسامي ويو. هيءَ روايت بيهقي ۽ ابو نعيم ڪئي آهي. ابن شيخ، قصائص ۾ ذڪر ڪيو آهي تہ حضور جن جو پينگهو ملائڪ لوڏيندا هئا.

ڪير پيارڙ جو زمانو: مڪي جي وڏن ماڻهن جو دستور هوندو هو تہ ٻار جي ڄمڻ کي اَٺ ڏينهن گهرزندا هئا تہ ٻار کي ڪير وارين داين جي حوالي ڪندا هئا، جتي هوا بہ خوشگوار هوندي هئي. انهيءَ دستور موجب حضور عليہ السلام جن کي بيبي حليمہ سعديہ جي حوالي ڪيو ويو. بيبي حليمہ حضور جن کي هنج ۾ ورتو تہ فڪر ٿيس تہ: يتيم ٻار آهي. اُتي بيبي آمنہ رضہ چيس تہ: ياظيئر سلي عن ابنک فانہ سيکون لہ شان (اي دائي! هن ٻار کان تسلي ڪر، هن جو وڏو شان ٿيڻ وارو آهي).

بيبي حليمہ ڇهين ڇهين مهيني بعد حضور جن کي آڻي پنهنجي والده ءِ عزيزن کي ڏيکاريندي هئي. ٻن سالن بعد ٽيج ڇڏائي ويئي، بيبي حليمہ، حضور جن کي کڻي والده جي حوالي ڪرڻ آئي. مگر انهن ڏينهن مڪي ۾ آبهوا خراب هئي، جو اُتي وبا پئي هئي، تنهنڪري واپس بيبي حليمہ جي حوالي ڪيو ويو. ڇئن سالن تائين حليمہ سعديہ جي حوالي رهيا. ڇئن سالن بعد کين والده ماجده پنهنجي سنيال ۾ رکيو. حضور عليہ السلام جي عمر ڇهہ سال ٿي تہ سندن والده جو بہ هن فاني دار مان انتقال ٿيو.

بيبي آمنہ سيده، حضور جي والده جو انتقال: اهو واقعو هن طرح بيان ڪيو وڃي ٿو: بيبي آمنہ سيده رضہ پنهنجي پياري خاوند حضرت عبدالله جي تُربت جي زيارت ءِ پنهنجن پيڪن ڏسڻ خاطر، حضور جن کي ساڻ ونڻي مديني منوره ويئي. ساڻس گڏ سندن ٻانهي، اُم ايمن بہ هئي. ام ايمن، حضرت عبدالله جي ٻانهي هئي، جا حضور عليہ السلام کي ورثي ۾ آئي هئي. ام ايمن جي ڏاڍي عزت ڪندا هئا ءِ فرمائيندا هئا: امي بعد امي يعني امن کان پوءِ، هيءَ اما آهي.

هن جو پهريون نڪاح عبيدالحبشي سان ٿيو هو، جنهن مان ايمن پُٽ ڄائس، پوءِ ٻيو نڪاح زيد بن حارث سان ٿيس، جنهن مان اسامہ بن زيد ڄائو. اسامہ حضور کي تمام پيارو هو. حضرت ابوبڪر ءِ حضرت عمر پنهنجي خلافت جي دور ۾ اُم ايمن جي زيارت لاءِ ايندا هئا. ايمن غزوه حنين ۾ شهيد ٿيو.

حضور عليہ السلام جي والده ماجده، مديني منوره ۾ دارالنابغہ ۾ رهي ۽ اُتي هڪ مهينو ٿڪي، واپس مڪي مڪرمہ ڏي رواني ٿي. ڪيس سُواريءَ ۾ ٻہ اُٺ هئا. منزل ابواءِ ۾ پهتي تہ اجل ٻہ اچي پهتس. بيبي صاحبہ رحلت فرمائي. سندس مزار مبارڪ ٻہ اُتي ئي آهي.

حضور عليہ السلام جن 47 سالن کان پوءِ جڏهن هجرت ڪري مديني منوره آيا تہ کين ننڍي هوندي جون سڀ ڳالهيون ياد هيون. فرمائيندا هئا تہ: هت هڪ ڇوڪري انيسہ هئي جنهن سان مان راند ڪندو هئس.....هن قلعي تي پکي ويهندا هئا، جن کي ٻار اُڏائيندا هئا. هن گهر ۾ منهنجي ماءُ هتي ويهندي هئي.....منهنجي والده جي قبر هتي هئي. بنوعدي بن نجار جي تلاءَ ۾ مان ترندو هئس.

ننڍڙائيءَ جي زماني جا واقعا: بيبي حليمہ سعديہ فرمائي ٿي تہ: مان ٻارن جي ڪير پيارڻ ۽ پرورش ڪرڻ لاءِ بني سعد جي ٻين عورتن سان گڏجي، طائفہ کان مڪي ڏانهن رواني ٿيس. اسان جي قبيلي جو ڪم ئي اهو هو جو اميرن جا ٻار پاليندا هئاسين ۽ انهن اميرن وٽان اسان کي وڏا وڏا انعام ملندا هئا. انهيءَ سال سخت ڏڪار هو. مون کي ٻہ هڪ ٻُٽ ڇاول هو، مگر ڪير انهيءَ لاءِ مس پورو هو. اسان جو گذر ٻہ ٻُک ڏک تي هو، تنهنڪري ڪير ٻہ وڌيڪ ڪو نہ هو. تنهن هوندي ٻہ چيم تہ من ڪو ڪنهن امير جو ٻار ملي وڃي تہ اُتان اَنُ ڪاڌو ٻہ ملي پوندو ۽ ڪائي پي ڏئو ڪبو تہ ڪير ٻہ ٿي پوندو. ڪير نہ هجڻ ڪري، رات جو منهنجو ٻار ٻہ ٻيو روئندو هو، مال ۾ ٻہ ڪير ڪو نہ هو، جو گاهہ ڪو نہ هو، ڏاڇي سُئا هئي پر ان ۾ ٻہ ڪير ڪو نہ هو.

مان گڏھ تي سُوار ٿي رواني ٿيس پر گڏھ ڏُہري هئي، سا هلي نہ پئي سگھي، جنھنڪري سرتيون مون کان ڪڪ ٿي پيون ۽ چڙہون ڏيڻ لڳيون. چئي: اچي پُڄ! مگر ڇا ڪريان، گڏھ ٽڪجي پئي، سا هلي نہ پئي. منھنجي سرتين مون کان اڳي اچي اميرن جا ہار هٿ ڪيا. حضرت محمد عليہ السلام جو ہُڏائون تہ يتيم آهي، تنھنڪري کا بہ عورت اوڏاهين کا نہ ويئي.

مون اچي جاچ ڪئي تہ چيائون تہ: ہيا سڀ ہار تنھنجون سرتيون کڻي ويون آهن، باقي هڪ يتيم ہار عبدالمطلب جو پوٽو اٿئي، وٽئي تہ کڻي وڃ. وڏي انعام اڪرام جي اميد نہ رکج. مون پنھنجي مڙس سان صلاح ڪئي، جيڪو مون سان گڏ آيو هو تہ ہيون ہار کڻي هلن مان خالي هلان، تنھن کان ڇڱو آهي تہ ڇورو ہار ئي کڻي هلان. مڙس چيو تہ: ڇڱو الله تعاليٰ مون ان يتيم جي برڪت سان اسان کي رزق روزي ڏيڻ!

ہار کڻي پنھنجي جاءِ تي آيس جتي مڪي ۾ ٽِڪيل هئاسين. ٽڇ ڏنيمانس تہ ايترو تہ کير آيو جو پي ڏئو کيائين. کير ہيو ڏنومانس تہ نہ ورتائين. سمجھيم تہ هي ڪو امين ہار آهي جو ہيو پاسو پنھنجي ہاءُ لاءِ بچايو اٿس. منھنجو مڙس حارث اُٺ تي چڙهي آيو هو جيڪا وِهڪي ويئي هئي، پر شام جو ڏنوسين تہ اُٽِ جي ٽٽن مان کير پيو وهي. کير ڏڏوسين تہ جيڪي ٽانوَ ساڻ هئاسين، سي سڀ ہرجي ويا ۽ کير پي ڏئو کيوسين. تڏهن منھنجي مڙس چيو تہ: حليمہ! هي ہار تہ

وڏي برڪت وارو ٿو ڏسجي. مون چيومانس: هائو مان پاڻ ائين ٿي سمجهان.

ٻئي ڏينهن جڏهن مڪي مان روانا ٿياسين تہ مان ساڳيءَ گڏهہ تي سُوار ٿيس ۽ حضور عليہ السلام کي هنج ۾ ويهاريم. منهنجي گڏهہ وڏي وڃي منهنجي سيني سرتين جي سُوارين جو اڳ ورتو. ڇو تہ مٿس ساري اُمت جو پيشوا ۽ رحمت للعالمين سُوار هو. جنهنڪري ٻيون سيئي سواريون سندس پويان ٿيون. منهنجي ساهيڙين کي عجب ونيو. ويو. چيائون: حليمہ! ساڳي گڏهہ آهي يا ڪا ٻي ورتي اٿئي؟ چيم: اُهائي، مگر سوار جو فرق آهي! هنن پنهنجن وهتن کي گهٽئي ڏوڙايو پر پُڃي نہ سگهيون، آخر اڇي گهر پهتاسين.

شام جو جيئن منهنجو ڏاڪ گهر آيو تہ کير ٻيو ڏِمي. ٻوءِ تہ ڏُهي سڀ ڄاڻوَ پرياسون. اسان کي يقين ٿيو تہ هيءَ سڀ برڪت هن ٻار جي ڪري آهي، نہ تہ ڏاڪ ۾ تہ کير جي ڦُڙي بہ ڪا نہ هئي. اها خبر ٻُڌي، شهر جا ماڻهو رِيس ڪرڻ لڳا ۽ ڏنارن کي چوڻ لڳا تہ: توهان بہ اُتي وڃي مال چاريو جتي هليمہ جو مال چري ٿو. حليمہ جو مال تہ خالي جهنگ مان رُلي ڦِري پئي آيو. هيءَ برڪت هئي حصور عليہ السلام جِي، سو ڪن کي سمجهہ ۾ آئي ۽ ڪِن کي ڪا نہ آئي.

ٻن سالن بعد ڄاڻائي، بيبي حليمہ حضور جن کي سندن والده وٽ ونڻي آئي، پر جيئن تہ مڪي ۾ ان وقت وبا ڦهليل هئي، ان ڪري سندن والده کين واپس بيبي حليمہ جي حوالي ڪيو.

حليمہ سعديہ چوي ٿي تہ: سڀ کان پهرين جو هن ٻار ڳالهايو سو هي تہ: اللّٰهُ اَکبرُ کَبِيرَا وَّ اَلحَمدُاللّٰه کثِيرَا وَّ سُبحانَ اللّٰهُ بَکرَتَ وَّ اَصِيلا (الله تعاليٰ سيکنهن وڏي کان وڏو آهي، الله جو شڪر تمام گهڻو الله کي پاکائي آهي صبح جو سانجهيءَ جو).

پيٽ چيرجڻ جو واقعو: حليمہ سعديہ چوي ٿي تہ: هڪڙي ڀيري حضور عليہ السلام جن، پنهنجي رضاعي ڀاءُ سان گڏجي ڏڻ چارڻ ويا. ايتري ۾ اڇن ڪپڑن سان ٻہ ماڻهو اُتي آيا ۽ حضور عليہ السلام کي وٺي کڻي ليٽايائون. اهو ڏسي سندن رضاعي ڀاءُ وٽي ڀڳو ۽ اسان کي چيائين تہ: ٻہ ماڻهو آيا، جن اڇي منهنجي قريشي ڀاءُ کي جهلي ليٽايو مان کيس انهيءَ حال ۾ ڇڏي ڀڄي آيو آهيان توهان کي خبر ڪرڻ. اهو ٻُڌي آڻُ منهنجو مڙس ڊوڙندا اُتي وياسين. ڏسون تہ پاڻ بينو آهي، مگر خوفزده آهي. سندن خوفزده چهرو مبارڪ ۽ ڦريل صورت ڏسي حال پڇيوسونس، ٻڌايائين تہ: ٻہ سفيد پوش آدمي آيا ۽ مون کي ليٽائي، منهنجو پيٽ چيري، منهنجي پيٽ مان ڪجهہ ڪڍيائون، خبر ناهي ڇا هو!

اسان کيس گهر وٽي آياسون. منهنجي مڙس حارث چيو تہ: حليمہ! هن کي جن جو آسيب ٿيو آهي، تنهنڪري هن کي مائٽن ڏي موڪلجي تہ بهتر آهي، متان هن کي ڪو اثر ٿي پئي. مان حضور جن کي سندن والده ماجده وٽ وٽي ويس. سندن والده ماجده چيو تہ: تو انجام ڪيو هو تہ ايجا سال ڪن هن جي پرورش ڪندينءَ، پوءِ تڪڑي ڪري ڇو وٽي آئي آهينس؟ مون عرض ڪيو تہ: هينئر خدا جي فضل

سان هوشيار ٿي چُڪو آهي، گهمڻ ڦرڻ ۾ بہ چُست چالاڪ آهي، مان خدمت ڪري چُڪيس. اُتي بيبي آمنہ رضہ فرمايو تہ: سچ چئو ايجا ڪا ٻي ڳالهہ تہ ناهي؟ پوءِ مون پيٽ چيرجڻ واري سموري ڳالهہ ساڻس ڪئي. بيبي صاحبہ فرمائڻ لڳي تہ: توکي خيال ٿيو آهي تہ ڪو جن يا شيطان جو حساب ٿيو اٿس. مون چيو تہ: هائو. بيبي صاحبہ فرمايو: حليمہ! منهنجو في فرزند وڏي شان وارو آهي، هن تي جن، ديو يا شيطان جو اثر ڪونہ ٿيندو. پوءِ حمل جي وقت جا واقعا مون کي ٻڌايائين ۽ تاڪيد ڪندي چيائين تہ: تون خوف نہ ڪر ۽ منهنجي نور چسم کي پاڻ سان وٺي وڃ. پوءِ مان ڪيس واپس پاڻ سان وٺي آيس.

حليمہ سعديہ جي پُٽ جو نالو عبدالله هو. حليمہ سعديہ کي بہ نياڻيون بہ هيون: هڪ جو نالو انيسہ ۽ ٻيءَ جو جذامہ هو. جنهن کي شيما بہ چوندا هئا. جنهن جو بيان تذڪره حسنين ۾ ايندو. مائي حليمہ سعديہ کي ٻارحارث ابن عبدالعزيٰ مان هئا. ڪن روايت ڪئي آهي تہ اهي سڀ مسلمان ٿيا. 'شمامہ' ۽ 'زادالمعاد' ۾ ائين لکيل آهي.

محمد ابن اسحاق، ثور بن يزيد کان سيني چيرجڻ جي باري ۾ مرفوع حديث آندي آهي تہ: انهن ٻن اڇي پوشاڪ وارن مڙسن مان هڪڙي چيو تہ هن کي، هن جي ڏهن ڇٽن اُمتين سان تور. پوءِ مون کي ڏهن ڇٽن سان توريائون تہ آڻُ ڳرو ٿي پيس. پوءِ وري سئو آدمين سان توريائون، تہ بہ ڳرو ٿيس. وري هزار آدمين سان توريائون پر منهنجو پُڙ ئي نہ پيو کڄي. آخر هو ٽڪجي پيا ۽ چيائون تہ هاڻي ڇڏي ڏيوس. هن کي سموري اُمت سان تورينداتہ بہ هي ڳرو ٿيندو ۽ هن جو پُڙ ڪو نہ

ڪڇندو. هي وڏي وزن ۽ شان وارو آهي. پوءِ مون کي مبارڪ ڏنائون تہ 'تون نبي ٿيڻ وارو آهين'. اهو واقعو سيرت ابن هشام ۾ آهي. قلب ۽ سيني چيرڻ جو واقعو چار ڀيرا ٿيو آهي. هڪ دفعو اهو ننڍپڻ ۾. ٻيو دفعو جڏهن حضور جن ڏهن سالن جي عمر کي پهتا تڏهن هڪ ڀيٽ ۾، ٽيون ڀيرو نبوت ملڻ وقت غارِ حِرا ۾، ۽ چوٿون ڀيرو معراج جي رات. 'شمامہ' بہ ائين آهي.

شاهہ عبدالعزيز قدس سرہ، سوره الم نشرح جي تفسير ۾ قلب چيرجڻ جو نڪتو بيان ڪيو آهي تہ: ننڍپڻ ۾ اهو هن ڪري چيريائون تہ جيئن ٻارن کي راند روند کيڏڻ جو جيڪو شوق ٿيندو آهي، سو مادو کڀي ڇڏيائونس تہ جيئن کين کيڏڻ ڪُڏڻ جو شوق نہ ٿئي. ٻيو دفعو هن ڪري تہ جُواني‌ءَ ۾، الاهي مرضي خلاف جيڪي خيالات ٿيندا آهن، اهي نہ رهن. ٽيون ڀيرو هن ڪري تہ کين وحي جي بار گران کڻڻ جي طاقت ٿئي. چوٿون دفعو وري ان ڪري تہ جيئن سندن دل کي عالمِ ملڪوت ۽ لاهوت جي مشاهدي جي طاقت ٿئي.

تواريخ حبيب الله ۾ آهي تہ حضور عليہ السلام جن هميشہ سڃو ٿڻ ڏائيندا هئا. ڪڏهن بہ ڪپڑن ۽ هنڌ تي پيشاب يا پائخانو ڪو نہ ڪندا هئا، بلڪ پوري وقت تي، جلدائي‌ءَ سان، جاءِ ضرورت ۾ پيشاب، پائخانو ڪندا هئا. سندن اوگهڙ تان ڪڏهن بہ ڪپڑو پري نہ هٽندو هو، پر جي هٽندو هو تہ يڪدم ملائڪ اچي سندن اوگهڙ ڍڪيندا هئا.

سيرت ابن هشام ۾ آهي تہ حضور جن ننڍڙائي جو هڪ واقعو بيان فرمايو تہ: مون ٻارن سان ٻِٽر پئي ڊوڙيا. ٻيا ٻار اگهاڙا ٿي ٻِٽر ٻيا

ڊوئين، مون ۾ پنهنجي گوڏ لاهي ٻِتر کڻڻ شروع ڪيا تہ غيب مان هڪ زوردار آواز آيو تہ: گوڏ ٻَڌ! مون يڪدم پٿر اُڇلائي، گوڏ ٻُڌي ۽ پوءِ پٿر ڊوئڻ شروع ڪيا.

حضور عليہ السلام جن پنهنجي والده ماجده جو ست ڏينهن کير پيتو ۽ پوءِ ابولهب جي آزاد ٻانهيءَ ثوبيہ کين کير پياريو. اسلام ۾ ان ڳالهہ تي اختلاف آهي. ثوبيہ، حضرت ابو سلمہ ۽ حضرت حمزي کي ۾ کير پياريو. مائي ثوبيہ جي جنهن پُٽ سان حضور جن کير پيتو هو تنهن جو نالو مسروح هو. جنهن وقت ۾ حضور جن بيبي حليمہ وٽ هئا ۽ ان جو کير پيئندا هئا، ان وقت حضرت حمزو ڪنهن ٻيءَ مائي وٽ هو مگر بيبي حليمہ ۾ کيس ڏاڍ پياري هئي. تنهنڪري حضرت حمزو حضور عليہ السلام جو ٻن طرفن کان رضاعي ڀاءُ ٿيو. اهو زادالمعاد ۾ ذڪر آهي.

جوانيءَ کان نبوت تائين واقعن جو بيان

حضور عليہ السلام جڏهن چوڏهن پندرهن سالن جا هئا تہ قريش ۽ يهودين ۾ لڙائي لڳي. انهيءَ لڙائي جي موقعي تي پاڻ ۾ ويا هئا. پاڻ فرمائين ٿا تہ: مان پنهنجن چاچن کي تيرن کان بچائيندو رهيس. اهو واقعو سيرت ابن هشام ۾ آهي. پاڻ جڏهن پنجويهن سالن جا ٿيا تہ کين تجارت جو شوق ٿيو، پر پاڻ وٽ پئسو ڪو نہ هئن. ان زماني ۾ مڪي ۾ هڪ مالدار عورت خديجہ بنت خُوَيلَد رهندي هئي، جيڪا نفعي تي پنهنجو مال واپارين کي ڏيندي هئي. حضور عليہ السلام جن

جي سچائي، امانتداري ۽ حُسن معاملي جو ٻُڌي، هن حضور جن کي عرض ڪيو تہ: منهنجو مال ڪٽي وڃي شام جي طرف واپار ڪريو منهنجو غلام مَيسَره بہ توهان سان گڏ هلندو. پاڻ قبول فرمايائون.

شام ۾ پهچي، پاڻ هڪ وڻ هيٺان لهي ڀيا. جڏهن بہ مٿس اُس پئي اچي تہ بہ ملائڪ اچي مٿن ڇانوَ ڀيا ڪن. اهو واقعو مَيسَره بہ ڏٺو. اُتي هڪ راهب جي عبادتگاهہ هئي. ان راهب نسطور، مَيسَره کان پڇيو تہ، هي ڪير آهي؟ مَيسَره ٻُڌايس تہ: هي اهلِ حرم مان قريش خاندان جو جُوان آهي. تڏهن راهب چيو تہ: هن وڻ هيٺان تہ سواءِ نبيءَ جي ٻيو ڪو بہ نہ رهي سگهندو آهي.

شام مان واپار ڪري، خوب نفعو ڪمائي، جڏهن واپس وطن پهتا تہ مال آڻي خديجہ رضہ جي حوالي ڪيائون. نفعو اڳي کان ذري گهٽ ٻيڻ تي هو. مَيسَره، سفر جو سمورو قصو بيبي صاحبہ کي ٻڌايو. خديجہ، رضہ، حضور جن جي صدق امانت وغيره جو احوال پنهنجي سئوٽ ورقہ بن نوفل سان ڪيو. جيڪو عيسائي مذهب جو وڏو عالم هو. ورقہ چيس تہ: جيڪڏهن اهي ڳالهيون سچيون آهن تہ پوءِ هي نبي آخرالزمان ٿيندو. جو هن جي مبعوث ٿيڻ جو وقت اچي ويو آهي. مون کي آسماني ڪتابن مان يقين ٿيو آهي تہ هن اُمت جو نبي ٿيندو.

خديجہ رضہ وڏي عاقل عورت هئي. سو يڪدم حضور جن جي خدمت ۾ ماڻهو موڪلي چوائي موڪلياٸين تہ: آءٌ توهان کي درخواست ٿي ڪريان تہ توهان مون سان شادي ڪريو. توهان جي سچائي، صداقت ۽ امانتداري ڏسي مون فيصلو ڪيو آهي تہ آءٌ توهان

سان شادي ڪريان. مون کي ڪيترن ئي سردارن طرفان شاديءَ جا پيغام مليا آهن، پر مون سڀني رد ڪري ڇڏيا آهن. حضور جن پنهنجن چاچن سان صلاح ڪئي ۽ انهن جي ئي صلاح سان بيبي خديجہ رضہ سان شادي ڪيائون.

شاديءَ وقت حضور جن جي عمر پنجويهہ سال ۽ بيبي صاحبہ جي عمر چاليهہ سال هئي. بيبي صاحبہ، شاديءَ بعد بہ پنجويهہ سال حضور جن جي مصاحبت ۾ رهي. حضور جن سندس وفات بعد بہ سندس ذڪر محبت سان ڪندا هئا. بيبي خديجہ رضہ مان حضور جن کي چار نياڻيون ۽ ٽي پُٽ ڄاوا. اهو بيان سيرت ابن هشام ۾ آهي.

حضور جن پنجٽيهن سالن جي عمر جا هئا تہ قريش، خانہ ڪعبہ جي ازسرنو تعمير ڪئي. ان وقت حجر اسوَد تي اچي اختلاف تيو. سيڪو چوي تہ: اهو مان ڪٽي کوڙيان، اهو شرف مون کي ملي ۽ اهو يادگار منهنجو ٿئي! اهو اختلاف ايترو تہ وڌيو جو هو هٿيار کڻي، ذري گهٽ لڙڻ جهڙا ٿي ويا. آخر اهو فيلصو ٿيو تہ: جيڪو شخص سڀ کان پهرين مسجدالحرام جي دروازي مان اچي، ان جي فيصلي تي عمل ڪجي. سڀ کان پهرين حضور عليہ السلام جن آيا. حضرت محمد عليہ السلام جن کي ڏسي سڀني چيو تہ: هي برابر صادق المصدق امين آهي، هن جو فيلصو سڀني کي منظور آهي. پاڻ فيصلو ڏيندي چيائون تہ هڪ وڏي چادر کڻي اچو. پوءِ پنهنجن هٿن سان حجر اسوَد کڻي ان تي رکيائون ۽ سڀني کي چيائون تہ، هاڻي سڀئي کڻو. سڀني چادر کي کڻي وڃي ديوار وٽ رکيو. پوءِ پاڻ پنهنجن مبارڪ هٿن سان

حجر اسوَد کيڻ مقرر جاءِ تي رکيائون. اهو فيلصو سڀني کي وڻيو. حضور جن، حجر اسوَد رکڻ وقت سڀني کي چيو تہ: توهان سڀئي مون کي وڪيل ڪريو. آءٌ توهان سڀني جي طرفان هتي رکان ٿو. سڀني کين خوشيءَ سان اجازت ڏني.

نبوت کان ست سال اڳ، حضور جن کي هڪ روشني نظر ايندي هئي. انهيءَ مان ڪو بہ آواز يا گفتگو ڪو نہ ايندو هو. کين انهيءَ روشني ڏسڻ سان خوشي ٿيندي هئي. جيئن جيئن نبوت جو وقت ويجهو ايندو ويو تيئن تيئن سندن جميعت ماڻهن کان علحده ٿيندي ويئي. پاڻ پاڻي، کاڌو يا ڪجهہ کڻي، شهر کان ٻہ ٽي ڪوهہ پري غارِ حِرا (غارِ حِرا ڏيگهہ ۾ ٽي گز ۽ ويڪر ۾ ٻن گزن جي قريب هئي ۽ مڪي معظم کان ٽي ميل پري هئي. جيڪو ماڻهو مڪي معظم کان منيٰ ڏانهن ويندو هو تہ غار ان جي ڪٻي پاسي کان هوندي هئي) ۾ وڃي ذڪرِ الاهي ڪندا هئا، ۽ جڏهن پاڻي يا ٽمر ختم ٿيندو هئن تہ وري واپس شهر ڏي ايندا هئا. حضور جن خواب بہ اهڙا سچا ڏسندا هئا، جو جيڪي رات جو ڏسندا هئا، ڏينهن جو اهو حقيقت بنجي سامهون ايندو هئن. سندن اها خلوت ايستائين هلي، جيستائين سندن عمر چاليهہ سال اچي ٿي.

وحي جو نزول

جابر بن سمره رضہ کان روايت آهي تہ حضور عليہ السلام جن فرمايو تہ: جن ڏينهن ۾ مون تي وحي نازل ٿيڻو هو انهن ڏينهن ۾ جنهن

بہ وڃ يا پٿر وٽان لنگهيس ٿي تہ انهن مان آواز ٿي پُڌم تہ 'السلام عليک يا رسول الله'! ڪنهن رستي تان ويندو هئس تہ آواز ٻڌندو هئس، ڃڻ ڪو چوي پيو تہ 'يا محمد صلي الله عليہ وسلم'. چئو طرف ڏسنو هئس پر ڪو بہ نظر ڪو نہ ايندو هو. وحي جي نزول کان پندرهن سال اڳ غيبي آواز ٻُڌندو هئس ۽ سچا خواب ڏسندو هئس.

پاڻ روحاني ترقيءَ لاءِ غارِ حِرا ۾ خلوت گزين ٿي عبادت بہ ڪندا رهيا. ۽ ذڪر فڪر سان گڏ نبوت جي تاج متعلق، جيڪو مستقبل قريب ۾ مٿن مزين ٿيوٽو هو، ۽ اُمت جي بار متعلق جيڪو مٿن اچڻو هو، سوچيندا رهيا. جڏهن پنهنجي عيال جو خيال دامنگير ٿيندو هئن تہ گهر بہ تشريف فرما ٿيندا هئا ۽ ڪجهہ ڏينهن اتي رهي واپس ٿيندا هئا. خديجہ رضہ کين کائڻ پيئڻ جو ٿمر تيار ڪري ڏيندي هئي.

جڏهن سندن عمر چاليهن سالن کي پهتي تہ ماهہ رمضان جي پندرهين، سترهين يا ستاويهين تاريخ (مختلف روايتون آهن) هڪ صورت ڏٺائون، جنهن جو سِر آسمان ۾ هو، ۽ اُن جڏهن پَر ڪُشادا ڪيا تہ مشرق ۽ مغرب ۾ پکڙجي ويا. ان جا ڏند سفيد ۽ چمڪندڙ پيشاني مبارڪ نوراني، وار ڳاڙها مرجان جهڙا ۽ گردن ياقوت وانگر سرخ هئا. سندس پيشاني تي لکيل هو:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ

هن جي مبارڪ صورت ڏسي، هيبت ۽ دهشت کي خيال ۾ آڻي فرمايائونس: تون ڪير آهين؟ مون تو جهڙي وڏي ۽ نوراني شڪل اڳ

ڪڏهن ڪانہ ڏٺي آهي! جبرئيل عليہ السلام جواب ڏنو تہ: مان روح الامين آهيان، نبين ۽ مُرسلن تي نازل ٿيندو آهيان.

پوءِ جبرئيل چيو: اِقرَا يا محمد (پڙهہ اي محمد)! پاڻ فرمايائون تہ: مان اَنا بقاري (مان پڙهيل ڪو نہ آهيان). جبرئيل وري بہ ساڻيءَ طرح پڙهڻ جو امر ڪيو. پاڻ حضور جن وري بہ ساڻيو جواب ڏنو. تڏهن ٽيون ڀيرو جبرئيل کين ڀاڪر پائي، پاڻ سان ملائي، ڪجهہ زور ڏئي پوءِ وري پڙهڻ لاءِ چيائون، پر جواب ساڻيو ئي مليس. پوءِ جبرئيل چيو:

اِقْرَأْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِیْ خَلَقَ ۚ﴿۱﴾
خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ عَلَقٍ ۚ﴿۲﴾
اِقْرَأْ وَرَبُّكَ الْاَكْرَمُ ۙ﴿۳﴾
الَّذِیْ عَلَّمَ بِالْقَلَمِ ۙ﴿۴﴾
عَلَّمَ الْاِنْسَانَ مَا لَمْ يَعْلَمْ ؕ﴿۵﴾

"پنهنجي رب سائين جي نالي سان پڙهہ، جيڪو پيدا ڪندڙ آهي، جنهن انسان کي رت جي دڳ مان پيدا ڪيو. پڙهہ ۽ تنهنجو رب سڳورو اهو آهي جنهن قلم جي ذريعي سيکاريو. انسان کي اهو سيکاريائين، جيڪي هن نٿي ڄاتو (القرآن 96: 1_5)".

جبرئيل عليہ السلام زمين تي پَر هنيو تہ پاڻيءَ جو هڪ چشمو پيدا ٿي پيو. پاڻ وضو ڪيائين ۽ حضور عليہ السلام کي وضوءَ ڪرڻ لاءِ چيائين. پاڻ ڪريمن وضو ڪيو تہ جبرئيل فرمايو:

اَشهَدُ اَنَّ لااِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ وَحدَه لاشريک لَه وَ اَنَّک رَسُولُه بِالحَقِ بَعثَکَ

"شاهدي ٿو ڏيان ته الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيو کو به (معبود بالحق) ڪونهي. هو هڪ آهي ۽ سندس شريڪ کو به ناهي. بيشڪ تون سندس رسول آهين. تو کي حق سان موڪليو اٿس". پوءِ جبرئيل عليہ السلام به رڪعتون نماز جون پڙهيون، ۽ حضور جن پويان اقتدا ڪئي. جبرئيل چيو ته: هيءَ نماز آهي، جا توکي ۽ تنهنجي اُمت کي ادا ڪرڻي پوندي.

حضور جن فرمايو ته: هو مون کان غائب ٿيو ته مون تي هيبت ۽ دهشت طاري ٿي ۽ خوفزده ٿي گهر روانو ٿيس. سوچيم ته: هي واقعو ٻڌائيندس ته خبر ناهي قريش تصديق ڪندا يا تڪذيب! وات تي هٿس ته آسمان مان نِدا آئي. ڏٺم ته هڪ مڙس جي شڪل ۾ جبرئيل بينل هو. چيائين ته: تون خدا جو رسول آهين ۽ مان جبرئيل آهيان. پوءِ جيڏانهن به ڪنڊ ٻئي ڦيرايم ته اها ساڳي صورت ٻئي ڏٺم.

جڏهن گهر پهتس ته خديجتہ الڪبريٰ کي چيم ته: زَمِّلُونی، زَمِّلُونی (مون کي ڪمبل اوڍايو، مون کي ڪمبل اوڍايو: جو مان خوفزده آهيان). خديجہ رضہ احوال پڇيو ته ڪيس سمورو احوال ٻڌايم. ٻيبي صاحبہ فرمايو ته: تون خوف نہ ڪر، تون هن اُمت جو رسول ٿيندين. تون مهمان نواز، امنتدار، ماڻهن جو مددگار ۽ يتيمن جو يار آهين. الله تعاليٰ توکي خير بخشيندو. تون اخلاقن جو سهڻو، من مهڻو، عقيل ۽ شڪيل آهين، توکي الله تعاليٰ ضرور اعليٰ درجو عطا ڪندو. منهنجو سئوٽ ورقہ بن نوفل، نصراني آهي، ان انجيل کي عبراني زبان مان

عربي ۾ ترجمو ڪيو آهي. هو آسماني ڪتابن جو عالم آهي پر هينئر پيرسن ۾ نابين آهي. تون هلي انهيءَ سان احوال ڪر.

ورقہ حضور جن جو احوال ٻُڌي چيو تہ: ابشر يا محمد! (اي محمد تو کي مبارڪ هجي). هي مقدس اڪبر آهي جيڪو موسيٰ عليہ السلام ۽ عيسيٰ عليہ السلام تي نازل ٿيو. تون جلدي تبليغ ۾ جهاد لاءِ مامور ٿيندين. شال انهيءَ وقت تائين مان جيئرو هجان. جڏهن تنهنجي قوم توکي شهر نيڪالي ڏيندي. پاڻ فرمايائون تہ ائين ٻہ ٿيندو ڇا؟ ورقہ عرض ڪيو تہ: جيڪو ٻہ نبي پنهنجي قوم ڏانهن پيغا ڪڻي آيو آهي تہ سندس قوم ساڻس دشمني ڪئي آهي. پوءِ حضور جن کي دلداريون ڏنائين ۽ سندن تمام گهڻي تعظيم ۽ تڪريم ڪيائين.

ورقہ بن نوفل، حضور جن جي تبليغي دعوت کان اڳ وفات ڪئي. پاڻ حضور جن فرمايو تہ: مون ورقہ کي هڪ سبزپوش بهشتي سان گڏ بهشت ۾ ڏٺو هو. ڇو تہ هن مون تي ايمان آندو هو. انهيءَ کانپوءِ سوره 'نون والقلم' نازل ٿي. ان کانپوءِ ٽي سال گذري ويا پر وحي نازل نہ ٿيو. پاڻ فڪر ۽ ويچار ۾ ويهي رهيا.

حضور جن فرمايو تہ: هڪ ڏينهن گهڻي غم ۽ فڪر کانپوءِ ٻاهر نڪتس تہ آسمان مان آواز ٻُڌم. مٿي نهاريم تہ اهو ساڳيو جبرئيل عليہ السلام هو جيڪو غارِ حرا ۾ ڏٺو هئم. ڪيس زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ بينل ڏٺم. گهر موٽي آيس تہ وحي نازل ٿيو ۽ سوره مُدثر نازل ٿي.

وحي نازل ٿيڻ ۾ ٽي سال دير انڪري ٿي تہ جيئن سندن عشق ۽ شوق زياده ٿئي ۽ مٽن پيل رُعب ٻہ جهَڪو ٿئي. پوءِ جيڪو ٻہ وحي آيو

ٿي سو ڪڏهن وحيہ القلبي يعني انساني شڪل ۾ ته ڪڏهن آواز حرس (گهنڊ) جي صورت ۾. اها صورت ٻنهي طريقن ۾ سخت هئي. ڇو جو مٿن ڳرو بار پوندو هو. جيڪڏهن پاڻ حضور جن اُٺ تي هوندا هئا ۽ وحي جي اها صورت مٿن نازل ٿيندي هئي ته اُٺ رِنگ ڪري ويهي رهندو هو. اصحاب سڳورا ٻہ سمجهي ويندا هئا ته هينئر مٿن وحي نازل ٿي رهيو آهي. جيڪڏهن سخت سيارو هوندو هو ته ٻہ جڏهن وحي نازل ٿيندو هو ته سندن سنو جسم مبارڪ پگهرجي ويندو هو.

امام احمد بن مظَعُون رحہ پنهنجي مستنَد ۾ آندو آهي ته: حضور جن هڪ ڀيري ڪعبت الله شريف جي پوبان وينا هئا ته حضرت عثمان بن مظعون آيو. پاڻ فرمايائونس ته: ويهہ. ايجان گفتگو شروع ٿي ته پاڻ آسمان ڏي نظر ڪيائون. پوءِ وري زمين ڏي نظر ڪيائون ۽ سڄي طرف ليٽي ڀيا. عثمان کان ٻہ اعراض ڪيائون (منهن موڙيائون). ائين پئي سمجهہ ۾ آيو. جڙ ڪنهن کان ڪجهہ سکي رهيا آهن، ڇو ته سر مبارڪ سان اشارا پئي ڏنائون. پڇاڙيءَ ۾ ٻہ آسمان ڏي نظر ڪري، پوءِ عثمان بن مظعون ڏانهن متوجهہ ٿيا. حضرت عثمان عرض ڪيو ته: سائين! مون توهان کي انهيءَ حال ۾ اڳي ڪڏهن ٻہ ڪو نہ ڏٺو آهي! فرمايائون ته: الله تعاليٰ طرفان وحي نازل ٿيو آهي. عثمان عرض ڪيو ته: ڪهڙو پيغام آندائين؟ پاڻ فرمايائون ته:

۞ إِنَّ ٱللَّهَ يَأْمُرُ بِٱلْعَدْلِ وَٱلْإِحْسَٰنِ وَإِيتَآئِ ذِى ٱلْقُرْبَىٰ وَيَنْهَىٰ عَنِ ٱلْفَحْشَآءِ وَٱلْمُنكَرِ وَٱلْبَغْىِ ۚ يَعِظُكُمْ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُونَ ﴿٩٠﴾

ترجمو: الله توهان کي انصاف ۽ نيڪيءَ جو ۽ غريبن مائٽن کي بخشش ڏيڻ جو حڪم ڪري ٿو. بي حيائي، بڇڙائي ۽ ظلم کان روڪي ٿو ۽ اوهان کي نصيحت ڪري ٿو ته توهان نصيحت قبول ڪريو! (القرآن 90: 16).

حضرت عثمان ٻڌايو ته: مان مسلمان اڳي ٿيو هئس، پر ڪامل يقين ڪو نه هئم. پر ان واقعي کانپوءِ مون کي پورو يقين ٿيو ۽ منهنجي دل ۾ سندن حُب زياده ٿي.

حضرت عثمان بن عفان روايت ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن، حضور عليہ السلام جن منهنجي رانَ تي سر رکي سُتا پيا هئا ته آيت: لا يَستَوِی القَاعِدُونَ مِنَ المُؤمِنِينَ غَيرُ اُولِی الضَرَرِ نازل ٿي. يعني ته گهرن ۾ رهندڙ بي عذر (جيڪي انڌا منڊا ٽنڊا ۽ عذر وارا ناهن) ۽ (ٻيا اهي جيڪي) الله جي راهہ ۾ جهاد ڪندڙ (آهن سي ٻئي) برابر نه آهن. حضرت عثمان بن عفان رضہ فرمائي ٿو ته: وحي نازل ٿيڻ وقت منهنجي ران تي اهڙو ته زور آيو جو سمجهيم ته ڀڃ پيڃي ٿي. وحي ٻين بہ طريقن سان نازل ٿيندو هو (تفصيل لاءِ ٻيا ڪتاب ڏسو).

اصحابن سڳورن جو ايمان آڻڻ

خديجتہ الڪبريٰ جو ايمان آڻڻ: جڏهن حضور جن کي تبليغ جو حڪم نازل ٿيو ته سڀ کان پهرين سندن حرم پاڪ خديجتہ الڪبريٰ رضہ مٿن ايمان آندو. جيئن ته بيبي صاحبہ هر وقت، هر رنج ۽ راحت ۾ حضور عليہ السلام سان شريڪ هوندي هئي ۽ کين

دلجايون ڏيندي هئي تہ: توهان هن اُمت جا پيغمبر ٿيندا، خدا تعاليٰ توهان کي پنهنجن انعامن سان نوازيندو. توهان جي دين کي فتح ڏيندو ۽ توهان جي دشمنن کي ذليل ۽ خوار ڪندو. تنهنڪري ان وفادار بيبيءَ سڀ کان اول ايمان آندو.

حضرت علي ڪرم الله وجہ جو ايمان آڻڻ: بيبي خديجتہ الڪبريٰ رضہ ڪانپوءِ اميرالمومنين حضرت علي ابن ابي طالب رضہ ايمان آندو. سندس ايمان آڻڻ جو قصو هن طرح آهي تہ مڪي معظم ۾ ڏڪار پيو تہ حضور جن پنهنجي چاچي حضرت عباس کي فرمايو تہ: چاچي ابو طالب کي عيال گهڻو آهي ۽ پيدائش ٿوري اٿس، تنهنڪري سندس اولاد مان ڪن کي تون نپاءِ تہ ڪن کي مان. تڏهن ابو طالب چيو تہ: منهنجو پُٽ عقيل پلي منهنجي خدمت ۾ رهي، باقي توهان جي مرضي. پوءِ پاڻ ڪريمن حضرت علي ڪرم الله وجہ کي کنيو. جنهن جي عمر ان وقت ڏهہ سال هئي. باقي حضرت جعفر رضہ کي حضرت عباس رضہ کي کنيو.

هڪڙي ڏينهن حضرت علي حضور جن جي گهر آيو تہ ڏٺائين تہ حضور جن بيبي خديجتہ الڪبريٰ رضہ سان گڏ نماز پئي پڙهي. حضرت علي عرض ڪيو تہ: حضور! هي ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ: هي دين اسلام آهي ۽ الله تعاليٰ مون کي هن دين جو پيغمبر ڪري موڪليو آهي. آءٌ توکي بہ دعوت ڏيان ٿو تہ تون بہ ايمان آڻ ۽ الله تعاليٰ کي هڪڙو ڪري ڄاڻ. الله جو ڪو بہ شريڪ ڪونهي. انڪري جيڪي بہ بُتَ: لات ۽ عزيٰ وغيره آهن، انهن کي ترڪ ڪر. حضرت

علي عرض ڪيو تہ: بابا ڪان پُڇان؟ حضور جن چيس تہ جيڪڏهن ايمان آڻين تہ چڱو نہ تہ بي صورت ۾ هيءَ ڳالهہ ڪنهن سان بہ نہ ڪجانءِ.

حضرت علي رضہ رات جو خيال ڪيو تہ جڏهن بابا سائين حڪم فرمايو آهي تہ جيڪي بہ حضور ڪريم حڪم ڏئي، سو ضرور قبول ڪجانءِ، پوءِ باقي پُڇا ڪهڙي ڪريانس! تنهنڪري صبح جو حضور جن وٽ اچي ايمان آندائين.

سومر جي ڏينهن پاڻ ڪريمن کي تبليغ جو حڪم ٿيو تہ انهيءَ ئي ڏينهن بيبي خديجتہ الڪبريٰ رضہ ايمان آندو ءِ ٻئي ڏينهن يعني اڱاري ڏينهن حضرت علي رضہ ايمان آندو. ڪن روايتن ۾ آهي تہ صبح جو خديجتہ الڪبريٰ رضہ ايمان آندو ءِ سڃائي ڏينهن شام جو حضرت علي رضہ ايمان آندو.

حضرت علي پنهنجي ايمان آڻڻ جو واقعو ڪيترائي ڏينهن پنهنجي والد کان ڳجهو رکيو. هڪ ڏينهن، شهر کان ٻاهر ڪنهن جبل جي ڇُر ۾، هُن، حضور اڪرم جن سان گڏجي نماز پئي پڙهي تہ ابو طالب بہ ان طرف اچي نڪتو ءِ ڏسي تہ ٻيئي نماز ۾ِا پڙهن. هي بس ڪري ويهي رهيو. جڏهن هو نماز پڙهي ارغ ٿيا تہ پڇيائين تہ: هي ڇا آهي ءِ ڪهڙو دين آهي؟ پاڻ سڃورن فرمايو تہ: چاچا صاحب! هي دين اسلام آهي. جيڪي نبي پيغمبر اڳي گذري ويا آهن، مثالطور: ابراهيم عليہ السلام، موسيٰ عليہ السلام، عيسيٰ عليہ السلام وغيره، هي انهن جو دين آهي. الله تعاليٰ مون کي هن اُمت جو نبي ءِ پيغمبر ڪري

موڪليو آهي، تنهنجي پُٽ علي ۾ مون تي ايمان آندو آهي ۽ تون ۾ ايمان آڻ! الله تعاليٰ کي وحده لاشريڪ لہ ڪري مڃ ۽ مون کي الله تعاليٰ جو رسول ڪري مڃ. ابو طالب چيو تہ: افسوس، مان پنهنجي وڏن جو دين ڇڏي نٽو سگهان، باقي تون خاطري ڪر تہ توهان کي دشمن هٿان ايذاءُ رسڻ ڪو نہ ڏيندس. حضرت علي رضہ کي وصيت ڪيائين تہ: هميشہ حضور جن جي خدمت ۽ فرمان ۾ رهج.

زيد بن حارث جو ايمان آڻڻ: حضرت علي جي ايمان آڻڻ بعد حضرت زيد بن حارث رضہ ايمان آندو. زيد جو قصو هن طرح آهي تہ بيبي خديجتہ الڪبريٰ رضہ جو پائيٽو حُڪيم بن خرام شام مان واپار ڪري واپس آيو تہ پاڻ سان ڪي ٻانها ۽ ٻانهيون ۾ وٺي آيو. بيبي صاحبہ جڏهن پائيٽي سان ملڻ ۽ ٻانها ٻانهيون ڏسڻ آئي تہ حُڪيم کيس عرض ڪيو تہ: پُڇي صاحبہ! توکي هنن مان جيڪو غلام يا ٻانهي وڻي، سو پاڻ سان وٺي وڃ. بيبي صاحبہ زيد کي چونڊيو. بيبي صاحبہ جڏهن زيد کي پنهنجي گهر وٺي آئي ۽ حضور جن کيس ڏٺو تہ کين بيحد پسند آيو. حضور جن فرمايو تہ: بيبي صاحبہ! زيد مون کي عطا ڪر. بيبي صاحبہ، زيد حضور جن کي بخشلي ڇڏيو. حضور جن زيد کي آزاد ڪري، کيس هڪ غلام مان پنهنجو پُٽيلو ڪري سڏيو.

زيد جو والد حارث پنهنجي پُٽ جي جدائي ۾ روئند رڙندو، ڳولیندو اچي حضور جن جي خدمت ۾ پهتو. زيد کي اتي ڏسي ڏاڍو رُنو ۽ هن کي ڇاتيءَ سان لائي پيار ڪيائين. پوءِ ڪيترائي ڏينهن هو پُٽ وٽ ئي رهيو. پاڻ سڳورن زيد کي اختيار ڏنو تہ جي تنهنجي دل گهُري

تہ هتي رهہ، ٻيءَ صورت ۾ تون پلي پنهنجي والد سان هليو وڃ. حضرت زيد پنهنجي والد کان معافي ورتي ۽ حضور جن جي ئي خدمت ۾ رهجي ويو.

حضرت جعفر جو ايمان آڻڻ: هڪ ڏينهن حضور ڪريم جن، حضرت علي ۽ حضرت زيد کي مڪي معظم جي ٻاهران، لڪ ڇپ ۾ نماز پئي پڙهائي تہ حضرت جعفر ابو طالب سان گڏجي، سير تفريح لاءِ اُتي اچي نڪتو. هنن ٻنهي کي نماز پڙهندو ڏسي، ابو طالب حضرت جعفر کي چيو تہ: يا جعفر وصل جَحاحَ اِبن عَمک (اي جعفر، پنهنجي سئوٽ جو بازو ٽي رهہ). حضرت جعفر يڪدم ويجي ساڻن نماز ۾ شامل ٿيو. نماز کان فارغ ٿي حضور جن حضرت جعفر کي ايمان آڻڻ جي تلقين ڪئي، جيڪا هن قبول ڪئي. پوءِ سندس حق ۽ دعا گهرياٸيون تہ: وَصل الله اليک بجناحين تطريها فی الجنه يعني تہ الله تعاليٰ توکي هنن ٻانهن سان پاڻ ڏانهن گهرائيندو. جن سان تون بهشت ۾ اُڏامندين. الله تعاليٰ سندس حق ۾ دعا قبول ڪئي ۽ حضرت جعفر 'غزوه موتہ' ۾ لڙندي لڙندي، پنهنجون ٻئي ٻانهون ڪپائي شهيد ٿيو. حضور جن فرمايو تہ الله تعاليٰ حضرت جعفر کي سندس ٻانهن جي عيوض ۾ نوراني بازو عطر ڪيا آهن، جن سان هو بهشت ۾ اُڏامي رهيو آهي.

حضرت ابوبکر صديق رضہ، جو ايمان آڻڻ: حضرت ابوبکر صديق رضہ جي ايمان آڻڻ متعلق گهڻيون روايتون آهن. هتي جيڪي معتبر ڏسڻ ۾ آيون آهن سي بيان ڪجن ٿيون: حضور جن جي بعثت

(اٺٽ) کان ويهه سال اڳ حضرت ابوبکر هڪ خواب ڏٺو ته چنڊ آسمان تان ٽڪرا ٽڪرا ٿي ڪعبت الله ۾ اهي ٽڪرا ويا، جي بعد ۾ وري گڏ ٿي، موٽي آسمان تي هليا ويا، مگر جيڪو ٽڪر ابوبکر صديق رضہ جي گهر ويو هو سو اتي ئي رهيو.

صبح جو اُٺي، ابوبکر صديق رضہ هڪڙي يهودي عالم کان وڃي خواب جو تعبير پڇيو. هُن چيس ته: اهو واهيات خواب آهي ۽ اعتماد جوڳو ناهي، مگر حضرت ابوبکر صديق رضہ کي هميشہ کُٽکو رهندو آيو ته خواب ڪنهن حقيقت کان خالي ناهي. گهڻن ڏينهن گذرڻ بعد هڪ ڏينهن، هو واپار جي خيال سان شام ويو. اُتي بحيرا راهب کان خواب جو تعبير پڇيائين. بحيرا پڇيو ته: تون ڪير آهين؟ هن ٻڌايس ته: آءٌ قريشي آهيان ۽ مڪي معظم جو رهاڪو آهيان. بحيرا چيس ته: مڪي معظم ۾، توهان مان هڪ پيغمبر پيدا ٿيندو، جنهن نُور گهڻن گهرن ۾ ويندو ۽ اهي سڀ ماڻهو مٽس ايمان آڻيندا، تون هن جو وزير ٿيندي.

حضرت ابوبکر صديق رضہ چيو ته: اهو تعبير ڪنهن کي ٻڌايو. هڪڙي ڏينهن هڪ وڻ هيٺان ويٺو هئس ته ان وڻ جي هڪ ٽاري، نمندي نمندي اچي منهنجي مٿي تي پئي. مون چُپ چاپ ڏٺو پئي ۽ عجب پئي کاڌم. ان ٽاريءَ مان منهنجي ڪن ۾ آواز آيو ته: توهان مان، توهان جي شهر مڪي معظم ۾ هڪ پيغمبر پيدا ٿيندو، تون ٻہ ان جو تابع ٿيندين. مون چيو ته: صاف ٻڌاءِ ته اهو ڪير هوندو؟ آواز آيو ته: اهو محمد ابن عبدالله بن عبدالمطلب بن هاشم آهي. دل ۾

چيم تہ: اهو تہ منهنجو پيارو دوست آهي!. پوءِ اها ڳالهہ بہ مون دل ۾ رکي.

ڪتاب 'قصص الاتقياء' ۾ عبدالله بن مسعود کان نقل آيل آهي تہ حضرت ابوبڪر صديق رضہ چيو تہ: ڪجهہ وقت بعد، واپار جي خيال سان آءٌ يمن ويس. اتي هڪڙي پِير مرد وٽ وڃي رهيس. جنهن جي عمر سئو ورهين کان مٿي وڃي پهتي هئي ۽ هو نهايت ڪمزور ۽ ضعيف هو. مون سان ڳالهائيندي چيائين تہ: تون شايد مڪي معظم جو رهاڪو آهين؟ چيم تہ: هائو. اهو پِير مرد آسماني ڪتابن جو عالم هو. مون کان پڇيائين تہ: قريشي جي ڪهڙي قبيلي مان آهين؟ مون چيو تہ بني تميم قبيلي مان. تڏهن چيائين تہ: پهرياٽ تہ مٿي ڪر! چيم: ڇو؟ چيائين تہ توهان مان هڪ نبي ٿيندو ۽ شايد تون وزير ٿيندين. پر جيڪڏهن تو ۾ ڪي نشانيون هوندیون! پڇيومانس تہ: ڪهڙيون نشانيون؟ چيائين تہ: دُنَ ۽ ڪبي رانَ تي هڪ وڏو ۽ ڪارو تِر. ڏٺم تہ اهي ٻيئي نشانيون مون ۾ هيون. تڏهن هن چيو تہ: خدا جو قسم تون ئي آهي جيڪو انهيءَ مرسل جو وزير ٿيندين! وڌيڪ چيائين تہ: هي ٻارهن بيت مون انهي نبيءَ جي وصف ۾ لکيا آهن. اهي سندس خدمت ۾ عرض ڪج. انهن بيتن مان هڪ بيت نموني طور هتي بہ ڏجي ٿو:

الم تر اني سمعت معاشري و نفسي
قد اصبحت في الحمي هاهنا

حضرت ابوبڪر صديق رضہ فرمائي ٿو تہ: جڏهن واپس مڪي معظم پهتس تہ منهنجا دوست مون کي ملڻ آيا. پُڇا ڪيم تہ: منهنجي

وڃڻ بعد ڪو واقعو ٿ ڪو نہ ٿيو؟ هنن چيو ٿ: تنهنجي وڃڻ بعد محمد بن عبدالله نبوت جي دعويٰ ڪئي آهي. اسان جي ابن ڏاڏن جي دين کي باطل ٿو چوي. مون ٻُڌي کڻي مات ڪئي. سڄي رات پئي سوچيم ٿ آخر بُتن جي پوڄا مان ڇا ورندو..... ويجي محمد (صلي الله علي وسلم) سان صلاح ڪريان. پاڻ حضور جن ٻ منهنجي باري ۾ اُن رات پئي سوچيو ٿ ابوبڪر (صديق) کي اسلام جي دعوت ڏجي، ڇو ٿ هو پيارو دوست اٿم. ٻئي ڏينهن صبح جو ٻيئي سڳورا، انهن ارادن سان پنهنجن گهرن مان نڪتا ٿ رستي تي ئي ملاقات ٿين.

هڪ روايت ۾ آهي ٿ: ابوبڪر صديق رضہ، خديجہ رضہ جي گهر ويجي حضور جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو هو. هڪٻئي کان حال احوال پڇيائون. حضرت ابوبڪر صديق رضہ چيو ٿ: مان عرض ڪيو ٿ: ماڻهو توهان جي باري ۾ ڪي ڳالهيون پيا ڪن. پاڻ فرمايائون ٿ: مان، الله تعالیٰ وحده لاشريڪ لہ طرفان، ساري مخلوقات ڏانهن رسول ٿي آيو آهيان. مون تي ايمان آڻ ٿ الله تعالیٰ توتي راضي ٿئي، توکي بهشت ۾ جاءِ ڏئي ۽ دوزخ کان نجات بخشي. عرض ڪيم ٿ: توهان جي نبوت ۽ رسالت جو ڪو دليل ٻ آهي؟ فرمايائون ٿ: هائو، تنهنجو چنڊ وارو خواب ڏسڻ، بحيرا ۽ يمن وار راهب جا تعبير، ٻارهن بيت جي يمن واري راهب توکي اسان لاءِ ڏنا آهن ۽ منهنجي نبوت جي باري ۾ وڻ مان آيل آواز ۽ هدايت! تڏهن عرض ڪيم ٿ: اهي ڳالهيون توهان کي ڪنهن ٻڌايون؟ پاڻ فرمايائون ٿ: اهي ڳالهيون جبرئيل عليہ السلام ٻڌايون اٿم.

اهو پُڌي مون يڪدم سندن دست بمارڪ وٺي بيعت ميجي ۽ هٿ چُمي چيم: اَشهَدُ اَنَّ لااِلٰهَ اِلّااللهُ وَ اَشهدُ اَنّک رَسُولَ اللهُ پوءِ دمن واري راهب جا ڏنل ٻارهن بيت سندن خدمت ۾ عرض رکيم. پاڻ فرمايائون تہ: جنهن بہ مون تي ايمان آندو تہ پهريائين کيس ڪجهہ تَردّدُ (پريشاني) ۽ شڪ شبها رهن ٿا، مگر ابوبڪر جي ايمان آڻڻ ۾ ڪو بہ شڪ شبهو ڪونہ هو.

حضرت ابوبڪر صديق جي ڪُٽنب جو ايمان آڻڻ: اَسماء ڏي ابوبڪر صديق رضہ جي فرمائي ٿي تہ: جنهن ڏينهن بابا سائين ايمان آندو انهيءَ ڏينهن گهر آيو تہ جيستائين ساري ڪُٽنب ايمان نہ آندو تيستائين گهر کان ٻاهر نہ نڪتو. جڏهن سيني گهر جي ٻاتين کي شهادت جو ڪملو پڙهايائين، تڏهن گهر کان ٻاهر نڪتو. ان وقت پنهنجي ڪُٽنب کانسواءِ ٻين پنجن ڇڻن کي بہ تلقين ڪيائين ۽ ايمان تي آندائين. انهن پنجن ڇڻن جا نالا آهن: حضرت عثمان بن عفان، حضرت زُبير بن عَوام، حضرت طلحہ بن عبدالله، حضرت سعد بن ابي وقاص ۽ حضرت عبدالرحمان بن عَوف رضہ.

حضرت عثمان جو ايمان آڻڻ: حضرت عثمان فرمايو تہ: منهنجي ماسي سعده بنت ڪرتہ بن زمعت رمل ۾ تمام مشهور هئي. مان انهيءَ جي گهر ايندو ويندو هئس. هڪ ڏينهن مون کي چيائين تہ: توکي هڪڙئي پويان بہ زالون ملنديون، ۽ نہ انهن کو ٻيو مڙس ڏٺو هوندو ۽ نہ تو انهن کانسواءِ ٻي ڪا زال ڏٺي هوندي. هو تمام سهڻيون، حياءَ شرم واريون ۽ پنهنجو مَٽُ پاڻ هونديون. انهن جي مَٽ ٻي ڪا بہ زال ڪانہ

هوندي ۽ اهي ٻيئي پيغمبر عليہ السلام جو نياڻيون هونديون. مون کي ڏاڍو عجب لڳو ۽ اها ڳالھ سمجھ ۾ نہ آيم.

جڏھن ٻِئي ڀيري بہ ساڳي ڳالھ ڪيائين، تڏھن چيائين تہ: الله جو رسول آيو آهي ۽ مٿس آسمان مان وحي اچي ٿو. چيم تہ: ماسي! اها ڳالھ توکان ٿو پُڏان، شهر ۾ تہ اهڙي ڪائي ڳالھ ڪانهي. تون کولي پُڏاءِ تہ ڳالھ ڇا آهي؟ پاڻ چيائين تہ: محمد بن عبدالله صلي الله علي وسلم رسول ٿي آيو آهي ۽ ماڻھن کي پنھنجي دين جي دعوت ڀيو ڏئي. سندس دين جو نُور ٿورن ڏينھن ۾ سڄي جهان ۾ پکڙجي ويندو!

اها ڳالھ پُڏي آءٌ تعجب ۾ پئجي ويس، پر منھنجي دل ۾ پاڻ حضور جن جي محبت ويتر وڌيڪ ٿيندي ويئي. بہ-ٿي ڏينھن رکي، آءٌ حضرت ابوبڪر صديق رضہ وٽ ويس ۽ ڪيس ماسيءَ واري سموري ڳالھ ڪري پُڏايم. هُن چيو تہ: هي پٿرن جا بُت ڀلا اسان جا خدا ڪيئن ٿا ٿي سگھن ۽ اسان کي ڪھڙو نفعو نقصان رسائي ٿا سگھن؟ تنھنڪري جيڪي تنھنجي ماسيءَ چيو آهي، سو برحق آهي. حضرت محمد ڪريم عليہ السلام کي الله تعاليٰ اسان جي هدايت لاءِ رسول ڪري موڪليو آهي. جلدي مٿس ايمان آڻ، جو مون بہ مٿس ايمان آندو آهي.

اسان اڃان انھن ئي ڳالھين ۾ هئاسون تہ پاڻ حضور جن، حضرت علي سان گڏجي اُتان لنگھيا. ابوبڪر يڪدم وڌي وڃي ڪين ڪجھ مخفي عرض ڪيو. سمجھيم تہ شايد ڪجھ منھنجي باري ۾ ڳالھ آهي. پوءِ پاڻ ڪريم جن مون ڏانھن تشريف فرما ٿيا ۽ مون

ڏانهن مُنهن مبارڪ ڪري فرمايائون تہ: اي عثمان! آءٌ توکي بهشت جي دعوت ٿو ڏيان تون قبول ڪر. منهنجي دل تي حضور جن جي گفتگو جو ڏاڍو اثر ٿيو. پاڻ ڪلمہ شهادت جي تلقين ڪيائون ۽ مان ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيس. ٿورن ئي ڏينهن بعد حضور جن پنهنجي نياڻي بيبي رقيہ خاتونؑ جو عقد نڪاح مون سان ڪيو.

حضرت سعد بن وقاص جو ايمان آڻڻ: حضرت سعد، حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي سمجهائڻ تي ايمان آندو. اصحاب اڃان ٿورا هئا، انڪري مڪي شريف واري وادئ ۾ لڪي وڃي نماز پڙهندا هئا. هڪڙي ڏينهن جيئن ئي نماز پئي پڙهيائون تہ ڪافرن جي هڪ ٽولي اچي مٿن ڪڙڪي. اچي جهيڙو شروع ٿيو. حضرت سعد، هڪ هڏو کڻي هڪڙي ڪافر کي اهڙو تہ هنيو جو هن جو مٿو رتو چاڻ ٿي پيو ۽ اهو حال ڏسي ٻيا ڪافر بہ اٿي ڀڳا. اهو پهريون واقعو هو جو مسلمانن مان حضرت سعد، اسلام خاطر هڪ ڪافر کي ڏڪ هنيو. پڻ حضرت سعد انهن ڏهن ڄڻن مان هڪ هو جن کي پاڻ حضور جن بهشت جي مبارڪ ڏني هئي. حضرت سعد جي باري ۾ حضور جن دعا فرمائي تہ: (اي الله سائين، سعد جي دعا قبول فرماءِ ۽ سندس تير کي اَڻ گَس ڪر!). انهن ڏينهن کان پوءِ حضرت سعد جو تير ڪڏهن ڪونہ گُڏو ۽ سندس دعا هميشہ مقبول هوندي هئي. حضرت سعد آخري عمر ۾ نابين ٿيو. ماڻهو چوندا هئس تہ: تون پنهنجين اکين لاءِ ڇو نٿو دعا گهرين؟ چوندو هو تہ: قَضَا الله اَحَبُّ عِندِي مِن بَصَرِي (الله تعاليٰ جي

قضا تي راضي رهڻ منهنجي لاءِ اکين جي روشنيءَ کان وڌيڪ بهتر آهي).

حضرت عبدالرحمان بن عوف جو ايمان آڻڻ: حضرت عبدالرحمان فرمائي ٿو ته: مان هميشه واپار لاءِ يمن ويندو هئس ۽ شَڪلان بن ابي العوالم حِمَيري وٽ وڃي لهندو هئس. جڏهن به ويندو هئس ته هو پُڇندو هو ته: توهان ۾ ڪو اهڙو مرد پيدا ٿيو آهي جيڪو قوي شان ۽ شرف وارو هجي ۽ انهيءَ جو دين توهان جي دين جي برخلاف هجي؟ مان هميشه نفي ۾ جواب ڏيندو هئس. هن پيري جو ويس ته ڏٺم ته هو تمام ضعيف ٿي ويو هو ۽ ڪنن کان به ٻوڑو ٿي پيو هو. آءٌ ويس ته پنهنجن پُٽن کي به سڏي ويهاريائين، ۽ پوءِ مون کي چيائين ته: تون پنهنجو حسب نسب بيان ڪر. مون ٻڌايومانس ته: عبدالرحمان بن عوف بن حارث بن زمره. چيائين ته: بس بس! آءٌ توکي اهڙي ڳالهه جي مبارڪ ٿو ڏيان، جا تولاءِ يمن جي واپار کان زياده بهتر آهي. تنهنجي قوم مان گذريل مهيني ۾ هڪ پيغمبر عليه السلام مبعوث (موڪليل) ٿيو آهي. جيڪو ساري مخلوق کان بهتر آهي. هُو بُتن جي پوڄا کان منع ٿو ڪري ۽ هڪڙي خدا جي عبادت جو اشارو ٿو فرمائي.

مون پڇيومانس ته: اهو ڪهڙي قبيلي مان آهي؟ چيائين ته: هو بني هاشم قبيلي مان آهي ۽ توهين هن جا نسبي ڀائر آهيو. منهنجا هي بيت سندس خدمت ۾ عرض ڪجانءِ:

اشهد بالله ذوالمعالی وخالق اليل بالاصباح

اشهد باالله ربّ موسیٰ انک ارسلت بالبطحاء
تکن شفیعی الیٰ ملیک تدعوا البرا یا الیٰ الصلاح

يعني: شاهدي ٿو ڏيان الله تعاليٰ سالن جيڪو وڏائي جو صاحب آهي. جيڪو رات کي صبح کان جدا ڪندڙ آهي. شاهدي ٿو ڏيان الله تعاليٰ سان جيڪو موسيٰ عليہ السلام جو رب آهي، تو تون بطحاء وادي ۾ موڪليل آهين. الله تعاليٰ وٽ منهنجو شافع ٿجانءِ، تون ماڻهن کي نيڪي ڏي سڏين ٿو.

حضرت عبدالرحمان فرمائي ٿو تہ: آءٌ يمن جو واپار جلدي پورو ڪري، مڪي معظم ۾ موٽي آيس ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضہ سان ملاقات ڪيم. ڪيس حِمَيريءَ وارو احوال ٻڌايم تہ فرمايائين: بيشڪ حضرت محمد عليہ السلام رسول ٿي آيو آهي. هُو بُتن جي عبادت کان منع ٿو ڪري ۽ خاص خدا تعلاي وحده لاشريک لہ جي عبادت ڏي ڪوٺي ٿو. اهو ٻُڌي منهنجي دل ۾ شوق جاڳيو. حضرت ابوبڪر صديق رضہ منهنجي چاهہ کي پرکي ورتو ۽ چيائين تہ: جلدي وڃي اسلام سان مشرف ٿيءُ، جو مون بہ ايمان آندو آهي.

حضرت عبدالرحمان فرمائي ٿو تہ: صبح جو سوير اُٿي بيبي خديجتہ الڪبريٰ جي گهر ويس ۽ اندر اچڻ جي اجازت گهريم. پاڻ اجازت ڏيڻ فرمايائون. اندر حضور جن جي خدمت ۾ پهتس تہ پاڻ حضور جن مُرڪي رهيا هئا. مون کي ويهاري اسلام قبولڻ جي تقلين ڪيائون تہ مون دليل گهريو. پاڻ فرمايائون تہ: حميريءَ جيڪو اسان جو تحفو توکي ڏنو آهي سو ڏي. مون يڪدم حميريءَ وارا بيت ڪيڊي

سندن خدمت ۾ پڙهيا ۽ ڪلمو پڙهي مٿن ايمان آندم. پاڻ حميريءَ جي حق ۾ فرمايائون تہ:

رُبَّ مومِن مارَ اَنِي ومصدّقُ لي

وَما شِهِدَ زَماني اولائک حق اِخوانِي

يعني: ڪيترن مومنن نہ مون کي ڏٺو آهي پرپُٺ منهنجي تصديق ڪئي اٿن، اهي منهنجا سچا ڀائر آهن.

اصحابن مان اول ڪنهن ايمان آندو: انهيءَ باري ۾ تہ اصحابن سڳورن مان ڪهڙائين ڪنهن ڪنهن ايمان آندو. مختلف روايتون آهن، مگر حقيقت ۾ عورتن خواهہ مردن مان پهريائين بيبي خديجتہ الڪبريٰ رضہ، ٻارن مان اڳ ۾ حضرت علي رضہ، جوانن مان زيد بن حارث، ڪُراڙن مان حضرت ابوبڪر صديق ۽ غلام مان حضرت بلال رضہ اڳ ۾ ايمان آندو.

حضور جن جي طرفان اسلام جي دعوت

حضور جن جي پنهنجن عزيزن کي دعوت: نبوت ملڻ بعد پهريان ٽي سال تہ محض مخفي نموني تبليغ ڪندا رهيا تہ جيئن جماعت ڪجهہ مظبوط ٿي وڃي تہ پوءِ پوري طاقت سان ڪم شروع ڪجي. پر پوءِ تبليغ جون آيتون نازل ٿيندڙيون ويون ۽ جماعت جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ پهريائين خدا تعاليٰ کين پنهنجن عزيزن جي هدايت لاءِ حڪم فرمايو: وَاَنذِر عَشِيرَتَکَ الاَقرَبِينَ (پنهنجي ويجهن عزيزن کي خدا جي عذاب کان ڊيڄار). انڪري تہ جيڪڏهن ويجها عزيز ساڻن

شامل ٿي ويا تہ هڪ طرف جماعت مضبوط ٿيندي ۽ دشمنن سان مقابلو سولو ٿي پوندو ۽ ٻئي طرف تبليغ جي ڪم ۾ بہ ترقي ٿي پوندي. ان ڪري پاڻ حضرت علي رضہ جن کي گهرائي حڪم ڪيائون تہ: طعام جي دعوت جو بندوبست ڪر تہ پنهنجن عزيزن کي گهرائي اسلام جي دعوت ڏجي.

حضرت علي رضہ فرمائي ٿو تہ: ڪوشش ڪري ڪجهہ گوشت، ماني ۽ کير گڏ ڪيم. دل ۾ خيال ڪيم تہ طعام تہ ايترو آهي جو اگر ڪو گهٽو کائيندو هجي تہ هڪڙو ئي ماڻهو کائي وڃي! مگر سندن حڪم موجب چاليهن ماڻهن کي دعوت ڏئي وٺي آيس، جن ۾ پنهنجا چاچا مثال طور: حمزو رضہ، عباس، ابو طالب ۽ ابو لهب ۽ سندن پُٽ ۽ سئوٽ وغيره هئا. پوءِ اهو طعام پاڻ بہ کاڏائون ۽ ٻين کي بہ فرمايائون تہ: ڪُلوا باسم الله (الله تعاليٰ جي نالي سان کائو). پوءِ تہ سڀني کائي پِي ڏئو ڪيو. تہ بہ ڏٺم تہ طعام ۾ کير اڃان بہ بچوي پيو هو.

حضور ڪريم جن جي پنهنجن عزيزن کي تقرير: دعوت طعام پوري ٿيڻ بعد حضور جن پنهنجن عزيزن کي هنن لفظن ۾ اسلام جي دعوت ڏني: "مون کي انهيءَ الله جو قسم آهي جنهن کانسواءِ ٻيو ڪو بہ خدا ڪونهي تہ مان، توهان ساري مخلوق لاءِ، الله تعاليٰ جو رسول ٿي آيو آهيان. توهان سڀني کي مرڻو آهي ۽ مري وري جيئرو ٿيڻو آهي. توهان هتي جيڪو ڇڳو ڪم ڪندا، انهيءَ جو توهان کي ثواب ملندو ۽ توهان بهشت ۾ داخل ٿيندا، جيڪڏهن بُرو ڪم ڪندا تہ توهان کي عذاب ملندو ۽ توهان دوزخ ۾ داخل ٿيندا. مون توهان کي انهيءَ لاءِ

گهرايو آهي تہ توهان الله کي وحده لاشريک لہ ڪري مڃو ۽ مون کي رسول الله ڪري تسليم ڪريو. الله تعاليٰ جي دين جي تابعداري ڪريو ۽ دين جي ڪم ۾ منهنجي مدد ڪريو تہ الله تعاليٰ جو دين سندس مخلوقن تائين پهچائجي ۽ ماڻهن ک الله جي دين جي هدايت ڪجي. ان جو توهان کي وڏو ثواب ملندو ۽ الله توهان تي راضي ٿيندو".

حضور عليہ السلام جن جي تقرير بعد سندن چاچي ابو لهب تقرير شروع ڪئي.

ابو لهب جي تقرير: ابو لهب چيو تہ: مان سمجهان ٿو تہ توتي ڪنهن جادو ڪيو آهي جو اهڙيون ڳالهيون ڪري رهيو آهين! تنهنجو چوڻ ونبو تہ ساري عرب دنيا سان دشمني وِهائڻي پوندي. سڀئي قريش اسان سان شامل ٿيڻ تہ بہ ساري عرب جي مقابلي جي طاقت منجهن ڪانهي. ساري عرب جي دشمني پرائجي، تنهن کان ڇو نہ توکي قيد ڪجي؟

ابو لهب کانپوءِ ابوطالب تقرير ڪئي.

ابوطالب جي تقرير: ابو طالب چيو تہ: اسين سڀئي عزيز تنهنجي سڏ تي اچي گڏ ٿيا آهيون. اسان جو فرض آهي تہ اسين سڀئي تنهنجي تابعداري ڪريون ۽ تنهنجي دين جي مدد ڪريون. جيڪڏهن سڀئي اها ڳالهہ قبول ڪن تہ پوءِ سڀ کان پهرين مان تنهنجي تابعداري ۽ مددگاري لاءِ تيار آهيان، پر جيڪڏهن ٻيا عزيز توتي ايمان نٿا آڻين تہ پوءِ انهن کي ۽ پنهنجن وڏن جي دين کي ڇڏي،

آءٌ بہ تو ڏي ڪين ايندس. اهو مان توسان وعدو ٿو ڪريان تہ تون پلي پنهنجي دين جي تبليغ ڪندو رهہ، جيسين آءٌ جيئرو آهيان، تيسين ڪو بہ تنهنجو نالو ڪو نہ وٺندو. تنهنجي حفاظت ڪرڻ منهنجو فرض آهي ۽ ان لاءِ مان پنهنجي جان بہ قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.

پوءِ وري ابولهب کي مخاطب ٿيندي، ابوطالب چيو تہ: تون عزيز ٿي دشمنيءَ جي صورت اختيار ڪئي آهي، ان ڪري تون پنهنجا بيهودا الفاظ واپس وٺ ۽ انهن حرڪتن کان باز اچ، نہ تہ توکي تنهنجي ڪئي جو پورو نتيجو ملندو.

مڪي وارن ۽ قريشن کي اسلام جي دعوت

حضور جن حضرت علي رضہ کي فرمايو تہ: مڪي وارن کي عام طرح ۽ قريش قبيلي وارن کي خاص طرح دعوت ڏي تہ سڀ 'صفا جبل' تي اچي گڏ ٿين (صفا جبل، بيت الله شريف لڳ آهي). پوءِ سيئي مڪي وارا اچا صفا جبل تي گڏ ٿيا ۽ حضور عليہ السلام جن اُتي تقرير فرمائي: مان جيڪڏهن توهان کي ٻڌايان تہ دشمن جو هٿياربند لشڪر پوري تياري سان توهان کي لُٽڻ ۽ قُرڻ لاءِ جبل جي پويان اچي گڏ ٿيو آهي تہ توهان منهنجي ڳالهہ کي سچو سمجهي ۽ پروسو رکي، دشمنن جي مقابلي لاءِ تيار ٿيندا؟ سيني گڏجي چيو تہ: تون بلڪل سچو آهين ۽ تو ڪڏهن بہ ڪوڙ ڪونہ ڳالهايو آهي، ان ڪري اسين توکي سچو سمجهي ويساهہ رکي، دشمن جي مقابلي لاءِ بلڪل تياري ڪنداسين! پاڻ وري فرمايائون تہ: توهان جيڪي

امانتون مون وٺ رکندا آهيو سي برابر مالڪن کي موٽائي ڏيندو آهيان يان انهن ۾ کا ڪڏهن خيانت ڪئي اٿم؟ اُتي وري بہ سيني گڏجي چيو تہ: تون برابر امين آهين ۽ تو ڪڏهن بہ امانتن ۾ خيانت ڪانہ ڪئي آهي.

حضرت علي ڪرم الله وجہ فرمائي ٿو تہ: جنهن وقت حضور عليہ السلام جن تقرير ڪري رهيا هئا ۽ اهل مڪي کان پنهنجي صدق ۽ امانتداري متعلق شهادتون ونڻي رهيا هئا، ان وقت مون کي خوف پئي ٿيو تہ متان دشمن سندن تڪذيب ڪن، تنهنڪري مون اُٿي وڃي حضور جن کي ڳڻ ۾ عرض ڪيم تہ: دشمنن کان شهادتون نہ ونڻ متان اهي دشمنيءَ سبب تڪذيب ڪن ۽ اسان کي پشيماني ٿئي. پاڻ فرمايائون تہ: اِنِّي نُصرَتُ بِالرّعبِ (مون کي رعب جي مدد ڏني وئي آهي). تنهنڪري ڪفارن کي منهنجي روبروئي منهنجي مخالفت ڪرڻ جي مجال ناهي.

پوءِ حضور جن فرمايو تہ: جڏهن مان ماڻهن تي ئي ڪڏهن ڪوڙ ڪو نہ هنيو آهي تہ الله تعاليٰ تي ڪيئن ڪوڙ هڻندس! جڏهن مون ماڻهن جي ڪنهن امانت ۾ خيانت ڪانہ ڪئي آهي تہ پوءِ الله تعاليٰ جي ڏنل امانت ۾ ڪيئن خيانت ڪندس! مون کي الله تعاليٰ پنهنجو رسول ڪري موڪليو آهي. آءٌ توهان کي قيامت جي ايندڙ ڏينهن کان ڊيڄاريان ٿو تہ جيڪو الله تعاليٰ کي وحده لاشريڪ لہ، ۽ مون کي سندس رسول ڪري مڃيندو ۽ آخرت تي ايمان آڻيندو، ان کي الله

تعاليٰ جي عذاب کان نجات يعني چوٽڪارو ملندو. باقي جو ائين نہ ڪندو اهو عذاب جو حقدار ٿيندو.

اهو پُڌي ابولهب، حضور جن کي چڙڀ ڏيئي چيو تہ: تَبًّا لَکَ دَعوَتَنَا؟ (تنهنجي لاءِ هلاڪي هجي، تو ان لاءِ اسان کي سڏيو آهي؟) پوءِ ابو لهب جي خواري ۽ بربادي لاءِ سندس جواب ۾ 'سوره لهب' نازل ٿي:

تَبَّتْ يَدَآ أَبِي لَهَبٍ وَتَبَّ ﴿١﴾ مَآ أَغْنَىٰ عَنْهُ مَالُهُۥ وَمَا كَسَبَ ﴿٢﴾
سَيَصْلَىٰ نَارًا ذَاتَ لَهَبٍ ﴿٣﴾ وَٱمْرَأَتُهُۥ حَمَّالَةَ ٱلْحَطَبِ ﴿٤﴾
فِى جِيدِهَا حَبْلٌ مِّن مَّسَدٍ ﴿٥﴾

ترجمو: ابولهب جا هٿ (شال) ڀڄن ۽ (شال پاڻ بہ) هلاڪ ٿئي. سندس مال ۽ جيڪي ڪمايائين تنهن کانئس (الله جو عذاب) نہ ٽاريو. ڇيڀَ واريَ باهہ ۾ سگهو گهڙندو. ۽ سندس زال بہ جا ڪاٺين (جي لڏ) ڪٺندڙ آهي. جنهنجي ڳچيَ ۾ ڪاٻڙ جو نوڙ پيل آهي (القرآن 111: 1_5).

ابو طالب وٽ قريش جو وفد: قريش جڏهن ڏٺو تہ حضور عليہ السلام جن هاڻي خلق کي ظاهر ظهور دين اسلام جي دعوت ڏيئي رهيا آهن، سندن ڪم بہ وڌي رهيو آهي، ماڻهو ٻُٽن کان ڦري رهيا آهن ۽ ابوطالب، جنهن جي هوندي کين ڪو بہ هٿ نہ لائي سگهندو سو بہ سندن حمايت ۾ آهي، تڏهن قريشن جا وڏا وڏا رئيس جهڙوڪ: ابي الحڪم (ابو جهل) بن حشام، عتبہ ۽ شيبہ ربيع جا پُٽ، اميہ بن خلف، عاصم بن واثل، مطعم بن عدي ۽ اخنس بن شريق سيئي گڏجي، وفد ڪري ابوطالب وٽ آيا. هن کي چيائون تہ: تون اسان جو چڱو مڙس ۽

وڏو آهين. اسان هميشہ تنهنجي عزت ڪندا آيا آهيون ۽ توکي وڏو ڪري مڃيندا آيا آهيون. تنهنجو پائيٽو محمد بن عبدالله اسان ۽ تنهنجي ابن ڏاڏن جي دين کان ڦري ويو آهي. هو نہ صرف ڦري ويو آهي بلڪ اسان جي بُتن کي خراب سمجهي ٿو ۽ ماڻهن کي کُليءَ طرح اسان جي دين کان نفرت ڏياري. پنهنجي دين ڏانهن راغب ڪري رهيو آهي. هو پاڻ ۽ پنهنجي پوئلڳن کي هدايت وارو ۽ بهشتي ٿو سڏي ۽ اسان کي مشرڪ، گمراهہ ۽ دوزخي ٿو سڏي. اها ڳالهہ اسان جي برداشت کان ٻاهر آهي. اسان سيئي گڏجي تو وٽ آيا آهيون تہ تون پنهنجي پائٽيي کي انهيءَ دين کان روڪ. جيڪڏهن کيس ڪا لالچ هجي تہ اسين اها پوري ڪريون. اگر کيس ڪا سهڻي زال گهرجي تہ پوءِ عرب جي جيڪا سهڻي عورت چوي. تنهن سان کيس شادي ڪرايون. جيڪڏهن کيس سون، چاندي، اُٺ گهوڙا گهرجن تہ اهي گڏ ڪري ڏيون ۽ ايجا بہ جي کيس بادشاهيءَ جو خيال هجي تہ اسين کيس ساري عرب جو بادشاهہ ڪري مڃڻ لاءِ بہ تيار آهيون. تون کيس سمجهاءِ، ٻيءَ صورت ۾ سندس مدد کان باز اچ تہ اسين کيس سختيءَ سان سمجهايون!

ابوطالب جو وفد کي جواب: ابوطالب، جڏهن وفد جون اهي ناجائز ڳالهيون ۽ گهُرون ٻُڌيون تہ هو سخت ڪاوڙجي ٻيو. وفد کي خطاب ڪندي چيائين تہ: جيڪڏهن توهان کي حضور عليہ السلام جن جي دين کان فرت آهي تہ هو پلي پنهنجي دين جي اشاعت ڪندو رهي. باقي توهان کي ڪو بہ حق ناهي تہ سندن ڪم ۾ رڪاوٽون

وجهو. آءٌ توهان کي کليل لفظن ۾ چوان ٿو تہ جيڪو محمد صلي الله عليہ وسلم جو دشمن آهي، اهو منهنجو دشمن اهي ۽ جيڪو هن جي دين جو دشمن آهي، آءٌ انهن جي دين جو دشمن آهيان!

ابو طالب جو اهڙو جواب ٻُڌي، وفد نااُميد ٿي ڪاوڙجي واپس هليو ويو. ابوطالب جڏهن ڏٺو تہ حضور عليہ السلام جن سان قريشن جي دشمني وڌي رهي آهي، تڏهن پنهنجن عزيزن جي ٻنهي پاڻن، بني هاشم ۽ بني عبدالمطلب کي گهرايائين ۽ کين سموري حقيقت کان واقف ڪيائين. کين اها ٻہ هدايت ڪيائين تہ هو هميشہ حضور جن جي معاونت ۽ حفاظت ۾ رهن. هنن سڀني ابوطالب کي يقين ڏياريو تہ: تون خاطري ڪر، اسين حضور جن جي مدد لاءِ هر طرح لاءِ تيار آهيون.

انهيءَ وقاعي کانپوءِ قريش قبيلي وارا حضور جن ۽ سندن اصحابن کي ايذاءَ رسائڻ ۽ تڪليفن ڏيڻ ۾ لڳي ويا.

قريشن جو حضور جن کي ايذاءُ رسائڻ

حضرت جابر بن عبدالله رضہ روايت ٿو ڪري تہ قريشن جڏهن حضور عليہ السلام جن جي ڪم ۾ روزبروز ترقي ڏٺي تہ خيال ڪيائون تہ هينئر حج جي موسم اچي ويئي آهي ۽ محمد صلي الله عليہ وسلم جن شهرت سڄي عربستان ۾ ٿي چُڪي آهي، هاڻي جيڪي ٻاهريان ماڻهو حج تي ايندا، سي ضرور ساڻس ملندا ۽ سندس راين ۽ خيالن کان واقف ٿيندا. هن جو ڪلام ايترو تہ موثر آهي جو جيڪو ٻہ ٻُڌندو، سو سندس گرويد، بنجي ويندو ۽ اهڙيءَ

طرح ساري عربستان ۾ سندس عزت ۽ رُتبو وڌي ويندو. پوءِ اسان جي ڳالهه کو به کو نه پُڌندو. تنهنکري اهڙي کا صورت اختيار ڪجي جو ٻاهرين ماڻهن تي سندس کو به اثر نه ٿئي.

هنن عتبہ بن ربيہ، جيکو تمام چالاک ۽ قابل شخص هو، تنهن کي چونڊيو ته جيئن هو اڳ ۾ ئي کنهن نموني سان حضور جن کي پنهنجي دين جي تبليغ کان باز آڻي پوءِ جي کامياب ٿيو ته ٺيڪ آهي، نه ته کا ٻي تدبير سوچبي. عتبہ، حضور جن جي خدمت ۾ ويو ۽ وڃي عرض ڪيائين ته: تون پلو آهين يا تنهنجو والد عبدالله؟ حضور جن کو جواب کو نه ڏنس. وري چيائين ته: تون بهتر آهي يا تنهنجو ڏاڏو عبدالمطلب؟ ان سوال جو جواب به کو نه مليس. پاڻ حضور جن فرمايس ته: تون پنهنجو مطلب پُڌاءِ؟ تڏهن عتبہ چيو ته: هينئر حج جي موسم اچڻي آهي ۽ ساري عربستان جا ماڻهو اچي گڏ ٿيندا. تون پنهنجي ٻيءُ ڏاڏي جي دين کي ڪٽي بدنام ڪيو آهي، سو عربستان جا ماڻهو اسان جي چٽرون ڪندا ته توهان سيئي قريش، هڪڙي ماڻهوءَ کي نه سمجهائي سگهيا آهيو. جيکو توهان جي دين جي بيعزتي ڪندو وتي! جيکڏهن توکي کا لالچ هجي ته اها پوري ڪريون. اگر بادشاهيءَ جو خيال هجئي ته به پورو ڪري سگهون ٿا. ڇو ته حج تي ساري عربستان جا ماڻهو اچي گڏ ٿيندا ۽ هو سڀ اسان سان شامل راءِ ٿي ويندا. تنهنکري عرض آهي ته تون پنهنجي تحريک کان باز اچ، نه ته به هن وقت ڪيڏانهن هليو وڃ يا ته کنهن به ٻاهران آيل ماڻهوءَ سان نه ملج!

حضور جن جواب ۾ فرمايس تہ: تنهنجو ڪلام ٻُڌم، هاڻي منهنجو ڪلام ٻُڌ! پوءِ حضور جن فرمايو تہ:

حٰمٓ ﴿۲﴾ تَنْزِيْلٌ مِّنَ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ﴿۳﴾
كِتٰبٌ فُصِّلَتْ اٰيٰتُهٗ قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا
لِّقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿۴﴾

ترجمو: مان پنهنجي خودغرضي لاءِ ڪجهہ بہ نہ ڪري رهيو آهيان. مان جيڪي بہ ٻُڌايان ٿو سو نهايت مهربان ۽ ڀاجهاري جو نازل ڪيل آهي. اهو وڏي تفصيل وارو ڪتاب آهي (انسان جي بهتري لاءِ دين دنيا ۾ ڪا بہ اهڙي ڳالهہ ڪانهي جا منجهس موجود نہ هجي). اهو عربي ۾ قرآن آهي، سمجهہ واري قوم لاءِ فائدي وارو آهي (القرآن، 41: 1_4).

حضور عليہ السلام جن نهايت سهڻي لهجي سان قرآن ڪريم پڙهي رهيا هئا ۽ عتبہ غور ۽ فڪر سان ٻُڌي رهيو هو. جڏهن حضور جن قرآن پڙهي پورو ڪيو تہ عتبہ بس ڪري هليو ويو ۽ پنهنجي قوم وارن ڪي وڃي چيائين تہ: مون ڪي قسم آهي خدا جو تہ هُن جو ڪلام وڏي شان وارو آهي ۽ هن سان مقابلو ڪرڻ اجايو آهي. هن ڪي ڇڏي ڏيو. جيڪڏهن هو عربستان ۾ مشهور ٿي ويو ۽ عرب سندس مقابلو ڪري ڪيس جيتي ويا تہ پوءِ توهان جو مطلب پورو ٿي ويندو. پر جيڪڏهن هو عربن تي غالب پئجي ويو تہ بہ هو توهان جو نسبتي ڀاءُ آهي ۽ هن جي عزت، توهان جي عزت ليکبي. قريش عتبہ ڪي چيو تہ:

توتي بہ هن جو جادو ٿي ويو آهي. پوءِ هنن تدبير سوچي تہ کيس تڪليفون ڏيئي تنگ ڪريون تہ جيئن هو باز اچي.

بيبي عائشہ صديقہ، حضور عليہ السلام کان روايت ٿي ڪري تہ: آءٌ بن ٻڇڙن پاڙيسرين ابولهب ۽ عقبہ بن ابي معيط جي وچ ۾ هيس. رات ڏينهن هنن جو ڪم هو مون کي تڪليفون ڏيڻ، گهر ۾ گند ڪِچرو اڇلائڻ ۽ رستي ۾ ڪنڊا ڇِٽا ڪرڻ وغيره.

طارق بن عبدالله چوي ٿو تہ: هڪ ڀيري، عرب جي هڪ بازار ذوالمجاز ۾ ڏٺم تہ هڪڙو جوان وڃي پيو ۽ سندس پويان هڪڙو مڙس ڪيس پٿر هڻندو پيو وڃي، جنهنڪري هُن جا پير رت مان ڳاڙها ٿي ويا هئا، مگر هو جوان چوندو پيو وڃي: يٰاَيُّهَاالنّاسُ قُولُوا! لآاِلٰه اِلَّا اللهُ تُفلِحُو (اي انسانو، چئو تہ الله کانسواءِ ٻيو ڪو بہ معبود بالحق ڪونہ آهي تہ (جهنم کان) ڇُٽي ويندئو). پويون مڙس، جيڪو حضور جن کي پٿر هڻندو پئي ويو، سو چوندو ويو تہ: اِنَّه كَذّابَ فَلَا تَصَدَّقُوهُ (هي ڪوڙو آهي، متان هن جي تصديق ڪريو). پُڇا ڪيم تہ اهي ڪير آهن تہ معلوم ٿيو تہ اهو اڳوين جُوان محمد بن عبدالله آهي، جنهن نبوت جي دعويٰ ڪئي آهي ۽ پويان جيڪو ڪيس پٿر هڻندو وڃي، سو سندس چاچو ابولهب آهي.

عائشہ رضہ فرمائي ٿي تہ هڪ ڏينهن حضور جن کي عرض ڪيم تہ: سائين، جهڙو توتي جنگ احد ۾ قريش ظلم ڪيو، تنهنجا ڏند مبارڪ شهيد ٿي ويا ۽ تون سڄو خون آلوده ٿي وئين. ان کان اڳ بہ ڪڏهن هنن توسان اهڙا ظلم ڪيا؟ پاڻ فرمايائون تہ: هائو هڪڙي

ڏينهن هڪڙي قريشن جي ميڙ ۾ وڃي نڪتس. گهٽا ماڻهو ڏسي خيال ڪيم ته ڪين خدا تعاليٰ جي توحيد ٻُڌايان، من ڪو مسلمان ٿي پويا! اهو خيال ڪري مون پنهنجو وعظ شروع ڪيم ته هنن يڪدم مون تي پٿر وسائڻ شروع ڪيا. تان جو منهنجي ساري بدن مان رت وهڻ لڳو جنهن ڪُڙيون وڃي ورتيون. پوءِ اچي هڪڙي ڪُنڊ ۾ ويهي، پنهنجي رب کي ٻاڌايم ته تنهنجي توحيد جي تبليغ سبب منهنجو هي حال ٿيو آهي، تون ئي سَمِيعُ بَصِيرُ (ٻُڌندڙ ۽ ڏسندڙ) آهين.

اتي جبرئيل نازل ٿيو. جنهن سان هڪ ٻيو ملائڪ به هو. جبرئيل چيو ته هي ملائڪ هن جبل جو موڪل (سنياليندڙ) آهي ۽ هي جبل سندس حڪم ۾ آهي. الله تعاليٰ ڪيس توڏي موڪليو آهي ته تون جيڪو حڪم ڪندين اهو بجا آڻيندو. پوءِ هُن ملائڪ چيو ته: جيڪڏهن حڪم ڏيو ته مڪي جا ٻيئي جبل پاڻ ۾ ملائي ڇڏيان ته جيئن مڪي وارن مان هڪڙو ٻچو به نه بچي ۽ قيامت تائين وري آباد نه ٿين! مون چيو ته: امرالله يخرج من اصلابهم من يعبدالله وحده لاشريک له (شايد الله تعاليٰ انهن جي پيٽ مان ڪي اهڙا انسان پيدا ڪري، جيڪي الله تعاليٰ کي وحده لشريک له ڪري مڃين، تنهنڪري آءٌ نٿو گهران ته هنن تي ڪو عذابِ الاهي نازل ٿئي).

هڪ ڏينهن پاڻ ڪريمن، بيت الله شريف ۾ طواف پئي ڪيو ته قريشن جا ڪي شرير ماڻهو گڏجي اتي آيا ۽ چادر وٽَي، حضور جن جي گردن مبارڪ ۾ وجهي کين گهُٽڻ لڳا. حضرت ابوبڪر صديق کي اها خبر پئجي وئي، جنهن اچي کين ڇڏايو ۽ هنن کي چوڻ لڳو ته:

اَتَقتلُون رَجُلا اَن يّقولَ رَبِّي اللهُ، وَقَد جَائَكُم بِالبَيِّناتِ مِن رَّبّكُم (ڇا اهڙي مڙس کي ٿا قتل ڪريو جيڪو چوي ٿو تہ منهنجو ربّ الله آهي، جنهن توهان وٽ پنهنجي ربّ وٽان معجاز آندا آهن!) پوءِ هُنن حضور عليہ السلام کي ڇڏي، اچي حضرت ابوبڪر صديق کي ورتو. ڪيس اهڙو تہ ماريائون جو هو بيهوش ٿي ويو ۽ سندس عزيز ڪيس گهر کڻائي ويا.

هڪڙي ڀيري حضور عليہ السلام جن اندر حرم ۾ پئي نماز پڙهي تہ ابوجهل، اُٺ جي هڪ اوجهري کڻائي، گهٽن لُڇن قريشن سان گڏجي اچي نڪتو. جڏهن حضور جن سجي ۾ ويا تہ اها اوجهري کڻي مٿانئن اڇلايائون. عبدالله ابن مسعود چوي ٿو تہ: مون بہ پري کان پئي ڏٺو ۽ رُنو، پر مون کي جرات ئي نہ پئي ٿئي جو حضور جن جي گُردن تان اوجهري لاهيان، چو تہ هو بدمعاش سنڀريا بيٺا هئا تہ جيڪو بہ اچي تنهن سان وڙهن. ايتري ۾ ڪنهن ماڻهوءَ وڃي حضور جن جي نياڻي فاطمہ زهره رضہ کي خبر ڏني، جيڪا ڊوڙندي آئي ۽ حضور عليہ السلام جن جي مٿان اچي اوجهري هٽايائين ۽ ڪافرن کي بدشد ڳالهايائين. حضور جن انهن بدمعاشن جا نالا ونڀي، کين هنن لفظن سان بددُعا ڪئي: "اللّٰهم عليک بابی جهل بن هشام، عتبه بن ربيع وَ شيبه بن ربيع، وليد بن عتبه و عتبه بن ابی معيط و ابی بن خلف و عمارت بن الوليد لعنت الله عليهم اجمعين". عبدالله بن مسعود روايت ڪري ٿو تہ: قسم آهي الله جو تهي اهي سمورا شخص، جن جا نالا ونڀي حضور جن کين بددُعا ڪئي، سي سمورا بُڇڙي موت مُئا، گهٽا بدر ۾ قتل ٿيا ۽ بدر جي ڪڍ ۾ اڇلايا ويا ۽ ڪي وري ٻئي هنڌ نهايت خوار خراب ٿي مُئا.

قريشن جو غريب اصحابن کي ايذاءُ ڏيڻ: محمد اسحاق رحہ فرمائي ٿو تہ: ابوطالب جي حياتيءَ ۾ قريش، حضور عليہ السلام ۽ ٻين پنهنجي پُٺ، ذات ۽ قبيلي وارن وڏن اصحابن کي تہ گهڻا ايذاءُ ڏيئي نٿي سگهيا، تنهنکري هيٺن ۽ غريب اصحابن تي ظلم کرڻ شروع کري ڏنائون.

حضرت بلال رضہ کي ايذاءُ ڏيڻ: حضرت بلال، اُميہ بن خل فجو خانہ زاد غلام هو (سندس پيءُ رياح ۽ ماءُ حمامہ هئي). اُميہ وڏو شاهوکار هوندو هو. کيس پُٺ بہ گهڻا هئا. ٻارهن ٻانها هئس، جن مان بلال سيني مان پيارو هئس. حضرت بلال تي خدمت هئي تہ هو بيت الصنم (بُتخاني) ۾ وجي بُتن جي شيوا ۽ چنڊ ڦوک کندو رهي. جڏهن الله تعاليٰ کيس ايمان جي دولت سان مالا مال کيو، تڏهن هو بُتن کي شيوا ۽ چنڊ ڦوک بدران ٻئي موچڑا هڻي چڏيندو هو ۽ مٿن گاروگند اڇلائي ايندو هو.

اُميہ کي جڏهن اها خبر پيئي تہ هن چيس تہ: اتسجد لرب محمّد؟ (تون محمد صلي الله عليہ وسلم جي ربّ کي ٿو سجدو کرين؟) حضرت بلال چيس تہ: اَسجدُ الله الکبيرَ المُتَعال (آءٌ الله تعاليٰ کي، جو سڀ کان وڏو ۽ مٿاهون آهي، سجدو ٿو کريان) انهن لفظن ڄڻ اُميہ جي سيني ۾ تِير هڻي کڇيو. يکدم حکم ڏنائين تہ: هن کي کاپار جو رسو ڳچيءَ ۾ وجهي، لُڇن ڇوکرن جي حوالي کريو ۽ گهوگها ڏيئي گهٽينس ۽ پوءِ وري انتهائي تتل وارِي ۽ گرم پٿرن تي (جن تي اگر ڪُچو گوشت رکجي تہ بہ پچي کباب ٿي پوي)

سُمهاري، هت پَير ڪِلن ۾ پَڌي وري مٿان بہ گرم پٿر رکي ڇڏيوس! حضرت بلال سان روزانو اهڙي انسانيت کان ڪِريل هلت ڪئي ويندي هئي. ڪيس چوندا هئا تہ لات ۽ عزيٰ تي ايمان آڻ، پر هو چوندو هو: احدًا اَحدًا (هڪ هڪ يعني هڪ الله تي ايمان آندو اٿم).

هڪڙي ڏينهن حضرت ابوبڪر صديق رضہ انهيءَ هنڌان اچي لنگهيو جتي حضرت بلال پَڌو پيو هو ۽ مٿس سخت عذاب پئي ڪيو ويو. صديق اڪبر کي مٿس ڏاڍو رهم آيو. سو اُميہ کي چيائين تہ جيڪو غلام لآاِلٰهَ اِلَّا اللهُ ٿو چي، ان مٿان تون اهڙو عذاب ٿو روا رکين؟ اُميہ چيو: هي منهنجو غلام آهي، توهان ماڻهن هن کي بُتن کان بيزار ڪري عذاب ۾ گرفتار ڪرايو آهي. جيڪڏهن مٿس رحم ٿو اچئي تہ کڻي مون کان خريد ڪر! حضرت صديق اڪبر، هڪڙو غلام نصراني ۽ سونَ جا ڏهہ اوقيہ ڏئي حضرت بلال کي خريد ڪيو. (اوقيہ، عرب جو وزن آهي ۽ موجوده وقت ۾ عرب پنجن تولن کي اوقيہ سڏيندا آهن). اُميہ حضرت صديق اڪبر تي کلڻ لڳو. حضرت صديق اڪبر کلڻ جو سبب پڇيس تہ چيائين: تون مون کي هڪ درم (پائلي) ڏين ها تہ بہ ڏئي ڇڏيان۽ ها. تڏهن صديق اڪبر چيس تہ: مون کي تہ هينئر بہ تمام سستو پيو آهي. جيڪڏهن تو چوين ها تہ سموري ملڪيت گهرجي تہ بہ ڏئي ڇڏيان۽ ها. پوءِ حضرت صديق اڪبر، حضرت بلال کي سُتت نوان ڪپڑا پهرائي، آڻي حضور عليہ السلام جد دربار ۾ حاضر ڪيو ۽ چيائين تہ: اِنِّہ لحُرُ وجہ الله (الله تعاليٰ جي راهہ ۾ ڪيس آجو ڪيم) پوءِ صديق اڪبر جي شان ۾ انهيءَ ڪري ئي سوره واليل

نازل ٿي. اَلَسوفَ عَرضيٰ سُتت الله تعاليٰ مٿس راضي ٿيندو جو ڏاڍ مليس.

حضرت عمار، سندس پيءُ ياسر ۽ ماءُ سُميَہ کي ايذاءُ ڏيڻ: بني محزم جي رئيس حضرت عمار سندس والد حضرت ياسر ۽ سندس ماءُ بيبي سميہ کي بہ قريش طرح طرح جا عذاب ڏيندا هئا. کين اگهاڙو ڪري، تتل واريءَ ۾ گرم پٿرن تي پَڌي ڇڏڻ تہ رواجي ڳالهہ هئي. کين تهڻئي چوندا هئا تہ لات ۽ عزيٰ کي مڃيو، پر هو هميشہ چوندا هئا تہ: وَحدَہ لآ شَرِيکَ لَہ کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي نہ مڃيندا سون.

هڪڙي ڏينهن پاڻ حضور جن اُتان اچي لنگهيا، جتي هنن سڳورن کي عذاب ٻئي ڏنائون. هنن کي ڏسي حضور جن فرمايو تہ: صَبراً يآآلِ يَاسِر فَاَن مَوعِدُکُم الجَنّہ (ياسر جي آل صبر ڪريو، توهان لاءِ بهشت جو وعدو ڏنل آهي).

هڪڙي ڏينهن ابوجهل لعين، بيبي سميہ کي اگهاڙو ڪري سندس شرمگاهہ ۾ نيزو هنيو، جنهنڪري هوءَ شهيد ٿي ويئي. حضرت ياسر کي بہ عذاب ڏيئي قتل ڪيو ويو. اسلام جي لاءِ جن سڀ کان پهرين سهادت جو شربت پيتو، سي اهي ئي سڳورا هئا. حضرت عمار ڪفارن جي خوف کان ظاهري زبان تي ڪفر جا ڪلما جاري رکيا، مگر سندس دل ايمان تي قائم هئي. اها خبر جڏهن حضور جن جي دربار ۾ پهتي تہ پاڻ فرمايائون تہ: عمار مڙس آهي. هڪڙي ڏينهن عمار حضور جن جي دربار ۾ پهچي پنهنجو احوال ڏئي بيان ڪيو ۽ ان وقت هو زار زار ٻئي رُنو، پاڻ سڳورن پنهنجن هٿن سان اُٿي سندس

ڳوڙها پئي اُگهيا. سندس شان ۾ وحي نازل ٿيو: اِلآ مَن اُكرِه وَقَلبَهُ مُطمَئِنٌ بِالاِيمَانِ (اهو مومن آهي جنهن تي زور آڌي ڪفر جا ڪلما چوايائون. سندس قلب ايمان تي قائم آهي).

اصحابن سڳورن جي حبش ڏانهن هجرت

نبوت کي پنج سال اچي پورا ٿيا، پر قريشن به اصحابن جي ايذائڻ ۾ ظلم ڪرڻ ۾ ڪين گهٽايو. سندن ظلم روز بروز وڌندا ٿي ويا. اصحابن سڳورن کي جڏهن قريشن جي ظلمن تمام گهڻو تنگ ڪيو، تڏهن گڏجي حضور عليه السلام جن جي دربار ۾ ويا ۽ عرض ڪيائون ته: بهتر آهي ته اسان کي اجازت ڏيو ته ڪنهن ٻئي ملڪ ڏي هجرت ڪري وڃون، جتي الله تعاليٰ جي عبادت به فراغت ۽ آسانيءَ سان ڪري سگهون ۽ قريشن جي ظلمن کان به نجات حاصل ڪريون. حضور جن سندن عرض تي غور ۽ فڪر ڪري کين هجرت جي اجازت ڏني. حضرت ابوبڪر صديق عرض ڪيو ته: هي ڀلا ڪهڙي ملڪ ڏانهن هجرت ڪن؟ پاڻ فرمايائون ته: حبش ڏانهن، جو ته اُتان جي آب و هوا سٺي آهي. مسافت ٿوري آهي ۽ اوڏانهن آمدورفت به اڃي ئي جاري آهي. پوءِ پندرهن مرد ۽ چار زالون هجرت لاءِ تيار ٿيا. سندن نالا هي آهن: (1) عثمان بن عفان ۽ سندس بيبي صاحبه رقيه بنت رسول الله، (2) ابو حذيفه بن عتبه بن ربيعه پنهنجي عورت مسمات شهله بنت سهل بن عمرو سان، (3) زبير ابن عوام، (4) مصعب بن حمير، (5) عبدالرحمان بن عوف، (6) ابو سلمه بن عبدالاسر ۽ سندس

عورت مسمات اُم سلمہ بنت اصد بن مغيره، (7) عثمان بن مظعون، (8) عامر بن ربيعہ پنهنجي عورت مسمات ليلي بنت ابو جشيمہ سان، (9) ابوسبزه بن ابي رحم، (10) حاطب بن عمرو بن عبدالشمس، (11) حارث ابن سهيل. اهي ماڻهو بروقت تيار ٿيا. انهن جو امير حضرت عثمان بن عفان کي مقرر ڪيائون ۽ ڪيس پنهنجي نياڻي رقيہ خاتون جي پارت ڪيائون تہ رقيہ ۽ تون هڪڀئي کان جدا جالي نہ سگهندا، تنهنڪري پلي پيئي وڃو. في امان الله! پاڻ حضور جن فرمايو تہ حضرت ابراهيم ۽ حضرت لوط جي هجرت بعد هيءَ ٽين هجرت آهي، جنهن ۾ منهنجي نياڻي بہ شامل آهي.

مهاجرن جي اها جماعت درياءَ جي ڪناري تي پهتي تہ حبش وڃڻ واري پيڙي تيار ملين، سو اُن ۾ سُوار روانا ٿيا. قريشن کي خبر پئي تہ اصحاب هجرت ڪيو ٿا وڃن، سي هنن کي ايذائڻ لاءِ هنن جي پويان پڳا، پر مهاجر اڳ ۾ ئي اُتان روانا ٿي چُڪا هئا، انڪري کين شرمسار ٿي پوئتي پيو. اها هجرت، نبوت ملڻ کان پنجين سال، ماه رمضان شريف ۾ ٿي.

صلح جو پُڌي، مهاجرن جو حبش کان موٽڻ: رمضان شريف جي پوين تاريخن ۾ مهاجرن پُڌو تہ حضور عليہ السلام جن جو قريشن سان صلح ٿيو آهي ۽ هاڻي مومنن تان ظلم ۽ ايذاءَ بند ڪري ڇڏيا اٿن. اهو پُڌي مهاجرن کي وطن جي حُب ۽ حضور عليہ السلام جن جي سڪ مجبور ڪيو تہ واپس وطن ڏانهن موٽن ۽ حضور جن جي خدمت ۽ زيارت جو شرف ۽ بيت الله شريف ۾ عبادت جو وڏو ثواب حاصل

ڪن. ان خيال کان هو شوال ۾ واپس اچي مڪي معظم ۾ پهتا، مگر پهچڻ سان خبر پيين تہ مشرڪن غلط فهميءَ ڪري صلح ڪيو هو ۽ جڏهن خبر پيين تہ قرآن ڪريم ۽ حضرت محمد عليہ السلام جن بُتن جي مذمت ڪئا ڪن تہ هنن صلح رد ڪري، وري پنهنجون شرارتون شروع ڪري ڏنيون آهن. اهو ٻُڌي مهاجر موتي پنهنجن مائٽن، مُشرڪ قريشن وٽ وڃي امانَ ۾ رهيا. هنن کين امانَ ڏني، پر چند ڏينهن بعد جڏهن مشرڪن، اصحابن جي دين جي ڪمن ۾ سرگرمي، ڪوشش ۽ ترقي ڏٺي تہ پنهنجي ذميواري ۽ امانُ واپس ورتائون. مهاجرن ۽ اصحاب بہ سندن امانَ مان بيزار ٿي چُڪا هئا، تنهنڪري هو آزاد رهڻ لڳا، مگر مُشرڪن هنن تي وڌا ظلم شروع ڪري ڏنا.

جيڪي مهاجر اڳي حبش ۾ رهي، آرام سان وقت گذاري آيا هئا، انهن کان حضور جن حبش جو حال احوال پڇيو. هنن چيو تہ: حبش ۾ غريبن لاءِ مسافرخانا آهن، جتي مسافرن جي کاڌي خوراڪ ۽ رهائش جو بندوبست آهي. اُتي جي آب و هوا پڻ تمام خوشگوار ۽ باعثِ صحت آهي. اُتي جي بادشاهہ نجاشيءَ اسان جي نهايت دلجوئي ڪئي ۽ اسان کي مهمان جي حيثيت سان رکيائين. انڪري اسان جو خيال آهي تہ وري اوڏانهن هجرت ڪجي. انهن جي خواهش 0سي حضور جن سندن عرض قبول ڪيو ۽ کين اجازت ڏيڻ فرمائي تہ هو پلي ٻيهر حبش ڏانهن هجرت ڪن.

حبش ڏي ٻيهر هجرت ڪرڻ: واقدي روايت ٿو ڪري تہ: هن ڀيري تمام گهٽا اصحاب هجرت لاءِ تيار ٿيا. ڪل ٻياسي مردن ۽

ايڪيهن عورتن هجرت ڪئي. جڏهن قريشن کي خبر پئي تہ نجاشي هنن کي تمام گهٽي عزت ۽ تعظيم سان اتي رهايو آهي تہ هنن جي دل ۾ حسد جي باهہ پڙڪو ڪاڏو. هنن صلاح ڪئي تہ ڪنهن بہ نموني نجاشيءَ تي اثر وجهجي تہ مهاجر کين واپس ڏياريا وڃن. پوءِ هنن بہ ماڻهو منتخب ڪيا، جيڪي نهايت چالاڪ ۽ اميرن وٽ ايندل ويندل هئا، تہ جيئن هو حبش وڃي نجاشيءَ سان ملي پنهنجي مدعا حاصل ڪن.

عمر (عمرو) بن العاص ۽ عماره بن وليد جو حبش وڃڻ: قريشن عمرو بن العاص ۽ عماره بن وليد کي نهايت عمده تحفا تحائف گڏ ڪري ڏنا تہ حبش وڃي بادشاه نجاشيءَ کي ڏين ۽ ڪائنس ماهجرن جي واپسيءَ جو مطالبو ڪن، تہ جيئن مهاجر سندن حوالي ٿين. هي جڏهن اُتي پهتا تہ پهرين نجاشيءَ جي اميرن وزيرن سان مليا ۽ انهن کي تحفا تحائف ڏيئي پاڻ سان شامل ڪري ڇڏيائون، ان بعد هنن بادشاهہ تائين رسائي حاصل ڪئي. سندن خبر دربار ۾ پيش ٿي تہ کين دربار ۾ حاضر ٿيڻ جو موقعو مليو. پيئي قاصد اچي دربار ۾ حاضر ٿيا ۽ بادشاهہ اڳيان تعظيم جا سجدا ڏيئي تحفا پيش ڪيائون. نجاشيءَ جڏهن ڪائنس حال احوال پڇيو تہ هنن چيو: اسان جي شهر مڪي معظم ۾ بني هاشم قبيلي مان هڪ جادوگر مرد پيدا ٿيو آهي جنهن هڪ نئون دين پيدا ڪيو آهي. هن نبوت جي دعويٰ ڪئي آهي ۽ اڪثر جيڪي ٻالا ٻولا ماڻهو آهن تن تي هن جو جادو اثر ڪري ويو آهي ۽ هُنن سندس دين قبول ڪري ورتو آهي. اسان جڏهن کين منع

ڪئي تہ وڃي پڳا، جن مان ڪي اسان جا قومي ماڻهو توهان وٽ آيا آهن ۽ اسان کين واپس وڃڻ آيا آيهون. توهان مهرباني ڪري اسان جا ماڻهو اسان جي حوالي ڪريو. نجاشيءَ عمرو بن العاص کين پڇيو تہ: انهيءَ مرد جو نالو ڇا آهي، هُو ڪهڙا ڪم ٿو ڏَسي ۽ ڪهڙن ڪمن کان منع ٿو ڪري؟ عمرو چيو تہ: هن جو نالو تہ محمد (صلي الله عليہ وسلم) آهي پر مذهب ڪو بہ ڪو نہ اٿس. تڏهن نجاشيءَ چيو تہ: جنهن ماڻهو جو ڪو مذهب ئي ڪونهي، ن جا ٻيا ماڻهو ڪيئن تابع ٿيندا! پوءِ چيائين تہ: آءٌ هڪ مجلس تيار ڪرائي ٻنهي ڌُرين کي سڏيندس تہ جيئن پلي هر ڪو پنهنجو طرف پيش ڪري.

پوءِ نجاشيءَ حڪم ڏنو تہ هڪ مجلس مقرره وقت تي تيار ٿي. نجاشيءَ پنهنجي نصراني دين جا علماءَ گهرايا ۽ مهاجرن کي بہ پنهنجي طرفان پنهنجو اڳواڻ چونڊي ان جي معرفت گفتگو ڪرڻ جو موقعو ڏنو. مهاجرن حضرت جعفر طيار کي پنهنجو اڳواڻ چونڊيو.

مهاجرن جو نجاشيءَ جي دربار ۾ پيش ٿيڻ: مهاجر جڏهن دربار ۾ آيا تہ دستور موجب هنن تعظيم جو سجدو ڪون ڪيو. بلڪ سِڌا سنوان اچي بيهي رهيا. تنهن تي درباري اميرن وزيرن اعتراض ورتو تہ: توهان بي ادب آهيو. توهان بادشاهہ کي تعظيم جو سجدو ڇو نہ ڪيو؟ حضرت جعفر طيار جوب ڏنو تہ: اسان جي نبي ڪريم اسان کي سمجهايو آهي تہ هڪ وحده لاشريڪ لہ کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ مخلوق کي سجدو ڪرڻ جائز نہ آهي، تنهنڪري اسان سجدو ڪو نہ ڪيو ۽ نہ ڪنداسين. نجاشيءَ چيو تہ: هي سچ ٿو چوي. پوءِ حضرت

جعفر طيار کي چيائين تہ: قريش جا قاصد آيا آهن تہ تهوان کي انهن جي حوالي ڪيو وڃي. حضرت جعفر چيو تہ: ڪانئس پڇو تہ اسان سندن ٻانها آهيون يا اسان جي ذمي هنن جو قرض آهي يا ڪو اسان دنگو فساد يا خون ڪري، مجرم بنجي پڃي آيا آهيون؟

عمرو چيو تہ: هي اسان جا غلام نہ آهن بلڪ ٻاهر آهن. نہ مٿن اسان جو ڪو قرض آهي ۽ نہ هي خوني يا ڏوهي ٿي پڃي آيا آهن پر هنن پنهنجن ابن ڏاڏن جي دين کان ڦري هڪ نئون دين اختيار ڪيو آهي ۽ اسان کي دنيا ۾ بدنام ڪيو آهي. اسان هنن کي وري موٽائي پنهنجي دين ۾ شامل ڪنداسين تہ جيئن اسان جي قوم ۾ جيڪا اتفاق جي طاقت آهي سان ختم نہ ٿئي ۽ نہ اسان جو شيرازو بکڙجي وڃي!

حضرت جعفر جي تقرير: حضرت جعفر جواب ڏنو تہ: اسان جي قوم جاهاليت ڪري برباد ٿي چُڪي هئي. اسان بُتن جي عبادت ڪندا هئاسين. اخلاقي حيثيت ۾ بہ اسان تمام پُست هئاسين. زنا، جُوا ۽ ظلم اسان جو پيشو هو. اسان مان هڪ عالي نسب ۽ اعليٰ اخلاقن وارو حضرت محمد ابن عبدالله صلي الله عليہ وسلم نبي مرسل ٿي آيو آهي، جنهن اسان کي بُتن جي عبادت کان روڪي، هڪ وحده لا شريڪ لہ جي عبادت جي هدايت ڪئي آهي. هن اسان کي بچڻن ڪمن کان روڪي، چڱن ڪمن ڏانهن مائل ڪيو آهي. هو پاڻ بہ سچو ۽ امانت وارو آهي ۽ اسان کي بہ سچائي ۽ ايمانداريءَ جي هدايت ڪئي اٿس. مٿس الاهي ڪلام نازل ٿئي ٿو. اسان هنن قريشن

جي ظلم کان پڄي اچي تو وٽ امان ورتي آهي، تون اسان کي هنن ظالمن جي حوالي نہ ڪر. اسان تنهنجي سايہ دولت ۾ رهي پنهنجي زندگي آرام سان گذارڻ گهرون ٿا.

نجاشي چيو تہ: جيڪو ڪلامِ الاهي توهان جي رسول تي نازل ٿيل آهي ان مان ڪجهہ ڄاڻين تہ پُڌاءِ! حضرت جعفر سوره مريم شروع ڪئي. جڏهن هن آيت تي پهتو تہ:

فَكُلِي وَاشْرَبِي وَقَرِّي عَيْنًا

ترجمو: کاءُ ۽ پيءُ پنهنجون اکيون ٺار (القرآن، 19: 26). تہ نجاشي زار زار روئڻ لڳو ۽ جيڪي نصراني علماءَ موجود هئا، سي بہ روئڻ لڳا. چيائون تہ هي اهو نبي مرلس آهي جنهن جي اچڻ جي بشارت حضرت عيسيٰ انجيل ۾ ڏني آهي تہ:

وَمُبَشِّرًا بِرَسُولٍ يَأْتِي مِنْ بَعْدِي اسْمُهُ أَحْمَدُ

ترجمو: مبارڪ ڏيندڙ آهيان انهيءَ رسول الله جي جيڪو منهنجي پويان ايندو، جنهن جو نالو هوندو احمد (صلي الله عليہ وسلم) (القرآن، 6: 61).

عمرو ۽ عماره کي نجاشي چيو تہ: پنهنجا تحفا تحائف واپس نِيو. آءٌ رشوت وٺي سچي ۽ پاڪ دين جا تابع ۽ خدا جا ٻانها توهان جي حوالي ڪو نہ ڪندس! پوءِ عمرو ۽ عماره اُتان ناميد ٿي واپس موٽيا.

نجاشيءَ جو ايمان آڻڻ

قريشن جي قاصدن جي موٽي ويڙ بعد نجاشيءَ مخفي طور پنهنجا قاصد حضور عليہ السلام جن جي دربار ۾ موڪليا ۽ پنهنجي ايمان آڻڻ جي خبر ڏياري موڪليائين تہ مون الله تعاليٰ وحده لا شريڪ لہ تي ايمان آندو ۽ توهان کي الله تعاليٰ جو رسول ڪري مڃيو آهي. حضور عليہ السلام جن سندس ايمان قبول فرمايو ۽ ان بعد طرفين کان خط خطوط اچڻ ويڙ لڳا.

هڪ ڀيري نجاشي نصرانيءَ، وڏا امير امراءَ ۽ نصراني علماءَ گڏ ڪري هڪ مجلس سڏائي ۽ حاضرين کي خطاب ڪندي چيائين تہ: منهنجي دل شاهدي ٿي ڏئي تہ حضرت محمد عليہ السلام الل تعاليٰ جو نبي مرسل آهي. اسان سڀئي ان تي ايمان آڻيون ۽ آخرت جي عذاب کان نجات حاصل ڪريون. نجاشيءَ جا اهي لفظ ٻڌي اهل مجلس يڪ آواز ٿي چيو تہ: اسان پنهنجو دين ڪو نہ ڇڏينداسين. تڏهن نجاشيءَ کين چيو تہ: مون توهان کي آزمايو ٿي تہ توهان پنهنجي دين تي ثابت قدم آهيو يا نہ؟ مان بہ پنهنجي دين تي قائم آهيان. توهان خاطري ڪريو!

آخر اڳتي هلي نجاشيءَ پنهنجو ايمان ظاهر ڪيو ۽ مهاجرن سان نهايت چڱي سلوڪ سان پئي هليو.

حضرت حمزه بن عبدالمطلب جو ايمان آڻڻ

نبوت کانپوءِ ڇهين سال جو واقعو آهي تہ هڪڙي ڏينهن حضور جن صفا جبل ڏي ويا، جتي قريشن بُت جي عبادت پئي ڪئي ۽ بُت

کان دعا پئي گهرياٿون تہ: محمد (صلي الله عليہ وسلم) بُتن جي عبادت کان منع ٿو ڪري، تنهن کي جلد ڪو سخت نقصان رسايو. پاڻ ڪريمن جڏهن سندن ميڙ ڏنو ۽ مٿيان الفاظ ٻُڌا تہ کين فرمايائون تہ: اهڙي بُت جي پوڄا ٿا ڪريو جيڪو توهان کان بہ گهٽ آهي. توهان ڏسو ۽ ٻُڌو ٿا پر هو نہ ڏسي ۽ نہ ٻُڌي ٿو. الله تعاليٰ وحده لا شريڪ لہ جيڪو ٻُڌندڙ ۽ ڏسندڙ آهي، تنهن کي ڇڏي بُتن جي پوڄا ڪرڻ حماقت نہ آهي تہ ٻيو ڇا آهي؟ ابو ٻُڌي ابوجهل لعين، عدي بن حمراء ثقيفي ۽ وصد بن نرملي حضور جن کي سامهان ٿيا ۽ کين ايترا تہ ڏڪ هنيائون جو سندن منهن مبارڪ رتورت ٿي ويو. پاڻ فرمايائون تہ: يا مَعشرَ قريش! لم تضربُوانِى وَ اِنى رَسُولُ الله اِليكُم (اي قريشن جي جماعت، مون کي ڇو ٿا ماريو؟ مان تہ توهان ڏي الله تعاليٰ جو رسول تي آيو آهيان).

پاڻ ڪريم جن پوءِ ڪعبت الله شريف جي ڪُنڊ ۾ وڃي ويهي رهيا. بيبي خديجتہ الڪبريٰ رضہ کي جڏهن اها خبر پئي تہ هوءَ روئيندي رڙيون ڪندي حضور جن جي خدمت ۾ پهتي. حضور جن جي منهن مبارڪ تان خون بہ ڏوتائين ۽ چيائين تہ: وَانكِرُوا مَعرِفَتُكَ حبيبى محمّد! لا يَعلمُونَ اِنّكَ رَسُولُ اللهِ اِلَيهِم (اي منهنجا پيارا محمد عليہ السلام توکي تنهنجي قوم ڪو نہ سڃاتو، هو نٿا ڄاڻن تہ ڪو تون انهن ڏانهن الله تعاليٰ جو رسول ٿي آيو آهي).

حضرت حمزہ رضہ شڪار جي خيال سان باهر ويو. هڪڙي هنڌ هڪڙي هرڻي ڏٺائين. ڪيس تير هڻڻ تي هو تہ هرڻي هن ڏانهن مُنهن

ڪري چيو تہ: تَرمِي بِالسهُم اِليَّ وآلآ تُرمِي اِليٰ قَاتِل ابن اَخِيکَ لَو رَميتَ هذا لسَّهُمَ اِليٰ قَاتِل ابَنَ اَخِيکَ لَکَانَ خَيرَا (مون کي تير ٿو هڻين پنهنجي ڀائيٽي جي مارينڊڙ کي نٿو هڻين! هي تير جيڪڏهن انهن کي هڻين ها تہ ڇڳو هو). حضرت حمزو عجب ۾ پئجي ويو. هرڀي کي ڇڏي گهر آيو. احوال پڇيائين، سمورو احوال مليس. ماني ڏنائونس تہ چيائين: تيسين ماني کائڻ حرام آهي، جيسين محمد (عليہ السلام) جو بدلو نہ وٺندس. پڇا ڪيائين تہ: ابو طالب ڪٿي هو؟ چيائونس تہ: باهر مال سان ويو هو. ابولهب ڪٿي هو؟ چيائونس تہ: هو بي حيا ٿي بنگلي ۾ وينو هوءِ تماشو ڏسي پئي چيائين تہ: قتل ڪريو هن جادوگر کي! پڇيائين تہ: عباس اُن وقت ڪٿي هو؟ چيائونس تہ: هو پرواني وانگر ڦريو پئي، پر وڙهڻ جي همت کان ٿيس. رڳو رحم ڪرم جا عرض پئي ڪيائين. جي هنن ٻُڌس ئي کو نہ. اهو ٻُڌي حضرت حمزو تير ڪمان کڻي، گهوڙي تا چڙهي صفا جبل ڏانهن روانو ٿيو. اتي ابوجهل ڏنائين. مٿس اهڙو تہ وار ڪيائين جو هن جو مٿو ئي ٽڪرا ٿي پيو. کيس سخت مار ڏنائين. هن بہ چيو تہ: ذَرُوُاهُ فَاِنی شمتُ وضربتُ ابن اَخِيه (چڏيوس تہ پلي ماري، جو مو بہ هن جي ڀائيٽي محمد (عليہ السلام) کي ڳالهايو ءِ ماريو آهي).

حضرت حمزو پوءِ حضور جن جي خدمت ۾ پهتو. جيڪو ڪعبت الله جي ڪُنڊ ۾ وينا هئا. کين سلام واريائين: اَلسَّلامُ عَلَيکَ يا اِبنَ اَخِی! (توتي سلام، منهنجا ڀائيٽا!) بہ دفعا چيائين پر پاڻ حضور جن توجهہ ڪانہ ڏني. آخر حڙصت حمزو اچي ڳراٽي پائڻ لڳس.

تڏهن ڳرهه ۾ اچي پاڻ فرمايائون تہ: مان يتيم آهيان، جو منهنجو نہ ڪو پيءُ، پاءُ آهي ۽ نہ ڪو مِٽ عزيز آهي. تڏهن تہ دشمنن منهنجو هي حال ڪيو آهي. حضرت حمزي کين دلداري ڏني ۽ ابوجهل کي ڏنل سزا بہ ٻڌايائين. پاڻ فرمايائون تہ: چاچا دشمنن کي ڪٽي ڪيڏو بہ ماريندين پر مان تيسين راضي نہ ٿيندس، جيسي ايمان نہ آڻيندين. حمزي رضہ فرمايو تہ: ٻُڌو اٿم تہ توهان تي ڪلام ٿو نازل ٿئي ۽ جيڪو بہ اهو اعليٰ درجي جو ڪلام ٿو ٻُڌي سو تابع ٿي وڃي ٿو. پاڻ حضور جن فرمايو تہ: ٻُڌ تہ ٻڌايان۽: بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

حمٓ ﴿١﴾ تَنزِيلُ الْكِتَابِ مِنَ اللَّهِ الْعَزِيزِ الْعَلِيمِ ﴿٢﴾
غَافِرِ الذَّنبِ وَقَابِلِ التَّوْبِ شَدِيدِ الْعِقَابِ ذِي الطَّوْلِ لَا إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ ۖ إِلَيْهِ الْمَصِيرُ ﴿٣﴾

ترجمو: الله تعاليٰ غالب ۽ داناءُ کان هي ڪتاب نازل ٿيل آهي، هو گناهہ معاف ڪندڙ ۽ توبهہ قبول ڪندڙ آهي. هو طاقت وارو وڏو عذاب جو مالڪ آهي. ان کان سواءِ ٻيو ڪو بہ معبود بالحق ڪونهي. ساري مخلوق انهيءَ ڏي واپس ويندي، القرآن، 40: 1_3). حضرت حمزي چيو تہ: تنهنجو خدا گناهہ معاف ڪندڙ ۽ وڏين صفتن جو مالڪ آهي. پاڻ فرمايائون تہ: هائو. حضرت حمزي چيو تہ اجا بہ ڪجهہ ٻڌايو. پاڻ حضور جن وري قرآن ڪرم پڙهيو: وَمافِی السَّمٰوَاتِ وَ مَافِی الاَرضِ وَ مَا بَينَهُمَا وَمَا تَحتَ الثَّرىٰ (جيڪا بہ آسمانن، زمين ۽ انهن جي وچ ۾ ۽ جيڪا زمين جي ٿَري تائين آهي اها سموري الله تعاليٰ جي ملڪيت آهي). حضرت حمزي چيو تہ: اسان جا هزارين ٻُت آهن، جن

جي هڪ گرانٽ جيتري بہ زمين ڪانهي. تنهنجي ربّ کي وڏي طاقت آهي. پاڻ فرمايائون تہ: بيشڪ. پوءِ حضرت حمزي چيو تہ: مان رات جو ويچار ڪندس.

رات جو پاڻ حضور جن دعا گهري تہ: اَللّٰهُمَّ اَقِرَّ عَينِی بالاِسلام عَمِّیَ حَمزَه! (اي الله تعاليٰ! منهنجي چاچي حمزي جي اسلام آڻڻ سان منهنجون اکيون ٺار). صبح جو حضرت حمزو آيو تہ پاڻ حضور جن فرمايس: چاچا، پنهنجو وعدو پورو ڪريو! حمزي رضہ عرض ڪيو تہ: اهو ڪلام ايجا بہ ڪجهہ ٻڌايوم. پاڻ ڪريم سوره الرحمن شروع ڪئي: بِسۡمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحۡمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

ٱلرَّحۡمَٰنُ ﴿١﴾ عَلَّمَ ٱلۡقُرۡءَانَ ﴿٢﴾ خَلَقَ ٱلۡإِنسَٰنَ ﴿٣﴾
عَلَّمَهُ ٱلۡبَيَانَ ﴿٤﴾ ٱلشَّمۡسُ وَٱلۡقَمَرُ بِحُسۡبَانٖ ﴿٥﴾
وَٱلنَّجۡمُ وَٱلشَّجَرُ يَسۡجُدَانِ ﴿٦﴾

ترجمو: وڏي رحم واري قرآن ڪريم سيکاريو آهي: اسان کي پيدا ڪيو اٿس. ان کي بيان سيکاريو اٿس. سج، چند پنهنجي انداز ۾ هلن ٿا، ستارا ۽ وڻ ان کي سجدو ڪن ٿا (القرآن، 55: 1_6). حضرت حمزي اهو ٻُڌي چيو: حسبی يعني مون کي ڪافي آهي. اَشهَدُ اَن لَّااِلٰهَ اِلّااللّٰهُ وَاِنَّکَ عَبدُه وَ رَسُولَه پاڻ ڪريم تمام خوش ٿيا. قريشن کي حضرت حمزي جي ايمان جي خبر پئي تہ وڏي واويلا ۾ اچي ويا. ان کانپوءِ اسلام جي طاقت وڌي.

عمر ابن خطاب جو ايمان آڻڻ

حضور عليہ السلام جن نبوت جي چهين سال، هڪ رات نهايت نياز ۽ نيزاري سان دعا گهري تہ: اَللّٰهُمَّاَعِزُّالدِّينُ بِعُمَرَ اِبنِ الخَطَابِ اَو بِاَبِي جَهلِ ابنِ هَشامُ (اي منهنجا الله! هن دين کي عمر سان يا ابوجهل سان طاقت ڏي. حضرت عمر رضہ جي حق ۾ سندن دعا قبول ٿئي.

حضرت عمر رضہ جي اسلام قبولڻ جو قصو هن طرح آهي: جڏهن آيت: انّكُم وَما تَعبُدُونَ مِن دُونِ اللهِ حَسَبُ جَهَنِّمَ (بيشڪ توهان (مشرڪن لاءِ) ۽ جن شين ۽ بُتن جي پوڄا ٿا ڪريو. انهن سيني لاءِ جهنم آهي) نازل ٿي تہ ابوجهل قريشن جي ڪاميٽي گهرائي ۽ کين اها آيت ٻُڌايائين ۽ چيائين تہ: هينئر محمد (صلي الله عليہ وسلم) توهان ليءِ ۽ توهان جي معبودن لاءِ جهنم جي باهہ مقرر ڪئي آهي. توهان پاڻ کي غيرتمند ٿا سڏايو. هينئر توهان جي غيرت ڪيڏانهن وئي؟ تڏهن هنن چيس تہ: پلا تون ئي ٻُڌاءِ تہ چا ڪجي؟ ابو جهل چيو تہ: جيڪو محمد (عليہ السلام) کي قتل ڪندو، مان اُن کي هڪ سئو ڳاڑها اُٺ ۽ چاليهہ هزار درهم ڏيندس. حضرت امير عمر چيو تہ: اهو ڪم آءٌ ڪندس. پر بيت الله ۾ هلي وعدو ڏي تہ هڪ سئو اُٺ ۽ چاليهہ هزار درهم برابر ڏيندين. پوءِ حضرت عمر بيت الله ۾ 'هبل' بُت (جيڪو سڀ کان وڏو بُت هو) جي روبرو وڃي قسم تي وعدو ورتو ۽ پوءِ هڪ تمام تکي ترار کڻي، گردن ۾ وجهي، قسم کڻي هليو تہ: اڄ ضرور محمد (عليہ السلام) کي قتل ڪندس!

رستي ۾ حضرت عمر کي نعيم بن عدي مليو. هن پُڇيس تہ: اي عمر! ڪاڏي پيو وڃين؟ چيائين تہ: محمد (عليہ السلام) کي قتل ڪرڻ

ٿو وڃان. تڏهن نعيم بن عدي چيس تہ: بني هاشم ۽ بني عبدالمطلب کان ڪو نہ ٿو ڊڄين؟ چيائين: تو بہ اُن تي ايمان آندو آهي ڇا؟ هن چيس تہ: مون تہ ايمان ڪون آندو آهي پر پهرين پنهنجي پيٽ فاطمہ ۽ سندس مڙس سعيد بن زيد کي جهل، جيڪي مسلمان ٿيا اهن، پوءِ وڃ محمد (عليہ السلام) کي قتل ڪرڻ تہ بني هاشم ۽ بني عبدالمطلب ڏسنَئي! هو ڪو نڊٺڪو آهي ڇا؟ اڳ ۾ پنهنجو گهر تہ سُڏار. حضرت عمر کي ڏاڍو عجب لڳو. نعيم کي چيائين تہ: پلا ڪا نشاني پُڏاءِ تہ خبر پويم تہ واقعي منهنجي پيٽ فاطمہ ۽ سندس مڙس سعيد ايمان آندو آهي. هن چيس تہ: نشاني اها آهي تہ هاڻ هو تنهنجي ذبح ٿيل شيءِ ڪو نہ کائيندا.

عمر رضہ جڏهن پيٽ جي گهر ويو تہ ان وقت سوره طٰهٰ نازل ٿي هئي، جناب ابن الاوث تعليم ڏيڻ لاءِ سندن گهر آيل هو ۽ هن دروازو بند ڪري سوره طٰهٰ جي تلاوت پئي ڪئي. عمر رضہ دروازي تي اچي ٻيٺو تہ اندران اهڙو آواز پُڏائين. پوءِ دروازو کڙڪايائين. جڏهن معلوم ڪيائين تہ حضرت عمر رضہ آهي تہ جناب کي دريءَ کان ٽپائي چڏيائون. حضرت عمر اندر آيو تہ پڇيائين تہ: هي آواز ڪهڙو پئي آيو. چيائونس تہ: وندر لاءِ کي شعر پئي چياسين. پوءِ حضرت عمر کانئن هڪ گهٽو گهُري ذبح ڪيو ۽ سيخ پچائي پيٽ ۽ پيٽوبي کي ڏنائين تہ کائو. هنن چيو تہ: اسان باس باسي آهي تہ گوشت نہ کائينداسين. اتي هن کي پڪ ٿي ويئي تہ هي برابر مسلمان ٿي ويا اهن. سو ڪاوڙ مان اُٿي پهرين پنهنجي پيٽ فاطمہ کي مارڻ شروع

ڪيائين. پر هن جي مڙس سعيد وچ ۾ پئي ڇڏايس. پيٽ ڪي ڇڏي هي وري سعيد ڪي مارڻ لڳو تہ وري زال اڇي ڪيس ڇڏايو. جڏهن ٻنهي ڪي سخت مار ڪيي دنگ ڪيائين، تڏهن پڇيائين تہ: سچي ڪريو توهان اسلام قبول ڪيو آهي ڇا؟ هنن ٻنهي زال مڙس چيو تہ:

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ

اتي حضرت عمر رضہ مات ڪري ويهي رهيو. جڏهن رات ٿي تہ حضرت عمر رضہ اتي ئي ٽِڪي پيو. تهجد جي وقت ٻيئي زال مڙس اُٺيا ۽ وضو ڪري سوره طٰهٰ پڙهڻ شروع ڪيائون:

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ﴿١﴾

طٰهٰ ﴿٢﴾
مَآ اَنْزَلْنَا عَلَيْكَ الْقُرْاٰنَ
لِتَشْقٰٓى ﴿٣﴾
اِلَّا تَذْكِرَةً لِّمَنْ يَّخْشٰى ﴿٤﴾
تَنْزِيْلًا مِّمَّنْ خَلَقَ الْاَرْضَ وَالسَّمٰوٰتِ
الْعُلٰى ﴿٥﴾
اَلرَّحْمٰنُ عَلَى الْعَرْشِ اسْتَوٰى ﴿٦﴾
لَهٗ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الْاَرْضِ وَمَا
بَيْنَهُمَا وَمَا تَحْتَ الثَّرٰى ﴿٧﴾

ترجمو: (اسان قرآن شريف توتي ان لاءِ نازل نہ ڪيو آهي تہ تون مصيبت ۾ پوين. قرآن ان لاءِ نازل ڪيو آهي تہ جيڪو ڊڄي سو نصيحت وٺي. جنهن زمين ۽ بُلند آسمان پيدا ڪيا آهن، انهيءَ وٽان نازل ٿيل آهي. هن وڏي رحم واري جي عرش تي حڪومت آهي. جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ ۽ انهن جي وچ ۾ ۽ زمين جي تري ۾ آهي، اهو سڀ سندس ملڪيت آهي. (القرآن، 20: 1_6).

حضرت عمر رضہ اها سوره پُڌي ڏاڍو حيران ٿيو ۽ قرآن جي فصاحت ۽ بلاغت سندس دل تي تمام گهرو اثر ڪيو.

ڪجهہ دير بعد پيٽ کي چيائين تہ: اهو ڪتاب جيڪي پڙهو پيا، سو تہ ڏيو. پيٽ چيس تہ: لَا يَمَسَّه اِلّاَ الْمُطَهَّرُونَ (پاڪ آدمين کان سواءِ هن کي ڪو بہ هٿ لائي نٿو سگهي). حضرت عمر رضہ اُٿي وضو ڪري آيو ۽ چيائين تہ: هاڻ تہ پاڪ آهيان، هاڻ تہ ڏي. چيائين تہ: وعدو ڪر، هن ڪتاب جي بي ادبي تہ نہ ڪندين؟ حضرت عمر رضہ چيس تہ: وعدو آهي تہ بي ادبي نہ ڪندس. پوءِ سندس پيٽوبي حضرت سعيد، جن ورقن تي سوره طٰهٰ لکيل هئي سي پيش ڪيا ۽ چيائين تہ:هاڻي پُڌ تہ قرآن ڪريم پڌايان. پوءِ سوره طٰهٰ پڙهندي جڏهن اَللّٰهُ لَآ اِلٰـهَ اِلَّا هُوَ ۚ لَـهُ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى (اهو الله تعاليٰ آهي جنهن کان سواءِ ٻيو ڪو بہ معبود ڪونهي. هن جا سيئي نالا سهڻا آهن) تي پهتو تہ حضرت عمر رضہ چيو: بيشڪ، الله تعاليٰ جو ڪلام سچو آهي:

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ

جناب بہ کنهن ڪُنڊ ۾ بينو هو ۽ سمورو حال پئي ڏنائين ۽ پُڌائين، سو حضرت عمر رضہ جي ڪلمہ شهادت پڙهڻ سان يڪدم ٽُپ ڏيئي اچي اڳيان بينو ۽ چيائين: عمر! مبارڪ هجيئي. ڪالهہ پاڻ ڪريمن تنهنجي لاءِ ۽ ابوجهل لاءِ دعا گهري هئي، پر اها تنهنجي حق ۾ قبول ٿي. حضرت امير عمر رضہ چيو تہ: پلا مون کي هينئر حضور جن جي دربار ۾ وٺي هلو. حضور عليہ السلام جن ان وقت امير حمزي

رضہ جي گھر، پنھنجن سمورن اصحابن سان گڏ (جن جي ڪل تعداد اوڻيتاليھ ھو) وينا ھئا، جتي صلاح پئي ٿي تہ مشرڪن، جيڪا ھينئر حضور جن جي قتل جي تياري ڪئي آھي، ان جو ڪيئن دفاع ڪيو وڃي.

دروازي جي ٻاھر ھڪ دربان بيٺل ھو جنہ چونڪي پئي ڏني. حضرت عمر رضہ بہ حضرت جناب، سعيد ءِ پنھنجي پيٽ فاطمہ سان گڏ اچي اتي حاضر ٿيا. دربان اندر وڃي اطلاع ڏنو تہ عمر اچي ويو آھي. اھو ٻُڌي اصحابن ۾ ٿرٿلو مچي ويو. حضرت حمزي چيو تہ: فڪر نہ ڪريو، پوءِ ٻاھر اچي حضرت عمر کي چيائين تہ: جي خيري آھين تہ پلي اندر ھليو اچ، پر جي ويري آھين تہ پو خبردار ٿي، مان اچئين ٿو. اھو ٻُڌي حضرت عمر رضہ يڪدم چيو:

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ

اتي يڪدم دروازو بہ ڪلي پيو ءِ امير عمر رضہ ڊوڙي وڃي حضور جن کي پيش پيو. حضور عليہ السلام جن ڪيس پاڪر پائي سندس منھن چُميو ءِ پوءِ سيني اصحابن ڪيس اسلام جي مبارڪ ڏني. عمر رضہ عرض ڪيو تہ: اصحابن جو تعداد ڪيترو آھي؟ حضور جن فرمايو تہ: تنھنجي ايمان آڻڻ سان ھاڻ پورا چاليھ ٿيا. حضرت عمر رضہ عرض ڪيو تہ: لات ءِ عُزيٰ جي پوڄا ظاھر ظھور نماز ادا ڪريون، پوءِ سيئي اوڏانھن روانا ٿيا.

حضور جن جي سڄي طرف کان حضرت صديق، کٻي طرف کان حضرت حمزو، اڳيان حضرت علي ءِ پويان حضرت عمر ءِ ٻيا

اصحاب باقاعده هٿياربند، اگهاڙين تلوارن سان هلڻ لڳا. جڏهن مسجد الحرام جي نزديڪ پهتا تہ سمورا قريش حاضر بينا هئا. پهرين تہ خوش ٿيا تہ عمر سيني کي قتل ڪرڻ لاءِ قيد ڪريو پيو وڻي اچي، پر جڏهن سندس مسلمان ٿيڻ جي خبر پين تڏهن پڇياڻون تہ ڇالهہ ڪيئن آهي؟ حضرت عمر رضہ اچي کين خطاب ڪيو تہ: مون کي سڃاڻو ٿا؟ مان عمر بن خطاب آهيان ۽ مون اسلام قبول ڪيو آهي. توهان بہ سيئي اسلام قوبل ڪريو. بي صورت ۾ هيءَ منهنجي ترار توهان جا گردن ڪپيندي. ڪفارن حملي لاءِ تياري ڪئي پر پوءِ اصحابن جي جرئت ۽ همت ڏسي ۽ حضرت عمر جون ڏمڪيون ٻُڌي هٿي ويا.

حضور عليہ السلام جن مسجد الحرام ۾ داخل ٿيا ۽ جماعت سان ظهر جي نماز اتي ادا ڪيائون. پوءِ حضور جن خانہ ڪعبہ ۾ رکيل بُتن ڏانهن، پنهنجي عصا سان اشارو ڪندي، هيءَ آيت پڙهي:

وَقُلْ جَآءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ ۚ إِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوقًا

ترجمو: (چئو حق آيو باطل رد ٿيو. بيشڪ باطل رد ٿيل آهي، القرآن، 17: 81). حضرت عمر رضہ بُتن کي خطاب ڪندي فرمايو: يَاأَيُّهَاالأَصنَامُ! هٰذا اَحمَدُ هٰذا رَسُولُ اللّٰهِ حَقَا فَاشهَدُو (اي بُتو! هي حضرت احمد عليہ السلام آهي، الله تعاليٰ جو سچو رسول آهي، توهان شاهدي ڏيو).

ان وقت الله تعاليٰ وٽان وحي نازل ٿيو: يَاأَيُّهَاالنبی! حَسبَکَ اللّٰهُ وَمَنِ تَبَعَکَ مِنَ المُومِنِينَ (اي نبي ڪريم! توکي الله تعاليٰ ۽ جيڪي مومن

تنهنجا تابع ٿيا آهن، اهي ڪافي اهن) هن آيت ۾ الله تعاليٰ، حضور عليہ السلام جن کي تسلي ڏني تہ ڪافر هاڻي ڪجهہ بہ ڪري سگهندا، پوجو الله تعالي جي مدد سان گڏ توکي ٻين سچن مومنن جو سهارو بہ آهي.

قريشن جو بني هاشم ۽ بني عبدالمطلب سان قطع تعلقات

حضرت حمزي رضہ ۽ حضرت عمر رضہ جي اسلام قبولڻ بعد قريشن ڏٺو تہ اسلام جو ڪم روز بروز وڌندو ٿو وڃي ۽ حضور جن جو شان ترقي ڪندو وڃي ٿو انهيءَ ڪري صلاح ڪيائون تہ حضور عليہ السلام کي (عياذاً بالله) قتل ڪجي. اگر ان ۾ ڪامياب نہ ٿياسين تہ پوءِ سندس ٻنهي پارن سان قطع تعلقات ڪري ڇڏيون، جيئن اهي تنگ ٿي، اچي اسان جي پيش پون ۽ محمد ڪريم جي مددگاري کان باز اچن. پوءِ وجي باقي هڪڙو ڄڻو رهندو. تنهن سان مقابلو ڪرڻ سولو اهي. پوءِ اهڙو عهدنامو لکيو ويو. ڪاتب منصور بن عڪرمہ بن عامر هو. جنهن جو ٿورن ڏينهن بعد هڪ هٿ کيرو ٿي پيو. عهدنامي جي هي لفظ آهن: بِاسمِکَ اَللّٰهُمَّ اسان سپ قريش عهد ٿا ڪريون تہ اڄ ڏينهن کان وٺي بني هاشم ۽ بني عباس سان اسان جو قطع تعلقات اهي. نہ انهن کي سگ ڏينداسين ۽ نہ کائنءَ ونڏاسين. بيع شريٰ (وڪڻڻ وٺڻ)، سلام ڪلام ۽ شادي غمي تي اچڻ وڃڻ بلڪل بند اهي. مِٽي مائٽي جا رستا بلڪل بند رهندا، جيسين هو محمد ڪريم

جن کي قتل ڪرڻ نہ ڏيندا، تيسين انهن سان ڪنهن بہ ڳالهہ تي صلح نہ ڪنداسين.

ان عهدنامي جو ڪاپيون لکارائي امينن جي حوالي ڪيائون. ان تي چاليهن معتبرن صحيحون ڪيون ۽ پوءِ ان کي ريشمي ڪپڙي ۾ ويڑهي ڪعبت الله جي دروازي تي لٽڪائي ڇڏيائون. ابوطالب کي جڏهن عهدنامي جي خبر پئي تہ سڀني بني هاشم ۽ بني عبدالمطلب کي گڏ ڪري حقيقت کان آگاهہ ڪيائين ۽ سڀني کان حصور عليہ السلام جن جي حفاظت جو انجام ورتائين. مگر ابولهب انکر ڪيو ۽ ٻين قريشن سان وڃي مليو.

هنن جي قطع تعلقات حضور عليہ السلام، اصحابن، بني هاشم ۽ بني عبدالمطلب کي نهايت گهٽو تنگ ڪيو. ڇو تہ کاڌي پيتي يا ضروريات زندگي جي ٻي ڪا بہ شيءِ مڪي مان توڙي ٻاهران نٿي ملي سگهي. نہ صرف ايترو پر جيڪڏهن ڪو پنهنجي گهر کان ٻاهر ٿي نڪتو تہ بہ هن کي ايذاءَ ڏنا ٿي ويا. البت حج جي موسم ۾ ڪجهہ سهوليت ملين ٿي، جنهن ۾ وڏي تڪليف سان ڪجهہ انُ ۽ ڪپڙو وغيره حاصل ڪري سگهيا ٿي. مال مويشي جا گاهہ وغيره بہ سڀ بند ڪري ڇڏيا هئائون، جنهنڪري ڪيترو مال بُکن وِگهي مري کپي ويو. قريشن مان جن ماڻهن مِٽي مائٽي جو خيال رکي، رحم ڪري هنن کي ڪجهہ آڻي ٿي ڏنو الله تعاليٰ انهن کي اسلام جي دولت سان مشرف ڪيو. جهڙوڪ: هشام بن عمرو بن ربيع، حڪيم بن حَزام ۽ ابوسفيان وغيره. ابو العاص بن الربيع، حضور عليہ السلام جن جو ڄاڻو (بيبي

زينب بنت رسول الله جو خاوند) رات جو ڪٽڪ ڳتل وغيره ۽ ٻيو سِيڏو سامان حضور جن جي خدمت ۾ پهچائيندو هو.

ابوطالب هميشہ حضور عليہ السلام جن تي چونڪي ڏيندو هو. بعضي پنهنجن پائينٽن کي بہ چونڪي تي بيهاري ويندو هو. پر وري بہ جلدي پاڻ اچي سنيال لهندو هو تہ متان هو غافل ٿين ۽ دشمن غفلت جو فائدو وٺي حضور جن کي ڪو نقصان نہ پهچائين. جڏهن برابر ٽي سال قطع تعلقات جو سلسلو هلندو رهيو تہ ڪن قريشن، پنهنجن مسلمان عزيزن جي ضعف خالي ڏسي، نهيءَ عهدنامي کي رد ڪرائڻ ۽ ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن سڀ کان پهرين 'نقض عهد' لاءِ قدم کنيو اهو هشام بن عمر ابن الحارث هو. هن گهٽن ئي قريشن کي پنهنجي طرف ڪيو ۽ سمجهايو تہ: اهو انسانيت کان ٻاهر آهي جو انسان ذات تي اهڙا ظلم روا رکجن. اسان گهٽو ئي ڪجهہ ڪيو پر اسان جا عزيز آهن، تنهنڪري اسان کي کپي تہ هينئر ئي عهدنامو رد ڪري ڇڏيون. آخرڪار سندس تحريڪ ڪامياب ٿي ۽ گهٽائي قريش هن سان شامل ٿيا. ابوجهل لعين ۽ سندس ساٿين مخالفت ڪئي تہ بہ هشام ڪامياب ٿيو. حضور عليہ السلام بہ ابوطالب کي گهرائي چيو تہ: جبرئيل خبر ڏني آهي تہ عهدنامو اُڏوهِي کائي وئي آهي، باقي مهڙئون لفظ بِاسمِکَ اَللّٰهُمَّ يعني 'الله جو نالو' رهيل آهي.

ابوطالب، قريشن وٽ ويو تہ چيائونس: هينئر شايد محمد ڪريم جن کان تنگ ٿي دتسبردار ٿي موٽي آيو آهين؟ ابوطالب چيو تہ: جيتر جيئرو آهيان، تيتر پنهنجي پياري محمد صلي الله عليہ وسلم

کان بيزار نہ ٿيندس. مان ان لاءِ آيو آهيان جو محمد صلي الله عليہ وسلم فرمايو آهي تہ مون کي جبرئيل خبر ڏني آهي تہ لکيل عهدنامو اُڏوهِي کائي وئي آهي. آءٌ اهو ڏسڻ ٿو گهران تہ ڇا واقعي سچ آهي؟ قريشن، ريشمي رومال ۾ ويڙهيل عهدنامو آندو ۽ کوليائون تہ ڏسن تہ واقعي سڃو کاڄي ويو آهي. باقي اِسم الله جو بچيل آهي. اتي هشام چيو: ڏسو ٿا عهدنامو سڃو کاڄي ويو. هاڻي اسين ٻڌل نہ آهيون. ابوجهل ٻہ شرمسار ٿيو. پوءِ اُهو عهدنامو رد ٿيو ۽ قطع تعلقات جو سلسلو ٻہ بند ٿيو.

حضرت ابوطالب جي وفات

حضور جن جي نبوّت کي ڏهہ سال ٿيا هئا ۽ قطع تعلقات جي عهد ٽُٽڻ کي اٽَ مهينا ايڪيهہ ڏينهن گذريا هئا تہ ابوطالب وفات ڪئي. ابوطالب جڏهن بيمار ٿيو ۽ ان جي سخت بيمار ٿيڻ جي خبر قريشن کي پهتي تہ هو سندس طبع پرسي لاءِ آيا. قريشن کي وڏو خيال هي هو تہ متان بيماري ۽ ضعف جي حالت ۾ محمد صلي الله عليہ وسلم تي ايمان آڻي، نيٰ ائين ٿيو تہ ٻہ مسلمانن وٽ سند ٿي پوندي. تنهنڪري هاسيڪار تمام گهڻو اڇڻ وڇڻ شروع ڪيائون تہ جيئن حضور عليہ السلام کي ابوطالب کي سمجهائڻ ۽ هدايت ڪرڻ جو گهڻو وجهہ نہ ملي. ابو طالب جيئن ضعيف ٿيندو ويو تيئن قريشن ٻہ سندس سيراندي ڪا نہ ٿي ڇڏي. ابوطالب ٻہ پاڻ کي جڏهن بنهہ

ضعيف محسوس ڪيو تڏهن قريشن کي نصيحت ۽ وصيت شروع ڪيائين.

قريشن کي وصيت: قريشن کي نصيحت ڪندي چيائين تہ: پهرين توهان کي ڪعبت الله جي تعظيم ۽ تڪريم جو امر ٿو ڪريان تہ ڪعبت الله شريف جي خدمت ۾ هر وقت مشغول رهجو ۽ صلہ رحمي (مِٽي مائٽي) جي رعايت ڪجو ۽ انهن تي رحم ڪجو آءٌ توهان کي سچائي، ايمانداري ۽ امانتداري جي پٽ وصيت ٿو ڪريان. قريشن کي عموماً ۽ بني هاشم ۽ بني عبدالمطلب کي خصوصاً وصيت ٿو ڪريان تہ حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جي، سندس دين جي ڪمن ۾ مدد ڪريو. هو توهان سڀني کان وڌيڪ امين ۽ سچو آهي. هو اهڙيون ڳالهيون ٿو ڪري جو دل مڃي ٿي ۽ زبان تصديق ڪري ٿي. مون کي قسم آهي خدا جو تہ زماني جا وڏا وڏا اڪابر، داناءَ بہ سندس دين کي قبول ڪري ويندا ۽ ٿورن ئي ڏينهن ۾ هن جو دين ساري جهان ۾ پکڙجي ويندو، ڇو تہ هو ڪابہ ڳالهہ عقل ۽ سمجهہ جي خلاف نٿو ڪري ۽ هيڏي مخالفت هوندي بہ سندس ڪم وڌندو پيو وڃي، تنهنڪري ڇڳائي انهيءَ ۾ آهي تہ توهان بہ هن جو دين مڃو.

قريشن، ابوطالب کي چيو تہ: تو ننڍي هوندي سندس پرورش ڪئي ۽ وڏي هوندي مدد ڪئي آهي، تو اسان جي جي مخالفت جي بہ پرواهہ ڪا نہ ڪئي ۽ پنهنجي سموري طاقت هُن جي ترقيءَ تي خرچ ڪئي، هينئر تنهنجو پوبون وقت آهي. هو بهشت جون ڳالهيون ٻڌائي ۽ دلاسا ڏئي ماڻهن کي پنهنجو ڪندو آهي. هينئر تون بہ ماڻهو

موڪلينس تہ بهشت جي ڪا شيءِ يا ميوو مڱائي تو لاءِ بہ گهرائي! قريشن جي چوڻ تي ابوطالب ماڻهو موڪليو تہ حضور عليہ السلام جن چوائي موڪليس تہ، الله تعاليٰ، بهشت ۽ بهشت جون چيزون ڪافرن تي حرام ڪيون آهن (اِنَّ اللّٰهَ حَرَّمَهَا عَلَى الكافِرِينَ).

نياپي موڪلڻ بعد حضور عليہ السلام جن پاڻ ابوطالب وٽ آيا ۽ فرمايائونس تہ: ننڍي هوندي تو منهنجي پرورش ڪئي ۽ وڏي هوندي منهنجي مدد ڪئي. هاڻي هڪ پيرو منهنجي آڏو ڪلمو چئو تہ قيامت جي ڏينهن مان تنهنجي شفاعت جو ضامن آهيان. ابو طالب چيو تہ: اِختَرتُ النَّارِ عَلَىَ العَار (مون باهہ قبول ڪئي شرم تي) يعني قريش چوندا تہ موت وقت جڏهن ضعيف ٿيو تڏهن ابن ڏاڏن جي دين کي ڇڏي محمد صلي الله عليہ وسلم تي ايمان آندائين. مون کي لڄ ٿي ٿئي تہ سمجهان ٿو تہ بيشڪ تون سچو رسول آهي، توتي ڪلمو پڙهان مگر پويان قريش گِلا ڪندا، پوءِ ابوطالب جو ڳالهائڻ بند ٿي ويو.

حضرت عباس روايت ٿو ڪري تہ: آخري وقت مون ڪن ڏنو تہ ابو طالب ڪلمہ شهادت پڙهيو مگر ٻُڌڻ ۾ ڪو نہ آيو. بعض ضعيف روايتن موجب ابوطالب سڪرات وقت ايمان آندو. ابوطالب جي ڳالهائڻ بند ٿيڻ بعد حضور عليہ السلام جن واپس هليا ويا. ڪافي دير بعد علي رضہ وٽن آيو ۽ اچي ٻڌايائين تہ: عَمُّکَ الشَّيخُ الضَّالُّ قَدمَات (تنهنجو ٻُليل پوڙهو چاچو فوت ٿي ويو). اهو ٻُڌي حضور جن گريہ ۾ پئجي ويا. پوءِ حضرت علي کي هن جي ڪفن دفن جو حڪم

ڪيائون. پاڻ حضور جن هن جي جنازي سان بہ ويا. باقي جنازي نماز پڙهڻ ثابت ڪا نہ ٿي آهي.

بيبي خديجة الڪبريٰ رضہ جي وفات

حضور عليہ السلام جن ڪي نبوت ملڻ کان ڏهين سال پوءِ جو واقعو آهي جو بيبي خديجة الڪبريٰ رضہ وفات ڪئي. ڪي روايتون آهن تہ بيبي صاحبہ، ابو طالب جي وفات جي ٿئي ڏينهن وفات ڪئي. انهن لڳاتار صدمن حضور جن جي دل ڪي ايترو تہ رنجايو جو هو گهر کان تمام گهٽ ٻاهر نڪرندا هئا. ان سال جو نالو ئي رکيائون 'عام الحزن' يعني ڏک جو سال.

بيبي خديجة الڪبريٰ رضہ جو نسب چوٿين پيڑهيءَ ۾ حضور عليہ السلام جن جي پيڑهي سان ويجي ٿو ملي. وفات وقت بيبي صاحبہ جي عمر پنجهٽ سال هئي. هوءَ چاليهن سالن جي عمر جي هئي جو حضور جن سان نڪاح ٿيس ۽ پنجويهہ سال سندن قرب جو شرف حاصل رهيس. حضور عليہ السلام جن کي حضرت ابراهيم کان سواءِ باقي سڀ اولاد بيبي خديجة الڪبريٰ رضہ مان هو. ٻہ فرزند: قاسم ۽ عبدالله، جنهن کي طيب ۽ طاهر بہ چوندا هئا، اهي ننڍي هوندي ئي وفات ڪري ويا. چار نياڻيون: بيبي زينب، بيبي رقيہ، بيبي اُم ڪلثوم ۽ بيبي فاطمہ رضہ، سڀئي وڏيون ٿيون ۽ انهن جون شاديون بہ ٿيون.

حضور عليہ السلام تي ايمان آڻيندڙن مردن خواه عورتن ۾ اوليت جو شرف خديجة الڪبريٰ کي حاصل هو. بيبي صاحبہ وٽ

پنهنجي ملڪيت ۾ سون تمام گهڻو هئو جو سڀ حضور عليہ السلام جن جي حوالي ڪيائين. جيئن الله تعاليٰ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو تہ: 'وَوَجَدَکَ عآئِلاً فَاَغنیٰ' [الله تعاليٰ توکي مسڪين ڪري لڏو. پوءِ (خديجتہ الڪبريٰ جي مال سان) توکي شاهوڪار ڪري ڇڏيو].

روايت آهي تہ بيبي صاحبہ وٽ سون تمام گهڻو هو. جيڪو هن حضور جن جي خدمت ۾ پيش ڪيو. حضور جن اهو سمورو سونُ الله تعاليٰ جي راهہ ۾ ورهائي ڇڏيو. بيبي صاحبہ جي وفات جو حضور جن کي ڏاڍو ڏک ٿيو. سندس حياتيءَ ۾ حضور جن بي ڪا بہ شادي ڪانہ ڪئي هئي. حضور جن سدائين پيا بيبي صاهبہ کي ياد ڪندا هئا. بيبي صحبہ جي مزار مڪي معظم جي جنت المعليٰ مقام ۾ آهي. دفن وقت حضور جن پاڻ قبر ۾ لٿا ۽ پنهنجي هٿن سان بيبي صاحبہ کي لحد ۾ رکيائون.

حضور عليہ السلام جن جو طائف ۾ وڃي دين جي تبليغ ڪرڻ

ابوطالب جي وفات کانپوءِ ڪفارن کي وري وجهہ مليو. هنن صلاح ڪئي تہ: جيئن تہ هاڻي حضور جن جو وڏو حامي فوت ٿي ويو آهي، انڪري وري مٿس سختيون شروع ڪجن. جيتوڻيڪ پيا بہ گهڻئي حضور جن جا مددگار هئا، پر جهڙو اثر رسوخ ابوطالب جو قريشن ۾ هو. تهڙو پيو ڪنهن جو بہ ڪو نہ هو. تنهنڪري هو هاڻي بي ڊپا ٿي حضور جن جي مخالفت ۾ ڪاهي پيا. قريشن جي ان ڳالهہ کي مدنظر رکي حضور جن طائف ۾ وڃي تبليغ ڪرڻ جو خيال ڪيو

(انهيءَ لاءِ تہ اهو شهر آباد آهي ۽ شهر جي آبادي ۾ جهجهي هوندي ۽ اتي قريشن جو اثر ۽ ڪو نہ هوندو) تنهنڪري حضور جن زيد بن حارث کي ساڻ ونڻي طائف روانا ٿيا.

طائف ۾ ٽي وڏا قبيلا هئا: بني بڪر، بني قحطان ۽ بني ثقيف. حضور جن ٽنهي قبيلن جي معتبر ماڻهن سان مليا، مگر ٽنهي قبيلن ايمان آڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ حضور جن کي اتي رهڻ ۾ نہ ڏنائون. انهن قبيلن جي شريرن حضور جن کي ڏاڍو ايذايو، ستايو ۽ پٿر هنيا. زيد بن حارث ڍال ٿي پئي حضور عليہ السلام جي چوطرف ڦريو، مگر زيد جي ڏنڍڻ ڪانپوءِ حضور عليہ السلام جن جي ۾ ساري جسم مبارڪ مان رت ريلا ڏيئي ڪُڙين تائين وهڻ لڳ. حضور جن پوءِ هڪ باغ ۾ وڃي آرامي ٿيا.

انهيءَ باغ جو آرائين 'اداس' نالي هڪ نصراني غلام هو. تنهن حضور جن کي نوراني شڪل وارو ۽ ڏٺيل ڏٺو تہ ڪيس رحم آيو ۽ انگورن جي ٽالهي ۾ري آڻي هنن جي اڳيان رکي. حضور عليہ السلام ۽ زيد بِسمِ اللهِ الرَّحمٰنِ الرَّحِيمِ ڪري انگونر ۾ هٿ وِڌو تہ اداس عرض ڪيو: سائين، اهو نالو ۽ ڪلام هن ملڪ ۾ تہ مون ڪڏهن ڪو نہ ٻُڌو آهي! توهان جو نالو ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ: منهنجو نالو محمد (عليہ السلام) آهي. انگورن تي جيڪو نالو پڙهيم، سو اُن وحده لاشريڪ لہ جو آهي، جيڪو ساري مخلوقات جو خالق، مالڪ آهي. آءٌ هن جو رسول آهيان. تڏهن اداس چيو تہ: مون تنهنجي تعريف انجيل ۾ پڙهي آهي، جنهن ۾ حضرت عيسيٰ عليہ السلام تنهنجي اچڻ جي

بشارت ڏني آهي. ائين چئي اداس بنان ڪنهن هڪ جي ڪلمو پڙهيو:

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ

نصيبن جي جنن جو ايمان آڻڻ: حضور جن پوءِ وادي 'بطن نخلہ' اچي رات رهيا. صبح جي نماز ۾ سوره طٰهٰ قرات ڪيائون تہ: نصيبن جي واديءَ جا سَت (ٻي روايت مطابق نَوَ) جِنّ اچي حاضر ٿيا. حضور جن نماز کان فارغ ٿي انهن کي ايمان آڻڻ جي تلقين ڪئي تہ هنن يڪدم ايمان آندو ۽ پنهنجي قوم ۾ وڃي اسلام جي تبليغ شروع ڪيائون. قرآن ڪريم ۾ انهن جو بيان هنن لفظن ۾ آهي:

قُلْ أُوحِيَ إِلَيَّ أَنَّهُ اسْتَمَعَ نَفَرٌ مِّنَ الْجِنِّ فَقَالُوا إِنَّا سَمِعْنَا قُرْآنًا عَجَبًا ﴿١﴾
يَهْدِي إِلَى الرُّشْدِ فَآمَنَّا بِهِ ۖ وَلَن نُّشْرِكَ بِرَبِّنَا أَحَدًا ﴿٢﴾

ترجمو: بيشڪ اهو قرآن جِنّن جي جماعت ٻُڌو. انهن چيو تہ اسان تمام سهڻو قرآن ٻُڌو آهي. جيڪو سِڌي رستي جي هدايت ٿو ڪري. پوءِ اسان انهيءَ تي ايمان آندو آهي. اسان پنهنجي ربّ سان ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڪنداسين (القرآن، 72: 1_2).

حضور جن پوءِ، بطن نخلہ مان روانا ٿي مڪي معظم ۾ تشريف فرما ٿيا. بيت الله جو طواف ڪري پنهنجي گهر آيا. مشرڪن جا ظلم ۽ ايذاءَ بدستور جاري هئا. ٻاهريان ماڻهو جيڪي واپار جي خيال کان يا بيت الله جي زيارت حج جي خيال سان مڪي معظم ۾ ايندا هئا تہ قريش کين حضور عليہ السلام جن سان ملڻ کان روڪيندا هئا. اهو

هن کري تہ جيئن کو بہ حضور جن سان ملي، سندن اثر هيٺ نہ اچي سگهي.

طفيل بن عمرو دُوسي جو ايمان آڻڻ

دُوس قبيلي جي سردار طفيل، پنهنجي ڪم ڪار سان مڪي معظم آيو تہ قريش گڏجي وٽس ويا. چيائونس تہ: اسان جي شهر ۾ هڪ شخص آهي، جيڪو اسان جي ابن ڏاڏن جي دين جي مذمت ٿو ڪري ۽ اسان جي معبود بُتن کي بدشد ڀالهائي ٿو. هن وٽ اهڙو جادو آهي، جو جيڪو بہ وٽس وڃي ٿو سو سندس گرويده بنجي وڃي ٿو. هو ڪوشش ڪري ٻاهرين ماڻهن کي پنهنجي فريب جي دام ۾ آڻي ٿو. هن سان ملڻ جُلڻ بلڪل مناسب ناهي. تون تہ پنهنجي قوم جو سردار آهين، تنهنجي ملڻ جي تہ هو ضرور ڪوشش ڪندو. ڇو تہ جيڪڏهن تو جهڙو ماڻهو هن جو تابع ٿي ويو تہ پوءِ ساري قوم بہ سردار جي تابعداري ڪري هُن جي تابع ٿي ويندي ۽ پوءِ هو پنهنجي تحريڪ ۾ ڪامياب ٿي ويندو. تنهنڪري تون هن کان هوشيار ٿِج. طفيل، قريشن کي دلجاءِ ڏني ۽ چيائين تہ: پنهنجو دين ڇڏڻ تمام مشڪل آهي، توهان فڪر نہ ڪريو. آءٌ پنهنجي دين تي مضبوط آهيان.

طفيل روزانو بيت الله شريف ويندو هو. هڪڙي ڏينهن حضور عليہ السلام جن بہ مسجد الحرام ۾ تشريف فرما ٿيا. صبح جي نماز ۾ نهايت سهڻي لهجي سان قرآن پڙهڻ شروع ڪيائون. طفيل نهايت غور

سان قرآن شريف پُڌندو رهيو. جڏهن حضور جن نماز پڙهي فارغ ٿيا تہ طفيل بہ سِري اچي سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو. حضور جن کان نالو پڇيائين. سندن متعلق ٻيا سوال جواب بہ ڪيائين ۽ ان ببعد چيائين تہ: مون کي يقين آهي تہ هي جيڪي توهان هينئر پڙهيو آهي، سو انساني ڪلام ناهي. اهو ڪلام جنهن تي نازل ٿيو آهي سو برابر نبي مرسل آهي. تنهنڪري آءٌ چوان ٿو:

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ

هيءَ قوم فقط حسد ۽ بغض ڪري، توهان سان انڪار ٿي ڪري! حضور عليہ السلام جن طفيل جي پيشاني تي پنهنجا هٿ مبارڪ گهمائي دعا گُهري هئي تہ: اَللّٰهُم اجعَل نُوراً فِي جَبِينِہِ (الله سائين، طفيل جي پيشاني ۾ نُور ڪر). طفيل جي پيشاني بجلي وانگر چمڪندي هئي. ڪو بہ ماڻهو ڪيس رات جو اونداهيءَ ۾ ڏسندو هو تہ حيران ٿي ويندو هو.

طفيل جڏهن واپس پنهنجي ڳوٺ پهتو تہ سندس سموري قوم بہ اسلام بوليو. جڏهن اهلِ يمامہ مرتد ٿي ويا يعني اسلام کان ڦري ويا هئا، تڏهن بہ طفيل جنگ يمامہ ۾ مسلمانن جي لشڪر سان هو ۽ اتي ئي شهيد ٿيو.

حضور عليہ السلام جن جو بيبي عائشہ صديقہ سان نڪاح

بيبي خديجتہ الڪبريٰ رضہ جي وفات کان پوءِ حضور عليہ السلام جن اڪيلائي سان زندگي جا ڏينهن گذارڻ لڳا. خُويلد بنت

حڪيم بن عثمان بن مطعون تمام ڏاهي عورت هئي، تنهن حضور عليہ السلام جن جي اڪيلائي کي محسوس ڪري، سندن شاديءَ جو ارادو ڪيو ۽ انهي نيت سان بيبي عائشہ بنت ابوبڪر صديق رضہ ۽ بيبي سوده بنت زمعہ بن قيس رضہ کي نظر ۾ رکيو ۽ پوءِ حضور جن جي خدمت ۾ پنهنجو ارادو ظاهر ڪيائين. حضور جن، حضرت بيبي عائشہ صديقہ جي سڱ گهرڻ لاءِ خويلہ کي اجازت ڏني.

خُويلہ رضہ، صديق اڪبر وٽ وئي ۽ سموري حقيقت کيس ٻڌايائين. صديق اڪبر چيس تہ: مون اڳ ۾ ئي معطم بن عدي سان، سندس پُٽ جي لاءِ وعدو ڪيو آهي، ان ڪري مان وعدي خلافي نہ ڪندس. اڳ ۾ ان سان صفائي ڪريان. پوءِ صديق اڪبر، معطم جي گهر ويو تہ سندس زال چيس: تون منهنجي پُٽ کي سڱ ڏئي پنهنجي دين کان ڦيرائڻ ٿو گُهرين، تنهنڪري اڄ کان اسان جي گهر نہ اچ، اسان کي تنهنجي ڏيءَ جو سڱ بہ نہ گهرجي. صديق اڪبر شڪرانا ڪري واپس موٽيو ۽ خويلہ کي چيائين تہ: حضور عليہ السلام جن کي خبر وجي ڏي تہ منهنجو مال، جان ۽ اولاد سڀ توهان تان قربان آهي. اگر عائشہ صديقہ کي توهان پنهنجي بيبي ڪري قبول فرمائيندا تہ اسان لاءِ فخر ۽ عزت جو باعث ٿيندو. ٻيءَ حالت ۾ اسان جي غلامي سدائين رهندي.

خويلہ رضہ اهو سمورو احوال وجي حضور جن جي خدمت ۾ پيش ڪيو. حضور عليہ السلام جن آمادگي ڏيکاري. پوءِ جڏهن صديق اڪبر حضور عليہ السلام جن کي پنهنجي گهر اچڻ جو عرض ڪيو

تہ حضور عليہ السلام جن سندس گھر آيا. پوءِ اُتي حضور عليہ السلام جن جو عقد نڪاح بيبي عائشہ صديقہ رضہ سان ٿيو. شاديءَ وقت بيبي صاحبہ جي عمر فقط ڇهہ سال (ٻي روايت موجب نَوَ سال يا ايجا بہ وڌيڪ) هئي. اها شادي هجرت جي پهرئين سال ۾ ٿي.

حضور عليہ السلام جن جي بيبي سوده رضہ سان شادي

خويلہ جڏهن ڏٺو تہ عائشہ صديقہ رضہ جي عقد نڪاح سان بہ حضور جن جي خانہ آبادي ڪان ٿي، ڇو تہ عائشہ صديقہ رضہ سغير هئي ۽ ايجا فقط نڪاح خواني ٿي هئي. تڏهن خيال ڪيائين تہ هينئر اهڙي عورت هجي جيڪا حضور عليہ السلام جي گهر جي خانہ داري جا ڪم بہ سرانجام ڏي تہ سندن خدمت جا فرائض بہ اد ڪري. انڪري وري بيبي سوده رضہ وٽ ويئي ۽ چيائينس تہ: تون هينئر بيوه آهي ۽ سڪران بن عمر، جيڪو تنهنجو سئوٽ بہ هو تہ خاوند بہ هو، سو فوت ٿي ويو آهي. تون اسلام سان بہ مشرف ٿي وئي آهين، تنهنڪري اجازت ڏي تہ تنهنجي شادي، ڪوشش ڪري حضور عليہ السلام جن سان ڪرايان؟ بيبي صاحبہ فرمايو تہ: منهنجي هينئر جواني ڪانهي. عمر رسيده آهيان. مان ٻيو ڪو بہ گهر قبول نہ ڪنديس، البتہ حضور جن مون کي پنهنجي خدمت جو شرف بخشيو تہ اها منهنجي لاءِ سعادت جو باعث ٿيندي. خويلہ رضہ، بيبي صاحبہ جو عرض آڻِ حضور جن جي خدمت ۾ پيش ڪيو. پاڻ فرمائڻ لڳا تہ: مون کي پنهنجي خانہ آبادي کان وڌيڪ عورتن ۾ اسلام جي تبليغ جو

خيال آهي تہ هو مون کان اسلام سکن. اسلام جي تبليغ لاءِ، جيڪا عورت منهنجي گهر واري هوندي، سا ئي مون کان پلا حجاب اسلام جا احڪام سکي سگهي ٿي. انهيءَ نُڪتي کي مدنظر رکندي حضور جن بيبي سوده رضہ کي قبول ڪيو. حضور عليہ السلام جن جي اها شادي نبوت جي ڏهين سال شوال جي مهيني ۾ ٿي. حق مهر چار سئو درهم (هڪ سئو رپيا) مقرر ٿيا. بيبي خديجہ رضہ کان پوءِ بيبي سوده رضہ پهريب بيبي هئي. جنهن کي حضور جن جي بيبي بنجڻ جو شرف حاصل ٿيو. آخر حياتي ۾ پنهنجي جاءِ بيبي عائشہ کي ڏنائين ۽ پاڻ فقط زوجيت جو شرف حاصل ڪري ڇڏيائين. سندس وفات امير عمر جي خلافت ۾ ٿي. سندس مقبرو جنت البقيع ۾ آهي. بيبي صاحبہ کان پنج حديثون روايت ڪيل آهن، سندس هڪ حديث 'بخاري' روايت ڪئي آهي.

نبوت جي يارهين سال ۾ انصارن (مديني جي ماڻهن) جو ايمان آڻڻ

حج جي ڏينهن ۾ حضور عليہ السلام جن ٻاهرين ماڻهن جي اچڻ جو وجهہ ونئي مڪي معظم کان ٻاهر نڪري اچي حجاج ۾ اسلام جي تبليغ ڪندا هئا ۽ الله تعاليٰ وحده لاشريڪ لہ جي توحيد ۽ پنهنجي رسالت جي تشريح ڪندا هئا. نبوت جي يارهين سال حج جي موسم ۾ حضور جن، تبليغ لاءِ مديني منوره روانا ٿيا. رستي ۾ مديني منوره جي خزرج قبيلي جا ڇهہ ماڻهو ملين. پاڻ ڪريمن انهن کي اچڻ جو

سمورو مطلب ٻڌايو ۽ ڪين توحيد ۽ رسالت جي اهڙي سمجهاڻي ڏني جو اهي ڇهه ئي ماڻهو اسلام قبولي، مسلمان ٿي ويا. انهن جا نالا هي آهن: اسعد بن زراره، عوف ابن الحارث، قطبہ بن عامر بن حديد، عقبہ بن عامر، جابر بن عبدالله بن رباب ۽ راقع بن مالک. انهن عرض ڪيو تہ: اسان کي مديني منوره جي يهودي علمائن ٻڌايو هو تہ مکي معظم جي بني هاشم قبيلي مان هڪ نبي مرسل ٿيڻ وارو آهي، جنهن جي تعريف 'توريت' ۽ 'انجيل' ۾ بہ آهي. سندس نبوت جو نُور، ڪفر جي ظلمات کي محو ڪري ڇڏيندو. دنيا کي بُت پرستي جي لعنت کان آزاد ڪري ڇڏيندو. اڄ توکي ڏسي، اسان يقين ڪيو تہ اهو موعود مرسل تون محمد صلي الله عليہ وسلم ئي آهين. اسان توتي ايمان آڻيون ٿا ۽ شهادت جو ڪلمو پڙهون ٿا:

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ

حضور عليہ السلام جن نهايت خوش ٿيا ۽ ڪين ارشاد فرمايائون تہ: توهان مديني ويجي اسلام جي تبليغ جو ڪم ڪجو ۽ ماڻهن کي سمجهائجو تہ محمد صلي الله عليہ وسلم، خدا تعاليٰ جي طرفان، ساري دنيا لاءِ نبي مرسل ٿي آيو آهي.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو معراج

معراج متعلق تمام گهڻيون روايتون آهن ۽ هي نهايت اختلافي مسئلو آهي: معراج روحاني هئو يا جسماني؟ جيڪڏهن روحاني هئو تہ پوءِ تہ ڪا وڏي ڳالهہ ڪانہ آهي، نہ وري ڪا اهميت رکي ٿو. ڇو تہ

روحاني معراج خواب آهي ۽ خواب ۾ جيڪڏهن ڪو خدا تعاليٰ جي زيارت ڪري ٿو يا آسمانن تي وڃي ٿو اُڏامي ٿو يا بهشت ۽ دوزخ جو سير ڪري ٿو تہ اها ڪا خاص ڳالهہ ڪانهي.

امام ابو حنيفہ فرمائي ٿو تہ: مون پنهنجي ربّ کي خواب ۾ نوانوي ڀيرا ڏٺو آهي. مگر ڪنهن بہ امام صاحب جي چوڻ جي تصديق يا تڪذيب ڪانہ ڪئي، ڇو تہ اهو خواب هو ۽ خواب ۾ سڀ ڪجهہ ڏسي سگهجي ٿو. هاڻ سوال آهي 'جسماني معراج' جو تہ اهو واقعي آهي يا نہ؟ جي معراج جسماني ٿيو آهي تہ ڪٿان کان ڪيستائين؟ جسماني معراج ۾ ڪهڙي حڪمت هئي؟ جسماني معراج، زمين کان آسمانن تائين، آسمانن کان عرش تائين ۽ عرش کان لامڪان تائين ممڪن آهي يا نہ؟ ممڪن ڇئبو آهي ان کي، جو جيڪڏهن انهيءَ جي وجود کي فرض ڪيو وڃي ۽ تسليم ڪيو وڃي تہ ڪو بہ محال عقلي يا نقلي لازم نہ اچي. غير ممڪن اهو آهي تہ جيڪڏهن انهيءَ وجود کي تسليم ڪيو وڃي يا فرض ڪيو وڃي تہ محال عقلي يا نقلي (شرعي) لازم اچي. غير ممڪن عقلي جو مثال آهي 'وجود' ۽ 'عدم وجود'. هڪڙي ئي وقت ۾ ڇئجي تہ آهي بہ، ناهي بہ.....تہ غلط ٿيندو. عقل جائز نٿو رکي تہ وجود ۽ عدم، شيءِ ۽ لاشيءِ هڪڙي ئي وقت، هڪڙي حيثيت ۾ گڏ لين. اهو محال عقلي آهي، عقل تسليم نٿو ڪري. غير ممڪن نقلي (شرعي) جو مثال آهي بہ الله ساڻئي وقت، ساڻي طاقت سان هجن.

قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ: لَو كَانَ فِيهِمَآءَ اِلهَتَ اِلّاالله لَفَسَدَتَا (جيڪڏهن زمين ۽ آسمان تي گهڻا الله هجن ها تہ زمين ۽ آسمان فاسد ٿي پون ها ۽ ڌهي وڃن ها). هر هڪ الله، مستقبل پنهنجي ارادي ۾ ڪامياب، كُن فَيَكُونُ جو مالڪ هڪڙي شيءِ جي پيدا ڪرڻ جو ارادو ٿو ڪري، ۽ ٻيو الله ساڳئي وقت پنهنجي طاقت ۽ قوت سان، ساڳئي شيءِ جي نہ پيدا ڪرڻ جو ارادو ٿو ڪري، پوءِ اها شيءِ پيدا ٿي تہ هڪڙي جي طاقت ليکبي ۽ اهوئي خدا ليکبو نہ ٻيو. پر جيڪڏهن ٻيو ڪامياب ٿيو ۽ اها شيءِ نہ پيدا ٿي تہ پوءِ پهريون الله نہ ليکبو، تنهنڪري ئي اِلاهَن جو تعداد ممتنع آهي ۽ اهو محال نقلي آهي، ان سان گڏ عقل سليم جي تقاضا بہ اها ئي آهي، انڪري ئي اِلاهَن جو تعداد ممتنع عقلاً ۽ شرعاً ليکبو.

هاڻي معراج جسماني آسمانن تي غير ممڪن آهي يا ممڪن آهي؟ جيڪڏهن عقلاً ۽ شرعاً ممڪن اهي تہ پوءِ بحث ئي ڪونهي. پر جيڪڏهن غير ممڪن اهي تہ عقلاً يا شرعاً؟ شرعاً تہ غير ممڪن نہ آهي، ڇو تہ قرآن شريف ۽ متواتر حديثون ثابت ٿيون ڪن تہ جسماني معراج، زمين کان آسمان تي آهي، باقي عقلاً، اها بحث جي جاءِ آهي. متقدمين فلاسافر، جيڪي آسمان جي خرق ۽ اليام (ڦاٽڻ ۽ ڳنڍجڻ) جا قائل نہ آهن، اهي معراج آسماني جا بہ منڪر آهن. چئي: آسمان جڏهن ڦاٽي ۽ پوءِ ڳنڍجي نٿو سگهي ۽ نہ ڪيس در دروازو آهي تہ پوءِ معراج آسمان تي ڪيئن ٿيندو؟.

اسان جو انهيءَ سان بحث ڪونهي، اسان جي علم ڪلام (عقائد) جي عالمن انهن کي ڪافي رد ڏنو آهي. اهو علمي بحث آهي ۽ ان ڪلام جو علم پڙهڻ گهرجي. باقي بحث آهي موجوده سائنس سان، ته موجوده سائنس، جيڪا زمين جي ڪشش کي ڪافي اهميت ڏئي ٿي ۽ فضا جي ڪشش کي تسليم ڪري ريڊيا، برقي تارون ۽ ٻيون کي ايجادات ڪيون آهن ۽ انهن مان ڪم ٿي وڻي، ته اها زمين جي ڪشش کان مٿي وڃڻ ممڪن قرار ڏئي ٿي يا نه؟ آمريڪا ۽ انگلينڊ جا سائنسدان ڪوشش ڪري رهيا آهن ۽ پنهنجو پروگرام رِٿي رهيا آهن ته هون ڏهن سالن جي اندر زمين جي ڪشش مان لنگهي ويندا ۽ مريخ ۽ ٻين گرهن کي پهچي ويندا. موجوده سائنسدان اگرچه آسمانن جا قائل نه آهن ۽ هو آسمانن جي وجود کي تسليم نٿا ڪن تاهم گِرهڻ کي تسليم ڪن ٿا. هو سج سياره، زحل، مشتري، مريخ، شمس، عطارد، زهره ۽ قمر کي ست گرهه ڪري ليکين ٿا. هنن جو چوڻ آهي ته زمين هڪ گرهه آهي ۽ اهڙا ست گِرهه ٻيا به آهن. هنن جو خيال آهي ته مريخ به زمين جيڏو هڪ وڏو گِرهه آهي ۽ هن زمين وانگر آباد آهي. اهو گِرهه پنجين درجي (پنجين آسمان) ۾ آهي. جڏهن موجوده فلاسافر زمين جي ڪشش کي پيٽرول، پاڻي ۽ باهه جي زور مان پيدا ٿيل ٻاڦ جي زور تي اورانگهي، پنجين آسمان (پنجين گرهه مريخ) تي پهچڻ جي تمنا رکن ٿا ته پوءِ جيڪو سراسر نُور آهي ۽ نُور جي صفائي ۽ طاقت بجلي ۽ ڪِنوڻ جي طاقت کان به هزارين درجا وڌيڪ آهي. قَد جآئَكُم مِّنَ اللهِ نُورُ وَّ كِتابُ مُّبِينُ (الله جي طرفان توهان

ڏي نُور مُحمد صلي الله عليہ وسلم ۽ روشن ڪتاب قرآن ڪريم آيو آهي) تہ پوءِ جيڪڏهن اهو نور (محمد صلي الله عليہ وسلم) بُراق ۽ معراج نوراني تي سُوار ٿي مريخ، مشتري ۽ زحل تائين يا انهن کان بہ مٿي ويو تہ ڪهڙو حرج آهي ۽ ڪهڙي محال عقلي؟ باقي رهي معراج جي حڪمت، يعني جسماني معراج آسمان تي ڇو ٿيو ۽ انهيءَ ۾ ڪهڙو فائدو ٿيو ۽ ڪهڙي حڪمت هئي؟ ان باري ۾ ڪتابن ويهہ باويهہ حڪمتون لکيون آهن، مگر هتي معتمد (پروسي جهڙيون) حڪمتون لکجن ٿيون.

پهرين حڪمت: جڏهن حضرت آدم جي پيدائش تي ملائڪن اعتراض ورتو تہ:

أَ تَجْعَلُ فِيهَا مَنْ يُّفْسِدُ فِيهَا وَ يَسْفِكُ الدِّمَآءَ ۔

(ڇا، زمين تي اهو ماڻهو ٿي پيدا ڪرين، جيڪو زمين ۾ فساد ۽ خونريزيون ڪندو؟) الله تعاليٰ جواب ۾ فرمايو تہ: اِنِّي اَعلَمُ مَالاَتَعلَمُونَ (جيڪي مان ڄاڻان ٿو سو توهان کو نہ ٿا ڄاڻو). جڏهن حضور عليہ السلام جن جتي بہ سندن شان جي منزل هئي، عالم ارواح مان آيا تہ فرمايائون: كُنتُ نَبيًّا وَّآدَم بَينَ المَاءِ وَالطِّينِ (آءٌ نبوت جي منصب تي فائز هئس تہ آدم عليہ السلام مِٽي ۽ پاڻي ۾ هو يعني اجا ملائڪن سندس مِٽي پئي ڳوهي). وَاَنَا مِن نُّورِ اللهَ وَالخَلَقَ مِن نُورِی (آءٌ الله تعاليٰ جو نُور جو جلوو هئس، بي ساري مخلوق منهنجي نور جي جلوي مان پيدا ٿي). حضور جن عالم الاجسام (دنيا) ۾ تشريف فرما ٿيا تہ سندن شان ۾ قرآن جي آيت نازل ٿي: وَمَآ اَرۡسَلۡنٰكَ اِلَّا رَحۡمَةً لِّلۡعٰلَمِيۡنَ (اسان توکي جهانن لاءِ رحمت ڪري موڪليو آهي).

حديث قُدسي ۾ سندن شان هن طرح ڄاڻايل آهي: لَولاک لَمَا خَلَقتَ الأَفلاکَ (توکي نہ پيدا ڪريان ها تہ آسمانن کي بہ نہ پيدا ڪريان ها). يعني جڏهن حضور عليہ السلام جن زمين ۽ آسمانن جي ساري ڪائنات ۽ خود زمين ۽ آسمان جي وجود جا باعث آهن، تڏهن ملائڪن کي بہ سندن ديدار جو شوق ٿيو. ڇو تہ مَلاءُ الأَعلَيٰ ڪُروبي ۽ حامل عرش معليٰ جا ڪي اهڙا ملائڪ آهن، جن کي پنهنجي موليٰ جي عبادت کان هڪ لمحو بہ فرصت ڪانهي. انهن چاهيو تہ جنهن جي برڪت سان ساري ڪائنات ۽ اسان جو وجود ٻڌيو آهي، انهيءَ جو ديدار ڪريون. الله تعاليٰ بہ گهريو ٿي تہ: جن ملائڪن، آدم جي پيدائش تي اعتراض ورتو ٿي، جن کي خبر ڪانہ هئي تہ آدام عليہ السلام جي نسل مان اهڙو ماڻهو پيدا ٿيندو، جنهن جي برڪت سان ساري ڪائنات پيدا ٿي آهي، اهو نُورِ مجسم کين ڏيکارڻ گهرجي.

زليخا کي جڏهن مصر جي زالن، يوسف تي عاشق ٿيڻ جا طعنا ۽ مهڻا ڏنا، تہ زليخا بہ خيال ڪيو تہ کين يوسف جو ديدار ڪرايان تہ کين خبر پوي تہ مان حق تي آهيان يا نہ، ۽ يوسف عاشق ٿيڻ جي لائق آهي يا نہ؟ جن زالن زليخا جي دعوت تي يوسف کي ڏٺو الله تعاليٰ انهن جو بيان هنن لفظن ۾ ٿو فرمائي:

فَلَمَّا رَاَيْنَهٗۤ اَكْبَرْنَهٗ وَ
قَطَّعْنَ اَيْدِيَهُنَّ وَ قُلْنَ حَاشَ لِلّٰهِ مَا
هٰذَا بَشَرًا ؕ اِنْ هٰذَاۤ اِلَّا مَلَكٌ كَرِيْمٌ ﴿۳۲﴾

ترجمو: زالن، جڏهن مصر جي يوسف کي ڏٺو تہ هن کي وڏي حُسن وارو پانيائون، پنهنجا هٿ ڪپي وڃائون ۽ چيائون تہ الله تعاليٰ پاڪائي

آهي، هي تہ انسان ناهي، ڪو مَلڪ سڳورو آهي (القرآن، 12: 31). پوءِ زليخا انهن جي عتاب خطاب کان سدائين لاءِ ڇُٽي پئي. الله تعاليٰ بہ ملائڪن کي ڏيکاريو تہ جنهن آدم جي پيدا ڪرڻ تي اوهان جو اعتراض هو، اهو حقيقي آدم، حقيقي انسان هي محمد صلي الله عليہ وسلم الله تعاليٰ جو حبيب آهي، جيڪو ساري ڪائنات جو اصل ۽ اصول آهي. انهيءَ لاءِ بہ معراج آسمانن تي ٿيو.

حڪمت ٻي: حضور عليہ السلام جن تي گهٽن طريقن سان وحي پئي آيو: جبرئيل عليہ السلام جي ذريعي، ڪڏهن ظاهر انسان جي شڪل ۾، ڪڏهن گهنڊ جي آواز سان. الله تعاليٰ گهريو تہ کين بنان جبرئيل جي واسطي سان بہ وحي مشرف ڪريان تہ جيئن منهنجو ڪلام بالمشافہ ٻُڌي ۽ ڏسي. جيئن محققن سوره بقر جون آخري آيتون بيان فرمايون آهن: آمَنَ الرَّسُولُ بِمَآ اُنزِلَ اِلَيہِ جيڪو ان تي (الله تعاليٰ جي طرفان) نازل ٿيو ٿئي، رسول الله ان تي ايمان آندو آهي. سندن عرض تہ: رَبَّنَا لاَتُؤَاخِذنَآ اِن نَّسِينَآ اَو اَخطَاَنَا اي ربّ سائين! اسان جيڪو ويسر يا ٻُل ۾ ڏوهہ ڪيو آهي، ان تي اسان کي نہ وٺ. اهي سمورا عرض احوال روبرو آهن، تنهنڪري سوره بقره جون آخري آيتون (خواتم بقره) تمام وڏي شان واريون آهن، جن جي پڙهڻ جو تمام وڏو درجو آهي. اهو روبرو جو ڪلام آهي، جنهن سان کين مشرف ڪيو ويو. انهيءَ ڪري بہ معراج آسمانن تي ئي ٿيو.

حڪمت ٽين: جيڪي بہ انبياءَ عليہ السلام هن کان اڳ ٿي گذريا آهن، تن کي بہ الله تعاليٰ معجزا ڏنا، جن جي وسيلي ماڻهن کي يقين

ٿيو تہ هي برابر پيغمبر آهن. حضرت نوح عليہ السلام کي خوفان جو معجزو مليو جو تنور مان پاڻي پيدا ٿي پيو:

حَتّٰٓى اِذَا جَآءَ اَمْرُنَا وَ فَارَ التَّنُّوْرُ

(جڏهن اسان جو امر آيو تہ تنور ٻَنيِ ڏنو). حضرت ابراهيم عليہ السلام کي باهہ جي آڙاهہ مان نجات ملي:

قُلْنَا يٰنَارُ كُوْنِيْ بَرْدًا وَّ سَلٰمًا عَلٰٓى اِبْرٰهِيْمَ

(اسان باهہ کي چيو تہ ابراهيم عليہ السلام تي ٺڏي ٿي وڃ). موسيٰ کليم الله کي عصا (لٺ) جو معجزو مليو:

فَاَلْقٰى عَصَاهُ فَاِذَا هِيَ ثُعْبَانٌ مُّبِيْنٌ

(پوءِ اوچتو هوءَ ازدها نانگ ٿي پئي). عيسيٰ عليہ السلام جو پکيءَ وارو معجزو:

اَنِّيْٓ اَخْلُقُ لَكُمْ مِّنَ الطِّيْنِ كَهَيْـَٔةِ الطَّيْرِ فَاَنْفُخُ فِيْهِ فَيَكُوْنُ طَيْرًا بِاِذْنِ اللّٰهِ

(مان توهان لاءِ مِٽيءَ مان پکي جوڙي، پوءِ انهيءَ کي ڦوڪ ڏيندس تہ خدا جي حڪم سان پکي ٿي پوندو). اهڙيءَ ئي طرح حضور عليہ السلام جن کي معراج جو معجزو عطا ڪيائين، جو هن جسم سان آسمانن تي، بلڪ عرض معليٰ ءِ انهيءَ کان بہ مٿي لامڪان تي گهرائي ڪيس پنهنجي ديدار سان مشرف ڪيو ءِ مٿس قسمين قسمين رحمتون ءِ برڪتون انعام ڪيائين. معراج جو اهو م عجزو سڀني اوليائن ءِ انبيائن جي معجزن کان اُتم ءِ اعليٰ آهي. انهيءَ کان مٿي ڪو بہ معجزو ٿي نٿو سگهي. جيئن پاڻ حضور جن سڀني نبين جا

سرتاج آهن. تهڙيءَ طرح سندن معراج وارو معجزو بہ سڀني نبين جو سرتاج آهي. انهيءَ لاءِ بہ معراج آسمانن تي ٿيو.

حڪمت چوٿين: حضور عليہ السلام جن جيئن تہ جميع الانبياءَ عليہ السلام کان اعليٰ درجي تي آهن، تيئن وري تبليغ جي باري ۾ جيڪي تڪليفون کين پهتيون، سي ٻئي ڪنهن بہ نبيءَ نہ ڏٺيون. عَظَمَ الجَفَآءِ عَلیٰ عَظَمَ الجآءِ (وڏي مرتبي تي وڏيون مصيبتون ايندیون آهن). سنڌي ۾ پهاڪو آهي تہ: جيڏا اُٺ تيڏا لوڏا. تنهنڪري الله تعاليٰ کين معراج تي گهرائي، کين آسمانن جو سير ۽ بهشت جو ديدار ڪرايو. پڻ کين پنهنجي رويت ۽ ڪلام سان نوازيو ۽ سندن دلجوئي ڪئي تہ دنياوي تڪليفون ۽ غم، جيڪي کين تبليغ جي سلسلي ۾ پهتا هئا، سي سڀ ميٽجي ويندا، انهي لاءِ بہ معراج آسمانن تي ٿيو.

معراج جو تفصيل

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝١

سُبْحٰنَ الَّذِيْٓ اَسْرٰى بِعَبْدِهٖ لَيْلًا مِّنَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ اِلَى الْمَسْجِدِ الْاَقْصَا الَّذِيْ بٰرَكْنَا حَوْلَهٗ لِنُرِيَهٗ مِنْ اٰيٰتِنَا ۭ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ ۝٢

ترجمو: پاڪائي آهي انهيءَ الله تعاليٰ کي جنهن پنهنجي بانهي کي رات جو سير ڪرايو. مسجد الحرام کان مسجد الاقصيٰ تائين. اسان

بيت المقدس جي چوڌاري برڪت ڪئي آهي. اسان هن کي باغن باغيچن سان پنهنجا عجائبات ڏيکاريا. بيشڪ الله تعالیٰ ڏسندڙ ۽ ٻُڌندڙ آهي (القرآن، 17: 1). هن آيت ۾ بِعَبْدِهِ هجي ها. هن آيت مان مسجد الحرام کان بيت المقدس تائين معراج ثابت آهي. ان جو منڪر ڪافر آهي. مشهور حديثون، جيڪي حد تواتر (ايترن ماڻهن جي خبر، جو عقل انهن جي خبر کي ڪوڙ نہ سمجهي) تي پهچي چڪيون آهن، تہ مان بيت المقدس کان آسمانن تائين جو معراج ثابت آهي.

جسماني معراج (آسمانن تائين) جا ٿيهہ اصحاب سڳورا قائل آهن ۽ انهن روايتون بہ ڪيون آهن. مثال طور: ابوبڪر صديق، عمر فاروق، عثمان ذي النورين، علي المرتضيٰ، عبدالله بن عباس، عبدالله ابن مسعود، عبدالله بن عمر، انس بن مالڪ، ابو هريره، ابو سعيد خلدي ۽ مالڪ بن حفصہ وغيره. باقي عائشہ صديقہ فرمائي ٿي تہ: معراج روحاني طواب هو: مَالَقَد جَسَدَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيہ وَسَلَّمَ لَيلَتُ المَعرَاجُ (حضور عليہ السلام جن جو جسم مبارڪ معراج واري رات، روح کان جدا نہ ٿيو) ۽ آيت: وَمَا جَعَلْنَا الرُّؤْيَا الَّتِي أَرَيْنَاكَ إِلاَّ فِتْنَةً لِلنَّاسِ [جيڪي اسان توکي ڏيکاريو اهو ماڻهن لاءِ فتنو (آزمائش) هو القرآن، 17: 60)]. هوءِ لفظ رويا جي معنيٰ خواب ٿي ڪري ۽ اُن مان دليل ٿي وئي تہ معراج روحاني ٿيو. عالمن ان جو جواب هن ريت ڏنو آهي: (1) معراج جي سال بيبي عائشہ صديقہ چهن ورهين جي عمر جي هئي، اجا مڱيل هئي. شادي ڪيل ڪانہ هئي. تنهنڪري ڪيس معراج جي

پوري خبر ڪانہ هئي. (2) 'رويا' جي معنيٰ اکين سان ڏسڻ بہ اهي. هتي علماءَ بہ 'رويا' جي معني اکين سان ڏسڻ ٿا ڪن: مَا تَرِينَهُ فِتنَتُ لِلنَّاسِ چو تہ خواب ۾ ڪهڙو فتنو آهي؟ (3) علماءَ چون ٿا تہ: آها آيت معراج جي خبر ڪانہ ٿي ڏئي، بلڪ حديبہ جي واقعي جي خبر ڏي ٿي. چو تہ حضور عليہ السلام جن هڪ ڀيري خواب ڏٺو هو تہ:

لَتَدْخُلُنَّ الْمَسْجِدَ الْحَرَامَ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ اٰمِنِيْنَ ۙ مُحَلِّقِيْنَ رُءُوْسَكُمْ وَ مُقَصِّرِيْنَ

(اوهان مسجد الحرام ۾ امانَ سان ضرور داخل ٿيندا، پنهنجا متا ڪوڙائيندا يا ڪترائيندا). حضور عليہ السلام جن حج ڪرڻ جي ارادي سان، پنهنجن اصحابن سان گڏجي ويا. حديبہ جي منزل تي پهتا تہ مشرڪن کين اچڻ نہ ڏنو. آخر صلح ٿيو تہ ٻئي سال اچجو. ان ڳالهہ تان اصحابن ۾ اختلاف ۽ فتنو پيدا ٿي پيو. پاڻ واپس آيا. ٻئي سال اهو خواب سچو ٿيو. ان ڪري بيبي صاحبہ جو روحاني معراج تي ان آيت سان دليل ٿي نٿو سگهي. (4) حضور جن کي جسماني معراج کان علاوه روحاني معراج بہ هزارين بار ٿيو. بيبي صاهبہ پنهنجي وقت جي روحاني معراج جي خبر ڏئي ٿي. ان مان جسماني معراج جو انڪار ثابت ٿي نٿو سگهي.

معراج ڪٿان آيو، انهيءَ تي بہ مختلف اختلاف آهن. پر تحقيق هن طرح آهي تہ حضور عليہ السلام جن جو معراج ابوطالب جي نياڻي ۽ حضرت علي جي همشيره اُم هاني جي گهر مان ٿيو. جتي حضور جن جي ننڍي هوندي پرورش ٿي هئي. اهو گهر دراصل ابوطالب جو هو

ءِ اُم هاني، جيڪا سندن سئوٽ بہ هئي تہ بروقت دائي بہ هئي، سا ڪين تمام گهٽو چاهيندي هئي. اهو گهر صفا ءِ مروه جي ٻنهي ٽڪرين جي وچ ۾ حرم ۾ داخل آهي.

معراج ڪهڙي مهيني ءِ ڪهڙي تاريخ تي ٿيو، ان لاءِ بہ اختلاف آهن. محققن ءِ محدثن جو چوڻ آهي تہ رجب مهيني جي 27 تاريخ سومر جي رات معراج ٿيو. حضور جن ان رات سومهٽي جي نماز مسجدالحرام ۾ پڙهي. بيت الله شريف جو طواف ڪري، بيبي اُم هاني جي گهر وڃي آرامي ٿيا. سندن اکيون مبارڪ خواب ۾، ءِ دل مولیٰ پاڪ جي توجهہ ۾ سجاڳ هئي. جبرئيل کي بارگاهِ الاهي مان فرمان ٿيو تہ: اڄ تسبيح ءِ تقديس اطاعت ءِ عبادت جو سپ ڪم ڇڏي، پوري تياري سان محمد صلي الله عليہ وسلم جي معراج جو انتظام ڪر. ميڪائيل کي حڪم ڪر تہ مخلوقات جي روزي رزق کان ڪجهہ صبر ڪري. اسرافيل کي چئو تہ صور کي گهڙي کن رکي ڇڏي. عزرائيل کي حڪم ڪر تہ ڪا گهڙي پنهنجو هٿ روحن کا قبض ڪرڻ کان روڪي. بهشت جي مالڪ رضوان کي چئو تہ بهشت کي سينگاري ڇڏي ءِ سمورن غلمانن ءِ حورن کي سينگاري سنواري، منهنجي پياري بندي جي خدمت ۾ سلامي لاءِ صف بصف بيهاري ڇڏي. دوزخ جي ملائڪ کي امر ڪر تہ دوزخ جا دروازا بند ڪري ڇڏي. عرش معليٰ جي حاملان کي چئو تہ عرش معليٰ کي اطلس مقدس جو لباس ڍڪيائين. ڪرسي جي سِر تي قدسي تاج رکن. حضرت آدم عليہ السلام کان وٺي عيسيٰ عليہ السلام تائين سيني

نبين جي روحن کي اطلاع ڪري ڇڏ تہ محمد صلي الله عليہ وسلم کي الله تعاليٰ معراج تي گهرايو آهي، توهان سندس استقبال لاءِ تيار ٿيو ۽ پنهنجو مقتداء امام ڪريو. بهشت مان تيز رفتار بُراق سينگاري، ستر هزار بهشتي ملائڪ ساڻ ڪري وڃي محمد صلي الله عليہ وسلم جي خدمت ۾ پيش ڪر. ساري زمين جي اهل قبور کي، جيڪي قبر جي عذاب ۾ مبتلا آهن، ان آزار کان آزاد ڪر. سدرت المنتهيٰ کان مڪي معظم وڃ ۽ نهايت عزت ۽ احتشام سان محمد صلي الله عليہ وسلم کي منهنجي دربار اعليٰ ۾ پيش ڪر.

حضرت جبرئيل عليہ السلام الاهي حڪم جي تعميل لاءِ سارو انتظام ڪري، براق ونڻ لاءِ بهشت ۾ ويو. اُتي چاليهہ هزار براق، جيڪي نچيا ٽپيا پئي، تن جي وچ ۾ هڪ براق غمگين بينو هو ۽ سندس اکين مان موتين وانگر ڳوڙها پئي ڳڙيا. جبرئيل عليہ السلام کانئس غم جو ڪارڻ پڇيو. براق عرض ڪيو تہ: هزار سال ٿيا آهن جو ٻُڌو اٿم تہ حصور جن براق تي سوار ٿي معراج فرمائيندا. انهن ڏينهن کان اهو شوق ۽ تمنا اٿم تہ خدا ڪري اهو ڏينهن شال اچي، جو انهيءَ خدمت لاءِ مون کي سرفرازي ملي. سمجهان ٿو تہ اڄ اهو ڏينهن اچي ويو آهي. پر هاڻ تنهنجي انتخاب جي نظر الائي ڪنهن تي پوندي، ان غم ۾ زار زار روئي رهيو آهيان تہ هيترن براقن مان اهو شرف مون جهڙي حقير کي ڪيئن ملندو! اهو احوال ٻُڌي جبرئيل، انهيءَ ئي براق کي حضور جن جي سواري لءِ منتخب ڪيو. پوءِ تہ ڪيس سنواري

سينگاري. پنهنجي ملائڪن جي جماعت ساڻ ڪري اچي حضور عليہ السلام جي خدمت ۾ حاضر ٿيو.

پاڻ سڳوار فرمائين ٿا تہ: آءٌ بيبي اُم هاني رضہ جي گهر ۾ آراميو پيو هئس تہ جبرئيل جي پَرن جو آواز ٻُڌم ۽ پوءِ جبرئيل کي ملائڪن، براق ۽ ٻئي انتظام سان ڏٺم. جبرئيل چيو تہ: اِنَّ اللّٰهَ يَقرِئُکَ السَّلامُ وَهُوَ يَدعُوکَ وَاَنَا حَامِلَکَ اِلَی اللّٰهِ تَعَالٰی اَن يُّمکَرَّمُک بِکَرَامَاتَ لَم يُکرمِ بِها اَحدَا مّن قَبلِکَ وَلَا يُکرِم بِهَا اَحدَ بَعدُکَ وَلَا سَمَعَهُ وَلَا خَطَرَ عَلٰی قَلبِ بَشَرَ قِطعَہ (**ترجمو**: الله تعاليٰ توکي سلام ٿو ڏئي، هو توکي گهرائي ٿو. آءٌ توکي وٺس وڃي ويندس. هو توکي پنهنجين اهڙين مهربانين سان نوازيندو جو نہ هن کان اڳ ڪنهن سان ڪيون اٿس ۽ نہ وري تو کان پوءِ ڪنهن سان ڪندو. اهڙو تہ ڪنهن کو ٻُڌو نہ وري ڪنهن انسان جي دل ۾ چيڪيو هوندو.) تياري ڪيم تہ رضوان عليہ السلام ۾ ياقوت جا ڪونرا، آب ڪوثر سان پريل پيش ڪيا. ڪونرا زمرد جي هڪ چوڪُنڊي طشت (ٿالهي) تي رکيل هئا، جنهن جي هر ڪُنڊ تي موتين جو جڙاءُ هو ۽ جنهن جي روشني آسمان تائين پئي پهتي. پوءِ پاڻ ڪريمن غسل ڪيو ۽ رضوان کين بهشتي نوراني پوشاڪ پهرائي.

حضور عليہ السلام جن پوءِ بيبي اُم هاني رضہ جي گهران مسجدالحرام ۾ رونق افروز ٿيا ۽ بيت الله جو طواف ڪري. تَحِيَّتُ الطَّوَافِ (طواف جا نفل) پڙهي، حطيم شريف ۾ آرام لاءِ ويٺا تہ جبرئيل عليہ السلام سندن سينو مبارڪ چيري، سندن دل مبارڪ آب زمزم سان ڌوئي ساف ڪئي ۽ اهڙي طرح غسل خَشَ بَشرِي (ڪوٽ ۽ حمد

انساني) جيڪو هر انسان جي دل ۾ لازم هوندو آهي، سو ڏوئي ڇڏيائين. پوءِ جبرئيل، حضور عليہ السلام جي دل ۾ سيني مبارڪ کي حڪمت ۽ علم سان ڀريل ٽالهي سان ڀرپور ڪري وري ملائي ڇڏيو ۽ پوءِ مسجدالحرام مان ٻاهر آيا. ميڪائيل، اسرافيل، عزرائيل هزارن ملائڪن سان گڏ اڳ ۾ ئي استقبال لاءِ ٻيٺا هئا، جن نهايت ادب سان تعظيم ۽ تڪريم بجا آندي ۽ ڪين الله تعاليٰ جي رضا جون مبارڪون ڏنائون. ٻاڻ ٻہ جواب ۾ سيني کي سلام فرمايائون. ٻاهر آيا تہ براق ڏنائون، جيڪو گڏهہ کان ڪجهہ مٿيرو، خچر کان البت ننڍو هو ۽ سندس مُنهن آدمين جهڙو، ڳن هاٿيءَ جهڙا، پير گهوڙي جهڙا، گردن شينهن وانگر هئا ۽ رانن تي پَر هئس، جيڪي کوليائين ٿي تہ مشرق ۽ مغرب ۾ پکڙجي ٿي ويا. ان جي پيشانيءَ تي لکيل هو:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ ۵

براق جي جتي نظر ٿي پئي اُتي قدم پئي رکيائين. پوءِ ٻاڻ حضور جن ان براق تي سورا ٿيا ۽ چئن ئي وڏن ملائڪن ۽ ٻين هزارن ملائڪن سان گڏجي پرواز ڪيائون.

پهرين منزل بيت المقدس ۾ فرمايائون. ملائڪن جي جماعت استقبال لاءِ اُتي ٻيٺي هئي، تنهن سندن استقبال ڪندي چيو تہ: اَلسَّلَآمُ عَلَيکَ يَااَوَّل وَيَاآخِرُ پوءِ ٻاڻ براق تان لهي مسجد الاقصيٰ ۾ تشريف فرمايائون. آدم عليہ السلام کان وٺي عيسيٰ عليہ السلام تائين سيني انبياءَ اُتي موجود هئا، تن سندن مرحبا ڪئي. ان بعد جبرئيل عليہ السلام سيني انبيائن سان سندن تعارف ڪرايو. حضرت

جبرئيل پوءِ فرمايو: صَلِّ رَكَعَتَينِ بِاَخوَانِکَ مِنَ المُرسَلِينَ (ٻہ رکعتون پنهنجن ڀائرن رسولن سان پڙھ). ڀاڙ نماز شروع ڪيائون تہ سڀني انبياءَ ۽ ملائڪن پويان اقتداء ڪئي. نماز کان فارغ ٿيا تہ سڀني نبين پنهنجي پنهنجي انداز ۾ حمد و ثنا ادا ڪئي.

پهرئين آسمان جو سير: حضور عليہ السلام جن فرمائين ٿا تہ: ان بعد جبرئيل مونکي صخره (پٿر) تي وڻي ويو. اُتي پهتس تہ نوراني معراج ظاهر ٿي، جيڪا آسمان تائين پهتل هئي. ڪيس پَر هئا، جن تي سُوار ٿي مان پهرئين آسمان تي پهتس. جبرئيل عليہ السلام آسمان جو دروازو کڙڪايو. اندران آواز آيو: مَن ذَالّذِي نَادِي (ڪير ٿو سڏي؟) جبرئيل چيو تہ: آءٌ آهيان آواز آيو: مَن مَعَکَ (ٻيو ڪير اٿئي؟) جبرئيل وراڻيو: مُحَمّدُ صلي الله عليہ وسلم. اندران آواز آيو: اَقَد اَرسِلَ (هن کي مٿي اڇڻ جو حڪم مليل آهي؟) جبرئيل وراڻيو: قَد اَرسِلَ اِلَيہِ (برابر هن کي مٿي اڇڻ جو حڪم مليل آهي). پوءِ پهرئين آسمان جي دربان ملڪ اسمائيل، ٻين هزارين ملائڪن سان اچي، منهنجي مرحبائي سلم ۽ تعظيم بجا آندي. آسمان ڏانهن ڏٺم تہ اهو نهايت صاف آئيني وانگر روشن هو. ائين پئي لڳو جڙ سائي موتي مان پيدا ٿيل آهي. جيڪي ملائڪ اُتي ڏٺم، اهي صفون سينگاريو پنهنجن تسبيحن ۾ مصروف هئا. سندن تسبيح هئي: سُبّوحُ قُدّوسُ رَبُّ المَلَائِکَتِ وَالرُّوحُ. جبرئيل عليہ السلام ٻڌايو تہ هي قيامت تائين انهيءَ تسبيح ۾ مشغول رهندا. جڏهن جبرئيل کان پڇيم تہ هنن جو

تعداد ڪيترو آهي، هن ٻڌايو: وَمَا يَعلَمُ جُنُودِ رَبِّکَ اِلّاهُوَ (الله تعاليٰ جي لشڪر جي خبر الله کي ئي آهي).

حضور عليہ السلام جن فرمايو تہ: اُن آسمان تي حضرت آدم عليہ السلام سان ملاقات ڪيم. هو موتين جي هڪ سفيد تخت تي وينل هو ۽ ڪيس نوراني لباس پيل هو. مون کي ڏسي منهنجي مرحبائي لاءِ اٿيو ۽ منهنجي پيشاني تي ٿي چُميون ڏئي فرمايائين تہ: مَرحَبَا بِاَلابِنِ الصّالِحُ اَلحَمدُ اللهِ الّذِی اَکرَمُکَ وَجَعَلَکَ مِن نَسلِی (پلي آئين صالح پٽ صالح نبي، شڪر آهي الله تعاليٰ جو جنهن توکي ايڏي تعظيم ڏني ۽ توکي منهنجي اولاد مان ڪيو). سندس پاسن کان ہہ دروازا هئا، هڪ کٻي پاسي ۽ ٻيو سڄي پاسي. سڄي پاسي واري دروازي ڏانهن ڏسي خوش پئي ٿيو ۽ کابي پاسي ڏسي غمگين پئي ٿيو. پڇا ڪيم تہ: پلا هي ڇا آهي؟ آدم عليہ السلام وراڻيو: سڄي پاسي وارو دروازو بهشت ڏانهن وڃي ٿو. منهنجي اولاد مان جيڪي بهشتي آدمي آهن، تن کي ڏسي خوش ٿو ٿيان. ٻيو کابي پاسي وارو دروازو دوزخ ڏانهن وڃي ٿو جيڪي دوزخي آهن تن کي ڏسي ڏک ٿو ٿئيم.

ٻئي آسمان جو سير: حضور عليہ السلام جن فرمائين ٿا تہ ان بعد ٻئي آسمان تي پهتس. وري ہہ اُن آسمان جي دربان سان پهرئين آسمان واري دربان سان ڪيل ساڳي گفتگو ٿي. دروازو کليو تہ ڏٺم تہ: اهو آسمان ڳاڙهي سون جو نهيل هو ۽ منجهائنس نوراني چمڪاٽ پئي اُٿيا. اُتي ہہ هزارين ملائڪ مرحبا لاءِ اُٿيا ۽ تعظيم ۽ تڪريم بجا آندائون. ملائڪن جي سلاميءَ بعد ہہ نوجوان اتي آيا. پڇا ڪيم تہ:

هي ڪير آهن؟ جبرئيل چيو تہ: هڪڙو عيسيٰ عليہ السلام ۽ ٻيو يحيٰ عليہ السلام آهي. ٻئي ماسات آهن. هنن ٻنهي وڏي اچي مون سان مصافحو ڪيو ۽ مرحبا ڪئي. هنن جي مرحبا هنن لفظن ۾ هئي: مَرحَبَا بِالاَخِ الصَّالِحُ وَالنَّبيُّ الصَّالِحُ (ٻلي ڪري آئين صالح ٻاءُ ۽ صالح نبي).

ٽئين آسمان جو سير: حضور عليہ السلام جن فرمائين ٿا تہ: ٽئين آسمان تي پهتس تہ وري بہ دربان سان ڳالهہ ٻولهہ ٿي. ان بعد مرحبا لاءِ ملائڪ آيا، جن ادب سان تعظيم بجا آندي. هي آسمان سفيد موتيءَ جو جُڙيل هو ۽ نهايت چمڪيو پئي. ان آسمان تي حضرت يوسف عليہ السلام، حضرت دائود عليہ السلام ۽ حضرت سليمان عليہ السلام سان ملاقات ٿي. انهن بہ اهڙي ئي مرحبا ڪئي، جهڙي حضرت عيسيٰ ۽ يحيٰ عليہ السلام جن ڪئي هئي.

چوٿين آسمان جو سير: حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: چوٿين آسمان تي ملائڪن جي مرحبا بعد حضرت موسيٰ عليہ السلام سان ملاقات ٿي ۽ هن سندم مرحبا ڪرڻ بعد چيو: اَلحَمدُ للهِ الّذِي اَرَانِي وَجهَکَ (الله تعاليٰ جو شڪر آهي جو تنهنجي مُنهن (مبارڪ) جو ديدار ڪرايائين). ان بعد فرمايائين تہ: اِنَّ غُلاَمَ ا بُعثَ مِن بَعدِي يَدخُلِ الجَنَّتِ مِن اُمَّتِ اَكثَرُ مِمَّا يَدخُلهَا مِن اُمَّتِي (بيشڪ مون کان پوءِ جوان آيو انهيءَ جي اُمت، منهنجي اُمت کان زياده بهشت ۾ ويندي. تون حق جو حبيب آهي. اُتي اُمت کي نہ وسارج).

پنجين آسمان جو سير: پنجين آسمان تي پهچڻ جو احوال ٻڌائيندي، حضور عليہ السلام جن فرمايو تہ: جڏهن پنجين آسمان جو مشاهدو ڪيم تہ ملائڪن جي مرحبا بعد حضرت ابراهيم، حضرت اسحاق، حضرت اسماعيل، حضرت لوط ۽ حضرت يعقوب عليہ السلام جن اچي مرحبا ڪئي. حضرت ابراهيم عليہ السلام جن: اِبنُ الصّالِحُ سان خطاب ڪندي فرمايو: تون حَبِيبُ اِلآهُ العلَمِينُ جو آهين. توکي اهو ديدار جو شرف ملندو جو تو کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ نصيب نہ ٿيو آهي ۽ نہ ٿيندو. پنهنجي اُمت لاءِ سهولتون ونج!

ڇهين آسمان جو سير: حضور عليہ السلام جن فرمايو تہ: ڇهين آسمان تي پهتس تہ دربان ملائڪ مرحبا ۽ هي لفظ چيا: بَارَکَ اللهِ فِي حَسنَاتُکَ وَزَادَ فِي اَکرَامَاتُکَ وَبَارُکَ فِيکَ (تنهنجي چڱاين ۽ الله تعاليٰ برڪت وجهي). مون آمين چيو تہ هزارن ملائڪن تعظيم ۽ تڪريم بجاءِ آندي. اهڙي طرح ڇهين آسمان جا سمورا عجائبات ڏٺم.

ستين آسمان جو سير: حضور جن فرمائين ٿا تہ: ستين آسمان تي پهتس تہ دربان، هزارن فرشتن سان استقبال لاءِ بينو هو. ملائڪن کي ڏٺم، جيڪي تسبيح ۽ تهليل ۽ مشغول هئا سُبحَانَکَ مَا اَعظَم شَانُکَ (توکي پاڪائي آهي، تنهنجو ڪهڙو نہ وڏو شان آهي!) سندن اها تسبيح هئي.

سِدرَتُ المُنتَهَيٰ جو سير: اهو مقام جبرئيل عليہ السلام جو آهي. ان تي اهو نالو هن ڪري پيو آهي، جو عالمن جو علم اتي پهچي بيهي

رهي ٿو اڳتي ڪنهن جو به علم نٿو هلي، تنهنڪري مُنتَهيٰ (پهتل) نالو رکيل اٿس. ڪن عالمن جو چوڻ آهي ته شهيدن جا ارواح اتي وڃي ٿا پهچن، انڪري ئي مُنتَهيٰ نالو پيس. عبدالله ابن عباس کان روايت آهي ته: سِدرَتُ المُنتَهيٰ هڪ وڻ آهي، جنهن جو ٿُڙُ سونَ جو ڪي ٽاريون موتين جون، ڪي سبز زمرد جون ۽ ڪي ڳاڙهي ياقوت جو ٽهيل آهن. اُن جا پَنَ، هاٿين جي ڪَنن جهڙا ۽ ميوا مَٽن جيڏا اٿن. قرآن ڪريم سِدرَتُ المُنتَهيٰ جو بيان هنن لفظن ۾ فرمايو آهي إِذْ يَغْشَى السِّدْرَةَ مَا يَغْشَىٰ (خدا تعاليٰ جي رحمت کي سِدرَتُ المُنتَهيٰ کي جيترو ڍڪڻو هو اوترو ڍڪيو آهي، القرآن، 53: 16).

مقام جبرئيل جي آڏو نُور جي ڪُرسي هئي، جا خاص منهنجي نالي هئي. جبرئيل مون کي ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چيو. انهيءَ ڪُرسيءَ جي آڏو چوطرف، هزارين ڪرسيون رکيل هيون. هڪڙي ڪرسين تي تورات (حضرت موسيٰ تي نازل ٿيل آسماني ڪتاب)، ٻين تي انجيل (حضرت عيسيٰ تي نازل ٿيل ڪتاب)، ٽين ڪُرسين تي زبور (حضرت دائود تي نازل ٿيل ڪتاب) ۽ چوٿين تي قرآن ڪريم لکيل هو. جن جي ملائڪن تلاوت پئي ڪئي. اتي بيت المعمور ڏٺائون، جيڪو ملائڪن جو ڪعبو اهي. جبرئيل اُتي نماز پڙهڻ لاءِ چيو. سڀني ملائڪن پٺيان اقتداء (تابعداري) ڪئي.

حضور عليه السلام جن فرمايو ته: سِدرَتُ المُنتَهيٰ جي پاڙ مان چار نهرون پئي نڪتيون. ٻه اندران اندر ۽ ٻه ظاهر ٻاهر پئي وهيون. جبرئيل ٻڌايو ته ٻه اندريون نهرون بهشت ڏي ٿيون وڃن ۽ جيڪي ٻه

ظاهري آهن سي هڪ نيل ۽ ٻي فرات آهن. جيڪي دنيا ڏانهن ٽيون وڃن. پنجين نهر اُتان نڪتي ٿي. جنهن جا ڪنارا ياقوت. موتين ۽ زبرجد جا هئا. ڪوزا ۽ گلاس به اُتي عمدا پيل ڏٺم. جبرئيل چيو ته هي ڪوثر آهي: إِنَّا أَعْطَيْنَاكَ الْكَوْثَرَ (اسان توکي ڪوثر عطا ڪيو آهي. القرآن. 108: 1). جبرئيل اهو به چيو ته: اها نهر خاص تنهنجي آهي. ان نهر جو پاڻي کير جهڙو اڇو. ماکيءَ جهڙو مٺو هو ۽ مُشڪ کان وڌيڪ خوشبودار هو. جبرئيل ٻڌايو ته جيڪو اُتاهون پيئندو سو وري اُجو نه ٿيندو.

جڏهن سِدرَتُ المُنتَهيٰ تي جبرئيل موڪلايو ته مون چيومانس ته مون کي اڪيلو ٿو ڇڏين ڇا؟ جبرئيل چيو ته: قرآن ڪريم ۾ پڙهيو اٿوَ ته الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته وَمَا مِنَّا اِلّا لَہ مَقَامُ مّعلُومُ (اسان مان ڪو به ڪونهي. جنهن جو مقام مقرر نه هجي). تنهنڪري: اگر يڪ سِر مُوئي برتر پَرم. فروغ تجلي بسوزد پَرم (وار جيترو به مٿي اُڏامان ته الله تعاليٰ جي تجلي منهنجا پَر ساڙي ڇڏيندي). لَودَ نُوتُ اَعلَتہُ لاخَيرِي (ڏوڏي جيترو پنڌ ويجهو ٿيان ته سڙي پوان). تَقَدّم فَاِنّکَ اَکرَم عَلَي الله مِنّي (تون اڳتي وڃ. الله تعاليٰ وٽ. تنهنجي عزت مون کان وڌيڪ آهي).

پوءِ رفرف (ڏولي) نوراني آئي. جنهن جي نور جي جهلڪ سج کي به شرمايو ٿي. مون کي اُن تي ويهاريو ويو ۽ پوءِ عرش معليٰ تي وڃي پهتس. عرض مجيد جي رفعت ۽ عظمت بيان کان ٻاهر آهي. خطاب آيو اَدنِ اِلَيَّ (منهنجي ويجهو اچ). هر پيري اهو خطاب ٿئي آيو ۽

قدم پئي رکيم. جيترو زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ مفاصلو آهي. هزار پيرا اهو خطاب پئي آيو تہ قدم پئي رکيم. فَكَانَ قَابَ قَوْسَيْنِ أَوْ أَدْنَى فَأَوْحَى إِلَى عَبْدِهِ مَا أَوْحَى يعني: پوءِ هئو قدر بن جو فن ڪمان جو يا اڃا بہ ويجهو پوءِ پنهنجي ٻانهي تي جيڪووحي ڪرڻو هئس، سو ڪيائين (القرآن، 53: 9_10).

حضور عليہ السلام جن الله تعاليٰ جي دربار ۾ هينيان الفاظ عرض ڪيا: اَلتَّحِيَاتُ للهِ وَالصَّلَوَاتُ وَالطَّيِّبَاتُ (سموريون عبادتون مالي خواه بدني، سموريون تعريفون ۽ ثنائون خاص الله تعاليٰ جي لاءِ اهن). انهن جي جواب ۾ مولیٰ پاڪ فرمايو: اَلسَّلَامُ عَلَيکَ اَيُّهَاالنَّبِيُّ وَرَحمَتُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ (الله تعاليٰ جون برڪتون ۽ رحمتون ۽ سلام توتي نازل آهن، اي نبي!). حضور عليہ السلام جن فرمايو اَلسَّلَام عَلِينَا وَعَلیٰ عِبَادُ اللهِ الصَّالِحِينَ: (اسان تي سلام ۽ الله تعاليٰ جي صالح ٻانهن تي بہ سلام هجي). الله تعاليٰ جي ملائڪن ملڪوت ۽ جبروت چيو تہ:

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ

(شاهدي ٿو ڏيان تہ الله تعاليٰ کان سواءِ ٻو ڪو بہ معبود بالحق ڪونہ آهي ۽ شاهدي ٿو ڏيان تہ بيشڪ محمد صلي الله عليہ وسلم سندس ٻانهو ۽ موڪليل رسول آهي). حضور جن فرمايو: رَئَيتَ رَبِّي في صُورَتِ اِيِّ صِفَتِہِ فَقالَ يَا مُحَمَّدُ فَبِمَا يَختَصِمُ المَلَءُ الاَعليٰ فَوَضعَ كَفَّهُ بَينَ كَتفِي فَوَجَدَتُ بَردَهَا بَين تَدَيِنِ (پنهنجي ربّ کي اعليٰ صفت تي ڏٺم، پوءِ فرمايائين: اي محمد! مٿين ملائڪن جي جماعت ڪهڙي ڳالهہ تي جهڳڙو ڪري؟ پوءِ پنهنجي ٻَبَن جي وچ ۾ انهيءَ جي ٺڏاڻ

لڏم). فَعَلمَتُ مَا بَينَ السَّموَاتِ وَالَارضِ (پوءِ جيڪي بہ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي هو، اهو سڀ ڄاتم). يعني ملائڪن مقرين ڇئن مسئلن ۾ اختلاف پئي ڪيو. هزارن سالن کان ونئي ڪفارات، مُنجبات، درجات، مهلڪات، الله تعاليٰ انهن مسئلن جو جواب باصواب حضور عليہ السلام جن کي عطا ڪيو، جنهن ملائڪن کي سمجهايو ۽ هُو شُڪر گذار ٿيا.

گهڻن علمائن جو چوڻ آهي تہ انهي فيصلي لاءِ ئي حضور عليہ السلام جن جو معراج ٿيو تہ جيئن ملائڪن جي وچ ۾ وڃي فيصلو ڪري. حضور جن باترتيب سوالن جا جواب فرمايا: اَمّا الكِفَارَاتُ. اِصبَاع الوُضُوءُ فِی البَردَاتِ وَالمَشِیّ بِالاَقدَامِ اِلَی الهِمَاعَاتِ وَانتِظَارِ الصّلَوَاتِ بَعدِ صَلَواتِ (گناهن کي مٽيندڙ هي آهن: سخت سردي ۾ ڪامل وضو ڪرڻ، نماز جي جماعت لاءِ پيرين پيادو وڃڻ، هڪ نماز پڙهي، ٻي نماز جو انتظار ڪرڻ). اَمّاالمُنَجّيَاتِ خَشيَتُ اللهِ تَعَالیٰ فِی السِرّ وَالعَلَانِيتِ وَالقَصدَ فِی الفَقرِ وَالغَنَاءِ وَالعَدلِ فِی الغَضبِ وَالرّضَا (خدا تعاليٰ جي عذاب کان ڇڏائيندڙ هي آهن: لِڪَ ۾ توڙي ظاهر ۾ الله تعاليٰ جو خوف، شاهوڪاري توڙي غريبي ۾ درميانگي، ڪاوڙ توڙي خوشيءَ ۾ انصاف ڪرڻ). اَمّاالدّرَجَاتِ اَطعَمُ الطَعَامِ وافشَا وَالسّلَامِ وَالصّلِواه بِاللّيلِ وَالنّاسِ نِيَامِ (الله تعاليٰ وٽ درجو بلند ڪندڙ هي آهن: الله تعاليٰ جي نالي تي طعام ڏيڻ، واقف اڻ واقف کي سلام ڏيڻ، رات جو جڏهن ماڻهو ننڊ ۾ پيا هجن ان وقت نماز پڙهڻ). وَاَمّا المُهلِكَات رَشّعَ مُطاعِ وَ اَعجَابِ المَرءَ بِنَفسِہ (هلاڪ ڪندڙ شيون هي آهن: بُخل

جنهن جي تابعداري ڪئي وڃي. مرد جو پنهنجي نفس تي فخر ڪرڻ، يعني بخل ۽ تڪبر ٻئي هلاڪ ڪندڙ شيون آهن). الله تعالیٰ فرمايو: صَدَّقتَ عبدی (سچ چيو تو منهنجا ٻانها!).

بهشت جو سير: حضور عليہ السلام جن فرمايو تہ: مولیٰ پاڪ فرمايو تہ بهشت ۽ دوزخ جو معائنو بہ ڪر. بهشت ڏسي پنهنجي اُمت کي ان جي نعمتن کان آگاهہ ڪر ۽ دوزخ پسي، پنهنجي اُمت کي دوزخ جي عذابن کان ڊيڃار! پاڻ فرمائين ٿا تہ: جبرئيل مون کي بهشت جي دروازي تي وٺي ويو. رضوان (داروغو بهشت جو) پنهنجي ملائڪن، حورن ۽ غلمائن سان استقبال لاءِ ٻينو هو. سندس تسبيح هيءَ هئي، جيڪا سيني کي پئي پڙهايائين: سُبحَانَ الخالِقُ العَلِيمِ سُبحَانَ الكَرِيمُ الاِكرَامُ سُبحَانَ اللهُ المُثّبِتُ مِن طَاعَتِ جِنّاتُ النَعِيمِ. رضوان مون کي بهشت جو سير ڪرايو. بهشت جون محلاتون، باغ باغيچا ۽ نعمتون ڏسي شاد ٿيس. بهشت جون نهرون ڏٺم. اَنهَارٌ مِن مّآءٍ غَيرُ اٰسِن وَاَنهَارُ مِن لَبَنٍ لَم يَتَغَيّرُ طَعمُهُ وَاَنهَارُ مِن خَمرِ لَذّتِ لِشَارِبِينَ وَاَنهَارُ مِن عَسلِ مُصَفّيَ (ڪي نهرون صاف پاڻيءَ جون هيون جي اصلي نہ ڦرن، ڪي نهرون کير جون هيون جي اصلي اُڪيون نہ ٿين، ڪي نهرون شراباً طهورا جون هيون جيڪي پيئندڙن لاءِ ڏاڍيون لذيذ هيون، ۽ ڪي نهرون صاف ماکيءَ جون هيون). الاهي فرمان ٿيو تہ: يَا مُحَمّدُ! مَن ذِكرَنِی بِقَلبِ سَلِيمُ وَ خَالِصُ بِسمِ الله الرّحمانِ الرّحِيمِ سَقِيتُهُ مِن هذِهِ الاَنهَارُ (اي محمد! جنهن مون کي صاف قلب ۽ سچائي سان ياد ڪيو يعني بِسمِ الله شريف پڙهيائين مان ان کي، انهن چئن نهرن مان

پياريندس). اَٽ بهشت آهن، اَٽن ئي بهشتن جو سير ڪيم. پنهنجن اصحابن ابوبڪر، عمر، عثمان ۽ علي جون محلاتون بہ ڏٺم، جيڪي تمام عاليشان هيون. جبرئيل، ان وقت هي شعر ٿي پڙهيو:

اِنَّ فِی الجَنَّتِ نَهرَا مِن لَّبَن

لِعَلِّی وَ حُسَینُ وَ حَسَن

(بيشڪ بهشت ۾ ڪير جي نهر آهي، جا علي ڪرم الله وجہ، امام حسين ۽ امام حسن لاءِ آهي).

الله تعاليٰ جو فرمان ٿيو تہ: اهو بهشت ۽ اهي نعمتون تنهنجي دوستن ۽ اُمتين لاءِ آهن. اهو بهشت تنهنجي دشمنن لاءِ حرام آهي. وري حڪم ٿيو تہ جهنم جو بہ معائنو ڪر. پوءِ جبرئيل سان گڏ اوڏانهن ويس.

دوزخ جو سير: دوزخ جي دربان وٽ پهتس تہ هو پنهنجن داروغن (زَبَانِيين) سان گڏ، منهنجي استقبال لاءِ ٻيٺو هو. ڪل ست دوزخ هئا: جهنم جي پهرئين طبقي ۾ باهہ جا درياهہ ڏٺم، جيڪڏهن ست آسمان ۽ ست زمينون ان ۾ اڇلايون وڃن تہ بہ پتو نہ پوي تہ ڪاڏي ويا! اهڙا هيبتناڪ آواز ۽ ڏڏڪا پيو ڪري، جو جيڪڏهن اهي دنيا ۾ پهچن تہ ڪو بہ ساهہ وارو جانور جيئرو نہ رهي سگهي. ٻيو طبقو ڏٺم، جو ان کان بہ سخت هو. دوزخ جي داروغي (مالڪ) چيو تہ ان ۾ ظالم، هٿيلا ۽ ڦورو پوندا. ان جو نالو سَعِيرُ هو. ٽيون طبقو ڏٺم، جيڪو حُطمَتہ هو. انهيءَ ۾ وياج خور ۽ شرابي ماڻهو پوندا. چوٿون طبقو لَظّيٰ هو. ان ۾ ابليس شيطان ۽ سندس طابع، ۽ مجوس (باهہ جا پوڄاري) پوندا.

پنجون طبقو سَقَرُ هو. ان ۾ يهودي ۽ نصارا پوندا. ڇهون طبقو جَحِيمُ آهي. جنهن ۾ ڪافر مشرڪ پوندا. ستون طبقو هَاوِيَہ آهي. ان ۾ فرعون، هامان، قارون، شداد ۽ تنهنجي اُمت جا منافق پوندا.

دوزخ ڏسي پاڻ ڪريمن دعا گهُري تہ: اَللّٰهُم اَعُوذُبِکَ بِعَفُوکَ مِن عَقَابِکَ وَاَعُوذُبِکَ مِن بَطشِکَ وَاَعُوذُبِکَ مِنکَ لآ اَحصَي ثَنَآءَ عَلَيکَ اَنتَ کَمَا اُثنَيتُ عَلٰی نَفسِکَ (اي الله! تنهنجي بخشش سان تنهنجي عذاب کان معافي ٿو ونان، تنهنجي ڏمر کان معافي ٿو ونان، تنهنجي عذاب کان پناهہ ٿو گهران، مان تنهنجي تعريف ڪري نٿو سگهان، جيئن تون پنهنجي تعريف ٿو ڪرين). الله تعاليٰ فرمايو تہ: اي محمد! بهشت جون نعمتون ۽ دوزخ جون سختيون ڪيئن ڏٺئي؟ عرض ڪيم: اي خدا! تنهنجون نعمتون شمار کان ٻاهر آهن. تنهنجي بهشت جو نعمتون تو جنهن کي انعام ڪيون، اهو ڪامياب ٿيو ۽ جنهن تي بہ تنهنجي دوزخ جون سختيون وارد ٿيون، اهو خاسر (نقصانڪار) ٿيو. الله تعاليٰ فرمايو: هاڻي وڃي خلق کي ايمان جي دعوت ڏي. ڪين بهشت جي مبارڪ ڏي ۽ دوزخ کان ڊيڄار. ڏک جي وقت مون کي ياد ڪر، جو آءٌ توکي ساهہ کان بہ ويجهو آهيان. مظلوم جي ٻِڏَ کان ڊڄ، جو اُن جي ٻِڏَ مون وٽ جلد پهچي ٿي. وچ ۾ پردو ئي ڪونهي، ۽ سختي تي صبر ڪر. وڏائي ۽ دشمني کان پرهيز ڪر، دنيا تي مغرور نہ ٿيءُ، عرض ڪيم: خدايا! تنهنجو ٻانهو آهيان، تنهنجي عبادت ٿو ڪريان ۽ توکان ڊڄان ٿو. تنهنجي رحمت ۾ اميدوار آهيان. فرمايائين: تون پاڻ نماز پڙهہ ۽ پنهنجي اُمت کي نمازون پڙهڻ جو حڪم ڏي. مون توتي ۽

تنهنجي اُمت تي پنج نمازون رات ڏينهن ۾ فرض ڪيون آهن. عرض ڪيم: منهنجون هي ڳالهيون، جيڪي مون کي معراج جي رات عطا ٿيون آهن، سي ڪير مڃيندو؟ حڪم فرمايائون تہ: يُصَدِّقُکَ اَبُوبَکَرِ الصِّدِيقُ رضي الله عنہ (ابو بڪر صديق تنهنجي تصديق ڪندو، پوءِ ٻيا بہ تصديق ڪندا).

حضور عليہ السلام جن فرمائين ٿا تہ: صبح جو صديق اڪبر آيو، جنهن سان معراج جو سمورو احوال ڪيم. چيائين تہ: صَدَّقَت (سچ ٿو چوين). ان ڏينهن کان ابوبڪر، صديق جي لقب سان ملقب ٿيو. ابوجهل لعين تڪذيب (ڪوڙو سمجهڻ) ڪئي. بيت المقدس جا نشان پڇا ڪيائين. ماڻهو بہ گهڻا اڇي گڏ ٿيا هئا. جبرئيل عليہ السلام بيت المقدس جو نقشو حضور عليہ السلام جن جي دربار ۾ آڻي پيش ڪيو. پوءِ جيڪي بہ نشان هنن پئي پڇيا، حضور عليہ السلام جن اهي نقشي تي ڏسي پئي ٻُڌايا. مجبوراً، ابوجهل ۽ سندس ساٿين انهن جي تصديق پئي ڪئي. هنن جو مطلب هو تہ پاڻ ڪريمن بيت المقدس ڏٺو ئي ڪونهي، انڪري ڪو بہ نشان ٻُڌائي ڪونہ سگهندا، مگر جڏهن حضور عليہ السلام جن پورا پورا نشان ٻڌايا تہ هو شرمندا ٿي واپس ويا.

نماز جا وقت: معراج بعد جبرئيل عليہ السلام آيو ۽ نماز جا پنجئي وقت اڇي پڙهايائين. پهرئين ڏينهن هر نماز اول وقت ۾ پڙهايائين ۽ پئي ڏينهن، نماز پوئين وقت پڙهايائين، پوءِ چيائين تہ: انهن ٻنهي وقتن جو وچ، تنهنجي ۽ تنهنجي اُمت جي نماز جو وقت

آهي. حضور عليہ السلام جن معراج بعد باترتيب نماز پنج فرض پنجن وقتن ۾ مڪي ۾ ادا ڪئي.

بيعت عقبت الاولي

نبوّت جي ٻارهين سال، حج جي ڏينهن ۾ ٻارهن ماڻهو اسلام سان مشرف ٿيا، جيڪي خروج قبيلي جا هئا. حضور عليہ السلام جن مصعب بن عمير رضہ کي انهن سان گڏ مديني منوّره موڪليو تہ اُتي وڃي دين جي تبليغ ڪري، ۽ جن اسلام آندو آهي، تن کي دين جا احڪام سيکاري. مصعب بن عمير هڪ جوان هو. جيڪو پنهنجي ماءُ پيءُ جي گهر ۾ ناز نعمت سان پلجي وڏو ٿيو هو. اسلام جي اچڻ بعد مٿس تمام سخت مظالم ڪيا ويا، مگر هو پڪو مسلمان هو. ثابت قدم رهيو. قرآن ڪريم جون جيڪي آيتون نازل ٿيون هيون، سي سڀ ياد هيس. هڪ تہ احڪامن جو عالم هو. ٻيو تہ قريشن جا مٿس ظلم، تنهنڪري حضور جن ڪيس مديني منوره ڏانهن وڃڻ جو حڪم ڪيو. حڪم ملڻ تي هو مديني شريف ويو ۽ اتي اسعد بن زراره جي گهر رهيو. پوءِ اتي تبليغ جو ڪم زور شور سان جاري ڪيائين، جنهنڪري اتي گهڻائي قبيلا مسلمان ٿيا.

بيعت عقبت الثاني

نبوت جي تيرهين سال مديني جا مسلمان توڙي غير مسلمان، بيت الله جي زيارت جي ارادي سان مڪي معظم ۾ آيا. ڪن جو چوڻ

آهي تہ مرد خواهہ عورتون ڪل ٿي سئو ڪن ماڻهو هئا. ڪعب بن مالڪ فرمائي ٿو تہ: اسان چوريءَ گڏجي وڃي حضور عليہ السلام جن سان ملاقات ڪئي ۽ ساڻن وعدو ڪيوسين تہ 'ايام تشريق' جي ٻيءَ رات عقيد منزل جي ڪنهن جبل جي ڇُر ۾ ويهي بيعت ڪنداسين. پوءِ اُن رات هڪ هڪ ڇڻو ٿي، ڪسڪندا، چوريءَ چوريءَ، وعدي ڪيل جڳهہ تي پهچندا وياسين. رات جا ٻہ حصا گذريا تہ حضور جن ٻہ پنهنجي چاچي حضرت عباس (جو ان وقت تائين مسلمان ڪو نہ ٿيو هو مگر حضور جن تي سندس شفقت ۽ مهرباني هئي، ۽ ساڻن هم صلاح هئو انڪري گڏجي آيو هو) سان گڏجي آيا. ڪعب بن مالڪ چيو تہ: اسان ڪل ستر مرد ۽ ٻہ عورتون اُتي حاضر هئاسين. سڀ کان پهرين حضرت عباس تقرير ڪئي تہ: اي اهلِ مدينہ! توهان کي خبر هئڻ گهرجي تہ محمد صلي الله عليہ وسلم پنهنجي قوم جو معزز ترين شخص آهي. اسان هن کي دشمن کان نهايت محفوظ رکيو آهي ۽ پنهنجا سِر ۽ مال مٽس گهوريا اٿئون. توهان ۾ اگر همت ۽ جرئت آهي تہ سندس حمايت ۽ مدد ڪريو ۽ ڪيس دشمنن کان محفوظ رکي سگهو تہ پوءِ پلي ساڻس بيعت ڪريو ۽ ڪيس پاڻ سان ملايو ۽ پاڻ سان مديني منوره وڃي وڃو ٻي صورت ۾ توهان هن کي اجايا دلاسا ۽ ڏيڻا نہ ڏيو. توهان کي جيڪڏهن هن جو دين پسند آهي تہ قبول ڪري وٺو!.

ان کان پوءِ وري حضور عليہ السلام جن تقرير فرمائي تہ: اي اهلِ مدينہ! آءٌ الله تعاليٰ جو نبي مرسل ٿي آيو آهيان تہ جيئن اهلِ دنيا کي ڪُفر ۽ شِرڪ کان بار آڻيان ۽ الله تعاليٰ جي سچي عبادت ۽ توحيد ۾

سندن رهنمائي ڪريان. آءٌ نيڪي جو حڪم ڪندس ۽ بُراين کان روڪيندس. توهان مون کي مديني اچڻ جي دعوت ڏا ڏيو. جيڪڏهن توهان دين جي ڪمن ۾ مدد ڪندا، منهنجي نتهباني ۽ منهنجي دشمنن سان مقابلو ڪندا تہ پوءِ آءٌ توهان سان توهان جي شهر ڏانهن هلڻ لاِ تيار آهيان. توهان جي سچائي ۽ قرباني جي بدلي ۾ الله تعاليٰ توهان کي دنيا ۾ عزت ۽ آخرت ۾ بهشت نصيب ڪندو.

حضور عليہ السلام جن جي تقرير بعد انصارن بہ تقريرون ڪيون. سڀ کان پهرين حضرت اسعد فرمايو تہ: اي نبي عليہ السلام! سڀ کان ڏکيي ۾ ڏکيو ڪم آهي پنهنجو دين ڇڏڻ. جڏهن اسان پنهنجو دين ڇڏيو ۽ ان کي باطل سمجهي تنهنجو دين اسلام قبول ڪيو تہ هاڻي اسان جي مٽان انهي کان مٽي کا بہ وڏي تڪليف ۽ ڇالهہ ڪانهي. اسان جا سِر، اهل و اولاد ۽ مال متاع سڀ توهان تان صدقي آهن. پوءِ سيني گڏجي حضور عليہ السلام جن سان بيعت ڪئي. اول جنهن هٿ هٿ ۾ ملايو ۽ بيعت ڪئي، سو هو براءِ بن معرور، ڪن چوڻ هو تہ پهريون شخص بيعت ڪندڙ ابو امامہ هو ۽ ڪي چون ٿا تہ اهو اسعد بن زراره هو. بهرحال سيني بيعت ڪئي ۽ حضور عليہ السلام جن هنن لفظن سان اهلِ مدينہ کي تسلي ڏني: اَلدَّمُ بِالدَّمَ وَالهَدَمُ بِالهَدَمِ اَنتُم مِنّي وَاَنَا مِنكُم اُحَارِبُ مَن حَارَبتُم وَاُسَالِمُ مَن سَالَمتُم (منهنجو خون توهان جي خونن سان گڏ هوندو، منهنجي قبر توهان جي قبرن سان گڏ هوندي، مان توهان جو، توهان منهنجا، جيڪو توهان سان جنگ ڪندو مان ان سان جنگ ڪندس ۽ جيڪو توهان

سال صلح ڪندو مان ان سان صلح ڪندس). پوءِ بيعت ڪري هرڪو واپس ويو.

ٻئي ڏينهن صبح جو قريشن جا سيئي وڏا وڏا ماڻهو گڏجي اهلِ مدينہ وٽ ويا ۽ چيائون تہ: اسان ٻُڌو آهي تہ توهان اسان جي مائٽ محمد صلي الله عليہ وسلم سان عهد و پيمان ڪيو آهي ۽ ڪيس مديني اچڻ جي دعوت ڏني آهي تہ جيئن انهيءَ سان رِلي مِلي اسان سان جنگ ڪريو؟ مديني جي ماڻهن انڪار ڪيو ۽ مديني ڏانهن روانا ٿي ويا.

اصحابن کي هجرت جو حڪم

حضور جن اصحابن کي هجرت جو حڪم ڪيو. پهرين مصعب بن عمير هجرت ڪئي ۽ پوءِ ابوسلمہ بن عبدالاسد مخزومي. ٿورن ڏينهن بعد شماس بن عثمان، ارقم بن ابو ارقم، مقداد بن عمرو، حاطب بن ابي بلتع، مسعود بن ربيع، سعد بن ابي سرج، عثمان بن عفان، ابو حذيفہ عتبہ بن ربيعہ ۽ ٿورين ڏينهن بعد وري حضرت حمزہ، زيد بن حارث، مرثد بن ابي مرئد، ابو ڪبشہ عمرو بن اُم مڪتوم، عمار بن ياسر، عبدالله بن مسعود ۽ حضرت بلال، اهي سڀ سڳورا لِڪ ڇِڀ ۾ هڪ ٻئي جي پويان هجرت ڪندا ويا.

حضرت عمر رضہ جي هجرت: حضرت عمر رضي الله عنہ جي هجرت ويهن اصحابن سان گڏ ٿي. هن سڀ کان پهرين بيت الله شريف جو طواف ڪري مقامِ ابراهيم ۾ نماز پڙهي. اُتي قريشن جا تقريباً

سيئي وڏا وڏا رئيس موجود هئا. حضرت عمر رضہ انهن کي خطاب ڪندي فرمايو: اي قريشو! اسان پنهنجي نبي ڪريم جي فرمان ۽ حڪم موجب مديني منوره هجرت ڪرين ٿا. توهان مان جنهن کي بہ جرئت ٿئي ۽ جيڪو بہ پنهنجون زالون رنڊيون ۽ ٻار يتيم ڪرڻ چاهي تہ پلي اچي مقابلو ڪري، ٻي صورت ۾ اسان مديني جا عازم آهيون. توهان جي طاقت اسان کي باز نٿي آڻي سگهي! حضرت علي فرمائي ٿو تہ: مان حاضر ٻينو هئس، حضرت عمر رضہ جي للڪار ٻُڌي ڪنهن کي بہ همت ڪانہ ٿي جو ڪو ڪجهہ ڪُڇي سگهي يا هن کي جواب ڏئي سگهي. بس سڀ حيرت ۾ بيٺا هريا!

حضور جن کي نقصان رسائڻ لاءِ قريشن جو منصوبو

مڪي معظم مان سيئي اصحاب سڳورا هڪ ٻئي پويان هجرت ڪندا ويا، باقي وڃي حضرت علي ڪرم الله وجہ ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضہ رهيا. قريش، ابوجهل جي مشوري سان دارالندوه (ميٽنگ جي جاءِ، جيڪا قصي بن ڪلاب ٺاهي هئي) ۾ اچي گڏ ٿيا. شيطان بہ هڪ ٻِير مرد جي شڪل ۾، هڪ وڏي سردار جي روپ ۾ اچي اُتي سهڙيو. ماڻهن کيس اوپرو سمجهي پُڇا ڪئي تہ چيائين: نجد جي قبيلي جو سردار آهيان، ٻُڌو اٿم تہ توهان ۾ هڪ اهڙو جوان آهي، جنهن توهان جا دين ريتي پنهنجو نئون دين ٺاهيو آهي. توهان مان ڪنهن کي همت ڪانہ ٿي ٿئي جو ساڻس مقابلو ڪري، ان ڪان مان توهان جي همت افزائي ڪرڻ ۽ توهان کي صلاح مصلحت ڏيڻ جي

ارادي سان هتي آيو آهيان. اهو ٻڌي سيني ساٿس خوشامد برآمد ڪئي ۽ ڪيس پاڻ سان ملائڻ ۾ فخر ڄاتائون.

پوءِ تقريرون شروع ٿيون. سيني اتفاق راءِ سان چيو تہ: محمد صلي الله عليہ وسلم جو ڪم تمام گھٽو وڌي ويو آهي، سندس ساٿي عرب جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ پهچي چُڪا آهن. اُنهن جو اهڙو اثر آهي، جو جيڪو بہ انهن جي ڀَالهہ ٻُڌي ٿو سو ويساهہ ڪري ٿو وڃي. جيڪڏهن اها حالت رهي تہ پوءِ عرب جا سيئي قبيل هنن سان ملي ويندا ۽ پوءِ هو اسان سان جنگ شروع ڪري ڏيندا، نہ صرف جنگ، پر اسان کي ماري ڪُٽي، شهر نيڪالي ڏيئي ڇڏيندا، تنهنڪري صلاح ڪريو تہ هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ اهو ٻُڌي هڪڙن چيو تہ: هن کي ساٿين سوڌو پڪڙي قيد ڪري ڇڏجي تہ جيئن اتي ٻُکن ۾، ساٿين سميت مري وڃي. ڪن وري چيو تہ: کيس شهر نيڪالي ڏئي ڇڏيو. شيخ نجدي (شيطان) چيو: اهي ٻئي مشورا ٺيڪ نہ آهن. هو قوم جو معزز فرد آهي، تنهنڪري قوم ضرور سندس حمايت ڪندي، شهر ۾ فساد ٿيندو ۽ توهان بہ ڪامياب نہ ٿيندا. اتي ابوجهل چيو تہ: سيئي قبيلا گڏجي جوان مڙس چونڊيو. هر قبيلي جو هڪ جوان هجي ۽ هر جوان جي هٿ ۾ ترار هجي. پوءِ سيئي گڏجي حملو ڪن، جيئن سيني جون تراريون هن جي جسم ۾ گهِڙي وڃن ۽ هو قتل ٿي وڃي. پوءِ قصاص ڪنهن کان ونندا؟ آخرڪار فيصلو وڃي ٿيندو دِيتَ (خون بها) تي، اهو آءٌ (ابوجهل) پري ڏينداس! اها صلاح سيني کي ڏاڍي وڻي. شيخ نجدي (شيطان) بہ واه واه ڪئي.

الله تعاليٰ انهي واقعي جي خبر حضور عليہ السلام جن کي ڏني. قرآن ڪريم هن طرح ٿو بيان فرمائي ٿہ:

وَ اِذْ يَمْكُرُ بِكَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِيُثْبِتُوْكَ اَوْ يَقْتُلُوْكَ اَوْ يُخْرِجُوْكَ ؕ وَ يَمْكُرُوْنَ وَ يَمْكُرُ اللّٰهُ ؕ وَ اللّٰهُ خَيْرُ الْمٰكِرِيْنَ

ترجمو: ڪافرن تنهنجي ضرر رسائڻ لاءِ سازش ڪئي ٿہ توکي قيد ڪن يا ملڪ نيڪالي ڏين. هو سازشون ڪن ٿا، الله تعاليٰ بہ ساڻن سازش ڪندو. ۽ الله تعاليٰ جي سازش سان انهن جي سازش پوري نہ پوندي (القرآن،8: 30)

حضور عليہ السلام جن جي هجرت

جڏهن کين حڪم مليو ٿہ هجرت ڪريو ٿہ پاڻ هڪ رات حضرت علي ڪرم الله وجہ کي پنهنجي بِستري تي سمهاري، پاڻ ڪنهن مخفي هنڌ تي وڃي رهيا. ڪافرن بہ اُن رات صلاح ڪئي ٿہ جيئن هو (حضور ڪريم) ٻاهر نڪري ٿہ مٿس حملو ڪيو وڃي. پوءِ هنن جا گهڻ جوان تراريون ۽ نيزا کڻي، سنيپري اچي محاصرو ڪري بيٺا. صبح جو جيئن حضرت علي رضہ بِستري تان اُٿيو ٿہ مشرڪ کين ڏسي حيران ٿي ويا. حضرت علي رضہ کان پُڇا ڪيائون ٿہ: محمد صلي الله عليہ وسلم ڪٿي آهي؟ جوب ۾ حضرت علي کين چيو ٿہ: آءٌ هن جو نگهبان ڪونہ آهيان. هنن گهڙي کن لاءِ حضرت

علي رضہ کي سوالن جوابن جي تڪليف ڏني، پوءِ شرمسار ٿي واپس وريا.

انهيءَ ڏينهن منجهند جو حضور عليہ السلام جن هڪ چادر ۾ ويڙهجي، حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي گهر تضريف فرما ٿيا. حضرت ابوبڪر يڪدم سندن تعظيم ۽ تڪريم بجا آندي. حضور جن ڪيس چيو تہ: گهر جي ڀاتين کي پاسي ڪر. ڪجهہ مخفي ڳالهائڻو آهي. حضرت صديق اڪبر رضہ عرض ڪيو تہ: ارشاد ڪريو. گهر ۾ صرف تنهنجي مڱ عائشہ ۽ سندس ڀيڻ آهي. حضور جن فرمايو تہ: هجرت جو حڪم مليو آهي، ان لاءِ سُواري گهرجي. صديق اڪبر رضہ عرض ڪيو تہ: ہہ اُٺ آهن، هڪڙو ڏُڌي ڪڍو. پڙ ڪريمن فرمايو تہ: اُجورو ضرور وٺ، تہ پوءِ آءٌ قبول ڪريان. صديق اڪبر رضہ راضي ٿيو. پوءِ حضور جن هڪ اُٺ، جنهن جي قيمت چار سئو درهم هئي، سو پنهنجي لاءِ منتخب ڪيو. ان بعد سفر جو سامان تيار ڪيو ويو.

عائشہ صديقہ رضہ فرمائي ٿي تہ: امڙ طعام ماني ۽ گوشت تيار ڪري ڏنو. عبدالله بن ابوبڪر، عبدالله اريقط ليئي، جيڪو رستي جو چڱي طرح سونهون هو تنهن کي مزوريءَ تي آندو ۽ اُٺ سندس حوالي ڪري چيائونس تہ: ٽن ڏينهن بعد اُٺ ڪاهي غارِ ثور وٺ اچج. عامر بن فهيره، جيڪو حضرت ابوبڪر جو غلام هو تنهن کي حڪم ڪيائون تہ: رڍن جو ڏڙ ڪاهي رات ڏينهن غارِ ثور ڏانهن وڃي، جيئن حضور عليہ السلام جن اُتي کير پِي سگهن. عبدالله کي حڪم

ڪيائون تہ: قريشن جو جيڪو احوال وهي واپري، سو روزانو اچي ٻڌائيندو ڪر. صديق اڪبر رضہ بہ راهہ خرچ لاءِ جيڪو پئسو ڏوڪڙ هو، سو ڪٽي تيار ٿيو. عائشہ صديقہ رضہ فرمائي ٿي تہ هو پنج هزار درهم پاڻ سان ڪٽي روانو ٿيو.

بيبي عائشہ رضہ فرمائي ٿي تہ: منهنجو ڏاڏو ابو قحافہ نابينا هو، تنهن بابي جي وڃڻ بعد چيو تہ: خبر ناهي تہ ڪٿنب جي خرچ لاءِ ڪو پائي پئسو ڇڏي ويو آهي يا سڀ ڪٽي ويو آهي؟ تڏهن مون ڳوٺري ۾ پٽريون وجهي انهي جاري تي رکي، جتي بابا پئسا رکندو هو ۽ ڪيس ونڻي وجي ڏيکاريم تہ چيومانس تہ: ڏاڏا! هي ڏس، سمورا پئسا بابا اسان لاءِ ڇڏي ويو آهي. ڏاڏا ڳوٺري کي هٿ لائي چيو تہ: هي ڏوڪڙ ڪافي آهن، پاڻ جي ويو تہ فڪر ناهي.

حضور جن ماه صفر جي ٻاويهين تاريخ، سومر جي رات گهر کان نڪتا ۽ غارِ ثور ڏانهن روانا ٿيا. حضرت ابوبڪر صديق ڪڏهن سندن اڳيان، ڪڏهن کاٻي ڪڏهن ساڄي ۽ ڪڏهن سندن پويان پئي هليو ۽ ڦريو. جڏهن حضور جن کانئس ائين فِرڻ جو سبب پڇيو تہ حضرت صديق ڪبر رضہ ٻڌايو تہ: اڳيان انڪري هلا ٿو تہ متان ڪي دشمن نہ لِڪا وينا هجن ۽ اڳيان حملو ڪن ۽ ڇئوطرف بہ انڪري ئي پيو ڇئونڪي ڏيان تہ متان ڪٿان حملو ٿئي! هلندا هلندا اچي جبل جي ويجهو پهتا. حضور جن جي جُتي مبارڪ سوڙهي هئي، جنهن سندن پير ڦٽي وِڌا هئا، انڪري صديق اڪبر رضہ کين ڪلهي تي

ڪنيو ۽ غارِ ثور وٽ وڃي لاٿائين ۽ ڪين عرض ڪيائين تہ: گھڙي ڪن اتي ترو تہ آءٌ اندر غار ۾ وڃي صفائي ڪري اچان.

غار تمام سوڙھي ھئي ۽ ان مھل تائين ڪڏھن ڪوبہ ان ۾ نہ ويو ھو نہ ٽِڪيو ھو. سڃي غار سوراخن ۽ ٻِرن سان ڀريل ھئي. حضرت ابوبڪر صديق رضہ تمام اوچي ڪپڑي جو پھراڻ، جو ڪيس پيل ھو، سو لاھي ڦاڙي، انھن سوراخن کي بند ڪندو ويو. آخر ۾ ھڪڙو سوراخ رھجي ويو، جو ان کي بند ڪرڻ لاءِ ڪپڑو ڪونہ بچيو. پوءِ ان غار مان ٻُھاري ڏيئي، صفائي ڪري اچي حضور جن کي عرض ڪيائين تہ: ھاڻي اندر ھليا اچو. پوءِ پاڻ ڪريم جن اندر آيا ۽ ابوبڪر صديق رضہ جن جي ھنج ۾ اچي آرام ڪيائون.

صديق اڪبر رضہ، باقي رھيل سوراخ کي پنھنجي پير جي ڪُڑيءَ سان بند ڪري ويٺو ھو. اڌ رات ڌاري ھڪ ازدھا نانگ، جيڪو ان ۾ رھندو ھو، سو سوراخن مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. پر ٻيا سوراخ بند ڏسي، ان سوراخ مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. جنھن تي حضرت ابوبڪر صديق رضہ ڪُڑي ڏيو ويٺو ھو. نانگ ڪُڑيءَ ۾ ڏنگ ھڻي ڪڍيو. حضرت ابوبڪر صديق رضہ چَڪ ۽ زھر جي تڪليف ٻِي ويو پر ڪُڑي، سوراخ تان نہ ھٽايائين. تڪليف کان سندس اکين مان ڳوڙھا ڳڙي حضور عليہ السلام جن جي مُنھن مبارڪ تي ڪِرڻ لڳا تہ پاڻ سجاڳ ٿي ٻيا. پُڇا ڪيائون تہ صديق اڪبر عرض ڪيو: ڪا بلا آھي جا پَير ۾ ڏنگھي رھي آھي. پاڻ

ڪريمن فرمايس تہ: پَير هيڏانهن ڪر. پوءِ ڪيس اُن ڏنگ واري جاءِ تي پنهنجي لعاب مبارڪ لاتائون تہ هن کي يڪدم شفا ٿي ويئي.

حضور جن جي غار ۾ وڃڻ بعد، ڪوريئڙي غار جي منهن تي تاجي ڪيڙي ڇڏي ۽ پاريهر جي جوڙي اچي اتي آکيرو ناهي آنا لاٿا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن انهن پاريهرن کي دعا فرمائي. انهن جي نسل مان اهي پاريهر آهن جيڪي بيت الله جي حرم ۾ رهن ٿا. سندن نسل قيامت تائين رهندو ۽ ڪو بہ کين شڪار نہ ڪندو.

اسماء ڏيءَ ابوبڪر صديق فرمائي ٿي تہ: ابوجهل، پين قريشن سان گڏجي، صبح جو اچي اسان جي دَر تي گڙو ڪڙڪايو. مان در تي ويس تہ پڇيائون: تنهنجو پيءُ ڪٿي آهي؟ چيم: مون کي خبر ناهي. اهو ٻُڌي ابوجهل مون کي منهن تي اهڙي تہ چماٽ هنئي جو منهنجي ڳَنن ۾ پيل پنڙا بہ ڪِري پيا. پوءِ ابوجهل، مڪي جي ماڻهن کي سڏ ڪري ٻڌايو تہ: محمد صلي الله علي وسلم ۽ ابوبڪر هليا ويا آهن. جيڪو بہ انهن کي پڪڙي ايندو يا انهن جو ڏس پتو ڏيندو تنهن کي سئو اُٺ انعام ڏيندس. پوءِ هڪ پيري ابو محذر جيڪو پَيرن ڪٽڻ ۾ مشهور هو تنهن کي وٽي اچي پَيرا ڪنيائون ۽ پير ڪٽي سِڏا اچي غار ثور جي منهن وٽ ٻينا. پَيريءَ چيو تہ: هو يا تہ هن غار ۾ آهن يا تہ آسمان تي هليا ويا آهن! پير نہ ٻئي پاسي ٿو وڃي نہ واپس نہ واپس ٿو موٽي. مشرڪن ڏٺو تہ غار جو منهن ڪوريئڙي جي ڄار سان تنيل آهي ۽ مٿان ڪبوتري آنا لاهيو ويٺي آهي، سو جيڪڏهن ماڻهو اندر وڃن ها تہ ڄارو ڦاٽي پوي ها ۽ آنا ڪِري پون ها.

حضرت ابوبڪر صديق اندران غار مان مشرڪن کي ڏسي ۽ سندن ڳالهيون ٻڌي حضور جن کي چيو تہ: قُد اُدرِڪُنا يا رَسُول الله! (يار رسول الله! اسان پڪڙجي پياسين). قرآن ڪريم ۾ حضور جن جو جواب هنن لفظن ۾ آهي تہ:

ثَانِيَ ٱثۡنَيۡنِ إِذۡ هُمَا فِي ٱلۡغَارِ إِذۡ يَقُولُ لِصَٰحِبِهِۦ لَا تَحۡزَنۡ إِنَّ ٱللَّهَ مَعَنَاۖ

(صديق اڪبر ٻنهي مان ٻيو هو ۽ هو ٻئي غار ۾ هئا، حضور جن ٻنهنجي اصحاب (پياري دوست) کي چيو تہ: ڏُک نہ ڪر، بيشڪ الله اسان سان گڏ آهي! (القرآن، 9: 40). قريش، غار جي اوسي پاسي ڦِريا، پر پوءِ مايوس ٿي موٽي ويا. عبدالله بن ابوبڪر روزانو ايندو هو ۽ سمورو حال احوال ڏيئي وندو هو. صديق اڪبر رضہ جو غلام فهيره بہ روزانو رات جو ڏَڙُ چاريندو، غار وٽ يندو هو ۽ ڪير ڏُهي حضور جن کي پياري ويندو هو. حضور جن برابر ٽي ڏينهن ٽي راتيون ان غار ۾ رهيا.

مديني جو سفر: خميس جي رات عامر بن فهيره ۽ عبدالله اريقط ليٽي پيا ۽ بہ اُٺ بہ آندائون. پوءِ حضور عليہ السلام جن جدعا جي نالي ڏاڍي تي سُوار ٿيا ۽ ابوبڪر رضہ کي بہ پاڻ سان ٻيلهہ چاڙهيائون ۽ عبدالله اربقط ۽ عامر ٻئي اُٺ تي سُوار ٿيا ۽ رات جو سمنڊ جي ڪنڊي ڏئي اُتي پنڊ پيا.

هلندي هلندي، مجهند ڏاري هڪ جبل جي پاڇي هيٺان اچي منزل ڪيائون. ابوبڪر صديق، جاءِ ٻُهاري بسترو وڇائي حضور جن کي ويهاريو ۽ پاڻ آس پاس چڪر هڻڻ لڳو. هڪ هنڊ هڪ ڏڙ

ڏنائين، اُتان کير ڏُهائي اچي حضور جن کي پيش ڪيائين ۽ ان ۾ ٿورو پاڻي ملائي ٿڏو ڪري حضور جن کي پياريائين. پوءِ وري اڳتي روانا ٿيا.

سفر ڪندي ڪندي ٻئي ڏينهن وري هڪ هنڌ اچي منزل ڪيائون. اُتي هڪ عورت اُم معبد عاتڪ نالي رهندي هئي، جيڪا مهمان نوازي ۾ مشهور هوندي هئي. جيئن ته اُن سال ڏُڪار پيو هو. تنهنڪري جڏهن اُن عورت کان کاڌي پيتي جي طلب ڪيائون ته هن چيو: سخت قحط جي ڪري هن وقت مون وٽ ڪابه کاڌي پيتي جي شيءِ ڪانهي، هجي ها ته ضرور حاضر ڪريان ها. پاڻ فرمايائون: هيءَ رِڍ جا بيني آهي! تڏهن اُم معبد عرض ڪيو ته: اها ٽڪل رِڍ آهي. ڏاڍ سان هلي نٿي سگهي ان ڪري گهر ۾ ئي بيني آهي ۽ کير ڏيڻ جي لائق ئي ناهي. اهو ٻُڌي حضور جن رِڍ تي پنهنجو هٿ مبارڪ گهمايو ۽ اُم معبد کي چيائين ته: اسان کي موڪل ڏي ته هن مان کير ڏُهي ڪڍون! هن عرض ڪيو ته: هيءَ بلڪل ٽلهي آهي، ويچاري کير ڇا ڏيندي. توهان پلي خاطري ڪريو. پوءِ پاڻ ڪريمن فِڍ جي ٽٽن ۾ هٿ وڌيو ته کير وهي اُٿي هليو. جنهن مان پهرين وٽو پري اُم معبد کي پياريائون ۽ پوءِ پاڻ به پيتائون ۽ پنهنجي سنگتين کي به پياريائون. ان کانپوءِ به گهر ۾ جيڪو وڏي ۾ وڏو ٽانءُ هو، اهو به ڏُهي پري اُم معبد کي ڏنائون. پوءِ پاڻ اُتان روانا ٿي ويا.

اُ معبد جو مڙس ابو معبد اڪثم بن ابي الحوت گهر آيو ته اُم معبد کير آڻي ڏنس. هن پڇيس ته: هي کير ڪٿان آيو؟ تڏهن سندس

زال سمورو احوال ڪري ٻڌايس. ابو معبد اڪثر چيس تہ: اهو صاحب قريش آهي ۽ قريشن سندس طلب پئي ڪئي. آءٌ هجان ها تہ سندس عزت احترام ڪريان ها! اها رِيڊ ارڙهن سال جيئري هئي ۽ سدائين ڪير پئي ڏيندي هئي ۽ حضرت عمر رضہ جي خلافت تائين جيئري هئي. اُم معبد ۽ سندس مڙس بعد ۾ مديني منوره ۾ حضور جن جي خدمت ۾ وڃي مشرف بہ اسلام ٿيا.

سراقتہ جو واقعو: صحيح بخاري ۾ آهي تہ سراقتہ بن مالڪ جو ڀائيٽو عبدالرحمان بن مالڪ هڏيلي نقل ٿو ڪري تہ: سراقتہ چيو تہ قريشن جا قاصد آيا تہ جيڪو بہ محمد صلي الله عليہ وسلم ۽ سندس ساٿي هٿ ڪري ڏيندو يا کين ماريندو تہ هر هڪ جي عيوض ان کي سئو اُٺ ڏيندا سين. سراقتہ بہ انهيءَ خيال سان بني مدلج قبيلي ڏانهن ويو. اتي ڪنهن ماڻهو خبر ڪيس تہ سمنڊ جي ڪنڊيءَ واري رستي تان اُنن تي ڪي سُوار پئي ويا، شايد محمد صلي الله عليہ وسلم ۽ سندس ساٿي هئا. سراقتہ چيو تہ مون نٽائي ڇڏيو ۽ چيو تہ اهي ماڻهو مون وٽان لنگهيا هئا، پر ٻيا هئا. هن چيو تہ دل ۾ يقين هئم تہ محمد صلي الله عليہ وسلم ۽ سندس ساٿي هوندا. منهنجو گهوڙو تمام پلو هو، ان تي سوار ٿيس ۽ هڪليندو وڃي کين پهتس. مون کان ٿورو ئي اڳيان محمد صلي الله عليہ وسلم جن پئي ويا ۽ قرآن ڪريم پئي پڙهندا ويا. منهنجي بلڪل وجهہ ۾ هئا، انڪري مون تير ڪمان سڏو ڪيو. اتي حضور جن فرمايو: اَللّٰهُمَ اَكفِنَا بِمَا شِئتَ (اي خدا! هن دشمن جي شر کان بچاءِ، جيئن بہ گهُرين)! سراقتہ چيو تہ اتي منهنجي گهوڙي

ٽاپو کاڏو ۽ سندس چار ئي پير زمين ۾ هليا ويا. سمجهيم ته منهنجو پوپون ڏينهن آهي، گهوڙي سوڏو زمين ۾ هليو ويندس ۽ زمين ڳهي ويندم. عرض ڪيم ته: اي محمد صلي الله عليہ وسلم! سمجهان ٿو ته هي تنهنجي دعا جو اثر آهي. مون توبهہ ڪئي، وري توهان کي تڪليف ڏيڻ جي ڪوشش نہ ڪندس. هاڻي دعا ڪريو ته هن مصيبت مان نڪران. حضور عليہ السلام جن فرمايو ته: اَللّٰهُمَّ اِنِّ کَمانَ صَادِقاً فَاطِق فَرسَتہٗ (اي خدا! جيڪڏهن سراقته سچو آهي ته سندس گهوڙي کي آزاد ڪر). گهوڙو آزاد ٿيو. سراقته عرض ڪيو ته: مان ڏسان پيو ته توهان جي دين جو شعاع رُوه زمين ۾ پکڙجي ويندو ۽ سارو ملڪ توهان جو مطيع ٿي ويندو. مهرباني فرمائي مون کي ڪو امان نامو لکي ڏيو. جيڪو پس پيش ڪم اچيم. حضور عليہ السلام عامر بن فهيره کي حڪم ڪيو. جنهن چمڙي جي ٽُڪر تي کيس امان نامو لکي ڏنو. سراقته عرض ڪيو ته: مون وٽ ڪافي مال متاع آهي، اهو توهين کڻي وڃو. حضور جن مال وٺڻ نہ قبوليو. صرف ايترو حڪم ڪيائون ته: تون اسان جي دشمن کي اسان جو احوال نہ ٻُڌائج! پوءِ سراقته وٽ قريشن جا ڪئين قاصد آيا، مگر ڪنهن سان بہ حضور جن جو احوال نہ ڪيائين.

حضور جن اڳتي روانا ٿيا ته بريده بن الخضب اسلمي ٻُڌو ته قريشن، حضور عليہ السلام جن جي گرفتاريءَ لاءِ في آدمي سئو اُٺن جو انعام آڇيو آهي. هو پنهنجي اسِي سُوارن سان حضور جن جي پويان نڪتو ۽ هڪليندو ويجي حضور جن وٽ پهتو. حضور عليہ السلام

جن ساڻس گفتگو ڪئي، جنهن جو مٿس اهڙو اثر ٿيو جو يڪدم چيائين:

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ

سندس سيني ساڻين پڻ اُتي اسلام قبول ڪيو. پوءِ هُن حضور جن کي عرض ڪيو تہ: مديني ۾ منهنجي مسواڻي جاءِ آهي، توهان اُتي هلي لهو. پاڻ ڪريمن فرمايو: جِتي حڪم هوندو اُتي اسان جي سُواري وڃي هُشندي.

حضور جن جي مديني منوره ۾ تشريف آوري: حضور عليہ السلام جن مڪي معظم مان روانا ٿيا تہ مديني منوره جي ماڻهن کي خبر پئجي وئي، ان ڏينهن کان هو روزانو صبح جو حضور جن جي استقبال لاءِ شهر کان ميل کن ٻاهر اچي انتظار ڪندا هئا. منجهند ڏاري وري واپس ويندا هئا. نبوت جي چوڏهين سال، تاريخ 12 ربيع الاول سومر جي ڏينهن، ڪچڙيءَ منجهند جو سيڪو نااُميد ٿي گهر موٽيو تہ اوچتو هڪڙي يهوديءَ کي پنهنجي ماڙيءَ تان حضور عليہ السلام جن جي پيشانيءَ مان نڪرندڙ نُور جو چمڪاٽ ڏسجڻ ۾ آيو. هن يڪدم سڏ ڪري چيو تہ: يَا مَعشَرُ العَرَبِ! هذا حَبِيبُكُم الّذِی تَنظِرُونَه (اي عربن جي جماعت! هي آهي توهان جو محبوب، جنهن جو انتظار پيا ڪريو!) اها خبر بجلي وانگر مديني جي شهر ۾ پکڙجي ويئي. مديني جا ماڻهو ننڍا وڏا، مرد زالون سيئي استقبال لاءِ نڪتا ۽ وڏي وڃي حضور عليہ السلام جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا.

حضور جن کي ڏسي مديني وارن کي اهڙي خوشي ٿي، جو ان کان اڳ ڪڏهن بہ ڪانہ ٿي هُيون. ڇوڪريون ڳائيندڙيون دَف وڄائيندڙيون هلڻ لڳيون ۽ حبشي نچندا ٽپندا، ڳائيندا وڄائيندا، سلاميون ڪندا هليا. مديني جا ماڻهو صلاح ڪرڻ لڳا تہ اڳ ۾ ڪنهن کي اهو شرف ملي، جو حضور جن پهريائين اُن جا مهمان ٿين. پاڻ ڪريمن فرمايو: اڄ اسين بني نجار ۾ هونداسين. انهي قبيلي مان سندن پٽ ڏاڏي هاشم شادي ڪئي هئي ۽ انهيءَ بيبي صاحبہ جو نالو سلميٰ هو. سندن ڏاڏو عبدالمطلب انهي بيبيءَ جي پيٽان ڄائو هو ۽ انهي مائٽي جي ڪري ئي حضور جن انهيءَ پاڙي کي پنهنجو شرفِ نزول فرمايو. جنهن جي منزل تي حضور جن تشريف فرما ٿيا، تنهن جو نالو هو ڪلثوم ابن الهدم. جيڪو ان پاڙي جو رئيس هو. ڪن جو چوڻ آهي تہ حضور عليہ السلام جن سعيد بن خشيمہ جي گهر لٿا هئا، جيڪو ڇڙو رهندو هو. حضرت ابوبڪر صديق رضہ جو سامان بني الحارث يا بني الخزرج قبيلي ۾ رکيائون. ڪي چون ٿا تہ صعب بن يساف وٽ ۽ ڪي وري چون ٿا تہ خارجہ بن زيد وٽ سامان رکيو هئائون.

حضور جن هڪڙي وٽ هينان لهي پيا، جيڪو انهيءَ گهر جي آڏو هو جنهن مهل پاڻ لٿا تہ حضرت ابوبڪر صديق ماڻهن سان پئي مليو ۽ ساڻن حضور جن جو تعارف پئي ڪرايائين. ماڻهو ڇئوطرف کان تحفا تحائف کڻي پئي آيا. حضرت حسان بن ثابت سندن مدح ۽ ثناء ۾ قصيدا پڙهيا.

مسجد قبا جي تعمير: حضور جن انهيءَ قبيلي ۾ چار ڏينهن چار راتيون رهيا ءِقبا محلي ۾ هڪ مسجد جو پڻ سنگ بنياد رکيائون. قرآن شريف ۾ ان مسجد جو بيان هنن لفظن ۾ آيل آهي:

لَمَسْجِدٌ اُسِّسَ عَلَى التَّقْوٰى مِنْ اَوَّلِ يَوْمٍ اَحَقُّ اَنْ تَقُوْمَ فِيْهِ

ترجمو: جنهن مسجد جو بنياد پرهيزگاري تي بنايل آهي، سا پهرئين ڏينهن کان وڌيڪ حقدار آهي ته تون انهيءَ ۾ بيهه (القرآن 9: 108). اها ئي مسجد قبا آهي جنهن ۾ حضور عليه السلام جن نمازون ادا ڪيون.

حضرت علي رضہ، حضور جن جي مڪي مان نڪرڻ کان پوءِ ٽئي ڏينهن مڪي معظم کان مديني ڏانهن روانو ٿيو. مڪي معظم ۾ ڪيس انهيءَ لاءِ ترسايو ويو هو ته جيئن مڪي جي ماڻهن جون حضور جن وٽ رکيل امانتون، مالڪن کي واپس ڏئي سگهي. حضرت علي رضہ ڪم پورو ڪري ٽئي ڏينهن اُتان روانو ٿيو. هو رات جو پنڌ ڪندو هو ءِ ڏينهن جو وري ڪنهن محفوظ هنڌ تي رهندو هو. ته متان ڪي دشمن پويان ايندا هجن. 18 ربيع الاول تي حضور عليه السلام جن اچا ساڳئي محلي ۾ مسجد قبا ۾ هئا ته حضرت علي رضہ به اچي اُتي سهڙيو. مگر سندس پير ڦٽجي پيا هئا. حضور جن پنهنجي لعاب مبارڪ سندس پيرن تي مکي ته اهي يڪدم ڇُٽي ويا ءِ هو اڳي کان به اڳرو ٿي پيو.

شهر جو اهو پاڳو جيڪو هينئر ويران پيو آهي، تنهن کي اول مدينو ٿا سڏين. جمعي جي ڏينهن پاڻ ڪريم جن مديني شهر وڃڻ جو

خيال ڪري، پنهنجي ڏاڇيءَ تي چڙهي نڪتا. ۽ بني سالم بن عوف جي منزل تي آيا تہ جمعي نماز جو وقت ٿيو. پاڻ لهي اُتي جمعي نماز پڙهايائون. ڪل سئو کن جماعتي هئا، جن کي نهايت فصيح ۽ بليغ خطبو ڏنائون ۽ وعظ فرمايائون. اسلام ۾ اهو پهريون جمعو ۽ پهريون خطبو هو، جيڪو حضور جن پاڻ پڙهايو. پاڻ ڪريمن انهيءَ جاءِ تي هڪ مسجد پڻ ٺهرائي، جيڪا اڄ تائين موجود آهي.

حضور جن جو ابو ايوب انصاري محلي ۾ نزول: جمعي جي نماز پڙهي حضور جن وري ڏاڇيءَ تي سوار ٿيا. مديني جي ماڻهن پنهنجا گهر تمام چڱي طرح سينگاريا هئا، ڇو تہ هر هڪ کي اميد هئي تہ حضور جن سندن گهر تشريف فرمائيندا. ابو ايوب انصاري هڪ تمام غريب شخص هو ۽ ڪورڪو ڏنڊو ڪندو هو. هن دربار الاهي مان نهايت عجز ۽ زاريءَ سان دعائون گهُريون هيون تہ مان لائق ناهيان جو شهنشاهہ دو عالم منهنجي جهوپڙي ۾ رونق افروز ٿئي، مگر اي مولیٰ! جيڪڏهن تنهنجي مهرباني ٿئي تہ تنهنجو محبوب هن ناچيز جي غريبخاني ۾ قدم رنج فرمائي تہ تنهنجي مهرباني ۽ نوازش کان بعيد نہ آهي! هر هڪ ماڻهو ڏاڇيءَ جي مهار ونڊ ٿي گهُري، مگر حضور عليہ السلام جن فرمايو تہ: منهنجي ڏاڏي کي جتي بہ خدا جو حڪم ٿيندو اُتي وڃي ويهندي. ڏاڏي هلندي هلندي اچي ايوب انصاري جي گهر آڏو جتي مسجد نبوي آهي، انهيءَ جي دروازي آڏو هُشي ويهي رهي. پاڻ ڪريمن فرمايو تہ: منهنجي لهڻ جو هتي حڪم آهي. ائين چئي

ڏاڍيءَ تان لڌا تہ ابو ايوب انصاري جي گهر ۾ عيد ٿي ويئي ۽ هن کي چئوطرف کان مبارڪ مبارڪ جا آواز اچڻ لڳا.

ٽُبّع جو خط: ابو ايوب انصاري حضور جن جي خدمت ۾ ٽُبّع وارو خط پيش ڪيو. ٽُبّع جو ذڪر قرآن ڪريم ۾ ٻہ آهي. ٽُبّع هڪ بادشاهہ هو جنهن هڪ عبادتگاهہ ٺهرائي. سهڻي نموني سينگاري، ماڻهن کي عبادت ۽ حج لاءِ دعوت ڏني هئي، مگر ڪو ٻہ ماڻهوسندس سڏ تي ڪو نہ ويو هو. اُتلندو ماڻهن انهيءَ گهر جي بيعزتي ڪئي. انهيءَ ڪاوڙ ۾ هن مڪي معظم تي چڙهائي ڪئي تہ جيئن بيت الله شريف کي شهيد ڪري، سِرَ سِرَ کان جدا ڪري ڇڏي تہ پوءِ مَن ماڻهو سندس عبادتگاهہ ۾ عبادت لاءِ اچن ۽ دنيا ۾ سندس نالو مشهور ٿئي! مڪي معظم ۾ پهتو تہ هن کي اهڙي بيماري ٿي، جو سندس بدن ۾ ڪيئان پئجي ويا. رات جو خواب لڌائين تہ هي الله تعاليٰ جي عبادت جو گهر بيت الله آهي ۽ هن ئي شهر ۾ حضرت نبي سڳورو محمد صلي الله عليہ وسلم تولد ٿيندو. جيڪو نبي آڻر الزمان هوندو ۽ هتان ئي هجرت ڪري يثرب (مديني) ڏانهن ويندو. جنهن ۾ آخر حياتيءَ تائين رهندو. انهن ٻنهي شهرن جي حفاظت الله تعاليٰ جا ملائڪ ٿا ڪن، توکي ڇا طاقت آهي جو ان بيت الله شريف کي شهيد ڪندين!

صبح ٿيو تہ ٽُبّع توبهہ تائب ٿيو تہ يڪدم بيماري ٻہ ڇڏي ويس. پوءِ اچي بيت الله شريف کي ريشمي غلاف چاڙهيائين. اهو پهريون شخص هو جنهن بيت الله شريف کي غلاف پهرايو هو جنهن جي

سنت اڄ تائين هلندي اچي، جو سال بسال حج جي موقعي تي بيت الله شريف کي غلاف پهرائيندا اچن.

تُبّع اُتان ڪوچ ڪري يثرب (مديني) پهتو ۽ اُتي شهر جي سڀني ماڻهن کي دعوت ڏنائين، جنهن ۾ يهودين جي هڪ عالم شامول کيس ٻڌايو تہ: هي شهر نبي آخرالزمان حضور محمد صلي الله عليہ وسلم جو ٿيندو. تُبّع کيس حضور عليہ السلام جن ڏانهن هڪ خط لکي ڏنو ۽ شامول کي وصيت ڪيائين تہ: هي منهنجو خط نسلاً بہ نسلاً سانڊي، حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم کي پهچايو وڃي. ان خط جو مطلب هو تہ: اي نبي آخرالزمان! آءٌ توتي ايمان ٿو آڻيان ۽ توکي الله تعاليٰ جو نبي مرسل ڪري ٿو مڃان. قيامت جي ڏينهن مون کي پنهنجي اُمتي سمجهي، مون تي شفاعت ڪجانءِ. ابو ايوب انصاري، جيڪو انهي شامول جي اولاد مان، ايڪيهين پيڑهيءَ مان هو، تنهن وٽ اهو خط امانت باسلامت رکيل هو. جيڪو هن حضور عليہ السلام جن جي خدمت ۾ پيش ڪيو.

حضور جن ايوب انصاري جي گهر تشريف فرما ٿيا، جنهن تي ماڻي اڏيل هئي، پر لاڙ ڪريمن هيٺ لهي رهڻ قبول ڪيو ۽ ابو ايوب ٻارن ٻچن سميت مٿي ماڻيءَ ۾ رهيو. ٻئي ڏينهن ابو ايوب اچي عرض ڪيو تہ: بي ادبي جي ڪري اسان کي ننڊ بہ نٿي اچي اسين مٿي ۽ سردار دوجهان عيٺ، تنهنڪري اسان جو عرض مڃي بالاخاني ۾ هلي تشريف فرما ٿيو تہ اسين هيٺ رهون. حضور عليہ السلام جن فرمايو تہ: اسان کي هيٺ وڌيڪ سهولت آهي، ماڻهو گهٽا اچن وڃن ٿا، انهن

کي بہ هتي سهولت ٿيندي. مگر ابو ايوب تمام گهڻي آزي نيزاري ڪئي، تنهنڪري پاڻ بالاخاني ۾ رهائش اختيار ڪيائون.

مسجد نبوي جي تعمير

حضور جن کي مديني ۾ رهندي ست مهينا ٿيا تہ حضرت جبرئيل، خدا تعاليٰ جو حڪم ڪٽي آيو تہ: پنهنجو گهر ۽ مسجد جدا اَڏاءِ. جنهن جاءِ تي حضور جن جي ڏاڏي جدعا وينِي هئي، اهو زمين جو ٽُڪر ٻن يتيم ڀائرن جو هو. هڪ جو نالو سهل ۽ ٻئي جو سهيل هو. جيڪي رافع بن عمرو جا پُٽ هئا. اسعد بن زراره جي پرورش ۾ هئا ۽ اُتي ڪَتل وغيره وڪٽندا هئا. اُهي مسلمان ٿيا تہ نماز بہ اتي ئي پڙهندا هئا ۽ اسعد بن زراره سندن امام هوندو هو. حضور عليہ السلام جن کانئن اها جاءِ طلب ڪئي ۽ ان جي قيمت ڏهہ منقال سونَ جا ڏنا، جيڪي هنن قبول ڪئي ۽ اسعد اها جاءِ حضور جن جي حوالي ڪئي. اتي پاسي کان مشرڪن جون ڪي قبرون، ڪي ڪجيون ۽ ڏڙا دِڪا هئا. پاڻ فرمايائون تہ: اهي قبرون کوٽي، مشرڪن جا هڏا ڪڍي پري اڇلايا وڃن (صحيح بخاري، حديث نمبر 272، ترجمو مرزا خيرت دهلوي، اشاعت القرآن والحديث، پاڪستان). ڪجيون ڪپيون وڃن ۽ دِڪا ڏڙا ڏاهي زمين هموار ڪئي وڃي. پوءِ حڪم ڪيائون تہ: پهرين مسجد نبوي تعمير ڪئي وڃي. يڪدم مسجد جي اڏاوت شروع ٿي. مهاجرن ۽ انارن گڏجي ڪم شروع ڪيو ۽ خود حضور جن بہ پٿر ۽ سِرون ڍوئڻ لڳا. حضور عليہ السلام جن جي ڪم ڪرڻ سان

مهاجرن توڙي انصارن ۾ ڪم ڪرڻ جو وڏيڪ جوش پيدا ٿيو. حضرت عمار بن ياسر ۽ سِرون ڪٽندو چوندو ويو تہ: ٻيو هر ڪو هڪ هڪ سِر ٿو ڪٽي، آءٌ هڪ سِر پنهنجي طرفان ۽ ٻي حضور عليہ السلام جن جي طرفان ٿو ڪٽان. پاڻ سڳورن هن جي مُنهن ۽ مٿي تان پنهنجن هٿن مبارڪن سان مِٽي ڀِٽي اُگهي ۽ فرمايائون تہ: وَيحُ عَمَّارِ تَقتُلُهُ الفِئَتُ البَاغِيَتُ يَدعُوهُم اِلَىَ الجَنَّتِ وَ يَدعُونَهُ اِلَىَ النَّارِ (افسوس! عمار کي باغي جماعت قتل ڪندي، هي هنن کي بهشت ڏي پيو سڏيندو ۽ هو هن کي جهنم جي باهہ ڏي پيا سڏيندا). عمار چيو تہ: اَعُوذُ بِااللهِ مِنَ الفِتنِ (فتنن کان الله تعاليٰ امان ڏئيم). حضرت عمار صفين جي جنگ ۾، جيڪا حضرت علي رضہ ۽ امير معاويہ ابن ابو سفيان جي وچ ۾ لڳي، ان ۾ حضرت علي رضہ جي طرفان وڙهندي شهيد ٿيو.

جڏهن مسجد جي عمارت نهي راس ٿي، تڏهن پاڻ سڳورن حڪم ڪيو تہ: ٿنيا ڪجيءَ جا وجهوس. محراب ۽ قبلو بيت المقدس ڏي ڪيائون، چو تہ ان وقت قبلو بيت المقدس هو. مسجد جا ٽي دروازا ڪيائون: هڪ جو نالو باب الرحمت رکيو ويو. ٻيو دروازو جتان پاڻ سڳورا ايندا ويندا هئا ۽ ٽيون دروازو اهو هو جتان عام آدمي ايندا ويندا هئا. اها مسجد حضرت عمر فاروق رضہ جي زماني تائين ساڳي طرح بينل هئي. فقط ماٽهن جي گهٽائي سبب ڪُشادي ڪيائين، باقي بِناءِ ۾ ڪو بہ فرق نہ آندائين.

حضرت عثمان رضہ پنهنجي عهد خلافت ۾ هن مسجد جي نئين سِر تعمير ڪئي. ڪشادي بہ ڪرايائين ۽ تمام اوچي نموني

ٿهرايائين ۽ سينگاريائين. ڪامُمون ۽ شهتير بہ ساڳ جا وجهرايائين. وري وليد بن عبدالملڪ مسجد جي نئين سِر تعمير ڪرائي: ڪُشادي بہ ڪئي ۽ حضور عليہ السلام جن جي حرمن مبارڪن جا حجرا بہ اندر مسجد ۾ داخل ڪرايا. ان کان پوءِ مهدي عباسي ۽ بعد ۾ وري خليفي مامون بہ مسجد نبوي جي نئين سر تعمير ڪرائي.

مسجد جي تعمير کانپوءِ حضور عليہ السلام جن جي گهر جي جاءِ ٿهي، پوءِ حضور عليہ السلام جن پنهنجي آزاد غلامن حضرت زيد بن حارث ۽ ابو رافع کي بہ اُٺ ۽ پندرهن سئو درهم ڏيئي مڪي معظم موڪليو تہ جيئن اُتان حضور جن جو ڪُٽنب، نياڻيون بيبي فاطمہ ۽ اُم ڪلثوم رضہ، سندن حرم مبارڪ بيبي سوده بنت ربيعہ ۽ زيد جي زال ام ايمن ۽ سندس پُٽ اسامہ کي مديني وٺي اچن. حضرت زيد، ابو رافع ۽ عبدالله اريقط لئي جيڪو مزوري لاءِ آيل هو. جڏهن مڪي معظم پهتا تہ حضرت عبدالله ابن ابوبڪر صديق بہ سنگت سٽي ڏسي، پنهنجي ڪُٽنب سوڏو سنيريو ۽ پنهنجي ڀاءُ عبدالرحمان، عائشہ صديقہ ۽ سندس ماءُ اُم اومان سان گڏجي اچي مديني پهتو. طلحہ بن عبدالله بہ انهن سان گڏجي آيو. پوءِ حضور عليہ السلام جن ابو ايوب جو گهر چڏي، ڪانئس موڪلائي پنهنجي حويليءَ ۾ اچي رهيا.

عبدالله بن سلام جو اسلام آڻڻ

عبدالله فرمائي ٿو تہ: هڪڙي ڏينهن حضور عليہ السلام جن جي خدمت ۾ پهتس، چو تہ ماڻهو تمام گهٽا پئي آيا ويا ۽ مون بہ خيال ڪيو

تہ وڃي ڏسان ۽ ٻڌايان تہ ڪير آهي ۽ ڇا ٿو چوي؟ جڏهن منهن مبارڪ تي نظر پيم تہ يقين ٿيم تہ هي منهن ڪُڙو نہ آهي، جيڪو چوڏهين جي چنڊ وانگر پيو چمڪي. پاڻ سڳورن ان وقت وعظ پئي فرمايو تہ: اَيُّهَاالنَّاسُ اَفشُوا السَّلاَمَ وَ اَطعِمُوالطَعَامُ وَ صِلُو اَلاَرحَامَ وَ صَلُّوا بِاللّيلِ وَالنَّاسُ نِيَامُ تَدخِلُوالجَنَّتِ السَّلآمِ (اي انسانو! هڪ ٻئي تي گهٽا سلام چئو غريبن مسڪينن کي طعام کارايو مِٺي مائٽي ڳنڍيو رات جو جڏهن ماڻهو سُتا پيا هجن، تڏهن نماز پڙهو ۽ پوءِ سلامتي سان بهشت ۾ داخل ٿيو). پوءِ مون ڪي سوال ڪيا، جن جا حضور جن پورا پورا جواب ڏنا. اتي تسلي ٿيم ۽ چيم:

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ

حضور جن کي عرض ڪيم تہ: يهودي منهنجي باري ۾ بدشد ڳالهائيندا، تنهنڪري اڳ ۾ انهن کي گهرايو. يهودي آيا تہ عبدالله لِڪي ويٺو. حضور جن يهودين کان پڇيو تہ: مون تي ايمان ڇو نٿا آڻيو؟ آءٌ نبي آخرالزمان آهيان. توهان ٻڌايو تہ عبدالله بن سلام توهان ۾ ڪهڙو درجو ٿو رکي؟ ڇيائون: هو اسان جو امام آهي، عالم، متقي، زاهد ۽ عالمن جو اولاد آهي. هو ڪڏهن بہ توتي ايمان ڪونہ آڻيندو. تڏهن نبي ڪريم، عبدالله کي سڏ ڪيو. عبدالله نڪري چيو:

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ

اهو پُڌي يهودين چيو هُوَ اَشَرُنَا وَ اَجهَلنَّا وَابنِ اجهَلنَا (هو اسان ۾ بيڙو ۽ تمام جاهل آهي ۽ سندس ابا ڏاڏا بہ جاهل هئا).

حضور عليہ السلام جن جي هجرت بعد باقي اصحابن مان بہ تمام گھٽا اصحاب مڪي مان هجرت ڪري مديني ۾ اچي رهيا. مديني منوره جي آبهوا گھٽن اصحابن کي ڪانہ وڻي. حضرت ابوبڪر صديق رضہ بيمار ٿي پيو ۽ حضرت بلال رضہ پڻ سخت بيمار ٿي پيو. اصحاب، مڪي جي آبهوار ياد ڪري ڪفارن تي لعنتون وجهڻ لڳا. جن کين پنهنجي وطن کان بي وطن ڪيو هو. هو چوڻ لڳا: اهڙي شهر ۾ آيا آهيون، جنهن جي آبهوا زهري آهي. اهو ٻڌي حضور عليہ السلام جن مديني منوره لاءِ دعا گهُري: اَللّٰهُمَّ حَبِّب اِلَينَا المَدِينَتَ كَحُبِّنَا مَكّتَ وَاَنقِل حُميٰ هَا اِلَي الجُحفَتِ (اي الله! اسان کي مدينو پيارو ڪر، جيئن اسان مڪي کي پيارو سمجهون ٿا. مديني مان تَپُ ۽ بيماري حجفہ ڏي موڪل) حجفہ ڀ يهودي رهندا هئا. انهيءَ ڏينهن کان وٺي مديني منوره جي آبهوا نهايت خوشگوار ٿي ويئي ۽ وري ڪنهن کي بہ تپ ڪونہ ٿيو.

مهاجرن ۽ انصارن جي ڀائپي

حضور عليہ السلام جن انهن ڏينهن ۾ مهاجرن ۽ انصارن جي مواخات (ڀائپي) ڪئي. يعني کين هڪٻئي جو ڀاءُ بنايائون، جيئن صديق اڪبر ۽ خارجہ ابن زيد انصاري جي ڀائپي ڪيائون. فاروق اعظم ۽ حسان بن مالڪ انصاري جي، عثمان ذي النورين ۽ اوس بن ثابت جي، ابو عبيده ۽ سعد بن معاذ جي، زبير بن عوام جي، سلمہ بن سلام انصاري سان، طلحہ بن عبدالله جي ڪعب بن مالڪ انصاري

سان، عبدالرحمان بن عوف جي سعد بن ربيع انصاري سان، سلمان فارسي جي ابو الدراء سان، مصعب بن عمير جي ابو ايوب انصاري سان، ابو حزن جي عباده بن بشير انصاري سان، عمار بن ياسر جي ثابت بن قيس خزرمي سان ۽ عبدالله جي عاصم بن ثابت انصاري سان پائپي ڪرائي. حضور جن اهڙي طرح پنجيتاليهن مهارجن جي پنجيتاليهن انصارن سان پائپي ڪرائي تہ جيئن هو هڪ ٻئي جي ڏک سک ۾ پائيوار هجن. آخر ۾ حضرت علي ڪرم الله وجہ يو ۽ عرض ڪيائين تہ: سائين ٻين سڀني جي پائپي ناهيوَ باقي مون کي وساري ڇڏيوَ. پاڻ ڪريمن فرمايو: اَنَا اَخُوکَ وَاَنتَ اَخِی فِی الدُّنیَا وَالآخِرہ (مان تنهنجو ياءُ آهيان ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ تون منهنجو ياءُ آهي).

يهودين سان صلحنامو

هجرت جي انهيءَ پهرئين سال بن قريظہ، بنو نفير ۽ بنو قينقاع جا يهودي آيا ۽ حضور عليہ السلام کان پُڇا ڪيائون تہ: اي محمد صلي الله عليہ وسلم! خلق کي ڪهڙي دعوت ڏيو ٿئين؟ حضور جن فرمايو: شهادت هن جي تہ:

لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰہِ ۵

آءٌ اهو پيغمبر آهيان، جنهن جي تعريف تورات ۾ پڙهي اٿوَ ۽ توهان جي علمائن توهان کي خبر ڏني آهي تہ جيڪو شخص مکي معظم مان هجرت ڪري مديني منوره ايندو. اهو نبي آخرالزمان هوندو ۽ توهان ان تي ايمان آڻجو. يهودين چيو تہ: جيڪي تو چيو اهو اسان

پُڌو مگر اسان ٻئي ڪم لاءِ آيا آهيون. اسين صلح لاءِ آيا آهيون. جيئن تہ اسين هڪ ٻئي جا پاڙيسري آهيون، تنهنڪري صلح سانت سان گذارڻ بهتر آهي. صلح هي ڪنداسون تہ: اسان مان ڪو بہ ڪنهن کي نقصان نہ پهچائي. اسان مان ڪوبہ هڪ ٻئي جي دشمنن کي، ٻئي جي ضرر لاءِ مدد نہ ڏئي. ٽي سگهي تہ هڪ ٻئي سان نيڪي ڪريون، نہ تہ بہ بُرائي نہ ڪريون. اسان مان ڪو بہ ڪنهن جي دين کي بُرو نہ چوي ۽ نہ ڪو ڪنهن جي گِلا غيبت ڪري. صلحنامي ۾ اهي شرط لکيا. پوءِ جيڪڏهن ٻنهي ڏُرين مان ڪابہ ڏُر عهد انجام ڪان ڦري تهي ٻيءَ ڏُر کي اختيار هوندو تہ انهي ڏُر جي مخالفت ۾ جيڪي بہ قدم کڻي سو روا هوندو.

يهودين پاران اها گفتگو حيَ بن اخطب ڪئي ۽ سمورو صلحنامو انهيءَ ئي تيار ڪيو. اهو صلحنامو حضور عليہ السلام جن قبول فرمايو ۽ اهڙي طرح يهودين سان صلح ٽي ويو. پوءِ حيَ پنهنجي قوم کي چوڻ لڳو تہ: اسان کي اگرچ يقين آهي تہ برابر نبي برحق آهي، تورات ۾ جيڪي سندس وصفون آهن سي برابر هن ۾ موجود آهن ۽ هن کان اڳ سيئي نبي اسحاق جي اولاد مان ٽي گذريا آهن. آخرڪار نبوت اسان جي طرف ايندي ڇو تہ اسين اسحاق عليہ السلام جي اولاد مان آهيون.

بانگ جو مقرر ٿيڻ

هجرت جي پهرئين سال مسلمانن کي، نماز جي جماعت ۽ جمعي نماز لاءِ ماڻهن گڏ ڪرڻ جي ضرورت پئي. صلاح ڪيائون تہ مسلمانن کي ڪيئن اطلاع ڏجي تہ پوري وقت تي اچي گڏ ٿين. حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جن انهيءَ باري ۾ سڀني اصحابن کان مشورو ورتو. ڪن چيو تہ: ناقوس يا بوق (سنک يا نفيل، جيڪي وات سان وڄائبا آهن) وڄائجي. پاڻ سڳورن فرمايو تہ: اها رسم يهودين جي آهي. ڪن وري چيو تہ: باهہ ٻاريون. پاڻ فرمايائون تہ: اها رسم مجوسين (باهہ جي پوڄارين) جي آهي. آخر صلاح ٿي تہ بلال رضہ کي حڪم ڪجي تہ نماز وقت اَصَّلَواتُ جَامِعَتُ جي صدا سان ماڻهن کي گڏ ڪري. رات جو عبد ابن زيد انصاري خواب ڏٺو تہ هڪ ماڻهوءَ جي هٿ ۾ ناقوس هئو. عبدالله چيس تہ: ناقوس ڏيندين؟ هن چيو: ڇا ڪندين؟ عبدالله چيس تہ: ماڻهن کي نماز لاءِ گڏ ڪندس. تڏهن هن چيو تہ: ان کان بهتر ٻڌايانءِ، جنهن سان مڙهن کي گڏ ڪري سگهين! پوءِ هن سموري بانگ چئي ٻُڌائي.

عبدالله اهو سمورو قصو اچي حضور جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو. پاڻ سڳورن حڪم فرمايو تہ: عبدالله آهستي آهستي چوندو وڃي ۽ حضرت بلال رضہ ڏاڍيان بانگ چوي. حضرت بلال رضہ بانگ چئي تہ حضرت عمر رضہ بہ تکڙو تکڙو اچي اتي پهتو. جنهن پاڻ ساڳيو عبدالله وارو خواب اچي بيان ڪيو. روايتون آهن تہ اهو ساڳيو خواب، ساڳئي وقت ستن اصحابن ڏٺو.

هڪ ڀيري پاڻ سڳورن صبح جي نماز تي دير ڪئي تہ حضرت بلال رضہ دروازي تي اچي چيو تہ: اَصَّلَوات خَيرُ مِّنَ النَّومِ (نماز ننڊ کان وڌيڪ آهي). پاڻ حڪم فرمايائون تہ: اڳتي هميشہ لاءِ صبح جي نماز ۾ اهي الفاظ چوندا ڪريو.

حضور جن جي عائشہ صديقہ رضي الله عنها سان شادي

حجرت جي پهرئين سال شوال مهيني ۾، اربع جي ڏينهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي عائشہ صديقہ سان شادي ٿي. عائشہ صديقہ رضہ روايت ٿي ڪري تہ: آءٌ نَوَن سالن جي هيس. اسان جو گهر شيخ بني الحارث جي محلي ۾ هو. حضور جن اسان جي گهر تشريف فرما ٿيا. مرد خواهہ عورتون اسان جي گهر پئي گڏ ٿيون ۽ مون چوڪرين سان راند پئي ڪئي. مون کي ڪابہ خبر ڪانہ هئي تہ ماڻهو چو پيا گڏ ٿين.امڙ آئي ۽ مون کي ٻانهن مان ورتائين. مان راند نہ پئي سيڙائي سگهان ۽ اَمان کان ٻانهن پئي ڇڏايان، پر امان ٻانهن نہ ڇڏي ۽ مون کي گهر وٺي آئي. مون کي ڦٽي ڏنائين، منهن ڌُئاريائين ۽ پوءِ جنهن ڪمري ۾ پاڻ ڪريم هئا، مون کي اُتي وٺي وڃي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي هنج ۾ ويهاريائين. حضور جن کي چيائين: يا رسول الله! هيءَ آهي تنهنجي ڪنوار. شل الله تعاليٰ توهان ٻنهي ۾ برڪت وجهي ۽ شل تنهنجي صدقي عائشہ بہ دنيا ۽ آخرت ۾ برڪت واري هجي! عائشہ صديقہ فرمائي ٿي تہ: منهنجي شادي تي نڪي اُٺ ٻڪريون ڪُنائون، نڪو طعام رڌائون ۽ نہ ئي ڪو ڪاج

ڪيائون. فقط ڪير جو هڪ پيالو سعد بن عباده جي گهران آيو جنهن مان سڀني زالن ڪير پيتو. پوءِ چوطرف حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڪي مبارڪن جا آواز اچڻ لڳا. پوءِ ماڻهن موڪلايو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن بيبي عائشہ صديقہ ڪي، مسجد جي پاڙي ۾ خاص حُجري (گهر) ۾ وڃي وجي رهايو.

عائشہ صديقہ رضہ جا فضائل: حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي حرمن مان هڪ عائشہ صديقہ ئي هئي، جيڪا ننڍي عمر جي هئي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دل پڻ ٻين سڀني حرمن کان وڌيڪ عائشہ صديقہ رضہ سان هئي.جبرئيل عليہ السلام بہ هميشہ وحي عائشہ رضہ جي گهر آڻيندو هو. 'سوره نور' جون سترهن آيتون سندن شان ۾ ڪائي ۾ نازل ٿيون. علم ۾ سندس وڏو مرتبو آهي. پاڻ حضور جن فرمائين ٿا تہ: خُذُو شَطرَ العِلم مِن عَائشہُ الحُمَيره (منهنجو اڌ علم عائشہ کان سکو). عائضہ صديقہ حديث جون بہ هزار بہ سو روايتون ڪيون آهن، جيڪي بخاري، مسلم ۾ ٻين حديث جي ڪتابن ۾ بيان ٿيل آهن.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن بيبي عائشہ صديقہ رضہ جي سيني مبارڪ تي رحلت فرمائي. ان وقت عائشہ صديقہ جي عمر ارڙهن سال هئي ۽ جڏهن وفات ڪيائين تہ سندس عمر ستهن سال هئي. سندس جنازي نماز حضرت ابو هريره رضہ پڙهائي ۽ ڪيس جنت البقيع ۾ مقام ۾ خلد آشيان (مدفون) ڪيائون.

حضرت سلمان فارسي ۽ سندس ايمان آڻڻ

حضرت عبدالله بن عباس رضہ فرمائي ٿو تہ سلمان مون سان ڳالھہ ڪئي تہ: مان واھڻائي ڪُڙمي جو پُٽ ھئس ۽ اصفهان جي شهر جو رهواسي ھئس. منهنجو پيءُ بينلڪار هو ۽ سندس نالو نورخشان هو. اسان جو مذهب مجوسي (آتش پرست) هو ۽ مان بہ باھہ جو پوڄاري ھئس. بابا مون کي گھڻي پيار سبب گھر کان ٻاھر ڪونہ ڇڏيندو هو. فقط گھر ۾ باھہ پيو ٻاريندو ھئس. جنهن جي پوڄا ڪندا ھئاسين. پاڻ پوک تي ويندو هو ۽ مان بہ ڪڏهن ڪڏهن پوک جي سماءَ لاءِ ويندو ھئس.

ھڪ ڏينهن واٽ تي ھڪ گليسا (نصارن جي عبادتگاھہ) مان ڪي آواز ٻُڌم. اندر لنگهي ويس، ڏٺم تہ ماڻهن انجيل مقدس پئي پڙھيو. مون ٻُڌو تہ مون کي ڏاڍو وڻيو. سو پُڇا ڪيم تہ: هي ڪھڙو دين آهي؟ چيائون تہ: هي عيسيٰ عليہ السلام جن دين آهي. مون کي انهيءَ دين سان محبت ٿي وئي ۽ باھہ جي پوڄا ڇڏي. رات ڏينهن ان جي محبت ۾ رهڻ لڳس. منهنجي پيءُ منهنجي ڳولا پئي ڪئي، سو هنن کي چيم تہ: مون کي توهان جو دين پسند آهي، پر هت رهي توهان جو دين قبولي نہ سگهندس. ڇو تہ مون کي منهنجو پيءُ ڪونہ ڇڏيندو. هنن چيو تہ: ھڪ قافلو شام ڏانهن ويندو. توکي ان سان اماڻيندا سين. هينئر تو پلي وڃ. اهو قافلو ايندو تہ توکي خبر ڪنداسين ۽ تون هليو اچجان. انهن سان اهي انجام اقرار ڪري گھر آيس.

گهر ۾ منهنجو پيءُ، منهنجي لاءِ سخت پريشان هو. مون کان پڇا کيائين تہ مون سمورو احوال ڪري ٻڌايومانس ۽ چيومانس تہ: مون کي نصارن جو دين پسند آيو آهي. منهنجي پيءُ خيال ڪري تہ متان هي پڄي وڃي، مون کي زنجير وجهي قيد ڪري ڇڏيو. جڏهن شام کان قافلو آيو تہ نصارن مون کي لِڪچوريءَ ماڻهو موڪليو. مان بہ ڪنهن حيلي سان زنجيرون پيرن مان ڪڍي وڃي قافلي وارن سان مليس ۽ انهن سان گڏجي وڃي شام پهتس. اتي هو مون کي هڪ ڳليسا ۾ وڃي ويا، جنهن جو گادي نشين اَسقف هو. ان کي جڏهن پنهنجو سمورو احوال ٻڌايم تہ هُن مون کي پاڻ وٽ رهايو. هن کي تمام وڏا مال خزانا ملندا هئا تہ هو غريبن کي ڏئي ۽ دين جي تبليغ لاءِ خرچ ڪري، مگر هو ڪنهن کي پائي بہ نہ ڏيندو هو. جنهنڪري مون کي هن کان نفرت ٿي پئي.

هن جڏهن وفات ڪئي تہ ماڻهو سندس تجهيز تڪفين لاءِ آيا ۽ ماون کان پئسن ڏوڪڙن جي پُڇا ڪيائون. مون کين وڃي وڃي سون سان پري رکيل سَت مَٽ ڏيکاريا. هيترو مال گڏ ٿيل ڏسي هنن چيو تہ: هن بي ايمان کي دفن نہ ڪبو. پوءِ هن کي ڦاهيءَ تي چاڙهي، نيزا ۽ پٿر هنيائون. هن کان پوءِ هڪ ٻيو نيڪ، زاهد ۽ صالح شخص جاءِ نشين مقرر ڪيائون ۽ مان بہ ان جي خدمت ۾ رهڻ لڳس. آخر اهو بہ فوت ٿيو. آخري وقت ۾ مون کي چيائين تہ: هن وقت اهڙي عابد زاهد شخص جو ملڻ مشڪل آهي، جيڪو خداپرست، آخرت جو طالب ۽ دنيا کان بيزار هجي، پر موصل جي شهر ۾ هڪ تمام سنو عابد، زاهد ۽

خداپرست مشڪل سان ملي، پر نصيبن جي شهر ۾ هڪ عابد زاهد رهي ٿو. ان کي وڃي منهنجا سلام ڏج، هو توکي پاڻ وٽ رهائيندو.

مون ان بزرگ کي وڃي ڳولي لڌو. ڪيس سلام ڏنم ۽ پوءِ ان وٽ رهڻ لڳس. هو برابر نيڪ، عابد ۽ زاهد هو. ڪجهه ڏينهن بعد ان به وفات ڪئي. مرڻ کان اڳ ان کان به ساڳيو سوال ڪيم ته مون کي ڪنهن جي حوالي ٿا ڪري وڃو؟ هن چيو ته: خدا وارا، عابد ۽ زاهد ته مشڪل سان ٿا لڀن، پر روم جي شهر عموريه ۾ هڪ عابد زاهد آهي، ان کي وڃي منهنجا سلام ڏجانءِ، هو توکي پاڻ وٽ رهائيندو.

آخر روم وڃي انهيءَ کي به ڳولي لڌم. هي به واقعي خداپرست بزرگ هو مان سندس خدمت ۾ رهڻ لڳس. جڏهن هن جي به حياتي اچي پوري ٿي ته ڪيس عرض ڪم ته: مون کي ڪنهن جي سُپرد ٿا ڪري وڃو؟ هن چيو ته: هن وقت ڪوبه اهڙو عابد زاهد ڪونهي، جنهن جي حوالي توکي ڪري وڃان. هاڻي وقت اچي ويو آهي جي نبي آخرالزمان جو ظهور ٿيندو. هو عرب ملڪ جو هوندو ۽ هڪ شهر مان هجرت ڪري ٻئي شهر ۾ ايندو. هو صدقا ۽ قربانيون نه ڪائيندو. هديا ۽ سوکڙيون نه ونڊندو. ۽ هن جي ڪُلهي جي ٻنهي ڦڙين جي وچ ۾ نبوت جي مُهر لڳل هوندي. اهو سچو نبي ۽ سچو رسول هوندو ۽ انهيءَ جو دين سڀني کان مٿاهون دين هوندو.

اهو ٻُڌي مون کي ان جي ڏسڻ جو ڏاڍو شوق اچي جاڳيو. سو هڪ قافلو جيڪو اوڏانهن ٻئي ويو، ان سان گڏجي روانو ٿيس. مگر هنن قافلي وارن مون سان دغا ڪئي. جڏهن اُم القُري وادي وٽ پهتاسين ته

هنن مون کي غلام ڪري. عثمان اشهلي کي وڪٽي ڏنو. پوءِ وري عثمان جو سوٽ مديني کان آيو. سو مون کي خريد ڪري مديني وڻي آيو. حضرت محمد نبي صلي الله عليہ وسلم جن بہ انهن ڏينهن مڪي مان هجرت ڪري مديني منوره ۾ پهچي ويا هئا.

هڪ ڏينهن، مون هڪ ڪجي تان گَتل پئي لاٿي ۽ منهنجو سردار ان ڪجي هينان وينو هو تہ سندس سوٽ آيو ۽ اچي چيائينس: اوس ۽ خزرج، مديني جا بہ مڪيہ قبيلا آهن، جن ايمان آندو آهي. هو هڪڙي قريش کي مڪي مان دعووت ڏيئي وڻي آيا آهن ۽ ان جو دين قبول ڪيو اٿن. هو پيغمبري جي دعويٰ ٿو ڪري. اهو پُڌي مون کي اهڙي خوشي ٿي جو دل چيو تہ پاڻ ڪٽي ڪجي تان ڦِٽو ڪريان. يڪدم هيٺ لهي آيس ۽ اچي پُڇا ڪيم تہ: ڇا پيا چئو؟ ان تي منهنجي سردار منهنجي مُنهن تي هڪ زوردار چمات هڻي ڪڍي ۽ چيائين: وڃي پنهنجو ڪم ڪر. تنهنجو انهن ڳالهين ۾ ڪهڙو ڪم!

را ت ٿي تہ ڪجهہ کارڪون ڪٽي وڃي حضور صلي الله علي وسلم جي دربار ۾ نڪتس. کارڪون سندن آڏو رکي چيم: سائين! هي صدقو آهن، پاڻ پنهنجن اصحابن کي حڪم ڪيائين تہ هي ڪٽي کائو پر پاڻ نہ کاڏائون. سمجهيم تہ هي برابر نبي ڪريم آهي ۽ عابد جي ڳالهہ سچي آهي. تڏهن تہ قرباني نٿو کائي. ٻيءَ رات وري بہ ڪجهہ کارڪون ڪٽي وڃي دربار ۾ پهتس. کارڪون حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي اڳيان رکي عرض ڪيم تہ: هي تحفو آهن. پوءِ پاڻ بہ کاڏائون ۽ ٻين کي بہ ڏنائون. مون ايڪيهہ کارڪون آندیون هيون ۽

ان وقت اصحاب بہ ايڪيھہ ويٺا ھئا، پر جڏھن ڪارڪون ڪائي اڇلايائون ۽ ككڙيون چونڊيندو ويس تہ ڏٺم تہ ھڪ ھزار ككڙيون ھيون. ايڏي برڪت ڏٺم! منھنجا ڪپڙا ڦاٽل ھئا، حضور صلي الله علي وسلم جن فرمايو: پنھنجي فارسي رفيق کي ڪپڙا پھرايو. حضرت صديق اڪبر رضہ پنھنجو پِھرياڻ (خميس يا چولو) لاھي مون کي ڏيکايو ۽ منھنجي سِر ۽ مُنھن تي چُميون ڏنائين.

ٽئين ڏيري ويس تہ پاڻ حضور جن مقام بقيع ۾ ھڪ اصحاب جي دفن ۾ مشغول ھئا. مان پويان ويس تہ پنھنجو پِھرياڻ (خميس يا چولو) مبارڪ مٿي ڪري مون کي اشارو ڪري نبوت جي مُھر جي زيارت ڪرايائون. نبوت جي مُھر کي چُمي ڏئي چيم:

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ

پوءِ پاڻ مون کان سمورو احوال پڇيائون ۽ پنھنجن اصحابن کي بہ فرمايائون تہ: پنھنجي ڀاءُ فارسي جو احوال ٻُڌو. احوال ٻُڌڻ کان پوءِ پاڻ سڳورن اصحابن کي فرمايو تہ پنھنجي فارسي ڀاءُ کي آزاد ڪرايو.

مون پنھنجي سردار کي آزادي لاءِ عرض ڪيو تہ چيائين: ٽي سئو چَڪيون ڪجين جون ويھاري ڏي. پوءِ جڏھن اھي قرجن ۽ چاليھہ اوقيہ (آنا) سون جا ڏي تہ پوءِ تون آزاد آھين! اھا ڳالھہ جڏھن حضور جن اڳيان عرض ڪيم تہ يڪدم سيني اصحابن کي حڪم ڪيائون تہ: چڪيون آڻيو! پوءِ جڏھن سيني چڪيون آڻي گڏ ڪيون تڏھن پنھنجن ھٿن سان اھي چڪيون ھٽندا ويا. قدرت سان ھوڏانھن حضور جن چڪيون ويھاريندا ويا ۽ ھوڏنھن قر جھليندیون ويون. باقي

رهيو سوال تہ ايترو سونُ ڪٽان اچي! آخر غنيمت جو مال آيو جنهن ۾ هڪڙو ڪُڪڙ جي بيضي جيترو سون جو ڊِڳُ هو. پاڻ ڪريمن فرمايو تہ: هي ڪٽي وڃي پنهنجي سردار کي ڏي. تڏهن عرض ڪيم تہ: سائين! هن چاليهہ اوقيہ بدلو گهريو آهي ۽ هي تہ هڪ اوقيہ (آنو) بہ ڪونہ ٿيندو. اهو ٻُڌي حضور جن اهو بيضو ڪٽي، ان تي پنهنجي زبان مبارڪ ڦيرائي، دعا ڪري مون کي ڏنو ۽ فرمياٿون تہ: هاڻي هي ڪٽي وڃ ۽ چوپنس تہ توري ڪڙ. پوءِ جڏهن اهو ڊِڳُ ڪٽي سردار وٽ ويس ۽ هن توريو تہ برابر چاليهہ اوقيہ ٿيو. تڏهن هن مو کي آزاد ڪيو. پوءِ سِڌو اچي حضور جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ سموري حقيقت کين ٻڌايم.

حضرت سلمان سيني جنگين ۾ اچي حاضر ٿيندو هو. پاڻ حضور جن فرمايو تہ: سلمان هڪ ڏينهن مدائن جو بادشاهہ ٿيندو. آخر ٿيو بہ ائين. عرب ۽ عجم جي جنگ لڳي. عجم (ايران) جي بادشاهہ يزد جرد شڪست کاڌي، پوءِ حضرت سلمان فارسي کي انهي ملڪ جي تخت جو مالڪ ڪيائون. حضرت سلمان رضہ آخري عمر تائين اتي حڪومت هلائي ۽ هجرت کان ٽيٽيهہ سال پوءِ وفات ڪيائين. سندس عمر تي علمائن جو اختلاف آهي. گهڻن جو چوڻ آهي تہ هن جي عمر چار سئو سال هئي. حضرت سلمان جي باري ۾ مهاجرن ۽ انصارن ۾ بہ اختلاف پيدا ٿيو. انصار چون تہ: سلمان اسان مان آهي، تہ مهاجر چون تہ هو اسان جو آهي. حضور ڪريم جن کي جڏهن اها خبر پئي تڏهن فرمايائون: سَلمَانُ مِنَّا اَهلِ البَيتِ (سلمان

اسان اهلبيتن مان آهي). هو هميشہ بيبي فاطمہ الزهره خاتون جي در جي پُهاري ڏيندو هو ۽ خدمت ڪندو هو.

روزي جي فرضيت

هجرت جي ٻئي سال شعبان مهيني ۾ آيت نازل ٿي، جنهنڪري رمضان شريف جا روزا فرض ٿيا. فَمَن شَهِدَ مِنكُمُ الشَّهرَ فَليَصُم (جيڪو توهان مان ماهہ رمضان کي حاضر ٿئي تہ پوءِ ان جا روزا ضرور رکي). اهڙي طرح فطرا بہ واجب ٿيا.

قبلي جي تبديلي

قبلي جي تبديلي بہ انهيءَ ئي سال يعني هجرت جي ٻئي سال ٿي، جڏهن يهودين ڏٺو تہ محمد صلي الله عليہ وسلم بيت المقدس ڏانهن مُنهن ڪيو عبادت ٿو ڪري، تڏهن چيائون تہ: هيءُ قبلي اسان جي ڏانهن مُنهن ڪريو عبادت ٿو ڪري ۽ وري دين بہ اسان جي جي مخالفت ٿو ڪري. پڪ ڪو ٻُليل شخص ٿو ڏسجي! يهودين جي انهيءَ طعني ڪري حضور جن جي دل ۾ رنج پيدا ٿيو ۽ سندن خواهش هئي تہ بيت الله قبلو ٿئي تہ بهتر. هڪڙي ڏينهن پاڻ سڳوار مسجد بني سلمہ ۾ ٻپهريءَ جي نماز پڙهي رهيا هئا تہ ٻيءَ رڪعت دوران آيت نازل ٿي تہ:

قَدْ نَرٰى تَقَلُّبَ وَجْهِكَ فِي السَّمَآءِ ۚ
فَلَنُوَلِّيَنَّكَ قِبْلَةً تَرْضٰىهَا ۚ فَوَلِّ وَجْهَكَ
شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۚ

ترجمو: بيشڪ اسان ڏڻو تہ تون پنهنجو مُنهن آسمان ڏي پيو ڦيرئين. پوءِ اسان ڦيرايو تنهنجو قبلو جنهن لاءِ تون خواهشمند هئين. پوءِ پنهنجو مُنهن ڦيراءِ مسجد الحرام بيت الله ڏي. (القرآن 2: 144).

پوءِ اُتي جو اُتي، رڪوع ۾ ئي حضر صلي الله عليہ وسلم جن پنهنجو مُنهن بيت الله ڏي ڦيرايو تہ سيني جماعتين بہ اوڏانهن مُنهن ڦيرايو. ان ڏينهن کان اُن مسجد جو نالو ئي رکيائون ۽ اها مسجد اڄ تائين انهيءَ نالي سان پئي سڏجي.

ان واقعي تي يهودين وري بَڪ شروع ڪئي تہ: مسلمانن جو سچو قبلو ڪهڙو چئجي؟ جيڪڏهن بيت الله سندن سچو قبلو آهي تہ پوءِ بيت المقدس ڏانهن مُنهن ڪري جيڪي نمازون پڙهيائون يا جيڪي مسلمان مري ويا، انهن جا عمل باطل ۽ نمازون رد چئجن. جيڪڏهن بيت المقدس سچو قبلو آهي تہ پوءِ هاڻي بيت الله واريون سندن نمازون اجايون آهن. ان تي الله تعاليٰ وٺان هيءَ آيت نازل ٿي تہ: مَا كَانَ اللّٰهُ لِيُضِيعَ اِيمَانَكُم (الله تعاليٰ توهان جو عبادتون ۽ ايمان ضايع نہ ڪندو). ابو سعد خدري روايت ٿو ڪري تہ: حضور صلي الله عليہ وسلم جن پاڻ مسجد قبا ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ پنهنجن هٿن مبارڪ سان ان جي ٻِتين ۽ محراب کي قبلي طرف ڦيرايائون.

حضرت بيبي فاطمہ رضہ ۽ حضرت علي رضہ جن جي شادي

هجرت جي ٻئي سال ماهہ رجب ۾ حضرت فاطمہ خاتون ۽ حضرت علي رضہ جو عقد نڪاح ۽ شادي مبارڪ ٿي. تفصيل هن

ريت آهي تہ جڏهن بيبي فاطمہ رضہ جي عمر بلوغت جي حد کي پهتي تڏهن قريش اشرافن بيبيءَ جي سڱ جي گُهر ڪئي، جن ۾ صديق اڪبر، فاروق اعظم، سعد بن محاذ ۽ ٻيا شامل آهن. حضور جن فرمايو تہ: وحي جو انتظار آهي، الله تعالیٰ جيڪو بہ فيصلو ڪيو ائين ڪيو ويندو. حضرت ابوبڪر صديق پنهنجن قريشن کي مسجد ۾ گهرائي چيو تہ: حضرت علي رضہ خاتون جي سڱ جي گُهر نٿو ڪري. شايد مسڪينيءَ جي ڪري، ان ڪري ڪانئس پڇجي تہ سندس ڪهڙو خيال آهي. پوءِ هي سڀ گڏجي حضرت علي رضہ وٽ آيا ۽ چيائون تہ: تون خاتون جي سڱ جي طلب ڇو نٿو ڪرين؟ اگر مسڪيني آهي تہ اسين تنهنجي مدد ڪريون، ڇو تہ حضور جن وٽ تنهنجي جيڪا منزلت ۽ عزت آهي، سا ٻئي ڪنهن جي بہ ناهي. اسان مان سڀني خاتون جي سڱ جي گُهر ڪئي آهي، مگر حضور جن ڪنهن کي بہ دلاسو ڪونہ ڏنو آهي. هاڻي تنهنجو وارو آهي. حضرت علي رضہ فرمايو تہ: آڻُ سندن ئي حضور ۾ ننڍو ٿي وڏو ٿيو آهيان، مونکي شرم ٿو اچي تہ ظاهر ٿي ڪانئن سندن نياڻيءَ جي گُهر ڪريان، ٻيو تہ مسڪيني حال بہ آهي-نہ مَهر آهي وري ڪو سامان اسباب، سڀني معتبر قريشن کيس دلجاءِ ڏني تہ: اسني سڀئي تنهنجي خدمت ڪنداسين ۽ مدد ڏينداسون، تون حضور جن جي دربار۾ وڃي پاڻ عرض ڪر.

سڀني قريشن جي صلاح موجب حضرت علي رضہ، حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي در تي وڃي ڪڙو ڪڙڪايو. ان وقت

حضور جن بيبي اُم سلمہ جي گهر رونق افروز هئا. حضور جن بيبي صاحبہ کي حڪم ڪيو تہ: در وڃي کول هٰذا رُجُلٌ يُحُبُّ اللهِ وَرَسُولَہ وَيُحبّاه (هي مڙس الله ۽ رسول کي دوست ٿو رکي، الله ۽ رسول ڪيس دوست ٿا رکن). بيبي صاحبہ عرض ڪيو تہ: سائين! مون کي تہ پُڏاءِ تہ اهو ڪهڙو مڙس آهي، جنهن لاءِ توهان جون اهڙيون شهادتون آهن؟ فرمايائون: اهو منهنجو سئوٽ حضرت علي آهي. بيبي صاحبہ در کوليو تہ حضرت عليءَ اچي سلام ورايو السّلام عليڪم يا رسول الله حضور جن جواب فرمايو وَعَلَيكُمُ السّلَامُ وَرَحمَتُ اللهُ وَبَرکاتُہ پوءِ ڪيس پنهنجي پر ۾ ويهاريائون. حضرت علي بہ ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيو. حضور جن فرمايس: شايد ڪنهن ڪم شان آيو آهين، تنهنجي ڪم جو فيصلو الله تعاليٰ ڪري ڇڏيو آهي. حضرت علي رضہ عرض ڪيو تہ: ننڍپڻ ۾ منهنجي ابي امان مون کي توهان جي حوالي ڪيو. توهان نہ رڳو منهنجي پرورش ڪئي، پر مون کي باطل دين کان ڇڏائي دين اسلام سان مشرف ڪيو. سڄي عمر توهان جي خدمت اقدس ۾ گذاري اٿم. اڪيلو ماڻهو آهيان، نہ مال اٿم نہ ملڪيت، آخر مون کي بہ شادي خانہ آبادي گهرجي. جيڪڏهن توهان مون کي دامادي‌ءَ جو شرف بخشيندا تہ توهان جي نوازش کان بعيد نہ آهي. حضور جن فرمايس تہ: پلا ڪجهہ اٿئي جو ڪابِيني (مَهر) يا خانہ داري جي ڪم ڪار ۾ اچي؟ حضرت علي رضہ عرض ڪيو: فدوي جو حال حضور کان مخفي نہ آهي، سواريءَ جو هڪ اُٺ، هڪ ذوالفقار (ترار) ۽ هڪ زهر اٿم، جيڪا لڙائي جي وقت ڏيکيندو آهيان. حضور جن فرمايو تہ:

اُٺ ۽ ترار توکي ضرور رکڻ گهرجي. باقي زرهہ جي ضرورت نہ آهي. تنهنکري ان کي وکٹي مَهر (کابيِينو) ۽ شادي جو ضروري سامان خريد ڪر. آءٌ توکي مبارکباد ٿو ڏيان. ڇو تہ جبرئيل هن پَٽ جو سفيد رومال آندو هو. جنهن تي ٻہ سِٽون لکيل هيون. پُڇا ڪيم تہ هي ڇا آهي؟ جبرئيل فرمايو تہ الله تعاليٰ توهان کي پاڪ نسل جي مبارڪ ڏني آهي جيڪو نسل خاتون فاطمہ ۽ علي المرتضيٰ رضہ مان پيدا ٿيندو. رب العالمين خاتون فاطمہ جو عقد نڪاح علي المرتضيٰ رضہ سان ڪري ڇڏيو آهي. ملائڪن کي اهو نڪاح جو خطبو مون بيت المعمور ۾ پڙهي ٻڌايو آهي. هينئر اهو خطبو جيڪو هن بهشتي رومال تي مثبت (لکيل) آهي. سو حضور ۾ پيش ڪريان ٿو. توهان ٻہ پنهنجي مسجد نبوي ۾ پنهنجي اصحابن جي روبرو انهيءَ مبارڪ جوڙي جو عقد نڪاح ڪري ڇڏيو. هن رومال ۾ جيڪو عقد نڪاح جو خطبو آهي. ان جو مضمون هي آهي: زَوَجتُ جَارِيَتِي فَاطِمَہ بِنتِ مُحمّدُ رَسُولُالله بِعَبدِي عَلِيّ اِبنِ اَبِي طَالِبُ (پنهنجي ٻانهيءَ فاطمہ رضہ نياڻي محمد رسول الله صلي الله عليہ وسلم کي پنهنجي ٻانهي علي ابن ابو طالب سان پرڻايم). اهو عقد نڪاح ملاڪن مقرين کي ٻڌايو ويو. حورن غلمائن ۾ خوشيون آهن. ۽ رضوانہ ٻہ بهشت سينگاري شادي ملهائي رهيو آهي. پوءِ حضرت علي رضہ کي فرمايائون تہ: تون ٻہ هاڻي تيار ٿي آءُ تہ تنهنجو عقد نڪاح ڪريون.

حضرت علي پنهنجي زره ڇئن سَوَن درهمن (سئو رپين) ۾ حضرت عثمان رضہ کي وکٹي ڏني. مگر حضرت عثمان رضہ اتي جو

اتي زره کيس واپس ڏني ۽ چيائينس تہ: علي المرتضيٰ جي زره ٻئي کنهن کي بہ نہ سونهندي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن حضرت بلال رضہ کي حڪم ڏنو تہ: علي رضہ جي نڪاح جي خبر سيني ماڻهن کي ٻڌاءِ تہ اهي مسجد نبوي ۾ اچي گڏ ٿين. جڏهن سڀ ماڻهو اچي گڏ ٿيا. تڏهن حضور جن منبر تي چڙهي الله تعاليٰ جي حمد و ثنا بعد فرمايو تہ: الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهيءَ فاطمہ خاتون جو عقد نڪاح پنهنجي ٻانهي علي ابن ابوطالب سان ڪيو آهي. انهن جو خطبو جبرئيل بيت المعمور (ملائڪن جي ڪعبي) ۾ پڙهيو آهي. مون کي حڪم ٿيو آهي تہ آءٌ توهان جي روبرو خدا تعاليٰ جي حڪم جي تعميل ڪريان ۽ پنهنجي نياڻي خاتون جو عقد نڪاح علي ڪرم الله وجہ سان ڪريان. مون پنهنجي نياڻي فاطمہ خاتون وِرَاَثَتَ، وِلايَتَ، وَڪَالَتَ علي المرتضيٰ ابن ابي طالب کي زوجيت ۾ ڏني. حضرت علي رضہ ادب سان قبول فرمايو ۽ مَهر ۾ چار سئو درهم ڏنائين. پوءِ چوطرف کان مبارڪباد جا آواز اچڻ لڳا.

عقد نڪاح بعد حضور جن حضرت ابوبڪر صديق رضہ کي چار سئو درهم ڏنا تہ بيبي فاطمہ رضہ جو ڏاد تيار ڪرائي. حضرت صديق اڪبر رضہ پاڻ سان حضرت بلال رضہ ۽ حضرت سلمان فارسي رضہ کي ساڻ ڪري وڃي ڏاج ورتو. هڪڙي پٽراڻي، جنهن جو ٻُور ڪاپار (ناريل جي تاندورن) جو هو ۽ هڪ لحاف (سَوَڙ) جنهن جو ٻُور پشم جو هو. خيبري ڪپڙي جي قميص، ريشم جو برقعو ۽ ڪائڻ پيئڻ لاءِ نِڪر جا ڏانوَ ونڍي اچي حضور جي خدمت ۾ پيش ٿيا پاڻ

فرمايائون تہ: اَللّٰهُمَّ بَارِکَ علیٰ قَومِ اِنَائُهُمُ الخُزُوفُ (اي الله تعاليٰ انهيءَ قوم تي برڪت ڪر جنهن جي شادي جا ٽانوَ نِڪر جا آهن). باقي بچيل پئسا بيبي ام سلمہ رضہ جي حوالي ڪيا ويا تہ هوءَ انهن مان سرمون، قَطي ۽ ڪي خوشبوئون وغيره وٺي تيار ڪري. حضرت علي رضہ کي ڏهہ درهم (ايڪائي رپيہ) ڏنائون تہ گيهہ ۾ ڳتل وٺي اچ. پوءِ حڪم ڪيائون تہ: اندر طعام تيار آهي ڏهہ_ڏهہ ماڻهو اماڻيندو وچ ڪاڇ کائين. حضرت علي رضي الله عنہ فرمايو: حڪم جي تعميل تہ ڪيم پر لڇ پيئي اچيم تہ ايڪائي رپين جي ڳتل ۽ گيهہ مان ماڻهو ڇا کائيندا! پر نبي سڳوري جي حڪم موجب ڏهہ_ڏهہ ماڻهو اماڻيندو ويس. آخر ۾ حساب ڪيم تہ انهيءَ ڳتل ۽ گيهہ مان ست سئو مردن ۽ عورتن کاڏو ۽ سيني چيو تہ: اسان ڏيءُ ڪري کاڏو.

رات جو زفاف (لائون) ٿيون. حضور جن فرمايو تہ: اَللّٰهُمَّ بَارِکَ بَينَهُمَا (اي الله! هنن ٻنهي ۾ برڪت وجهہ). پوءِ خاتون جو هٿ وٺي حضرت علي رضہ جي هٿ مبارڪ ۾ ڏنائون.

انهي ڪاڇ متعلق ڪن روايت ڪئي آهي تہ: سعد بن معاذ گهَٽو موڪليو ۽ انصارن ٻہ_ٽي ٽوپا چانورن جا موڪليا. ۽ انهيءَ مال مان ڪاڇ هليو (والله اَعلَم بِاالصّوابِ).

حضرت علي رضہ روايت ٿو ڪري تہ: شاديءَ جي چوٿين ڏينهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن منهنجي گهر تشريف فرما ٿيا. ان وقت اسان ليٽيا پيا هئاسين. حضور کي ڏسي اُٺياسين ٿي تہ پاڻ زور سان فرمايائون تہ: جيئن آهيو ائين هجو! سندن فرمان موجب ائين ئي ليٽيا

رهياسين. سڄو هٿ منهنجي طرف هو. جو مون کٹي پنهنجي سيني تي رکيو. مون کان پاڻي گهريائون. مون پاڻي پيش ڪيو تہ ان تي قرآن ڪريم جون آيتون پڙهي دم ڪري فرمايائون: اَللّٰهُمَّ اَذهَب عَنهُمَا الرِّجسَ وَ طَهِّرهُما تَطهِيرا (اي الله! هنن ٻنهي کان پليدي دور ڪر ۽ هنن ٻنهي کي پاڪ ڪر). اهو پاڻي اسان کي پيارياٸون ۽ پوءِ خاتون رضہ کان منهنجي باري ۾ پڇا ڪياٸون. خاتون چيو تہ موصوف سيني سهٹين صفاتن سان آهي. مگر قريش جون عورتون چون ٿيون تہ سُڄو مڙس اٹئي. تڏهن حضور جن فرمايس تہ: مون کي الله تعاليٰ روءِ زمين جا خزانا، سون ۽ چاندي آڇيا پر مون نہ قبوليا. جيڪي مان ٿو ڄاڻان، جيڪڏهن تون بہ ڄاڻين تہ دنيا کي بلڪل خراب سمجهين. مان قَسم کٹي چوان ٿو تہ تنهنجو مڙس اسلام ۾ سيني کان اڳ ۾ آهي. علم ۾ سيني کان وڏو آهي. اَنَا مَدِينَتُ العِلمُ وَعَلِیٌ بَابُهَا (مان علم جو شهر آهيان ۽ علي ان جو دروازو آهي). حلم، بردباري ۽ صبر ۾ تہ سندس ڪو ثاني ئي ڪونهي. اي منهنجي نياڻي! جيئن تون منهنجو احترام ۽ عزت ٿي رکين اهڙيءَ طرح پنهنجي مڙس جي عزت ۽ احترام ڪجانءِ.

حضرت علي رضہ فرمائي ٿو تہ: مون کي حضور جن فرمايو تہ: اَلفَاطِمَہ بِضعَتُ مِنِّی (فاطمہ منهنجي جسم جو ٽڪرو آهي) هن جي ڪاوڙ منهنجي ڪاوڙ آهي ۽ هن جي رضا منهنجي رضا. حضرت علي رضہ فرمائي ٿو تہ خاتون رضہ ساري عمر ۾ ڪڏهن بہ مون کي رنج نہ ڪيو ۽ نہ ئي وري مون کيس ڏکوئيو. خاتون رضہ جون وصفون ۽ تعريفون نہ زبان کي ٻڌائڻ جي طاقت آهي ۽ نہ قلم کي لکڻ جي مجال.

خاتون رضہ کي هي اولاد ٿيو: امام حسن، امام حسين، زينب، اَم ڪلثوم، رقيہ ۽ مجسن جنهن جي پيدائش جي تڪليف کان رحلت فرمايائون. سندس قبر مبارڪ جي خبر ناهي. ٻن جاين تي چون ٿا: هڪ روضي جي ٻاهران پيچري جي اندر ۽ ٻيا چون ٿا تہ جنت البقيع ۾ جتي امام حسين رضہ جو سِر مبارڪ ۽ ٻين امامن جا روضا آهن.

جهاد جو حڪم

جڏهن اصحابن جي وچ ۾ محبت، پيار ۽ قربانيءَ جو مادو ۽ جذبو پوري ۽ يقيني طور ڏسڻ ۾ آيو، مهاجرن ۽ انصارن ۾ مواخات (هڪٻئي سان ڀائپي) ڪامياب ٿي ۽ هرڪو هڪٻئي جو صادق يار ۽ سيئي شمع نبوت جا پروانا ٿيا، تڏهن الله تعاليٰ، اسلام ۽ ڪلمت الله جي بلندي لاءِ جهاد جو امر ڪيو. قَاتِلُوهُم حَتّىٰ لَاتَكُونَ فِتنَہ (ڪفارن کي قتل ڪريو، ان هڪ تائين جو ڪفر جو فتنو نہ رهي). انهيءَ حڪم جي تعميل لاءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جن اصحابن ۾ جهاد جو روح ڦوڪيو ۽ غازين ۽ مجاهدن جا رُتبا ۽ شهيدن جا درجا بيان فرمايا. پوءِ سيئي اصحاب هر وقت حڪم جا منتظر ٿي رهيا.

جن بہ جنگين ۾ پاڻ سڳورن شرڪت فرمائي آهي ۽ پنهنجي نفس نفيس سان ويا آهن، تن کي غَزواه چون ٿا ۽ جن ۾ پاڻ شرڪت نہ ڪئي اٿن ۽ اصحابن کي موڪلي ڏنو اٿن، تن کي بعثہ يا سَرِيَہ چون ٿا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جا غزواه کي اوٽيهہ، کي چوويهہ ۽ کي ستاويهہ لکن ٿا. اهو هن ڪري جو بعضي هڪ ئي سفر ۾ بہ-بہ

غزوائون بہ ڪيون اٿن، مگر هڪ سفر ڪري هڪ ئي غزواه لکي وئي آهي. امام ابن الهشام زاد امعاد جي حاشيہ ۾ ستاويهہ غزواه لکيا آهن: (1) غزواه دوان: اها غزواه الابواء سڏبي آهي، (2) غزوه بواط: رضوي جي پاسي، (3) غزوه العشيره: بطن ينبع ۾، (4) غزوه بدر الاوليٰ بطلب محرز بن جابر جي، (5) غزوه بدرالڪبريٰ، جنهن ۾ قريشن جا رئيس جهنم داخل ٿيا، (6) غزوه بني سليم جي، عدد تائين (7) غزوه سويق جي، ابا سفيان جي طلب لاءِ، (8) غزوه غطفان جي، جنهن غزوه ذي امر چيو ويندو آهي، (9) غزوه بحران معد جي، حجاز ۾، (10) غزوه احد، (11) غزوه حمراء الاسد، (12) غزوه بني النقير، (13) غزوه ذات الرقاع، (14) غزوه بدر الاخره، (15) غزوه دومہ الجندل، (16) غزوه خندق، (17) غزوه بني قريظہ، (18) غزوه لحيان، هذيل سان، (19) غزوه ذي قرد، (20) غزوه بني المصطلق جي، خزائمہ سان، (21) غزوه الحديبہ، جنهن ۾ صلح ٿيو. کين بہ جنگ جو ارادو ڪو نہ هو، (22) غزوه خيبر، (23) غزوه عمره قضاء، (24) غزوه فتح، (25) غزوه حُنين، (26) غزوه طائف، (27) غزوه تبوڪ. انهن مان هينئين نَوَن (9) ۾ جنگيون لڳيون: (1) بدر، (2) احد، (3) خندق، (4) قريظہ، (5) مصطلق، (6) خيبر، (7) فتح مڪہ، (8) حُنين، ۽ (9) طائف.

سرايا ۽ بعثت ڪن ڇاونجاهہ لکيا آهن ۽ ڪن انٽيهہ، مختلف قول آهن.

پهريون سريہ: پهريون سريہ (ٿولو) امير حمزي جي سرڪردگي ۾ موڪلياٿون. ان ۾ ٽيهہ مهاجر تيار ڪياٿون ۽ امير حمزي لاءِ سفيد

جهنڊو بہ تيار ٿيو. اهو پهريون جهنڊو هو جو اسلام ۾ ڪنيائون. علمبردار ابو مرثد غنوي هو. مسلمانن وڃي سمنڊ جو ڪنارو ورتو. ڇو تہ ڪين خبر هئي تہ قريشن جو هڪ قافلو شام کان موٽيو. مڪ معظم ڏي ٿو وڃي. قريشن جي قافلي ۾ ٽي سئو مرد شامل هئا ۽ ابوجهل بہ عيال سميت ان قافلي سان هو. جڏهن مسلمانن جو ٽولو اچي هنن جي قافلي وٽ پهتو ۽ قريشن کي بہ خبر پئي تہ هي اسان جي لُٽڻ ڦرڻ ۽ اسان سان وڙهڻ لاءِ اچي سهڙيا آهن تہ اهي بہ جنگ لاءِ تيار ٿيا. اها خبر جڏهن مجد بن عمرو کي پئي، جيڪو پنهي طرفن جو خيرخواه هو ۽ جنهن جي شهر جي پر ۾ اهو واقعو ٿيو. سو وچ ۾ ٽپي پيو ۽ طرفين کي جنگ کان روڪيائين، جنهنڪري جنگ نہ لڳي. پوءِ قريش مڪي معظم روانا ٿيا ۽ امير حمزو پنهنجو لشڪر وٺي مديني اچي پهتو. حضور جن کي جڏهن اها خبر پئي، تڏهن هو ڏاڍا خوش ٿيا ۽ فرمايائون تہ: مجد تمام چڱو ڪم ڪيو. پوءِ ڪيس تحفا تحائف بہ ڏياري موڪليائون.

پيو سريہ: عبيدت بن الحارث، جنهن کي شيخ المهاجرين بہ چون ٿا ۽ جيڪو حضور جن جو سئوٽ هو. پيو جٿو ان جي سرڪردگي ۾ طائف جي طرف روانو ڪيائون. اڄ جَٿي ۾ ڪي چون ٿا تہ ست ۽ ڪي چون ٿا تہ اسي ماڻهو شامل هئا. طائف طرف اهو جَٿو ان ڪري موڪليائون، جو ڪين خبر هئي پئي تہ قريش مڪي مان نڪري ڪمن ڪارين سان طائف ڏي ويا آهن. ان جَٿي جو علمبردار مسطح بن اثاثہ هو. هي منزلون ڪندا اچي مشرڪن جي سامهون ٿيا.

هو ۽ سئو ماڻهو هئا ۽ سندن سالار ابو سفيان هو. کي چون ٿا تہ عڪرمہ بن ابوجهل هو. طرفين هڪٻئي جي مقابلي ۾ اچي بينا. مسلمانن جي طرفان سعد بن ابي وقاص تير اندازي شروع ڪئي، چو تہ کيس حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دعا ٿي هئي تہ تنهنجو تِير ڪڏهن بہ نہ گسندو. هن وٽ ويهہ تِير هئا، ويهہ ئي هنيائين تہ هڪ بہ نہ گُٽو. جيڪڏهن ماڻهن کي نٽي لڳو تہ وهنن کي لڳو ٿي. مشرڪن ڏٺو تہ مسلمانن همت سان جنگ شروع ڪري ڏني آهي، سو کين يقين ٿيو تہ هنن جي مدد ۾ پويان ٻيو لشڪر بہ ضرور آهي، تڏهن تہ ايتري همت سان لڙن ٿا، سو وٺي ڀڳا. حضرت سعد، حضرت عبيده کي عرض ڪيو تہ: اسان سندن پيڇو ڪريون، مگر حضرت عبيد چيو تہ: بس، اهو ئي ڪافي آهي. پوءِ اُتاهون وري مديني منوره موٽي آيا.

پهرين غزوه

سن 2 هجري ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن سعد بن عباده کي مديني منور ۾ پنهنجو خليفو (جاءِ نشين) مقرر ڪري، پاڻ پنهنجن مهاجرن جي جماعت سان نڪتا، چو تہ کين خبر پئي تہ مڪي جا قريش بني خمير قبيلي ۾ آيا آهن، تہ جيئن کين پاڻ سان شامل ڪن. حضور جن ان قبيلي ۾ پهتا، پر قريشن کي خبر پئجي ويئي، تنهنڪري آيا ئي ڪونہ. پوءِ حضور جن ان قبيلي وارن سان صلح ڪري، پندرهن ڏينهن مديني منور ۾ موٽي آيا. اسلام ۾ اها پهرين غزوه هئي.

ٻي غزوه

ساڳئي سال سن 2 هجري ۾ سعد بن معاذ کي مديني منور ۾ پنهنجو خليفو مقرر ڪري، پاڻ سان ٻه سئو مهاجر ساڻ ڪري قريشن ڏانهن روانا ٿيا. جهنڊو سعد بن ابي وقاص کي ڏنائون. کين خبر پئي هئي ته اميه بن خلف جهنمي جي سرڪردگي هيٺ قريسن جو هڪ سئو مردن ۽ هزار اُٺن تي مشتمل قافلو وڃي رهيو آهي. حضور صلي الله عليه وسلم جن لواط تي پهتا، مگر قريش هٿ نه آيا، ان ڪري پاڻ واپس موٽي آيا.

ٽين غزوه

ٽين غزوه جو نالو آهي غزوه ذوالعشيره، ان جو واقعو هن طرح آهي ته جڏهن حضور جن ٻُڌو ته ابو سفيان، هڪ وڏي جماعت سان واپار لاءِ شام پيو وڃي، ته پاڻ سلمہ بن عبدالاسد مخزومي کي مديني منور جو خليفو مقرر ڪري، ٻه سئو مهاجر ساڻ ڪري انهن ڏانهن روانا ٿيا. جهنڊو حضرت حمزه رضہ کي ڏنائون. حضور صلي الله عليه وسلم ج اڇي منزل ذوالعشيره تي پهتا. حضور جن ٻـ ـڌي ڏينهن اُتي رهيا، پر قافلي وارن کي حضور جن جي خبر پئجي وئي، سي ٻئي پاسي کان ڦري هليا ويا. پوءِ حضور جن بني ملج قبيلي ۾ اوسي پاسي جي ٻين قبيلن سان صلح ڪري مديني موٽي آيا.

حضرت علي رضہ جو لقب اَبُو تُرابُ: حضور صلي الله عليہ وسلم جن انهي منزل تي حضرت علي رضہ جو ڪُنيَت اَبُو تُرابُ رکيو. حضرت علي ننڍ جي خيال سان ڪنهن کجيءَ جي وٺ هينان وجي سُتو. پاڻ سڳورن وجي کيس اُٺاريو. فرمايائون: قُم يَا اَبَا تُرَابُ. علي ڪرم الله وجہ کي بدن تي واري ۽ پگهر لڳل هو. پاڻ پنهنجن هٿن مبارڪن سان حضرت علي رضہ جو مُنهن ۽ وار صفا ڪيائون ۽ فرمائڻ لڳا تہ: دنيا ۾ ہہ ماڻهو بدبخت آهن. هڪ جنهن حضرت صالح عليہ السلام جي ڏاڇيءَ کي قتل ڪيو ۽ ٻيو جيڪو توکي خنجر هڻي، تنهنجي هن مُنهن کي خون ۾ ڳاڙهو ڪري شهيد ڪندو.

چوٿين غزوه

ساڳئي سال سن 2 هجري ۾ ڪرز بن جابر فهري، پنهنجن ساٿين ساڻ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جا اُٺ چوري ڪري ويو. حضور جن کي جڏهن اها خبر پئي تہ پاڻ زيد بن حارث کي مديني ۾ خليفو مقرر ڪري، هنن پويان روانا ٿيا. جهنڊو حضرت علي رضہ کي ڏنائون. جڏهن بدر جي منزل تي پهتا تہ کين خبر پئي تہ هو هتان لنگهي ويا. پوءِ پاڻ واپس موٽي آيا. انهي غزوه کي بَدَرَالاُولي ٿا سڏين.

عبدالله بن جحش جو سريہ: عبدالله بن جحش، حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو سئوٽ هو. پاڻ ڪريمن کي جڏهن خبر پئي تہ قريش، طائف کان سامان جو قافلو ٿا آڻين، تہ عبدالله بن جحش جي سرڪردگي هيٺ اَسِي مهاجرن جو جَٿو انهن پويان روانو ڪيائون.

ٻارهن وڏا اصحاب ۽ انهي جَٿي سان موڪليائون. جهڙوڪ: سعد بن ابي وقاص، عڪاشہ بن حصين اسري، عتبہ بن غزوان، ابو حذيفہ، عتبہ بن ربيعہ، سهل بن بيضاء، عامر بن ربيعہ، واقد بن عبدالله، خالد بن بڪر وغيره. ٻن-ٻن ماڻهن کي هڪ اُٺ هو. عبدالله بن جحش کي اميرالمومنين جو خطاب ڏنائون ۽ کيس هڪ خط ڏيئي امر ڪيائون تہ ٻن ڏينهن گذرڻ بعد اهو خط پڙهجان ۽ جيڪي ان ۾ لکيل آهي ان تي عمل ڪجان. هن، ٻن ڏينهن گذرڻ بعد اهو خط کوليو تہ ان ۾ لکيل هو: بطن نخلہ جي وادي ۾ وڃ ۽ اُتي قريشن جي قافلي جو انتظار ڪر. اُميد تہ تون قافلي سان وڃي ملندين. پنهنجي رفيقن کي زور نہ ڀرج، جيڪو خوشيءَ سان هلي تہ پلي هلي، جيڪو موڪي تہ پلي موڪي اچي.

عبدالله بن جحش اهو خط پنهنجن سنگتين کي پڙهي ٻڌايو تہ سڀني چيو: اسين الله ۽ رسول الله جي مٿان سِر قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيون، اسين واپس نہ ويندا سين.

حضرت سعد بن ابي وقاص ۽ عتبہ بن غزوان جنهن اُٺ تي سوار هئا اهو گم ٿي ويو. تنهنڪري اهي ٻئي اُٺ جي پويان ويا، باقي اصحاب وڃي بطن نخلہ تي پهتا. ڏنائون تہ قريشن جو قافلو عمرو بن حضومي، حڪم بن ڪيان، عثمان بن ڪيان، عثمان بن عبدالله مخزومي ۽ نوفل بن عبدالله جي سرڪردگي هيٺ اچي پيو. جڏهن اهو قافلو اچي منزل انداز ٿيو تہ ڏنائون تہ مسلمانن جو جٿو ب اچي پهتو آهي. اهو ڏسي يڪدم لڏڻ شروع ڪيائون. اميرالمومنين عبدالله بن جحش پنهنجن ساٿين کي حڪم ڪيو تہ: توهين سڀ پنهنجا مٿا

ڪوڙايو تہ جيئن قريش سمجهن تہ مسلمانن جو هي جٿو بيت الله شريف جي زيارت لاءِ آيو آهي ۽ عمره جو احرام ٿا ٻڌن. جڏهن مسلمانن ائين ڪيو ۽ قريش کين احرام ٻڌندي ڏٺو تہ هنن پنهنجا اُٺ وري چوڙي چڏيا ۽ ويهي طعام تيار ڪرڻ لڳا. مسلمانن ڏٺو تہ هاڻي هو بلڪل بيڀپا آهن، تڏهن يڪدم مٿن حملو ڪري ڏنائون. مسلمانن مان واقد بن عبدالله، هڪ ڪافر عمرو بن حضرمي کي تِير هڻي قتل ڪري وڌو. عثمان بن عبدالله ۽ حڪم بن ڪيان قيد ٿيا، نوفل ڀڄي ويو ۽ ڪافرن جو سمورو سامان مسلمانن کي هٿ آيو. عمرو قريشن مان ڀهريون ماڻهو هو. جيڪو مسلمانن هٿان قتل ٿيو. ۽ عثمان ۽ حڪم مسلمانن جا قيدي ٿيا.

انهيءَ حملي وقت جمادي الآخر جي پوئين يا رجب جي پهرين تاريخ هئي. تنهنڪري مسلمانن ۾ پهرين اختلاف ٿيو تہ جيئن تہ رجب ۾ لڙائي ڪرڻ حرام آهي ۽ متان اڄ رجب هجي ۽ لڙائي ڪري گنهگار ٿي پئون، تنهنڪري ڪيپايائون. پر پوءِ وجهہ ڏسي، رجب جي بہ پرواهہ نہ ڪري حملو ڪري ڏنائون. جڏهن مال غنيمت هٿ آين تڏهن خُمس (پنجون حصو) حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي لاءِ ڪڍي، باقي مال عبدالله بن جحش پنهنجي ساٿين کي ورهائي ڏنو.

جڏهن واپس مديني شريف پهچي، سمورو احوال حضور صلي الله عليہ وسلم جن سان ڪيائون تہ حضور جن فرمايو: توهان رجب المرجب ۾ ڇو حملو ڪيو ۽ قتل قتال ڪيو؟ اهو ٻُڌي سيئي پشيمان

ٿيا. سيني کي الله تعاليٰ جو خوف ٿيو ۽ توبهہ ڪرڻ لڳا. پوءِ وحي نازل ٿيو جنهن ۾ هيءَ آيت نازل ٿي تہ:

يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الشَّهْرِ الْحَرَامِ قِتَالٍ فِيْهِ ؕ
قُلْ قِتَالٌ فِيْهِ كَبِيْرٌ ؕ وَ صَدٌّ عَنْ
سَبِيْلِ اللّٰهِ وَكُفْرٌۢ بِهٖ وَالْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۗ
وَاِخْرَاجُ اَهْلِهٖ مِنْهُ اَكْبَرُ عِنْدَ اللّٰهِ ۚ وَ
الْفِتْنَةُ اَكْبَرُ مِنَ الْقَتْلِ

ترجمو: تو کان سوال ڪن ٿا تہ مهيني حرام (رجب) ۾ لڙائي جائز آهي چا؟ تون جواب ڏي تہ برابر ان مهيني ۾ لڙائي وڏو ڏوهہ آهي، پر الله تعاليٰ جي راهہ کان ماڻهن کي روڪڻ، مسلمانن کي مسجدالحرام مان ڪيڻ، رجب ۾ قتل ڪرڻ کان وڏو ڏوهہ آهي. ڪفر جو فتنو ڦقتل کان وڏو ڏوهہ آهي (القرآن، 217:2). اهو بُڌيعبدالله بن جحش ۽ سندس ساٿي خوش ٿيا ۽ پوءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جن بہ پنهنجو مال جو حصو قبول ڪيو ۽ باقي غازين کي ڏنائون.

جڏهن مڪي وارن پنهنجن بن قيدين عثمان ۽ حڪم جي ڇڏائڻ لاءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڏانهن ماڻهو موڪليو تہ حضور جن فرمايو تہ: اسان جا بہ ماڻهو حضرت سعد بن وقاص ۽ عتبہ بن غزوان گم آهن، اگر هو خيريت سان موٽي آيا تہ پوءِ توهان جي قيدين کي ڇڏينداسين، بي صورت ۾ هنن کي انهن جي عيوض قتل ڪنداسين. پوءِ جڏهن ٻئي اصحاب خيريت سان مديني شريف پهچي ويا، تڏهن قيدين کي آزاد ڪيائون. حضور صلي الله عليہ وسلم ٻنهي قيدين کي اسلام جي تلقين ڪئي. حڪم، اسلام قبول ڪيو ۽

مديني ۾ ئي رهيو. باقي عثمان ڪافر ٿي رهيو ۽ ڪيس مڪي وڃڻ جي موڪل ڏنائون.

بدر جي جنگ

بدر هڪ جاءِ جو نالو آهي، جيڪا مڪي ۽ مديني جي وچ ۾ آهي. هجرت جي ٻئي سال قريشن، شام جي واپار لاءِ هڪ قافلو تيار ڪيو. جنهن جا سالار ابو سفيان ۽ عمرو بن العاص هئا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي جڏهن اها خبر پئي تہ پاڻ پنهنجي مهاجرن جي جماعت سان انهن جي پويان ويا. ذوالعشيره جي منزل تي پهتا تہ کين خبر پئي تہ قافلو شام ڏانهن لنگهي ويو. اهو ٻڌي پاڻ واپس مديني موٽي آيا ۽ اچي پاڻ ۾ صلاح ڪيائون تہ ڪفارن سان مقابلو ضرور ڪجي، ٻيءَ صورت ۾ هو پنهنجي شرارتن کان باز نہ ايندا.

حضرت طلحہ بن عبدالله ۽ سعد بن زيد کي شام موڪليائون تہ توهان جاسوسي ڪري قافلي جي خبرچار اچي ڏيو تہ شام کان ڪڏهن موٽندو تہ پوءِ اسان سندن مقابلو ڪريون. پوءِ طلحہ ۽ سعد روانا ٿي ويا ۽ وڃي شام پهتا، جتي ڪشگ جي عبادتگاهہ ۾ سندس مهمان وڃي ٿيا. ڪشگ کان قافلي جو حال احوال پئي پڇيائون تہ ايتري ۾ قافلو بہ اچي نڪتو. قافلي وارن اتي اچي پُڇا ڪئي تہ: مديني جو ڪو جاسوس اسان جي لاءِ تہ ڪو نہ آيو؟ ڪشگ اسان کي لڪائي ويهاريو ۽ هنن کي چيائين تہ: هتي ڪو بہ ڪو نہ آيو آهي. طلحہ چيو تہ جڏهن قافلو روانو ٿي ويو تڏهن اسان مٿي چڙهي ڏٺو تہ

زبردست قافلو هو ۽ منجهس مال اسباب جي ڪمي ڪانہ هئي. اهو قافلو آندل سامان وڪڻي پيو شامي سامان ڪڻي روانو ٿيو هو. طلحہ ۽ سعد بہ حضور جن کي خبر ڏيڻ لاءِ جلدي جلدي واپس موٽي آيا.

طلحہ ۽ سعد جي شام وڃڻ کان پوءِ حضور جن ڏهين، ٻارهين رمضان شريف جي مديني کان ٻاهر آيا. مديني ۾ عمرو بن ام مڪتوم کي پنهنجو خليفو مقرر ڪري آيا هئا، پر پوءِ ابولبابہ انصار کي بہ سندس ساڻي ڪري اوڏانهن موڪليائون. ان وقت ڪل ٽي سئو پنج ماڻهو حضور جن جي خدمت ۾ روانا ٿيا، جن ۾ اسي مهاجر ۽ باقي انصار هئا. اٺ ماڻهو جن کي حضور صلي الله عليہ وسلم جن بدري شمار ڪري، انهن کي بہ مال غنيمت مان حصو ڏنو. انهن اٺن سان جملي تعداد ٽي سئو تيرهن (313) ٿئي ٿو. جيئن حضرت طالوت جو لشڪر بہ جالوت جي مقابلي ۾ ٽي سئو تيرهن هئو ۽ الله تعاليٰ کين فتح ڏني هئي. اهي اٺ ماڻهو غزوه ۾ شامل نہ ٿيا. مگر حضور صلي الله عليہ وسلم جن انهن کي بدري قرار ڏنو ۽ کين مال غنيمت مان حصو ڏياريو. انهن اٺن ڇڻن مان، بہ ڇڻا تہ طلحہ ۽ سعد هئا، جي شام کان موٽي مديني پهتا تہ پُڏائون تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن اڳ ۾ روانا ٽي چُڪا آهن. پوءِ هي ٻئي حضور جن جي پويان روانا ٿيا مگر پاڻ سڳورا بدر فتح ڪري، موٽي منزل 'يوماني' تي پهتا تہ هي بہ اچي ساڻن شامل ٿيا. ٽيون ڇڻو حضرت عثمان بن عفان رضہ هو. جنهن کي حضور جن سندس بيبي صاحبہ رقيہ (نياڻي حضور صلي الله عليہ وسلم) جي تيمارداري لاءِ ڇڏي آيا هئا، جيڪا بيمار هئي. ڇوٽون

شخص عمرو بن ام مڪتوم هو. جنهن کي حضور جن مديني جو خليفو مقرر ڪيو هو. پنجون ابولبابہ، جو عمرو جو ساڻي هو. ڇهون حارث بن حاطب جنهن کي حضور صلي الله عليہ وسلم جن 'روحا' منزل تان ڪنهن ڪم سان بني عمرو عوف قبيلي ڏانهن موڪليو. ستون ۽ اٺون حارث بن قيم ۽ حواطب بن جبير هئا. جيڪي اُٺ تان ڪِري پيا ۽ سخت ڏکجي ۽ ڦٽجي پيا هئا. جنهنڪري حضور جن کين رستي تان ئي واپس موڪايو هو. اهو پهريون ئي پيرو هو جو انصارن بہ حضور جن سان غزوه ۾ شرڪت ڪئي ۽ انهن کي بہ جهاد جو حڪم فرمايائون، نہ تہ انهن کي چوڻ هو تہ اگر مديني منوره تي حملو ٿئي تہ توهان اسان جي مدد ڪجو. ٻيءَ حالت ۾ توهان اسان سان جنگين ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ٻڌل نہ آهيو. جيئن تہ هن پيري انصارن بہ خودبخود شوق ڏيکاريو تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن بہ کين اجازت ڏني، تنهنڪري هن جنگ ۾ مهاجرن ۽ انصانر گڏجي شموليت ڪئي.

اسلام جي لشڪر ۾ بہ سئو اسي (280) اُٺ، بہ گهوڙا، اَٺ تلوارون ۽ ڇهہ زرهہ هئا. يعني بن-ٽن کي هڪ اُٺ ۾ شرڪت هئي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن 'جدعا' ڏاڇي تي سُوار هئا. حضرت علي رضہ ۽ ابو لبابہ بہ ساڻن سواريءَ ۾ شريڪ هئا. ابو لبابہ کي واپس مديني موڪليائون تہ ان جي جاءِ تي زيد بن حارث مقرر ٿيو. جڏهن بہ حضور جن جو وارو پورو پئي ٿيو تہ ٻين ساٿين کي وارو پئي ڏنائون. هنن ٻنهي نبي ڪريم جن کي عرض ڪيو تہ: توهان نہ لهو. اسين پنڌ

ڪريو ٿا هلون. اسان پنهنجا وارا توهان کي بخش ڪيا. تڏهن پاڻ فرمايائون تہ: اَنتُمَا اَقوَيٰ مِنّي (ڇا توهان مون کان ڏاڍا مڙس آهيو؟) پوءِ حضور جن پنهنجن ٻنهي رفيقن کي پورو وارو ڏيندا هليا. هن جنگ ۾ ڪنهن کي بہ خيال يا يقين نہ هو تہ ڪو جنگ لڳندي. سڀني کي صرف قافلي لُٽڻ جو خيال هو. تنهنڪري گهٽا اصحاب هنن سان ڪو نہ هليا. حضور جن بہ کين زور ڪونہ ڪيو تہ وري ڪا کين ملامت ڪئي.

حضور ﷺ جن جڏهن روانا ٿيا تہ هڪ ميل جي پنڌ تائين سارو شهر ننڍا وڏا ساڻن گڏ هليا. جڏهن ابو عتبہ جي کوهہ تي پهتا تہ پاڻ سڳورا اُتي لهي پيا ۽ ننڍن ٻارن ۽ پوڙهن کي حڪم ڪيائون تہ: توهان سڀ واپس موٽي وڃو. باقي 305 (ٽي سئو پنج) ڇڻا رهيا ۽ مٿي ڇاڻايل اَٺن ڇڻن سان ڪل 313 (ٽي سئو تيرهن) ٿيا. ڪن جو چوڻ آهي تہ ٽي سئو پندرهن يا ٽي سئو سترهن ڇڻا هئا. وَاللّٰهُ اَعلَمُ بِالصّوابِ. صبح جو اُتان رواني ٿيڻ وقت بہ ڇڻا عدي ابيٰ رعنا جنهي ۽ سليل بن عمر جنهن کي جاسوس ڪري موڪليائون تہ قافلي جو سُڌ سماءُ لهي آڻي ٻُڌائين. هي ٻئي وڃي بدر پهتا. جتي قافلي جي پُڇا ڪيائون. مگر ڪو بہ پتو ڪو نہ پيين. هو ٻئي ٿورو ترسي واپس ٿيا تہ ابو سفيان اتي پهتو. هن هڪ ٻن ماڻهن کان پڇيو تہ ڪي جاسوس تہ هتي ڪو نہ آيا؟ پر ڪو بہ پتو ڪو نہ پيس. هڪڙي ڇوڪريءَ اتي ڏٺ پئي چاريو. جڏهن ان کان پڇيائين تہ هن ٻُڌايس تہ ٿوري دير اڳ بہ اوٺي سوار هتي آيا هئا. پر ٿوري دير ترسي ويا هليا. ابو سفيان ان جاءِ

تي ويجهو وڃي ڏنو تہ ڪيس اُٺن جا ليڏوٽا ڏسڻ ۾ آيا. نِوڙي ڏنائين تہ مديني جي ڳٽل جون ڪڙيون ليڏوٽن ۾ نظر آيس. هي سمجهي ويو تہ برابر اهي ٻئي اوٺي سوار مديني جا جاسوس هئا. پوءِ بدر جي ڪوهہ ڪي ڪپي ڇڏي، هن وڃي قافلي ڪي درياهہ جو پاسو ونايو. هن ڊپ ۾ سِڌو رستو ڇڏي ڏنو تہ متان مديني جو لشڪر اچي پهچي، جيڪو ڳولا ۾ آهي.

عاتڪہ جو خواب: عاتڪہ بنت عبدالمطلب هڪ رات خواب ڏٺو جيڪو صبح جو اُٺي پنهنجي ڀاءُ حضرت عباس رضہ سان بيان ڪيائين ۽ ڪيس تاڪيد ڪيائين تہ خواب جو ذڪر ڪنهن سان بہ نہ ڪج. خواب جو بيان ڪيائين تہ: هڪ اُٺ جو سوار ڏٺم جيڪو 'البطح' وادي ۾ اچي بيٺو ۽ ٽي ڀيرا بُلند آواز سان چيائين تہ: اي قريشو! پنهنجي ڪوس واري جاءِ لاءِ جلدي تيار ٿي وڃو. ان بعد اهو اوٺي مسجدالحرام ۾ آيو. جتي پوبان ڪافي ماڻهو بہ هئس. پوءِ ابو قبيس جبل تي چڙهيو. جتي پٽ ساڳيو سڏ ڪري کين بلند آواز سان چيائين تہ: پنهنجي ڪوس واري جاءِ ڏي وڃو! پوءِ اُتان هڪ وڏو پٿر ليٽايائين، جيڪو پرزا پرزا ٿي مڪي جي سيني گهرن ۾ وڃي ڪِريو. پر بنو هاشم ۽ بني زهره جي گهرن ۾ ڪو نہ ڪِريو.

حضرت عباس رضہ اهو خواب پنهنجي دوست وليد بن عتبہ بن ربيعہ کي ٻڌايو. جنهن وري پنهنجي پيءُ عتبہ کي ٻڌايو. آخر اهو خواب ابوجهل تائين وڃي پهتو. ٻئي ڏينهن، جڏهن حضرت عباس رضہ طواف ٻئي ڪيو تہ ابوجهل، قريشن جي ڪچهري ۾ چيس تہ:

تنهنجي پيٽ عاتقہ کي بہ نبوت ملي آهي چا؟ حضرت عباس پڇيس تہ: ڇو؟ ڇيائين تہ: اهڙا خواب جو ڏسي ٿي! توهان بني هاشمين کي مڙسن جي نبوت تي ڏءُ ڪو نہ ٿيو. هاڻي توهان جون زالون بہ نبوت جي درجي تي پهچي ويون آهن! حضرت عباس رضہ کي اها ڳالهہ ٻُڌي ڏاڍي منيان لڳي، سو دل ۾ چوڻ لڳو تہ: اجايو ٻين کي خواب ٻُڌايم.

حضرت عباس رضہ چيو تہ: رات جو گهر آيس تہ بني عبدالمطلب جون سڀئي زالون گهر آيون ۽ مون کي تمام ملامت ڪيائون تہ تو بيهودن ماڻهن کي ڇو عروتن جا خواب ٻُڌايا. جو ابوجهل لعين اسان کي طعنا مهڻا ڏنا!

صبح ٿيو تہ ابوسفيان جو قاصد ضمضم غفاري قريشن ڏي آيو. جو ڪيس ويهہ مثقال سون جا ڏئي مڪي موڪليائون تہ وڃي مڪي خبر ڏي تہ محمد صلي الله عليہ وسلم توهان جي قافلي لُٽڻ لاِ تيار ٿي آيو آهي. پُڇڻو اٿوَ تہ پُڇو نہ تہ قافلو لُٽجي ويندو ۽ قافلي وارا مارجي ويندا. ضمضم غفاري اهڙي حالت ۾ آيو جيئن مصيبت وارا ايندا آهن. اُٺ جو نڪ ڪپيل هئس، پنهنجي پهران کي اڳيان پويان چهڪ ڏئي ڇڏيا هئائين. اُٺ تي اُبتو پلاڻ وجهي 'البطح' وادي ۾ بيهي رڙ ڪري چيائين تہ: اي قريشو! اي آل لئويّ جي! الغوث الغوث (فرياد فرياد) رڙين تي سڀئي اچي گڏ ٿيا. ضمضم کين هيئن بہ چيو تہ: رات خوفناڪ خواب ڏٺو اٿم تہ هڪ وادي، جنهن مان رت پيو وهي، ان مان پيو هلان! سجاڳ ٿي تعبير ڪيم تہ معلوم ٿيو تہ قريشن تي ڪا وڏي مصيبت ايندي!

حضرت عباس چيو تہ: اسان کي خوشي ٿي جو عاتقہ جو خواب سچو ٿيو. هڪ تہ مصيبت جو قاصد آين ٻيو وري اهڙو ئي مصيبت جو خواب ڏنائين.

قريشن جو گڏ ٿي ابوسفيان جي مدد ۾ ڪرڻ: قريش يڪدم تياري ۾ لڳي ويا. سهيل بن عمرو ۽ ربيعہ بن الاسود کي مقرر ڪيائون تہ ماڻهن ۾ تبليغ ڪن ۽ تياري ڪرائين. غريبن کي شاهوڪارن کان هٿيار، سامان، گهوڙا ۽ اُٺ ونڻي ڏين. اهڙيءَ طرح سڀئي جلد تيار ٿي ويا. ابولهب جو سندن راست بازو هو. تنهن تياري ڪانہ ڪئي. قريش گڏجي وٽس آيا ۽ چيائونس تہ: تنهنجو هلڻ ضروري آهي. تون نہ هلندين تہ ٻيا بہ نٿائيندا. پر هن جواب ڏنو تہ: مان هرگز ڪو نہ هلندس، ۽ نہ ئي وري مون وٽ ايترو پئسو آهي، جو ٻئي ڪنهن کي ڏئي، پنهنجي پاران تياري ڪري موڪليان. باقي ابوجهل جي پاءُ عاص بن هشام وٽ منهنجا چار هزار درهم آهن، اهي ڇڏيم، جيڪڏهن اهو وڃي! بنو هاشمين کي بہ چوڻ لڳو تہ: توهان مان متان ڪو وڃي، ڇو تہ عاتقہ جو خواب ضرور سچو ٿيندو.

انهيءَ ڏينهن سعد بن معاذ رضہ عمره جي خيال سان مديني منوره مان مڪي معظم ۾ وارد ٿيو ۽ طواف ڪري عمره جا احڪام پورا ڪري، اميہ بن خلف جي گهر اچي مهمان ٿيو. ابوجهل کي جڏهن اها خبر پئي تہ يڪدم اچي اميہ بن خلف کي چيائين تہ: هو اسان جو قافلو پيا لُٽين ۽ تون وري سعد بن معاذ کي مهمان ڪري ٽڪايو آهي! ڇڏ تہ هن کي اتي ئي پورو ڪري ڇڏيون. تڏهن حضرت سعد چيس تہ: توهان جا قافلا اسان وٽان لنگهندا رهن ٿا، جيڪڏهن توهان اسان سان اهڙيون هلتون ڪندا تہ پوءِ توهان جا قافلا ڪيئن سلامت ڇڏيندا سين؟ اتي اميہ بن خلف چيو تہ: سعد! تڪڙو نہ پئو۔ابوالحڪم (ابوجهل) هن وادي جو سردار آهي. تڏهن حضرت سعد رضہ چيو تہ: اي اميہ بن خلف! مون کي الله تعاليٰ جو قسم آهي تہ مان محمد صلي الله عليہ وسلم کان ٻُڌو آهي تہ اميہ بن خلف کي منهنجا اصحاب قتل ڪندا. تڏهن اميہ چيس تہ: توکي قسم آهي تہ اهو سخن تو سندس زبان (مبارڪ) مان ٻُڌو آهي؟ حضرت سعد چيس تہ: برابر مون اهو سخن سندن زبان وحي ترجمان مان ٻُڌو آهي. پوءِ اميہ بن خلف، ابوجهل کي جواب ڏنو تہ: مان نہ هلندس. ابوجهل ۽ عقبہ بن ابي معيظ وٽس آيا تہ: جيڪڏهن سست ٿيو آهين تہ زنانا ڪپڑا ڍڪي، رئو مٿي تي ڪري ويهي رهہ، وري مڑسيءَ جي دعويٰ نہ ڪج. اهو طعنو ٻُڌي اميہ لاچار تيار ٿيو. عاتقہ ۽ ضمضم جي خوابن جو اثر وڏن وڏن قريشن تي ٿيو. جهڙوڪ: حارث بن عامر، عتبہ، شيبہ، اميہ بن ّلف، حڪم بن حزام ابو البختري، عاص بن منبہ. انهن سيني خوف ۾ هلڻ کان انڪار ڪيو. پر پوءِ ابوجهل، عقبہ ۽ نضر بن الحارث انهن لکي بہ جُنيون ڦِٽيون ڪري نيٺ هلڻ لاءِ تيار ڪيو.

قريشن پنهنجي لشڪر ۾ سادا نوَ سئو (950) جنگي فن جا ماهر مرد ڪنيا، جن مان هڪ سئو گهوڙي سُوار هئا ۽ بين کي اُٺن جي سُواري هئي، ان

کان سواءِ ڪيتريون ڳائڻ واريون سهڻيون عورتون سازن سرودن سميت پاڻ سان کنيائون. لشکر جي مانيءَ جو انتظام عباس بن عبدالمطلب، زمعہ بن ربيعہ، اميہ بن خلف، حڪم بن حزام، نضر بن الحارث، ابوجهل بن حشام، سهيل بن هشام ۽ حجاج جي ٻن پُٽن نبيہ ۽ منيبہ جي هٿن ۾ هو. هڪ ڏينهن عتبہ شيبہ ٻنهي ڀائرن خيال ڪيو تہ عاتقہ جو خواب هڪ ڏينهن ضرور سچو ٿيندو. تنهنڪري هتان گُسائي ڀڄي هلجي، نہ تہ مارجي ويندا سين. اتي ابوجهل ٻہ اڇي مٿانئن ڪڙڪيو پڇيائين تہ: ڇا پيا چئو؟ هنن چيو تہ: اسان کي ڊپ ٿو ٿئي، ان ڪري اسين واپس ويندا سين. تڏهن ابوجهل هنن کي گهٽو ٽوڪيو تہ: هڪڙي عورت جي خواب کي توهين ايڏي اهميت ڇا ڏيو! مان توهان کي يقين ٿو ڏياريان تہ محمد صلي الله عليہ وسلم ۽ سندس لشکر اسان جو مقابلو بلکل ڪري نہ سگهندو ۽ اسين فتح ڪري موٽنداسين. اهڙيءَ طرح هميشہ لاءِ رڳڙي کان ڇُٽي پونداسين نہ تہ روز روز اسان جي قافلي جي واڳ ونيو ٻينا هوندا! نيٺ لاچار ٿي عتبہ ۽ شيبہ هنن سان هلڻ لڳا. پر ابوجهل کي چيائون تہ: اسان کي يقين آهي تہ تون پاڻ ٻہ مرندين ۽ اسان کي مارائيندين.

قريش، حِجفہ منزل تي پهتا تہ جهيم بن صلت بن عبدالمطلب بن عبد مناف خواب ڏٺو تہ هڪ گهوڙي سوار، جنهن سان اُٺ ٻہ هو، ڪفارن جي لشکر ڏي آيو. جڏهن ويجهو پهتو تہ عتبہ، شيبہ، زمعہ بن الاسود، اميہ بن خلف، ابوالبختري، ابوجهل بن هشام، نوفل بن خويلد ۽ ٻين جا نالا وني چيائين تہ: سيئي پنهنجي ڪوس جي جاءِ ڏي ڇا وڃن. پوءِ پنهنجي اُٺ جي ڪنڌ تي ڪاتي هڻي لشکر ڏي موڪليائين. اهو اُٺ رت ڳاڙيندو هرهڪ تنبوءَ ۾ ويو ۽ پوءِ ڪو ٻہ تنبو خالي نہ ڇڏيائين. هن جڏهن اهو خواب ماڻهن کي ٻڌايو تہ سيني ۾ ڊپ ۽ هراس پيدا ٿي پيو. تڏهن ابوجهل

ڪاوڙ ۾ چوڻ لڳو تہ: وري بني عبد مناف مان هي ٻيو نبي پيدا ٿيو آهي! جهيم کي چيائين تہ: اهو شيطان هو. جنهن توکي ڊيڄاريو آهي. سياڻي ڏسندين تہ اسين محمد صلي الله عليہ وسلم ۽ سندس ساٿين مان ڪن کي قتل ۽ ڪن کي قيد ڪري ايندا سين!

عتبہ ۽ شيبہ کي جڏهن اها خبر پئي تہ هنن ڪنهن ڪُنڊ ۾ وڃي پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ: هي خواب عاتقہ جي خواب جهڙو آهي، اسان کي موت ٿو ڪٽي جو هروپرو موت جي منهن ۾ ٿا وڃون.....اڇو تہ موتئون! ابوجهل کي وري ٻہ خبر پئجي ويئي تہ هي ٻئي ڀڄڻ جي تياري پيا ڪن، سو اڇي کين طعنا مهڻا ڏيڻ لڳو تہ: رڳو ڪو سڇو ڪوڙو خواب ٿو لهي تہ گيدين وانگر ويساهہ ڪري وٺي ٿا ڀڄڻ جا سعيا ڪريو! توهان جهڙا ڇگّا مڙس ڀڄندا تہ پوءِ ڪهڙي لُنڊي ٻُڌي رهندي! تنهنڪري مڙس ٿيو! لاچار هي ٻہ وري طوعا ڪرها هلڻ لاءِ تيار ٿيا.

واقدي چوي ٿو تہ: ابو سفيان پنهنجو قافلو خطري کان ٻاهر لنگهائي، پنهنجي ساڻ يقيس ابن امرء القيس کي قريشن ڏي موڪليو تہ ڏڻيءَ جي مهرباني سان قافلو خطري کان بچي نڪتو آهي. توهان سيئي ڀائر اسان جي مدد لاءِ ۽ قافلي جي بچائڻ لاءِ مڪي معظم مان نڪري آيا آهيو. هاڻي اڳتي وڌڻ جو ضرور ڪونهي. گهٽو ڪري تہ محمد صلي الله عليہ وسلم ٻہ پنهنجي ساٿين سان مديني ڏانهن موٽي ويو هوندو. توهان ٻہ موٽي مڪي هلو! ابوجهل چوڻ لڳو تہ: بدر ۾ هر سال ميلو لڳندو آهي، بازاريون کلي ويندیون آهن، هزارين ماڻهو اڇي گڏ ٿيندا آهن ۽ واپار وڙو ٿيندو آهي. هاڻي اسين ٻہ هلي بدر ۾ ٽي ڏينهن تِڪي ميلو لڳائينداسين. اسان سان عيش و طرب جو سڀ سامان دُهل دَماما، ڳائيندڙ ٻانهيون ۽ شراب ڪباب موجود آهي، اتي رهي خوشيون ملهائينداسون. اهڙي طرح سيني قبيلن تي

اسان جو اثر پوندو ۽ اسان جي اها خبر جڏهن مديني تائين به پهچندي ته پوءِ محمد صلي الله عليه وسلم ۽ سندس ساٿين کي وري جرئت نه ٿيندي جو هو اسان جي ڪنهن قافلي جو اڳ وڻن! تنهنڪري بدر ضرور هلبو.

قيس ابن امره القيس موڻي وڃي ابو سفيان سان ڳالهه ڪئي ته ابوجهل نه موڻيو ۽ هو بدر ڏي لشڪر وڻي وڃي رهيو آهي. اهو ٻُڌي ابو سفيان چيو ته: ابوجهل اهو ڏاڍو ڪچو ڪم ڪيو. پاڻ کي ۽ قوم کي مصيبت ۾ وڃي وِڌائين. خدا جو قسم ته جيڪڏهن جنگ لڳي پيئي ته اسان جو طرف مارجي ويندو! تنهن هوندي به قافلي کي مڪي ۾ پهچائي، قريشن جا رهيل جوان گڏ ڪري، انهن کي ساڻ وڻي وڃي بدر پهتو.

اخنس بن شريڪ، جيڪي بني زهره جو دوست هو. تنهن بنو زهره قبيلي کي چيو ته: ابوجهل تمام ضدي ماڻهو آهي، سو جيسين سارو لشڪر نه مارائيندو. تيسين اصل نه مُڙندو. جيڪڏهن واقعي محمد صلي الله عليه وسلم الله تعاليٰ جو نبي آهي ته پوءِ يقيناً فتح انهيءَ جي آهي، ڇو ته حق هميشه غالب رهيو آهي. پر جي ائين ناهي ته به جنگ جو معاملو آهي. ڪنهن ڪٽي لڏو آهي ته هروپرو اسان ڪٽيندا سين اسان جو مطلب هو قافلي سان، اهو سلامت بچي نڪتو. هاڻي مان اُٺ تان ڪِري ٿو پوان، توهان چئو ته اخنس کي نانگ کاڏو آهي، اسان کيس گهر نينداسون. اهو بهانو ڪري اخنس ۽ بنو زهره موڻي مڪي هليا ويا.

حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن به پنهنجي لشڪر سان اچي 'روحا' منزل تي پهتا. رات جو اتي رهي، سومهڻي جي نماز پڙهي، وِتر ۾ هنيلن قريشن جهڙوڪ: ابوجهل، عتبه، شيبه، زمعه، سهيل ۽ ٻين کي نالا وڻي پِٽيائون ۽ پنهنجي دين اسلام جي تفح لاءِ دعا گهريائون. صبح جو ڪوچ ڪري صفرا واديءَ ۾ پهتا. اتي خبر پين ته قريش، ابو سفيان جي قافلي جي

مدد ۾ پوري طاقت سان اچي هتا پهتا آهن ۽ هينئر مقابلي لاءِ تيار آهن. سندن قافلو صحيح سلامت مڪي موٽي ويو. پر هي خاص جنگ لاءِ وڏي آيا آهن.

اصحابن سان مشوره: حضور صلي الله عليہ وسلم جن الله جي حڪم وَشَاوِرهُم فِي الأَمرِ (انهن (اصحابن) سان هر ڳالهہ ۾ صلاح ڪندو ڪر!) جي تعميل لاءِ سڀني اصحابن کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪري، صلاح مصلحت پڇي تہ: هينئر دشمن سامهون آهن، توهان جي ڪهڙي صلاح آهي.....اڳتي وڌون يا پوئتي موٽون؟ حضرت ابوبڪر صديق رضہ جواب ۾ عرض ڪيو تہ: الله تعاليٰ جي طرفان اسان کي جهاد جو امر "جَاهِدُوا فِي سَبِيلِ اللهِ" پهتل آهي تہ اسان "اِعلاَءٌ كَلمَتِ اللهِ" لاءِ مامور آهيون. جيڪڏهن اسان قتل ٿياسيون تہ شهيد آهيون. جيڪڏهن فتحمند ٿياسيون تہ اسان لاءِ عيد آهي! حضرت عمر رضہ بہ حضرت صديق اڪبر جي تائيد ڪئي ۽ سڀني مهاجرن بہ تهہ دل سان تياري ڏيکاري.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن انصارن کي خطاب ڪندي فرمايو تہ: "اي انصارو، توهان بہ پنهنجو رايو پيش ڪريو، متان سمجهو تہ اسان کي زوري جنگ ۾ گهليو ليو آهي! فتح ۽ شڪست الله تعاليٰ جي وس آهي. اسان کي الله تعاليٰ بن شين مان هڪ جو وعدو ڪيو آهي: قافلي لُٽڻ يا جنگ فتح ڪرڻ جو. جيڪڏهن قافلو ويو تہ جنگ ۾ فتح اسان جي آهي". انصارن مان حضرت سعد بن معاذ اُٺي عرض ڪيو تہ: "اسان ايمان آڻي، پنهنجا مال، گهر ۾ سِر توتان صدقو ڪري ڇڏيا آهن، جنگ تہ جنگ آهي پر باهہ ۾، جتي بہ حڪم ڏيندا، ٽپو ڏيئي ڪاهي پونداسين". پوءِ سڀئي گڏجي بدر ڏي وڌڻ لڳا.

جڏهن بدر جي ويجهو پهتا تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو: مان ڪافرن جي قتل جون جايون اکين سان ڏسي رهيو آهيان. تڏهن لشڪر اتي لهي پيپ، ۽ پاڻ حضور جن سوار ٿي، قتاده بن النعمان ۽ معاذ بن جبل کي شامل ڪري، بدر جي واسي پاسي قريشن جي خبر ونڻي اچڻ لاءِ سير ڪندي، هڪ پير مرد سفيان العمہ سان وڃي مليا. ڪائنس پُڇا ڪيائون تہ: قريشن جي ڪا خبر چار اٿئي؟ چيائين تہ: ٻُڌو اٿم تہ هو مڪي معظم مان فلاڻي تاريخ نڪتا آهن. جيڪڏهن اها ڳالهہ سچي آهي تہ پوءِ فلاڻي جاءِ تي پهتا هوندا، ۽ هو بہ ائين. حضور جن وري پڇيس تہ: ٻلا محمد صلي الله عليہ وسلم ۽ سندس ساٿين جي ڪا خبر اٿئي؟ تڏهن ٻِير مرد چيو تہ: انهن جي باري ۾ ٻُڌو اٿم تہ فلاڻي تاريخ مديني مان روانا ٿيا آهن. اگر اهو صحيح آهي تہ پوءِ هن وقت هو فلاڻي جاءِ تي هوندا. ٻِير مرد انهيءَ ئي جاءِ جو نالو ورتو جتي واقعي ان وقت پنهنجي لشڪر کي ورهائي آيا هئا.

بدر ۾ اچڻ: هجرت جي ٻئي سال، رمضان شريف جي سترهين تاريخ هي بدر ۾ پهتا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن حضرت علي رضہ، زبير بن العوام ۽ سعد بني ابي وقاص کي موڪليو تہ فلاڻي ڪوهہ تي وڃو، اتي توهان کي خبر ملندي، اهي اصحاب اتي ويا تہ ڏنائون تہ قريشن جي ماڻهن پاڻي پئي پريو. هنن کي ڏسي ٻيا تہ پڃي ويا باقي سندن بہ غلام پڪڙي ورتائون هڪڙو اسلم، غلام بني الحاج جو ۽ ٻيو عريض، غلام بني العاص سعيد جو. انهن ٻنهي کي ونڻي اچي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي آڏو پيش ڪيائون. ان وقت حضور جن نماز پڙهي رهيا هئا. غلامن کان پڇا ڪيائون. هنن ٻڌايو تہ: اسين قريش جا غلام آهيون. اصحابن جڏهن کين مارڪُٽ ڪري پڇا ڪئي تہ: توهان ابو سفيان جي قافلي جا ماڻهو آهيون يا نہ؟

تڏهن سچي ڪيائون تہ برابر ابوسفيان جي قافلي جا ماڻهو آهيون. حضور صلي الله عليہ وسلم جن نماز کان فارغ ٿي فرمايو تہ: هنن جي پهرين ڳالهہ سچي آهي، هي برابر قريش جا غلام آهن. پوءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جن کانئن پڇا ڪئي تہ: قريشن جو تعداد ڪترو آهي؟ هنن چيو تہ: خبر ناهي. تڏهن حضور جن وري پڇيو تہ: روزانو گهٽا اُٺ ڪُهندا آهن. هن چيو تہ: ڪڏهن ڏهہ ڪڏهن نَوَ اُٺ ڪُهندا آهن. پاڻ سڳورن فرمايو تہ: قريشن نَون سوَن کان مٿي ۽ هزار کان گهٽ آهن. جڏهن غلامن کان پڇيو ويو تہ: قريش ڪٽي آهن؟ تہ هنن ٻڌايو تہ: هن "عُدوَتہ قُصويٰ" (ننڍي ماٿر) جي پويان آهن. وري پڇا ڪيائون تہ: پلا انهن سان قريشن جا وڏا ماڻهو ۽ رئيس ڪهڙا آهن؟ هنن چيو تہ: عتبہ، شيبہ، حارث بن عامر ابوالبختري، حڪم بن حزام، طلحہ بن عدي، نصر بن الحارث، زمعت بن الاسود، ابي الحڪم بن هشام (ابو جهل)، اميہ بن خلف، نيبہ ۽ منبہ حجاج جا پُٽ ۽ سهيل بن عمرو. حضور جن پنهنجي ماڻهن کي چيو تہ: مڪي معظم پنهنجا جگر گوشہ توهان جي آڏو اُڇلايا آهن. پوءِ وري غلامن کان پڇا ڪيائون تہ: انهن مان ڪي موٽي بہ ويا آهن؟ هنن ٻُڌايو تہ: اخنس بن شريف بني زهره جي قبيلي سان واپس ويو. باقي سڀ آهن. ٻنهي طرفن جا لشڪر اڳتي وڌندا آيا. اسلامي لشڪر آڏو واريءَ جا ايڏا دڙا اڇي ويا جو مسلمان، گوڏن تائين واري ۾ گهڙي ٿي ويا. اتي حضور جن دعا گهُري تہ: الله تعاليٰ رحمت جو مينهن وساءِ! يڪدم وحي نازل ٿيو ۽ آيت آندائين تہ:

إِذْ يُغَشِّيكُمُ النُّعَاسَ أَمَنَةً مِّنْهُ وَ
يُنَزِّلُ عَلَيْكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ مَآءً
لِّيُطَهِّرَكُمْ بِهٖ وَ يُذْهِبَ عَنْكُمْ رِجْزَ
الشَّيْطٰنِ وَ لِيَرْبِطَ عَلٰى قُلُوْبِكُمْ وَ
يُثَبِّتَ بِهِ الْاَقْدَامَ ﴿۱۱﴾

ترجمو: (ياد ڪريو) جنهن مهل پنهنجي طرف کان امن ڏيڻ لاءِ اوهان کي اونگهه ڏيڪيائين ۽ الله تعاليٰ توهان تي آسمان مان پاڻي نازل ڪري ته توهان کي پاڪ ڪري ۽ شيطان جي پليدي توهان کان دفع ڪري، توهان جي قلبن کي مضبوط ڪري ۽ توهان جا پير سوگها ڪري (القرآن11:8). پوءِ يڪدم مينهن ونو مسلمانن غسل ڪيو، وضو ڪيائون، پاڻي پيتائون، واري ڄمي پئي، ان ڪري پير به مظبوط ٿين. هلندي هلندي آخر اچي اڳئين کوهه تي پهتا، جنهن جو پاڻي منو ۽ جهجهو هو. اتي حوض ٺاهي، پاڻي سان ڀري، ديرو ڄمائي ويهي رهيا.

صلح جي آڇ: محمد بن جبير بن مطعم روايت ڪري ته: ٻيئي طرف هڪٻئي جي ويجهو اچي ٽيا. حضور صلي الله عليه وسلم جن حضرت عمر رضه کي قريشن ڏانهن موڪليو ته بهتر آهي ته جنگ نه ڪجي ۽ هرهڪ ڏُر صحيح سلامت موٽي وڃي. حڪم بن حزام، اها ڳالهه ٻُڌي قريشن کي چيو ته: محمد صلي الله عليه وسلم انصاف جو پلئه ڏنو آهي، ڇڪو ائين آهي ته موٽي هلون. ابوجهل اها ڳالهه قبول نه ڪئي ۽ چيائين ته: مس مس اسان کي وجهه مليو آهي. اسان هن جنگ ۾ مسلمانن جا جوان مرد قتل ڪري ڇڏينداسين. اُتي انهن کي به طرحين طرحين جا عذاب ۽ ڏک ڏيئي ماريندا سين ته پلي مڪي جا ماڻهو ۽ عرب جا قبيلا ڏسن ته وري اڳتي منجهائن ڪوبه اهڙي نئين دين ٺاهڻ جي حرڪت ۽ بغاوت ڪرڻ جي جرئت نه ڪري. اهڙيءَ ريت اسان به سڄي عمر ڇُٽي پونداسين ۽ پويان به دعائون ڪندا، ان ڪري هي وجهه اسان هرگز نه وڃائينداسون.

قريشن سان مقابلي جي تياري: قريشن جو اهڙو جواب ٻُڌي، حضور صلي الله عليه وسلم جن پنهنجن اصحابن کي لڙائي جي تياري جو حڪم ڏنو. اسلامي لشڪر ۾ ٿي جهنڊا هئا: هڪ مهاجرن کي ۽ به انصارن کي.

مهاجرن جو جھنڊو مصعب بن عمير کي ڏنائون. انصارن جا ٻہ پاڙا ھئا. بني خزوج ۽ بني الاوس. خزوج جو جھنڊو خباب المنذر کي نڏائون ۽ اوس جو جھنڊو سعد بن معاذ کي ڏنائون. پنھنجي لشکر جون صفون پاڻ سينگاريائون ۽ پنھنجي عصا (لٺ) سان صفن کي سڌو پئي کيائون. سواد بن عدنہ سينو اگھاڙو کيو اڳيرو بينو ھو. پاڻ کيس لٺ سان سڌو کيائون. سواد چيو تہ: منھنجي اگھاڙي سيني تي ڏک ھنيو اٿوَ. مان قصاص (عيوض) ونندس. پاڻ سڳورن پنھنجو پھراڻ مٿي کري پنھنجي لٺ کيس ڏني تہ پلي ھڻ، ھُو يڪدم ٽپو ڏيئي سندن سينو چُمي چوڻ لڳو تہ: ھينئر موت جي منھن ۾ بينا آھيون. خيال کيم تہ کنھن صورت سان اوھان جي بدن مبارک کي چُمي ڏيان ۽ انکري ئي اھو حِيلو کيم. تڏھن پاڻ سڳورن کيس خير جي دعا فرمائي.

جنگ جي شروعات: تاريخ جا سيئي لکندڙ ھن ڳالھہ تي متفق آھن تہ جنگ جي شروعات ۾ مکي جي قريشن طرفان جيکو شخص ميدان جنگ ۾ آيو سو عتبہ بن ربيع ھو. جنھن پاڻ سان پنھنجو ڀاءُ شيبہ ۽ پُٽ وليد ٻہ ميدان ۾ آندا. عتبہ کي ابوجھل جي طعنن مجبور کيو تہ ھو پنھنجي ڀاءُ ۽ پُٽ سميت جنگ ۾ پھريون نمبر بيھي ۽ ابوجھل کي ڏيکاري تہ ھو سست نہ آھي. پر ھن کي يقين ھو تہ عاتقہ جو خواب ضرور سچو نکرندو ۽ ھو سيئي مرندا. ڀاءُ ۽ پُٽ کي ان کري آندائين تہ ھکيئي جو موت نہ ڏسن ۽ مرن تہ گڏجي مرن.

عتبہ پنھنجي ڀاءُ ۽ پُٽ سميت ميدان ۾ آيو تہ ان وقت ابوجھل ٻہ گھوڙي تي چڙھي، جنگي ويس ۽ ھٿيار پھري رعب تاب سان اچي ميدان ۾ بينو. عتبہ جون اکيون ابوجھل تي پيون تہ ھکل ڏيئي وڃي سندس گھوڙي تي ڪڙکيو ۽ تلوار ھڻي گھوڙي جا پير کپي وِڌائين ۽ چيائينس تہ:

بيحيا! توکي شرم نٿو اچي، جو قريشن جا اشراف اشراف سڀ پيادا بينا آهن ۽ تون گهوڙي تي چڙهي اچي نِنگري بينو آهين؟ هيٺ لهه! هن ابوجهل کي کيرائي، پوءِ للکاريو تہ: مسلمانن مان جيڪو بہ مڙس پاڻ کي بهادر ٿو سمجهي، سو ٻاهر نڪري اچي! مسلمانن مان ٽي بهادر انصار حضرت معاذ، معوذ ۽ عوف، ٽيئي حارث جا پُٽ ميدان ۾ ٽپي آيا. ڪن جو چوڻ آهي تہ معاذ جي بجاءِ عبدالله بن رواحہ هو. قريشن هنن کان پڇيو تہ: توهان ڪير آهيو جو اسان جي مقابلي آيا آهيو؟ چيائون تہ: اسان انصار آهيون. عتبہ کين چيو تہ: اسان جو توهان سان ڪم نہ آهي، اسان پنهنجن سئوٽن قريشن سان مقابلي لاءِ آيا آهيون. توهان موٽي وڃو. پوءِ سڏ ڪري چيائين تہ: اي محمد صلي الله عليہ وسلم، اسان جا مائٽ اسان جي مقابلي لاءِ موڪل! اتي حضور صلي الله عليہ وسلم جن حضرت علي رضہ، حضرت حمزه رضہ ۽ حضرت عبيده بن الحارث کي اشارو ڪيو. جيڪي پتنگن وانگر ميدان ۾ ٽُپي پيا. حضرت علي ڪرم الله وجہ ليد کي، حضرت حمزه رضہ شيبہ کي ۽ حضرت عبيده رضہ عتبہ کي سامهون ٽيو. حضرت علي رضہ ۽ حضرت حمزه پنهنجن دشمنن کي هڪ ئي وار سان جهنم ڏي موڪلي ڇڏيو. باقي حضرت عبيده، جيڪو 80 ورهين کان بہ وڏي عمر جو پِيرسن هو، تنهن کي عتبہ زخمي ڪري ڇڏيو. ڪن روايت ڪئي آهي تہ حضرت حمزو عتبہ تي ۽ علي رضہ شيبہ تي ۽ حضرت عبيده وليد تي ويو هو. بهرحال حضرت علي ۽ حضرت حمزي پنهنجن دشمنن جو ڪم پورو ڪري، پنهنجي سنگتي حضرت عبيده جي دشمن کي بہ جهنم ڏي موڪليو. پوءِ هو ٻيئي جڻا، زخمي عبيده کي کڻي اچي حضور صلي الله عليہ وسلم جي خدمت ۾ پهتا. حضرت عبيده عرض ڪيو تہ: سائين، مون کي شهادت جو درجو ملندو؟ پاڻ سڳورن فرمايو: هائو، تون شهيدن مان آهين ۽

نيڪوڪارن جو سردار آهين. پوءِ بدر مان موٽندي 'وادي صفر' ۾ يا 'وادي روحا' ۾ هو بهشت ڏي روانو ٿيو ۽ ڪيس اتي ئي دفنايو ويو. اُتي هيءَ آيت: هٰذان خَصمَانِ اختَصمُوا فِي رَبِّهِم (هنن دشمنن پنهنجي ربّ جي حق ۾ مقابلو ڪيو)، انهن ڇهن ماڻهن جي حق ۾ نازل ٿي، جن جو ذڪر ڪيو ويو. ٿي بهشتي آهن ۽ ٿي دوزخي. ٿي مسلمان موحد آهن ۽ ٿي ڪافر مشرڪ.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي فتح لاءِ دعا: حضور جن ڪفارن جي گهٽائي ۽ پنهنجي اصحابن جي ٿورائي ڏسي قبلہ طرف منهن ڪري، نهايت عجزو نياز سان دعا گهرڻ لڳا. هٿ اهڙيءَ طرح مٿي ڪنيائون جو سندن بغلن مبارڪن جي سفيدي ۾ ڏسڻ ۾ پئي آئي ۽ سندن چادر مبارڪ پٽ ڪُلهن مان ڪِري پئي، جيڪا حضرت ابوبڪر صديق رضہ ڪٽي سندن ڪُلهن مبارڪن تي رکي، عرض ڪيو تہ: سائين، خدا کي ڪافي ٻاڏايو اٿوَا سندن دعا جا الفاظ هي هئا: اَنجِزهَا وَعَدتَّني اَللّٰهُمَّ آن نُهلِکَ هٰذِهِ العِصَابَه مِنَ الاِسلامِ فَلا تَعبُد فِي اَلارضِ اِيّاکَ اَللّٰهُمَّ (اي منهنجا مولي، مون سان فتح جو جيڪو وعدو ڪيو اٿئي، سو جاري ڪر. اي خدا، مسلمانن جي هن ٽولي کي هلاڪ ڪندين تہ وري هميشہ لاءِ تنهنجو نالو زمين تي نہ ورتو ويندو ۽ نہ تنهنجي عبادت ڪئي ويندي). حضرت صديق اڪبر رضہ عرض ڪيو تہ: بيشڪ، اڄ الله تعاليٰ توهان کي ڏنل وعدو پورو ڪندو. پوءِ جبرئيل عليہ السلام نازل ٿيو ۽ آيت آندائين:

أَن يُمِدَّكُمْ رَبُّكُم بِثَلَٰثَةِ ءَالَٰفٍ مِّنَ ٱلْمَلَٰٓئِكَةِ مُنزَلِينَ ﴿

(توهان جو رب ٽن هزارن ملائڪن سان، جيڪي آسمان نازل ڪيل آهن، مدد ڪري ٿو). ور جڏهن معلوم ٿيو تہ مشرڪن جي مدد ۾ وڌيڪ فوج اچي رهي آهي، تہ وري ۾ جبرئيل نازل ٿيو ۽ آيت آندائين تہ:

هَٰذَا يُمْدِدْكُمْ رَبُّكُم بِخَمْسَةِ ءَالَٰفٍ مِّنَ ٱلْمَلَٰٓئِكَةِ مُسَوِّمِينَ

ترجمو: توهان جو رب توهان کي مدد ڏو ڪري پنجن هزارن ملائڪن سان، جي نشانين سان آهن (القرآن: 125:3). انهن آيتن موجب پهرين ٽي هزار ۽ پوءِ پنج هزار ملائڪ مسلمانن جي مدد لاءِ آسمان تان نازل ٿيا. اهي سڀ جنگي لباس پهريل ۽ هٿيارن سان هئا. سندن پَٽڪا ڪِن کي ساوا ته ڪِن کي قِڪا، طرّا پويان ڇڏيل، جيڪي سندن ڪٽين تي پئي پيا. سندن گهوڙا ايلق هئا، ۽ اهي مسلمانن جي صفن آڏو اڇي صفن ۾ بيهي رهيا. حضور صلي الله عليہ وسلم اهو واقعو ڏسي هيءَ آيت پڙهي:

سَيُهْزَمُ الْجَمْعُ وَيُوَلُّوْنَ الدُّبُرَ

ترجمو: سُڀت ڪافرن جو لشڪر ڀڄندو ۽ پُنيون ڦيرائيندو يعني ڀڄندو (القرآن، 45:54).

حضور صلي الله عليہ وسلم جن مسلمانن کي دلداري ڏني، ۽ واريءَ جي هڪ مُٺ ڀري دشمنن طرف اڇلائي، جيڪا سيني جي اکين ۾ وڃي پئي:

وَمَا رَمَيْتَ اِذْ رَمَيْتَ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ رَمٰى

ترجمو: نہ ڇڪيو تو جنهن وقت تو ڇڪيو پر الله تعاليٰ ڇڪيو (القرآن، 17:8) يعني اهو الله تعاليٰ جو شان هو. جو مِٽيءَ جي هڪ مُٺ ساري لشڪر جي اکين ۾ وڃي پئي، حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو اهو ڇڪڻ الله جو ڇڪڻ ڇئبو.

حضرت علي رضہ روايت ڏو ڪري ته: مون حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو طنبو ۾ وڃي ڏٺو ته پاڻ سجدي ۾ هي الفاظ ڇئي رهيا آهن: يا حَيُّ يا قَيُّومُ بِرَحمَتِکَ اَستَغِيثُ (اي هميشہ جيئر ۽ هميشہ سنپالينڌڙ تنهنجي رحمت سان فرياد ڏو ڪريان). مان ٽي ڀيرٽ سندن سُڌ لاءِ طنبوءَ ۾

ويس تہ متان کو دشمن متن حملو ڪري، پر ڏنم تہ سربسجود هئا ۽ متئين دعا پئي پڙهيائون، تيستائين پڙهيائون جو کين فتح جو يقين ٿيو.

انهيءَ ڏينهن شيطان، مسروق بن مالڪ بن جعشم هزيلي جي شڪل ۾ ڪن جو چوٽ آهي تہ سراقہ جي شڪل ۾ اچي قريشن کي چيو تہ: لا غَالِبَ عَلَيكُمُ اليَوم (اڄ توهان تي ڪوبہ غالب ڪونہ پوندو). پر جڏهن ملائڪ ڏنائين تہ حارث بن هشام جي هٿ ۾ جو هٿ هئس، سو ڇڏائي وڃي پڳو، پر حارث هٿ ۾ لڙڪي پيس. تڏهن شيطان چيس تہ: ڇڏ، ڇو تہ اِنِّی اَرٰی مَالا تَرونَ (جيڪي مان ڏسان پيو سو توهان نٿا ڏسو). حضرت ابن عباس فرمائي ٿو تہ: شيطان موت جي دپ کان نہ پڳو، ڇو تہ کيس قيامت تائين جيئرو رهڻ جي مهلت مليل اهي. پر دپ هئس تہ متان جبرئيل کيس پڪڑائي ماڻهن کي سڃاڻائي تہ هي ابليس اٿوَ اڳتي هن جي تابعداري نہ ڪجو! اهو حال ڏسي ابوجهل پنهنجي لسڪر کي للڪاري چيو تہ: متان هيردل ٿيا آهيو. سراقہ اڳ ۾ مسلمانن سان شال هو تنهنڪري اسان جي لشڪر کي بزدل بنائڻ لاءِ ائين ڪيو اٿس، موٽندي کيس ۽ سندس قوم کي چڱو سبق ڏيندا سين. عتبہ، وليد ۽ شيبہ تڪڙ ڪري اڳ ۾ وبا ۽ مارجي ويا. اسان ضرور فتح ڪري مسلمانن جا جوان مڙس ماري، باقي ڪُراڙن ۽ محمد صلي الله عليہ وسلم کي قيد ڪري، مڪي وڃي هلنداسون تہ اتي جا ماڻهو ڏسي عبرت حاصل ڪن. اسان بہ کين عذاب ڏيئي ماري ڇڏيندا سون، هاڻي عام حملو ڪريو!

مشرڪن، ملائڪن جي گهوڙن جون هاهُڙون ۽ هٽڪارون ٻُڌيون پئي، پر اکين سان ڪونہ ٿي ڏنائون. مسلمانن، ملائڪن کي باقاعده جنگي هٿيارن سان ڏنو پئي. اهو ان ڪري تہ مسلمانن کي ڏسي تسلي ٿئي ۽

ڪافرن کي ڏيڪاري نہ ڏئي ڏنائون تہ ڏسي ڀڄي نہ وڃن، پلي تہ سندن ڪم اتي ئي پورو ڪيو وڃي.

پوءِ جيڪي ڪافر بچي، ڀڄي مڪي پهتا، تن سراقہ ڏي چوائي موڪليو تہ: تو اسان سان غداري ڪئي آهي. سراقہ چيو تہ: قسم آهي تہ مون کي ڪابہ خبر ڪانهي تہ ڪو توهان بدر ڏانهن ويا آهيو. هينئر خبر پئي اٿم تہ مارجي شڪست کائي آيا آهيو.

جنگ ۾ جنهن بہ مسلمان، ڪنهن ڪافر تي حملو ڪيو تہ اڃا ان وٽ پهتو ئي ڪونہ ٿي تہ ڏنائين ٿي اڳ ئي ان جو سِرُ ڌڙ کان ڌار ٿيو پيو آهي. ابن عباس روايت ٿو ڪري تہ هڪ انصاري هڪ ڪافر پويان ٿي ويو تہ لڪڻ جو آواز ٻڌو گهوڙيسوار جي هڪل ٻُڌائين ٻڌو ڏنائين تہ اهو ڪافر ڪِريو پيو آهي، سندس مُنهن چيريل ٻڌو نڪ ڇٽيل آهي. انصاري اهو قصو حضور صلي الله عليہ وسلم جن سان ڪيو تہ پاڻ فرمايائون: اهو ٽئين آسمان جو ملائڪ هو جنهن انهيءَ ڪافر کي ڏڪ هنيو.

ثابت ابن ابي جيش چوي ٿو تہ: مون کي قسم آهي خدا جو تہ بدر ڏينهن مون کي ڪنهن بہ انسان قيد ڪونہ ڪيو بلڪ مان بہ ٻين قريشن سان گڏ ڀڳو پئي ويس تہ اوچتو هڪڙو ابلق گهوڙي تي سُوار پهتو ٻڌو يڪدم مون کي پڪڙي ڪٽي ٻڌائين، مون ڏنو پئي تہ اهو سُوار آسمان تان لهي آيو هو. پوءِ عبدالرحمان بن عوف آيو مون کي بَڌل ڏسي ونئي آڻي حضور صلي الله عليہ وسلم جن اڳيان پيش ڪيائين. پاڻ فرمايائون تہ: هن کي ملائڪ سڳوري قيد ڪيو آهي. پوءِ عبدالرحمان بن عوف کي چيائون تہ: پنهنجو قيدي وٺ وڃ!

حضرت ابو هريره رضہ روايت ٿو ڪري تہ: بدر جي ڏينهن ٽي سِريون ڪٽي حضور صلي الله عليہ وسلم جن وٽ ويس ٻڌو عرض ڪيم تہ هي بہ

سِريون مون قتل ڪيون آهن ۽ ٽين سِري واري کي ڏٺم تہ سفيد ڪپڑن سان، ڏگهي قد واري قتل ڪيو. ان جي سِري بہ ڪٽي آيو آهيان. پاڻ حضور جن فرمايو تہ ان کي فلاڻي ملائڪ قتل ڪيو آهي.

ابن عباس روايت ٿو ڪري تہ: بدر جي ڏينهن ملائڪ، ڪي سُجاتل ماڻهن جي شڪل ۾ ۽ ڪي اڻ سُجاتل ماڻهن صورت ۾ مسلمانن کي دلجاءِ ڏئي رهيا هئا ۽ لڙائي بہ پئي ڪيائون. الله تعاليٰ ان باري ۾ فرمايو آهي:

إِذْ يُوحِي رَبُّكَ إِلَى الْمَلَائِكَةِ أَنِّي مَعَكُمْ فَثَبِّتُوا الَّذِينَ آمَنُوا

ترجمو: تنهنجي رب ملائڪن کي وحي ڪيو تہ بيشڪ مان توهان سان آهيان، پوءِ مضبوط ڪيو مومنن کي دلداري سان (القرآن 12:8).

مسلمانن ۽ مشرڪن جڏهن هڪٻئي تي حملا پئي ڪيا تہ عاصم بن ابي عوف بهمي ڪفارن مان، هڪ مست شينهن وانگر گجگوڙ ڪري قريشن کي چوٽ لڳو تہ: متان سُست ٿيا آهيو اسان مسلمانن کي ڪونہ ڇڏيندا سون. ڪن کي قتل ۽ ڪن کي قيد ڪندا سين! حضرت ابو دجانہ انصاري مٿس اهڙو حملو ڪيو جو هڪ ئي ڏڪ سان ڪيس جهنم ڏانهن اُماڻي ڇڏيائين. ابو دجانہ گهوڙي تان لهي، جيئن ئي عاصم جا ڪپڙ ۽ هٿيار ٿي کنيا تہ پويان معبد بن وهب مٿس حملو ڪري اهوڙو ڏڪ هنيو جو هو گوڏن پر وڃي ڪِريو. پر پوءِ ابو دجانہ اُٿي معيد تي وار ڪيو تہ هو وڻي پڳو ۽ هڪڙي هنڌ وڃي ڪِريو. ابو دجانہ مٿس چڙهي ويو ۽ ڪيس اتي جو اتي ڪُهي ڇڏيائين.

نوفل بن خويلد جو قتل: حضرت زبير روايت ٿو ڪري تہ: حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي خبر پيئي تہ نوفل بن خويلد لشڪر ۾ آهي. پاڻ دعا فرمايائون تہ: اَللّٰهُمَّ اَكْفِنِى خُوَيلِد (اي خدايا! خويلد جي دشمني کان بچاءِ، ڪيس پورو ڪر!) خويلد قريشن کي پڙڪايو ٿي تہ اڄ ڪَٽڻ جو ڏينهن

آهي، متان پير پوئتي هٽايو اٿوَ. پر جڏهن قريشن پاڻ کاڏي تڏهن پاڻ پڄي نه سگهيو ۽ مسلمان مٽان اڇي ڪڙڪيس. تڏهن چوڻ لڳو ته: توهان کي منهنجي مارڻ مان ڇا هٿ ايندو؟ توهان کي منهنجي خون جي عيوض اُٺ گهوڙا نه گهرجن ڇا؟ حضرت جابر بن اميہ انصاري کيس قيد ڪيو. اتي حضرت علي رضہ اڇي سهڙيو. نوفل چيو ته هي ڪونہ ڇڏيندو هي پنهنجي قوم جي ماڻهن کي قتل ڪرڻ ۾ دير ئي نٿو ڪري! حضرت علي رضہ اڇڻ سان سندس سِر ۾ اهڙي تلوار هنئي جو سندس مٿو بہ اڏ ٿي پيو. حضرت علي رضہ دربار نبوت ۾ پهتو ته حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو ته نوفل جي خبر ڪير ڏيندو؟ حضرت علي رضہ فرمايو ته ڪيس جهنم ڏي روانو ڪري آيو آهيان. حضور صلي الله عليہ وسلم جن تڪبير هڻي فرمايو ته: اَلحَمدُ لِلّٰهِ الَّذِي اَجَابَ دُعَائي (الله تعاليٰ جو حمد آهي، جنهن منهنجي دعا قبول فرمائي).

جنگ بدر ۾ قريش جا ستر ماڻهو قتل ٿيا ۽ ستر قيد ٿيا، جن مان ڇٽيهہ ماڻهو حضرت علي رضہ قتل ڪيا. ڪن جو چوڻ آهي ته چوويهہ قتل ڪيائين، جن مان زمعت بن الاسود، حارث بن زمعت، عمرو بن عثمان بن ڪعب ۽ عثمان ۽ مالڪ ٻئي طلحہ جا پُٽ بہ هئا.

اميہ بن خلف ۽ سندس پُٽ علي جو قتل: اميہ بن خلف اهو ماڻهو آهي، جيڪو حضرت بلال جو سردار هو. جنهن ڪحضرت بلال تي، اسلام قبولڻ سبب طرحين طرحين جا ظلم ڪيا. عبدالرحمان بن عوف رضہ فرمائي ٿو ته: جاهليت ۾ منهنجو نالو عبد عمرو هو. پوءِ مون اسلام قبوليو ته حضور صلي الله عليہ وسلم جن منهنجو نالو عبدالرحمان رکيو. هڪ ڏينهن اميہ بن خلف مون کي چيو ته: جيڪو نالو پڻهين توتي رکيو هو. سو ته تو لهرائي ڇڏيو. يمامہ ۽ مسيلمہ ڪذاب کي رحمان ٿا سڏين، تنهنڪري مان توکي

عبدالرحمان کونہ سڏيندس، بلڪ عبدالله سڏيندس. تقدير الاهي، جڏهن بدر ۾ مشرڪ شڪست کائي ڀڳا تہ اميہ بن خلف ۽ سندس پُٹ علي رهجي ويا. مان ٻہ زرهہ هٿ ڪري کنيو پئي آيس تہ اميہ جي نظر مون تي پئي، رڙ ڪري چيائين تہ: يا عبد عمرو! مون جواب نہ ڏنومانس. وري سڏ ڪيائين: يا عبدالله! جواب ڏنومانس تہ چيائين: يار پُڃ، قتل کان بچاءِ، زرهہ ڦٽا ڪر، منهنجو سِر بچايئي تہ گهٽا ئي زرهہ ڏيندوسئين. مان زرهہ ڦٽي ڪري، هنن ٻنهي پيءُ پٽن کي وٺي اڳتي هليس تہ اوچتو حضرت بلال ني نظر پئجي ويئي. حضرت بلال کي اميہ تي ساڙهئا، چو تہ جڏهن پاڻ سندس غلام هو تہ هن مٿس سخت ظلم ڪيا هئا ۽ ڪرايا هئا. حضرت بلال وٺي سڏ ڪيو: اي مسلمانو اي مهاجرو اي انصارو! الله تعاليٰ ۽ رسول جو دشمن ۽ مڪي جي قريشن جو رئيس اچي ويو آهي، تنهن کي مٿان ڇڏيو اٿوَ! اهو سڏ ٻُڌي مسلمان اميہ ڏي ڊوڙيا. مون کين چيو تہ: هي منهنجا قيدي آهن، توهان کين ويجهو نہ اچو! پر منهنجي ڳالهہ ڪنهن ٻہ ڪانہ ٻُڌي ۽ سيني اچي اميہ کي پُنيءَ پر ليٽايو تہ مون پاڻ ڪٽي مٿانئس ڇِڻو ڪيو. خباب ابن المنذر سندس نڪ ڳچي ورتو. اتي اميہ چيو: اي عبدالله، هاڻ جيئڻ ڪهڙو آهي، مون کي چڏي ڏي تہ پلي هي قتل ڪن! مان پري ٿيس تہ جيب بن يساف، اميہ کي تلوار جي هڪ ئي ڌڪ سان قتل ڪري چڏيو ۽ خباب ابن المنذر وري سندس پُٹ علي کي تلوار هٽي قتل ڪري چڏيو. علي اهڙي دانهن ڪئي جو ساري عمر اهڙي دانهن ڪانہ ٻُڌيم.

عبدالرحمان بن عوف هميشہ چوندو هو تہ بلال تي خدا جي رحمت هجي، منهنجا زرهہ ٻہ وڃايائين تہ منهنجا قيدي ٻہ ڪُهايائين. انهيءَ لڙائيءَ ۾ لڙندي حضرت عمر رضہ پنهنجي مامي عاص بن هشام مغيره کي پڻ قتل ڪيو.

جنگ بدر ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جا معجزا: ابو دجانہ رضہ نقل ٿو ڪري تہ: بدر جي لڙائي ۾ منهنجي تلوار ڀڄي پيئي. اهو ڏسي حضور صلي الله عليہ وسلم جن مون کي هڪڙي کاڻي کڻي ڏني. اها کاڻي منهنجي هٿ ۾ هڪ ڏگهي ۽ عاليشان تلوار بنجي پيئي ۽ مان تيسين ان سان دشمنن کي ڪُهندو رهيس، جيسين هو وڻي پڳا.

بني الاشهد جي ماڻهن روايت ڪئي آهي تہ سلمہ بن اسلم جي هٿ ۾ جيڪا تلوار هئي، سا ڀڄي پئي، وٽس ٻيو ڪو بہ هٿيار ڪونہ هو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي هٿ ۾ لٺ هئي، سا کڻي ڪيس ڏنائون تہ اها يڪدم تکي تلوار ٿي پيئي، جنهن سان هو لڙائي ڪندو رهيو. خيبر جي جنگ ۾ بہ هن انهيءَ ئي تلوار سان جنگ پئي لڙي، پر هٿ مان ڇِري پيس ۽ گم ٿي ويئي. پاڻ حضرت فاروق اعظم جي خلافت ۾ شهيد ٿيو.

ابوجهل لعين جو قتل: عبدالرحمان بن عوف رضہ روايت ٿو ڪري تہ: بدر جي جنگ ۾ هڪڙي صف ۾ ٻن نوجوانن انصارن جي وچ ۾ بينو هئس. دل ۾ خيال ٿي ڪيم تہ ڪن پهلوانن سان گڏ هجان ها تہ چڱو. هي تہ نوان جوان ۽ اڻ آزمودگار ٿا ڏسجن! انهن مان هڪڙي چيو تہ: چاچا! ابوجهل کي سڃاڻندو آهين؟ چيم: هائو، تون ڇوٿو پُڇين؟ چيائين تہ: ٻُڌو اٿم تہ انهيءَ لعين حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي ڏاڍا ايذاءَ ڏنا اهن. مون بہ انجام ڪيو آهي تہ ڏسندوسانس تہ اصل ڪو نہ ڇڏيندوسانس، پوءِ يا هن جو سِر وڃي يا منهنجو! ٻِئي جوان بہ ساڳي ڳالهہ ڪئي، ۽ مون کي بہ خوشي ٿي تہ مڙس ٻئي دلير ٿا ڏسجن. ايتري ۾ ابوجهل بہ اچي نڪتو. هو اُٺ تي سُوار هو ۽ ڏاڍي شان شوڪت سان اُٺ پئي گهمايائين ۽ لشڪر کي پئي للڪاريائين. مون انهن ٻنهي جوانن کي چيو تہ اهو اٿوَ ابوجهل. منهنجو ايترو چوڻ ۽ هنن جوانن جو مٿس حملو ڪرڻ! جيئن ڪو باز ڇِڙيءَ ڏي

وجي، تيئن وجي متس ڪڙڪيا. يڪدم تلوارون هٿي سندس اُٺ جون ڇنگهون ڪپي وڌائون تہ اُٺ سان گڏ ابوجهل بہ اچي پَٽ تي ڦهڪو ڪيو. اهي جوان ٻئي ڀائر 'معاذ' ۽ 'معوذ' هئا. اهي ٻئي حارث جا پُٽ هئا ۽ ڪڌهن ماء عفراء ڏي بہ منسوب ٿيندا هئا. معاذ چوي ٿو تہ ابوجهل کي اهڙي تلوار هنيم جو سندس ٻنِي جدا ٿي ويئي. ان بعد سندس پُٽ عڪرمہ آيو ۽ مون تي وار ڪيائين ۽ منهنجو هٿ ڪپي وڃائين. مون اهو هٿ لَٽ ڏئي ڪپي ڇڏيو. وري معوذ جو ٻي تلوار ابوجهل کي هنئي تہ باقي وجي ڪو پساهہ بچيس.

ٻئي ڀائر حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيا ۽ بيان ڏنائون. هڪڙو چوي تہ مون ابوجهل کي قتل ڪيو آهي ۽ ٻيو ڀاءُ چوي تہ مون کيس قتل ڪيو آهي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن ٻنهي ڀائرن جون تلوارون رت ۾ ٻُڌل ڏسي فرمايو تہ: كِلا كُمَا قَتَلتُمُوه (توهان ٻنهي کيس قتل ڪيو آهي). حضور صلي الله عليہ وسلم جن انهي ٻنهي جوانن معاذ ۽ معوذ جي بيان جي مزيد تحقيق لاءِ فرمايو تہ: ڪو آهي جو ابوجهل جي موت جي سچي خبر آڻي ڏي؟ حضرت عبدالله ابن مسعود، حضور جن جي حڪم تي يڪدم روانو ٿي ويو ۽ وجي ڏنائين تہ ابوجهل ڪُنڊن جي وچ ۾ پيو هو. پر ايجا ڪجهہ پساهہ اٿس. ابن مسعود بہ ابوجهل جا گهٽا ظلم سَنا هئا. سو کيس ان حال ۾ ڏسي سندس اُرهہ تي چڙهي ويٺو ۽ ڏاڙهيءَ ۾ هٿ وجهي، چيائين تہ: اي ابوجهل لعين! توکي الله تعاليٰ خوار خراب ڪيو ۽ نيٺ پنهنجي ڪِئي جي نتيجو لوڙيئي. تڏهن ابوجهل چيو: افسوس اٿم جو مارجي تہ ويس پر ڪنهن مشهور پهلوان جي هٿان مارجان ها تہ ڪجهہ نالو تہ ٿئيم ها! مارجي بہ مديني وارن ٻن ڪُڙمي چوڪرن جي هٿان ويس. وري پڇيائين: ٻلا خبر ڏي، فتح اسان جي ٿي يا محمد صلي الله عليہ وسلم

جي؟ ابن مسعود ٿو فرمائي تہ: مون ڪيس جواب ڏنو تہ: وڏو بدمعاش آهين، فرعون ٻُڌڻ وقت پشيمان ٿي خدا تعاليٰ کان دعا گهُري هئي، پر تون مرڻ جي وقت بہ پشيمان نٿو ٿئين؟ چيائين يارا مارجي ويس. محمد صلي الله عليہ وسلم کان وڏو منهنجو ڪو بہ دشمن ڪونہ هو. منهنجي دشمن منهنجي تباهي ڏٺي پر مون سندس بربادي نہ ڏٺي. اهو ارمان رهجي ويم! ابن مسعود فرمائي ٿو تہ: سندس اهڙي گفتگو ٻُڌي مون يڪدم تلوار ڪڍي، پر جيئن تہ منهنجي تلوار مُڏي هئي، ان ڪري سندس ئي تلوار ڪڍي ان سان سندس سِر ڪپي ڇڏيم. چيائين تہ سندم سِر هيٺ لاهي ڪپينم. جيئن دشمن بہ ڏسي چوي تہ وڏي گردن وارو مڙس هو. ابن مسعود فرمائي ٿو تہ سندس سِر اهڙو تہ ڳرو هو جو کٽي نہ پيو سگهان. نيٺ گهِلي آٽي حضور جن جي آڏو ڇٽو ڪيومانس. حضور جن کي جڏهن ٻڌايم تہ هي آهي ابوجهل لعين جو سِر، تہ حضور جن ڏاڍا خوش ٿيا ۽ شڪراني جا نفل پڙهي فرمايائون تہ: هي لعين هن اُمت جو فرعون هو. جنهن کي الله تعاليٰ جهنم ڏي موڪلي ڇڏيو. پاڻ سڳورن فرمايو تہ: بني هاشم کي ابوجهل زوريءَ جنگ ۾ وڃي آيو هو. تنهنڪري انهن کي قيد ڪجو. قتل نہ ڪجو. خاص ڪري چاچي عباس کي ۽ ابو البختري کي قتل نہ ڪجو. چو تہ قريشن جيڪو اسان لاءِ قطع تعلقات جو عهدنامو لکيو هو. اهو ابو البختري رد ڪرايو هو ۽ مسلمانن کي ايذاءُ ڏيڻ کان پڻ ڪافرن کي روڪيو هو.

ابو حذيفہ، حضور جن جو اهو سُخن ٻُڌي چيو تہ: اسان پنهنجا پيءُ، پائر، چاچا قتل ڪيا، باقي رسول الله جي چاچي عباس کي ڇڏي ڏيون! مون ڏٺومانس تہ يڪدم قتل ڪندومانس، تڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن حضرت امير عمر رضہ کي فرمايو: ٻُڌين ٿو، ابو حذيفہ چا ٿو چوي؟ حضرت عمر رضہ فرمايو: هي منافق آهي، موڪل ڏيو تہ هينئر ئي تلوار سان قتل

ڪري ڇڏيانس؟ پاڻ سڳورن فرمايو: هن کي پنهنجي پيءُ عتبہ، چاچي شيبہ ۽ ياءُ وليد جو ڏُک آهي، هن کي ڇڏي ڏيو هي هڪڙي ڏينهن شهيد ٿيندو ۽ الله تعاليٰ کيس انهن لفظن جي ۽ بي ادبي جي معافي ڏيندو ۽ کيس بهشت ۾ موڪلينداو. اِتي ابو حذيفہ ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ ان بعد هميشہ حضور جن سان جنگين ۾ شامل ٿيندو هو. ان نيت سان تہ شهيد ٿئي. آخر جنگ مُسَلِمَت الكَذَّابُ ۾ شهيد ٿيو.

حضرت عباس جو قيد ٿي اچڻ: ابو اليسير ڪعب بن عمرو انصاري رضہ، حضرت عباص کي قيد ڪيو. ابو اليسير هلڪو ۽ بندرو مڙس هو ۽ حضرت عباس تمام بهادر مڙس سگهارو ۽ قدآور هو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن ابو اليسير کان پڇيو تہ: تو هن کي ڪيئن قيد ڪيو؟ هن جواب ڏنو تہ: هڪڙو وڏو ڊگهو قدآور ۽ ٽلهو مڙس آيو. جنهن اچي منهنجي مدد ڪئي ۽ حضرت عباس کي قيد ڪري منهنجي حوالي ڪيائين. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: اهو ملائڪ سڳورو هو.

ابو البختري جو قتل: ابو دائود مازني چيو تہ: ابوالبختري منهنجي هٿ لڳو. چيومانس تہ: حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو آهي تہ ابوالبختري کي قتل نہ ڪجو. تنهنڪري توکي قتل نہ ڪندس. پر هٿ ڏينم تہ بَڌي قيد ڪريانءِ. ابوالبختري چيو تہ: رسول الله جي وڏي مهرباني، پر آءُ توکي هٿ ڏيان ۽ تون مون کي بَڌي قيد ڪرين، اها ڳالهہ جڏهن مڪي جون زالون بُڌنديون تہ چا چوندیون! هو ڪهڙا نہ سهڻا طعنا ڏيندیون! ان ڪري جيئن توکي ڪرٽو هجي تيئن ڪر. باقي مان پاڻ ڪيئن توکي خوشي سان بَڌڻ ڏيندس؟ ابو دائود چيو تہ: مجبور ٿي نيزو اُڇلي هنيومانس تہ زخمي ٿي مري ويو.

قيدين کي سخت رَسن ۾ بَڌي ڇڏيو هئائون. رات جو حضرت عباس کي رَسن سخت تڪليف ڏني، جنهنڪري هو دانهون ڪرڻ لڳو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي ٻہ هن جي دانهن ڪري ننڊ نہ پئي آئي. نيٺ اُٺي اچي پُڇا ڪيائون تہ: ڇا سيني قيدين کي اهڙو سخت بَڌڻ اٽڪَ جهڙو چاچي عباس کي؟ اها ڳالهہ ٻُڌي هڪڙي اصحابي ويجي حضرت عباس جا بند ڊرا ڪيا.

مقتولن جا لاش دفنائڻ: حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: قتل ٿيل سيني ماڻهن جا لاشا فلاڻي کوهہ ۾ وجي وجهو! پوءِ جنهن وقت چوويهن وڏن قريشن جا لاشا، جيڪي اُتي پيل هئا، سي گِهليو ان کوهہ ۾ پئي وِڌائون تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن پاڻ مشاهدو پئي ڪيو. جڏهن عتبہ، شيبہ ۽ وليد جا لاشا گِهليو پئي آيا تہ حضرت ابو حذيفہ، اهي لاش ڏسي سُسي ويو. پاڻ سڳورن فرمايس تہ: ابوحذيفہ، دل ۾ وسوسو پيو اٿئي ڇا؟ عرض ڪيائين تہ: يا رسول الله! اسلام بنسبت منهنجي دل ۾ ڪوبہ شڪ شبهو ڪونہ آيو آهي، پر منهنجو پيءُ، چاچو ۽ پائر تمام سهڻين عادتن وارا هئا ۽ منهنجي مرضي هئي ۽ اميد هيم تہ هو ضرور اسلام ۾ اچي ويندا. پر افسوس اڄ ڪين پنهنجي اميد جي برخلاف ڏٺم. حضور صلي الله عليہ وسلم جن ابو حذيفہ جي حق ۾ دعا گهُري تہ: يا الله! ابو حذيفہ کي شهادت جو درجو عطا فرماءِ!

حضور صلي الله عليہ وسلم جن بدر ۾ ٿي ڏينهن ٽِڪي واپس ٿيا. سوار ٿيڻ بعد پهرين انهي کوهہ تي آيا، جنهن ۾ ڪافرن جا لاشا اڇلايا هئائون. اتي هڪ هڪ جو نالو وني فرمائڻ لڳا: هَل وَجَدتُم مَا وَعَدَ رَبُّكُم حَقًّا (الله تعاليٰ توهان کي عذاب ڏيڻ جو جيڪو انجام ڪيو هو، سو سچو لڌوَ؟) قَد وَجَدنَا مَا وَعَدَنَا رَبُّنَا حَقًّا (جيئن اسان سان پنهنجي پالڻهار طرفان

فتح مندي جو انجام سچو نڪتو). حضرت عمر فاروق رضہ عرض ڪيو تہ: يا رسول الله! هي تہ مُئل آهن، هنن ڏونڏين کي توهان جو خطاب ڪهڙي مطلب لاءِ آهي. هي بہ ٻُڌن ڪونہ ٿا؟ پاڻ فرمايائون تہ: هُم اَسمَعَ مِنكُم (هي توهان کان وڌيڪ ٻُڌن ٿا). حديث جا صاحب انهيءَ حديث ۾ گهڻي تاويل ڪن ٿا. ڪن جو چوڻ آهي تہ: اهو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو خاصو هو جو سندن قول خاص موقعي تي مُئلن ٻُڌو. قتاده، عائشہ صديقہ رضہ ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضہ کان روايت ٿو ڪري تہ الله تعاليٰ انهيءَ وقت ۾ ڪافرن کي جيئرو ڪيو هو تہ جيئن هو پلي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو قول ٻُڌي حسرت ۽ افسوس ڪن ۽ پنهنجي ڪِئي تي پشيمان ٿين.

ڪن علمائن جو وري چوڻ آهي تہ: انهيءَ حديث ۾ تاويل جي ڪابہ ضرورت ڪانهي. مُئا برابر ٻُڌن ٿا، خواه اهي مسلمان هجن يا ڪافر، ڇو تہ روح جو تعلق ۽ ڳانڍاپو بدن سان آهي ۽ روح نڪرڻ بعد بہ ان ۾ ادراڪ (سوچ ۽ سمجهہ) باقي رهي ٿي. قبر ۾ سوال جواب ۽ عذاب ۽ آرام جو دارومدار بہ ان ڳالهہ تي آهي تہ روح ۽ ادراڪ جو ڳانڍاپو مرڻ کان پوءِ بدن سان بہ هجي. جيڪڏهن ائين نہ هجي تہ پوءِ سوال جواب ڇا جو، عذاب ۽ اجر ڇا جو؟ جڏهن قبر ۾ منڪر ۽ نڪير جو سوال ثابت آهي تہ حديث رَوضَتُ مِن رِيَاضُ الجَنَّتِ موجب مومنن لاءِ قبر، بهشت جي باغيچن مان هڪ باغيچو ٿي پوي ٿي ۽ ڪافرن لاءِ اَو حُفرَتُ مِنَ حُفَرِالنِيرَانِ قبر، دوزخ جي کُورن مان هڪ کُورو تہ پوءِ (مُئن جو ٻُڌڻ) کان انڪار ڇو ڪجي؟ وَاللهُ اَعلَم بِالصَوَابِ.

حارث بن ربيع جي شهادت جو واقعو: واقدي نقل آندو آهي تہ: بدر جي جنگ ۾ حارث ابن ربيعہ بہ هو. ربيعہ سندس ماءُ هئي ۽ هُو ماءُ ڏي

منسوب ڪيو ويندو هو. سندس پيءُ جو نالو سراقہ هو. هي قبيلي نجار جو ننڍڙو نينگر هو. جنگ بدر ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ هو. حوض مان ٻوٽ کوڙي پاڻي ٻِئي پيتائين تہ ڪنهن ڪافر تِير هينس، جيڪو هن جي سيني ۾ لڳو. رت وهي وڃي حوض ۾ پيو ۽ ڇوڪر شهادت جو شربت پيتو. سندس شهادت جي خبر جڏهن مديني منوره ۾ سندس ماءُ پيءُ کي پيئي تہ ماڻس چيو: مان تيسين نہ روئيندیس، جيسين پاڻ سڳوار اچن. جيڪڏهن فرمايائون تہ حارث بهشت ۾ آهي تہ پوءِ خوش ٿي صبر ڪندیس، پر جي فرمايائون تہ هو بي ايمان ٿيو ۽ دوزخ ۾ آهي تہ پوءِ پاڻي نہ بلڪ رت روئندیس تہ هن منهنجي ٿڃ حلال نہ ڪئي! حضور صلي الله عليہ وسلم جن مديني منوره ۾ تشريف فرما ٿيا تہ ربيعہ خدمت ۾ اچي پنهنجي پُٽ حارث جو احوال پڇيو. ۽ ساڳيو ارادو بيان ڪري ٻڌايائين. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ حارث هڪ بهشت ۾ نہ آهي، بلڪ هن کي سڀ بهشت انعام ۾ آهن، جتي وڻيس اُتي رهي. سندس جاءِ فردوس اعليٰ ۾ آهي. پوءِ پاڻي گهرائي انهيءَ مان پنهنجا هٿ مبارڪ ڏوئي ربيعہ ۽ ربيعہ جي آکيہ کي ڏنائون، جن اهو پاڻي پيتو. سِرن ۽ بدن کي بہ مکيائون. مديني منوره ۾ ان ماڻهوءَ کان عمر ۾ وڏو ۽ اکين جي روشني ۾ زور ڪوبہ ماڻهو ڪونہ هو. ۽ اها سڀ حضور جن جي وضوءَ واري پاڻيءَ جي برڪت هئي.

مال غنيمت جي تقسيم: عبادت بن الصامت روايت ڏو ڪري تہ بدر جي ڏينهن مسلمانن جا ٽي ٽولا ٿيا. هڪ ٽولو گهضور صلي الله عليہ وسلم جن جي حفاظت ۾ هو. ٻيو ٽولو دشمنن جي مقابلي ۾ هو ٽئين ٽولي مشڪرن کي قيد پيو ڪيو ۽ ڪُنلن ۽ قيد ٿيلن جو سامان پئي گڏ ڪيو. غازين چيو تہ: غنيمت جو مال اسان جو آهي، جو اسان لڙائي ڪئي آهي. جن

سامان پئي گڏ ڪيو. تن چيو تہ مال ميڙيو بہ اسان آهي ۽ آهي بہ اسان جو. پئي ڪنهن جو بہ ان ۾ واسطو ڪونهي. جن حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي طنبوءَ تي چوڪي پئي ڏني، تن وري چيو تہ اهو مال حق ئي اسان جو آهي، ڇو تہ اسان نبي ڪريم جن جي حفاظت ڪئي آهي. اتي هيءَ آيت نازل ٿي:

يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْاَنْفَالِ ؕ قُلِ الْاَنْفَالُ لِلّٰهِ وَ الرَّسُوْلِ

ترجمو: توکان غنيمت جا مال جي پُڇا ڪندا، تون چئو تہ غنيمت جو مال الله ۽ رسول الله جو آهي (القرآن 1:8).

وَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَا غَنِمْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ
فَاَنَّ لِلّٰهِ خُمُسَهٗ وَ لِلرَّسُوْلِ

ترجمو: ڄاڻو جيڪا بہ غنيمت ڪندو، پوءِ تحقيق انهيءَ جو پنجون حصو واسطي الله تعاليٰ جي، ۽ واسطي رسول الله جي آهي (القران 41:8). سيني غنيمتن جي تقسيم (وراثت) برابر ورهائڻ جو حڪم ٿيو ۽ پوءِ غنيمت جو سڀ مال برابر تقسيم ٿيو. حضرت سعد بن وقاص رضہ عرض ڪيو: يَا رَسُولَ اللهِ! تُعطِي فَارِسَ القَومِ مِثلَ ما تُعطِي المُضعَف (اي الله تعاليٰ جا رسول، جيڪو قوم جو سردار آهي، ان کي بہ ضعيف پيادي جيترو پاڻُ ٿو ڏئين؟) پاڻ فرمايائون تہ: ثَكِلَتكَ اُمّكَ! هَل تَنصُرُونَ اِلّا بِضُعَفَائِكُم (تولاءِ تنهنجي ماءُ روئي، توهان کي فتح ئي ضعيفن جي برڪت ڪري ملي آهي).

سعد بن وقاص ٿو چوي تہ: مان پنهنجي پائٽي عمرو بن سعيد بن وقاص کي قتل ڪيو. سندس تلوار آڻي حضور جن اڳيان پيش ڪئي. پاڻ فرمايائون تہ: اها تلوار بہ غنيمت جي مال ۾ داخل ڪر! حڪم جي تعميل ڪيم پر ڏاڍو ڏک ٿيم تہ پائيٽو بہ ڪُنم. پر تلوار بہ وڃايم. اڳتي هليس تہ

سوره انفال نازل ٿي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن سڏ ڪرايو ۽ تلوار مون کي موٽائي ڏنائون، جا مان کٽي هٿ ڪئي.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن، وادي صغريٰ جي ڀڳ تي نزول فرمايو. غنيمت جو مال ورهايائون تہ اَٺن ڄڻن اهڙن جوبہ حصو ڪڍيائون، جيڪي جنگ ۾ شريڪ ئي نہ ٿيا هئا. انهن اَٺن ۾ ٽي مهاجر هئا، هڪ حضرت عثمان رضہ، ٻيو حضرت طلحہ ۽ ٽيون حضرت سعد بن زيد، باقي پنج انصار هئا: ابو لبابہ، عاصم بن عدي، حارث بن حاطب، حواطب بن جبير ۽ حارث بن صمہ. انهن جو ذڪر مٿي اچي ويو آهي تہ هنن جنگ بدر ۾ ڇو نہ شرڪت ڪئي. جيڪي اصحاب شيد ٿيا يا وفات ڪري ويا، انهن جا حصا انهن جي وارثن کي ڏنا ويا. ابوجهل جي اُٺ ۽ منبہ بن الحجاج جي تلوار، جنهن جو نالو ذوالفقار هو، سا پاڻ کنيائون. حضور جن بعد ۾ اها تلوار حضرت علي رضہ کي ڏني. ان بعد قيدين کي خبرداري سان ونڊي اڇڻ لاءِ اصحابن جي هڪ جماعت مقرر ڪيائون.

حضور جن جو قيدين سان سلوڪ: حضور صلي الله عليہ وسلم جن جڏهن سفر ڪري، خير سان اچي مديني منوره پهتا تہ قيدين جي باري ۾ صلاح مصلحت ڪرڻ لڳا تہ انهن سان ڪهڙو برتاءُ ڪرڻ گهرجي. قيدين اڳواڻ ئي حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت عمر فاروق رضہ ڏانهن پنهنجا قاصد موڪليا هئا تہ آخر اسان توهان جا مائٽ آهيون، قسمت سان قيد ٿي توهان جي هٿن ۾ آيا آهيون، پنهنجي صاحب (محمد صلي الله عليہ وسلم) وٽ سفارش ڪريو تہ اسان کي معافي ڏئي ۽ اسان تي ٽورو ڪري، يا وري اسان کان قديہ (خون بها) ونڊي ڇڏي ڏئي. مهاجرن ۽ انصارن جي جماعت اچي حضور جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کانئن رايو پڇيو. حضرت ابوبڪر صديق رضہ عرض ڪيو تہ: هي اسان جا

نسبي مائٽ ۽ پائر آهن. جيڪڏهن هنن ايمان آندو تہ چڱو نہ تہ بہ هنن جا پويان ايمان آڻيندا. تنهنڪري هنن کان فديہ ونڻي. کين ڇڏي ڏيڻ گهرجي. حضرت عمر رضہ عرض ڪيو تہ: هي الله تعاليٰ سندس رسول ۽ دين اسلام جا دشمن آهن. هنن مسلمانن تي. صرف ايمان آڻڻ سببان طرحين طرحين جا ظلم ڪيا. رسول الله کي ايذاءَ رسايا ۽ کين وطن کان بي وطن ڪيو. انهن مان نہ چڱائي پُني نہ پُڄندي ۽ نہ وري انهن جي پوين نسلن کان ڪا چڱائي ٿيندي. تنهنڪري هنن کي قتل ڪجي. قتل بہ مائٽ مائٽ کي ڪري. حضرت رسول اڪرم جن پاڻ پنهنجي چاچي عباس ۽ پنهنجي سوٽن عقيل بن ابي طالب ۽ نوفل بن حارث کي قتل ڪن. يا وري حضرت علي رضہ پنهنجي پاءُ عقيل تي قتل ڪري. حضرت سعد بن معاذ پڻ ان باري ۾ حضرت عمر رضہ وارو رايو ڏنو. البت ٻيا سڀئي اصحاب حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي راءِ سان شامل ٿيا.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن. حضرت ابوبڪر رضہ جن کي خطاب ڪندي فرمايو تہ: تنهنجو مثال انبيائن مان حضرت ابراهيم عليہ السلام ۽ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جهڙو آهي. حضرت ابراهيم عليہ السلام کي سندس قوم باهہ جي آڙاهہ ۾ اڇلايو. تڪليفون ڏنيون. تہ بہ هيئن فرمايائين تہ:

فَمَنْ تَبِعَنِيْ فَاِنَّهٗ مِنِّيْ ۚ وَمَنْ عَصَانِيْ فَاِنَّكَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ

ترجمو: جيڪو منهنجو تابع ٿيندو. اهو منهنجو آهي ۽ جيڪو منهنجو بي فرمان ٿيندو. پوءِ تون غفور رحيم آهين(القرآن. 36:14). حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي سندس قوم تنگ ڪيو. ڪيس ڦاسي تي چاڙهڻ جو منصوبو رڇيو. تہ بہ کين هيءَ دعا ڪيائين تہ:

اِنْ تُعَذِّبْهُمْ فَاِنَّهُمْ عِبَادُكَ ۚ وَاِنْ تَغْفِرْ لَهُمْ فَاِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ

ترجمو: جيڪڏهن هنن کي عذاب ڏيندين تہ بہ تنهنجا ٻانها آهن ۽ عيڪڏهن انهن کي بخشيدين تہ پوءِ تحقيق تون غالب ۽ حڪمت وارو آهين (القرآن، 118:5).

حضرت عمر رضہ کي خطاب ڪندي حضور جن فرمايو تہ: تنهنجي صفت انبيائن مان حضرت نوح ۽ حضرت موسيٰ جهڙي آهي. حضرت نوح کي پنهنجي قوم تنگ ڪيو، پٿر هنيا، تڏهن کين هنن لفظن ۾ بددعا ڪيائين ۽ پٽيائين تہ:

رَّبِّ لَا تَذَرْ عَلَى الْأَرْضِ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ دَيَّارًا

ترجمو: اي رب!، ڪافرن مان هڪ کي بہ زمين تي گهمندڙ ڦرندڙ نہ ڇڏ! (القرآن، 26:71). حضرت موسيٰ عليہ السلام کي قوم ڏکوئيو تہ هيءَ دعا گهريائين ۽ کين پٽيائين تہ:

رَبَّنَا اطْمِسْ عَلٰٓى اَمْوَالِهِمْ وَاشْدُدْ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَلَا يُؤْمِنُوْا حَتّٰى يَرَوُا الْعَذَابَ الْاَلِيْمَ

ترجمو: يار رب! هنن جي مالن کي مِٽائي ڇڏ، جيئرا مال سندن مري وڃن ۽ سون رُپا گر پٿر ٿي پون، ۽ انهن جي قلبن تي مهرون هڻ پوءِ جيستائين ڏکوئيندڙ عذاب نہ ڏسن تہ ايمان نہ آڻين (القرآن، 88:10).

حضور صلي الله عليہ وسلم جن حضرت صديق اڪبر جي راءِ پسند ڪري حڪم فرمايو تہ: فديہ وٺ گهرجي، جن لاءِ اسان فديہ مقرر ڪنداسين سي فديہ ڏيندا ۽ جن کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏيندا سون انهن کي قتل ڪرڻ گهرجي. انهن قيدين مان ابوعزه قريشن جو شاعر هو، تنهن عرض ڪيو تہ: مال ملڪيت نہ اٿم، پنج ڏيئرون اٿم جن جو سنيالينڊڙ ڪوبہ ڪونهي. مان انجام ٿو ڪريان تہ جي ٿورو ڪري مون کي معافي

ڏيندا تہ مان ڪنهن بہ جنگ ۾ قريشن جو ساٿي ٿي نہ ايندس، ۽ نڪي توهان جي خلاف ڪو شعر چوندس ۽ نہ پنهنجي شعرن سان قريشن کي توهان جي برخلاف برغلائيندس. حضور جن کيس مفت آزاد ڪري ڇڏيو. ان جو وڏيڪ قصو جنگ احمد ۾ بيان ٿيندو. ٻين قريشن قيدين مان جيڪي لکي پڙهي ڄاڻندا هئا، تن کي حڪم ڪيائون تہ هرهڪ ڇٽو مسلمانن جي ڏهن ڏهن ڇوڪرن کي لکڻ پڙهڻ سيکاري، جڏهن هو لکي پڙهي قابل ٿين تہ پوءِ آزاد آهن. اتي ڪافر استادن کان مسلمانن جي ٻارن کي تعليم ڏيارڻ بحال رکيائون. فديہ ڇئن هزارن درهمن کان مٿي ۽ هڪ هزار کان گهٽ نہ هو. جڏهن حضرت عباس جو وارو آيو تہ هن عرض ڪيو: مان مسلمان آهيان، قوم مون کي زوري گهِلي آئي، ان ڪري مان فديہ ڪونہ ڏيندس. حضور جن فرمايو: تنهنجي باطن اسلام جي خبر تہ الله تعاليٰ کي هوندي جيڪو عالم الغيب آهي، باقي ظاهري تون ڪافرن سان شامل ٿي اسان سان جنگ لاءِ آئين، تنهنڪري تون پنهنجو پنهنجن ٻن ڀائيٽن عقيل بن ابي طالب ۽ نوفل بن حارث جو ۽ پنهنجي حليف عتبہ بن حجدم جو فديہ پري ڏي.

حضرت عباس عرض ڪيو تہ: ايترو مال مون وٽ ڪٿان آيو جو فديہ پريندس؟ تڏهن رسول اڪرم جن فرمايو تہ: تو جيڪو سونُ پنهنجي گهرواري اُم الفضل کي ڏنو آهي ۽ جنهن لاءِ هن کي چيو اٿئي تہ: "مان مري ويس تہ پوءِ ان سونَ مان هيترو تون جهلجانءِ ۽ باقي هيترو هيترو پُٽن کي ڏجانءِ". ان مان مان فديہ پري ڏي. حضرت عباس پڇيو تہ: جڏهن مون اُم الفضل سان اها ڳالهہ پئي ڪئي تہ ان وقت اتي ڪو بہ ڪونہ هو. پوءِ توهان کي ڪيئن اها خبر پئي؟ حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: چاچا،

اها ڳالهه مون کي الله تعاليٰ ٻڌائي آهي، جنهن مون کي توهان ڏي رسول ڪري موڪليو آهي. حضرت عباس چيو ته:

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ

پوءِ عرض ڪيائين ته: منهنجو هڪ سئو اوقيه (سوا ڇهه سير) سون مسلمانن کي هٿ لڳو آهي، جيڪو لشڪر جي کاڌي خوراڪ لاءِ ڪنيو هئم. جيئن ته اڄا لشڪر کي کارائڻ جو منهنجو وارو ڪونه آيو هو ته اڳ ۾ ئي قريشن جي لشڪر شڪست کاڌي، ۽ منهنجو اهو سونُ مال غنيمت ۾ آهي، تنهنڪري مون کي فديه ۾ مڃرائي ڏيو. حضور عليه السلام جن فرمايو ته: تون جنگ ۾ جيڪو مال مسلمانن جي خلاف، مشرڪن جي مدد ۽ کاڌ خوراڪ لاءِ آندو هو ان جو حساب توکي فديه ۾ ڪونه ڏبو. پوءِ حضرت عباس هڪ سوئو اوقيه (سوا ڇهه سير) سون فديه ۾ ڏيري ڏنو.

بيهقي، دَلآئِيلُ النُّبُوَّه ۾ جيڪا روايت آندي آهي، انهيءَ ڪوجب حضرت عباس سيني قريشن کان شاهوڪار هو. حضور صلي الله عليه وسلم جن انهن فدين وٺڻ ۾ هئا ته جبرئيل عليه السلام آيت نازل ڪئي ته:

مَا كَانَ لِنَبِيٍّ اَنْ يَّكُوْنَ لَهٗٓ اَسْرٰى
حَتّٰى يُثْخِنَ فِي الْاَرْضِ ۭ تُرِيْدُوْنَ
عَرَضَ الدُّنْيَا ۡ وَاللّٰهُ يُرِيْدُ الْاٰخِرَةَ ۭ
وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ

ترجمو: نبي صلي الله عليه وسلم کي ڪوبه حق نه آهي ته جيڪي قيدي هجن تن کان خون بها وٺي ڇڏي ڏي. انهن جي قتل جي ڪوشش ڪري، جيئن ڪفار ذليل ٿين ۽ مسلمانن جي عزت ۽ شان وڌي. (توهان فديه وٺڻ سان) ارادا ٿا ڪريو. ديان جي حياتي جي مسلمان جو ۽ الله تعاليٰ جو ارادو آهي ته مسلمانن جي آخرت پلي ٿئي. الله تعاليٰ غالب ۽ حڪمت وارو آهي

(القرآن، 67:8). اها آيت نازل ٿي تہ پاڻ سڳورا حضرت ابوبڪر صديق سان گڏ مونجهاري ۾ پئجي ويا. سخت گريہ ڪيائون. وري بي آيت نازل ٿي:

لَوْلَا كِتٰبٌ مِّنَ اللّٰهِ سَبَقَ لَمَسَّكُمْ فِيْمَآ اَخَذْتُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ

ترجمو: جيڪڏهن الله تعاليٰ جو لوح محفوظ جو لکيل حڪم توهان جي معافيءَ جو نہ هجي ها تہ جيئن توهان فديہ ونڊي قيدين کي ڇڏڻ آهي، عذاب وڏو پهچي ها (القرآن، 68:8).

حضرت عمر رضہ روايت فرمائي ٿو تہ: ٻئي ڏينهن جيئن ئي حضور جن ڏي ويس تہ پاڻ سڳورا رُنا پئي. عرض ڪيم تہ ڇو ڏکايل آهيو؟ پاڻ فرمايائون تہ: فدين ونڻ ڪري الله تعاليٰ جو عتاب نازل ٿيو آهي. حضرت ابوبڪر صديق رضہ کي خطاب ڪندي فرمايائون تہ: لَو نَزَل العذَابُ مَا نَجَا اِلاَ عُمرُ ابنِ الخِطّابِ وَ سَعَدُ بِن مُعَاذِ (جيڪڏهن الله تعاليٰ جو عذاب نازل ٿئي ها تہ اسان مان ڪوبہ ڪونہ بچي ها، سواءِ عمر ابن الخطاب ۽ سعد بن معاذ جي).

نضر بن الحارث جو قتل: قيدي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ پيش ٿيندا ويا. جڏهن سندن نظر مبارڪ نضر بن الحارث تي پئي، تڏهن هُن بہ تاڙي ورتو تہ نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن ضرور مون کي قتل ڪرائيندا، ڇو تہ هن حضور صلي الله عليہ وسلم ۽ سندن اصحابن کي تمام سخت ظلم ڪيا هئا، تنهنڪري پنهنجي دوست مصعب بن عمير کي چيائين تہ: منهنجو دوست بہ آهين ۽ مائٽ بہ آهين، محمد صلي الله عليہ وسلم جن وٽ تنهنجي پُڄندي بہ ڇڪي آهي، جيڪڏهن ٻين کان فديہ ونڊي ڇڏي ٿا ڏين تہ مون کان بہ فديہ ونڊي ڇڏي ڏين، جيڪڏهن ٻين کي قتل ڪرائين تہ پوءِ پلي مون کي بہ قتل ڪرائي ڇڏين.

مصعب چيو تہ: يار، تو وڏا ظلم ڪيا آهن، تنهنڪري آءٌ تنهنجي سفارش ڪري نٿو سگهان! نضر چيو تہ: جيڪڏهن تون اسان وٽ قيد ٿي اچين ها تہ آءٌ توکي قريشن کان مارائڻ کونہ ڏيان ها. تڏهن مصعب چيو تہ: يار، اسلام ڪفر جي دوستي کي ڪاٽي ڇڏيو آهي.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن حضرت علي رضہ کي حڪم فرمايو تہ: هن ملعون جو گردن ڪاٽ! حضرت علي رضہ تلوار هٿي کيس جهنم روانو ڪري ڇڏيو. نضر جي پيٽ کي جڏهن خبر پئي تہ هن پاءُ جي فراق ۾ ڪيترائي شعر چيا. جڏهن اهي شعر حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دربار ۾ پڙهيا ويا تہ مٿن رقت طاري ٿي ۽ رحم ظاهر ٿيو. پوءِ فرمايائون تہ: لَو كُنتُ سَمِعتُ شِعرَهَا قَبلِ القَتلِ مَا قَتَلتُہ (جيڪڏهن هن جي قتل کان اڳ مان اهي شعر ٻُڌان ها تہ نضر کي قتل کو نہ ڪرايا ها). نضر بن الحارث حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو سئوٽ هو.

نضر جي قتل کان پوءِ عقبہ بن ابي مغيظ پيش ٿيو. انهيءَ ملعون ئي حرم پاڪ ۾ نماز پڙهندي، حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي مٿان اُٺ جي اوجهري اُڇلائي وِڌي هئي. جنگ بدر ۾ گهوڙي تان ڪِري پيو ۽ عبدالله بن مسلمہ کيس قيد ڪيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن عاصم بن ثابت بن ابي الفلح کي حڪم فرمايو تہ: هن لعين جو گردن ڪاٽ! عقبہ چيو تہ: جيئن ٻين سان برتاءُ ڪيو اٿوَ تيئن مون سان ڪريو يا فديہ ونڻي ڇڏي ڏيو يا منٿ ميڙ مڃي ٿورو ڪري ڇڏي ڏيو. نہ تہ پوءِ ٻين کي قتل ڪريو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: تنهنجي ظلمن جي سزا قتل کان سواءِ ٻي ڪابہ ڪانهي، الله تعاليٰ جو شڪر آهي جو توکي قيد ڪرائي قتل ٿيڻ لاءِ موڪلياٸين ۽ اسان جون اکيون ٺريون. پوءِ يڪدم سندس سِر ڌڙ کان ڌار ڪري، کيس جهنم ڏي روانو ڪيو ويو.

ابو العاص بن الربيع، حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو نائي هو، اهو پٽ بدر جي جنگ ۾ ڪافرن سان گڏجي آيو هو. هن کان بہ ٻين وانگر فديہ گهريو ويو. پر حضرت بيبي زينب جي ڪري کيس فديہ کان سواءِ آزاد ڪيو ويو. ابو العاص جو بيان هن کان پوءِ تفصيل سان ايندو.

جنهن ڏينهن اسلام جي تفح جي خبر مديني منوره ۾ پهتي، ان ڏينهن حضور جن جي نياڻي بيبي رقيہ (زوجہ حضرت عثمان بن عفان رضہ) وفات ڪئي.

ڪي وارن جي واويلا: مسلمانن جي 'فتح بدر' جي خبر جڏهن مڪي وارن کي پهتي، ۽ اها بہ خبر پين تہ سندن وڏا وڏا ڪي قتل ٿي ويا ۽ ڪي قيد ٿي ويا، تہ هنن ۾ واويلا مچي ويئي. ابولهب بہ اها خبر ٻُڌي پڇندو آيو تہ ابوسفيان کي ڏنائين، جيڪو بدر مان بچي آيو هو. هن کان پڇيائين تہ: سڄي خبر ڏي تہ ڇا حال ٿيو؟ ابوسفيان چيو تہ: جڏهن اسين مقابلي لاءِ سامهون وڃي بيٺاسين تہ ڏسون پيا تہ اسان جا هٿيار کسيا پيا وڃن، گهوڙن جون هاهُڙون زمين آسمان پيون اچن، اسان جا هٿ پويان ٻڌيا پيا وڃن، ۽ محمد صلي الله عليہ وسلم جن جا اصحاب اسان تائين پهچن ئي نہ پيا تہ اڳ ئي ڪي اسان مان قيد پيا ٿين تہ ڪن جون سِريون ڏَڙن کان ڌار پيون ٿين. اسان مان گهٽا مُئا ۽ گهٽا قيد ٿي ويا ۽ اهو حال ڏسي ونئي پڳاسين. تنهنجو هڪ پُٽ حنظلہ ڪُسي ويو ۽ ٻيو پُٽ عمرو قيد ٿيو.

حضرت عباس رضہ جي غلام ابو رافع چيو تہ: مان حضرت جي گهرواري ام الفضل سان گڏ بينئي ابوسفيان جو احوال ٻُڌو. مون چيو تہ اهي ملائڪ ئي هئا، جن مسلمانن جي مدد ڪئي ۽ قريشن کي قتل ۽ قيد ڪيو. اهو ٻُڌي ابولهب ڪاوڙ ۾ اچي منهنجي منهن تي ڏڪ هنيا تہ ام الفضل

ڪاوڙجي سندس متي ۾ اهڙو ڏنڊو هنيو جو مٿو ٻہ اڌ ٿي پيس. هفتي ڪان بعد اهو ٻہ جهنم ڏي روانو ٿي ويو.

ماڻهن ڪي واويلا ۾ ڏسي ابوسفيان ڪين چيو تہ: اي قريشو روئڻ ٻڌ مان ڇا ورندو. هلو تہ هلي بيت الله جي حرم ۾ قسم کڻون تہ جيستائين محمد صلي الله عليہ وسلم کان عوض نہ وٺنداسون تيستائين سڪ سان نہ سمهنداسين! پوءِ سيني وجي اهڙو قسم کنيو ۽ انجام ڪيو. زالن ۾ وري ابوسفيان جي زال هنده تبليغ ڪرڻ لڳي تہ: منهنجو پُٽ ۽ پيءُ مارجي ويا آهن، پر مان ٻہ صبر ڪيو آهي، توهان ٻہ صبر ڪريو جيستائين اسين پنهنجو عوض نہ وٺون.

ڪعب بن اشرف يهوديءَ قريشن جا مرثيہ ۽ مسلمانن جي هَجوَ (گلا) ناهي آڻي قريشن وٽ پيش ڪئي. قريشن مرثيہ پڙهي اڇي روڄ راڙهو شروع ڪيو تہ مڪي ۾ سڄو مهينو پئي روڄ ٻڌڪو هليو. زالن پنهنجون ڳُٿون ڪپائي، ڪپڙا ڦاڙي ڇڏيا ۽ ٻڌي ٻڌي منهن، مٿو ۽ سينو ڏڌي ڇڏيائون. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي اها خبر وپئي تہ پاڻ وري حضرت حسان بن ثابت کي حڪم ڪيائون، جنهن مسلمانن جي فتحمندي ۽ قريشن جو هَجوَ (گلا) جا شعر ناهي، مڪي وارن ڏي موڪليا، جن کي پڙهي هيڪاري سندن ڏڌن تي ڇڙ تہ لوڙ ٻُرڪجي ويو.

بدر وارن جي شان ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو فرمان

اِنَّ اللهَ قَد اَطلَعَ عَليٰ اَهلِ البَدرِ فَقَالَ اِعمَلُوا ما شِئتُم فَقَد غَفَرتُ لَكُم وَ رَوَايَتِہ فَقَد وَجَبَت لَكُم الجَنَّہ (بيشڪ الله تعاليٰ بدر وارن تي پنهنجو جلوو فرمايو هو. پوءِ فرمايائين تہ جهڙا ٻہ وڻيوَ عمل ڪريو مان تحقيق توهان کي

بخشي ڇڏيو). ٻيءَ روايت ۾ آهي تہ حضور جن فرمايو تہ: توهان لاءِ بهشت واجب ٿي چڪو.

حسن بصري کان نقل ٿيل آهي تہ: بدر وارن جي شان ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو: بُشریٰ اِلجَيشِ البَدرِ اَمِيرُهُم رَسُولُاللهُ وَمَبَارِزُهُم اَسَدُاللهِ وَجَهَادهُم طَاعَتُ اللهِ وَمَدَدَهُم مَلَائِکَتُ اللهِ وَثَوَابُهُم رِضوَانُ اللهِ (مبارک هجي لشکر کي، جنهن جو حاکم الله تعاليٰ جو رسول آهي، جنهن جو سپهہ سالار الله تعاليٰ جو شينهن علي المرتضيٰ آهي ۽ جنهن جا مددگار الله تعاليٰ جا ملائک آهن، جنهن جو ثواب الله تعاليٰ جو رضامندو آهي).

جنگ بدر ۾ ٻارهن اصحاب شهيد ٿيا: ڇهہ مهاجر ۽ ڇهہ انصار. ڪن جو ڇوڙ آهي تہ چوڏهن شهيد ٿيا، ست مهاجر ۽ ست انصار.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي نانيءَ ابوالعاص جو احوال

ابوالعاص بن الربيع بن عبدالعزيٰ بن عبدالشمس، بيبي خديجتہ الکبريٰ رضہ جو ڀاڻيجو هو. نبوت ملڻ کان اڳ حضور صلي الله عليہ وسلم جن پنهنجي نياڻي زينب خاتون رضہ جي شادي، بيبي خديجتہ الکبريٰ جي مريضي مطابق ابوالعاص سان ڪرائي هئي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي نبوت ملڻ تي جيئن بيبي صاحبہ ايمان آندو تيئن حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي نياڻين سڳورين بہ ايمان آندو. پر ابوالعاص پنهنجي ابي ڏاڏي جي دين کان نہ ڦريو ۽ اسلام نہ آندائين.

ابوالعاص تمام وڏو واپاري، مالدار ۽ امين ماڻهو هو. بدر جي جنگ ۾ ڪافرن سان شامل ٿي آيو ۽ مسلمانن هٿان قيد ٿيو. هن کان بہ ٻين وانگر فديہ گهريو ويو. مڪي وارن پنهنجن قيدين کان آزاد ڪرائڻ لاءِ پئسا

ڏوکڙ موڪلي پنهنجا ماڻهو پئي آزاد ڪرايا. بيبي زينب رضہ بہ ابوالعاص جي ڇڏائڻ لاءِ پئسا موڪليا ۽ انهن سان گڏ پنهنجو اهو هار، جيڪو سندس والده ماجده خديجتہ الڪبريٰ رضہ ڪيس ڏاج ۾ ڏنو هو سو پڻ موڪلياٸين تہ متان موڪليل رقم پوري نہ پوي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي نظر مبارڪ جڏهن هار تي پيئي تہ سُجاتاٸين تہ متن رقت طاري ٿي ويئي. اصحابن کي فرمايائون تہ: بهتر آهي تہ زينب رضہ جو قيدي فديہ ونڻ کانسواءِ آزاد ڪجي. جيڪڏهن سيني جي مرضي هجي؟ سيئي اصحاب راضي ٿيا ۽ ابوالعاص کي بنان عيوض جي آزاد ڪيائون. مٿس هي شرط وڌائون تہ مڪي ۾ وجي بيبي زينب رضہ کي مديني منوره ڏانهن روانو ڪري. ابوالعاص اهو شرط قبول ڪيو ۽ مڪي وجي پنهنجي ڀاءُ ڪنانتہ بن ربيع کي حڪم ڪيو تہ بيبي زينب کي ڪجائي تي چاڙهي مديني منوره پهچائي اچي. هن تياري ڪئي ۽ ڏينهن ڏني جو بيبي صاحبہ کي اُٺ تي چاڙهي مديني منوره روانو ٿيو.

ڪافرن کي ڏاڍا ساڙ هئا، جو بدر جي جنگ ۾ سندن وڏا وڏا ماڻهو مارجي ويا هئا. تڏهن چيائون تہ: جيڪڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي نياڻي صحيح سلامت هتان هلي ويئي تہ پوءِ اسان جي منهن ۾ ڇا رهندو! تنهنڪري هبار ابن الاسود ۽ نافع ابن عبدالشمس النهري، منزل ذي طويٰ ۾ وجي پهتا. هبار نيزو اڇلي هنيو. جنهنڪري ڇرڪ کان بيبي سڳوري ڪِري پيئي ۽ سندس پيٽ وارو ٻار بہ ضايع ٿي ويو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن هبار جو قتل جائز ٺهرايو. خواهہ حد ۾ خواهہ حرم ۾، ان جو وڌيڪ بيان فتح مڪي ۾ ايندو.

ڪنانتہ الربيع بہ پنهنجا تير ڪمان تيار ڪيا ۽ وڙهڻ لاءِ تيار ٿيو. ابوسفيان کي خبر پئي تہ سو ڪنانتہ الربيع کي چيائين: تو چريائي ڪئي

آهي، ڪالهه حضور صلي الله عليه وسلم جن بدر ۾ قريشن کي قتل ڪيو هو. اڄ هو ڪيئن سهندا ته حضور جن جي نياڻي هتان صحيح سلامت مدينو وڃي، تنهنڪري موٽي مڪي هل، پوءِ رات جي وقت هليا ويو ته جيئن ڪنهن کي خبر نه پوي. اها مصلحت درست سمجهي، ڪنانه مڪي ۾ موٽي آيو. انهيءَ رات ئي بيبي صاحبه کي زيد بن حارث جي مصاحبت سان روانو ڪيو ويو ۽ هوءَ خير سان وڃي مدينو منوره پهتي.

ابوالعاص واپار لاءِ مڪي مان قافلو ڪاهي شام ڏانهن روانو ٿيو ته رستي ۾ حضور صلي الله عليه وسلم جن جي اصحابن جي هڪ جٿي وڃي سندس قافلو لُٽيو ۽ سمورو مال کڻي اچي مدينو پهتا. ابوالعاص به دانهن کڻي مدينو آيو ۽ بيبي زينب رضه سان اچي سمورو احوال ڪيائين ۽ عرض ڪيائين ته حضور صلي الله عليه وسلم جن جي دربار ۾ التجا ڪري، مون کي مال موٽائي ڏي. بيبي صاحبه حضور صلي الله عليه وسلم جن جي دربار ۾ سندس عرض پيش ڪيو. حضور صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي اصحابن جي جٿي کي فرمايو ته: ابوالعاص جي مون سان نسبت آهي ۽ سندس سفارش لاءِ منهنجي نياڻي آئي آهي. توهان جي ڪهڙي مرضي آهي؟ اصحابن خوشيءَ سان سمورو مال ابوالعاص کي موٽائي ڏنو.

ابوالعاص مڪي ۾ وڃي قريشن کي چيو ته: مون تي ڪنهن جو به ڪو حق حساب هجي ته وٺي. سڀني چيو ته: تون امين آهين، توتي ڪنهن جو به حق حساب رهيل ڪونهي. پوءِ کين چيائين ته: مون الله تعاليٰ وحده لاشريڪ له ۽ سندس رسول محمد صلي الله عليه وسلم تي ايمان آندو آهي. ان بعد ابوالعاص موٽي مدينو منوره ۾ اچي حضور جن جي اڳيان حاضر ٿيو ۽ پاڻ سڳورن پنهنجي نياڻي بيبي زينب رضه کي سندس حوالي ڪيو.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي نياڻي بيبي رقيہ جي وفات

حضور صلي الله عليہ وسلم جن اڃا بدر ۾ هئا تہ حضرت زيد بن حارث ۽ عبدالله بن رواحہ کي پنهنجا قاصد ڪري مديني موڪليائون تہ وڃي خبر ڪن تہ الله تعاليٰ ڪفارن کي شڪست ڏئي ۽ فتح اسلام جي ٿي. قريشن جا وڏا وڏا ماڻهو کي قتل ٿيا ۽ کي قيد ٿيا. اسان صحيح سلامت خير سان اچون پيا. اهي قاصد مديني منوره پهتا تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي نياڻي بيبي رقيہ، حضرت عثمان بن عفان جي زوجہ محترمہ وفات ڪئي هئي. هوڏانهن سڃو شهر بيبي صاحبہ جي ڏک ۾ هو تہ هيڏانهن وري فتح بدر جي خوشخبري پهتي.

بيبي رقيہ خانتون رضہ، پهرين ابولهب لعين جي پٽ عقبہ جي مڱ هئي، ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي ٻي نياڻي ام ڪلثوم رضہ، ابولهب جي ٻئي پٽ عتبہ جي مڱ هئي، پر اڃا شاديون نہ ٿيون هيون. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي جڏهن نبوت جو تاج مليو ۽ اسلام جي تبليغ شروع ڪيائون تہ ساڻن ابولهب جي دشمني تمام گهڻي وڌي ويئي ۽ پٽن کي چيائين تہ: حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي نياڻين کي طلاق ڏيو نہ تہ پوءِ توهان منهنجا پٽ آهيو ۽ نہ مان توهان جو پيءُ! ٻنهي ڀائرن، پيءُ جي چوڻ تي، حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي نياڻين کي طلاق ڏني.

انهن ٻنهي ڀائرن مان عقبہ وڏو بدمعاش هو ۽ حضور جن سان، پنهنجي پيءُ ابولهب کان بہ وڌيڪ دشمني هيس. تنهن دل ۾ خيال ڪيو تہ پرپٽ طلاق ڏياري موڪليندس تہ حضور جن کي ڪهڙو ڏک ٿيندو ان ڪري جيئن هو اسان جي بتن کي بدشد ٿو ڳالهائي، تيئن مان بہ سامهون وڃي سندس خدا کي بدشد ڳالهائي، ڪيس ڪاوڙائي، پوءِ سندس نياڻي رقيہ

رضہ کي طلاق ڏيان. سو ڪيائين بہ ائين. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دربار ۾ ڪفر جا ڪلما چئي، حضور جن کي سخت رنجائي، پوءِ بيبي رقيہ خاتون کي طلاق ڏنائين. پاڻ سڳورن فرمايو: اَللّٰهُمَّ سَلِّط عَلَيہَ كَلَبَا مِن كِلَابِکَ (اي منهنجا الله، هن تي پنهنجن ڪاڙيندڙن ڪُتن مان ڪو ڪُتو بچ!). ابولهب اهي الفاظ ٻُڌي حضور جن کي چيو: اي پائيٽا، پنهنجي سئوٽ عقبہ جي بُراين کي نہ ڏسين ها ۽ هن کي ٻِٽين نہ ها! پوءِ عقبہ کي چيائين تہ: چگُو نہ ڪيئي، هاڻي تولاءِ چگُائي نہ ٽيندي.

انهيءَ ڏينهن ئي هي واپار جي خيال سان سفر تي نڪتا. ابولهب کي دل ۾ عقبہ جو ڪُٽڪو ٽي پيو هو، هن کي پاڻ سان کنيائين، پر هن جي ڏاڍي سنيال ڪندو ٻئي هليو. قافلو هلندي هلندي وڃي هڪ خانقاهہ تي پهتو. رات بسر ڪرڻ جي خيال کان هي اتي ترسي پيا. خانقاهہ جي راهب کين چيو تہ: هي ڪاڙيندڙ جانور آهن، ان ڪري پنهنجي ۽ پنهنجي مال جي حفاظت ڪجو. ابولهب سيني ساڻين کي گڏ ڪري چيو تہ: مون توهان کي گهٽائي مال متاع ڏنا آهن ۽ ڏينداس. عقبہ کي محمد صلي الله عليہ وسلم ٻِٽيو آهي، ۽ مون کي يقين آهي تہ هن جي دعا ضرور قبول ٽيندي. مون کي ڊپ ٽو ٿئي تہ متان ڪو جانور عقبہ کي نقصان پهچائي، تنهنڪري توهان سيئي سندس حفاظت جو انجام ڏيو. سيني کيس خاطري ڏني ۽ انجام ڪيو تہ: اسين هيترا بهادر جوان آهيون، سي بلڪل خبرداريءَ سان هٿياربند پهرو ٻيهاري عقبہ کي سمهاري، پاڻ ڇئوطرف سمهي پيا. پنهنجا اُٺ بہ ڇئوطرف گهيري ۾ ويهاري ڇڏيائون. تان جو هنن سيني کي ننڊ کڻي ويئي.

رات جو ڪو وقت ٽيو تہ خوني شينهن بہ اچي مٿانئن ڪڙڪيو. آهستي آهستي سيني جا ٻوٽ سونگهندي، چال ڏئي وڃي عقبہ جي مٿان

ڪڙڪيو ۽ هن جو گڏن ٽوڙي، ٽپي ڏيئي هليو ويو. هنن همراهن کي به يڪدم سجاڳي ٽي، ڊوڙي وڃي ڏسن ته پوين پساهن ۾ هو ۽ چوي پيو ته: محمد صلي الله عليہ وسلم جي پِٺ وهي ويئي. ائين ئي مري ويو. ابولهب پنهنجي بدبختي ڏسي چيو ته: محمد صلي الله عليہ وسلم جو پِٽيل اڄ تائين بچيو ئي ڪونهي.

اهائي بيبي رقيہ خاتون رضہ هئي، جيڪا پوءِ حضرت عثمان بن عفان رضہ سان پرڻائي ويئي ۽ ان وقت ۾ وفات ڪري ويئي. پوءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جن سندن ٻي نياڻي ام ڪلثوم، حضرت عثمان بن عفان رضہ سان پرڻاني، جنهن جو بيان اڳتي ايندو.

عمير بن وهب جو اسلام آڻڻ

مڪي جي ڪافرن منصوبو رِڌيو ته ڪنهن به نموني سان محمد صلي الله عليہ وسلم کي قتل ڪجي ته پوءِ اسان جو منهن مٿي ٿيندو، نه ته يمن توڙي شام، جن سان اسان جو واپار وڙي جو تعلق آهي، اوڏانهن ڪهڙو منهن کڻي ويندا سون! هاڻي اهڙو ڪو ماڻهو هجي، جيڪو پنهنجو سِر سهسائي پر محمد صلي الله عليہ وسلم، جيڪو هينئر ڪليو ڪلايو بي ڊپو پيو بازارين ۽ گهٽين ۾ هلي، تنهن کي ختم ڪري ڇڏي. اتي سيني چيو ته: اهو ڪم صرف عمير بن وهب ڪري سگهي ٿو، چو ته سڀ ڪو هن کي حرفتي شيطان سڏيندو آهي، تنهنڪري اهو ڪم انهي جي حوالي ڪيو وڃي.

پوءِ عمير بن وهب کي گهرائي سمورو احوال ڪيائون. هن چيو ته ڪو خاص ماڻهو هجي ته اسان ان باري ۾ مخفي طرح ڀالهائيندس، چو ته خون ڪٿوري لِڪا ڪونہ ٿا رهن. سو مان ظاهر ڪجهہ به ڪونہ چئي سگهندس. پوءِ صفوان بن اميہ، جيڪو سندس دوست هو، ان سان وڃي

هڪ ڪونيءَ ۾ ويهي ڳالهايائين. عمير چيس تہ: منهنجو پُٽ بہ قيد ٿي ويو آهي. مون کي اڳيئي خيال هو تہ ڪنهن بہ نموني پنهنجو پُٽ ڇڏايان، مگر هڪ تہ منهنجو اولاد ننڍڙو آهي ۽ سندس سنيالڻ وارو بہ ڪو ڪونهي، ٻيو تہ مون تي قرض بہ آهي، جيڪڏهن مان مري وڃان تہ اولاد سغير، مٽان وري قرض جو بوجهو پوين. انهيءَ ڳالهہ مجبور ڪيو اٿم، نہ تہ محمد صلي الله عليہ وسلم جو ڪم پورو ڪرڻ کا وڏي ڳالهہ ڪانهي، ڇو تہ مٽس نڪي پهرو آهي ۽ نہ چونڪي. هڪ رات ڏينهن اڪيلو هلندو وڃي.

اهو ٻُڌي صفوان چيس تہ: تنهنجا اهي سپ ذما منهنجي مٽان آهن. تنهنجو قرض بہ مان پريندس ۽ اهل عيال جو خرچ بہ منهنجي ٻِلي آهي. توکي سواريءَ لاءِ تمام ڀلو اُٺ بہ مان بخشش ڪري ڏيان ٿو. تون بيشڪ خاطر تسليٰ ڪري هليو وڃ. عمير تہ اڳيئي پئي اهڙا ڏينهن گهريا، سو يڪدم تياري ڪري، پنهنجي تلوار تيز ۽ زهر آلود ڪري، اُٺ تي چڙهي روانو ٿيو ۽ منزلون ڪندو اچي مديني منوره ۾ پهتو. عمير اتي جڏهن مسجد جي پرسان اچي لنگهيو تہ حضرت عمر فاروق رضہ بہ پنهنجن ٻن ٽن ساٿين سان اچي اتي سهڙيو. عمير کي جو ڏٺائين تہ يڪدم پنهنجن ساٿين کي چيائين تہ: عمير کي جهليو تہ اڳتي نہ وڃي. پوءِ پاڻ وڃي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ عرض ڪيائين تہ: عمير آيو آهي، مگر مون کي شڪ ٿو پوي تہ هو تمام شرارتي ماڻهو آهي، مٽان ڪو منصوبو ستي آيو هجي، تنهنڪري کيس روڪائي ڇڏيو اٿم. حضور صلي الله عليہ وسلم فرمايو تہ: ڇڏي ڏيوس تہ پلي اچي. حضرت عمر فاروق رضہ، عمير وٽ ويو ۽ هڪ هٿ وڌائينس چيلهہ ۾ ٻيو هٿ ڳرڙئي تلوار جي ۾، آڻي حضور ۾ پيش ڪيائينس. ٻين سيني کي چيائين تہ: توهان هن جي چوڌاري ڦري بيهي پهرو ڏيو. حضور جن حضرت عمر فاروق رضہ کي فرمايو تہ: عمير مان

هٿ کڍ تہ پلي ويهي. جڏهن حضرت عمر فاروق رضہ هن کي چڏيو تڏهن پاڻ فرمايائونس تہ: ٻُڌاءِ تہ هتي ڇو ۽ کهڙي مقصد سان آيو آهين؟ هن عرض کيو تہ: مان پنهنجو پٽ ڇڏائڻ آيو آهيان، مهرباني کري هن کي آزاد کريو. پاڻ سڳورن فرمايو تہ: پلا هي تلوار ڇاجي لاءِ آندي اٿئي؟ ڇيائين: سائين، ڀُل ۾ لاهي کونہ سگهيس، سو جيئن گردن ۾ پئي هئي، تيئن هليو آيس. حضور جن وري فرمايس تہ: پلا، صفوان سان کوڻي ۾ جيکي تو ڳجهيون ڳالهيون کيون، سي ٻُڌاءِ. عمير چيو تہ: مون تہ هن سان کابہ اهڙي ڳالهہ کانہ کئي هئي، باقي توهان کي خبر هجي تہ پلي ٻڌايو. تڏهن پاڻ سڳورن سموري حقيقت، جيکا هن سان وهي واپري هئي، سا ٻڌايائونس. عمير حضور جن کي عرض کيو تہ: پلا توسان اهي ڳالهيون کنهن کيون، جڏهن تہ اسان لِک ڇَپ ۾ ڳالهايو هو ۽ ان وقت کوبہ ماڻهو ويجهو کونہ هو؟ پاڻ فرمايائون تہ: مون کي اهو سپ کجهہ الله تعاليٰ پاڻ ٻڌايو آهي، جنهن مون کي ساري مخلوقات جو رسول کري موکليو آهي. اتي عمير يکدم کلمو پڙهيو:

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ

اهو ٻُڌي حضور صلي الله عليہ وسلم جن حضرت عمر فاروق رضہ کي فرمايو تہ: هاڻي عمير اسان جو ياءُ آهي، هن کي قرآن جي تعليم ڏيو ۽ سندس پُٽ کي پڻ آزاد کريو.

مکي جا مشرک بہ هن جي انتظار ۾ رهيا، جيکو بہ ماڻهو مديني کان آيو ٿي، ان کان وڃي پُڇا ٿي کيائون تہ: توهان کو هن قسم جو واقعو مديني ۾ ٻُڌو کو سُئو؟ پر کوبہ ڳالهہ کونہ پيو کري. آخر هڪڙو مسافر مديني کان آيو. تنهن اڃي هنن سان ڳالهہ کئي تہ: عمير مسلمان ٿي ويو آهي. اهو ٻُڌي کافرن کي ويتر وڌيک پريشاني ٿي. هوڏانهن عمير بہ

حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي عرض ڪيو تہ: مون کي موڪل ڏيو تہ وڃي مڪي ۾ اسلام جي تبليغ ڪريان. پاڻ سڳورن ڪيس موڪل ڏني.

مڪي پهچي عمير اسلام جي تليغ ڪرڻ لڳو. مشرڪن هن کي تمام گهڻو ستايو. تڪليفون ڏنيون، پر هن پنهنجو تبليغ جو ڪم جاري رکيو. جنهنڪري مڪي ۾ ڪيترا ماڻهو مسلمان ٿيا.

غزوه بني قينقاع

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جڏهن مديني ۾ تشريف فرما ٿيا تہ بني قينقاع جا يهودي آيا هئا، جن پاڻ سڳورن سان صلح ڪيو هو تہ ٻئي ڏُريون هڪٻئي کي ڪوبہ نقصان نہ پهچائين ۽ نہ وري هڪٻئي جي دشمنن کي هڪٻئي جي برخلاف مدد ڪن. پر جنگ بدر ۾ مسلمانن جي فتح ڏسي يهودين کي هيڪاري حسد ٿي پيو تہ هاڻي مسلمانن جي ترقي ٿيندي وڃي، تنهنڪري ڪو حيلو ڪجي تہ جيئن مسلمانن جي طاقت اڳتي نہ وڌي. هو ماڻهن کي چوڻ لڳا تہ قريشي ماڻهو واپاري ۽ دڪاندار سي ڪيئن ٿا جنگ ڪن. هنن کي ڪهڙي خبر تہ جنگ ڇا ٿيندي آهي! جيڪڏهن اسان جهڙن سان هٿ اٽڪائين ها تہ ڪين خبر پوي ها تہ جنگ ڇاکي ڇئبو آهي، ۽ اڳتي لاءِ ڪين اهڙو سبق ڏئي ڇڏيو ها، جو وري ڪڏهن بہ ڪنهن کي هٿ نہ لائين ها.

هڪ ڏيري مسلمانن جي هڪ عورت قينقاع جي بازار ۾ ڪنهن سوناري وٽ زيور گهڙائڻ لاءِ ويئي. مائي جيئن تہ دڪان تي پُنيري وينی هئي، تہ ڪنهن يهودي بدمعاش، پويان مائي جو گهگهو ڇُريءَ سان ڦاڙي وڌو. انهيءَ زماني ۾ سُٽڻ جو رواج ڪونہ هو. انڪري مائي جيئن اُٿي تہ اگهاڙي ٿي پئي. مائي اهو احوال مسلمانن سان ڪيو. اتي مسلمانن انهيءَ يهودي

جي حرڪت کان يهودين کي واقف ڪيو ۽ طلب ڪئي تہ اهڙي بدمعاشي ڪندڙ بدمعاش کي سزا ڏني وڃي. يهودين چيو تہ: مسلمانن جي هينئر اسان سان پئي آهي، نبيرو ٿي پوندو.

اهو سمورو احوال حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ پيش ٿيو. پاڻ فرمايائون تہ: عهد شڪني جا اڳرائي تہ يهودين ڪئي آهي، ان هوندي بہ وحي جو انتظار آهي، پوءِ جيئن الله تعاليٰ جو حڪم ايندو تيئن تعميل ڪبي. ايتري ۾ جبرئيل عليہ السلام بہ آيت آندي تہ:

وَإِمَّا تَخَافَنَّ مِنْ قَوْمٍ خِيَانَةً فَانْبِذْ
إِلَيْهِمْ عَلَىٰ سَوَاءٍ ۚ إِنَّ اللَّهَ لَا يُحِبُّ
الْخَائِنِينَ

ترجمو: توهان کي جيڪڏهن ڪنهن قوم سان خيانت (انجام پيچ) جو خوف هجي تہ پوءِ توهان بہ هڪجهڙائي ڪري انهن سان انجام پيچي ڇڏيو. ڇو تہ الله خيانت ڪندڙن کي دوست نہ رکندو آهي (القرآن، 58:8). حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: ابولبابہ مديني منوره ۾ خليفو ٿي رهي ۽ باقي لشڪر تيار ٿئي. لشڪر جو جهنڊو حضرت امير حمزه رضہ کي ڏنائون ۽ لشڪر وٺي مديني کان نڪري روانا ٿيا.

يهودين کي جڏهن اها خبر پئي تہ اسلام جو لشڪر سندن پاڙ پٽڻ لاءِ اچي رهيو آهي تہ يڪدم وڃي ڪوٽ اندر دروازا بند ڪري ويهي رهيا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن حڪم فرمايو تہ کين محاصرو ڪري ويهو. اهو گهيرو پندرهن ڏينهن برابر هليو. يهودين جي دلين ۾ تمام گهٽو خوف اچي ٿيو. سو چورائي موڪليائون تہ: اسان کي امان ڏيو تہ پنهنجا سر وٺي باهر نڪرون، پوءِ جيڪو بہ اسان جو مال ملڪيت آهي، سو پلي توهان مسلمان ڪٽي وڃو. پر اسان کي سِرن جو بچاءُ ملي. حضور صلي الله عليہ

وسلم جن حڪم فرمايو تہ: ٻاهر نڪري اچو. هو ست سئو مڙس هئا جي ٻاهر نڪري آيا. حضور جن منذر بن قدام اسلمي کي حڪم ڪيو تہ: هنن سيني جا هٿ پويان ٻڌي ڇڏ. هن حڪم جي تعميل ڪئي. جڏهن حضور جن جي اڳيان پيش ٿيا تہ فرمايائون تہ: هنن سيني قتل ڪيو وڃي. عبدالله بن ابي بن سلول، جيڪو منافقن جو رئيس هو. تنهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ: هي يهودي اسان جا دوست آهن، اسان جو هنن سان انجام ڪيل آهي تہ اسان هر طرح هنن جا مددگار آهيون. تنهنڪري کين معاف ڪيو وڃي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن هن جي چوڻ کي نڪرائي ڇڏيو. وري ٻيهر عرض ڪيائين تہ ٻہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن ٻُڌو اٽٻُڌو ڪري ڇڏيو. ان تي هُن پنهنجو هٿ حضور جن جي گريبان ۾ وجهي عرض ڪيو تہ مان هرگز ڪونہ ڇڏيندوسانوَ تہ اسان جا ست سئو دوست ۽ جنگي جوان قتل ڪري ڇڏيو. آخر گهٽي عرض معروض کان پوءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمان ڏنو تہ: خَلُوهُم لَعنَتُ اللهِ عَلَيہ وَعَلَيهِم (ڇڏيون، خدائي لعنت عبدالله ابي بن سلول ۽ يهودين تي هجي). مگر تن ڏينهن اندر جلاوطن ٿي ملڪ ڇڏي وڃن. عبدالله وري اچي سفارش ڪرڻ لڳو تہ عويم بن ساعد ضميري، منافق کي اهڙو ڏِڪو ڏنو. جو منهن وجي پَٽ ۾ لڳس ۽ رتورت ٿي ويو. يهودين چيس تہ: تو اسان جا سِر بچايا، هاڻي اسين وطن ڇڏي ٿا وڃون، پر عباده بن الصامت کي عرض ڪيائون تہ: اسان کي تن ڏينهن جي وڌيڪ مهلت ونِي ڏي تہ جيئن اسان ملڪ مان ٻاهر نڪري وڃون. پوءِ عباده بن الصامت هنن کي مڏباب جبل تائين، جيڪو شام جي علائقي ۾ آهي، ڇڏي آيو. هو اتي ئي رهي، ٿورن ڏينهن بعد مري ويا.

انهن جو سمورو مال غنيمت مسلمانن ۾ تقسيم ڪيو ويو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن ان مال غنيمت مان ٽي ڪمانون، ٻہ زرہ، ڇھ تلوارون ۽ ٽي نيزا پاڻ لاءِ ڪڍي، باقي تقسيم ڪري ڇڏيائون.

غزوہ سويق

اها غزوہ، بدر جي جنگ کان پوءِ سن 2 هجري ۾ واقع ٿي. بدر جي جنگ ۾ جڏهن ڪافر هارايو ۽ منجهانئن ڪي قتل ٿي ويا، ڪي قيد ٿي پڃي ويا، تن مان ابوسفيان ٻہ هو جيڪو پڃي ويو هو ۽ سندس هڪ پٽ مارجي ويو پيو قيد ٿي ويو هو. ابوسفيان، قريشن کي چيو تہ: جيستائين اسان محمد صلي الله عليہ وسلم کان پنهنجو عيوض نہ ونڊاسون، تيستائين سک سمهڻ حرام آهي. پوءِ هو ٻہ سئو جنگي بهادرن جوان (ڪن جو چوڻ آهي تہ چاليهہ ڇٽا) تيار ڪري مديني ڏانهن روانو ٿيو.

هي منزلون ڪندا ڪندا اچي بنو نضير دهودين وٽ پهتا، جيڪي مديني کي ويجهو هئا. ابوسفيان رات جو حيّ بن اخطب وٽ ويو. جيڪو حضور صلي الله عليہ وسلم جن سان يهودين جي پاران صلح ۾ مکيہ ماڻهو هو. کيس چورايائين تہ: اسين تنهنجا مهمان آهيون، اسان سان اچي مل، پر هن دروازو ٽي ڪونہ کوليو. لاچار ٿي سلام بن مشڪم جي گهر ويو. جنهن هنن جي عزت ڪئي ۽ کين رهايو. پوءِ ابوسفيان لشڪر ونڻي مديني طرف ويو.

مديني کان ٽي ڪوهہ ڪن پري هڪ انصار معبد بن عروس پنهنجي هڪ مزور سان پوڪ جو ڪم پئي ڪيو. ابوسفيان جا ماڻهو انهي ٻنهي کي قتل ڪري، سندن کجين جا وڻ ڪپي ساڻي هليا ويا.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي جڏهن اها خبر پئي تہ ابولبابہ کي مديني جو خليفو مقرر ڪري، پاڻ ٻہ سئو جوان ساڻ وٺي ڪفارن جي پويان ويا. هنن کي جو خبر پيئي تہ مسلمانن جو لشڪر پيو اچي، سو پنهنجو سڀ سامان جيڪو ساڻ هئن، جنهن ۾ گهٽو ڪري ڪٽڪ جي سَتُن جا ڳوٽرا پريل هئا، سي ڦِٽا ڪندا پڄندا ويا. مسلمانن سندن ڦِٽو ڪيل سامان تہ هٿ ڪيو، پر هو صحيح سلامت نڪري پڄي ويا.

لفظ 'سويق' جي معنيٰ آهي، 'سَتُون'. ڪفارن جو ٿمر ٻہ سَتُون هو، جيڪو ڦِٽو ڪري وٺي پڳا، تنهنڪري هن جنگ جو نالو ئي پيو 'جنگ سويق' (سَتُن جي جنگ).

غزوه قرقرتہ الڪدر

سن 2 هجري ۾، ڪي چون ٿا تہ سن 3 هجري، حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي ٻُڌڙ ۾ آيو تہ بني سليم ۽ غطفان جا قبيلا قرقرتہ الڪدر ۾ اچي گڏ ٿيا آهن ۽ سندن ارادو جنگ ڪرڻ جو آهي. پاڻ سڳورا ٻہ سئو مردن جو لشڪر وٺي روانا ٿيا، اُتي پهتا تہ ڏٺائون تہ ڪوہ ماڻهو ڪونہ هو. پوءِ ڪن ماڻهن کي واديءَ جي مٿان روانو ڪيائون ۽ ڪي وري پاڻ سان وٺي وادي جي پيٺ مان هلڻ لڳا. رست ۾ ڪي جَت ملين، جن اُٺ پئي چاريا. انهن ۾ يسار نالي هڪ غلام ٻہ هو، تنهن کان پڇيائون تہ: بني سليم ۽ غطفان ڪٿي آهن؟ انهن چيو تہ پاڻيءَ تي منزل انداز آهن. حضور جن فرمايو تہ: اُٺن ۽ جَتن کي مديني وٺي هلو.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن صبح جي نماز پڙهي تہ يسار غلام ٻہ اچي ساڻن گڏ نماز ۾ شامل ٿيو. حضور جن کي هن جي اها ڳالهہ بيحد پسند آئي. مديني جي اوريان، ٽن ميلن تي 'خراز' جي منزل تي پهتا تہ پاڻ

ڪريمن اُنن ورهائڻ جو حڪم ڏنو. ڪل پنج سئو اُٺ هئا، تن سان خُمس (پنجون حصو) ڪڍي باقي ورهايائون. هرهڪ کي ٻه اُٺ آيا. يسار کي حضور جن جي حوالي ڪيائون، ڇو ته حضور صلي الله عليہ وسلم جن سان نماز ۾ شامل ٿيڻ ڪري، حضور جن کي پسند آيو هو. حضور جن ڪيس غلامي‌ءَ مان آزاد ڪري ڇڏيو. جنهن بعد هو مسلمان ٿيو.

غزوه آنار يا غزوه ذوآمر

نبي صلي الله عليہ وسلم جن کي خبر پهتي ته بني ثعلبہ ۽ محارب، وڏي تعداد ۾ اچي ذي آمر جي جاءِ تي گڏ ٿيا آهن (اها جاءِ نجد جي ويجهو آهي)، ۽ غورث، جيڪو نهايت شرير ماڻهو هو، تنهن اهي مٿيان قبيلا گڏ ڪري، مديني منوره تي حملي ڪرڻ جو ارادو ڪيو آهي. اهو ٻُڌي نبي سڳوري جن حضرت عثمان رضہ کي مديني ۾ خليوف مقرر ڪري، پاڻ سادا چار سئو بهادر جوان ساڻ ونڻي هنن ڏي روانا ٿيا.

رستي ۾ جبار نالي هڪ ماڻهو گڏين، پڇياٿونس ته: دشمنن جو لشڪر ڪٿي آهي، خبر اٿئي؟ هن چيو ته: هو توهان سان جنگ ڪونہ ڪندا، بلڪ توهان کي ڏسي جبلن جي غارن ۾ لِڪي ويندا. حضور جن کيس ايمانڻ آڻڻ جي تلقين ڪئي جا هن قبول ڪئي ۽ مسلمان ٿيو. کيس اسلام جا احڪام سيکارڻ لاءِ حضرت بلال رضہ جي حوالي ڪيائون.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جڏهن اچي دشمنن جي مقابلي ۾ بينا ته هو پڇي جبلن جي چوٽين تي چڙهي وڃي غارن ۽ لَڪن ۾ لِڪا. ٿوريءَ دير ۾ اچي مينهن ونو، جنهنڪري سيني اصحابن جا ڪپڑا لَٽا پُسي پيا. حضور جن ٻه پنهنجا ڪپڑا لاهي هڪ وڻ تي سُڪڻا وِڌا، ۽ پاڻ ان وڻ جي ڇانوَ ۾ سمهي پيا.

دشمنن ڏنو تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن اڪيلا وڃ هينان سُتا پيا آهن، سو غورث وجهہ ونيِ، تلوار هٿ ۾ کڻي اچي پاڻ ڪريمن جي مٿان بينو ۽ چيائين مَن يَّعتَصِمُکَ اليَومَ مِنّی (اڄ توکي مون کان ڪير بچائيندو؟) حضور صلي الله عليہ وسلم جن جواب ڏنس تہ: 'الله'! حضور جن جو مٿس اهڙو غضب پيو جو سندس هٿ مان تلوار ئي ڪِري پئي. پاڻ سڳورن يڪدم هن جي تلوار کڻي هٿ ۾ ڪئي ۽ پڇيائونس: مَن يَّعتَصِمُک اليَومَ مِنّی (توکي مون کان اڄ ڪير بچائيندو؟) چيائين:

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ

(پاڻ سڳورن سندس ايمان آڻڻ قبول ڪيو.

غورث پنهنجي قوم ڏي موٽي ويو تہ هنن احوال پڇيس. چيائين تہ: مان تلوار کڻي مٿن ويس ۽ تلوار هڻڻ تي هئس تہ هڪ قدآور ۽ سفيد پوشاڪ واري مرد اچي مون کي سيني تي اهڙو ڏڪ هنيو جو تلوار منهنجي هٿ مان نڪري ويئي ۽ مان وڃي پُنيءَ ۾ ڪِريس. آءُ سمجهي ويس تہ اهو بزرگ ملاڪ سڳورو هو ۽ محمد عليہ السلام برابر الله تعاليٰ جو رسول آهي. هاڻي مون مٿن ايمان آندو آهي ۽ توهان بہ مٿس ايمان آڻيو. نبي سڳوري جن انهيءَ سفر ۾ يارهن ڏينهن رهيا، پوءِ خير سان موٽي اچي مديني منوره پهتا.

غزوه سريہ

حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي خبر پهتي تہ قريشن جو قافلو بدر جي جنگ کان پوءِ حجاز جي واٽ ڇڏي، عراق جي رستي شام ڏانهن وڃي رهيو آهي. قافلي ۾ واپار لاءِ مال متاع، سون چانديءَ جي بہ ڪمي ڪانہ آهي ۽ اهو قافلو صفوان بن اميہ ۽ حويطب بن عبدالعزيٰ ۽ عبدالله بن ربيع

جي سرڪردگيءَ هيٺ وڃي رهيو آهي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن زيد بن حارث کي هڪ سئو سوارن سان قافلي لٽڻ لاءِ موڪليو. اهو پهريون جٿو هو جنهن جو سالار حضرت زيد کي ڪري موڪليو هو.

اسلامي جٿو جڏهن قافلي کي سامهون اچي پهتو ۽ هُنن ڏٺو تہ اسلامي لشڪر اچي ويو آهي تہ اهي ڪافر سر جي خوف کان قافلو ڇڏي ڀڄي ويا. پوءِ پوري قافلي جو سمورو مال متاع مسلمانن کي هٿ اچيو ويو. هنن خمس (پنجون حصو)، ڪڍي، جيڪو ويهہ هزار درهم ٿيو. باقي سريہ وارن کي تقسيم ڪري ڏنو.

ڪعب بن اشرف يهودي جو قتل

بدر جي جنگ کان پوءِ سيني منافقن ۽ يهودين کي وڏو حسد ٿيو. چيائون تہ: محمد صلي الله عليہ وسلم جو ڪم وڏي ويو آهي، هو جيڏانهن بہ منهن ڪري ٿو تہ فتحمند ٿي موٽي ٿو. انهن ۾ ڪعب بن اشرف يهودين ۾ وڏو امير ماڻهو ۽ شاعر بہ هو. هن قريشن جا مرثيہ ۽ مسلمانن جي هَجَو جا شعر ڏاهي، مڪي ۾ وڃي مشرڪن سان سندن قتل ٿيل ساٿين جون عذرخواهيون ڪيون. هن مرثيا بہ پڙهيا ۽ مسلمانن تان ڏاهيل هَجَو بہ کين ٻُڌايائين، ان ڪري قريشن سندس ڏاڍي عزت ڪئي.

اها ڳالهہ جڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن تائين پهتي تہ کين ڏاڍو ڏک ٿيو. پاڻ فرمايائون تہ: توهان ۾ ڪو اهڙو آهي جو ڪعب بن اشرف جي شَر کي دفع ڪري، هن الله ۽ رسول الله کي ڏاڍو رنجايو آهي. هڪ اصحابي محمد بن مسلمہ عرض ڪيو تہ: مون کي موڪل ڏيو تہ آءُ انهيءَ پليد جو ڪم پورو ڪريان. حضور جن کيس موڪل ڏني.

محمد بن مسلمہ انهي فكر ۾ تي ڏينهن ماني ئي كانہ كاڏي تہ اهو انجام كيئن پورو ٿئي. وري اچي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دربار ۾ عرض كيائين تہ: مون كي پنهنجي كم جي پوري كرڻ خاطر حضور ۽ اصحابن جي شان ۾ كجهہ گهٽ وڌ ڳالهائڻو پوندو. حضور جن كيس اجازت ڏني تہ: توكي جيكي وڻي سو وڃي اسان جي باري ۾ چئو. توكي سڀ معاف آهي. مگر حضرت سعد بن معاذ سان صلاح كر. حضرت سعد كيس صلاح ڏني تہ: كنهن حيلي بهاني سان پهرين هُن كي كوٺ كان باهر كڍ، پوءِ وجهہ وڻي كيس جهنم ڏي موكل.

محمد بن مسلمہ، كعب بن اشرف جو رضاعي (ٽڄ شريك) ڀاءُ هو هن ابونائلہ بن سلام (جيكو پڻ كعب جي رضاعي ڀاءُ هو)، عباد بن بشير، حارث بن اوس بن معاذ ۽ ابو عبيد بن جُبير بہ پاڻ سان شامل كيا. پوءِ صلاح كري ابونائلہ كي كعب ڏانهن موكليائون. هن وڃي كعب كي چيو تہ: اسان تنهنجا رضاعي ڀائر آهيون، محمد بن مسلمہ ۽ ٻين مون كي توڏانهن موكليو آهي، مان تمام وڏو كم كڻي تو وٽ آيو آهيان، تون اسان جو كم بہ كر ۽ اسان جي ڳالهہ بہ لكائي ڇڏ، اهڙو انجام ڏي تہ پوءِ مان تو سان ڳالهہ بيان كريان. كعب هن كي دلجاءِ ڏني تہ: مان توهان سان مڙساڻو انجام ٿو كريان تہ توهان جو كم بہ كندس ۽ توهان جو راز بہ ظاهر كونہ كندس.

پوءِ ابو نائلہ چيس تہ: توكي خبر آهي تہ محمد صلي الله عليہ وسلم مكي مان اچي ساري عرب ۾ ڌڪيڙ وجهي ڇيڏ آهي. هو ساري عرب كي پنهنجي تلوار جي هيٺان آڻڻ گهُري ٿو. انهيءَ كري عرب جا قافلا، جيكي واپار لاءِ اَن ۽ اسباب كڻي اسان وٽ ايندا رهندا هئا، سي روكجي ويا آهن، اسان جا ٻار ٻچا بك پيا مرن، نكو ڏي نكو وڻي، جنهنكري

هاڻي اسين تمام تنگ ٿي پيا آهيون. مان تو وٽ تنهنجي تڏي تي ان لاءِ لنگهي آيو آهيان تہ اسان کي گذران لاءِ اَن ۾ ڳَتل گهرجي. تون اسان جي اها گهرج پوري ڪر ۾ اسان کي اَن ۾ ڳَتل قرض تي ڏي ۾ اسان جو اهو راز پڌرو نہ ڪج، نہ تہ محمد صلي الله عليہ وسلم کي خبر پئي تہ هو اسان کي ڏاڍي تڪليف ۾ وجهي ڇڏيندو. ڪعب چيو تہ: ان لاءِ مون وٽ ڇا ڳهہ رکندئو؟ ابونائلہ چيو تہ: اسان وٽ ٻيو تہ ڪجهہ بہ ڪونهي، باقي ڪجهہ هٿيار آهن، سي تو وٽ ڳهہ رکنداسين. هن اها ڳالهہ قبول ڪئي. ابو نائلہ چيس تہ: اسين رات جو هٿيار بہ ڪٽي ايندا سون ۾ سيئي اچي توسان ملندا سون. هن اها ڳالهہ قبول ڪئي. پوءِ ابو نائلہ کانئس موڪلائي واپس روانو ٿيو ۾ اها سموري ڳالهہ اچي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ پيش ڪيائين ۾ پنهنجي ڇنئي سنگتين کي بہ خبر ڏنائين.

14 صفر سن 3 هجري تي هي پنجئي ڇٽا تيار ٿي ڪعب ڏانهن هليا. 'بقيع مرقد' تائين حضور صلي الله عليہ وسلم جن بہ هنن سان گڏ هليا ۾ موڪلائڻ وقت فرمايائون: اِنقِلَبُوا بِسمِ اللهِ اَللّٰهُمَّ اَعِنهُم (الله تعاليٰ جي نالي سان وڃو. اي الله، هنن کي مدد ڏي!). حضور صلي الله عليہ وسلم جن کان موڪلائي هي سڏا اچي ڪوٽ وٽ پهتا ۾ هينان بيهي ڪعب کي سڏ ڪيائون. ڪعب سڏ تي ٻاهر نڪرڻ لاءِ اٿيو تہ سندس زال، جنهن سان نئين شادي ٿي هيس، تنهن چيس تہ: متان وڃين، انهيءَ سڏ مان مون کي رت جي بوءِ اچي رهي آهي. اهو ڪو شينهن آهي، ماڻهو تہ ڪون نہ ٿو ڏسجي! ڪعب زال کي چيو تہ: اِنَّ الكَرِيمَ لَو رَعيَتِهِ اِلىٰ طَعنِ الاَجَابَ (سخي کي جيڪڏهن موت لاءِ سڏ ڏئي تہ ضرور صبول ڪندو. هي منهنجا ڀائر آهن، انهن جي سڏ تي نہ وڃان، چري آهين ڇا؟) سندس زال چنبڙي پئي، پر هي ڇڏائي هليو ويو. جيئن تہ عربي دستور موجب ڪعب بہ عطر ۾ مشڪ مکي،

ان وقت پنهنجي نئين ڪنوار سان سمهيو ٿي تہ سڏ ٿيس، سو اهو عطر پئي ٿميس تہ اچي يارن سان مرحبا ڪيائين. محمد بن مسلمہ ڪعب کي چيو تہ: ڪجهہ اڳيرو گهمندا هلون، رات بہ چانڊوڪي آهي، ڪجهہ ڳالهيون بہ ڪندا هليون. ڪعب چيو تہ: چڱو. ٿورو اڳتي هلي ابو نائلہ چيس تہ: عطر تہ تمام عمدو مکيو اٿئي! چيائين: عرب جون سهڻي ۾ سهڻيون زالون منهنجي نڪاح ۾ آهن، ۽ عمدي ۾ عمدو عطر بہ مان ئي مکيندو آهيان! تڏهن ابو نائلہ چيس تہ: مٿو تہ واري ڪر تہ تنهنجا وار سونگهي ڏسان! هن مٿو لاڙي ڏنس تہ ابو نائلہ سندس وارن ۾ ٻيئي هٿ وجهي ڪٽي سوگهو ڪيس ۽ همراهن کي چيائين تہ: هٿو ڏَڪ! خدا جي دشمن کي! تڏهن محمد ابن مسلمہ پيٽ ۾ تلوار هڻي دل تائين جسم چيري رکيس. پوءِ سندس سِر ڪپي هليا ويا. تلوار لڳڻ وقت ڪعب اهڙي تہ رڙ ڪئي، جو ڪوٽ وارا سڀ ماڻهو سجاڳ ٿي ڊوڙي آيا تہ ڏنائون تہ هن جو باقي ڏڙ پيو هو.

مسلمانن، ڪعب جو وڍيل سِر آڻي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ پيش ڪيو. جنهن تي پاڻ سڳورن خدا تعالیٰ جو شڪرانو بجا آندو.

ابورافع حجازي جو قتل

ڪعب يهودي جا قاتل، اوس قبيلي جا مسلمان انصار هئا، انصارن جو ٻيو مکيہ قبيلو خزرج هو. انهن پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ اسان بہ ڪو اهڙو ڪم ڪريون، جهڙو اوس وارن ڪري الله ۽ الله جي رسول کي راضي ڪيو اهي، اسين چو پنهنجن ٻائرن کان پنٽي پئون! تنهنڪري صلاح ڪيائون تہ ابورافع ابن ابي الحقيق، جيڪو وڏو واپاري آهي ۽ پري پري کان مال

اسباب، اناج وغيره کٹي اچي مکي جي مشرکن کي پهچائي ٿو ۽ کين وڌيون مددون ٿو ڪري، ان کي قتل ڪري، اسان بہ اوس وارن جهڙو درجو حاصل ڪريون، پوءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دربار ۾ اچي عرض پيش ڪري، اجازت ورتائون.

عبدالله انيس، ابو قتاده ۽ ٻيا سهي سنيري روانا ٿيا، ۽ وڃي ابورافع جي شهر (خيبر) ۾ پهتا، سج لهڻ مهل ڪوٽ جو دربان، نوڪر چاڪر ۽ مال متاع اندر ڪري، دروازو بند ڪري ڇڏينو هو ۽ وري صبح جو کوليندو هو. عبدالله انيس سنگتين کي چيو: مان ڪنهن حيلي بهاني سان ڪوٽ ۾ وڃان ٿو. توهان ٻاهر بيهي منهنجو انتظار ڪجو. پوءِ آهستي آهستي سِري وڃي ڪوٽ جي دروازي وٽ بيٺو. جڏهن سج لٿو. مُنهن-ميڙ ٿي تہ دربان دروازو بند ڪرڻ لڳو. پر عبدالله کي پنهنجي قلعي جو ماڻهو سمجهي چيائين تہ: اندر ٿي تہ مان دروازو بند ڪريان. عبدالله يڪدم اندر قلعي ۾ وڃي ڪنهن محفوظ جاءِ تي لڪي ويهي رهيو. رات جو جڏهن ابو رافع مٿي ماڙي تي هليو ويو ۽ دربان بہ ڪنجيون رکي هليو ويو تہ هن ڪنجيون کٹي دروازو کولي ڇڏيو تہ جيئن پڇڻ وقت نڪرڻ ۾ سهولت ٿئي.

رات جو مانيءَ بعد دستور موجب ابو رافع قصہ خوان کي گهرائي ڳالهہ ڪٹائي. گهڻو وقت رات جو گذري ويو. قصہ خوان بہ پنهنجي ڳالهہ پوري ڪري وڃي سُتو ۽ ابو رافع بہ ننڊ پئجي ويو تہ عبدالله انيس وجهہ ونڊي ماڙيءَ تي چڙهي ويو. رات اونداهي هئي، ابو رافع جو عيال بہ اتي هو. ان ڪري هن کي خبر ڪانہ پئي تہ ابورافع ڪٿي سُتل آهي. تڏهن هن ابو رافع کي سڏ ڪيو. ابو رافع جواب ڏنو: ڪير آهين؟ تڏهن عبدالله تلوار جو وار ڪيس، جيڪو اهڙو ڪارگر نہ ٿيو. اتي ابو رافع رڙ ڪئي تہ: مون تي ڪنهن تلوار جو وار ڪيو آهي؟ انهي ڳالهائڻ تي عبدالله انيس سندس پيٽ ۾ تلوار ڏئي

اهڙو زور ڏنو جو سندس پُنيءَ مان پار ٿي وئي. پوءِ هن ونِي ماڙيءَ تان ٽُپو ڏنو جنهڪري سندس پير ڀڄي پيو. پر پٽڪو لاهي پير کي ٻَڌي، منڊڪائيندو اڇي يارن سان مليو. قلعي ۾ واويلا مچي وئي. اهڙي طرح ابو رافع وجي جهنم پهتو ۽ هي صحيح سلامت نڪري آيا.

جڏهن هنن سمورو قصو اڇي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ پاڻ سڳورن ڏٺي تعاليٰ جا شڪرانا بجا آندا. ان واقعي کان پوءِ يهودين ۽ منافقن ۾ هراس ڇائنجي ويو تہ محمد صلي الله عليہ وسلم جا اصحابي قلعن ۽ ڪوٽن ۾ وجي دشمنن کي ماري ٽا اچن!

بيبي اُمڪلثوم رضہ جي حضرت عثمان رضہ سان شا دي

بدر جي جنگ بعد حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي نياڻي ۽ حضرت عثمان رضہ جي زوجہ رقيہ خاتون رضہ وفات ڪئي تہ حضرت عثمان رضہ نهايت حيران ۽ پريشان رهڻ لڳو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن هن جي اهڙي حالت ڏسي ڪيس پنهنجي ٻي نياڻي بيبي اُم ڪلثوم رضہ عقد نڪاح ڪري ڏني، جنهنڪري حضرت عثمان بن عفان رضہ ذِي النُّورَيِن (ٻن نُورن وارو) سڏجڻ ۾ آيو. يعني حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي هر هڪ نياڻي نُور هئي ۽ اهڙيءَ طرح حضرت عثمان رضہ ٻن نُورن جو صاحب ٻڌيو.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي بيبي حفصہ رضہ سان شا دي

بيبي حفضہ رضہ، حضرت عمر رضہ جي نياڻي هئي ۽ اڳ ۾ خنيس بن حذافہ سهمي جي عقد نڪاح ۾ هئي. جڏهن ڪيس گهرو اٽڪبت سببان طلاق ڏئي ڇڏي تہ بدر جي جنگ کان پوءِ حضرت عمر رضہ، بيبي صاحبہ

جي مائٽيءَ لاءِ حضرت ابوبڪر رضہ ءِ حضرت عثمان رضہ کي جدا جدا چيو. حضرت عثمان رضہ کي پڪ هئي تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن کيس شرف دامادي بخشيندا، سو ٿيو بہ ائين، جو بيبي اُم ڪلثوم رضہ سان عقد نڪاح جو شرف مليس. باقي حضرت ابوبڪر صديق رضہ کي خبر پئي تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن پاڻ بيبي حفصہ رضہ کي پنهنجي عقد نڪاح جو شرف بخشيندا، جو خاموش رهيو.

هڪ ڏينهن حضرت عمر رضہ حضور جن کي عرض ڪيو تہ: مون حضرت عثمان بن عفان کي مائٽي لاءِ چيو مگر هن جواب ڪونہ ڏنو. پاڻ فرمايائون تہ: عثمان کي الله تعاليٰ حفصہ کان وڌيڪ بيبي عطا ڪئي آهي ءِ حفصہ کي الله تعاليٰ، عثمان کان وڌيڪ خاوند عطا ڪيو آهي. حضرت عمر رضہ سمجهي ويو تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن عثمان رضہ کي پنهنجي نياڻي اُم ڪلثوم رضہ جي عقد نڪاح جو شرف بخشيو آهي ءِ بيبي حفصہ رضہ کي پنهنجي عقد جو. حضرت عمر رضہ ڏاڍو خوش ٿيو ءِ پوءِ پنهنجي نياڻيءَ جو عقد نڪاح حضور صلي الله عليہ وسلم جن سان ڪيائين.

حضرت عمر رضہ هڪ ڀيري حضرت ابوبڪر صديق رضہ کي ڏوراپو ڏنو تہ: مون توکي مائٽيءَ لاءِ چيو مگر تو ها يا نہ جي ورندي ڪانہ ڏني. حضرت صديق رضہ فرمايو: مون کي خبر هئي تہ بيبي حفصہ کي حضور صلي الله عليہ وسلم جن پاڻ پنهنجي عقد نڪاح جو شرف بخشيندا، تنهنڪري توکي ورندي ڪانہ ڏنم. تڏهن حضرت عمر رضہ چيس تہ: پلا، اها مبارڪ مون کي چونہ ڏنئي؟ چيائين تہ: سائين جو راز ظاهر ڪرڻو ڪونہ هئم.

بيبي حفصہ رضہ نماز ۾ روزي جي تمام پابند، پرهيزگار ۽ خداترس هوندي هئي. مگر ڪجهہ شوخ طبع هئي ۽ ورندي ڏيڙ جي عادت هيس، تنهنڪري باوجود گهڻي محبت ني بہ ڪڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دل آزرده ٿي پوندي هئي ۽ ان سبب ئي هڪ ڀيرو بيبي صاحبہ کي طلاق جي بہ ڏمڪي ڏئي هئائون. ڪن روايتن ۾ آهي تہ طلاق رجعي ڏنائون. اها خبر پوڙ تي حضرت عمر فاروق رضہ، بيبي صاحبہ سان وڃهيو. الله تعاليٰ، جبرئيل عليہ السلام کي موڪليو تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي چئو تہ: حفصہ کي پاڻ کان جدا نہ ڪر، يعني طلاق ڏنل نہ آهي تہ ڪيس طلاق ڏئي پاڻ کان جدا نہ ڪر ۽ جي طلاق ڏنل آهي تہ رجوع ڪر، يعني 'طلاق رجعي' آهي وري ڪيس موڪلائي پاڻ وٽ رک، جو الله تعاليٰ بيبي صاحبہ کي تنهنجي پاڪ حرمن ۾ شمار ڪيو آهي، هوءَ جنت ۾ توسان گڏ رهندي ۽ طلاق سبب حضرت عمر فارق کي بہ صدمو رسندو. جيڪو الله تعاليٰ نٿو چاهي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن بيبي حفصہ رضہ کي معاف ڪري چڏيو ۽ وري ڏُرين جي وچ ۾ ڪو اختلاف ڪونہ ٿيو.

بيبي صاحبہ ست (60) روايتون (حديثون) بيان ڪيون آهن، جن مان چار حدينون 'بخاري' ۽ 'مسلم' گڏ آنديون آهن ۽ ڇهہ حديثون فقط مسلم آنديون آهن. باقي پنجاهہ حديثون بين حديثن جي ڪتابن آنديون آهن. بيبي صاحبہ سن 25 هجري وفات ڪئي. سندس جنازي جي نماز مديني جي حاڪم مروان بن حڪم پڙهائي ۽ ڪيس جنت البقيع ۾ دفن ڪيو ويو.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي بيبي زينب رضہ سان شا دي

حضور صلي الله عليہ وسلم جن سن 2 هجري ۾ بيبي زينب رضہ بنت حذيفہ سان شادي ڪئي. بيبي صاحبہ پهرين طفيل بن حارث بن عبدالمطلب جي گهر ۾ هئي، جيڪو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو سئوٽ هو. گهرو اٽبٽت سبب هُن ڪيس طلاق ڏني. ان بعد طفيل جي ڀاءُ عبيده الحارث جي گهر ۾ هئي. مگر هو بدر واري جنگ ۾ شهيد ٿي ويو. آخر عدت گذرڻ بعد رمضان ضريف جي مهيني ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن بيبي صاحبہ سان شآدي ڪئي. حق مهر ۾ ٻارهن اوقيہ سون ۽ ويهہ درهم ڏنائون. بيبي صاحبہ شاديءَ کان پوءِ اٺين مهيني وفات ڪئي ۽ ڪيس جنت البقيع ۾ دفن ڪيائون.

بيبي صاحبہ نيڪ ۽ پرهيزگار هئي ۽ مسڪينن کي تمام گهڻو سنيالينديءِ خير خيرات ڏيندي هئي، تنهنڪري سندس لقب ئي 'اُم المساڪين' (مسڪينن جي ماءُ) هو.

امام حسن رضہ جو تولد ٿيڻ

تاريخ 15 رمضان سن 3 هجري تي حضرت امام حسن بن علي المرتضيٰ تولد ٿيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي خبر پيئي تہ بيبي فاطمہ الزهرا جي گهر تشريف فرما ٿيا. امام حسن کي ڪٽي پنهنجي جهولي ۾ ڪيائون ۽ سندس ڪن ۾ ٻانگ ڏنائون. ستين ڏينهن سندس مٿو ڪُوڙي، وارن جيتري چاندي صدقو ڏنائون، جڙ سندس عقيقو ڪيائون ۽ نالو 'حسن' رکيائون. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي وفات وقت امام حسن رضہ ستن سالن جو هو. امام حسن تيرهن حديثون روايت ڪيون آهن. سندس ڪُنيت 'ابو محمد' ۽ لقب 'تقي'، 'زڪي'، 'سيد'، 'سبط' ۽ 'ولي' آيا

آهن. شڪل شباهت ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن سان مشابهت رکندو هو.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي وفات وقت بيبي فاطمہ رضہ، امام حسن ۽ امام حسين کي آڻي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ پيش ڪيو. پاڻ سڳورن فرمايو: منهنجي سيرت ۽ بزرگي امام حسن کي عطا ٿي ۽ سخاوت ۽ شجاعت امام حسين کي بخش ٿي.

امام حسن کي ٿي ڀيرا زهر ڏنو ويو. پر پوئين ڀيري زهر اثر ڪيو ۽ چاليهہ ڏينهن بيمار رهڻ بعد 28 صفر 48 هجري ۾ هن دارالفنا کان دارالبقا ڏي راهي ٿيو. سندس عمر پنجيتاليهہ سال ۽ ڪي مهينا هئي. سندس تجهيز ۽ تڪفين حضرت امام حسين رضہ ڪئي ۽ ڪيس جنت البقيع ۾ دفنايو ويو. جتي سندس ڏاڏي صاحبہ بيبي فاطمہ بنت اسد (حضرت علي رضہ جي والده ماجده) مدفون هئي. سندس اولاد آٺ (بعضي نَو چون ٿا) هڪ پُٽ ۽ آٺ نياڻيون هيون. سندس ڀلايون لکڻ کان ٻاهر آهن.

جنگ احد

جنگ احد سن 3 هجري ۾ واقع ٿي. انهي جنگ جو تفصيل هن طرح آهي تہ بدر جي جنگ ۾ ڪافرن شڪست تہ کاڌي پر ان ڏينهن کان هو عيوض ونڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا. ابو سفيان جيڪو قافلو شام ڏانهن صحيح سلامت آندو هو. انهيءَ ۾ راس المال (مُوريءَ جي رقم) سيني جو گڏ ٿيل هو. اهو ڪڏيائون تہ پنجاهہ هزار مثقال سون نفعو نڪتو. قريشن جي وڏن ماڻهن جهڙوڪ: اسود بن مطلب بن اسد، حويطب ابن عبدالعزيٰ صفوان بن اميہ، عڪرمہ بن ابوجهل وغيره سيني صلاح ڪئي تہ انهيءَ نفعي مان جنگ جي تياري ڪجي ۽ راس المال وري واپار ۾ ڏئي ڇڏجي. ابوسفيان بہ

چيو تہ: جنهن صورت ۾ لشڪر جو خرچ ڪاپار ۾ بنان تڪليف جي، واپار جي نفعي مان حاصل ٿيو آهي، اهڙي حالت ۾ ۽ اسان جيڪڏهن ڪنهنجن ڪُنڊن ۽ قيد ٿيلن جو عيوضو نہ ورتو تہ پوءِ ساري دنيا اسان کي جُڏيون ڪِڏيون ڪندي. پوءِ صلاح ڪيائون تہ چار چالاڪ ماڻهو جيڪي مشهور هجن ۽ عرب دنيا تي سندن اثر ۽ هجي ۽ سندن تقرير جو انداز جوشيلو هجي، تن کي عرب قبيلن ڏي موڪلجي تہ جيئن انهن جا لشڪر ۽ اسان سان شامل ٿين. جيڪڏهن عربن مدد نہ ڪئي ۽ اسين ۽ بس ڪري ويهي رهياسين تہ پوءِ نتيجو اهو نڪرندو جو نہ اسان مڪي ۾ بچي سگهنداسون ۽ نہ وري عرب دنيائي محمد صلي الله عليہ وسلم جي تلوار کان ڇُٽي سگهندي. پوءِ هي چار ماڻهو باتفاق چونڊيا ويا: (1) عمرو ابن العاص، (2) هبيرت ابن ابي وهب، (3) عبدالله ابن ربيع، ۽ (4) ابوغزه شاعر. ابو غزه چيو تہ: مون کي معافي ڏيو. جو مان بدر ۾ قيدي ٿيو هوس تہ مون کي مفت آزاد ڪيو ويو هو ۽ مون محمد صلي الله عليہ وسلم سان انجام ڪيو هو مان ڪڏهن ۽ سندس مخالفت ۾ ڪوبہ شعر ڪونہ چوندس ۽ نہ بهرو ونندس. مگر صفوان بن اميہ ۽ جبير بن مطعم کيس آزي نيزاري ڪري راضي ڪري ورتو. پوءِ هي چار ئي وڃي عربن جا لشڪر گڏ ڪري وٺي آيا. صفوان، ساڻين کي چيو تہ: هاڻي اسان وٽ وڏي طاقت آهي، ڪوبہ ڊپ ڊاءُ ڪونهي، تنهنڪري اسان پاڻ سان زالون ۽ ڪڻنداسين تہ جيئن بدر ۾ هلي پنهنجن ڪُنڊن تي روئن پِٽين، جو انهن جو روئڻ پِٽڻ تي اسان جا ڇُٽل ڦٽ ۽ تازا ٿي پوندا، تنهنڪري اسان وڙهڻ ۾ پير پوئتي نہ ڪنداسين. ٻيو تہ زالون گڏ هوندیون تہ پنهنجا ننگ ڇڏي ڪير ۽ ڪونہ ڀڄندو. ڏسو ابوسفيان جهڙو مڙس ۽ بدر مان ڀڄي آيو. عڪرمہ ابن ابوجهل ۽ عمرو ابن العاص ۽ سندس راءِ سان شامل ٿيا. نوفل بن معاويہ چين تہ: ڏاڍا بيوقوف آهيو. جنگ تي

اعتبار ڪونهي. جنگ آهي لوٽي مثل. ڪيڏانهن ٻه ليٽي پويا! پوءِ جي اسين مارجي وياسين يا ڀڄي وياسين تہ پوءِ زالون ڪنهن جي حوالي ٿيندیون؟ پوءِ تہ ساري دنيا اسان کي ٿُڪون هڻندي! اتي ابوسفيان، جيڪو بدر جو حال ڏسي آيو هو، تنهن ٻه چيو تہ: نوفل سڄ ٿو چوي. تڏهن ابوسفيان جي زال هنده بنت عتبہ بن ربيع چيو تہ: اسان ضرورو هلنديوسين. ابوسفيان اڳيئي ڀڄڻ تي هِريل آهي. هڪ پُٽ ڪُهايائين، ٻيو قيد ڪرايائين تہ ٻه ڀڄي آيو. هن کي اتي مرڻو هو، پر پنهنجو سِر پيارو ڪري، پُٽن جي پرواهہ نہ ڪري ڀڄي نڪتو. جيڪڏهن هاڻي اسان زالن کي ٻه ڇڏي ڀڳو تہ، دنيا تہ ڦٽڪار ڪندس! هيءَ جنگ مرڻ مارائڻ جي آهي، تنهنڪري اسين ضرور هلنديوسين. سڀني چيو تہ: هنده ٺيڪ ٿي چوي. پوءِ سڀئي زالن سميت تيار ٿيا.

ابوسفيان کي ٻه زالون هيون، هڪ هنده ۽ ٻي اميہ بنت سعد بن ابي وهب. اهي ٻيئي جدا جدا ڪجاون تي تيار ٿيون. صفوان، عمرو، عڪرمہ، طلحہ بن ابي طلحہ، حارث بن هشام ۽ ٻين مشرڪن جون زالون ٻه تيار ٿيون، جن لاءِ جدا جدا ڪجاوا تيار ٿيا. ابو عامر راهب ٻه پنجاهہ ڇٽن سان اچي مشرڪن سان مليو ۽ ساڻن همراهہ ٿيو.

لشڪر جو تعدا د: ڪفارن جي لشڪر ۾ تي هزار جنگي جوان هئا، جن مان ست سئو زره پوش، ٻه سئو گهوڙي سُوار، تي هزار اُٺ ۽ يارهن ڪجاوا هئا. قريشن جا جيڪي ٻه وڏا وڏا ماڻهو هئا، سي سڀ هن جنگ ۾ شريڪ ٿي هليا. ڳائيندڙ ٻانهيون ۽ ساز سرود ٻه ساڻ ڪنيائون، تہ هر منزل تي ڳائيندا وڄائيندا هلون.

حضرت عباس جو مديني ڏانهن قاصد موڪلڻ: حضرت عباس رضہ جيڪو ان وقت مڪي ۾ رهندو هو، تنهن قريشن جي تياري ڏسي، بني غفار

قبيلي جو هڪ شخص مزوريءَ تي، پنهنجو خاص قاصد ڪري مديني منوره ڏانهن موڪليو تہ جيئن تن ڏينهن اندر مديني پهچي، سندس لکيل ۽ مُهر هنيل خط حضور صلي الله عليہ وسلم تائين پهچائي. قاصد اتي پهچي خط پيش ڪيو. جيڪو حضور عليہ السلان جن ابي بن ڪعب کي ڏنو. جنهن سارو مضمون پڙهي ٻڌايو. پاڻ سڳورن حڪم ڪيس تہ: اها ڳالهہ ڪنهن سان بہ نہ ڪجانءِ. هيءُ گهر ويو تہ سندس زال، خط وارو سارو احوال ٻُڌايس. هن زال کي ڏاڍي مارڪُٽ ڪئي ۽ وٺي آڻي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دربار ۾ پيش ڪيائينس. حضور جن کي چيائين تہ: گهر ويس تہ هن کي خط وارو سمورو احوال ڪري ٻڌايم. شايد لکي بيٺي خط ٻُڌائين. مارڪُٽ بہ گهٽي ڪئي اڻمانس. پاڻ فرمايائون تہ: تقدير الاهي ئي ائين آهي.

هوڏانهن ڪفارن جو لشڪر بہ پنهنجي پوري طاقت سان هلندو اچي ذوالحليفہ منزل وٽ پهتو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فضالہ جي پُٽن 'انس ۽ مونس' کي جاسوس ڪري موڪليو تہ ڪفارن جي خبر چار لهي اچن. هنن اچي ٻڌايو تہ: ڪفارن پنهنجا اُٺ گهوڙا، زمينن ۽ پوکن ۾ ڇڏي ڏنا آهن، جيڪي ذرو بہ گاهہ ڪونہ ڇڏيندا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن وري خباب بن المنذر کي موڪليو تہ وڃي لشڪر جو اندازو ڪري اچي. هو جاچ ڪري موٽي آيو ۽ ٻُڌايائين تہ: برابر. جيئن حضرت عباس خط ۾ لکيو هو، اهو سڀ احوال سچو آهي. پاڻ سڳورن احوال ٻُڌي فرمايو: حَسبُنَااللّٰهُ وَ نِعمَ الوَکِيلُ. 'واقدي' رحہ چيو آهي تہ مشرڪ 'ابوا' منزل تي پهتا، جتي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي والده ماجده بيبي آمنت رضہ جي تربت آهي. پاڻ ۾ صلاح ڪيائون تہ: محمد صلي الله عليہ وسلم جي والده جي قبر کوٽي، ان جا هڏا کڻي ٿا هلون. جيڪڏهن اسان مارجي

وياسيون ۽ اسان جون زالون مسلمانن جي هٿ چڙهي ويون ته اسان کين چونداسين ته زالون موٽائي ڏيو ته پوءِ هڏا موٽايون. اهڙيءَ طرح سودو ٿي پوندو. پر جيڪڏهن فتح اسان جي ٿي ته پوءِ انهن جي جيڪا به بها ڪنداسين، محمد صلي الله عليہ وسلم اها ڏئي پنهنجي والده جا هڏا واپس ونڊندو. اتي ابوسفيان کين چيو ته: بيوقوفو! بني بڪر ۽ بني خزاع، ٻيئي قبيلا محمد صلي الله عليہ وسلم جا دوست آهن، انهن اها ڳالهہ ٻُڌي ته پوءِ اسان جا سمورا مئل ماڻهو ڪيڏي، سندن هڏا ڪيڏي اڇلائيندا ته ڪي محمد صلي الله عليہ وسلم کي وڃي ڏيندا، تنهنڪري اها ڳالهہ ئي نہ ڪريو. ابوسفيان جي ڳالهہ سيني جي دل کي وڻي.

ڪفار مديني جي ويجهو اچي پهتا. جمعي جي رات هئي. وڏن اصحابن رات جو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي حويلي کي چونڪي ڀئي ڏني. رات جو حضور جن خواب ڏٺو ته پاڻ زرهہ پاتي اٺن ۽ سندن تلوار کي ڪيترا سوراخ ٿي پيا آهن. صبح جو اهو خواب اصحابن کي ٻڌايائون. اصحابن تعبير پُڇي ته پاڻ فرمايائون: زرهہ جي تعبير مدينو آهي، جيڪو محفوظ رهندو، باقي تلوار کي سوراخن جو مطلب آهي ته هن جنگ ۾ اسان کي خاص ماڻهو شهيد ٿيندا. خاص ڪري منهنجي خاندان مان ڪو وڏي شان وارو شهيد ٿيندو.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو اصحابن سان مشورو: نبي صلي الله عليہ وسلم جي وڏن اصحابن جو خيال هو ته مديني کان ٻاهر نہ نڪرون، مگر جوان مرد، جن مان کي بدر جي جنگ مان فاتح ٿي آيا هئا ۽ کي وري ان جنگ تي ويا ئي ڪو نہ هئا، مگر کين جنگ جو شوق هو، تن زور پريو ته اسان ٻاهر نڪري، اڳتي وڌي دشمنن جو مقابلو ڪريون. گهر ۾ وينا هونداسين ته دشمن اچي اسان کي گهيرو ڪندا، اسان جو ٻاهريون اناج

وغيره بند ٿي ويندو. پوءِ لاچار ٿي ٻاهر نڪرڻو پوندو. پوءِ هو اسان کي گهرن ۾ تڪليفون ڏيندا، تنهنڪري اسين ضرور ٻاهر هلي مقابلو ڪنداسين. جهضرت حمزه رضہ، سعد بن عباده، نعمان بن مالڪ ۽ ٻيا به انهيءَ خيال جا ٿيا تہ بدر ۾ به اسان تمام ٿورا هئاسين ۽ دشمنن جو لشڪر تمام گهڻو هو. انهي هوندي به الله تعاليٰ اسان کي فتح ڏني. هينئر تہ خدا جي مهرباني سان اسان جو لشڪر به گهڻو آهي، سو جي گهرن ۾ ويهي رهنداسين تہ دشمن چوندا تہ هاڻي گيدي ٿيا آهن! ابو سعيد خضري به عرض ڪيو تہ: اسان جنگ کان پوءِ ڇو ڊڄئون؟ ڪٽيوسين تہ عيد، مئاسين تہ شهيد! اوس ۽ خزرج جا قبيلا به ساڻئي خيال جا ٿيا. امير حمزي رضہ فرمايو تہ: مان روزو رکيو آهي، تيستائين نہ کوليندس، جيستائين تلوار سان قريشن کي قتل نہ ڪريان. تڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: توهان جوانن جي صلاح کي مقدم رکي، الله توهار ڪري نڪرون ٿا، فتح توهان جي آهي. جيڪڏهن مظبوط ٿي بيهندئو ۽ صبر ڪندئو تہ توهان کي ڪو لوڏو ڪونهي. پوءِ حضور جن لشڪر جي تياريءَ جو حڪم ڏيئي پاڻ وڃي پنهنجي حجري ۾ تشريف فرما ٿيا.

حضرت ابوبڪر صديق رضہ ۽ عمر فاروق اعظم رضہ به تياري ڪرائڻ لاءِ ويا سڀ اصحابن جو هجوم سنيري اچي دروازي تي بيٺو. اها تياري عصر جي نماز بعد ٿي. سعد بن معاذ ۽ اسد بن حضير آيا ۽ حاضرين کي اچي تنبيهہ ڪيائون تہ: توهان حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي مرضيءَ خلاف جنگ جي ڪوشش ڪئي آهي. مٿن وحي نازل ٿئي ٿو ان ڪري توهان کي سڀ ڪجهہ مٿن ڇڏڻ گهربو هو. توهان کين مجبور ڪري ٻاهر ڪڍيو آهي، انهيءَ ۾ ڇڪائي ناهي ۽ سندن مرضي جي خلاف آهي. جوانن کي سوچ جو مادو گهٽ ۽ جوش زياده هوندو آهي. تاريخ شاهد

آهي تہ جڏهن بہ مديني تي ڪا ڪاهہ ٿي آهي تہ اهل مدينہ ٻاهر نہ نڪتا آهن ۽ سندن فتح هميشہ گهر ويني ٿي آهي. ايتري ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن بہ اچي جلوه افروز ٿيا. زرهہ ڍڪيل، ڪمربند چيلهہ ۾ بَڌل، تلوار حمائل ڪيل، نيزو هٿ ۾، ڍال ڪُلهي تي، اهو حال ڏسي اصحابن تي تمام گهڻو اثر ٿيو. سعد ۽ اسد جي تقرير اڳي ئي جوانن کي ڏمڪايو هو. وري جو حضور صلي الله عليہ وسلم جن مسلح، هٿياربند ٿي نڪتا، تہ هنن کي ڏڪيو لڳو. اتي سيني گڏجي عرض ڪيو تہ: اسين ٻاهر نڪرڻ جي ڪابہ صلاح ڪونہ ٿا ڏيون، جيڪا اوهان جي مرضي. جيڪڏهن توهان جي دل نہ گهُري تہ هرڪو واپس وڃي. پاڻ سڳورن فرمايو تہ: اهو خيال پهرين هجي ها، جيئن مون توهان کي پهرين چيو هو. هينئر خدا جو نبي هٿياربند ٿي آيو آهي، سو جيستائين هٿيارن لاهڻ جو حڪم نہ ايندو، تيستائين هٿيار نہ لاهبا.

پوءِ ٿي جهنڊا تيار ڪرايائون، جن مان هڪ مهاجرن جو جهنڊو علي المرتضيٰ (کي چون ٿا تہ مصعب بن عمير) کي ڏنائون. مديني جو خليفو عبدالله بن ام مڪتوم کي مقرر ڪيائون. لشڪر ۾ هزار پهلوان مرد هئا، جن ۾ هڪ سئو زرهہ پوش هئا، ۽ گهوڙا هئا، جن مان هڪ تي پاڻ سوار ٿيا ۽ ٻئي تي ابو بردت بن منار.

'شيخين' منزل تي پهتا تہ جيڪي ننڍا ٻار ۽ پوڙها هئا، تن کي واپس موڪليائون. ٻارن مان (جهڙوڪ عبدالله بن عمر، زيد بن ارقم، براء بن عازب، عرايت بن اوس، اسد بن طهير، ابو سعد خضري، سمرتہ بن جندب، رافع بن خذلح رضہ). رافع چيو تہ مان هلندس. اسد چيو تہ رافع برابر تير انداز آهي، اهو پلي هلي. رافع تيسين پيٽ تي بينو هجي تہ جيئن وڏو ڏسجڻ ۾ اچي ۽ کيس هلڻ جي موڪل ملي. پاڻ سڳورن هن کي لشڪر سان هلڻ

جي موڪل ڏني. سمرتہ بن جندب چيو تہ: رافع ڪٽي عمر ۾ مون کان وڏو آهي، پر طاقت ۾ همت ۾ مان کانئس سگهارو آهيان، مون کي بہ موڪل ڏيو تہ مان بہ لشڪر سان گڏ هلان. پاڻ فرمايائون تہ: اسان کي ڪيئن خبر پوي تہ تون رافع کان سگهارو آهين؟ تڏهن هن رافع سان ڪُشتي کيڏي ۾ رافع کي ماريائين. تڏهن پاڻ سڳورن ان کي بہ لشڪر سان هلڻ جي اجازت ڏني.

اها رات 'شيخين' ۾ منزل ڪيائون. محمد بن مسلم پنجاهہ ڄڻن سان لشڪر ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي چوڪي ڏني. صبح سوير لشڪر تيار ڪري روانا ٿيا ۾ صبح جي نماز احد ۾ اچي جماعت سان ادا ڪيائون. احد جو جبل، مديني منور کان نَو ميل (يا ڪوهہ) پري آهي. نماز پڙهي، حضور صلي الله عليہ وسلم جن زرهہ جي مٿان ٻي زرهہ پهري ۾ سر مبارڪ تي خود (لوهہ جو توپ) پهريائون. اتي عبدالله بن ابي منافق اوچتو پنهنجي ٽن سوَن منافقن ساڻين سان موٽ ڪاڏي ۾ چيائين تہ: اسان جي صلاح هئي تہ مديني کان ٻاهر نہ نڪرون ها، پر محمد صلي الله عليہ وسلم ڇوڪرن جي چوڻ تي مدينو ڇڏيو آهي. مديني ۾ لڙائي لڳي ها تہ اسان مدد ڪريون ها، پر هت اسان پنهنجا سِر ڪين لهرائينداسون. ائين چئي، هو واپس موٽي ويا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: انهن کي ڇڏ ڏيو تہ موٽي وڃن.

مقابلو: ڇنڇر جو ڏينهن هو. ٻنهي ڌرين لشڪر جون صفون برابر ڪيون. حضور صلي الله عليہ وسلم جن مديني ۾ جبل احد کي پُٺي ڏئي بيٺا. سندن ڪٻي پاسي 'حُنين' جبل هو جنهن کي هڪ لڪ بہ هو. عبدالله بن جبير کي پنجاهہ تير انداز ڏئي انهيءَ لڪ تي ڇڏيائون ۾ فرمايائون تہ: مسلمان غالب پون يا مغلوب ٿين، جيستائين اسان توهان کي حڪم نہ ڏيون، تيستائين اتي بيٺا هجو ۾ اهو لڪ نہ ڇڏجو! ميمنہ (سڄي پاس)

لشڪر جو سپهہ سالار عڪاشہ بن محصن اسدي کي ڪيائون ۽ ميسره (ڪبي پاسي) جو سالار ابو سلمہ بن اسد مخزومي کي ڪيائون. ابو عبيده الجراح ۽ سعد بن ابي وقاص کي مقدمہ لشڪر جا سالار ۽ مقداد بن عمرو کي ساڦ (پوئين) لشڪر جو سالار ڪيائون.

قريشن بہ مقابلي ۾ صفون برابر ڪيون. ميمنہ لشڪر جو سالار خالد بن وليد کي ۽ عڪرمہ ابن ابوجهل کي، ميسره جو سالار ابو سفيان کي، ۽ وچ لشڪر جو صفوان بن اميہ کي مقرر ڪيائون. ڪن چيو آهي تہ عمرو بن العاص کي برابر واري جبل جي غار (لڪ) لاءِ مقرر ڪيائون. جهنڊو طلحہ بن ابي طلحهہ کي ڏنائون. زالن کي صفن جي آڏو بيهاري، ڳائيندڙ ٻانهيون ۽ سرود وغيره بہ تيار ڪري بيهاريائون.

مقابلي ۾ ڪفارن جي ياڄ: پهرين ڪفارن جي طرفان ابو عامر راهب فاسق پنهنجن پنجاهہ ساٿين سان ميدان ۾ ٽپي آيو ۽ مسلمانن طرف تير اندازي شروع ڪيائين. مسلمانن طرفان تيرن جو مقابلو تيرن سان اهرو ڪيو ويو. جو ابو عامر پنهنجي ٽولي سميت وڃي پوئتي ڳڦو. مسلمانن اهڙو تہ حملو ڪيو جو ڪفارن جون زالون ۽ ڳائيندڙ ٻانهيون بہ وڃي ڳڦيون. مسلمانن، ڪفارن تي تيرن جو مينهن وسائي ڇڏيو. طلحہ بن ابي طلحہ، جنهن جي هٿ ۾ ڪفارن جو جهنڊو هو، پنهنجي لشڪر کي للڪاريو پئي ۽ مسلمانن تي بچون پئي ڪيون تہ حضرت علي ڪرم الله وجہ مٿس حملو ڪري، اهڙو تہ ڏڪ هنيس جو سندس سڄو مٿو اڏو اڏ ٿي پيو. حضرت علي رضہ ڏڪ هڻي موڪي آيو. ساٿين پڇيس تہ: ماري ڇو تہ ڇڏيئس؟ چيائين تہ: ڏڪ هنيومانس تہ ڪِري اگهاڙو ٿي پيو، مون کي قسم وِڌائين، سو ڇڏي آيومانس، يقين آهي تہ مري ويندو. پوءِ معصب بن عمير وڃي ڪُنس.

حضرت نبي ڪريم جن هن جي موت جو ٻُڌي ڏاڍي تعاليٰ جو شڪر ادا ڪيو.

طلحہ جي مرڻ بعد ڪفارن جو جهنڊو سندس پاڻُ عثمان ابن ابي طلحہ کنيو. حضرت امير حمزہ رضہ مٿس حملو ڪري، سندس ڦٽين جي وچ ۾ اهڙي تہ تلوار هنئي، جو ڦڦڙن بہ پئي ڦرڙاٽ ڪيس ۽ ڦٽڪي ڦٽڪي مري ويو. ان بعد وري سندس ٻئي پاڻُ ابو سعيد بن ابو طلحہ جهنڊو سنياليو. هن تي وري سعد بن ابي وقاص حملو ڪيو ۽ نِڙيءَ ۾ اهڙو تہ تير هنيائينس جو زبان بہ ٻاهر نڪري آيس ۽ جهنم ڏي روانو ٿيو. سعيد کان پوءِ وري طلحہ جي پٽ مشافع جهنڊو کنيو. هن کي عاصم بن ابي افلح اهڙو تير هنيو. جو باقي ڪو پساهہ وڃي بچيس. مشرڪن کيس کڻي وڃي سندس ماڻُ سلافہ بنت سعد وٽ ڇڏيو. سلافہ پٽ کان پڇيو تہ: توکي تير ڪنهن هنيو؟ چيائين تہ: مون کي عاصم بن ابي افلح ڪُنو آهي. تڏهن سلافہ قسم کنيو تہ مان عاصم جي مٿي جي کوپري کي پيالو بنائي، ان ۾ شراب پيئندس، ان لاءِ هن اعلان ڪيو تہ: جيڪو بہ عاصم جو سِر آڻي ڏيندو. تنهن کي سئو اُٺ ڏيندس (عاصم جي شهادت جو ذڪر اڳتي ايندو).

مشافع جي قتل بعد سندس پاڻُ حارث بن طلحہ جهنڊو کنيو. ان کي بہ عاصم جهنم ڏي روانو ڪيو. حارث جي قتل بعد وري سندس ٻئي پاڻُ ڪلاب بن طلحہ جهنڊو کنيو. جنهن کي طلحہ بن عبدالله قتل ڪيو. وري ارطاس بن شرحيل جهنڊو کنيو. جنهن کي علي المرتضيٰ يا سعد بن ابي وقاص يا قزمان قتل ڪيو. مختلف روايتون آهن.

قزمان جو قصو واقدي هينئن بيان ڪيو آهي تہ: هو منافق هو ۽ هُو اسلامي لشڪر سان بہ ڪو نہ هليو. جنهن تي قبيلي جي زالن تمام گهٽي جُٽ ڦٽ ڪيس، تڏهن گهر کان ٻاهر نڪري، هٿيار ٻهري اچي 'احد' ۾

پهتو ۽ اتي اسلامي لشڪر سان شامل ٿي، ست_اٺ ڪافر قتل ڪيائين، پوءِ پاڻ بہ زخمي ٿي پيو. ابوالعنداق وٽائنس لنگهيو تہ چيائينس: قزمان، تون شهيد ٿيو آهين، تولاءِ بهشت آهي. قزمان وراڙيس: مان اسلام لاءِ ڪوبہ وڙهيو آهيان جو شهادت جو درجو يا بهشت ملي. آخر زخمن جي ايذاءَ کان پاڻ کي تلوار هڻي ماري وِڌائين، بعد ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ قزمان دوزخ ۾ ويو.

نبي صلي الله عليہ وسلم جو ابودجانہ کي تلوار جو تحفو: احد جي جنگ ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جي هٿ مبارڪ ۾ تلوار هئي. فرمايائون تہ: ڪو آهي جو هن تلوار جو حق ادا ڪري؟ اتي گهڻن ئي اصحابن عرض ڪيو تہ: اها تلوار اسان کي عطا ٿئي، پر پاڻ ڪنهن کي ئي نہ پئي ڏنائون. ايتري ۾ ابودجانہ اچي نڪتو ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم کي عرض ڪيائين تہ: اها تلوار مون کي ڏيو. آءُ ان جو حق ادا ڪندس..... آءُ ان تلوار سان اميد تہ گهڻن ئي ڪافرن جا مٿا ڦاڙيندس. پوءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جن اها تلوار کيس عطا ڪئي.

ابودجانہ تلوار کڻي نهايت فخر ۽ ناز سان صفن ۾ ٽلڻ لڳو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: فخر ۽ وڏائي الله تعاليٰ کي پسند ناهي، پر ابودجانہ جو ايڏي فخر سان ڏڻي تعاليٰ جي دشمنن اڳيان ٽلڻ، الله تعاليٰ ۽ سندس ملائڪن کي ڏاڍو پسند ٿو اچي. مطلب تہ حضرت حمزي رضہ، حضرت علي رضہ ۽ ابودجانہ جيڏانهن بہ پئي حملا ڪيا تہ ڪفارن جا ڏوندا، ڏير پئي ڪيائون. جبل جي پاڙ ۾ ڪفارن جون زالون بينيون هيون، جن جنگي شعر پڙهي پنهنجن جنگي بهادرن کي پئي همٿايو. راڳيندڙ بانهين وري پنهنجا راڳ سُرود شروع ڪيا. زالن جي رهبري ابو سفيان جي زال هنده پئي ڪئي، پر ابودجانہ انهن زالن تي حملو ڪري، کيس اهڙو تہ

ڊيڄاريو جو ڪا ڪيڏانهن وئي تہ ڪا ڪيڏانهن. پوءِ وري جو ڪفارن تي حملو ڪيائين تہ ڪيترائي مڙس ماري وڃائين. زالن ٻڪائڙ وڃائڙ بدران روئڙ ٻڙڪ شروع ڪري ڏنو. ڪيترن ئي مردن ۽ زالن کي مسلمانن قيد ڪيو ۽ باقي ڪافرن ڀاڄ ڪاڏي. پوءِ ڪي مسلمان سامان اسباب ميڙڙ ۾ لڳي ويا تہ ڪي ڪفارن جي لشڪر جي تعاقب ۾ لڳي ويا.

مسلمان تيراندا زن جي غلطي ۽ خالد بن وليد جو حملو: خالد بن وليد پنهنجي لشڪر جو وڏو ٻاڳو ونڊي هڪڙي غار ۾ لڪو وينو هو. اها غار ان لڪ جي ڀرسان هئي، جتي عبدالله ابن جبير پنهنجو جٿو وڻيو لڪ جهليو بينو هو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڪيس جيڪو فرمايو هو تہ: اسان فتحمند ٿيون يا شڪست کائون، توهان لڪ نہ ڇڏجو! مگر عبدالله ابن جبير جي ساٿين جڏهن ڏٺو تہ ڪافر پڄي ويا ۽ اسان جا ڀائر مال اسباب ميڙڙ ۾ لڳي ويا آهن تہ هنن بہ ونڊي اوڏانهن ڀاڄ ڪاڏي. عبدالله ابن جبير گهڙو ئي سمجهاين ۽ سڏ ڪين، پر ڪنهن بہ نہ ٻُڌا. فقط ڏهہ ڄڻا وڃي وٽس بچيا. هوڏانهن خالد بن وليد کي بہ وجهہ ملي ويو. سو پنهنجي لشڪر سان، جنهن ۾ قريشن جا مڪيہ بهادر، جهڙوڪ: عڪرمہ، ابوجهل ۽ ٻيا بہ هئا، حملو ڪري، عبدالله ابن جبير ۽ سندس ساٿين کي شهيد ڪري وڌو. پوءِ هنن لڪ تي قبضو ڪري، همراهن کي لڪ تي بيهاريو ۽ ٻين مسلمانن تي پويان حملو شروع ڪري ڏنو. مسلمانن بہ همت سان تلوار هلائي، پر ڪفارن جو زور وڌندو ويو ۽ مسلمان هارائيندا ويا. انهي حد تائين جو جعال بن سراقہ ٿي ٻيرا چيو تہ: اِنَّ مُحَمَّدًا قَد قُتِلَ (خبردار، تحقيق محمد صلي الله عليہ وسلم قتل ٿي ويو). شيطان اهو آواز مديني جي گهر گهر ۾ پهچائي ڇڏيو. اصحابن ۾ بہ انهيءَ آواز ٻُڌڙ تي اچي ڀاڄ ڀئي.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو منتشر فوج کي گڏڪرڻ: جڏهن اصحاب پڃڻ لڳا تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن گهڻا سڏ ڪيا تہ: يآاَيُّهاَالنَّاسُ!اِنِّي رَسُولُ اللهُ اِلَيكُم قَد وُعِدَنِي النَّصرُ فَاَينَ الفرَارُ؟ (اي مسلمانو! مان الله تعاليٰ جو رسول ٿي توهان ڏي آيو آهيان، مون کي فتح جو واعدو مليل آهي، پوءِ ڪاٿي آهي پڃڻ (يعني ڇو ٿا پڃو؟). مسلمانن اهو آواز ٻُڌو پئي، پر موٽيا ڪونہ. اتي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي پيشاني مبارڪ تان ڪاوڙ ۾ پگهر پئي ٽميو.

هوڏانهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي شهادت جو ٻُڌي، مديني منوره ۾ ماتم مچي ويو هو. فاطمہ خاتون رضہ پڻ بني هاشم جي عورتن سان گڏجي روئڻ راڙي ۾ شروع ٿي ويئي ۽ احد ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪيائين.

هيڏانهن ڪفارن، مسلمانن جي پاڃ ڏسي، سڏو سنئون حضرت نبي صلي الله علي وسلم جن تي حملو ڪري ڏنو. ايتري ۾ حضرت علي رضہ بہ اچي سهڙيو. نبي ڪريم جن فرمايس تہ: سنگتين سان نہ وئين، جيڪي پڃي ويا؟ حضرت علي رضہ چيو تہ: سائين، توهان کي ڇڏي ڪيئن پڃي ويندس! پوءِ حضرت علي رضہ انهن ڪافرن تي ٽملو ڪري ڏنو. جيڪي حضور صلي الله عليہ وسلم جن تي حملو ڪرڻ پئي آيا، ۽ انهن مان ڪيترن ئي کي قتل ڪيائين. حضرت علي رضہ جي اچڻ کان اڳ هڪ سفيد پوش مرد حضور صلي الله عليہ وسلم جن تي پهرو پئي ڏنو. جڏهن حضرت علي رضہ اتي پهتو تہ هو غائب ٿي ويو. حضور جن فرمايو تہ: اهو الله تعاليٰ جو مَلڪ هو. اصحابن مان گهڻا تہ پڃي ويا، باقي جيڪي حضور جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، سي چوڏهن هئا. انهن مان ست انصار هئا ۽ ست مهاجر. مهاجرن مان ابوبڪر صديق رضہ، علي المرتضيٰ رضہ، عبدالرحمان بن عوف، سعد بن ابي وقاص، زبير بن العوام، طلحہ بن عبدالله ۽ ابو عبيدت

الجراح رضہ هئا ۽ انصارن مان وري خباب ابن المنذر، ابودجانہ، عاصم، عاصم بن ثابت، حارث بن صمہ، سهيل بن حنيف، اسيد بن الحضير ۽ سعد بن معاذ هئا. ڪن اسيد جي بجاءِ سعد بن عباده يا محمد بن مسلمہ چيو آهي. انهن مان انن ڇٽن انجام ڪيو تہ: مرنداسين پر منهن نہ موڙيندا سين. اهي اٺ ڇٽا هي آهن: علي ابن طالب رضہ، طلحہ، زبير، ابودجانہ، حارث، خباب بن المنذر، عاصم بن ثابت، سهيل بن حنيف رضہ.

حضرت علي رضہ کان روايت آهي تہ: مان جڏهن اڪيلو حضور صلي الله عليہ وسلم جن سان بينو هئس ۽ ڪفارن حملو ڪيو تہ مون بہ حملي جو جواب حملي سان ڏنو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن منهنجي پويان بينا هئا ۽ مون ڪيترن ئي مافرن کي جهنم ڏي موڪليو، پر موٽي اچي ڏسان تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن آهن ئي ڪين. ڏاڍو ڏک ٿيم، ۽ چيم تہ شايد پاڻ ڪريم جن شهيد ٿي ويا. هاٽي جيئرو ڪهڙو منهن ڪٽي مديني ڏانهن وڃان ۽ ڪهڙو جواب وڃي خاتونِ جنت کي ڏيان، جيڪا پُڇندي تہ "بابو ڪٿي ڇڏي آئين!" وري بہ ڪافرن تي هڪ حملو ڪيم ۽ گهٽن کي قتل ڪري وري موٽي اچي مُئلن ۾ حضور جن کي ڳوليم، پر اُتي بہ ڪونہ لڌم. پوءِ چيم تہ شايد الله تعاليٰ پنهنجي رسول کي بہ حضرت عيسيٰ رضہ وانگر آسمان تي کڻي ويو. وري حملو ڪري موٽي آيس تہ پاڻ صحيح سلامت بينا هئا. چيم تہ الله تعاليٰ سندن حفاظت ڪري رهيو آهي، جو مان بہ نٿي ڏسي سگهيس. پوءِ ابودجانہ ۽ سهيل بہ اچي نڪتا، جن حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي چوڪي ٻيهي ڏني. اتي جبرئيل نازل ٿيو ۽ فرمايائين تہ: علي المرتضيٰ تنهنجي مٿان پتنگ ٿيو بينو آهي. پاڻ ڪريمن فرمايو تہ: هذا مِنِّی وَاَنا مِنہُ (علي منهنجو آهي ۽ مان علي جو). جبرئيل فرمائڻ لڳو تہ: لَا فَتیٰ اِلَّا عَلِي لَا سَيفَ اِلَّا ذُوالفَقَارُ [ناهي جوان

(بهادر) مگر علي رضہ ناهي تلوار (كارگر) مگر ذوالفقار (تلوار علي جي)].
حضرت علي رضہ فرمائي ٿو تہ جبرئيل جو اهو آواز ٻُڌي اهڙو خوش ٿيس ۽ جنگ لاءِ اهڙو شوق ٿي ويم جو كافرن تي كيترائي حملا كيم ۽ هر حملي ۾ كيترائي كفار كُنم. خاص كري وڏا وڏا بهادر چونڊي كُنم. جهڙوك طلحہ، ابو سعيد فلڈه، عبدالله بن زهره، ابوالحكم بن اخنس بن شريق ثقفي، وليد بن ابي حذيفہ بن المغيره، اميہ و عمرو ابن عبدالله هجمي، بشر بن مالك، صواب بن مولیٰ بن عبدالدار وغيره. حضرت علي رضہ فرمائي ٿو تہ كافرن تي سورنهن ڀيرا حملا كيم، جن مان چار ڀيرا مُنهن ڀر ڪِري پيس. هر ڀيري هك سهڻي قدآور سفيد پوش ۽ خوشبوءِ واري مرد اچي ٿي مون كي ٻانهن كا ونڊي اُٺاري چيو تہ: اُٺي لڙائي كر، الله ۽ رسول توڏانهن راضي آهن. حضرت علي رضہ فرمايو تہ اهو واقعو جڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ عرض كيم، فرمايائين تہ: اهو جبرئيل عليہ السلام هو.

كفارن جو حضور صلي الله عليہ وسلم جن تي حملو: چئن كفارن عبدالله بن قميہ، عتبہ بن ابي وقاص، عبدالله شهاب زهري ۽ ابي بن خلف پاڻ ۾ قسم تي انجام كيو تہ محمد صلي الله عليہ وسلم كي ضرور قتل كنداسين. انهن مان عبدالله ابن قميہ ملعون، حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڏانهن ايترا تہ پٿر اڇلايا، جو سندن مُنهن مبارك خون آلوده ٿي ويو. پيشاني مبارك ڦٽجي پيئي، خَود سِر ۾ گهڙي ويو ۽ زرهہ جون ڪڙيون منهن مبارك ۾ اندر گهڙي ويون. عتبہ بن وقاص واري هك پٿر هنيو جيكو حضور جن كي هينئين چپ تي اچي لڳو. جنهنكري سندن هينان سامهان پئي ڏند، جن كي رباعي چئبو آهي، سي ڪِري پيا ۽ سندن منهن مبارك ۽ ڏندن مان رت ٽمڻ لڳو. جيكو جبرئيل عليہ السلام پنهنجي پَر سان پئي اُگهيو ۽ چيائين

تہ محمد صلي الله عليہ وسلم جو خون جي زمين تي هاريو تہ قيامت تائين ڪو سَلو سائو نہ اچرندو. جبرئيل عليہ السلام پوءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي عرض ڪيو تہ: اهي ڏَند مبارڪمون کي عطار ڪريو تہ مان تبرڪ طور سوکڙي ڪري رکان. حضور جن فرمايو تہ: اهي قيامت جي ڏينهن خدا تعاليٰ کي ڏيکارينداس. جڏهن گنهگار امت جي عذاب ۾ شفاعت جو وقت ايندو ۽ الله تعاليٰ پنهنجي قهاريت ۽ جباريت ۾ هوندو. تڏهن عرض ڪندس تہ: مولیٰ پاڪ مون کي منهنجي قوم ڏُکايو. منهنجو مُنهن ڦٽيو. تو چيو تہ جهڙو عذاب چوين، اهو تنهنجي قوم تي نازل ڪريان، پر مان عرض ڪريان ٿو تہ مون پنهنجي قوم کي معاف ڪيو ۽ چوندس: اَللّٰهُمَّ اِهدِ قَومِی فَاِنَّهُم لایَعلَمُونَ (اي منهنجا مولیٰ، منهنجي قوم کي هدايت ڪر، هو نٿا ڄاڻن تہ هي ڪو نبي آهي). مون پنهنجو ڏمر ۽ ڏک پنهنجي قوم کي معاف ڪيو. مٿن عذاب جي دعا نہ گهري، تون غفور رَحيم آهين، منهنجي گنهگار امت کي معاف ڪر. هي منهنجا شڪستہ ڏَن آهن، جيڪي تنهنجي دربار عالي ۾ عرض رکان ٿو. انهيءَ لاءِ تہ جهڙو حال منهنجي قوم مون سان ڪيو. سو معافي جهڙو نہ هو تہ بہ معاف ڪيم. تون جيڪڏهن منهنجي امت کي معاف نہ ڪندين تہ تنهنجو نام ڪڏهن بہ غفور رحيم نہ سڏيو ويندو.

حضرت سعد بن ابي وقاص، پنهنجي پاءُ عتبہ لعين کي گهٽو ئي ڇوليو تہ جيئن کانئس حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو انتقام وٺي مگر هٿ ڪو نہ آيس. ابن قميہ لعين، حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي اهڙي تلوار هنئي جو پاڻ سڳورا هڪ ڪڏ ۾ وڃي پيا، جتي پيا شهيد بہ پيا هئا، ۽ ماڻهن جي اکين کان مخفي ٿي ويا. ابن قميہ، ابوسفيان کي اچي چيو تہ: مان محمد صلي الله عليہ وسلم کي قتل ڪري آيو آهيان. اهو ٻُڌي ابوسفيان ۽

ابو عامر انهيءَ ڳالهه جي تحقيق لاءِ مسلمانن جا لاش چڪاسڻ نڪتا. ابو عامر، ابوسفيان کي ڄاڻائيندو پئي ويو ته هي فلاڻو مسلمان آهي ۽ هي فلاڻو. جڏهن حنظله جي لاش تي پهتا (جنهن کي ملائڪن غسل ڏنو هو) ته ابو عامر بيهي رهيو. ابو سفيان پڇيس ته هي ڪير آهي؟ چيائين ته: منهنجو جگر گوشه پيارو پٽ حنظله آهي.

حنظله کي ملائڪن جو غسل ڏيڻ: جنهن رات حضور صلي الله عليه وسلم جن احد جنگ لاءِ تيار ٿيا. انهيءَ رات حنظله جي شادي جميله بنت عبدالله بن ابي بن سلول منافق سان ٿي هئي. رات جو هو بنان غسل ڪرڻ جي لشکر جي پويان ٿي ويو ته جميله، چار ماڻهو سڏي حنظله جي زباني ورتي. جميله کان پڇا ڪيائون ته ائين ڇو ڪيئي؟ چيائين ته: ڪالهه رات خواب ڏٺم ته آسمان ۾ سوراخ ٿي پيو آهي، حنظله انهيءَ سوراخ مان اندر لنگهي ويو ۽ سوراخ پورجي ويو. تنهنڪري سمجهان ٿي ته حنظله جنگ ۾ شهيد ٿي ويندو. ان ڪري خيال ٿيم ته جيڪڏهن مون کي ٻار ٿي پوي ۽ ماڻهو چون ته حرامي ٻار آهي، ان ڪري چئن شاهدن سامهون سندس زباني ونايم. حنظله ته وڃي جنگ احد ۾ شامل ٿيو ۽ شهيد ٿي ويو. حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته: هي عجيب واقعو آهي جو هنظله کي ملائڪ ٿا غسل ڏين. ابو اسد ساعدي ٿو چوي ته: حضور جن جي ڳالهه ٻُڌي حنظله جي لاش مٿان ويس ته ڏٺم ته ان مان پاڻي پئي ٽميو. جڏ ڪنهن تازو غسل ڏنو هئس. حضور صلي الله عليه وسلم جن جڏهن مديني منوره آيا ته بيبي جميله کان اڇي ماجرا پڇيائون. جنهن چيو ته: بنان غسل جي هليو ويو هو. پاڻ فرمايائون ته: ان ڪري ئي ملائڪن کيس غسل ڏنو.

آخر ابو سفيان ۽ ابو عامر لاسن ۾ ڇڪيءَ طرح چڪاس ڪئي. مگر حضور صلي الله عليه وسلم جن جو پتو ڪو نه پيين. تڏهن ابو سفيان چيو ته:

ابن قميہ ڪوڙ ڳالهايو آهي تہ محمد صلي الله عليہ وسلم کي قتل ڪيو آهي.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن بہ انهن ڇئن ڪافرن کي بددعا ڪئي. انهن مان ڪي احد جي جنگ ۾ مارجي ويا تہ ڪي سال جي اندر بيڇڙي موت مُئا. ابن قميہ کي انهيءَ سال هڪ سَرهہ پيٽ ۾ اهڙو تہ سڳ هنيو جو پُنيءَ مان نڪري آيس ۽ مري ويو. ابن قميہ سان اهو واقعو ان وقت پيش آيو جڏهن هو ڪنهن جبل تي سُتو پيو هو. جن ڇئن ڪافرن، حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي قتل ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو. تن مان پيو هو ابي بن خلف، جيڪو بدر ۾ قيدي ٿيو ۽ پوءِ فديہ ڏئي آزاد ٿيو هو. هن لعين ان وقت بہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي روبرو چيو هو تہ: گهوڙو تمام عمدو اٿم. اهو پالي تنهنجي مقابلي لاءِ ايندس ۽ ان گهوڙي تي چڙهي توکي قتل ڪندس. حضور جن فرمايو هئس تہ: مان توکي قتل ڪندس، انهيءَ گهوڙي تي، جنهن تي چرهي منهنجي مقابلي لاءِ ايندي.

احد جي جنگ واري ڏينهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: ابي بن خلف جي جاچ ڪجو. متان هو بيخبريءَ ۾ اچي مون تي وار ڪري! جنگ ۾ ڪافرن جي فتح ڏسي، ابي بن خلف گهوڙي تي سوار ٿي سڏو حضور صلي الله عليہ وسلن جن تي حملو ڪرڻ آيو. اصحابن هن کي ايندو ڏسي، حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي عرض ڪيو تہ: ابي اچي ٿو. اجازت ڏيو تہ مٿس حملو ڪريون. پاڻ فرمايائون: ڇڏيوس تہ پلي اچي. هو لعين جڏهن ويجهو آيو تہ پاڻ حضور صلي الله عليہ وسلم جن حضرت زبير رضہ کان نيزو وني مٿس اڇلايو تہ گردن ۾ لڳس. اتي هو گهوڙو موتائي سڏو پنهنجي قوم وارن واٽ پهتو ۽ 'فرياد فرياد' ڪرڻ لڳو. مانهن چيس تہ: ڪو وڏو گهاءُ ڪونہ لڳو اٿئي! چيائين: هي ڏڪ مون کي محمد صلي الله عيلہ

وسلم هنيو آهي، جنهن مون کي اڳ ۾ ئي چيو هو تہ آءُ توکي قتل ڪندس. تنهنڪري مون کي يقين آهي تہ مان مري ويندس. ٿيو بہ ائين، منزل مرالظهران ۾ پهتا تہ عزرائيل بہ اچي گهُٽيس ۽ دوزخ جي حوالي ڪيائينس.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي احد جي جنگ ۾ ستر زخم پهتا هئا. زهري روايت ڪئي آهي تہ: ستر زخم تہ رڳو منهن مبارڪ تي پهتا هئن. پهريون ماڻهو جنهن رسول الله جن کي مٿن جي ڏير مان سڃاڻي ڪڍيو سو ڪعب بن مالڪ رضہ هو. ڪعب چوي ٿو تہ: مون ڏٺو تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جون اکيون ستارن وانگر ٻرون پئي. مون کيس حيات سمجهي آواز ڏنو تہ: اي اصحابن مبارڪ هجيوَ حضرت محمد ڪريم صلي الله عليہ وسلم حيات آهن! اهو سڏ ٻُڌي اصحاب گڏ ٿيندا ويا. پوءِ آهستي آهستي ڪري حضور صلي الله عليہ وسلم جني کي ٻاهر ڪڍيوسين. حضرت ابوبڪر صديق رضہ روايت ڪري ٿو تہ: ڏٺوسين تہ زرهہ جا ڪڙا سندن منهن مبارڪ ۾ گهڙي ويا هئا. پوءِ ابو عبيده الجراح آيو جنهن زرهہ جي ڳڙن ۾ وات وجهي اهڙي ڇڪ ڏني، جو سندس ڏند بہ پڇي پيا ۽ ڳڙيون بہ نڪري آيون. حضرت ابو سعيد خدري روايت ڪري ٿو تہ: زرهہ جي ڪڙين نڪرڻ ڪري حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي منهن مبارڪ مان رت ئي نہ پيو ٻيهي. منهنجي پيءُ مالڪ بن سنان اهو رت چوسيو ۽ پيتو پئي. ماڻهن چيس تہ: چو ٿو پئين؟ چيائين تہ: حضور جن جو خون شربت کان بہ مٺو آهي. ڪيئن نہ پيئان! پاڻ سڳورن فرمايو: مَن اَحَبُّ اَن يَّنظُرَ اِلیٰ مَن خَلطَ دَمَهُ بِدَمِی فَلَيَنظُرُ مَالِکَ بِنِ سَنَانَ وَمَن خَلَطَ دَمَهُ بِدَمِی لَن يُّصِيبَهَا النَّارُ [جيڪو پسند ڪري تہ ڏسي جنهن ماڻهوءَ جي خون سان منهنجو خون مليل آهي تہ پلي ڏسي مالڪ بن سنان کي، جنهن سان منهنجو خون مليو آهي، تنهن کي باهہ نہ پهچندي (ساڙيندي)].

حضرت ابو طلحہ، احد جي جنگ ۾ حصور جن جي آڏو ڍال ٿيو بيٺو هو. هو تير اندازي ۾ تمام قابل هو. هن پنجاهه تير هنيا، جنهن مان هڪ به نه گُٽو. تير کُٽي ويس تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن زمين تان ڪانيون پئي ڏنس ۽ چيائونس تہ ارمر يا ابا طلحہ (چُٽ، اي ابا طلحہ) اُها ڪاني تير ڏي پيئي ڏي، جيڪا دشمنن کي پئي چُٽيائين.

مهاجرن جو جهنڊو مصعب بن عمير جي هٿ ۾ هو. ابن قميہ تلوار هڻي سڄو هٿ ڪپي ڇڏيس، اتي جهنڊو وري کاڀي هٿ ۾ کنيائين تہ ابن قميہ وري تلوار جو ٻيو وار ڪري کپو هٿ ٻہ ڪپي ڇڏيس، ۽ هو وڃي ڪِريو. اتي هڪ ملائڪ، مصعب بن عمير جي صورت ۾ اڇي جهنڊو سنيالیو. مديني ڏي روانا ٿيا تہ پاڻ سڳورن فرمايس تَقَدَّمُ يَا مُصعَبُ (اڳيان هل اي مصعب) ملائڪ عرض ڪيو تہ آءٌ مصعب نہ آهيان. حضور صلي الله عليہ وسلم جن سمجهي ويا تہ مسلمانن جي جهنڊي جي حفاظت لاءِ الله تعاليٰ ملاڪ سڳورو موڪليو آهي. پوءِ پاڻ هن کي فرمايو تہ: جهنڊو ابوالروم کي ڏي، جيڪو مديني منور تائين جهنڊو کڻي اڳيان هلندو رهيو.

اُم ايمن دائي جي شهادت ۽ سندس قصاص: احد جي جنگ ۾ ام ايمن دائي، جنهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي نپايو هو، تنهن ڦٽيلن کي پاڻي پيارو تہ جيان الرقد تير هنيس تہ هوءَ ڪِري پئي ۽ سندس اوگهڙ ظاهر ٿي پئي، اهو ڏسي جيان العرقد کلڻ لڳو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن، حضرت سعد کي فرماميو: يَا سَعد اِرمِ فِدَاکَ اَبِي وَ اُمِي (اي سعد، چُٽُ، تو تان منهنجو ماءُ پيءُ قربان هجي)! حضرت سعد جيان کي اهڙو تير هنيو جو هو ڪِري پيو ۽ اگهاڙو ٿي پيو. اتي حضور صلي الله عليہ وسلم جن ٻہ ايترا کليا جو سندن ڏند مبارک ٻہ ظاهر ٿي پيا. فرمايائون استقَصَاهَا سَعد (ام ايمن جو قصاص سعد ورتو). حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دعا

سبب حضرت سعد جو تير اَڻ گُس هوندو هو ۽ سندس دعا مقبول هوندي هئي.

حضرت طلحہ رضہ لاءِ بشارت: حضرت طلحہ بن عبيدالله، احد جي جنگ ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن لاءِ ڍال جو ڪم ڏنو. ابن قميہ لعين حضور صلي الله عليہ وسلم جن تي تلوار جو وار ڪيو تہ طلحہ رضہ پنهنجو سڄو هٿ آڏو ڏنس، جنهنڪري سندس ٻہ آڱريون، اشهد ۽ وچين ڪپجي پيون. ٻئي گهمري تلوار جي وار سان سندس پاسو ڦٽجي پيو. واقدي رحہ فرمائي ٿو تہ: طلحہ رضہ، احد جي جنگ ۾ وڏي جنگ ڪئي ۽ پنهنجي سموري طاقت ان جنگ ۾ صرف ڪيائون. ڪفارن، حضور صلي الله عليہ وسلم جن تي سڄي ڪٻي پاسي کان حملا ٻئي ڪيا تہ طلحہ ڍال بنجي، سمورا حملا ٻئي هٿايا. طلحہ جي باري ۾ فرمايائون: مَن يُحِبُّ اَن يّنظُرَ فِی الدّنيا اِلیٰ رَجُلٍ وَهُوَ مُومِنُ وَ اَهلُ الجَنّتِ فَلیَنظُر اِلیٰ طَلَحَتَ بِن عُبِيدُالله (جنهن ماڻهوءَ کي وٽي تہ دنيا ۾ اهڙي مڙس کي ڏسي، جيڪو مومن هجي ۽ بهشتي ٻہ هجي تہ ٻلي طلحہ بن عبيدالله کي ڏسي)!

احد جي جنگ ۾ قتادت النعمان کي اک ۾ اهڙو تير لڳو جو اک جو تارو نڪري اچي ڳل تي پيس. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي پنهنجو حال پيش ڪيائين تہ: زال تمام سهڻي اٿم. هُن جي مون سان ۽ منهنجي هن سان تمام گهڻي دل آهي. هينئر متان منهنجو هي حال ڏسي سندس دل مون کان ڦري وڃي! پاڻ سڳورن سندس تارو کڻي، اندر اک ۾ وڃهي، مٿان پنهنجو هٿ مبارڪ گهمايو تهي اڳي کان ٻہ اڳرو ٿي پيو. قتادت رضہ کان روايت آهي تہ: جڏهن تمام پيرسن ٿي ويس ۽ ٻي اک جي روشنائي گهٽجي ويئي، تڏهن ٻہ انهيءَ نڪتل اک جي، جيڪا حضور صلي

الله عليہ وسلم جن پنهنجن هٿن مبارڪن سان چشمخاني ۾ رکي هئي، روشني اصل نہ گهٽي ۽ اڳي کان اڳري رهي.

روايت آهي تہ عمرو ابن الجموح انصاري منڊو هو ۽ سندس چار پُٽ حضور صلي الله عليہ وسلم جن سان گڏ احد جنگ ۾ لڙي رهيا هئا. جڏهن هي بہ سنيري اوڏانهن هلڻ لڳو تہ ماڻهن گهنو ئي سمجهايس تہ توتي جنگ فرض نہ آهي، قرآن ڪريم ۾ آهي تہ وَلآ عَلَي الآعرَجَ حَرَجُ (منڊي تي ڪو بہ ڏوهہ نہ آهي جي جنگ ۾ نہ ويو). چيائين: منهنجا پُٽ بهشت ۾ وڃن ۽ مان ٻاهر رهان. اها ڳالهہ ڪا نهي ٿي! سندس زال هنده بنت عبدالله بن عمر چيو تہ مان بہ گهٽئي وڃڻي مانس پر نہ مُڙيو. دعا گهريائين تہ: اَللّٰهُمَّ لاَ تَرُدِّنِي اِلىٰ اَهلِي (اي منهنجا مولىٰ مون کي گهر نہ موٽائجان). آخر اچي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. حضور جن فرمايائس: لَقَد عَذَرَکَ اللهُ وَلا جِهَادَ عَلَيکَ (الله تعالىٰ تو کي معاف ڪيو آهي، توتي جهاد نہ آهي). پر هن وري وري عرض ڪري نيٺ اجازت ورتي. پوءِ تہ جنگ بہ پيو ڪري تہ اهو بہ پيو چوي تہ: بهشت جو ڏاڍو شوق اٿم! آخر پُٽ سوڏو شهيد ٿيو.

حضرت عائشہ جو احد ڏي ذڪر: واقدي رحہ چوي ٿو تہ حجاب (پردي) جي آيت نازل ڪانہ ٿي هئي. عائشہ صديقہ رضہ عورتن جي جماعت سان احد ڏانهن رواني ٿي، تہ جيئن حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو حال ڏسي اچي. رستي ۾ هنده زال عمرو بن الجموح مليس، جيڪا پنهنجي شهيد ٿيل مڙس، پُٽ ۽ ڀاءُ کي اُٺ تي ڪڍايو مديني منوره پئي ويئي. عائشہ رضہ پڇيس تہ: ڇا خبر اٿئي؟ چيائين: رسول الله جن خير سلامت آهن، باقي انهن کان سواءِ بي سپ مصيبت سڀائي آهي. هي منهنجو مڙس، پُٽ ۽ ڀاءُ آهن، جي شهيد ٿيا آهن، کين مديني کنيو پئي وڃان. ايتري ۾ اُٺ بہ ويهي

رهيو. آخر زوري اُٹ کي اُٹاريائين تہ اُهو موٽي احد ڏي هلڻ لڳو ۽ مديني نہ هليو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي عرض ڪيو تہ فرمايائونس اِنَّ الجَمَلَ مَامُورُ. اُن کي حڪم ٿيل آهي تہ مديني نہ وڃي ۽ اهي ماڻهو احد ۾ دفن ٿين. پوءِ پاڻ سڳورن هِنده کان پڇيو تہ: عمرو کا دعا گهري هئي ڇا؟ هِنده چيو تہ: وڃڻ وقت قبلي ڏانهن مُنهن ڪري دعا گهري هئائين تہ: اَللّٰهُمَّ لاَ تَرُدِّنِي اِليٰ اَهلِي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: اي هِنده، تنهنجو مڙس عمرو پُٹ خلاء ۽ ياءُ عبدالله بهشت ۾ گڏ رهندا. هِنده عرض ڪيو تہ: مون کي بہ دعا فرمايو تہ مان بہ انهن سان گڏ هجان. پوءِ پاڻ ڪيس بہ اهڙي دعا فرمايائون.

حضرت حمزه بن عبدالمطلب رضہ جي شهادت: روايت آهي تہ وحشي کان پڇيائون تہ حمزي رضہ جي قتل جي خبر ڏيڻ! چيائين تہ: همزو رضہ منهنجي سردار جبير جي چاچي طعيمہ بن عدي بن عبدالجبار کي جنگ بدر ۾ قتل ڪيو هو. احد جي جنگ ۾ جبير مون کي چيو تہ: وحشي، منهنجي چاچي جي قاتل حمزي (رضہ) کي قتل ڪندين تہ تون آزاد آهين. ابو سفيان جي زال هِنده بہ چيو تہ: حمزي (رضہ) بدر ۾ منهنجي پيءُ عتبہ کي قتل ڪيو هو، جي تون حمزي کي قتل ڪندين تہ توکي گهٽو ڪجهہ ڏيندیس. وحشيءَ چيو تہ: حمزي رضہ کي ڏٺم تہ کيس بہ تلوارون هيس ۽ قريشن جي صفن تي مست شينهن وانگر هملا پئي ڪيائين ۽ سندن صفون پئي ٽوڙيائين. وحشي چيو تہ: مان هڪ ٿڙ جي پويان لِڪو ويٺو هئس. جڏهن همزو رضہ ويجهو آيو تڏهن نهائين ۾ اهڙو تير هنيو مانس جو آر پار ٿي ويس. مون تي حملو ڪيائين پر مان بچي ويس ۽ پاڻ رستي ۾ ڪِري پيو. سندس يار مٿانئس آيا، سڏ ڪيائونس تہ ابا عماره! پر جواب ڪونہ ڏنائين. سمجهيم تہ فوت ٿي ويو. پوءِ جڏهن ماڻهو هليا ويا، تڏهن

وڃي سندس پيٽ چيري، جگر ڪڍي آڻي هِنده کي ڏنم تہ هي آهي تنهنجي پيءُ عتبہ جي قاتل جو جگر. هيندہ، مون کي جگر وٺي چٻاڙي، ڳنڍلو ڪري ڳچيءَ ۾ ٻڌو ۽ مون کي ڪيترائي ڪپڑا ۽ زيور ڏنائين ۽ چيائين تہ: مڪي ۾ هلي ڏهہ دينار سونَ جا بہ ڏيندياسانءِ. پوءِ چيائين تہ: مون کي هلي حمزو رضہ ڏيکار. جڏهن اتي وٺي آيومانس، تڏهن حزي جي نوڪ ۽ چَپ ڪپي کنيائين. جگر چٻاڙڻ ڪري هِنده کي چوندائي هئا اَكِلَتُ الآكَبَادِ (جيرا کائيندڙ).

حضور صلي الله عليہ وسلم جن حضرت علي رضہ کي فرمايو تہ: حمزو نظر نٿو اچي، سندس جاچ تہ ڪر! حضرت علي رضہ جاچ ڪندي اچي سندس لاش مٿان پهتو ۽ هن جي حالت ڏسي روئڻ لڳو. پوءِ سمورو احوال اچي حضور صلي الله عليہ وسلم جن سان ڪيائين. حضور صلي الله عليہ وسلم جن خود حضرت حمزي رضہ جي لاش مٿان آيا ۽ نهايت ڏک ۽ درد مان گريہ ڪرڻ لڳا. فرمايائون: مَا وَقفتُ مُوقِفاً قَطُّ اَغيَظُ لِی مِن هذَا (ڪنهن بہ ڏک واري جاءِ تي اهرو ڪو نہ بينس، جهڙي ڏک پري هيءَ جاءِ آهي). پاڻ فرمايائون تہ: جيڪڏهن ڪنهن جنگ ۾ اسان کي ڪفارن تي فتح حاصل ٿي تہ آءُ ستر معتبرن جا نڪ چپ ڪپيندس. اتي الله تعاليٰ وٽان آيت نازل ٿي تہ:

وَإِنْ عَاقَبْتُمْ فَعَاقِبُوا۟ بِمِثْلِ مَا عُوقِبْتُم بِهِۦ ۖ وَلَئِن صَبَرْتُمْ لَهُوَ خَيْرٌ لِّلصَّٰبِرِينَ ﴿١٢٦﴾

ترجمو: جيڪڏهن عذاب ڪريو تہ ايترو ڪريو جيترو توهان سان ڪيو اٿن، پر جيڪڏهن صبر ڪندو تہ پوءِ صبر ڪندڙن لاءِ تمام بهتر آهي (القرآن، 16:126). تڏهن پاڻ سڳورن صبر ڪيو ۽ حضرت حمزي رضہ لاءِ ستر دفعا بخشش جي دعا گهريائون. ايتري ۾ حضرت حمزي رضہ جي

پيٽ بيبي صفيہ رضہ بہ اچي سهڙي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي نظر بيبي صاحبہ تي پيئي تہ سندس پُٽ زبير رضہ کي فرمايائون تہ: پنهنجي والده کي جهل تہ هيڏانهن نہ اچي. جو پنهنجي پاءُ جو هيءُ حال ڏسي ويتر گهٽو ڏک ٿيندس. حضرت حمزي رضہ پنهنجي والده کي وڃي جهليو. مگر بيبي صاحبہ فرمايو تہ: مان بلڪل صبر ڪنديس ۽ پنهنجي پاءُ کي ڏسي سندس حق ۾ دعا گهرنديس. مون ٻُڌو آهي تہ دشمنن کيس شهيد ڪري. سندس نڪ چپ ڪپي ڇڏيا آهن. خدا تعاليٰ دسمنن کي برباد ڪندو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کيس اجازت ڏني. تڏهن هن اچي پنهنجي پاءُ امير حمزي رضہ کي ڏٺو ۽ چيائين اِناالله وَاِنّا اِليہ رَاجِعُونَ. ايتري ۾ فاطمتہ الزهريٰ رضہ بہ مديني جي عورتن سان گڏجي اچي اتي پهتي. حضور صلعم جن جو ڦٽيل حال ڏسي ۽ پنهنجي ڏاڏي امير حمزي رضہ جي حالت پسي ڏاڍو گريہ ڪيائين. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي پاڪ پائي تمام گهٽو رُني. حضور صلي الله عليہ وسلم جن تي بہ رقت طاري ٿي ويئي. پوءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جن بيبي صفيہ رضہ ۽ بيبي فاطمتہ الزهريٰ رضہ کي فرمايو تہ: جبرئيل عليہ السلام اچي خبر ڏني آهي تہ حضرت امير حمزي رضہ کي ستين آسمان ۾ اَسَدُاللهُ وَاَسَدَ رَسُولِہ (الله تعاليٰ ۽ الله تعاليٰ جي رسول جو شينهن) لکيو اٿن.

شهيدن جي جنازي نماز ۽ تدفين: جنازي نماز ۾ اهل حديث جو اختلاف آهي. ڪن جو چوڻ آهي تہ حضرت امير حمزي رضہ کي آڏو ڪري، باقي شهيدن کي ان جي پويان ڪري پوءِ جنازي نماز پڙهيائون. ڪن جو چوڻ آهي تہ شهيدن تي نماز ڪانہ پرهيائون. باقي شهيدن کي غسل ڪونہ ڏنائون. ان ڳالهہ تي سڀ متفق آهن. امام شافعي رضہ نماز نہ پڙهڻ واري پوئين روايت تي عمل ڪري ٿو ۽ امام ابو حنيفہ رضہ پهرين

روايت تي عمل ٿو ڪري، ته نماز جنازي جي شهيدن تي پڙهجي. پاڻ سڳورن فرمايو ته: جيڪي دنيا ۾ دوست هجن، مرڻ بعد انهن کي هڪ قبر ۾ گڏ دفن ڪريو. جيڪو قرآن گهٽو پڙهيل هجي يا جنهن کي قرآن زياده ياد هجي، تنهن کي اڳ ۾ رکو ته جيئن ٻين لاءِ امام ٿئي. حضرت حمزه رضه ۽ عبدالله جحش کي، جيڪو حضرت حمزي رضه جو ڀاڻيجو هو، گڏ دفن ڪيائون. عبدالله بن عمرو بن حزام کي عمرو بن الحموح سان هڪ قبر ۾ دفنايائون. خارج بن زيد کي سعيد بن ربيع سان، سعمان بن مالڪ، عبيده بن الخشخاس ۽ محمد بن زياد کي هڪ ئي قبر ۾ دفن ڪيائون.

عثمان بن عبدالله بن مغيره جو حضور صلي الله عليه وسلم جن تي حملو: حضور صلي الله عليه وسلم جن زخمي حالت ۾ پناهه ونڻ خاطر ڪنهن غار ۾ وڃي رهيا هئا ته عثمان بن عبدالله بن مغيره مخزومي، هٿيارن سان، گهوڙي تي سُوار ٿي، حضور صلي الله عليه وسلم جن تي حملو ڪيو. پر انهيءَ رستي ۾ اَبو عامر فاسق طرفان مسلمانن کي نقصان رسائڻ خاطر کوٽيل کڏ ۾ سندس گهوڙو ڪِري پيو. حارث بن صمه مٿس حملو ڪيو ۽ پاڻ ۾ مقابلو ڪيائون. آخرڪار حارث پنيءَ تي اهڙي تلوار هنيس جو ڪِري پيو. پوءِ حارث ڪُهي ڇڏيس ۽ سندس زرهه خود ۽ تلوار، جيڪا تمام عمدي هئي، سا پنهنجي قبضي ۾ ڪيائين. روايت آهي ته مسلمانن کي ان جنگ ۾ انهي سامان کان سواءِ ٻيو ڪجهه به هٿ ڪو نه آيو.

مسلمان عورتن جي بها دري: مائي نسيبه بنت ڪعب شينهن زال هئي. هيءَ احد جي جنگ ۾ پنهنجي مڙس غريه ۽ ٻن پُٽن عماره ۽ عبدالله سان گڏ هئي. نسيبه چوي تي ته: مون وٽ وڏي مشڪ هئي، جنهن مان غازين کي پاڻي پئي پياريم. پر جڏهن ڪفارن مسلمانن تي غلبو حاصل ڪيو ۽ مسلمانن شڪست کاڌي ته آءٌ به مشڪ ڇڏي، جنگ ۾ شروع ٿي ويس ۽

ڪيترن تي ڪافرن کي جهنم ڏي روانو ڪيم. ان جنگ ۾ مون کي تيرهن زخم پهتا، جن مان هڪ زخم تہ اهڙو هو جو سڄو سال پئي دوائون ۽ مرهم پئي ڪيم. پڇيائونس تہ: اهو زخم ڪنهن رسايئي؟ چيائين تہ: ابن قميہ. پر مون بہ اهڙو ڏڪ هنيومانس جهڙو مون کي هنيو هئائين. پر جيئن تہ ڪيس ڏهہ زرهہ پيل هيون، تنهنڪري منهنجو ڏڪ ڪارگر ڪونہ ٿيس.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن عماره کي فرمايو تہ: ماءُ ڏي وچ ۽ وچي سنيال ڪرينس. هو آيو تہ مان پُٹن سان گڏجي، حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي چوڏاري پهرو پئي ڏنو ۽ ڪافرن تي حملا بہ پئي ڪياسين. مگر اسان وٽ ڍال ڪانہ هئي. ڪيترا اصحاب اسان جي آڏو پڇندا پئي ويا. هڪ اصحابي ڍال سان اچي لنگيهو تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايس تہ: ڍال اهڙي ماڻهو کي ڏي، جيڪو لڙائي ڪري. هُن ڍال ڪٽي ڦٽي ڪئي. مون يڪدم ڍال ڪٽي ورتي ۽ هڪڙي گهوڙيسوار ڪافر تي تلوار سان حملو ڪيو تہ هو گهوڙي تان ڪِري پيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن عبدالله کي حڪم ڪيو تہ: ماءُ جي مدد ڪر. عبدالله اچي ان ڪافر کي قتل ڪيو.

عبدالله چيو تہ: مون کي هڪڙي ڪافر اهڙو ڏڪ هنيو هو، جو منهنجو رت ئي نہ پيو بيهي. امڙ منهنجي ڦٽ کي ٻَڌي حڪم ڏنو تہ اُٺي وڙهہ. ايتري ۾ ساڻيو ڪافر اچي نڪتو، جنهن مون کي ڏڪ هنيو هو. نسيبہ اهڙو ڏڪ هنيس جو ڪِري پيو. ان موقعي تي پاڻ سڳورا ايترو تہ ڪليا جو سندن هوڙون بہ ظاهر ٿي پيون. نسيبہ کي چيائون تہ: خدا جو شڪر، جو توکي دشمن تي فتح ڏنائين.

نسيبہ دعا گهُري تہ: سائين دعا ڪريو تہ مان پنهنجي ڪُٽنب سميت بهشت ۾ وڃان. حضور صلي الله عليہ وسلم جن سندس حق ۾ دعا گهُري. اها

مائي نسيبہ جنگ يمامہ ۾ بہ ميدان جنگ ۾ هئي، جيڪا مسيلمتہ الڪذاب سان لڳي هئي. انهي جنگ ۾ ابودجانہ بہ شهيد ٿيو هو ۽ مسيلمتہ الڪذاب وٽي پڳو جنہ کي بہ آخرڪار قتل ڪيائون.

ابوسفيان کي مسلمانن جو جواب: احد جي جنگ ختم ٿي، حضور جن چاهيو پئي تہ اول احد جي ڪنهن غار ۾ آرام ڪري، پوءِ جبل جي مٿان وڃي ڪافرن کي ڏسجي تہ ڪاڏي ٿا وڃن. مڪي ڏي ٿا موٽن يا مديني جو ٿا رُخ رکن. ابوسفيان کي خبر پئي تہ هو يڪدم هڪ وڏو ٽولو ڪافر جوانن جو وٽي حضور صلي الله عليہ وسلم جن تي حملو ڪرڻ آيو. مگر حضرت عمر رضہ پنهنجن ساٿين سان مٿن حملو ڪري، کين پوئتي هٽائي ڇڏيو. ابوسفيان جبل تي چڙهي سڏ ڪري چيو تہ: مسلمانن ۾ محمد صلي الله عليہ وسلم جيئرو آهي؟ حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: جواب نہ ڏيوس. وري چيائين تہ: ابو بڪر (صديق) جيئرو آهي؟ ڪنهن بہ جواب ڪونہ ڏنس. وري پڇيائين تہ: عمر (فاروق) زندهہ آهي؟ جڏهن ان ڀيري بہ ڪو جواب ڪو نہ مليس، تڏهن چيائين تہ: جي اهي سيئي قتل ٿي ويا آهن، تہ پوءِ هاڻ مسلمانن کي وري اسان سان مقابلي جي طاقت نہ ٿيندي. تي حضرت عمر فارق رضہ سڏ ڪري جواب ۾ چيس تہ: الله تعاليٰ جي مهرباني سان حضور صلي الله عليہ وسلم جن ۽ جن ٻين جا نالا ورتا اٿئي، سي سڀ حيات آهن. اهو ٻُڌي ابو سفيان حسرت ۾ پئجي ويو تہ مطلب پورو ڪونہ ٿيو. پوءِ مسلمانن کي چيائين تہ: هاڻي وري اسان جي توهان جي صفائي ٻئي سال بدر ۾ ٿيندي. ائي چئي پنهنجي لشڪر کي ڪوچ جو حڪم ڏنائين.

پاڻ سڳورن حضرت علي رضہ کي حڪم فرمايو تہ: ڪفارن جي طبر لهي اڇ تہ جيڪڏهن اُٺ لڏي، پوءِ ڪي اُٺن تي ۽ ڪي گهوڙن تي سوار ٿيا،

تہ پوءِ چئبو تہ مکي ڏانهن ويا. پر جيڪڏهن گهوڙن تي سوار ٿيا ۽ اُنن کي صرف قطار ڪري هليا تہ پوءِ چئبو تہ مديني جو ارادو اٿن. خبر لهي اڃ تہ انهيءَ طريقي سان سندن مقابلي جي تياري ڪريون. حضرت علي رضہ ويو ۽ جاڃ ڪري اچي حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي عرض ڪيائين تہ: ڪافر مکي ڏانهن روانا ٿي ويا.

جنگ احد مان پڃي ويل مسلمانن لاءِ مغفرت: احد جي جنگ مان جيڪي مسلمان پڃي ويا هئا. جيئن حضرت عثمان رضہ بہ مديني هليو ويو هو. انهن سيني کي الله تعاليٰ معافي ڏني. جبرئيل هيءَ آيت سندن معافي جي نازل ڪئي:

إِنَّ ٱلَّذِينَ تَوَلَّوْا۟ مِنكُمْ يَوْمَ ٱلْتَقَى ٱلْجَمْعَانِ إِنَّمَا ٱسْتَزَلَّهُمُ ٱلشَّيْطَٰنُ بِبَعْضِ مَا كَسَبُوا۟ ۖ وَلَقَدْ عَفَا ٱللَّهُ عَنْهُمْ ۗ إِنَّ ٱللَّهَ غَفُورٌ حَلِيمٌ ﴿١٥٥﴾

ترجمو: جيڪي توهان مان پُڻي ڏيئي پڳا. ان ڏينهن جو ٻيئي جماعتون ٻاڌ ۾ ٽڪريون. بيشڪ انهن کي شيطان ٽرڪايو (ڪن قصورن سبب) تحقيق الله تعاليٰ کين معاف ڪيو. الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ مهربان آهي (القرآن، 155:3).

حضرت حمزه رضہ لاءِ ماتم: حضور صلي الله عليہ وسلم جن احد ۾ شهيد ٿيل ستر مردن کي دفنائي واپس مديني روانا ٿيا. رستي ۾ حضرت سيد الشهداءِ امير حمزه رضہ جي نياڻيفاطمہ رضہ کين ملي. جيڪا پنهنجي والد لاءِ ڪير ۽ ڳتل ڪنيو پئي آئي. پنهنجي والد بزرگوار کي نہ ڏسي دانهن ڪري چيائين: منهنجو بابو ڪٿي آهي تہ ڪير پياريانس ۽ کارڪون کارايانس؟ حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: تنهنجي والد ڪير بجاءِ شهادت جو شربت پيتو هاڻي مان تنهنجو والد آهيان. فاطمہ رضہ تمام

سخت گريہ ڪيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڪيس پاڻ سان وٺي مديني آيا. مديني جي گهر گهر ۾ روڄ راڙو هو. مگر امير حمزي رضہ جي گهر ۾ ڪوبہ ڪونہ هو جو مٿس گريہ ڪري. پاڻ سڳورن فرمايو: وَاِنّ حَمزَہ رضہ لا بَواكِيَ لَہ (پر حمزي رضہ تي ڪا ڪانہ ٿي روئي). حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو اهو سخن ٻُڌي حضرت سعد بن معاذ ۽ اسيد بن حضير سيني انصارن جي عورتن کي حڪم ڪيو تہ: سيئي وڃي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي چاچي حضرت امير حمزي رصہ جي گهر ٻٽر ڪريو ۽ گريہ ڪريو. پوءِ اڌ رات تائين انهن عورتن حضرت حضرت حمزي رضہ تي گريہ ڪريو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن خواب مان جاڳي فرمايو: رَضِیَ اللّٰہُ عَنكُنّ وَعَن اَولاَدِكُنّ واَولادِهُنّ (الله تعاليٰ توهان ڏانهن ۽ توهان جي اولاد ۽ انهن جي اولاد ڏانهن راضي آهي).

حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: هن کان پوءِ فتح اسان جي آهي ۽ جلد مڪي جي فتح ٿيندي. اصحابن عرض ڪيو تہ: اسان کي شڪست ڇو ٿي؟ الله تعاليٰ وٽان آيت نازل ٿي تہ:

أَوَلَمَّآ أَصَٰبَتۡكُم مُّصِيبَةٞ قَدۡ أَصَبۡتُم مِّثۡلَيۡهَا قُلۡتُمۡ أَنَّىٰ هَٰذَاۖ قُلۡ هُوَ مِنۡ عِندِ أَنفُسِكُمۡۗ إِنَّ ٱللَّهَ عَلَىٰ كُلِّ شَيۡءٖ قَدِيرٞ ﴿١٦٥﴾

ترجمو: ۽ جڏهن توهان کي (جنگ احد ۾) مصيبت پهتي (ستر ماڻهو شهيد ٿيا) تہ توهان ڪفارن کي انهيءَ کان ٻيڻ تي مصيبت پهچائي (هنن جا ستر ماڻهو سهيد ٿيا ۽ ستر قيد ٿيا). توهان چئو ٿا تہ هيءَ مصيبت ڪيئن آئي. انهن کي چئو تہ اها مصيبت توهان پاڻ تي پاڻ آندي (جو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي نافرماني ڪري لَڪُ ڇڏي ڏنو). بيشڪ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وسوارو آهي (القرآن 165:3).

وَمَآ أَصَٰبَكُمۡ يَوۡمَ ٱلۡتَقَى ٱلۡجَمۡعَانِ فَبِإِذۡنِ ٱللَّهِ وَلِيَعۡلَمَ ٱلۡمُؤۡمِنِينَ ﴿١٦٦﴾

ترجمو: توهان کي مقابلي جي ڏينهن جيڪي پهتو سو الله تعاليٰ جي حڪم ۽ مرضيءَ سان پهتو ته سيني کي خبر پوي ته ڪهڙو ٿو ثابت قدم ٿي بيهي ۽ ڪهڙو تو پُٹي ڏئي پڃي (القرآن 166:3)

شهداءِ احد جا فضائل: حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو ته: شهيدن جا ارواح جيئن ئي سندن جسمن مان نڪتا ته الله تعاليٰ کين بهشت انعام ڪري ڏنو ته جتي وٹين اتي بهشت جا ميوا کائيندا پيئندا وتن ۽ عرش معليٰ جي ٿنين ۾ وڃي آرام ڪن. شهداءِ جي شان ۾ الله تعاليٰ آيت نازل فرمائي ته:

وَلَا تَحْسَبَنَّ ٱلَّذِينَ قُتِلُوا۟ فِى سَبِيلِ ٱللَّهِ أَمْوَٰتًۢا ۚ بَلْ أَحْيَآءٌ عِندَ رَبِّهِمْ يُرْزَقُونَ ﴿١٦٩﴾

ترجمو: جيڪڏهن الله تعاليٰ جي راهہ ۾ قتل ٿيا، انهن کي مُئل ڪري نہ پانيو بلڪ هو الله تعاليٰ وٽ جيئرا آهن، هنن کي رزق ملي ٿو جيڪي الله تعاليٰ انهن کي پنهنجي پلائي سان ڏنو آهي، انهيءَ تي راضي آهن (القرآن 169:3).

ابي فروه رضہ کان روايت آهي ته حضور صلي الله عليہ وسلم جن جڏهن شهداءِ احد جي ديدار لاءِ اتي ويا ته فرمايائون ته: اي منهنجا الله، تنهنجو رسول شاهد آهي ته هيءَ جماعت تنهنجي رضامنديءَ لاءِ سر ڏئي سهيد ٿي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو ته: جيڪو بہ هنن شهيد ني تَحِيَّتُ ۽ سلام ڏيندو ته هي انهن کي سلامن جو جواب ڏيندا رهندا ۽ اهو سلسلو قيامت تائين جاري رهندو.

پاڻ سڳورا هر سال شهداءِ احد جي زيارت لاءِ ويندا هئا ۽ فرمائيندا هئا سَلامٌ عَلَيكُم بِمَا صَبَرتُم فَنِعمَ عُقبَى الدَّارِ (توهان جي صبر جي ڪري توهان تي سلام هجي، آخرت جو جهان توهان لاءِ تمام بهتر آهي).

فاطمہ خزا روايت ٿو ڪري تہ: مان احد ۾ وڃي چيو تہ: اَلسَّلامُ عَلَيکَ يَا عَمَّ رسول الله! (الله تعاليٰ جي رسول جا چاچا، توتي سلام هجي)، تہ جواب مليو: وَعَلَيکُمُ السَّلامُ وَرَحمَتُ اللهِ وَبَرَکَاتُہ (توتي الله تعاليٰ جون رحمتون ۽ برڪتون هجن).

غزوه حمراء الاسد

وادي 'حمراء الاسد' مديني کان اَٺ ميل پري آهي. اصحاب سير ۽ تواريخ جي روايت ڪئي آهي تہ مشرڪ جڏهن مڪي معظم ۾ موٽي آيا تہ پاڻ ۾ صلاح ڪيائون تہ اسان احد جي جنگ جهڙي ڪَٽي تهڙي نہ ڪَٽي، ڇو تہ اسلام جو باني مياني (حضرت) محمد (صلي الله عليہ وسلم) ۽ سندس وڏا معتبر ساٿي جهڙوڪ: ابوبڪر صديق رضہ، عثمان غني رضہ ۽ حضرت علي رضہ سمورا بچي ويا. اگرچہ مسلمانن جا گهڻا مشهور ماڻهو جهڙوڪ: حضرت حمزه رضہ وغيره شهيد ٿيا پر اسان جو مطلب پورو نہ ٿيو. تنهنڪري جيئن تہ هينئر مسلمان ڦٽيل، ڏکويل ۽ ٽڪل آهن، تيئن مٿن وري حملو ڪري اسلام جي باني ۽ سندس ساٿين کي قتل ڪري وجهون تہ پوءِ اسان جي هر طرح ڪاميابي آهي. هن ڀيري اها صلاح عڪرمہ بن ابوجهل ڏني ۽ ٻين تي بہ زور آندائين. آخر سڀني مشرڪن اها صلاح مڃي، جنگ لاءِ پوري طاقت سان تياري ڪئي.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دربار ۾ جڏهن اها خبر پهتي تہ پاڻ سڳورن پنهنجن اصحابن ڪرامن سان مشورو ڪري، مديني ۾ منادي ڪرائي تہ: الله تعاليٰ جو فرمان آهي تہ جنگ لاءِ تيار ٿي وڃو. جو دشمن وري مديني تي چڙهائي جون تياريون مڪمل ڪري رهيا آهن. جيتوڻيڪ

گهٽا غازي ڪٽيل هئا ۽ سندن مرهم پٽي ڪئي پئي ويئي، پر حڪم پهچڻ شرط سيئي خوشيءَ سان يڪدم تيار ٿي ويا.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن هٿيار پهري تيار ٿي ويا. الله تعاليٰ آيت نازل فرمائي:

ٱلَّذِينَ ٱسْتَجَابُوا۟ لِلَّهِ وَٱلرَّسُولِ مِنۢ بَعْدِ مَآ أَصَابَهُمُ ٱلْقَرْحُ ۚ لِلَّذِينَ أَحْسَنُوا۟ مِنْهُمْ وَٱتَّقَوْا۟ أَجْرٌ عَظِيمٌ ﴿١٧٢﴾

ترجمو: زخمن پهچڻ بعد بہ جن مومنن الله تعاليٰ ۽ رسول الله جي تابعداري ميجي، جن بہ انهن مان نيڪي ۽ پرهيزگاري ڪئي (الله تعاليٰ کان ڊجي جن لاءِ تيار ٿيا) انهن لاءِ تمام وڏو اجر آهي (القرآن 171:3). پوءِ ابن ام مڪتوم کي مديني ۾ خليفو مقرر ڪري، حضرت علي رضہ کي جهنڊو ڏئي رونا ٿيا. منزل حمراء الاسد پهتا ۽ رات جو اتي رهيا. معيد بن ابي معيدخزاعي مڪي ڏانهن وڃي رهيو هو. هو اڃا اسلام سان مشرف ڪونہ ٿيو هو. مگر جيئن تہ قبيلہ بني خزاع حضور صلي الله عليہ وسلم جا حليف هئا، اسلام کان اڳي ۽ پوءِ بہ تنهنڪري معيد خزاعي، حمراء الاسد ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن سان ملاقات ڪري، احد جي شهيدن جي معذرت بہ ڪئي ۽ حال احوال کان بہ واقف ٿيو. وري رستي ۾ ابو سفيان ۽ ٻين مشرڪن سان مليو. انهن پڇيس تہ: محمد (صلي الله عليہ وسلم) جن جي خبر ڏي. معيد چيو تہ محمد صلي الله عليہ وسلم وڏي لشڪر سان توهان کان احد جي بدلي وٺڻ لاءِ مديني کان نڪتو آهي. مان هنن کي حمراء الاسد ۾ ڇڏيو آهي. مشرڪن چيو تہ اها واهہ جي خبر آهي. هنن جا اڃا ڏٺ بہ ڪونہ ڦُٽا آهن، اسان جو خيال هو تہ اسان وڃي متئون ڪڙڪنداسين، پر هو اڳيئي تيار ٿي جنگ لاءِ وڏي آيا آهن! معيد قسم کڻي چين تہ: مان سچ ڳالهايو آهي، توهان هن منزل کان اڳتي وڌندئو تہ کين ڏسندئو. صفوان

بن اميہ سپني مشرڪن کي چيو تہ: اسان کي اڳيئي اهڙو انديشو هو تہ محمد صلي الله عليہ وسلم ضرور احد جو انتقام ونندو. هاڻي صلاح هيءَ آهي تہ موٽي هلون، متان اڳيون وقار بہ نہ وڃي. اها سپني کي صلاح وڻي ۽ پوئتي موٽيا. معيد حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ ماڻهو موڪليو تہ مشرڪ موٽي ويا، توهان بہ خير سان موٽي مديني وڃو.

ابو سفيان هڪ قافلو ڏئو جو مديني ڏانهن پئي ويو. قافلي ۾ عبدالقيس قبيلہ جي هڪ شخص کي پيغام ڏنائين تہ محمد صلي الله عليہ وسلم کي چئجو تہ اسان توهان جي جنگ لاءِ سنيري آيا هئاسين، پر ڪن سببن ڪري موٽي ٿا وڃون. اميد تہ ٻئي موقعي تي توهان کي ڏسنداسين. اهو نياپو حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي پهتو تہ آيت نازل ٿي:

ٱلَّذِينَ قَالَ لَهُمُ ٱلنَّاسُ إِنَّ ٱلنَّاسَ قَدْ جَمَعُوا۟ لَكُمْ فَٱخْشَوْهُمْ فَزَادَهُمْ إِيمَٰنًا وَقَالُوا۟ حَسْبُنَا ٱللَّهُ وَنِعْمَ ٱلْوَكِيلُ ﴿١٧٣﴾

ترجمو: مومنن کي ماڻهن چيو تہ توهان جي (جنگ) لاءِ ماڻهو گڏ ٿيا آهن. انهن کان ڊجو. ائين چئي مومنن جو ايمان وڌايو ۽ چيائون تہ اسان کي الله تعاليٰ ڪافي آهي، اهو اسان جو چڱو وڪيل آهي (القرآن 3:172).

ابا عزت شاعر جو قتل: حمراء الاسد جي منزل تي بہ ماڻهو قيد ڪري حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ پيش ڪيا ويا. انهن مان هڪ اباعزت الجمحي شاعر هو جيڪو بدر ۾ بہ قيد ٿيو هو جنهن وعدو ڪيو هو تہ مان وري ڪڏهن بہ مسلمانن جي خلاف تحرڪ ڪونہ ونندس ۽ نڪو ڪو شعر سندن هَجَوَ (ٿوڪ) ۾ چوندس. پر هن وعدي خلافي ڪري، احد جي جنگ لاءِ عربن جا قبيلا حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خلاف تيار ڪيا هئا. هتي پڻ گرفتار ٿي آيو ۽ عرض ڪيائين تہ هن پيري مون کي معاف ڪريو. مگر سندس عرض قبول نہ ٿيو. پاڻ سڳورن

فرمايس تہ: تون معافي جي لائق نہ آهين. لاَ يُلدَغُ المؤمِنُ مِن حَجُرِ مَرَّتَينِ (مومن هڪ ٻِر مان ٻہ ڀير نہ ڏنگبو آهي). اسان توکي سڃاڻي ورتو. مڪي ۾ وجي چوندين تہ هيءَ ٻي راند محمد (صلي الله عليہ وسلم) کان کٹيم. ڀوءِ عاصم بن ثابت کي حڪم فرمايائون جنهن کيس جهن ڏي موڪليو. اباعزت جو ٻيو سنگتي معاويہ بن مغيره هو. حضرت عثمان ذي النورين هن جي سفارش ڪئي. ڀاڻ سڳورن سندس سفارش قبول فرمائي. حڪم ڪيو تہ معاويہ بن مغيره ٽن ڏينهن ۾ مدينو ڇڏي وڃي. ٻيءَ صورت ۾ کيس قتل ڪيو ويندو. مگر هو ٽي ڏينهن رهي ٻيو ءِ ڀوءِ وجي ڪٹي لِڪي ويٹو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن عماره بن حارث کي موڪليو. جنهن کيس ڳولي قتل ڪري ڇڏيو.

احد جنگ 15 شوال سن 3 هجري ۾ لڳي هئي ءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جن حمراء الاسد جي تياري 16 شوال سن 3 هجري ۾ ئي ڪئي هئي، ءِ اهو ٻہ حڪم ڪيائون تہ جيڪي اصحاب احد ۾ پهتا. فقط اهي هلن. ٻيو ڪو ٻہ اسان سان نہ هلي. جابر بن عبدالله بن عمرو بن حزام عرض ڪيو تہ: مان احد ۾ هن لاءِ شريڪ نہ ٿيو هوس جو مون کي بابي چيو تہ تنهنجون ست ڀينرون آهن. اهي ڇڏي هلون ءِ گهر ۾ ڪو ٻہ مڙس ماڻهو نہ هجي. اها ڇڳي ڳالهہ نہ آهي. تنهنڪري تون نہ هل. مان بابي جي چوڻ تي عورتن جي حفاظت لاءِ رهي ڀيس. ءِ نہ انهي ڪري جو مان منافق هئس. تنهنڪري مون کي اجازت ڏيو تہ هلان. ڀاڻ سڳورن کيس اجازت ڏني. باقي جيڪي منافق ابن سلول جا ساٿي احد مان موٽي آيا هئا. انهن کي اجازت نہ ڏنائون.

سن 4 هجري جا واقعا

رجيع چشمي تي ڏهن قارين جو قتل

رجيع پاڻيءَ جو چشمو آهي، جنهن جي ويجهو قبيلہ هذيل جي مسلمانن تي مصيبت آئي هئي. هي تمام وڏو واقعو هو جنهن جي تفصيل هن طرح آهي تہ مشرڪ احد کان موٽي مڪي معظم ۾ آيا. ابو سفيان بن خالد هذيلي پنهنجي معتبر ساٿين سان گڏجي مڪي آيو ۽ مشرڪن کي فتح احد جي مبارڪ ڏنائين، ۽ مڪي ۾ ئي قريش جو مهمان ٿي ريهو. ابو سفيان بن خالد اتي پُڏو تہ سلافہ بنت سعد بن طلحہ بن ابي طلحہ جو مڙس ۽ ٻہ پُٽ بدر جي جنگ ۾ قتل ٿي ويا آهن ۽ سلافہ انجام ڪيو آهي تہ منهنجي پُٽن جي قاتل عاصم بن ثابت جو سِر جيڪو آڻي ڏيندو ان کي سئو اٺن جو ڏيندیس ۽ عاصم جي کوپريءَ کي پيالو ڪري ان ۾ شراب پيئندیس.

ابو سفيان بن خالد سئو اٺن جي لالچ ۾ هڪ منصوبو رِڇيو تہ ڪيئن بہ ڪري عاصم بن ثابت کي قتل ڪري، سندس سِر سلافہ جي حوالي ڪجي، پوءِ پنهنجي قبيلي جا ست معتبر ماڻهو چوندي مديني ڏانهن روانا ڪيائين. اهي ست ئي ماڻهو مديني منوره ۾ حضرت ثابت ابن افلح وٽ اچي مهمان ٿيا، جيڪو عاصم جو والد هو. ستن ئي جڻن حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي پنهنجي اسلام آڻڻ جو اظهار ڪيو. وري بہ ٿي ڏينهن رهي عاصم بن ثابت سان دوستي رکي تمام گهڻي محبت ڏيکاريائون. عاصم بہ مهمان سمجهي، سندن ڏاڍي خاطرداري ڪئي ۽ مهمان نوازيءَ جا حق ادا ڪيا.

پوءِ منصوبي موجب هنن حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دربار ۾ عرض ڪيو تہ: اسان جا ٻيئي قبيلا 'عضل' ۽ 'فاره' بہ مسلمان ٿيا آهن، انهن کي شوق آهي تہ اسلام جا احڪام سکن ۽ قرآن ڪريم پڙهن،

تنهنڪري اسان کي تمام سُنا عالم ۽ قاري ڏيو تہ اسان جي قبيلن کي هلي اسلام جا احڪام سيکارين. خاص ڪري عاصم بن ثابت کي اسان سان گڏ موڪليو جو هو انهي ڪم لاءِ هر طرح لائق آهي.

پاڻ سڳورن سندن عرض قبول فرمائي ڏهہ اصحاب سڳورا ساڻن گڏ موڪليا. انهن مان ست اصحاب هي هئا: عاصم بن ثابت، مرثد بن ابي مرثد، خبيب بن عدي، زيد بن ابي الذئنہ، عبدالله بن طارق، خالد بن ابوالبڪره ۽ معقب بن عبيد. عاصم بن ثابت کي سندن امري ڪري موڪليائون. ڪن جو چوڻ آهي تہ مرثد کي اڳواڻ ڪيائون. باقي ٽن اصحابن جا نالا تاريخ وارن ڪين ڄاڻايا.

ڏهہ ئي اصحاب حضور صلي الله عليہ وسلم جن کان رخصت باب ٿي هٿيار پهري روانا ٿيا. رات جو پنڌ ڪندا هئا ۽ ڏينهن جو ڪنهن مخفي جاءِ تي آرام ڪندا هئا. جڏهن 'بدروه' جي منزل تي پهتا، تڏهن ستن منافقن مان هڪڙو جدا ٿيو ۽ اڳ ۾ وڃي ابو سفيان بن خالد کي خبر ڪيائين تہ ڏهہ اصحاب اچن ٿا، جن ۾ عاصم بن ثابت بہ آهي. هوڏانهن عاصم بن ثابت بہ پنهنجي رفيقن سان هلندو اچي رجيع تي پهتو. ابو سفيان بن خالد بہ سئو ماڻهو هٿيارن سان وٺي مسلمانن جي قتل ڪرڻ لاءِ نڪتو. اصحابن 'رجيع' جي چشمي تي ترسي کارڪون کاڌيون، جيڪي مديني منوره مان کنيو هئائون. پوءِ رات اتي ئي آرام ڪري، صبح جو وڃي جبل جي چوٽيءَ تي وينا. قبيلي الحيال جي هڪ عورت ڏڻ چاريندي رجيع تي پهتي تہ ڪتل جون ككڙيون ڏٺائين، سڃاتائين تہ سنهيون ۽ ننڍيون ككڙيون مديني منوره جون اهن. ابو سفيان بہ پنهنجي لشڪر جا بہ سئو ماڻهو وٺي اُتي اچي نڪتو. انهيءَ عورت ٻڌايس تہ مديني جا ماڻهو هتي آيل آهن، ۽ هي آهن سندن ڪتل جون ككڙيون. اهو ٻُڌي منافق پيرو ڪٽي وڃي

مسلمانن تي ڪڙڪيا. اُهو منافق جيڪو ڪائنئن ڇڇي ويو هو. تنهن کي ڪفارن جي اڳ ۾ ايندو ڏسي، اصحابن سهي ڪيو تہ هي خيري نہ آهن. خالد بن ابي البڪره، عاصم بن ثابت کي چيو تہ: تنهنجي مهمان اسان کي دوکو ڏنو. عاصم بن ثابت جواب ڏنو تہ: تنهنجي ڳالهہ سچي آهي، پر تيار ٿيو ۽ مڙس ٿي مقابلو ڪريو. سفيان بن خالد اصحابن کي چيو تہ: اجايو پاڻ کي نہ مارايو. پر اسان جي حوالي ٿيو تہ توهان کي امان ڏيون. عاصم چيو تہ: اسان عهد ڪيو آهي تہ ڪنهن بہ ڪافر جي امان قبول نہ ڪنداسين ۽ نہ وري توهان جي هٿ ۾ هٿ ڏينداسين. ائين چئي تيرن جو مينهن ڪفارن تي وسايائون. تير ختم ٿي ويا تہ وري نيزن سان مقابلو ڪيائون. نيزا ڀڳا تہ وري تلوارن سان مقابلو ڪيائون. مقابلو ڪندي عاصم بن ثابت شهادت کي رسيو. شهادت وقت عاصم دعا گهُري تہ: مولیٰ سائين، منهنجو بدن ڪفارن کان محفوظ رک، جو سلاڻہ عهد ڪيو آهي تہ منهنجي ڪوپريءَ ۾ شراب پيئندي. سندس دعا قبول پئي ۽ يڪدم جبل مان ڏينہُن جو لشڪر نڪتو. جن سندس بدن جي حفاظت ڪئي. ڪفارن تمام گهڻي ڪوشش ڪئي تہ عاصم جو سِر ڪپي سلاڻہ کي ڏئي سئو اُٺن جو وٺن. مگر ڪامياب ن ٿيا. جيڪو بہ عاصم جي ويجهو پيو وڃي، تنهن کي ڏينيو وڪوڙي ٿي ويا. ڪافرن چيو تہ ڇڏيو تہ پلي رات ٿئي ۽ ڏينيو ٿرن تہ پوءِ سِري ڪپيندا سين. رات جو الله تعاليٰ هڪ 'سِيرَ چَر' موڪلي، جا عاصم بن ثابت جو جسم کڻي وئي. ڪفارن نابڪارن جي بي حرمتيءَ کان الله تعاليٰ کيس امان ڏني.

ڇهہ اصحاب ٻيا بہ شهيد ٿي ويا. باقي خبيب بن عدي، عبدالله بن طارق ۽ زيد بن الدثنہ ڪافرن جي امان ۾ آيا ۽ جبل تان لهي آيا. پر ڪافرن پنهنجو انجام نہ پاڻيو ۽ ڪمانن جي زهن سان انهن جا هٿ

ٻڌائون. عبدالله بن طارق ڪنهن حيلي سان هٿ ڇڏائي پنهنجي تلوار ڪڍي ڪفارن تي حملو ڪيو. آخر ڪفارن ڪيس شهيد ڪري ڇڏيو. باقي ٻه اصحاب خبيب ۽ زيد وڃي ٻچيا، تن کي ڪافرن ونڻي وڃي مڪي معظمہ ۾ قريشن وٽ وڪڻي ڇڏيو. قريشن انهن کي قيد ۾ وجهي ڇڏيو. جڏهن محرم جا مهينا گذري ويا، تڏهن کين 'تنعيم' وٽ ونڻي (جيڪو حرم کان ٻاهر آهر آهي، جتان حاجي عُمره جو احرام ٻڌندا آهن) وڃي ڦاسي ڏئي ڇڏيائون. ڦاسيءَ کان اڳ خبيب، ڪفارن کي چيو تہ: مون کي مهلت ڏيو تہ ٻه رڪعتون نماز جون پڙهان، جنهن جي کيس مهلت ڏنائون. خبيب ٻه رڪعتون نماز پڙهي ڪفارن کي بددعا ڪئي. ڦاهي اچڻ وقت هُن منهن قبلہ ڏي ڪيو تہ ڪافرن ڦيرائي منهن مديني ڏي ڪيس، هُن چيو: فَاَينَا تُوَلُّو فَثَمَّ وَجهُ اللهِ ڪافرن چيس تہ: اسلام کان ڦِر تہ توکي ڇڏي ڏيون. چيائين تہ: قسم خدا جو ساري دنيا جي حڪومت ملي تہ بہ اسلام کان نہ ڦرندس، پوءِ دعا گهريائين تہ: منهنجا مولیٰ، هتي ڪوبہ ڪونهي، جيڪو منهنجو حال حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي پهچائي. زيد بن اسلم روايت ٿو ڪري تہ آءُ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي مجلس ۾ وينو هئس تہ مٿن وحي نازل ٿيو. فرمايائون: وَعَلَيکُ السَّلاَمُ وَرَحمَتُ الله وَبَرکاتُہ پوءِ اصحابن کي فرمايائون تہ قريشن خبيب کي شهيد ڪيو آهي. جڏهن جبرئيل عليہ السلام چيو تہ خبيب توهان ڏي سلام موڪليا آهن، تڏهن جوب موڪليومانس. چاليهن ڪفارن حضرت خبيب کي ڦاسيءَ تي تير هنيا، پر هو شهادت جو ڪلمو پڙهندي شهيد ٿي ويو.

جڏهن زيد جو وارو آيو تہ اُن کي بہ گهٽو ئي سمجهايائون، پر هن بہ ساڳيا خبيب وارا جواب ڏنا. ڦاسيءَ کان اڳي نماز ادا ڪيائين. پوءِ صفوان بن اميہ پنهنجي غلام نطاس کي چيو، جنهن زيد کي شهيد ڪيو.

حضرت خبيب کي سوريءَ تي چاڙهي ڇڏي ڏنائون تہ پلي عربن جي قبيلن ۾ سندس خبر مشهور ٿئي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي خبر پئي تہ پاڻ فرمايائون تہ: آهي ڪو جو خبيب کي ڦاسيءَ تان لاهي بهشت کٽي! حضرت زبين ابن العوام ۽ مقداد بن الاسواد تيار ٿيا. خبيب کي سهيد ٿئي چاليهہ ڏينهن گذري ويا هئا، پر هنن وجي ڏٺو تہ جڙ هينئر شهيد ٿيو آهي، خون سندس بدن مبارڪ مان پئي ٽميو. لاش کي ڦاسيءَ تان لاهي، گهوڙي ري وجهي، ٻيئي رفيق پوئتي موٽيا. هوڏانهن ڪافرن کي ٻہ خبر پئي تہ خبيب جو لاش مسلمان کڻي ويا. ستر سُوار يڪدم تيار ٿي، هنن جي پويان ويا. جڏهن ويجهو آيا تہ حضرت زبير، حضرت خبير کي لاهي زمين تي رکيو تہ زمين سندس بدن ڳهي ويئي، انهي ڪري مٿس بَلِيعُ الاَرضُ (زمين جو ڳٽل) نالو رکيائون. جڏهن ڪفار ويجهو آين تہ حضرت زبير للڪارين: مان زبين بن العوام آهيان، منهنجي ماءُ صفيہ بنت عبدالمطلب آهي. هي ٻيو منهنجو رفيق مقداد بن الاسود آهي، اسين ٻيئي شينهن آهيون، مقابلو ڪرڻو اٿوَ تہ پلي ڪريو! ڪفار اهو ٻُڌي واپس هليا ويا.

سفيان بن خالد جو قتل: سفيان بن خالد، رجيع چشمي واري واقعي کان پوءِ وري ٻہ ڪيترا ماڻهو گڏ ڪري حضور صلي الله عليہ وسلم جن سان جنگ ليا تيار ٿيو. جڏهن اها خبر حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي پهتي، تڏهن عبدالله انيس رضہ کي حڪم فرمايائون تہ: سفيان بن خالد کي ڪنهن ٻہ طرح سان وجي قتل ڪر. عبدالله، سفيان کي ڪونہ سُجاڻندو هو. تنهنڪري حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي چيو تہ: توهان جي شان مبارڪ ۾ جيڪڏهن ڪجهہ چوان تہ معاف فرمائيندا؟ حضور صلي الله عليہ وسلم جن کيس اجازت ڏني. عبدالله منزلون ڪندو 'بطن ارنہ' ۾ پهتو تہ ڏٺائين هڪ وڏو ٽولو هڪ سردار جي اڳواڻي هيٺ ٻيو وجي. سُجاتائين تہ

اهو سفيان بن خالد آهي، سو وڏي وڃي ساڻن مليو. عبدالله کان سفيان احوال پڇيا. عبدالله چيو تہ: بنو خزاعہ قبيلي جو آهيان، ٻُڌو اٿم تہ تون محمد (صلي الله عليہ وسلم) سان لڙائي لاءِ لشکر ڳنو ٿو ڪرين. مان بہ خيال ڪيو تہ تنهنجي لشکر ۾ شامل ٿي محمد (صلي الله عليہ وسلم) سان جنگ ڪريان، جو اسان جي ابن ڏاڏن جي دين ۾ اچي وڃوڙِوڏو اٿس. پوءِ سفيان جي تعريف ۾ بيت پڙهيائين. سفيان ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڪيس پنهنجي لشکر ۾ شامل ڪيائين.

رات جو سفيان پنهنجي طنبو ۾ وڃي سُتو. سندس سپاهہ بہ وڃي آرامي ٿيو. رات جو عبدالله وجهہ ڏسي سندس طنبو ۾ گهِڙي ويو ۽ تلوار سان سندس سِر ڳچي مديني جي واٽ ورتائين. ڏينهن ٿئي تہ ڪنهن غار ۾ وڃي لِڪي ۽ رات جو پنڌ پئي. ائين ڪندي اچي مديني منوره ۾ پهتو. ان وقت حضور صلي الله عليہ وسلم جن مسجد ۾ هئا. عبدالله بہ اتي پهچي، ملعون جو سِر ڪٽي سندن آڏو ڦِٽو ڪيو. هوڏانهن سفيان جا ماڻهو بہ عبدالله جي پويان گهٽو ڊوڙيا پر هٿ ڪونہ آين. حضور صلي الله عليہ وسلم جن الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪيو جو اسلام جو دشمن جهنم رسيد ٿيو. پوءِ پنهنجي عصا (لٺ) مبارڪ عبدالله کي عطا ڪيائون ۽ فرمايائونس: يَحضُر بِہِ الجَنَّتُ (هن عصا سان عبدالله بهشت ۾ حاضر ٿيندو). اها عصا عبدالله هميشہ پاڻ سان رکندو هو. وفات وقت وصيت ڪيائين تہ اِها عصا منهنجي ڪفن ۾ ويڙهي مون سان گڏ دفن ڪجو. سندس وصيت بجا آندي ويئي.

ابو سلمہ جو جٿو

سنہ 4 هجري جو ٿيون مشهور واقعو سلمہ جي جٿي وارو آهي، جنهن جو تفصيل هن ريت آهي: حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي خبر پئي تہ

اسد جا ۾ شخص طلحہ ۽ سلحہ بن اسد، لشکر گڏ ڪري، مديني تي چڙهائي ڪرڻ جو ارادو ڪري رهيا آهن. حضور صلي الله عليہ وسلم جن ابو سلمہ بن عبدالله مخزومي کي پنجاهہ ماڻهو ڏئي، انهن جي بيخ ڪنيءَ لاءِ موڪليو. ابو سلمہ سان نامور اصحاب ۾ شامل هئا، جهڙوڪ عبيده بن الجراح، سعد بن ابي وقاص، اسيد بنالجحضير ۽ ٻيا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن ابو سلمہ کي وصيت ڪئي تہ دسمن جو اسان تي اچي ڪڙڪن انهن کان اڳ توهان مٿن ڪاهي وڃو ۽ ماري لُٽي اچونِ. ابو سلمہ، وليد زهير طائي کي سونهون ڪري ڪنيو ۽ وڃي ابو اسد جي پاڻي تي لٿا، جيڪي ۾ اتي ماڻهو هئا انهن کي قيد ڪيائون ۽ مال مويشي ڦري پنهنجي قبضي ڪيائون. انهن مان ڪي ڀڄي وڃي پنهنجي قوم کي خبر ڪئي تہ مسلمانن جو لشکر اچي ڪڙڪيو اهي. ڪفار تيار تي جنگ لاءِ آيا. صفون ٻڌي حملو ڪيائون. ابو سلمہ مسلمانن کي للڪاريو ۽ جنگ لڳي. سعد بن ابي وقاص هڪڙي ڪافر کي قتل ڪيو ۽ ءيا ڀڳا. مسلمانن وڃي سندن گهر لُٽيا، مال هٿ ڪيا ۽ سالِماً غَالِباً (سلامتي سان غنيمت) حاصل ڪري مديني موٽي آيا.

ٻير معونتہ تي ستر قارين جو قتل

سن 4 هجري جو اهو واقعو هن طرح آهي تہ ابو براء بن عامر بن مالڪ بن جعفر قبيلہ نجد مان مديني آيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دربار ۾ پهتو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کيس اسلام جي دعوت ڏني. ابو براء نہ انڪار ڪيو تہ نہ اقرار ڪيائين. عرض ڪيائين تہ: توهان جو دين تمام سنو آهي، منهنجي قسمت ڇڱي هوندي تہ مان ۾ اسلام قبول ڪندس، مگر جيڪڏهن توهان پنهنجا اصحاب ساڻ ڏيو تہ منهنجي قوم ۽

قبيلي ۾ هلي دين جي تبليغ ڪن، مون کي اميد آهي تہ اهي بہ اسلام قبول ڪندا ۽ توهان جو دين ترقي ڪندو. پاڻ فرمايائون تہ: نجد جي ماڻهن کان انديشو آهي تہ متان اسان جي اصحابن کي نقصان پهچائين. ابو براء چيو تہ مان انهن جي حفاظت ڪندس، توهان خاطري ڪجو.

پاڻ سڳورن ستر اصحاب چونڊيا، جهڙوڪ: منذر بن عمرو ساعد بن حرام ۽ سلمہ، ٽيئي ملحان جا پُٽ، حارث بن صمہ، عامر بن فهيره، حڪم بن ڪيسان، سهل بن عامر، طفيل بن سعد، اسعد بن معاويہ، رافع بن نافع، هذيل عدتہ الصوت، عطيہ بن عبد عمرو، مالڪ بن ثابت، عمرو بن ضمري، ڪعب بن زيد ۽ ٻيا. انهن جو سالار منذر بن عمرو کي فرمايائون. هڪ خط نجد جي رئيس ۽ بني عامر کي لکي موڪليائون.

اصحاب منزلون ڪندا بير معونتہ تي پهتا، اُٺ چرڻ لاءِ عمرو بن اميہ ضمري ۽ حارث بن صمہ کي ڏنائون تہ چاري اچن. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو خط حرام بن ملحان جي حوالي ڪيائون تہ عامر بن طفيل بن مالڪ، جيڪو پائيٽو ابو براء عامر بن مالڪ جو هو. انهي کي وڃي ڏي. حرام ٻہ سنگتي ٻيا بہ پاڻ سان وٺي ويو. سهر جي ويجهو وڃي رفيقن کي چيائين: توهان هتي بيهو، جيڪڏهن مون کي امانُ ڏنائون تہ پوءِ توهان بہ هليا اچو ۽ جيڪڏهن مون کي قتل ڪيائون تہ موٽي وڃي پوين کي خبر ڪجو.

حضرت حرام رضہ، عامر بن طفيل سان وڃي مليو، خط ڏنائينس مگر هن ملعون خط نہ پڙهيو ۽ حضرت حرام کي نيزو هڻي شهيد ڪري ڇڏيو ۽ بنو عامر کي مسلمانن جي مقابلي لاءِ گهرايو. مسلمانن جڏهن ڏٺو تہ هي جنگ لاءِ سنيري آيا آهن، تڏهن مٿن تير وسايائون ۽ لڙائي ڪندي سيئي اصحاب سڳورا شهيد ٿي ويا. باقي جيڪي بہ اصحابہ عمرو بن اميہ ضمري

۽ حارث بن الصمہ اُٺ چارڻ ويا هئا، سي بچي ويا، پر جڏهن موٽي اچي پنهنجي رفيقن کي شهيد ٿيل ڏٺائون، تڏهن عمرو چيو تہ: هلي مديني منوره ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي سارو احوال عرض ڪريون. پر حارث ابن الصمہ، چيو تہ: يارن سان گڏ شهيد ٿيڻو اٿم، ائين چئي ڪافرن تي حملو ڪيائين. ٻن ڪافرن کي جهنم رسيد ڪري پاڻ بہ شهيد ٿي ويو. عمرو کي قيد ڪيائون، پر عامر بن طفيل کيس آزاد ڪيو ۽ هو مديني ڏي روانو ٿيو. رستي ۾ بني عامر جا بہ ڪافر گڏيس، جي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جا حليف هئا. عمرو کي اها خبر نہ هئي، تنهنڪري هو سمهي رهيا تہ ٻنهي قتل ڪري مديني اچي پهتو ۽ سمورو احوال حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ عرض ڪيائين. حضور صلي الله عليہ وسلم جن امانُ ڏنل مشرڪن جي قتل جي خبر ٻُڌي کيس تنبيهہ ڪئي ۽ خون بها سندن وارثن کي پهچائڻ جي هدايت ڪئي، پوءِ پاڻ سڳورن عامر کي بددعا ڪئي اَللّٰهُمَّ اَكْفِنِى عَامِراً (اي الله عامر کان مون کي ڪفايت ڪر). پوءِ عامر کي طاعون جي بيماري ٿي. تمام گهڻو پريشان ٿيو. گهوڙي تي چڙهيو تہ گهوڙي جي پُنيءَ تي ئي روح پرواز ڪري ويس. ابو براء بن عامر بن مالڪ کي پنهنجي پائٽي جي بدسلوڪيءَ جو اهڙو ڏک ٿيو جو بيمار ٿي مري ويو.

غزوه بنو النضير

سن 4 هجري جو پنجون مشهور واقعو 'غزوه بنو النضير' آهي، جنهن جو تفصيل هن طرح آهي تہ عمرو بن اميہ، عامري قبيلي جي ٻن مشرڪن کي غلطيءَ سان قتل ڪيو هو جيڪي حليف هئا ۽ انهن کي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي طرفان امانُ مليل هئي. انهن جي خون بهار پڻ ادا ڪرڻي هئي. جيئن بنو عامر جو مسلمانن سان عهدنامو ٿيل هو. تيئن بنو

النضير يهودين سان، تنهنکري انهن جي خون بها گڏي پرٽي هئي. انهيءَ خيال کري حضور صلي الله عليہ وسلم جن پنهنجي معتبر اصحابن سان گڏجي بنو النضير وٽ ويا تہ هو بہ خون بها پري ڏيڻ ۾ مدد ڪن. حضور صلي الله عليہ وسلم جن سان حضرت صديق اڪبر، حضرت عمر، حضرت عثمان، حضرت علي رضہ، زبير رضہ، طلحہ رضہ، سعد رضہ، معاذ رضہ، اسيد بن حضير رضہ ۽ سعد بن عباده رضہ هئا.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن يهودين جي معتبرن کي گهرائي خون بها پري ڏيڻ جي مدد طلب ڪئي. انهن چيو تہ جيئن توهان فرمائيندا تيئن ڪنداسين، پر ترسو تہ توهان جي مهمانيءَ جو بندوبست ڪريون. حضور صلي الله عليہ وسلم جن هڪ ٻِٽ کي ٽيڪ ڏيئي ليٽي پيا. يهودي سيئي وجي هڪ هنڌ گڏ ٽيا. حيّ بن اخطب يهودي چيو تہ: هن کان وڌيڪ موقعو هت ڪونہ ايندو ۽ نہ وري محمد (صلي الله عليہ وسلم) کان ڇُٽي سگهندئو. هڪڙو ماڻهو ٻِچت تي وجي هڪ پٿر جي ٻِچ محمد (صلي الله عليہ وسلم) جي مٿان ايلائي. محمد (صلي الله عليہ وسلم) ٻِچ جي هيٺان اچي مري ويندو ۽ کي سندس سنگتي بہ مرندا، عمر تائين ڇُٽي پونداسين. عمر بن معونہ يهودي چيو: اهو ڪم مان ٿو ڪريان. سلام بن مشڪم کين منع ڪئي تہ: هو سچو رسول آهي، هن کي يڪدم جبرئيل توهان جي منصوبي جي خبر ڪندو. تنهنکري عهد ٽوڙڻ جي انهيءَ ٻُڇڙي سازش کان باز اچو. يهودين اها ڳالهہ نہ مڃي. هنن پورو انتظام ڪيو تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي مٿان ٻِچ ڪيرائين. حضرت جبرئيل، ان مهل ئي حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي سڃي سازش کان واقف ڪيو. پاڻ سڳورا ڪچهريءَ مان اُٿيا، ۽ سڌو مديني منور هليا آيا. اصحابن کي اها خبر ئي ڪانہ هئي، تنهنکري اهي بہ گهٽي انتظار بعد هليا آيا.

ڪنانہ هڪ داناءُ يهودي هو. تنهن يهودين کي چيو تہ: ٻڌايو تہ محمد (صلي الله عليہ وسلم) ڇو اُٺي ويو؟ هنن چيو تہ: الائي ڇو ويو. اسان تہ بلڪل مخفي نموني سان منصوبو رِڇيو هو. ڪنانہ چيو تہ: اي بيوقوفو! محمد (صلي الله عليہ وسلم) سچو نبي آخرالزمان آهي. سندس وصف تورات ۾ آهي. مٿس جبرئيل نازل ٿئي ٿو. توهان جي منصوبي جي الله تعاليٰ کيس خبر ڏني هوندي. هاڻي توهان جي لاءِ بہ رستا آهن يا سندس دين قبول ڪري مٿس ايمان آڻيو. يا هن ملڪ مان نڪري هليا وڃو. يهودين چيو: اسان مٿس ايمان ڪونہ آڻينداسين، باقي ملڪ ڇڏيندا سين.

اصحاب جڏهن مديني ۾ آيا تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن کين منصوبي جو سمورو احوال ٻڌايو ۽ محمد بن مسلمہ کي بني النضير ڏي موڪليائون تہ ڏهن ڏينهن جي اندر هتان نڪري وڃو. ان بعد جيڪو بہ رهيو. تنهن کي قتل ڪيو ويندو. يهودين اهو ٻُڌي لڏڻ لاءِ تياري ڪئي. جڏهن اها خبر عبدالله بن ابي بن سلول منافق کي پهتي، تنهن ڇورائي موڪليو تہ: متان لڏيو! توهان پنهنجي جاين ۾ آرام سان وينا هجو. جيڪڏهن محمد (صلي الله عليہ وسلم) توهان سان مقابلو ڪيو تہ آءُ بہ هزار جنگي جوان توهان جي مدد لاءِ آڻيندس. هن جو اهو ڏڻو ٻُڌي يهودي خوش ٿي ويهي رهيا ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڏانهن ڇورائي موڪليائون تہ: اسان پنهنجو وطن ڪونہ ڇڏيندا سون، توهان کي جيڪي ڪرڻو آهي سو ڪريو. اهو جواب ٻُڌي حضور صلي الله عليہ وسلم جن اصحابن کي جهاد جي تياريءَ جو حڪم فرمايو. پوءِ ابن ام مڪتوم کي مديني ۾ خليفو مقرر ڪري، لشڪر جو جهنڊو حضرت علي رضہ کي ڏيئي روانا ٿيا.

يهودين کي مسلمانن جي چرهائي جي خبر پئي تہ يڪدم وڃي قلعي ۾ لِڪا ۽ دروازا بند ڪري ويهي رهيا. رات جو پٽر پٽر وغيره مسلمانن تي پئي اڇلايائون. حضور صلي الله عليہ وسلم جن سومهٽيءَ جي نماز پڙهي طنبوءَ ۾ آراميا. 'غزورا' نالي هڪرو يهودي تمام مشهور بهادر هو. تنهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي طنبوءَ ڏي تِير اڇلايو. جيڪو طنبوءَ کي اچي لڳو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: طنبو ٻيءَ جاءِ تي کوڙيو وڃي. سڃي رات يهودين کي گهيرو ڪيو ويو. انهي وچ ۾ حضرت علي رضہ ڪاڏي هليو ويو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: علي رضہ جي سنيال ڪريو. اصحابن حضرت علي رضہ کي ڳوليو. مگر ڪونہ ڏٺائون. ڳچل رات جو گذريو تہ حضرت علي رضہ هڪ سِري اچي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي آڏو اڇلائي، ۽ عرض ڪيائين تہ: هي آهي سِرُ انهي ملعون جو. جنهن اوهان جي طنبوءَ ڏي تِير اڇلايو هو. مون کي پڪ هئي تہ 'غزورا' پنهنجي طاقت جي غرور ۾ رات جو وجهہ وٺي، ضرور اسان جي لشکر تي حملو ڪندو. تنهنڪري مان بہ لِڪي سندس انتظار ۾ ويٺس تہ هو بہ نَوَن ڇٽن سان تلوار اگهاڙي ڪيو نڪتو. مون حملو ڪري تلوار جو اهڙو وار ڪيومانس جو سِر ڌڙ کان جدا ٿي ويس. سندس سِر ڪٽي اچي حاضر ٿيو آهيان. هو نَوَ ڇٽا منهنجي پويان لڳا آيا، پر مان کانئن نڪري آيس. جيڪڏهن ٻيا بہ ڪي همراهہ مون کي ڏيو تہ اسان انهن نَوَن کي بہ پورو ڪري اچون. حضور صلي الله عليہ وسلم جن ابودجانہ رضہ، سهيل بن حنيف ۽ آٺ ٻيا بهادر مڙس حضرت علي رضہ سان گڏ موڪليا، جن يهودين کي ڪوٽ جي دروازي وٽ وڃي لڌو ۽ مٿن حملو ڪري سيني کي جهنم ڏي روانو ڪيائون. پوءِ سندن سِر ڪپي حضور صلي الله عليہ وسلم جي آڏو آندائون. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: هنن پليدن جون سِريون

ٽنگي ڇڏيو. ابو ليلي مازني ۽ عبدالسلام کي حڪم فرمايائون ته يهودين جون ڪجيون وغيره ڪپي ڇڏيو!

يهودين عبدالله بن ابي بن سلول جو انتظار ڪيو ته اِجهو ٿو ٻه هزار جنگي جوڌا مدد لاءِ موڪلي، پر هن منافق مات ڪري وينِي پوءِ ڏنو. يهودي ٻه سمجهي ويا ته ابن ابي سلول جو رڳو اجايو ڏٽو هو. تنهنڪري پنهنجي ڪِئي تي پشيمان ٿي، حضور صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ قاصد موڪليائون ته: اسان کي امانُ ملي ته ملڪ ڇڏي هليا وڃون. حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته: هٿيار ڇڏي باقي جيڪو سامان وهٽن تي کٽي سگهو. سو کٽي هليا وڃو. پوءِ يهودي ڇهه سئو اُٺ سامان جا پري، ڪي شام ڏي ويا ته ڪي خيبر ڏانهن ۽ ڪي وري ٻين ملڪن ڏي ويا. باقي مال مويشي، زمينون وغيره حضور صلي الله عليه وسلم جن جي حوالي ڪيائون. ڪن روايتن ۾ آهي ته بنو النضير جا هٿيار ٻه هٿ آيا: پنجاهه زرهه، پنجاهه خود ۽ ٽي سئو چاليهه تلوارون. زمينن ۽ باغن مان هڪ سال لاءِ نفقه ۽ خرچ پنهنجي لاءِ مقرر ڪري، باقي مال غنيمت لاءِ حضور صلي الله عليه وسلم جن انصارن کي فرمايو ته: توهان کي آفرين هجي جو پنهنجي مهاجر ڀائرن جي مدد ڪيوَ. هاڻي هي مال بنو النضير جو توهان جي حوالي آهي. انصارن جي طرفان حضور سعد بن معاذ ۽ سعد بن عباده چيو ته: سائين، اهو مال مهاجرن کي ڏيو جيڪي ويچارا مڪي معظمه ۾ پنهنجون زمينون ۽ گهر گهاٽ ڇڏي آيا آهن، پلي ته هو ٻه پنهنجيءَ وارا ٿين. سيني انصارن ٻه اها راءِ ڏني. تڏهن حضور صلي الله عليه وسلم جن نهايت خوش ٿيا ۽ انصارن جي حق ۾ دعا گهريائون ته: اَللّٰهُمَّ اَرحَمَ الاَنصَارَ وَاَبنَاءَ الاَنصَارِ وَاَبنَاءَ اَبنآءِهِم (اي مولیٰ، انصارن ۽ انصارن جي پُٽن پوٽن تي رحم فرماءِ). پوءِ سمورو مال مهارجن ۾ تقسيم ڪيائون.

انصارن مان سهيل بن حنيف ۽ ابودجانہ کي بہ مال غنيمت مان ڏنائون. ابن ابي الحقيق يهودي جي تلوار تمام عمدي ۽ مشهور هئي. اها سعد بن معاذ کي عطا ڪيائون.

حضرت امام حسين رضہ جي ولادت

سن 4 هجري جو ڇهون مشهور واقعو آهي حضرت امام حسين رضہ جي ولادت باسعادت. هڪ ڏينهن صبح جو نماز پڙهي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جيئن ئي منهن مبارڪ جماعت ڏي ڪيو تہ سندن نظر حضرت علي المرتضيٰ تي پئي. ڪيس مبارڪباد چئي پاڻ سان ٻاهر وٺي آيا. اصحاب حيرت ۾ پئجي ويا تہ اها ڪهڙي مبارڪ آهي! پاڻ سڳورا فاطمتہ الزهره جي حجره ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ حضرت علي رضہ کي ٻاهر بيهاري پاڻ سڳورا اندر ويا ۽ گهڙي کن کان پوءِ ٻاهر اچي حضرت علي رضہ کي فرزند ارجمند امام حسين رضہ جي تولد ٿيڻ جي مبارڪ ڏنائون.

سن 4 هجري جاڪي ٻيا واقعا

انهيءِ سال حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو ڏُهٽو ۽ حضرت عثمان رضہ جو فرزند حضرت عبدالله وفات ڪري ويو. انهيءَ سال ام سلمہ جو مڙس ابو سلمہ بن عبدالاسد مخزومي وفات ڪري ويو. ام سلمہ عدت گذرڻ بعد حضور صلي الله عليہ وسلم جن سان شادي ڪئي ۽ امهات المومنين جي زمره ۾ داخل ٿي.

غزوه بدر صغريٰ

احد جي جنگ کان موٽڻ بعد ابوسفيان، مسلمانن کي چيو هو تہ ايندڙ سال توهان سان بدر ۾ صفائي ڪنداسين. حضور صلي الله عليہ وسلم جن بہ جواب ۾ فرمايو هو تہ: بيشڪ، ايندڙ سال بدر ۾ صفائي ڪنداسين. تنهنڪري ابوسفيان مڪي ۾ اچي، جنگ لاءِ سارو سال تياري پئي ڪئي. اوسي پاسي جا قبيلا بہ پاڻ سان ملائي، پوري طرح لشڪر تيار ڪيائين. هوڏانهن مديني منوره ۾ مسلمانن بہ مڪمل تياري ڪري ڇڏي هئي. اتفاق سان نعيم بن مسعودا شجعي مديني کان مڪي آيو. ابو سفيان ساڻس ملاقات ڪئي ۽ مسلمانن جو احوال پڇيائين. هن جواب ۾ چيس تہ: مسلمان تمام وڏي تياري ۾ آهن. سامان اسباب، هٿيار پنوهار، اُٺ گهوڙا تمام گهٽا جمع ڪيا اٿن. ابو سفيان چيو تہ: اسان بہ تمام وڏي تياري ڪئي آهي، پر هن سال اسان وٽ قحط آهي، پورو اناج ڪونہ آهي جو لشڪر لاءِ کڻجي. نعيم کي چيائين تہ تون موٽي جڏهن مديني وڃين تہ مسلمانن کي اسان جي طرفان ڊپ ڏجئين تہ قريشن توهان لاءِ وڏو لسڪر سنباهيو آهي، توهان لاءِ ڇڪو ائين آهي تہ مديني کان ٻاهر نہ نڪرو. جيڪڏهن تو اسان جو ڪم ڪيو تہ توکي عمدا اُٺ ڏينداسين. ابو سفيان، اُنن ڏيڻ جي وعدي لاءِ ضامن ڏنو.

نعيم موٽي مديني آيو ۽ جيئن ابوسفيان سمجهايو هئس، تيئن حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي ٻڌائي صلاح ڏنائين تہ: توهان لاءِ بهتر اها ڳالهہ آهي شهر کان ٻاهر نہ نڪرندئو. مسلمانن جعيم جي ڳالهہ تي ويساهہ آڻي مديني کان ٻاهر نڪرڻ پسند نہ ڪيو ۽ صلاح ڪيائون تہ احد ۾ وياسين تہ شڪست کاڏيسين، تنهنڪري مديني ۾ وينا هجون، دشمن آيو تہ پوءِ ڏنو ويندو.

حضرت صديق اڪبر ۽ عمر فاروق رضہ ٻنهي اصحابن حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ ويجي ڪين حال احوال ڪان واقف ڪيو. پاڻ سڳورن فرمايو تہ: آءُ پنهنجي وعدي جي وفائي ڪندس. ضرور بدر ڏي ويندس، پوءِ احد وارا اصحاب مون سان هلن يا نہ هلن. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو اهو ارادو ٻُڌي سيئي اصحاب تيار ٿي ويا، ۽ چيائون تہ: اسان جا سِرَ ۽ مال حضور صلي الله عليہ وسلم جن تان قربان آهن. عبدالله رواح ڪي مديني ۾ خليفو مقرر ڪري، لشڪر جو جهنڊو حضرت علي رضہ ڪي ڏنائون. لشڪر ۾ پندرهن سَوَ اصحاب ۽ ڏهہ گهوڙا شامل هئا. ڪِن ايڏائي هزار تعداد چيو آهي. واپار جو سامان بہ گهٽو ڪنيائون، جو بدر ۾ ميلو بہ لڳندو هو. ذوالقعده جي پهرين تاريخ بدر ۾ اچي لٿا. ميلو لڳو پيو هو. سيڪنهن واپاريءَ کي جهجهو نفعو ٿيو. مسلمان اَٺ ڏينهن بدر ۾ رهي پيا. پر مشرڪ ڪوبہ آيا، تنهنڪري مديني موٽي آيا. اتي هيءَ آيت نازل ٿي:

فَٱنقَلَبُواْ بِنِعۡمَةٖ مِّنَ ٱللَّهِ وَفَضۡلٖ لَّمۡ يَمۡسَسۡهُمۡ سُوٓءٞ وَٱتَّبَعُواْ رِضۡوَٰنَ ٱللَّهِۗ وَٱللَّهُ ذُو فَضۡلٍ عَظِيمٍ ﴿١٧٤﴾

ترجمو: الله تعاليٰ جي نعمت سان پوئتي موٽيا، ڪابہ تڪليف ۽ مصيبت ڪين ڪانہ پهتي. الله تعاليٰ جي رضامندي جا تابع ٿيا. الله تعاليٰ وڏي ڀلائي جو صاحب ۽ مالڪ آهي (القرآن 173:3).

هوڏانهن ابوسفيان ٻہ هزار لشڪر وٺي مڪي مان نڪتو ۽ 'مرالظهران' جي منزل تي اچي موٽي ويو. عذر اهو ڏنائين تہ ملڪ ۾ قحط آهي، تنهنڪري لشڪر لاءِ رسد ناهي. صفحان، ابوسفيان کي چيو تہ: محمد (صلي الله عليہ وسلم) سان جنگ جو وعدو ڪيئي پر پاڻيئي نہ هاڻي مسلمان وڏيڪ دلير ٿي پوندا. ابوسفيان چيو تہ: ڪجهہ سُڪر ٿي پوي تہ وري تياري ڪنداسين. ابوسفيان جي لشڪر کي انهي موقعي ۾ سَتُن کان

سواءِ ٻي غڏا ڪانہ هئي، تنهنڪري قريش هن جنگ کي 'جيش السويق' سڏيندا هئا.

غزوه ذات الرقاع

سال 5 هنجري ۾ 'غزوه ذات الرقاع' جو واقعو ٿيو جنهن جو تفصيل هن طرح آهي تہ هڪ ماڻهو گهيٽا ڪاهي مديني ۾ وٽڙ آيو ۽ مسلمانن کي خبر ڪيائين تہ بني انمار ۽ بني ثعلبہ قبيلا لشڪر گڏ ڪري، مديني تي حملو ڪرڻ لاءِ تياريون ڪري رهيا آهن. اها خبر حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي پهتي تہ پاڻ بہ جنگ لاءِ تيار ٿيا. مديني ۾ حضرت عثمان ذوالنورين کي خليفو مقرر ڪيائون. ڪي ابوذرغفاري جو نالو ڄاڻائين ٿا. پوءِ چار سئو ماڻهن سان، ڪي ست سئو چون ٿا، روانا ٿيا. منزلون ڪندي انمار ۽ بني ثعلبہ ۾ ان جاءِ تي اچي پهتا، جنهن کي 'ذات الرقاع' چيو ٿو ويو. 'رقاع' چٻبو آهي رڱيل اڇڙين کي، جيڪي قسمين قسمين جون هجن. اُتي هڪ جبل هو جنهن جو رنگ مختلف رڱيل اڇڙين جهڙو آهي. ڪن چيو تہ اُتي هڪ وڻ هو جنهن جو نالو 'ذات الرقاع' هو. ڪن جو رايو آهي تہ سيڪنهن غازيءَ مختلف رنگن جو جهنڊو ڪنيو تنهنڪري ذات الرقاع جو نالو مشهور ٿيو. انهيءَ هنڌ عورتن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ مڙس ماڻهو ڪونہ هو جو سيئي مرد اسلامي لشڪر جو ٻُڌي، جبلن جي چُرن ۾ وڃي لڪا هئا. ڪن جو رايو آهي تہ مسلمان غطفان قبيلہ جي وڏي جماعت سان وڃي ٽڪريا، مگر لڙائي ڪانہ ٿي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن هن موقعي ۾ نماز خوف جي پڙهائي هئي. نماز وقت لشڪر کي ٻہ پاڳا ڪري، هڪ کي دشمن سامهون ڪيائون ۽ ٻئي ٽولي سان اڌ نماز پڙهيائون. وري اُهو ٽولو دشمن ڏي ويو تہ پهريون ٽولو آيو جنهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن

سان نماز پڑهي. نماز خوف جي هن ڪري پڙهيائون تہ ڪفار ڪنهن ڇُر ۾ لِڪا وينا هجن ۽ نماز جي وجهہ وٽي متان اوچتو حملو ڪن. حضور صلي الله عليہ وسلم جن پندرهن ڏينهن راتيون اُتي رهيا، پوءِ مديني منوره موٽي آيا.

جنگ ذات الرقاع جو هڪ واقعو جابر بن عبدالله هن طرح روايت ڪري تہ غورث نالي بني محارب جي هڪ ماڻهوءَ پنهنجي قوم غطفان ۽ محارب کي چيو تہ توهان جي مرضي هجي تہ مان محمد (صلي الله عليہ وسلم) کي قتل ڪري اچان؟ هنن کيس اجازت ڏني، تڏهن هو سهي سنيري حضور صلي الله عليہ وسلم جن وٽ آيو. پاڻ سڳورا وينا هئا، تلوار سندن جهوليءَ ۾ هئي. غورث چيو: يار محمد (صلي الله عليہ وسلم) تولار ڏسان. فرمايائونس: پلي ڏس. تلوار جي ڪرڙيي کي ريو لڳل هو هُن تلوار کڻي لوڏي ڏسي وائسي چيو تہ: اي محمد (صلي الله عليہ وسلم) مون کان نڏو ڊڄين، منهنجي هٿ ۾ تلوار آهي؟ فرمايائون: تو کان بلڪل نڏو ڊڄان. مون کي الله تعاليٰ توکان بچائيندو. اهو ٻُڌي تلوار موڪائي حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي ڏنائين. الله تعاليٰ آيت نازل ڪئي:

يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُواْ ٱذۡكُرُواْ نِعۡمَتَ ٱللَّهِ عَلَيۡكُمۡ إِذۡ هَمَّ قَوۡمٌ أَن يَبۡسُطُوٓاْ إِلَيۡكُمۡ أَيۡدِيَهُمۡ فَكَفَّ أَيۡدِيَهُمۡ عَنكُمۡۖ وَٱتَّقُواْ ٱللَّهَۚ وَعَلَى ٱللَّهِ فَلۡيَتَوَكَّلِ ٱلۡمُؤۡمِنُونَ ﴿١١﴾

ترجمو: جنهن وقت قوم قصد ڪيو تہ پنهنجا هٿ توهان ڏي ڊگها ڪن (قتل لاءِ) توهان کان انهن جا هٿ سڪايائين. الله تعاليٰ کان خوف ڪريو. الله تعاليٰ تي ئي مومن پروسو ڪن (القرآن 11:5).

هن جنگ جو ٻيو واقعو ٻه جابر بن عبدالله روايت ٿو ڪري ته منهنجو اُٺ تمام هيٺو هو. آءُ رفيقن سان گڏجي نڪتس پر اُٺ ٽڪجي پيو. تنهنڪري سنگتي ساڻي اڳ ۾ هليا ويا. اسان جي پويان حضور صلي الله عليه وسلم جن هئا. مون کي ڏسي فرمايائون: جابر! ڇو پوئتي پيو آهين، سنگتي ڇڏي ويا اٿئي ڇا؟ عرض ڪيم: سائين، اُٺ ٽڪجي پيو آهي، هيٺو آهي، نٿو هلي. پاڻ فرمايائون: اُٺ هشايو. پاڻ ٻه پنهنجو اُٺ هشايائون. پوءِ منهنجي هٿ واري لٺ وني ٻ-ڻي چوڪون اُٺ کي ڏنائون ۽ فرمايائون ته: هاڻي ڇڙهه. اُٺ تي ڇڙهيس ته اهڙو ٻيو هلي جو حضور صلي الله عليه وسلم جن جي اُٺ کان ٻه اڳرائي پيو ڪري. آءُ اُٺ کي روڪيندو. حضور صلي الله عليه وسلم جن سان ڳالهيون ڪندو پيو هلان. پاڻ فرمايائون: جابر! اُٺ ته تمام پلو اٿئي، مون کي وڪڻي ڏيندين؟ عرض ڪيم ته: سائين توهان کي بخش ڪيم. فرمايائون ته: اسان کي تنهنجي بخشش نه کپي. چيم ته: پلا، گهڻو ڏيندئو؟ پاڻ فرمايائون ته: پائُلي. چيم: سائين، پائلي ڇا آهي، منهنجو اُٺ گهڻو لهي. آخر بها وڌائيندا ويا، تان جو اوقيه (آني سون) تي وڃي پهتا. چيم: هائو سائين، توهان کي وڪيم. پوءِ فرمايائون: جابر! شادي ڪئي اٿئي؟ چيم: هائو سائين، پر رنڊ، ڇاڪاڻ ته جنگ احد ۾ بابو شهيد ٿيو. ست نياڻيون ننڍڙيون ڇڏي ويو. پوءِ پڪي پيڻي زال پرٽيس ته چوڪرين جي پرداخت ڪري. پاڻ فرمايائون: ڇڪو ڪيئي.

جنگ کان موٽي آياسين. صبح جو اُٺ ڪاهي حضور صلي الله عليه وسلم جن جي دروازي تي ويهاري، مان وڃي مسجد ۾ وينس. پاڻ سڳورا ٻاهر نڪتا. اُٺ ڏسي فرمايائون: هي ڪنهن جو اُٺ آهي؟ حاضرين عرض ڪيو ته: جابر ڇڏي ويو آهي. پاڻ فرمايائون ته: جابر ڪٿي آهي؟ آءُ حاضر ٿيس ته فرمايائون: يَا اِبنَ اَخِی خُذْ بِرَاسِ جَمَلِکَ فَهُوَ لَکَ (اي منهنجا ڀائيٽا (پيار

ڪري)، پنهنجي اُٺ جو مٿو وٺ، هي تنهنجو آهي). پوءِ بلال رضہ کي فرمايائون تہ: جابر کي ونڊي وڃ اوقيہ سون جي ڏي. حضرت مون کي ايا بہ ڪجھ وڌيڪ ڏنو.

ساڳي جنگ جو ٻيون واقعو بہ جابر بن عبدالله کان روايت آهي تہ انهي جنگ ۾ هڪ ڪافر جي زال کي هڪ مرد مسلمان جي هٿان ڏڪ لڳو. انهي عورت جو مڙس ٻاهر ويل هو. مسلمان ذات الرقاع کان قافلو ڪيو ٿي موٽيا. رستي ۾ رات پئجي ويئي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: اڄ رات ڪير چونڪي ڏيندو؟ عمار بن ياسر ۽ عباده بن بشر عرض ڪيو تہ: اسان چونڪي ڏينداسين. عباده، عمار کان پڇيو تہ: اڳ ۾ چونڪي ڏيندي يا پوئين رات ۾؟ عمار رضہ چيو تہ: پوئين رات ۾. عباده نماز شروع ڪئي ۽ عمار سمهي رهيو. اُهو مشرڪ جنهن جي زال کي ڏڪ لڳو هو اُهو بہ وڃہ ونڊي اچي لڪي وينو. جڏهن ڏٺائين تہ هڪ ماڻهو بينو آهي، سمجهائين تہ چونڪي وارو آهي. تير هنيائين جيڪو عباده کي لڳو. هن تير ڪڍي اُڇلي ڇڏيو ۽ نماز ۾ مشغول رهيو. وري هن ٻيهر تير اڇليو، اهو بہ لڳس. پوءِ سجدي ۾ ويو. نماز پوري ڪري سنگتي کي جاڳائين، تڏهن مشرڪ ٻن کي ڏسي ڀڄي ويو. حضرت عمار کيس رت ۾ پريل ڏسي پڇيو، عباده چيو تہ: سورت ضروع ڪئي هيم، تِير پئي لڳا مان بہ ڪڍي پئي ڇڏيا. دل نہ پئي گهُري تہ سورت وچ ۾ ڇڏي ڏيان. نماز ختم ڪري توکي جاڳايم. اهو واقعو صبح جو حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي عرض ڪيو ويو. پاڻ سڳورن عباده جي حق ۾ دعا گهُري، ان بعد مديني منور ۾ آيا. برابر ٽي مهينا مديني ۾ رهيا ۽ ربيع الاول تائين ٻاهر ڪونہ نڪتا.

غزوه دومتہ الجندل

'دومتہ الجندل' جبل آهي، جيڪو ڪوفي کان ڏهہ منزلون آهن. شام ۽ دمشق کان ٻہ ڏهہ منزلون آهي. ڪن چيو آهي تہ قلعي جو نالو آهي، جيڪو جبل تي ٺهيل آهي. اُتي آبادي جوَن ۽ ڪتل جي ٿيندي آهي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دربار ۾ خبر آئي تہ دومتہ الجندل جا ماڻهو اهڙا ظالم ۽ رهزن آهن، جو جيڪو بہ قافلو يا ڪوبہ مسافر انهي رستي سان لنگهي ٿو تہ ڦُري ٿا ڇڏين. انهيءَ طرف جو حاڪم اڪيدر بن عبدالملڪ نصراني آهي، جو قيصر روم جي ماتحت آهي ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي مقابلي لاءِ وڏو لشڪر تيار ڪري رهيو آهي ۽ هو جلد ئي مديني منوره تي حملو ڪندو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن ماه ربيع الاول سن 5 هجري، سومر جي ڏينهن هڪ هزار جوان جنگ لاءِ تيار ڪيا. مديني منوره ۾ سباح بن عرقد غفاري کي خليفو مقرر ڪيائون. رات جو پنڌ ڪندا هئا ۽ ڏينهن جو رستو ڇڏي ڪنهن پاسي وڃي آرام ڪندا هئا. نيٺ منزلون ڪندا اچي دومتہ الجندل جي ويجهو پهتا. سونهي ٻُڌايو تہ باقي هڪ ڏينهن جو پنڌ آهي. هي مال مواشي انهن ماڻهن جا آهن، جن سان جنگ آهي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: مال مواشي سمورو ضبط ڪريو ۽ جتَن ۽ ڏنارن کي بہ قيد ڪريو. ڪن ڏنارن ۽ اونٽين ۾ڇي وڃي دومتہ الجندل جي حاڪم کي مسلمانن جي لشڪر جي خبر ڏني. اها خبر ٻُڌي دومتہ الجندل جي ماڻهن چيو تہ: مقابلي ۾ ڇڪائي ڪانهي، جيڪي حملو ڪري آيا آهن، سي ضرور سهي سنيري آيا هوندا، تنهنڪري هلي جبلن ۾ پناهہ وٺون.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن دومتہ الجندل ۾ پهتا تہ جايون خالي نظر آين. سامان اسباب، مال مواشي جيڪو هٿ لڳن سو ڪنيائون. محمد بن مسلمہ کي هڪڙو ماڻهو هٿ لڳو. جيڪو قيد ڪري حضور صلي الله

عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ڪيائين، جنهن چيو تہ: توهان جو پُڌي سمورا ماڻهو پڄي وڃي لِڪا آهن. انهي ماڻهو حضور صلي الله عليہ وسلم جن تي ايمان آندو. پاڻ سڳورا اتي ڪيترا ڏينهن رهي واپس ٿيا، انهي سفر ۾ ڪين مهيني کان مٿي عرصو لڳي ويو.

غزوه خندق

غزوه خندق جو واقعو پڻ سن 5 هجري ۾ ٿيو. ڪن مورخن غزوه دومتہ الجندل کان بعد غزوه مصطلق آندي آهي، مگر محققن چيو آهي تہ غزوه بني مصطلق سن 6 هجري ۾ ٿي آهي، تنهنڪري هي دومتہ الجندل کان پوءِ غزوه خندق جو تفصيل لکجي ٿو. اهو هن طرح آهي تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن بنو النضير کي مديني جي آسپاس کان تڙي ڪڍيو. جيڪي خيبر ڏانهن ويا، سي يهودين جا چڱا مڙس ۽ اڪابر هئا. جهڙوڪ: حيّ بن اخطب، سلام بن اشڪم، ابن الحقيق، ڪنانہ بن ربيع وغيره. اهي رات ڏينهن انهي فڪر ۾ هئا تہ ڪيئن بہ ڪري حضور صلي الله عليہ وسلم جن کان انتقام وٺجي. آخر ويهہ معتبر ماڻهو ابو عامر راهب سان مڪي موڪلياٸون تہ وري قريشن کي محمد (صلي الله عليہ وسلم) جن برخلاف جنگ لاءِ تيار ڪن. هنن ابو سفيان کي چيو تہ: اسان انهي لاءِ آيا آهيون تہ توهان مديني تي چڙهائي ڪريو. اسان سيٸي يهودي توهان جا مددگار ٿيندا سين. بو سفيان خوش ٿي قريشن کي سڏايو ۽ ڪين سمورو احوال ٻڌايائين. قريشن چيو تہ: اسان کي اعتبار تڏهن ايندو. جڏهن يهودي بيت الله ۾ هلي اسان سان انجام ڪن. تڏهن قريشن جي پنجاهہ معتبر ماڻهن يهودين سان گڏجي بيت الله جي پٽين سان پنهنجو بدن ملائي، غلاف کي

هٿ ۾ جهلي قسم کنيو ۽ انجام ڪيو تہ جيستائين جيئرا هونداسين تہ محمد (صلي الله عليہ وسلم) سان دشمني ۽ جنگ ۾ نہ گهٽائيندا سين.

ابو سفيان ۽ بين قريشن سان گڏجي يهودين کين پڇيو تہ: اسان ڪعبت الله جا خادم آهيون، ڪعبي جي مرمت يا بِناء ۽ اسان ٿا ڪريون. حاجين لاءِ مهمانيون ۽ اسين ٿا ڪريون، جنهن ۾ وڏا وڏا قيمتي اُٺ ٿا ڪُهون، ۽ زمزم جو پاڻي ۽ ماڻهن کي ٿا پياريون ۽ پنهنجي پيءُ، ڏاڏن جي رسم و رواج موجب بُتن جي پوڄا ٿا ڪريون. محمد (صلي الله عليہ وسلم) نئون دين پيدا ڪيو آهي، جو چوي ٿو تہ فقط هڪڙي خدا تعاليٰ جي عبادت ڪريون، ان سان ڪوب شريڪ نہ ڪريو ۽ بُتن جي پوڄا کان روڪي ٿو. توهان ۽ تورات جا عالم آهيو. ٻڌايو تہ دين اسان جو بهتر آهي يا محمد (صلي الله عليہ وسلم) جو؟ يهودين جي تہ وڏي دشمني حضور صلي الله عليہ وسلم جن سان هئي. هنن اگرچہ سمجهيو ٿي تہ اسلام سچو دين آهي، جيڪو محمد (صلي الله عليہ وسلم) آندو آهي، مگر حسد ۽ بغض جي ڪري چيائون تہ توهان جو دين بلڪل عمدو ۽ سنو آهي. محمد (صلي الله عليہ وسلم) جو دين غلط ۽ باطل آهي. انهن يهودين جي باري ۾ الله تعاليٰ آيت نازل فرمائي:

أَلَمْ تَرَ إِلَى ٱلَّذِينَ أُوتُوا۟ نَصِيبًا مِّنَ ٱلْكِتَٰبِ يُؤْمِنُونَ بِٱلْجِبْتِ وَٱلطَّٰغُوتِ وَيَقُولُونَ لِلَّذِينَ كَفَرُوا۟ هَٰٓؤُلَآءِ أَهْدَىٰ مِنَ ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ سَبِيلًا ﴿٥١﴾

أُو۟لَٰٓئِكَ ٱلَّذِينَ لَعَنَهُمُ ٱللَّهُ ۖ وَمَن يَلْعَنِ ٱللَّهُ فَلَن تَجِدَ لَهُۥ نَصِيرًا ﴿٥٢﴾

ترجمو: انهن کي نٿو ڏسين، جن کي ڪتاب جو ڀاڱو مليل آهي، بُتن تي ايمان ٿا آنين ۽ ڪافرن کي ٿا چون تہ هو مومنن کان وڌيڪ هدايت (سڌي رستي) تي آهن. اهي ماڻهون آهن، جن کي الله تعاليٰ لعنت ڪئي آهي. جن

کي الله لعنت ڪندو. پوءِ انهي لاءِ ڪوبہ مددگار ڪونہ لهندين (القرآن 4:51،52).

يهودين موڪلائي قبيلي بني غطفان ۾ آيا ۽ انهن کي بہ جنگ لاءِ تيار ڪيائون ۽ انهن سان اهو انجام ڪيائون تہ هڪ سال جو فصل خيبر جي کارڪن جو تهوان کي ڏينداسون. اهڙيءَ طرح ٻين قبيلن کي بہ پاڻ سان شامل ڪندا، خيبر ۾ اچي يهودين کي تيار ڪيائون.

ابو سفيان بہ يڪدم لشڪر تيار ڪيو. جنهن ۾ چار هزار بهادر مڙس، ايڏائي هزار اُٺ، ٽي سئو گهوڙا هئا. جهنڊو جيڪو پنهنجي 'دارالندوتہ' جو هئن اهو عثمان بن طلحہ کي ڏنائين. قريش مرالظهران تي پهتا تہ ٻيا قبيلا اسلم، اشجع، بنومره، فزاره ۽ غطفان بہ اچي ساڻن گڏيا. پوءِ تہ ڏهن هزارن جو لشڪر ٿاهي، مديني ڏي روانا ٿيا، جيئن تہ عربن جا گهٽا قبيلا هئا، تنهنڪري هن جنگ کي 'جنگ احزاب' (جماعتن جي جنگ) پڻ ڪوٺيو وڃي ٿو.

خندق کوٽڻ: حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي جڏهن اها حقيقت پهتي، تڏهن مهاجرن ۽ انصارن کي گهرائي صلاح ڪيائون عبدالله بن ابي چيو تہ: شهر کان ٻاهر وڃڻ نہ گهرجي. گهٽن اصحابن اها راءِ پسند ڪئي. حضرت سلمان فارسي رضہ چيو تہ: عجم جي ملڪ جو دستور آهي تہ جڏهن ڪو لشڪر ڪنهن شهر تي چڙهائي ڪري ۽ انهن ماڻهن کي ٻاهر نڪري وڙهڻ جي طاقت نہ هجي تہ پوءِ شهر جي چوڌاري خندق (وڏو نالو يا کاهي) کوٽيندا آهن. جنهنڪري دشمن جو لشڪر خندق جي ٻاهران اچي روڪجي بيهندو آهي. اهو مشورو بہ سيني کي پسند آيو. پوءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جن عبدالله بن ام مڪتوم کي مديني جو خليفو مقرر ڪيو. مهاجرن جو جهنڊو زيد بن حارث کي ۽ انصارن جو جهنڊو سعد بن عباده

کي ڏنائون ۽ ٽن هزار ماڻهن سان مديني کان روانا ٿيا. شهر کي ويجهو سلع جبل جي دامن ۾ اچي خندق کوٽڻ شروع ڪيائون، جتان به جبل جا گهيڙ ۽ گهٽيون هيون، اتان خندق کوٽيائون. حضور صلي الله عليه وسلم جن خدنق جا ڏهـ ـهٽ هر هڪ ماڻهوءَ کي ورهائي ڏنا. بنو قريظه جي يهودين سان صلح هو. تنهنڪري انهن کان ڪوڏاريون، چنچور وغيره ورتائون. سيڪو ڪم ۾ لڳي ويو. پاڻ سڳورا به اصحابن جيهمت افزائي لاءِ خندق کوٽڻ لڳا. حضرت سلمان فارسي ڏهن مڙسن جو ڪم ٿي ڪيو. روزانو پنج ڀگا ڪٽندو هو. جنهن جو غسق پنج گُر هوندو هو. مهاجرن کي جدا ۽ انصارن کي جدا ڀگا ورهائي ڏنا هئائون. حضرت سلمان فارسي رضه جي همٿ ڏسي، انصار چيو ته سلمان اسان جو آهي، اسان جي پاسي ڀگا ڪٽي ته وري مهاجرن چيو ته سلمان اسان جو آهي، اسان جي مدد ڪري. حضور صلي الله عليه وسلم جن اهو ٻُڌي فرمايو: سَلمَانُ مِنَّا اَهلُ البَيتُ (سلمان اسان جي اهل بيت مان آهي). اهو سندس شان قيامت تائين ليکيو وجي ٿو.

سرديءَ جي موسم هئي. سخت ڏڪار هو. ان پاڻيءَ جو ڏاڍو قحط هو. مسلمانن کي تڪليف ڏاڍي ٿي، پر ڇهن ڏينهن ۾ خندق جو ڪم پورو ڪري ڇڏيائون. پوءِ پنهنجو اهل عيال، مال مواشي سڀ اندر ڪوٽ ۾ ڪري ڇڏيائون.

براء بن عازب ۽ جابر بن عبدالله انصاري کان روايت آهي ته خندق ۾ هڪ وڏو ۽ تمام سخت پٿر ڀگهي ۾ اچي ويو. بيل چنچور گهٽائي هنيا ويا پر ڪارگر نه ٿيا. سيئي اصحاب آيا، پر کنهن کان به پٿر ڪونه ڀڳو. جو ڀگهي کان ڪيڄي. حضور صلي الله عليه وسلم جن کي خبر پئي ته پاڻ انهي هنڌ آيا. ان وقت بک کان هڪ پٿر سندن پيٽ مبارڪ تي بَڌل هو. ٽي ڏينهن برابر ڪوبه کاڌو ڪونه کاڌو هئائون. پاڻ سڳورا، حضرت سلمان فارسيءَ

کان چنڇو ونڊي خندت ۾ لٽا، ۽ پهڻ کي اهڙو ته ڏک هنيائون جو پهرئين ڏک سان ڀڄي پيو. ۽ چنڇور مان چمڪاٽ نڪتو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن تڪبير جو نعرو هنيو ته اصحابن بہ گڏجي تڪبير جو نعرو هندو. وري ٻيو ڏک هنيائون، ۽ ٽيون ڀيرو ڏک لڳڻ سان پهڻ پُرزا پُرزا ٿي ويو. هر ڀيري سان چنڇور مان چمڪاٽ نڪتا ۽ تڪبير جو نعرو اصحابن سميت پئي هنيائون.

فارس ۽ روم جي فتح جي خوشخبري: حضرت سلمان فارسي، تڪبير جي نعرن بابت حضور صلي الله عليہ وسلم جن کان پڇيو. ڀاڻ فرمايايو ته: پهرئين ڏک سان جبرئيل ٻُڌايم ته تنهنجي اُمت روم فتح ڪندي، ان جي خوشيءَ کان تڪبير جو نعرو هندوسين. ٻئي ڏک سان عجم جي فتح جي خوشخبري ملي، ۽ ٽئين ڏک سان شام جي فتح جي خوشخبري ملي. سلمان فارسي روايت ٿو ڪري ته جن ملڪن جا نالا ڀاڻ سڳورن ورتا، اهي ملڪ مسلمانن فتح ڪيا ۽ اکين سان ڏٺم.

بنو قريظ جي عهد شڪني: جڏهن مشرڪ مديني جي ويجهو آيا ته ابو سفيان يهودين جي سردار حيّ بن اخطب کي گهُرائي چيو ته: تو انجام ڪيو هو ته جيڪي بہ يهودي عرب جا آهن، اهي سڀ توهان سان ساٿ ڏيندا، پر بنو قريظ جي يهودين محمد (صلي الله عليہ وسلم) سان مدد ڪرڻ جو عهد ڪيو آهي. تون وڃي انهن جو اهو عهد ڀڃي ڪين اسان سان شامل ڪر. حيي بن اخطب پنهنجو وفد ونڊي بنو قريظ جي سردار ڪعب بن اسد وٽ ويو. ڪعب هن جي اچڻ جو ٻُڌي ڪوٽ جا در بند ڪرائي ڇڏيا. حيي بن اخطب اها صورتحال ڏسي ڪيس گهڻائي سڏ ڪيا، مگر هن دروازو نہ کوليو. آخر حيي بن اخطب چيو ته: اهڙو ڪنجوس آهين جو ماني ٽُڪر کان بہ اسان کي موٽائين ٿو! اهو طعنو ڪعب جهلي نہ سگهيو ۽ در

کولیائین. حيّ بن اخطب چيو تہ: هي وجهہ نہ وڃايو سمورار قريش ۽ عربن جا مکيہ قبيلا بہ شامل ٿيا آهن. ڏهہ هزار لشکر هٿيارن سان اچي مديني تي ڪڙڪيو آهي. هينئر يقينن محمد (صلي الله عليہ وسلم) ۽ سندس ساٿي مارجي ۽ قيد ٿي ويندا ۽ مدينو لُٽجي ويندو. توهان بہ مسلمانن سان معاهدي ۾ هوندا تہ بچي ڪونہ سگهندا. مان خير خواهي ڪري توهان کي نيڪ صلاح ڏيڻ آيو آهيان تہ دير نہ ڪريو. يڪدم تيار ٿي وجو ۽ قريشن ۽ عربن سان شامل ٿي مسلمانن تي حملو ڪري ڏيو. انهن ڳالهين ڪعب کي بہ نمائي وِڏو ۽ پنهنجي قوم جي چڱن مڙسن کي سڏائي صلاح پُڇيائين. انهن چيس تہ: ڪعب! غلطي ٿو ڪرين. محمد (صلي الله عليہ وسلم) کي خدا جي طرفان فتح جو وعدو مليل آهي. هي سچو نبي آهي، اسان کي رڳو حسد ۽ دشمنيءَ ڪري مٿس ايمان نٿا آڻيون. توهين تہ هليا ويندا، پر موچڙا، اچي اسان تي کُپندا، حيّ بن اخطب چيو تہ: جي ٻيا هليا ويا تہ مان پنهنجو سمورو لشکر وٺي توهان جي مدد ڪندس. وجهہ نہ وڃايو هي وقت اٿوَ پوءِ هٿ هٽندئو.

يهودين تي حيّ بن اخطب جو اهڙو اثر ٿيو جو محمد صلي الله عليہ وسلم جن سان عهد پيڃي جنگ لاءِ تيار ٿي ويا. اها خبر جڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي پهتي، تڏهن پنهنجي پُڦاٽ حضرت زبير بن العوام کي حال احوال لهڻ لاءِ بنو قريظہ ڏي موڪليائون. حضرت زبير موٽي اچي عرض ڪيو تہ: بنو قريظہ اسان سان جنگ لاءِ پوري طرح تياري ڪري هيا آهن. حضور صلي الله عليہ وسلم جن، حضرت سعد بن عباده، عبدالله بن رواحہ، حولت بن جبير ۽ سعد بن معاذ کي بنو قريظہ ڏي موڪليو تہ توهان وڃي کين هدايت ڪريو تہ عهدنامي جي پيڃڪڙي نہ ڪن. اصحابن کين گهٽوئي سمجهايو مگر ڪعب بن اسد رکو جواب ڏئي ڇڏيو. هنن موٽي

اچي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ سارو احوال عرض ڪيو. تڏهن پاڻ سڳورن فرمايو: حَسبُنَاالله وَنِعمَ الوَكِيلُ (اسان کي الله تعاليٰ ڪافي آهي ۽ چڱو سپردڪار آهي).

محاصره جي سختي: مسلمانن کي اهو ڏاڍو خيال ٿيو تہ هوڏانهن قريشن عربن جا سمورا قبيلا پاڻ سان شامل ڪيا آهن ۽ هتان وري دهودي بنو قريظہ بہ ساڻن شامل ٿي ويا، جن کان اسان جي ڪابہ ڳالهہ ڳُجهي ڪانهي. ايتري ۾ دشمن جا لشڪر بہ چوطرف کان ڦري آيا. مالڪ بن عوف ۽ عتبہ بن حصين، اهي بني اسد، بني غطفان ۽ فزاره قبيلن سان مديني جي اوپر کان آيا. قريشن ۽ بني هنانہ جا قبيلا پويان ڦري آيا.

مسلمانن جڏهن ڏٺو تہ دشمنن جو لشڪر تمام وڏو آهي، تڏهن کين هراس ۽ ڊپ ونيو ويو. انهن جو حال الله تعاليٰ هيئن ٿو فرمائي:

إِذْ جَآءُوكُم مِّن فَوْقِكُمْ وَمِنْ أَسْفَلَ مِنكُمْ وَإِذْ زَاغَتِ ٱلْأَبْصَـٰرُ
وَبَلَغَتِ ٱلْقُلُوبُ ٱلْحَنَاجِرَ وَتَظُنُّونَ بِٱللَّهِ ٱلظُّنُونَا ﴿١٠﴾
هُنَالِكَ ٱبْتُلِىَ ٱلْمُؤْمِنُونَ وَزُلْزِلُوا۟ زِلْزَالًا شَدِيدًا ﴿١١﴾

ترجمو: جنهن وقت توکي پنهنجي مٿاهين کان هيٺاهين پاسي کان آيا ۽ جنهن وقت اکيون ڦري ويون ۽ دليون وڃي نڙگهٽن تي پهتيون، الله تعاليٰ سان گمان ٿي ڪيائون، گمان ڪرڻ، مومن انهي وقت آزمائش ۾ پئجي ويا. ڏڪڻي ۾ پئجي ويا جا سخت ڏڪڻي هئي (القرآن 33:10،11).

ڪعب بن قئيره هڪ منافق هو جنهن چيو تہ محمد (صلي الله عليہ وسلم) اسان کي کوڙا دلاسا پيو ڏي تہ قيصر ۽ ڪسريٰ جا ملڪ بہ توهان فتح ڪندئو. اڄ تهي ڪفارن جي لشڪر اهڙو گهيرو ڪيو آهي، جو قضاء حاجت لاءِ بہ ٻاهر ڪونہ ٿا وڃي سگهون. الله تعاليٰ سندس احوال هينئن فرمايو آهي:

وَإِذْ يَقُولُ الْمُنَافِقُونَ وَالَّذِينَ فِي قُلُوبِهِم مَّرَضٌ مَّا وَعَدَنَا اللَّهُ وَرَسُولُهُ إِلَّا غُرُورًا ﴿١٢﴾

ترجمو: جنهن وقت منافقن ۽ انهن ماڻهن، جن جي دلين ۾ مرض (نفاق جو) آهي، تن چيو اسان کي جيڪو الله ۽ سندس رسول انجام ڪري رهيو آهي، اهو يوکي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي (القرآن، 12:33).

بنو قريظہ، مشرڪن کان مدد گهُري تہ اسان کي جنگي جوان ڏيو تہ رات جو مديني تي حملو ڪريون. هوڏانهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن سلمہ بن اسلم کي ۽ن سَوَن بهادرن سان مديني جي چونڪي لاءِ موڪليو. منافق اوس بن قبطي ۽ سندس ساٿي اسلامي لشڪر کان انهي بهاني سان جدا ٿي گهرن ڏي موٽي آيا تہ اسان جا گهر گهاٽ ائين پيا آهن، متان ڪفار حملو ڪن. انهن جو احوال الله تعاليٰ هيئن فرمائي ٿو:

وَإِذْ قَالَت طَّائِفَةٌ مِّنْهُمْ يَا أَهْلَ يَثْرِبَ لَا مُقَامَ لَكُمْ فَارْجِعُوا ۚ وَيَسْتَأْذِنُ فَرِيقٌ مِّنْهُمُ النَّبِيَّ يَقُولُونَ إِنَّ بُيُوتَنَا عَوْرَةٌ وَمَا هِيَ بِعَوْرَةٍ ۖ إِن يُرِيدُونَ إِلَّا فِرَارًا ﴿١٣﴾

ترجمو: جنهن وقت انهن مان هڪ ٽولي چيو تہ اي مديني جا رهاڪو توهان لاءِ ڪابہ جاءِ ڪانهي، موٽي وڃو. انهن مان هڪ ٽولو نبي کان موڪل ٿو تهُري، چون ٿا تہ اسان جا گهر اگهاڙا (خالي) آهن. اگهاڙا ڪونہ آهن، مگر انهن جو ارادو ڀڄڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي (القرآن، 13:33).

مشرڪ جڏهن اچي خندق تي بيٺا تہ عجب ۾ پئجي ويا، جو اهو اڳ رواج عرب جي ملڪ ۾ ڪونہ هو. هنن سمجهيو ٿي تہ اسان يڪدم وڃي شهر ۾ ڪاهي پونداسين پر آڏو وڏي ڪاهي اچي وين، پوءِ تہ گهيرو ڪري ويهي رهيا. اُتان هڪٻئي ڏي تيراندازي پئي ڪيائون، مگر خندق ٽُپڻ جي مجال ڪانہ پئي ٿين. هڪڙي هنڌان خندق تڙتڪڙ ۾ پوري ڪنيل نہ هئي،

ڊپ هو تہ متان انهي هنڊان ڪفار ڪاهي اچن، تنهنڪري پاڻ سڳورا اڪثر وقت انهيءَ جاءِ تي چونڪي ڏيندا رهيا. انهن راتين ۾ هوا تمام ٿڌي ٿي لڳي ۽ برف پئي اُٿي. هن جنگ ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي سخت تڪليف ٿي ڇو تہ رات جو بہ آرام ڪونہ هو. پاڻ پنهنجي سر سيني محاذن تي چونڪي پئي ڏنائون. هڪ طرف ڏڪار جي ڪري وڏي تعداد ۾ چوڏاري گهيرو ڪيو وينا هئا ۽ تيراندازي پئي ڪيائون.

غطفان ۽ فزاره سان ناهہ جون ڳالهيون: خوف هو تہ جي ڪفار غالب پئجي ويا تہ مسلمانن جو ڪوب بچاءُ ڪونہ ٿيندو. تنهنڪري حضور صلي الله عليہ وسلم جن غطفان ۽ فزاره قبيلن سان ناهہ جون ڳالهيون شروع ڪيون تہ: توهان قريشن کي ڇڏي موٽي وڃو. اسين مديني جي ميون ۽ پيدائش جا بہ حصي توهان کي ڏيندا سين. عتبہ بن حصين ۽ حارث بن عوف، جيڪي انهن ۾ قبيلن جا سردار هئا، انهي صلح تي راضي ٿيا ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. پاڻ سڳورن جي حڪم سان حضرت عثمان بن عفان رضہ عهدنامو لکيو. صحيحن ۽ شاهدين وڃهڻ کان اڳ حضور صلي الله عليہ وسلم جن مديني جي مکيہ انصارن سعد بن معاذ ۽ سعد بن عباده کي گهُرائي سمورو احوال ٻڌايو ۽ صلاح پُڇي. ۾ هي ڄڻن عرض ڪيو تہ: جيڪڏهن وحي الاهي جو حڪم ائين آهي تہ پوءِ اسان کي ڪُڇڻ محال نہ آهي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: هن باري ۾ وحي ڪونہ آيو آهي، پر اسان دشمن جي گهٽائي ۽ اتفاق ڏسي خيال ڪيو آهي تہ عرب جا وڏا قبيلا غطفان ۽ فزاره آهن، انهن سان صلح ڪنداسين تہ مشرڪن جي لشڪر ۾ ڏڦيڙ پئجي ويندو. اريشن کي مقابلي جي طاقت نہ رهندي.

حضرت سعد بن معاذ عرض ڪيو: يارسول الله! اسلام ڪان اڳ اسان ۾ اهي قبيلا ڪُفر ۽ بُت پرسي تي متفق هئاسين. ان وقت اسان کي الله سائين جي طرفان ڪابہ مدد ڪانہ هئي. انهيءَ حالت ۾ بہ غطفان ۽ فزاره قبيلن کي مجال نہ هئي جو اسان جي مديني مان هڪ کارڪ بہ کڻي سگهن. هينئر تہ اسان اسلام سان مشرف ٿيا آهيون. توهان جهڙو نبي اسان جو رسول ۽ رهبر ٿي آيو آهي. الله تعاليٰ جي مدد هميشہ اسان سان آهي. تہ پوءِ ڇو اسان اهرو صلح ڪريون. هي اهڙا ماڻهو آهن جو هميشہ وجهہ ونڻي اسان ڪان جرمانو پيا پرائيندا. تنهنڪري اسان ۽ هنن جو فيصلو تلوار ڪندي. حضرت سعد بن معاذ جو اهو مشورو ٻُڌي، حضور صلي الله عليہ وسلم جن عهدنامي ڦاڙڻ جو حڪم ڏنو. جنهنڪري يهودي قبيلن جا سردار اُٿي ڪڙا ٿيا.

واقدي روايت ڪئي آهي تہ صلح جي ڳالهہ ٻولهہ وقت عتبہ يهودي، حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڏي پير ڌڳها ڪيو ويٺو هو. حضرت اسيد بن حضير بہ ڳالهين ٻُڌڻ لاءِ اُٿي اچي نڪتو هو. تنهن اها حالت ڏسي، دڙڪو ڏنس تہ: خبيث! پير هٽاءِ، الله تعاليٰ جو قسم آهي تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي مجلس جو ادب ٿو ڪريان نہ تہ ٻئي ڇنگهون ڪاڻي ڇڏيانءِ. وري عتبہ چيو تہ: توهان لاءِ چڱائي هئي تہ صلح ڪريو ها. جو توهان ايڏي وڏي لشڪر جو مقابلو هلڪل ڪونہ ڪري سگهندا. اسيد چيس تہ: تون اسان کي ڊيڄارين ٿو. حضور صلي الله عليہ وسلم رنج نہ ٿئي ها تہ تنهنجو سِر هتي ئي ڪپي ڇڏيان ها. عتبہ ۽ حارث، مسلمانن جو جوش ۽ اتفاق ڏسي يقين ڪيو تہ مسلمانن جي فتحمند ٿيڻ مشڪل آهي.

مشرڪن جو حملو: مشڪرن محاصره مان تنگ ٿي مسلمانن تي حملي جي تياري ڪئي ۽ منجهانئن بهادرن جو هڪ ٽولو جهڙوڪ: عمرو

بن عبدود، عڪرمہ بن ابوجهل، هيبره بن وهب، نوفل بن عبدالله، ضرار بن خطاب بن مرداس گڏجي، عمرو بن عبدود جي اڳواڻي هيٺ، انهي هنڌ اچي بيٺا، جتان خندق سوڙهي هئي ۽ سمجهيائون تہ گهوڙا ٽُپي سگهندا. عمرو بن عبدود بہ عرب دنيا ۾ اهڙو بهادر مشهور هو جو خود حضرت عمر رضہ روايت ٿو ڪري تہ جاهليت جي زماني ۾ قريشن سان گڏجي واپار لاءِ شام ڏانهن وياسين. مال متاع تمام گهڻو هو. اسان سان عمرو بن عبدود بہ هو. رستي ۾ هزار ڪن ڦورو قافلو لُٽڻ آيا. اسان سڀني مال متاع تہ سهسايو پر اچي سِر سان لڳي تہ مشڪل بچنداسين. عمرو بن عبدود تلوار مياڻ مان ڪڍي ڏاڙيلن تي حملو ڪيو. جيئن ڪو شينهن گجندڙ هجي يا مست هاٿي هجي. ڏاڙيل تاب نہ جهلي سگهيا ۽ وٺي ڀڳا. جنگ بدر ۾ بہ اهو عمرو بن عبدود ڦٽجي ڀڄي ويو هو ۽ احد ۾ ڪنهن لاچاريءَ سبب شريڪ ٿي نہ سگهيو هو. سو سمورا ويرَ وڻڻ لاءِ تمام زور شور سان جنگ احزاب ۾ اچي حاضر ٿيو هو. سوڙهي خندق واري جاءِ تان وٺي جو گهڙون ڪي لڪڻ هنيائون تہ خندق ٽُپي اچي پار ڀيا. خالد بن وليد، ابو سفيان بن حرب ۽ ٻيا مشرڪ وري اچي خندق جي مٿان صفون ٻڌي بيٺا.

عمرو بن عبدود جو حضرت علي رضہ جي هٿان مارجڻ: خندق ٽُپي اچڻ کان پوءِ عمرو بن عبدود مسلمانن کي للڪاريو تہ: توهان مان پاڻ کي جيڪو بهادر سمجهي سو نڪري اچي! حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: آهي ڪو جو بن پليد جي شر کان بچائي؟ حضرت علي رضہ نڪري نروار ٿي عرض ڪيو: يا رسول الله! مان حاضر آهيان. پاڻ سڳورن اجازت نہ ڏنيس ۽ وري بہ فرمايائون تہ: ڪير آهي جو عمرو بن عبدود جو مقابلو ڪري؟ حاضرين مان ڪنهن کي بہ جرات نہ ٿي. وري بہ حضرت علي رضہ چيو تہ آءٌ حاضر آهيان. تڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم کيس

پنهنجي هٿن مبارڪن سان زرهہ ڏڪائي دستار مبارڪ سندس سِر تي رکي، تلوار ذوالفقار سندس هٿ ۾ ڏنائون ۽ پوءِ هٿ مٿي کڻي دعا گهريائون تہ: اي مولیٰ! منهنجي سئوٽ عبيده کي بدر ۾ پاڻ ڏي گهرايئي، منهنجي چاچي حمزه رضہ کي احد ۾ مون کان جدا ڪيئي. علي رضہ منهنجو سئوٽ ۽ منهنجو نياڻو تنهنجي دين جي بلنديءَ لاءِ موڪليان ٿو: يَارَبِّ لاتَذَرنِی فَرداوَّآنتَ خَيرُالوَارثِين (اي رب! مون کي اڪيلو نہ ڇڏجانءِ، تون ڇڪو وارثن مان آهين).

حضرت علي رضہ پيادو روانو ٿيو. عمرو گهوڙي تي سُوار هو. حضرت علي رضہ چيس تہ: تون چوندو آهين تہ مان اهڙو مڙس آهيان تہ جيڪو مون کان بہ سوال ڪندو آهي تہ ڪندس ٻئي پورا، نہ تہ بہ هڪ سوال ضرور پورو ڪندس. عمرو چيو: برابر اهو منهنجو وعدو آهي. حضرت علي رضہ چيس تہ: هڪ سوال منهنجو آهي تہ الله کي وَحَدَه لآشَرِکَ لَہ ڪري مڃ ۽ حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم کي الله تعاليٰ جو نبي مرسل ڪري مڃ. عمرو چيو تہ: اها اميد مون ۾ نہ رک. وري حضرت علي رضہ فرمايو تہ: ٻيو منهنجو سوال آهي تہ تون هِتان بنان مقابلي جي موٽي وڃ، جيڪڏهن حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جي فتح ٿي تہ تون اسان وٽ وڏي عزت وارو ليکيو ويندين ۽ تنهنجي احسان جو بدلو احسان سان ادا ڪبو. پر جيڪڏهن محمد صلي الله عليہ وسلم کي شڪست آئي تہ بہ تنهنجو ڪم ٿي ويو. عمرو چيو تہ: بدر ۾ مان زخم کائي پڄي آيو هيس، اُحد ۾ شريڪ نہ ٿيس، نڏر ڪيو اٿم تہ جيستائين محمد (صلي الله عليہ وسلم) کان انتقام نہ وٺندس، تيستائين موٽي مڪي ڏي نہ ويندس. مگر مون کي مقابلي لاءِ ڪو بهادر گهرجي، تون تہ ڇوڪرو آهين ۽ منهنجو پائيٽو آهين، تون موٽي وڃ. پلي ڪو ٻيو منهنجي مقابلي لاءِ نڪري. حضرت علي رضہ فرمايس تہ:

چوڪرا! مائُن جي جهويلن ۾ آهن. تون مقابلو نہ ڪندين تہ خبردار ٿيءُ مان اچان ٿو. عمرو ڪاوڙجي گهوڙي تان لهي، گهوڙي کي منڊو ڪري، تلوار ميان مان ڪڍي، حضرت علي رضہ تي وار ڪيو. حضرت علي ڍال ڏنيس، پر تلوار اهڙي زور سان هنئي هئائين جو ڍال کي چيري، حضرت علي رضہ جي سر مبارڪ تائين وڃي پهتي. ڏڪ جهلي حضرت علي رضہ تڪبير جو نعرو هنيو ۽ پهريئن وار سان عمرو کي جهنم رسيد ڪيو.

عمرو جي قتل ٿيڻ بعد ذرار بن الخطاب ۽ هبيره بن ابي وهب، حضرت علي رضہ جي سامهون ٿيا. حضرت علي رضہ مٿن حملو ڪيو تہ ضرار ڀڄي ويو. باقي رهيو هبيره، سو بہ ٿوري دير وڙهي بعد ڀڄي ويو. نوفل بن عبدالله محزومي بہ وڃي ڀڳو. سو خندق ۾ ڪِري پيو. مسلمانن مٿس پٿر اڇلايا، آخر حضرت علي رضہ خندق ۾ لهي کيس قتل ڪري ڇڏيو. مرداس، عڪرمہ ۽ ٻيا بہ ڀڄي وڃي قريشن وٽ پهتا. ابو سفين پنهنجي قريسن کي چيو بهادر مڙس مارجي ويا.

حضرت علي رضہ، عمرو کي قتل ڪري سندس هٿيار ۽ لٽا ڪپڑا ڪونہ لاٿا، جيئن هو تيئن ڇڏي ڏنائين. عمرو جي ڀيڻ جڏهن مٿس آئي ۽ ڏنائين تہ عمرو جو ڪوبہ لٽو ڪپڑو ۽ هٿيار وغيره لٽل ناهي، تڏهن چيائين: مَا قَتَلَہ اِلاّ کَفُوًا کَرِيمَ (ڪنهن بزرگ کان سواءِ ٻئي ڪنهن نہ ماريو اٿس). پڇيائين تہ: عمرو جو قاتل ڪير آهي؟ چيائونس تہ علي المرتضيٰ. تڏهن چيائين: لُو کَانَ قَاتِلُ عَمرِ غَيرُ قَاتِلِہ کُن اَلبَکِی عَلَيہِ آخِرُ الاَبدُ لَاکِن قَاتِلُہ مَن لّايُعار بِہ مَن کَان يُدعیٰ قَدِيمًا بِيضَتُ البَلَدُ (جيڪڏهن عمرو جو قاتل ٻيو ڪو هجي ها تہ ساري حياتي مٿس روئان ها. پر هن کي قتل اهڙي ماڻهو ڪيو جنهن جي قتل کان عيب ئي ڪونهي. هو اڳيئي معتبر ۽ مشهور شهر جو سڏيو ويندو آهي).

حضرت علي رضہ لاءِ بشارت: حضرت علي رضہ جي لاءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: مَبَارَزَتُ عَلِی اِبنِ طالِبِ یَومَ الخَندَقِ اَفضَلُ مِن اَعمالَ اُمَّتِی اِلیٰ یَومِ القِیَامَہ (حضرت علي ابن ابي طالب جي جنگ جو ثواب منهنجي امت جي قيامت تائين عملن جي ثواب کان بهتر آهي).

حضرت علي رضہ جيئن حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ آيو تہ صديق اڪبر رضہ ۽ فاروق اعظم رضہ سندس سِر وڃي چميو ۽ ڪيس پاڪر پائي مبارڪ ڏنائون. قريشن ماڻهو موڪليو تہ عمرو بن عبدود جو مڙهہ ۽ نوفل بن عبدالله مخزومي جو لاش اسان کي ڏيو. جيڪو بہ مال متاع چئو تہ اسان ڏيون. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: اسان شيطانن جي لاشن کي ڇا ڪنداسين ۽ نڪو اسان انهن جي ڏونڊين جو عيوضو ونڊنداسين، پنهنجا کڻي وڃو.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن تي ڪافرن جا حملا: اهو ڏينهن گذريو. ٻئي ڏينهن ڪافرن منزل عقيق ڏانهن حملو ڪيو. مسلمانن تي تير وسائڻ شروع ڪيائون ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي طنبو تي تمام گهڻو زور رکيائون تہ جيئن گهٽا مسلمان حضور صلي الله عليہ وسلم جي حفاظت ۾ رُڌل هجن تہ هو ٻئي طرف کان حملو ڪري سگهن. ٻنهي طرف کان صبح کان وڃي تيراندازي شروع ٿي. انهي ڏينهن اهڙي تہ لڙائي لڳي جو ٻپهري، ۽ سانجهي جون نمازون بہ قضا ٿي ويون. نڪي اصحابن نماز پڙهي، نہ وري حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي نمازون پڙهڻ جي فرصت ملي. ڪن جو چوڻ آهي تہ رڳو عصر جي نماز فوت ٿي. حضور صلي الله عليہ وسلم ڪافرن جي لاءِ فرمايو: مَلاَءَالله بُيُوتِهُم وَقَبُورَهُم نَارَا شَغَلُونَا عَنِ الصَّلاتِ الوُسطیٰ وَالعَصرِ حَتّیٰ غَابَ الشمس (الله تعاليٰ سندن گهرن ۽ قبرون باهہ ۾ري جو اسان کي نماز ظهر ۽ عصر کان بند ڪيائون، ۽ سج لهي ويو).

بيبي حفصہ بنت عبدالمطلب جي بها دري: بنو قريظہ جي يهودين نہ رڳو مشرڪن سان گڏجي مسلمانن سان جنگ پئي ڪئي، پر مديني منور ۾ محفوظ عورتن ۽ ٻارن تي بہ حملو پئي ڪيائون. عبدالله بن زبير روايت ٿو ڪري تہ: بيبي حفصہ بنت عبدالمطلب، ٻيون عورتون ۽ ٻار، حضرت حسان بن ثابت جي ڪوٺ ۾ هئا، جن جي حفاظت حضرت حسان پئي ڪئي. بيبي حفصہ روايت ٿي ڪري تہ اسان ڪوٺ ۾ هيونسين تہ هڪ يهودي آيو. جيڪو اسان کي نقصان پهچائڻ لاءِ ڪوٺ جي چوڌاري پئي ڦريو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن سڀني مسلمانن سان دشمنن جي سامهون هئا، کين وِڃَ ڪانہ هئي جو اسان جي سان سنيال لهن. مان حضرت حسان کي چيو تہ: يهودي ڏسين ٿو تہ ڪوٺ کي ٿو ڦريا هي موٽي وڃي سمورو احوال يهودين کي ڏيندو، جيڪي شايد گڏجي ڪوٺ تي جهملو ڪن، تنهنڪري هن جو تہ ڪم پورو ڪر. حضرت حسان چيو تہ: بيبي صاحبہ! الله تعاليٰ توکي بخشي، مان پاڻ ۾ اها سگهہ ڪانہ ٿو ڏسان، مون ڏٺو تہ حضرت حسان وٽ ڪو هٿيار بہ ڪونهي، تنهنڪري هڪ پَٿي پئي هئي، اها ڪٽي ڪوٺ تان لٽيَس. جيئن يهودي ڦري رهيو هئو، اهڙي پَٿِي هنئي مانس جو اتي جو اتي مري ويو. موٽي ڪوٺ تي چڙهي آيس. حضرت حسان کي چيم تہ: هاڻي تہ پلا وڃي يهودي جا هٿيار ۽ لٽا کڻي اچ! حضرت حسان چيو تہ: بيبي صاحبہ! اسان کي سندس سامان جي ضرورت ڪانهي.

حضرت سعد بن معاذ کي تير لڳڻ: بيبي عائشہ صديقہ روايت ٿي ڪري تہ: خندق جي جنگ ۾ مان بنو حاثہ جي ڪوٺ ۾ هيس، جو اهو مديني جي سڀني قلعن کان محفوظ ۽ مضبوط هو. حضرت سعد بن معاذ جي ماءُ بہ مون سان گڏ رهندي هئي. ان وقت ۾ اسان کي حجاب (پردي) جو

حڪم ڪونہ هو. اسان ويٺيون هيونسين تہ حضرت سعد بن معاذ بہ اُتان اچي لنگهيو. ڏٺم تہ جيڪو زرهہ پهريل هئس، سو تمام ننڍو هو. سندس ٻانهون ۽ جنگهون ٻاهر هيون. حضرت سعد بن معاذ تمام قدآور مڙس هو. ٿوري دير ترسيو تہ ماڻس چيس تہ: وڃ پُٽ، دير ٿي ٿئي. مان چيومانس تہ: اي ام سعد، سعد جو زرهہ تہ تمام ننڍو آهي. سعد جي ماءُ جواب ۾ چيو: يَا عائِشَہ يَقضِی اللّٰہَ مَا هُوَ قَاضٍ (اي عائشہ، جيڪو الله تعاليٰ کي وٺندو سوئي ڪندو). حضرت سعد خندق جي ڀِڪَ تي پهتو تہ هڪ مشرڪ حبان ابن قيس بن الغرقد تير هنيس، جو رڳ اڪحل ۾ لڳس، جا سڃي هٿ ۾ رڳ آهي. ان مان رت ڪونہ ٻيهندو آهي، جو ان جي هيٺان شريان هوندي آهي. جيستائين ماڻهو مري يا ڪنهن دستور سان رت بند ڪجي. هُن مشرڪ تير هٽي چيو: خُذْهَا وَاَنَااِبنُ الغَرقَدِ (هي تيار وٺ، مان ابن الغرقد آهيان). حضرت سعد ورندي ڏنس تہ: حَرقَ اللّٰہَ وَجَهَکَ فِی النَّارِ (تنهنجو منهن الله تعاليٰ جهنم ۾ ٿو ٻاري). حضرت سعد دعا گهُري تہ: اي منهنجا مولي جيڪڏهن جنگ اڃا هلندي تہ مون کي حياتي ڏي تہ انهي جنگ ۾، جنهن ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي سخت تڪليف ڏني اٿن، مان بهرو ونان. پر جيڪڏهن جنگ دتم ٿيندي تہ هن زخم جي ڪري مون کي شهادت نصيب ڪر. پر تيستائين جيئرو ڪجانءِ جيستائين بنو قريظہ جي قتل سان منهنجون اکيون ٺرن. سندس دعا قبول ٿي، جنگ ختم ٿي، بنو قريظہ جو قتل اکين سان ڏٺائين، پوءِ ساڻئي زخم سبب شهيد ٿيو. وڌيڪ تفصيل اڳان ايندو.

قريشن جي پڇڙ جو واقعو: غطفان قبيلي جو هڪ شخص نعيم ابن مسعود بن جابر، حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ آيو. ۽ عرض ڪيائين تہ: يارسول الله! مان توتي ايمان آندو آهي پر منهنجي قوم کي اها

خبر ڪانهي. هاڻي جيئن حڪم فرمايو تيئن ڪريان. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: تون اسان مان هڪ ڇڻو ايترن دشمنن جي وچ ۾ آهين، جيڪو حيلو ڪرڻو اٿئي سو پلي ڪر، اسان کي هنن جي بچڑائي کان بچاءِ! فَاِنَّ الحَربَ خُدعَتُہ (جنگ مڑئي مڪر فريب آهي). نعيم اُتان موڪلائي بنو قريظن وٽ آيو. جو سندن تمام گهاٽو دوست هو. هنن کي چيائين تہ: منهنجي سچائي جو توهان وٽ ڪو قدر آهي يا نہ؟ هنن چيو تہ: تون اسان جو دوست سڃڻ آهي. اسان ڪڏهن بہ تنهنجي ڪچائي يا دشمني يا بيوفائي اڄ ڏينهن تائين ڪانہ ڏٺي آهي. چيائين تہ: قريش ۽ غطفان يا ٻيا قبيلا جيڪي بہ جنگ لاءِ آيا آهن، انهن ۾ ۽ توهان ۾ فرق آهي. توهان محمد (صلي الله عليہ وسلم) جا پاڙيسري آهيو. توهان جا مال متاع، زالون ٻار، سڀ هنن جي اکين آڏو آهن. توهان بہ قريشن ۽ ٻين قبيلن سان گڏجي محمد (صلي الله عليہ وسلم) سان جنگ جوٽي آهي. قريشن ۽ ٻين قبيلن جا مال متاع، زالون ۽ ٻار پنهنجي پنهنجي ڳوٺن ۾ محفوظ آهن. قريشن ۽ ٻين قبيلن جيڪڏهن فتح ڪري محمد (صلي الله عليہ وسلم) ۽ سندس ساٿين کي قيد ڪيو تہ پوءِ توهان لاءِ بہ ڇڳو آهي. هارايائون تہ پوءِ توهان جو ڪهڙو حال ٿيندو؟ تنهنڪري منهنجي صلاح ونو تہ قريشن جا ٻئي ڇڳا مڙس ضمانت طور پاڻ وٽ رکو ۽ هنن کي ٻڌايو تہ توهان جا معتبر اسان وٽ هوندا تہ توهان انهن کي ۽ اسان کي نڏڪو ڇڏي پڇي ڪونہ ويندئو.

بنو قريظن چيو: صلاح تمام سٺي ڏني اٿئي. اڄ آهي جمعو سياڻي ڇنڇر ڏينهن واندا هونداسين جو عبادت جو ڏينهن اٿئون. صلاح ڪري ماڻهو موڪلينداسين تہ ٻنهي قبيلن جا ڇڳا مڙس ضمانت طور اسان جي هٿن ۾ رهن.

نعيم وري وڃي قريشن ۽ غطفان کي چيو تہ: مان هڪ ڳالهہ ٻڌي آهي، چئو تہ ٻڌايانءَ پوءِ اڳتي توهان جي مرضي، پَٽ ڪريو يا نہ! چيائونس تہ: مهرباني ڪري ٻُڌاءِ، تو جهڙي مڙس تي ڪيئب پَٽ نہ ڪنداسين. هُن چيو تہ: بنو قريظہ وارا محمد (صلي الله عليہ وسلم) سان نهي ويا آهن. محمد صلي الله عليہ وسلم انهن کي چيو آهي تہ توهان توهان جي ڳالهہ ڦرٽي گهري آهي، اسان کي توهان جي صلح تي اعتبار ناهي. تنهن تي بنو قريظہ چيو تہ: قريشن ۽ بنو غطفان جي ڇڱن مڙسن کي اسان ضمانت طور پان وٺ جهلينداسين، ۽ پوءِ توهان کي ٻڌائينداسين، پوءِ پلي کين قتل ڪري ڇڏجو. پاڻهي قريش ۽ غطفان پشيمان ٿي پڃي ويندا. سو اڄ يا سياڻي اجهو ٿا بنو قريظہ توهان کان ڇڱن مڙسن جي ضمانت طلب ڪن.

ڇنڇر جي ڏينهن بنو قريظہ پنهنجو قاصد قريشن ۽ بنو غطفان کي موڪليو تہ اسان کي ڇڱا مڙس ضمانت طور ڏيو. متان توهان پڃي وڃو ۽ مسلمانن جي مصيبت اڇي اسان تي بيهي. قاصد جي اڇڻ کان پوءِ هنن چيو تہ نعيم جي ڳالهہ سچي نڪتي، هي برابر اسان جا ڇڱا مڙس ونڻي وڃي مسلمانن کان قتل ڪرائيندا. تنهنڪري قاصد هٿان بنو قريظہ کي چورائي موڪليائون تہ: توهان جي مرضي، وٽيوَ تہ اسان سان شامل ٿي محمد (صلي الله عليہ وسلم) سان جنگ ڪريو. ڇاڪاڻ تہ جهڙو دسمن اسان جو آهي تهڙو توهان جو. باقي اسان پنهنجا ڇڱا مڙس توهان جي هٿن ۾ ڪونہ ڏينداسين.

وري قاصد جڏهن يهودين کي وڃي اهو پيغام پهچايو. تڏهن هنن بہ چيو تہ نعيم سچ چيو هو. ائين هڪٻئي کان بيزار ٿيا، ۽ منجهن اختلاف وڌي ويا.

طوفان لڳڻ ۾ ڪافرن جي فوج جو پڇڻ: ٻنهي ڌرين کان ٿي ڏينهن ٿي راتيون برابر تيراندازي ٿيندي رهي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن ٻہ دعا گهرندا رهيا. اربع جي رات دعا قبول ٿي. دعا جا لفظ هي آهن: اَللّٰهُمَّ مُنزِلَ الكِتَابَ سَرِيعَ الحِسَابِ اَهزِمِ الاَحزابَ وَزَلزِلهِم وَانصُرنَا عَلَيهِم (اي منهنجا مولیٰ، ڪتاب (قرآن ڪريم) جا نازل ڪندڙ حساب تڪڙو ڪندڙ سيني ٽولن کي پڇاڙ، زلزلو وجهين ۽ اسان کي مٿن فتح ڏي). پوءِ الله تعاليٰ مٿن سخت ٺڏي هوا جو طوفان موڪليو ۽ ملائڪن کي فرمان ٿيو. جن وڃي سندن طنبن جون رسيون ڪَپي ۽ باهيون وسائي ڇڏيون. گهوڙن ۽ اُٺن ۾ اچي پاڃ پئي. ٺانوَ ٽپا سيئي طوفان اُڏائي وين. الله تعاليٰ هنن لفظن سان قرآن ڪريم ۾ انهن جو احوال ٿو فرمائي:

يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُواْ ٱذۡكُرُواْ نِعۡمَةَ ٱللَّهِ عَلَيۡكُمۡ إِذۡ جَآءَتۡكُمۡ جُنُودٞ فَأَرۡسَلۡنَا عَلَيۡهِمۡ رِيحٗا وَجُنُودٗا لَّمۡ تَرَوۡهَاۚ وَكَانَ ٱللَّهُ بِمَا تَعۡمَلُونَ بَصِيرًا ٩

ترجمو: اي مومنو! الله تعاليٰ جا توهان تي نعمت ڪئي آهي، اها ياد ڪريو. جنهن وقت توهان وٽ دشمنن جا لشڪر آيا پوءِ اسان مٿن سخت واچ طوفان موڪليو ۽ مَلَڪن جو لشڪر موڪليو جن کي توهان ڪونہ ڏٺو. الله تعاليٰ توهان جي عملن کي ڏسي ٿو (القرآن 9:33).

حضور صلي الله عليہ وسلم جن سومهڙي جي نماز پڙهي فرمايو: آهي ڪو جو اسان کي دشمنن جي خبر آڻي ڏي؟ ڪنهن ٻہ جواب ڪونہ ڏنو. سخت طوفان ۽ سرديءَ سبب ڪنهن کي ٻہ جرات ڪانہ پئي ٿئي. حذيفہ روايت ٿو ڪري تہ جڏهن منهنجو نالو ونڻي فرمايائون تہ: اي حذيفہ! تڏهن عرض ڪيم: لَبَيکَ يَا رَسُولَ اللّٰهَ (حاضر آهيان يا رسول الله). فرمايائون تہ: جي گهرين تہ قيامت ۾ مون سان گڏجي بهشت ۾ رهين تہ دشمنن جي خبر

لهي اڇ. ڇيم: حاضر آهيان پر سرديءَ جي ڪري ڏڪان ٿو. پاڻ فرمايائون: اوري اڇ. ويجهو ويس تہ هٿ مبارڪ منهنجي سيني ۾ پنيءَ تي هڻي دعا فرمايائون: اَللّٰهُمَّ اَحفِظهُ مِن بَينِ يَدَيهِ وَمِن خَلفِهِ وَعَنِ يَمِينِهِ وَعَن شِمَالِهِ وَمِن فَوقِهِ وَمِن تَحتِهِ (اي منهنجا مولا، هن کي حفاظت ۾ رک، هن جي آڏو ۽ پويان، سڄي کان، کٻي کان ۽ مٿان ۽ هيٺان). حذيفہ ڇيو تہ خوف تہ هليو ويو پر طاقت ۾ تمام گهڻي ٿيم ۽ گرم ۾ اهڙو ٿيس جو ڇڻ اونهارو آهي، گرمي پئي ٿيم. سردي تہ الائي ڪاڏي ويئي. مان خندق ٽُپي وڃي دسمنن جي وڇ ۾ وينس. مٿن ۾ پٿر پيا وسن، جي ڍالن سان پيا ٽارين. سندن طنبو پٽجي ويا. باهيون وسامي ويون هين. ابو سفيان چيلهہ تي هٿ ڏئي ٻـڌي دفعا اُٿيو وينو. خيال ڪيم تہ تلوار جو اهڙو ڏڪ هڻانس جو پورو ڪري ڇڏيانس. پر حڪم حضور صلي الله عليہ وسلم جو ڪونہ هو. پوءِ ابوسفيان وڃي پنهنجو اُٺ اٺاريو ۽ مٿس چڙهي چيائين تہ: ڀڄو اٿوَ تہ ڀڄو. عڪرمہ بن ابوجهل چيس تہ: ايڏو ڪِيس ڪيئن ٿو ڪرين؟ چيائين تہ: بنو قريظہ ٻہ بيزار ٿي ويا، هاڻي تہ سردي ۾ مرون ٿا. اُٺ گهوڙا ٻہ نٿا بيهن. طنبو ٻہ پٽجي ويا. خبر نہ آهي تہ طوفان ڪيترو وقت هلي، مري ويندا سين، اهو ٻُڌي سڀ قبيلا يڪدم ڀڄڻ جي تياري ڪرڻ لڳا.

حذيفہ اهو حال ڏسي اڇ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو. پاڻ خوش ٿي مرڪيا جو سندن ڏندن مبارڪن مان نور ڇِمڪي رهيو هو. مون کي ٻہ اتي اڇي سردي ورايو. پاڻ سڳورن پنهنجي لوئيءَ جو ڳچل حصو مون تي وِڌو ۽ مان سمهي پيس. اهڙي ننڊ اڇي ويئي جو صبح جو پاڻ سڳورن نماز لاءِ جاڳايو ۽ فرمايائون: اڄ کان پوءِ قريشن جو اچڻ اسان ڏي ختم ٿيو. هاڻي اسان مٿن حملو ڪنداسين. ٿيو ٻہ ائين جو وري ڪفارن مديني تي حملو نہ ڪيو. تان جو مڪي جي فتح ٿي.

جنگ خندق جا خاص واقعا: حضرت جابر بن عبدالله کان روايت آهي ته جنهن ڏينهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن پٿر پيڙهڻ لاءِ خندق ۾ لٿا هئا. انهي ڏينهن ڏٺم ته سندن پيٽ مبارڪ تي ٿي پٿر ٻڌل هئا، جو ٽن ڏينهن جي کين بُک هئي. گهر آيس، هڪ ننڍو ڇيلو ڪُهي ٺاهي، پنهنجي گهر واري کي چيم ته ڪجهہ اَنُ آهي ته پِيهي تيار ڪر ته حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي دعوت ڏئي ونڻي اچان. هڪ ٽوبو جَوَن جو هو، اهو پِيهي ۽ رَڌي پچائي تيار ڪيائين. شام جو ڪاٽي ڪٽي جڏهن موٽياسين، تڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي عرض ڪيم ته: ٿورو طعام آهي، منهنجي گهر هلو. پاڻ پڇياٿون: ته گهڻو آهي يا ٿورو؟ عرض ڪيم ته: تمام ننڍو ڇيلو ۽ هڪ ٽوبو جَوَن جو آهي. فرمايائون: تمام گهڻو آهي، پر گهرواري کي وڃي چئو ته ٻوڙ ٻہ چُلهہ تان نہ لاهي ۽ تَنور مان مانيءَ ٻہ نہ ڪڍي، جيستائين مان نہ اچان. پوءِ پاڻ منادي ڪرايائون ته خندق جا سڀئي اجوان اچو، جابر توهان جي دعوت ڪئي آهي. مان گهر آيس ۽ سڄو احوال گهرواري کي ٻڌايم، جنهن چيو ته پاڻ سڳورا پاڻهي پنهنجو ڪم پورا ڪندا. ٿوري دير کان پوءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جن آيا، ۽ تنور ۽ ديڳڙي وٽ بيهي برڪت جي دعا گهُري، فرمايائون ته: ڏهہ_ڏهہ ڄڻا گڏجي ويهن. اسان ٻوڙ ماني ڏيندا وياسين ۽ لشڪر کائيندو ويو. تان جو سڄو لشڪر ڏئو ڪري هليو ويو. پوءِ اسان کاڏو پاڙي اوڙي کي ورهائي ڏنوسين، ته ٻہ مانيءَ ٻوڙ نہ ڪُٽو.

بشر بن سعد جي ڏيءُ چيو ته مون کي امڙ کارڪون پلئہ ۾ ڏنيون ته پنهنجي پيءُ بشر بن سعد ۽ مامهين کي وڃي ڏي ته نيرن ڪن. پر لڪائي وڃ متان، ٻيو ڪو نہ ڏسي ونڻي. ويس پئي ته حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي ڏٺم، پڇياٿون ته: ڇا ٿي ڪنيو وڃين؟ عرض ڪيم: کارڪون آهن، بابي

۽ مامي لاءِ نيان ٿي. پاڻ فرمايائون: منهنجي ٻُڪ ۾ وِجهه. سندن ٻُڪ مبارڪ ۾ وِڌم ته پاڻ چادر کولائي اُن ۾ وجهي ڇڏيائون ۽ ٻيو پلئُه ڏڪي منادي ڪيائون ته خندق وارا اچي نيرن ڪريو. ماڻهو اچي گڏ ٿيا ۽ چوڌاري ڦري ويا. ڏٺم ته ڪارڪون ايتريون وڏي ويون جو ٻاهر پئي ڪِريون. انهن مان سپني کائي ڏئو ڪيو.

جنگ خندق ۾ جن اصحابن کي شهادت نصيب ٿي، تن جا نالا هي آهن: سعد بن معاذ، انس بن اوس، عبدالله بن سهيل، طفيل بن نعمان ۽ ڪعب بن زيد. انهن کان سواءِ جيڪي مشهور مشرڪ جهنم رسيد ٿيا، سي هي آهن: عمرو بن عبدود، نوفل بن عبدالله ۽ عثمان بن جبير، جنهن کي زخم رسيو پر مُئو وڃي مڪي ۾.

غزوه بنو قريظ

جنگ خندق کان پوءِ حضور صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي اصحابن سان موڻي مديني منور پهتا. عائشه صديقه ٿي فرمائي: ته حضور صلي الله عليه وسلم جن غسل ڪري پاڪ صاف ٿي وينا ته گهر جي ٻاهران سلام جو آواز آيو. حضور صلي الله عليه وسلم جن گهر کان ٻاهر نڪتا، مان به سندس پويان ويس ته دحيته الڪلبي کي ڏٺم. منهن تي غبار هئس ۽ خچر تي سوار هئو. ڪن چيو آهي ته اُٺ تي سوار هئو جنهن تي ابريشم جي جهُل پيل هئي. حضور صلي الله عليه وسلم جن سندس منهن تان گرد غبار پئي لاٿو. هن چيو ته: هٿيار لاهي ڇڏيا اٿوَا! ملائڪن اڃا هٿيار ڪونه لاٿا آهن. جلدي ڪري هٿيار پهريو ۽ اصحابن کي هٿيار پهرائي، بنو قريظ ڏي تياري ڪريو. مان وڃي ٿو سندن ڪوٽ کي زلزلو وجهان. حضور صلي الله عليه وسلم جن يڪدم گهر ۾ آيا، پڇا ڪيم ته ڪير هو؟ پاڻ فرمايائون:

جبرئيل هو. پوءِ حضرت بلال رضي الله عنہ کي سڏائي حڪم فرمايائون تہ: منادي ڪر تہ سيڪو هٿيار پهري بنو قريظہ ڏي هلي، جيئن ٽپهري نماز اتي هلي پڙهجي. عبدالله ابن ام مڪتوم کي مديني جو خليفو مقرر ڪيائون ۽ حضرت علي رضہ کي جهنڊو ڏئي، اڳ ۾ ئي روانو ڪيائون. پوءِ پاڻ بہ هٿيار پهري، زرهہ بدن مبارڪ تي، خود سِرُ مبارڪ تي، ڍال ڪُلهي تي ۽ نيزو هٿ ۾ ڪٽي، طيفا نالي گهوڙي تي سوار ٿيا. بہ گهوڙا ٻيا بہ ڪنجڪي ڪري ڪاهيائون. صديق اڪبر سڄي طرف ۽ عمر فاروق ڪٻي کان، مهاجر ۽ انصار اڳيان پويان گڏجي روانا ٿيا.

انهي لشڪر ۾ ٽي هزار جنگي مرد ۽ چٽيہ گهوڙا هئا. رستي ۾ قبيلي بني نجار ۾ پهتا تہ اهي بہ هٿيار پهريو بينا هئا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايُن تہ توهان کي ڪنهن تيار ڪيو؟ چيائون تہ: دحيتہ الڪلبي اسان کي حڪم ڏنو تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن پنهنجي اصحابن سان هٿيار پهريو بنو قريظہ سان جنگ لاءِ سنبريا ٿا اچن، توهان بہ تيار ٿيو. تنهنڪري اسان بہ تيار ٿيا بينا آهيون. پاڻ فرمايائون تہ: اهو جبرئيل عليہ السلام هو. پوءِ سومهٽي جي نماز وقت بنو قريظہ ۾ وڃي پهتا.

حضرت علي رضہ جيئن ڪوٽ جي ويجهو ويو تہ يهودي بينا هئا، ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي شان ۾ گهٽ وڌ چوڻ لڳا. حضرت علي رضہ کي تمام ڏاڍي ڪاوڙ آئي، سو جهنڊو ابوقتاده کي ڏئي، حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي استقبال لاءِ ويو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کيس ڏسي چيو تہ شايد بنو قريظہ منهنجي شان ۾ گهٽ وڌ ڳالهايو آهي؟ عرض ڪيائين: انهيءَ ڪري تہ آيو آهيان تہ توهان انهن ڪميٽن جي روبرو ئي نہ هلو. پاڻ فرمايائون تہ: مون کي ڏسي کين طاقت نہ ٿيندي جو منهنجي باري ۾ ڪجهہ ڳالهائين. جڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن سندن روبرو ويا

۽ کين چيائون: يَا اِخوَتِ القِردَتِ وَالخَنَازِيرا! اَنزِلُو عَلیٰ حُکمِ اللهِ وَرَسُولِہ (اي سوئرن ۽ پولڙن جا پائرو! لهي اچو الله تعاليٰ ۽ رسول جي حڪم تي). اِخفآءُکُم اللهُ (توهان کي الله تعاليٰ رحمت کان جدا ڪري). هنن جواب ۾ چيو: يَا اَبُوالقَاسِمُ لَستَ جُهولاً وَلاَ فَحَاشاً؟ (اي ابو القاسم تون نہ اڻ سڌريل آهين نہ وري گاريون ڏيندو آهين). انهن لفظن، حضور صلي الله عليہ وسلم جن تي ايترو اثر ڪيو جو هٿ مبارڪ مان لڪڻ ڪِري پين ۽ ڪلهي تان چادر بہ ڪِري پين.

اسيد بن الحضير يهودين کان چيو تہ: اسان ڪڏهن توهان جو گهيرو ڪونہ ڇڏينداسين، پلي بُکن ۾ پيا مرو، جيستائين اچي پيش نہ پوندئو. يهودين چيو تہ: تون اسان جو دوست هئين. اسان جي توهان جي پاڙي وارن بني خزرج سان هميشہ کان وڻي محبت هئي، توکي لائق نہ آهي جو اهڙا خسن چوين. اسيد چيو تہ: اسلام اسان ۽ توهان جي دوستي ڪپي ڇڏي آهي. محاصري کي پندرهن ڏينهن ۽ ڪن چيو تہ پنجويهہ ڏينهن گذري ويا.

حضرت سعد بن عباده کارڪن جا اُٺ پري ايندو هو، جيڪي لشڪر کائيندو هو. پاڻ سڳورا فرمائيندا هئا تہ: کارڪون ڏاڍو سٺو طعام آهي، نيٺ يهودين تنگ ٿي، بناش بن قيس کي حضور حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ موڪليو تہ: اسان بنو النضير جيان وطن ڇڏي وڃون، اسان کي معافي ڏيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن اهو شرط قبول نہ ڪيو. وري عرض ڪيائون تہ فقط سِر ڪٽي زالن ۽ ٻارن کي وڻي هليا وڃون، پر حضور صلي الله عليہ وسلم جن اها ڳالهہ بہ نہ مڃي.

يهودين جو پاڻ ۾ مشورو: ڪعب بن اسد، جيڪو بنو قريظہ جو سردار هو سيني يهودين کي سڏيو. حيّ بن اخطب بہ پنهنجي وعده موجب اچي ساڻن ڪوٽ ۾ داخل ٿيو. ڪعب بن اسد تقرير ڪئي تہ: توهان سيئي

يهودي ڄاڻو ٿا تہ اسان فقط حسد ۽ بغض جي ڪري محمد صلي الله عليہ وسلم تي ايمان نٿا آڻيون. باقي سيني کي يقين آهي تہ نبي برحق آهي. چڱو آهي تہ اسان مٿس ايمان آڻيون. انهيءَ طرح اسان جا سر ۽ ٻار ٻچا بچي ويندا ۽ پنهنجي وطن ۾ رهي عزت آبرو سان حياتي گذاريندا سين. يهودين چيو تہ: اسان مٿس ايمان ڪونہ آڻيندا سين. ڪعب چيو تہ: ٻي ڳالهہ اها آهي تہ پنهنجي هٿن سان پنهنجا ٻار ۽ زالون قتل ڪري ڇڏيون ۽ پوءِ لڙون. جيڪڏهن فتح سان جي ٿي تہ پوءِ زالون ۽ ٻار بہ ٿي پوندا، پر جيڪڏهن مارجي وياسين تہ پوءِ بہ پويان جي ڳٽتي نہ رهندي. ٽئين تجويز اها آهي تہ اڄ رات ۽ ڇنڇر جو ڏينهن يهودين جي عبادت جو ڏينهن آهي، ۽ انهي رات لڙائي نہ ڪندا. مسلمان هينئر آراميا آهن، تنهنڪري اچو تہ مٿن حملو ڪريون. تنهن تي يهودين چيو تہ: ڇنڇر ڏينهن اسان جي وڏن خلاف ڪم ڪيو تہ سندن شڪليون بدلجي ويون ۽ ٻولا، باندر ۽ سوئر ٿي ويا. اسان بہ جيڪڏهن ائين ڪنداسين تہ اسان جو بہ ساڳيو حال ٿيندو.

ابو لبابہ جي توبہ قبول پوڻ: يهودين، حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڏي ماڻهو موڪليو تہ اسان ڏي ابو لبابہ بن عبدالمنذر کي موڪليو تہ انهي سان صلاح ڪريون، جو هي بني اوس مان آهي ۽ اهي اسان جا سڄڻ آهن. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي اجازت سان جڏهن ابولبابہ انهن وٽ پهتو تہ سيئي زالون ۽ ٻار گڏجي ابولبابہ وٽ آيا ۽ تمام گهڻو رُنا. سيني چيو تہ: صلاح ڏي تہ محمد صلي الله عليہ وسلم وٽ وڃون؟ چيائين: هائو پلي هلو. پر آڱر سان نڙيءَ ڏي اشارو ڪيائين. جنهن جو مطلب هو تہ ويندئو تہ ڪُسجي ويندئو.

ابولبابہ ٿو چوي تہ: انهي پيرن تي ئي سنياليم تہ الله ۽ رسول سان خيانت ڪيم. سو سڌو مديني منور وڃي پاڻ کي مسجد نبوي جي ٿنڀن

سان ٻڌي ڇڏيم تہ جيستائين الله تعاليٰ معافي نہ ڏيندو ۽ پاڻ سڳورا پنهنجي هٿن سان نہ ڇوڙيندا، تيستائين ٻڌل رهندس. پوءِ ڇهہ ڏينهن ڇهہ راتيون برابر ٻڌل رهيو. مانيءَ جي وقت تي سندس زال اچي ماني کارائي ويندي هئي.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن بہ بنو قريظہ کان فارغ ٿي، بيبي ام سلمہ جي گهر آيا. بيبي صاحبہ فرمائي ٿي تہ صبح ٿيو تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن مُرڪيا. عرض ڪيم تہ الله تعاليٰ توهان کي ڪلائي ٿو. هيءَ مُرڪ ڇاجي ڪري آهي؟ فرمايائون تہ: ابولبابہ جي توبهہ قبول ٿي. بيبي صاحبہ فرمايو تہ انهي وقت حجاب (پردي) جو حڪم ڪونہ هو. سو عرض ڪيم تہ: ابو لبابہ کي مبارڪ ڏيان. پاڻ سڳورن هائوڪار ڪئي. تڏهن حجري جي در تي بيهي چيم: ابولبابہ! مبارڪ هجئي جو تنهنجي توبهہ قبول پئي اهو ٻُڌي ماڻهو اچي گڏ ٿيا ۽ ابولبابہ کي چيائون تہ: توکي ڇوڙيون؟ چيائين تہ: پلي پاڻ سڳورا پنهنجي هٿن سان ڇوڙين تہ سرهو ٿيان. پاڻ سڳورن ڪيس اچي ڇوڙيو ۽ مبارڪ ڏنائون. سندس باري ۾ هيءَ آيت نازل ٿي:

وَاٰخَرُوْنَ اعْتَرَفُوْا بِذُنُوْبِهِمْ خَلَطُوْا
عَمَلًا صَالِحًا وَّاٰخَرَ سَيِّئًا ؕ عَسَى اللّٰهُ اَنْ
يَّتُوْبَ عَلَيْهِمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۰۲﴾

ترجمو: ٻين پنهنجي گناهن جي قبوليت ڏني، عملن نيڪ سان ٻُرا عمل رلايائون. جلدي الله تعاليٰ مٿن رجوع ٿيندو. الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي (القرآن 102:9).

پهرين جڏهن ابولبابہ جي خبر حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي پئي تہ فرمايائون: مون وٽ اچي ها تہ الله تعاليٰ کان معافي ونئي ڏيانس ها. پر

هاڻي جو سڏو سنئون الله تعاليٰ سان رجوع ٿيو آهي تہ پاڻهي اهو سندس حق ۾ فيصلو ڪندو. آخر سندس توبهہ قبول پئي ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم جن پنهنجي هٿن سان ڇوڙيس.

بنو قريظہ جو پيش پوڻ ۽ قتل ٿيڻ: بنو قريظہ جا يهودي نيٺ محاصري ۾ تمام تنگ ٿي اچي پيش پيا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن، محمد بن مسلمہ کي حڪم ڏنو تہ: مردن جا هٿ مظبوط ٻڌ ۽ عبدالسلام کي حڪم فرمايائون تہ: يهودين جون زالون ۽ ٻار، مال مواشي ۽ سمورو سامان سنيال، جنهن ۾ ايڏائي هزار تلوارن، ٽي سئو زرهہ ۽ ايڏائي هزار ڍالون هيون، باقي سامان ۽ مال مواشي بي انداز هو.

مسلمانن مان بني اوس جي قبيلي انصارن مان معتبر ماڻهو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ آيا تہ: توهان رحمت اللعالمين آهيو. توهان احسان ۽ حيا جا درياءَ آهيو. بني قريظہ جا يهودي اسان جا دوست آهن، کين معافي ڏيو جيئن بنو قينقاع کي اسان جي پائرن بني خزرج جي عرض ۽ سفارش ڪري معافي ڏنيوَ! بني قريظہ اسان جا حليف آهن. هنن غداري ۽ عهد شڪني جي ڪري گهڻو ئي سَنو آهي ۽ هينئر تمام پشيمان ٿيا آهن، تنهنڪري کين معافي ڏيو.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: توهان انصارن جي قبيلي بني اوس مان توهان جي چگّي مڙس سعد بن معاذ کي حَڪم (مشير) ڪريون، تہ پوءِ جيڪو اهو فيصلو ڏئي، توهان ان تي راضي رهندئو؟ هنن چيو تہ: اسان کي قبول آهي.

حضرت سعد زخمي هو، سندس مرهم پٽي مديني ۾ اسلم قبيلي جي مائي رفيده ڪندي هئي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن ماڻهو موڪليو، جيڪو کيس گڏهہ تي چاڙهي وٺي آيو. سندس مائٽ بنو اوس وارا اڳ ۾ ئي

وڃي رستي تي مليس، تہ بنو قريظہ جو فيصلو حضور صلي الله عليہ وسلم جن تنهنجي حوالي ڪيو آهي. بنو قريظہ هميشہ اسان جا دوست ۽ حليف ٿي رهيا آهن، تنهنڪري تون بہ پنهنجي حليفن دوستن سان ڇڪو برتاءُ ڪجانءِ تہ جيئن قتل کان بچي وڃن. حضرت سعد سندن ڳالهيون ٻڌندو رهيو پر کين ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنائين. آخر جڏهن هنن تنگ ڪيس، تڏهن ايترو چيائين تہ: سعد کي الله جي دربار ۾ ملامت کٽڻي نہ آهي. تڏهن هو نااميد ٿي موٽي ويا.

حضرت سعد جي پهچڻ تي، حضور صلي الله عليہ وسلم جن حاضرين کي فرمايو: قُومُو لِسَيِّدِكُم (پنهنجي سردار جي آڏو بيهو). سندس پاڻي وارا بني الاشهل جا ماڻهو اُٿيا، جن کيس گڏهہ تان لاهي حضور جي خدمت ۾ حاضر ڪيو. حضرت سعد سهڻو ڊگهو ۽ جسيم هو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي پر ۾ وينو. قبيلہ اوس وارن حضرت سعد کي چيو تہ: حضور صلي الله عليہ وسلم جن بنو قريظہ جو معاملو تنهنجي حوالي ڪيو آهي. هو تنهنجا قديمي زماني کان حليف آهن. سختي ۾ سندن مدد ڪرڻ گهرجي. هي وقت آهي تہ مٿن رحم ۽ شفقت ڪرڻ جو. حضرت سعد بنو اوس ۽ بنو قريظہ کي چيو تہ: جيڪو مان فيصلو ڪريان، اهو توهان کي قبول آهي؟ هنن چيو: اسان کي قبول آهي. وري حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي جماعت طرف منهن ڪري پڇيائين تہ: توهان کي بہ منهنجو فيصلو قبول آهي؟ حضور صلي الله عليہ وسلم جن ۽ سموري جماعت چيو: فيصلو قبول آهي، تڏهن حضرت سعد چيو تہ: هي جنگي ڏوهاري ۽ قيدي آهن. هنن عهد شڪني ڪئي آهي، ۽ باغي آهن، ۽ معافي جا حقدار نہ آهن، تنهنڪري هنن مان مرد ماڻهو قتل ڪيا وڃن. سندن زالن ۽ ٻارن کي ٻانهيون غلام بنايو وڃي. سندن مال متاع مسلمانن ۾ تقسيم ڪيو وڃي.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: جيڪو سعد فيصلو ڏنو آهي، الله تعاليٰ آسمانن ۾ ڪري چڏيو آهي.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن مديني منور ڏي ڪوچ ڪيو. پوءِ سندن حڪم موجب مردن جا هٿ ٻڌي اسامہ بن زيد جي جاءِ ۾، ٻارن ۽ زالن کي رملہ بنت حاث جي جاءِ ۾ رکيائون. ٻہ-ٽي خرار کارکن جا قيدي جي آڏو اڇلايائون، انهن جا هٿ ٻڌل هئا، سو اونڌا ٿيو پئي کاڏائون. يهودين اها سڃي رات تورات پئي پرهيو ۽ هڪٻئي کي وصيت پئي ڪيائون.

صبح جو حضور صلي الله عليہ وسلم جن حڪم فرمايو تہ: قيدين کي قتل ڪري خندق ۾ اڇلايو وڃي، ۽ انهيءَ ڪم لاءِ حضرت علي رضہ ۽ حضرت زبير رضہ کي حڪم فرمايائون. حيّ بن اخطب کي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي روبرو آندائون تہ فرمايائونس تہ: يَاعَدُوُّالله (اي خدا جا دشمن!) الله تعاليٰ توکي خوار ڪري، قيديءَ جي صورت ۾ اسان جي سامهون پيش ڪيو. هُن خبيث چيو تہ: مون کي ارمان ڪونهي جو مان تنهنجو پڪو دشمن آهيان.پرواهہ ناهي، بني اسرائيلن جي اهڙا گهٽا واقعا آيا آهن. حضرت علي رضہ جڏهن سندس سِرُ لاٿو تہ ڪنڌ نِوائي ڏنائين ۽ چيائين تہ: مهرباني ڪري منهنجا ڪپڑا نہ لاهجانءِ. حضرت علي رضہ کيس تلوار هڻي جهنم ڏي موڪليو ۽ سندس ڪپڑا نہ لاٿائين.

وري ڪعب بن اسد جيڪو بنو قريظہ جو سردار هو، اهو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي اڳيان پيش ٿيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن چيس تہ: انجام شڪني جو نتيجو مليئي يا نہ؟ هن چيو تہ: يهودي ملامت نہ ڪن ها تہ توتي ايمان آڻيان ها، جو تون برابر سچو نبي آهين، پر ڇا ڪريان جو يهودي چوندا تہ موت جي ڊپ کان محمد (صلي الله عليہ وسلم) تي ايمان آندائين تنهنڪري مون کي بہ پلي قتل ڪريو. پوءِ کيس جهنم

ڏي موڪليو ويو. صبح کان وٺي رات تائين حضرت علي رضہ تلوار ٻئي هلائي. ڪن چيو تہ چار سئو ڪن چيو تہ ڇهہ سئو ۽ ڪن چيو آهي تہ نَوَ سئو يهودي قتل ٿيا.

عائشہ صديقہ رضہ روايت ٿي ڪري تہ: بنو قريظہ مان هڪ عورت مون وٽ ويٺي هئي، تمام کلڻي ۽ خوش طبع هئي. مون کي بہ ڏاڍي وڻي ٻئي. ايتري ۾ ڪيس سڏ ٿيو. کلندي ٻاهر نڪتي. پڇيومانس تہ ڇو سڏ ٿيئي؟ چيائين تہ قتل لاءِ. چيم تہ اسان جو دستور ناهي جو زالن کي قتل ڪجي. چيائينس تہ منهنجو مڙس جوان هو اسان زال مڙس جي ڏاڍي دل هئي. منهنجي مڙس چيو تہ هينئر اسان قيد ٿي قتل ٿيندا سين ۽ توهان زالون مسلمانن جون ٻانهيون ٿيندیون. مون چيو تہ ٻلا ڪو حيلو آهي جو مون کي توسان گڏ قتل ڪن. هُن چيو تہ قلعي جي هيٺان مسلمان وينا آهن، مٿن پٿر جي ڇِڇ اُڇلاءِ، جيڪڏهن انهن مان ڪو قتل ٿيو تہ توکي بہ ان جي قصاص ۾ قتل ڪندا. مان مٿن ڇِڇ ڪيرائي، جا خلاد بن سويد تي ٻئي، هاڻي مون کي ان جي عيوض قتل ڪندا. آخر ڪيس قتل ڪيائون. عائشہ صديقہ فرمائي ٿي تہ: مدت گذري ويئي پر مون کان انهي عورت جو کلڻ ۽ خوش طبعي نٿي وسري، جو موت جي وقت بہ ڪيس ڏاڍي خوشي هئي.

بنو قريظہ جي قتل جو ڪم پورو ٿيو. سندن مال اسباب تقسيم ٿيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن خمس (پنجين پتي) ڪڍي، باقي تقسيم ڪيو. سوار کي بہ حصا ۽ پيادي کي هڪ حصو ڏنائون. بنو قريظن جا چٽيهہ گهوڙا هئا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن سعد بن زيد انصاري کي قيدي ٻانها ۽ ٻانهيون ڏنيون تہ نجد ۾ وڪڻي هٿيار ۽ گهوڙا خريد ڪري اچي.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي ريحانہ بنت عمر سان شادي: ٻانهين مان حضور صلي الله عليہ وسلم جن ريحانہ بنت عمر بن خنافہ کي پاڻ لاءِ چونڊيو ۽ کيس چيائون تہ: توکي آزاد ڪري توسان شادي ڪريان، پردو ڪر! هن عرض ڪيو تہ: مون کي پنهنجي ٻانهين مان شمار ڪريو پردو مون کي ڏکيو لڳندو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن اسلام جي تلقين ڪيس. هن چيو تہ: آءُ يهوديااٽي ٿي رهنديس، مذهب ڪونہ مٽائينديس. آخر هڪڙي ڏينهن ثعلبہ ابن سعيد اچي حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي ٻڌايو تہ: ريحانہ اسلام قبول ڪيو آهي. پاڻ سڳورا تمام خوش ٿيا ۽ ساڻس شادي ڪيائون. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي وفات وقت ہ ببي ريحانہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ هئي.

حضرت سعد رضہ جي شهادت

بنو قريظہ جو معاملو ختم ٿيو تہ حضرت سعد رضہ جو زخم ڇڪي پيو. انهي ڪري سندس حالت نازڪ ٿيندي ويئي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن پنهنجي ران مبارڪ تي سندس سِر رکي فرمايو: اي منهنجا مولي سعد تنهنجي رسول تي ايمان آندو، تنهنجي دين اسلام جي بلندي لاءِ خزم ڪاڌائين. اسلام جا جملي احڪام ادا ڪيائين. اي مولي ڪيس پاڻ ڏي ٿو گهرائين تہ سندس روح سانيءَ سان قبض ڪر ۽ سندس قيامت موچاري ڪر! حضرت سعد اکيون کولي، حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڏي ڏسي چوڻ لڳو:

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ

پاڻ سڳورن کيس ڪٽائي پنهنجي گهر موڪليو. رات جو اڌ گذريو تہ جبرئيل اچي خبر ڏني تہ حضرت سعد گذاري ويو. رحمت جا دروازا کلي ويا

آهن. پاڻ سڳورا انهيءَ وقت ٿي مٿس ويا. اصحاب ڪفن وغيره جو ڪم پورو ڪري ڪيس جنت البقيع ڏي کڻي ويا. حضرت سعد تمام جسيم ۽ قدآور مڙس هو. پر اصحابن عرض ڪيو تہ: سعد اهڙو هلڪو آهي، جو جڏ اسان جي ڪلهن تي ئي ڪونهي. تڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: سعد جو جنازو ملائڪ پيا کڻن. وري جڏهن ڪيس قبر ۾ رکيو ويو تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن تڪبير جو نعرو هنيو تہ اصحابن بہ تڪبير هنئي. اصحابن کانئن تڪبير جو سبب پڇيو تہ فرمايائون: هن صالح ٻانهي کي قبر اهڙي ڀيڙ ڏني جو سندس پاسيريون گڏجي ويون. وري فرمايائون تہ: قبر جي ڀيڙ سخت آهي، جيڪڏهن ڪو قبر جي ڀيڙ کان ڇُٽي ها تہ سعد بن معاذ ڇُٽي ها.

روايتن ۾ آهي تہ حضرت سعد ۾ ٻي ڪا خاص ڳالهہ ڪانہ هئي، پر هو گهَڻيرو هو. جو پنهنجي ٻار ٻچن سان گهَڻي ڪندو هو ۽ گهر جي ماڻهن سان سختي سان پيش ايندو هو. تنهنڪري کيس قبر جي ڀيڙ ٿي. وري جڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن دعا گهُري تہ سندس قبر ڪُشادي ٿي ۽ کيس نجات ملي.

عمرو بن العاص ۽ خالد بن وليد جو اسلام آڻڻ

حبيب ابن اوس ثقفي، عمرو ابن العاص کان روايت ٿو ڪري تہ: جنگ خندق کان موٽي آياسين تہ اسان جي نااميدي جي ڪا حد ئي ڪانہ رهي. نهايت حسرت ۽ ارمان ۾ رهياسين. اسان جا خرچ خروچ هڪ طرف اجايا ويا، تہ ٻئي طرف عمر وين عبدود جهڙا مڙس بہ مارائي آياسين، تنهنڪري قريشن سوچيو تہ ڪنهن وڏي مدبر ۽ سياستدان سان صلاح ڪجي تہ ايڏي فوج ۽ لشڪر هوندي بہ اسان کي فتح تہ ڪانہ ٿي پر اٽلندو

کيلڻ هباب ٿياسين. هاڻي ڇا ڪجي! آخر صلاح ڪيائون تہ عمرو ابن العاص اسان ۾ وڏو ڇالاڪ آهي ۽ آسپاس جي بادشاهن سان سندس ڏيٺ ويٺ آهي، ان سان صلاح ڪرڻ گهرجي. پوءِ تہ جيڪي بہ معتبر قريش هئا سي گڏجي مون وٽ آيا ۽ ساري حقيقت بيان ڪيائون. مون کين چيو تہ: ڏسو ٿا تہ روزو بروز محمد (صلي الله عليہ وسلم) جو ڪم وڌندو ٿو وڃي، ۽ سندس دين جي ترقي ٿيندي پئي وڃي. جيڪي سندس مخالف ۽ دشمن آهن سي وڃن ٿا جيتبا ۽ ميٽبا، تنهنڪري منهنجو رايو آهي تہ اسان حبش جي بادشاهہ نجاشي ڏي هلون. هو اسان جو تمام خيرخواهہ آهي. محمد (صلي الله عليہ وسلم) سان عرب مقابلو ڪندا رهندا. جيڪڏهن محمد (صلي الله عليہ وسلم) هارايو تہ اسان جو ڪم ٿي ويو. پر جيڪڏهن محمد (صلي الله عليہ وسلم) کي فتح ٿي تہ پوءِ سندس تابع ٿيڻ کان بهتر آهي تہ نجاشي جي ماتحت رهون. اها راءِ سڀني کي پسند آئي، چيائون تہ: اول تحفا تحائف ڪڍي نجاشي وٽ وڃي، ڪانئس جايون جڳهيون ونڻي اڇ تہ پوءِ ڪڍي هجرت ڪريون. نجاشي کي 'ادم' (مڪي جي ڪارڪن جو عمدو قسم) تمام وڻندو هو. اهو گڏ ڪري ڏنائون. آءُ اهي ڪارڪون ڪڍي حبش ۾ پهتس تہ مون کان اڳ ۾ ئي عمرو ضميري نجاشي سان ملي موڻي آيو هو. جنهن کي محمد صلي الله عليہ وسلم جن، حضرت جعفر ابن ابي طالب ۽ سندس ساڻين جي سفارش لاءِ، حبش ڏي هجرت ڪري ويا هئا، موڪليو هو. مان نجاشي وٽ ويس، دستور موجب تعظيم جو سجدو ڪيم. مون کي نجاشي تمام گهڻي عزت ڏني ۽ پوءِ چيائين: پنهنجي ملڪ جي ڪا سوڪڙي آندي اٿئي؟ عرض ڪيم تہ: بادشاهہ سلامت! توهان لاءِ 'ادم' ڪارڪون تمام گهڻيون آنديون اٿم. هو ڏاڍو خوش ٿيو. پوءِ چيومانس تہ: عرض آهي، پر قبول ڪندي؟ چيائين تہ: تنهنجو عرض قبول نہ ڪندس تہ

ٻئي ڪنهن جو ڪندس. پلي چئو! چيم تہ: عمرو ضميري اسان جي وڏي دشمن جو قاصد آهي، مهرباني ڪري اهو مون کي ڏي تہ قتل ڪريانس. منهنجا پويان قريش پُڏي توکي بہ شامل ڪندا ۽ منهنجي بہ عزت ڪندا. منهنجو ائين چوڻ نجاشي جو غصي ۾ اچڻ، تمام ڳاڙهو ٿي پنهنجي نڪ کي اهڙو ڏڪ ڪاوڙ مان هنيائين جو سمجهيم تہ پنهنجو نڪ پيڄي وڃائين. مان بہ شرم ۾ پُڏي ويس تہ جي زمين جي جاءِ ڏي هليو وڃان. پوءِ عرض ڪيم: مون کي معاف ڪريو. خبر هجيم ها تہ توهان ڪاوڙبئو تہ بلڪل نہ چوان ها. چيائين: تون اهڙي مڙس جي قتل جي گهُر ڪري رهيو آهين، جنهن تي ناموس اڪبر (جبرئيل) نازل ٿو ٿئي. جيڪو موسيٰ عليہ السلام ۽ عيسيٰ عليہ السلام تي نازل ٿيندو هو. چيم تہ: سچ ٿو چوين. محمد (صلي الله عليہ وسلم) برابر اهڙو آهي. چيائين تہ: هي آخر الزمان جو نبي مرسل آهي، جيڪو سندس مخالف هوندو سو دنيا ۾ مارجي برباد ٿي ويندو ۽ آخرت ۾ جهنم ۾ ويندو. جيڪو هن جي مطيع ۽ تابعدار هوندو اهو دنيا ۾ سوپارو ۽ آخرت ۾ بهشت ۾ ويندو. چيم: سچ ٿو چوين. چيائين: خدا جو قسم تہ مان مٿس ايمان آندو آهي. توکي بہ صلاح ٿو ڏيان تہ مٿس ايمان آڻ. چيم: تنهنجي هٿ تي؟ چيائين: هائو. پوءِ سندس هٿ تي ايمان آندم ۽ بيعت ڪيم. موڻي پنهنجي رفيقن وٽ آيس، پر پنهنجو ايمان انهن کان مخفي رکيم. پوءِ مديني جو ارادو ڪري نڪتس تہ وڃي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ گذريل ڏوهن جي معافي ونڻان. سندن ئي روبرو مشرف باسلام ٿيان تہ رستي ۾ خالد بن وليد مليو جو مڪي مان مديني پئي ويو. پڇيومانس تہ: ڪاڏي؟ چيائين تہ: يار مان تہ وڃان ٿو حضرت محمد رسول الله تي ايمان آڻڻ. چيم تہ: واهہ جي ڳالهہ ڪئي اٿئي. مان بہ ايمان آندو آهي ۽ وڃان ٿو سندن ملاقات لاءِ. پوءِ ٻيئي گڏجي مديني منور ۾

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ پهتاسين. خالد بن وليد مون کان اڳ ۾ وڏي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي بيعت ڪئي ۽ ايمان آندو. پوءِ مان بہ اڳتي وڏي عرض ڪيو: يارسول الله! مان بيعت هن شرط سان ڪندس تہ منهنجا اڳيان گناهہ معاف ٿين ۽ پوين گناهن تي گرفتاري نہ ٿئي. فرمايائون تہ:اي عمرو! اسلام اڳيان پوبان گناهہ ميٽي ٿو ڇڏي. پوءِ بيعت ڪيم ۽ مٿس ايمان آندم. اتي ئي عثمان ابن طلحہ بہ اچي نڪتو جيڪو پڻ مسلمان ٿيو.

غزوه مرالیسع يعني بني مصطلق

مڪي ۽ مديني جي وچ ۾ 'مرالیسع' هڪ ڪوهہ جو نالو آهي، جنهن تي بني مصطلق آباد هئا. 'مصطلق' خذيمتہ بن سعد بن عمرو بن ربيہ بن حارث جو لقب آهي ۽ بنو خزاعہ ڏي منسوب هوندا آهن. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي معلوم ٿيو تہ بنو مصطلق جو سردار حارث بن ابي ضرار عرب جا قبيلا پاڻ سان شامل ڪري، مديني تي حملو ڪرڻ وارو آهي. تڏهن پاڻ سڳورن بريدتہ ابن الخضيب کي حقيقت معلوم ڪرڻ لاءِ بني مصطلق ڏي موڪليو. جيڪو حارث سان وڃي مليو ۽ ڏنائين تہ جنگ جي تياري ۾ لڳا پيا آهن. حارث هن کان احوال پڇيو. بريدتہ چيو تہ: مان بہ پنهنجي قوم جو سردار آهيان. پُڏو اٿم تہ توهان مديني تي چڙهائي جون تياريون پيا ڪريو. توهان کان اڳ ئي اسان محمد (صلي الله عليہ وسلم) سان جنگ ڪرڻ لاءِ تيار هئاسين، پر هينئر جو توهان جي تياري پُڏي اٿئون تہ پوءِ ڇونہ توهان سان گڏجي محمد (صلي الله عليہ وسلم) سان جنگ ڪريون. هو جهڙو دسمن توهان جو تهڙو اسان جو. حارث ڏاڍو خوش ٿيو ۽ بريده جي تعظيم تڪريم ڪيائين. موڪلائڻ وقت هڪڙي کان

لسڪر جي نڪرڻ جون تاريخون ونڊي ڇڏيائون. بريده سمورو احوال اچي حضور صلي الله عليہ وسلم جن سان عرض ڪيو جنهن تي پاڻ سڳورون بہ تياريءَ جو حڪم ڏنو. ابوذر غفاري رضہ کي مديني جو خليفو مقرر ڪيائون. مهاجرن جو جهنڊو حضرت علي رضہ کي ۽ انصارن جو سعد بن عباده کي ڏنائون. حضرت عمر فاروق رضہ کي لشڪر جي مقدمہ جو سالار زيد بن حارث کي سڃي جو ۽ عڪاشہ بن محصن کي ڪپي جو سالار ڪيائون. لشڪر ۾ ٽيهہ گهوڙا مهاجرن جا ۽ ويهہ انصارن جا هئا. منافق بہ هن جنگ ۾ غنيمت جي لالچ ڪري مسلمانن سان گڏجي هليا. رستي ۾ دشمنن جو جاسوس هٿ لڳو. جيڪو حضرت عمر رضہ وٽ پيش ڪيائون. حضرت عمر رضہ وري ڪيس حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ڪيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڪيس اسلام جي آڇ ڪئي، پر سندس انڪار تي ڪيس قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنائون. انهي قتل جو ٻُڌي اهي عرب قبيلا جيڪي حارث جي ڪوٽ تي آيا هئا، تن ۾ خوف ۽ هراس پيدا ٿيو. آخر اهي ونڊي ڇڳا، باقي وڃي بني مصطلق جا ماڻهو بچيا. هيڏانهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن بہ منزلون ڪري اچي بني مصطلق جي ڪوهہ تي پهتا. ڪفارن لڙائيءَ لاءِ پنهنجي لشڪر کي آندو ۽ جهنڊو صفوان نالي پنهنجي هڪڙي بهادر کي ڏنائون. طرفين جون صفون بيهجي ويون. پاڻ سڳورن، حضرت عمر رضہ کي فرمايو تہ: ڪفارن کي اسلام جي دعوت ڏي. هو اسلام قبول ڪن تہ اسان جا پائر آهن. حضرت عمر فاروق رضہ ڪفارن کي چيو تہ: چئو لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ ۽ تہ توهان جا سِر ۽ مال متاع سڀ محفوظ ٿي ويندا ۽ توهان اسان جا پائر ٿي پوندا. پر هنن انڪار ڪيو. تڏهن اسلام جي لشڪر کي حملي جو حڪم ٿيو. انهي جنگ ۾ ڪفارن جا ڏهہ ماڻهو مارجي ويا. باقي سمورا قيد ٿيا ۽ مسلمانن

مان فقط هڪ اصحابي شهيد ٿيو. بني مصطلق مان هڪ ماڻهو مسلمان ٿيو جنهن چيو ته: اسان ڏٺو ته آسمان مان لٽل اڇن ڪپڙن سان ابلق گهوڙن تي سوار لشڪر، مسلمانن جي لشڪر سان ملي ويو. پوءِ خوف جهلي نه سگهياسين. حارث سردار جي ڏيءُ بيبي جويره ٿي چوي ته: مون کي بابي ڏيکاريو ته سفيد پوش لشڪر ابلق گهوڙن وارو مسلمانن جي لشڪر سان وڃي مليو. اهو ڏسي اسان ڏي ڏاڍو خوف ٿيو. پوءِ قيد ٿي وياسين.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي جويره بنت حارث سان شادي

حضور صلي الله عليہ وسلم جن غنيمت جو مال ۾ قيدي، غازين ۾ تقسيم ڪيا. جويره، ثابت بن قيس جي حصي ۾ آئي. ثابت کيس مڪاتب (مال تي آزاد ڪرڻ) ڪيو. عائشہ صديقہ رضہ فرمائي ٿي ته جويره جيئن ئي منهنجي طنبو ۾ آئي، ته مان سندس حسن ۽ زيب ڏسي حيرن ٿي ويس. هوءَ نهايت سهڻي هئي. جويره، حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته: يارسول الله! آءُ سردار حارث جي ڏيءُ آهيان ۽ مسلمان ٿي آهيان. هن وقت ثابت بن قيس جي حصي ۾ آئي آهيان، جنهن مون کي مڪاتبہ ڪيو آهي. اسان جو مال متاع بہ توهان جي حوالي ٿي ويو هينئر اسان هٿين خالي آهيون. هاڻي مون تي جيڪي قسطون ثابت رکيون آهن، انهن جي ادائگي ۾ مون کي مدد ڪريو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو ته بيشڪ تنهنجي مدد ڪبي، پر وڌيڪ بهتر آهي ته اهي سموريون قسطون آءُ ادا ڪريان ۽ توکي پنهنجي نڪاح ۾ آڻيان. جويره جي قبوليت بعد حضور صلي الله عليہ وسلم جن ثابت بن قيس کي بدلو ڪتابت جو ڏئي، جويره کي عقد نڪاح ۾ آندو. اصحابن جڏهن ٻڌو ته جويره، حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي عقد ۾ آئي آهي، تڏهن بني مصطلق جا سيئي

قيدي (مرد خواه عورتون) آزاد ڪري ڇڏيائون. عائشہ رضہ فرمائي ٿي تہ: جويره جي برڪت ڪري سندس قوم ساري آزاد ٿي وئي. ايان حضور صلي الله عليہ وسلم جن اتي ئي هئا تہ بن اصحابن جي وچ ۾ جهيڙو ٿيو. اهو واقعو هن طرح آهي تہ سنان بن وبر، جو قبيلي بنو خزرج جو حليف هو ۽ جهجاه ابن مسعود غازي، حضرت عمر جو مزور هو، ٻنهي جا دلا ڪوهہ ۾ ڪِري پيا. هڪڙو دِلو ڪڍيائون، پر هو چوي منهنجو هو چوي منهنجو، حقيات ڪري دِلو سنان جو هئو، پر غفاري پُل ۾ چيو تہ منهنجو آهي. آخر سندن جهڙيو ٿيو. جهجاه غفاري، سنان کي منهن تي اهڙي مُڪ هنئي جو سڄو رتو رت ٿي ويو. سنان سڏ ڪيو تہ: اي انصارو! ڀڄي اچو. غفاري چيو اي مهاجرو، ڊوڙي اچو! ماڻهو طرفين جا ڀڄندا آيا. تلوارون اگهاڙيون ٿيون پر جهيڙو ٽري ويو. ڳالهہ جي جاچ ڪيائون تہ ڏوهہ غفاريءَ تي آيو. تنهنڪري سنان کان معافي ورتائون. اها خبر عبدالله بن ابي بن سلول کي پيئي سو ڪاوڙجي چوڻ لڳو تہ: اهو اسان جو ڏوهہ اهي جو مهاجرن کي گهرن ۾ جايون ڏنيونسين ۽ سندن مالي ۽ جاني مدد ڪئيسين. اڄ بُود ۾ اچي ويا آهن جو اسان جي ماڻهن سان وڙهن ٿا! چڱو ٻلي مديني هلن، پوءِ ڏسن تہ ڪيئن ٿو عزت وارو ذليل کي مديني مان ڪڍي ڇڏي. اهي لفظ هن نبي سڳوري لاءِ چيا هئا. زيد بن ارقم انصاري بہ اتي بينو هو، جنهن منافق کي چيو تہ: نالائق! حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي شان ۾ گستاخي نہ ڪر، ۽ پوءِ اچي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ سموري ڳالهہ ڪيائين. حضور صلي الله عليہ وسلم جن وٽ ان وقت وڏا وڏا اصحاب وينا هئا، جهڙوڪ: صديق اڪبر، فاروق اعظم، عثمان ذوالنورين، سعد بن وقاص، محمد بن مسلم، عباد بن بشر. اهو پُڏي حضرت عمر رضہ، عبدالله منافق کي قتل ڪرڻ لاءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جن کان اجازت گهُري.

پاڻ فرمايائون تہ: ماڻهو چوندا تہ محمد (صلي الله عليہ وسلم) پنهنجي اصحابن کي قتل ٿو ڪري، مديني جا مانهو بہ رنج ٿيندا جو گهڻا مسلمان اصحابي سندس عزيز آهن. ايتري ۾ اُسيد بن حضير بہ آيو. حضور جن فرمايس تہ: ٻُڌو اٿئي تہ عبدالله بن ابي بن سلول منافق ڇا ٿو چوي؟ هُن چيو: مان ڪجهہ بہ نہ ٻُڌو اهي! تڏهن حضور جن فرمايو: چوي ٿو تہ مديني ۾ هلي عزت وارو ذليل کي ڪڍي ڇڏيندو. اُسيد چيو تہ: سائين، هو سچ ٿو چوي. عزات وارا توهان آهيو، هو ذليل ۽ خوار آهي، توهان ڪيس موچڑا هڻي مديني مان ڪڍي ڇڏيو. هو اهي لفظ ساڻ کان ٿو چوي، جو توهان جي اچڻ کان اڳ ڪيس مديني جو بادشاهہ پئي ڪيائون. هن لاءِ سونو تاج پئي ٺهيو، جيڪو جواهرات سان جُڙي تيار ٿيو هو. باقي هڪ وڏي موتي جي ضرورت هئي جو هڪ يهودي وٽ هئو، اُهو بہ ونجي وڃي ها، پوءِ ڪٽي ڪيتري بہ قيمت تي ملي ها، مگر توهان اسان جي بخت ڪري مديني منور ۾ تشريف فرما ٿيا، سموري عزت توهان کي ملي، ۽ هو ذليل خوار ٿي ويو. هاڻي پاڻهي خدا کيس سزا ڏيندو. انصار اها ڳالهہ ٻُڌي عبدالله منافق وٽ ويا، ۽ کيس چيائون تہ: تون حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي شان ۾ گستاخي ڪئي آهي، هلي معافي وٺ! هو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي سامهون آيو تہ سهي، پر قسم کڻي ويو تہ زيد ڪوڙ ڳالهايو آهي، مان توهان جي شان ۾ ائين نہ چيو آهي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن زيد تي رنج ٿيا ۽ منجهند جو ئي ڪوچ جو حڪم ڏنائون. اصحابن کي ڏاڍو ڏک ٿيو تہ ويچارو زيد بہ شرم ۾ ٻُڌي ويو تہ مان ڇا ڪريان! ڳالهہ تہ منهنجي سچي آهي، پر سيڪو منافق جي پاسي آهي. رستي ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن پنهنجي ڏاڇي 'قصوا' هڪلي اچي زيد جي ڪن ۾ چيو تہ: تون سچو آهين، منافق ڪوڙو آهي، چو تہ سوره المنافقين نازل ٿي هئي:

يَقُولُونَ لَئِن رَّجَعْنَا إِلَى الْمَدِينَةِ لَيُخْرِجَنَّ الْأَعَزُّ مِنْهَا الْأَذَلَّ

ترجمو: منافق چون ٿا تہ مديني ۾ هلي اسان مان عزت وارو ذليل کي ڪيڊي چڏيندو (القرآن 8:63). انهي آيت جي نزول بعد انصارن ملامت ڪيس تہ هلي معافي وٺ مگر هن نہ مڃيو. تڏهن وري هيءَ آيت نازل ٿي:

وَإِذَا قِيلَ لَهُمْ تَعَالَوْا يَسْتَغْفِرْ لَكُمْ رَسُولُ اللَّهِ لَوَّوْا رُءُوسَهُمْ وَرَأَيْتَهُمْ يَصُدُّونَ وَهُم مُّسْتَكْبِرُونَ ۝٥

ترجمو: جنهن وقت انهن کي چيو وڃي ٿو تہ اچو تہ توهان لاءِ رسول معافي ونڻي الله تعاليٰ کان تہ ڪندا ڦيرائين ٿا ۽ ٻين کي ٻہ روڪين ٿا ۽ هو وڏائي ڪن ٿا (القرآن 5:63). اهي آيتون ٻُڌي عبدالله ابي سلول جو پُٽ، جيڪو سچو مسلمان هو، حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ آيو ۽ عرض ڪيائين تہ: ٻُڌو اٿم تہ توهان منهنجي منافق پيءُ جي قتل جو حڪم ڏنو آهي؟ جيڪڏهن اِهو سچ آهي تہ پوءِ ٻين کي نہ چئو، چو تہ متان مون کي انهي مسلمان تي ڇڙ اچي، تنهنڪري مون کي حڪم فرمايو تہ مان قتل ڪري سندس سِسي اچي توهان جي آڏو اڇلايان، ۽ توهان کان اها ڳالهہ ٻہ ڳجهي ڪانهي تہ مديني ۾ مون جهڙو مطيع ۽ فرمانبردار ٻيو ڪو پُٽ ئي ڪونهي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايس تہ: ڪنهن کي ٻہ تنهنجي پيءُ کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڪونہ ڏنو ائٽون ۽ نہ وري توکي ئي سندس قتل جي اجازت آهي. اسان ساڻس مهربانيون ڪنداسين، جيستائين هو اسان وٽ آهي.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن مديني ۾ پهتا تہ عبدالله منافق کي سندس پُٽ اچي آڏو بينو ۽ چيائينس تہ: تون رڌيلن ۾ رڌيل ۽ ذليلن ۾ ذليل آهين. حضور صلي الله عليہ وسلم جن شريفن ۾ شريف ۽ وڏيءَ عزت وارا آهن، تون جيڪڏهن مديني ۾ داخل ٿيندين تو توکي زبردستي ڪيڊي

چڏيندس. ايتري ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن بہ اچي ڪشمڪش ڏني ۽ پُٹ کي فرمايائون تہ: چڏي ڏينس تہ پلي مديني ۾ داخل ٿئي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن موٽيا تہ سخت طوفان لڳو. اصحابن چيو تہ: ڪا مصيبت آهي، شايد دشمنن پويان مدينو نہ لُٽيو هجي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: مديني جي چونڪي ملائڪ ڏيندا آهن. عبدالله جو سنگتي منافق مئو آهي ۽ اها ڏوڙ ان تي وسي رهي آهي، مديني ۾ آيا تہ پُڏائون تہ برابر عبدالله منافق جو وڏو دوست زيد بن مزه فوت ٿي ويو آهي.

غزوه بني مصطلق ۽ واقعہ افڪ

عائشہ صديقہ فرمائي ٿي تہ: جڏهن بہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڪنهن سفر تي ويندا هئا تہ پنهنجي حرمن ۾ ڪُٹو وجهندا هئا، جنهن جو بہ ڪُٹو پوندو هو تنهن کي سفر ۾ وٺي ويندا هئا. هِن غزوه ۾ منهنجي نالي ڪُٹو پيو. انهي غزوه ۾ مون کي ئي رفاقت جو شرف حاصل ٿيو. انهن ڏينهن ۾ آيت حجاب (پردي) جي بہ نازل ٿي هئي، تنهنڪري منهنجو ڪجائو پردي سان تيار ٿيو. منهنجي ڪجائي لاءِ ماڻهو مقرر ٿيا جيڪي هر منزل تي ڪجائو اُٺ تان لاهيندا هئا ۽ چاڙهيندا هئا. غزوه بني مصطلق مان فارغ ٿي مديني منوره موٽياسين. مديني جي ويجهو آياسين تہ رات رستي ۾ رهي پياسين. پوئين رات هئي جو ڪوچ جو حڪم مليو. مان لشڪر کان باهر نڪري قضا حاجت لاءِ ويس، اُتان موٽي آيس تہ ڏٺم تہ هار منهنجي ڳچيءَ ۾ ناهي. آخر موٽي ساڳيءَ جاءِ تي ويس، ۽ ڳولها بعد لڌم جو ڇڇي اتي ڪِري پيو هو. مان جڏهن موٽي آيس تہ ڏٺم تہ لشڪر ڪوچ ڪري ويو هو. جيڪي ماڻهو منهنجي ڪجائي کڻڻ لاءِ مقرر هئا، انهن دستور موجب سمجهيو تہ بيبي صاحبہ اندر هوندي ڇو تہ منهنجو ايڏو وڏو وزن ۽ بار نہ هو

جو هنن کي خبر پوي تہ ڪجائو هلڪو آهي ۽ بيبي منجهس ناهي، چو تہ هڪ مان عمر جي بہ ننڍي هيس ٻيو تہ خوراڪ هئي ڪارڪون ۽ پاڻي. تنهنڪري تمام ڏُڀري هيس. خيال ڪيم تہ جي وڃان ٿي قافلي جي پويان تہ متان رستو پُلجي وڃان، تنهنڪري هتي ئي ترسي پوان. لشڪر جڏهن منزل ڪندو تڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن منهنجي خنيال لاءِ ايندا. مون کي نہ ڏسندا تہ پوئين پيرين ماڻهو موڪليندا، تنهنڪري آءُ چادر پنهنجي مٿان وجهي سمهي پيس.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن صفوان بن معطل سلمي زڪوائي کي لشڪر جو ساقہ (پويان) مقرر ڪيو هو تہ تون هميشہ پويان ايندو ڪر. انهيءَ لاءِ تہ ڪ رهيل کهيل هجي تہ ان کي پاڻ سان وٺيو اچ يا ڪنهن جي ڪا شيءِ تڙتڪڙ ۾ ڪِري پئي هجي تہ اها سنياليو کنيو اچ. مڃاڻ جو صفوان دستور موجب پوئتي رهيل هو. تنهن پري کان ڏٺو تہ ڪو ماڻهو سمهيل آهي. ويجهو آيو تہ مون کي سُجاتائين جو پردي کان اڳ مون کي ڏٺو هئائين. مون کي سُجاڻي چوڻ لڳو اِنَا لله وَاِنَا اِلَيہِ رَاجِعون اها آيت مصيبت جي وقت پڙهبي آهي.صفوان بہ منهنجو لشڪر کان جدا ڇڇڻ مصيبت سمجهي، مٿين آيت پڙهي. مان جاڳي پيس. تڏهن منهنجو اُٺ هُشائي پري ٿي بينو ۽ مون کي سُوار ٿيڻ لاءِ چيائين. پوءِ مهار اُٺ جي ونڊي تمام ڇوهو هليو تہ جيئن قافلي کي پهچي وڃون. صبح جو قافلو وڃي لٿو تہ اسان بہ وڃي پهتاسين. انهي وچ ۾ منافقن کي منهنجي حق ۾ جيڪو بهتان مڙهڻو هو سو مڙهيائون، جنهن جي مون کي ڪابہ خبر ڪانہ هئي.

مديني ۾ پهتاسين تہ مان بيمار ٿي پيس ۽ بيماري وڌندي وئي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي مون سان اڳي جيڪا دل ۽ همدردي هوندي هئي، سا نہ پئي ڏسان. چو تہ بهتان جي ڳالهہ وٽن ۽ منهنجي ماءُ پيءُ تائين

پهچي چُڪي هئي. منهنجي تيمارداري ۾ منهنجي ماءُ ام رومان زينت بنت عبده همان ڪندي هئي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي ٻيرُخي ڏسي مون کي وڏيڪ ڏک ٿيو. تنهنڪري بيماريءَ جي حالت ۾ ئي کانئن اجازت ونڻي مائٽن ۾ هلي ويس. ويهن ڏينهن کان ۾ مٿي گذري ويا. رات جو ضروري ڪم سان ٻاهر ويڻو پوندو هو. هڪ رات مون سان ام مسطح گڏجي هلي. رستي ۾ پير وِڇڙي پيس ۽ ڪِري پئي. ڪِرڻ مهل چيائين تَعَنس مُسطَح (شل مسطح مري) چيومانس تہ: مسطح کي ڇي ٻِڌين؟ هو بَدَري آهي. الله تعاليٰ جو بدر وارن سان وعدو آهي تہ توهان کي بخشيم. جيئن وڙيوَ تيئن هلو. ام مسطح چيو تہ: توکي خبر ناهي تہ تنهنجي حق ۾ ڇا ڇا وهي واپري ڏو؟ عبدالله بن ابي بن سلول توتي صفوان جو ٻهتان مڙهيو آهي. مسلمانن مان حسان بن ثابت ۽ مسطح ۾ ان سان شامل آهن. اهي ٻيئي ٻالا پولا آهن، جيئن منافق ڏا چون. تيئن اهي ۾ انهن سان گڏجي تنهنجي حق ۾ ٻهتان پيا مڙهين. منهنجا پير نڪري ويا، وجي ڪِريس ۽ بيهوش ڇي ويس. ڏڪندي روئندي اچي گهر نڪتيس ۽ اهڙو تہ رُنيس جو منهنجو هِنيون ڇي ڦاڙو. امڙ کي چيم تہ: خدا تعاليٰ معاف ڪرئي، اهڙي ڳالهہ ٻُڌي سُٽي ۾ مون کي ڪاوڙ ٻُڌائي اٿئي! چيائين تہ: جيڪا زال مڙس کي پياري هوندي آهي، ان جون ساهيڙيون، پهاجون ۽ ٻيا عام ماڻهو انهن جو پيار نہ سهندا آهن، ڪيئن ۾ ڪري شڪ وجهي، مڙس کي ڦِٽائيندا آهن، اهو دنيا جو دستور آهي.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو اهل مدينہ کي خطاب: حضور صلي الله عليہ وسلم جن اهل مديني کي مسجد ۾ گهرائي خطبو ڏنو تہ: توهان مون کي رنجايو ڏا، جو منهنجي ٻيبي جي حق ۾ اڙ وڙندڙ ڳالهيون ڪري رهيا آهيو. منهنجي ٻيبي کي الله تعاليٰ پاڪ صاف ڪيو آهي، وري جنهن ماڻهوءَ جي مٿس تهمت ڏا ركو سو ۾ تمام نيڪ ماڻهو آهي، ان جي ڪاوڙ

برائي اڄ تائين ڪاڻ ٻُڌي آهي. اتي اُسيد بن حضير چيو: يا رسول الله! جيڪڏهن اهي اسان جي قبيلي بني اوس جا ماڻهو آهن تہ مان انهن جي قتل لاءِ ڪافي آهيان، پر جيڪڏهن بني الخزرج جا آهن تہ پوءِ توهان جي حڪم جو انتظار آهي. اتي سعد بن عباده اٿي چيو تہ: اُسيد! تون اهي اکر تڏهن ٿو چوين، جڏهن خبر اٿئي تہ اهي اسان جي قبيلي بنو خزرج جا ماڻهو آهن، پر جيڪڏهن خبر پوي ها تہ تنهنجي قبيلي اوس جا ماڻهو آهن تہ اهڙا اکر نہ ڳالهائين ها. اتي اُسيد چيس تہ: تون بہ منافق آهين، جو منافقن جو طرف ونڊي ٿو ڳالهائين. ائين ٻنهي قبيلن جو پاڻ ۾ ونڊي لُڙ ٿيو جنهنڪري پاڻ سڳورا منبر تان لهي ويا.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو حضرت علي ۽ اُسامہ بن زيد سان مشورو: حضور صلي الله عليہ وسلم جن، حضرت علي رضہ ۽ اُسامہ بن زيد رضہ کي گهرائي ڪائنڪ صلاح پڇياڻون. انهن ٻنهي مان هڪڙي جا هي الفاظ آهن: مَاضِيُيق اللّٰهُ عَلَيک وَنِسَآءَ سِوَاهَا كَثِيرَه (الله تعاليٰ توهان کي تنگي ڪاڻ ڏني آهي، عائشہ کان سواءِ ٻيون زالون بہ گهٽيون آهن). يعني جيڪڏهن توهان جي دل ۾ ڪُٽڪو آهي تہ پوءِ عائشہ کي ڪٽي ڇڏي ڏيو. اهڙيون ٻيون زالون بہ توهان لاءِ ٿي پونديون. معارج النبوت وارو ٿو لکي تہ اها صلاح اُسامہ بن زيد جي آهي. امام ابن الهشام حاشيہ زاد المعاد تي لکي ٿو تہ اهي الفاظ حضرت علي رضہ جا آهن. جيڪڏهن واقعي اهي الفاظ حضرت علي رضہ جا آهن ۽ عائشہ صديقہ تائين اهي الفاظ پهتا تہ پوءِ شايد اهوئي ثابت آهي جو اڳتي هلي حضرت علي رضہ ۽ بيبي عائشہ رضہ جا تعلقات بِگڙن ٿا. جنگ جمل جو باعث ۽ حضرت عثمان رضہ جي قصاص طلب ڪرڻ جو سبب بہ اهي ئي الفاظ آهن.

پوءِ چيائين تہ: عائشہ جي بانهي 'بريره' آهي، انهيءَ کان حقيقت جي پُڇا ڪجي. اهي بہ سچ ڳالهائيندڙ ءِ توهان سان ڪوڙ بہ نہ ڳالهائيندي. اتي بہ امام ابن الهشام ڏو لکي تہ حضرت علي رضہ، بريره کي سخت ماريو تہ حضور صلي الله عليہ وسلم سان سچ ڳالهائجان. حضور صلي الله عليہ وسلم جن پڇيس تہ: عائشہ رضہ جي حق ۾ چا ڏي چوين؟ چيائين: عائشہ پاڪدامن آهي. الله تعالیٰ کيس پاڪ ڪيو آهي، منجهس ڪو بہ عيب ناهي. فقط ايترو آهي تہ مان اتي اڏو ڳوهي خمير وجهي کيس ڏيندي هيس تہ هن جي سنيال ڪجانءِ. هوءَ ٻاراڻي وهيءَ جي ڪري ننڊ پئجي ويندي هئي ءِ ٻکري اچي اڏو کائي ويندي هئي. آءٌ سندس فقط اهو عيب سنيران.

حضرت عمر رضہ سان مشورو: معارج النبورت ۾ آهي تہ جڏهن حضرت عمر رضہ آيو تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن کانئس، بيبي عائشہ جي باري ۾ رايو پڇيو. هن عرض ڪيو تہ: يا رسول الله! منافق ڪوڙا آهن. ڇو تہ مک جيڪا پليديءَ تي ويهندي آهي، تنهن کي بہ الله تعالیٰ توهان جي بدن تي نہ ويهاريو آهي، پوءِ جيڪڏهن عائشہ رضہ پليد ڏي پوي ها تہ خدا تعالیٰ ڪيئن کيس توهان سان گڏ پسند ڪري ها، ضرور توهان کي خبر ڏئي ها!

حضرت عثمان رضہ سان مشورو: وري حضرت عثمان رضہ آيو. ان کان بہ رايو پڇيائون تہ: تون بيبي عائشہ جي حق ۾ چا ڏو چوين؟ هن چيو تہ: عائشہ صديقہ پاڪ صاف آهي، منافق ڪوڙا آهن. ڇو تہ الله تعالیٰ تنهنجو پاڇو پيدا نہ ڪيو آهي تہ متان ڪو بني بشر تنهنجي پاڇي تي لت ڏئي. جڏهن الله تعالیٰ تنهنجي پاڇي تي بہ ڪنهن جي لت نڏو سهي تہ تنهنجي حرم پاڪ تي ٻئي جي لت ڪيئن سهندو؟

حضرت علي رضہ سان ٻيو دفعو مشورو: وري حضرت علي رضہ سان ٻيو دفعو بيبي عائشہ جي باريءَ پڇياٸون. حضرت علي رضہ عرض ڪيو تہ هڪ ڏينهن مسجد ۾ نماز ٿي پرهيسين تہ توهان جُتي لاٿي، توهان کي ڏسي اسان بہ جُتيون لاٿيون. نماز مان فارغ ٿي توهان پُڇيو تہ: جُتيون ڇو لاٿوَ؟ اسان چيو تہ توهان کي جُتي لاهيندو ڏسي اسان بہ توهان جي تابعداري ڪري جُتيون لاٿيون. توهان فرمايو تہ مون کي جبرئيل اچي ٻڌايو تہ توهان جي جُتي پليد آهي، تنهنڪري جُتي لاٿم. توهان جون جُتيون پاڪ هيون تہ نہ لاهيو ها. جڏهن جُتيءَ جي پليديءَ جي خبر بہ جبرئيل توهان کي ڏئي ٿو تہ پوءِ جيڪڏهن توهان جو حرم عائشہ صديقہ پليد ٿي پوي ها تہ جبرئيل ڪيئن نہ توهان کي خبر ڏئي ها! تنهنڪري عائشہ پاڪ صاف آهي، منافق ڪوڙا ۽ بي ايمان آهن. توهان عائشہ صديقہ ڏانهن ڪوبہ خيال نہ ڪيو. (جيڪڏهن علي المرتضيٰ جو اهو رايو عائشہ صديقہ جي حق ۾ آهي تہ پوءِ حضرت عائشہ ۽ حضرت علي رضہ جا جيڪي اختلاف پيدا ٿيا، سو صرف حضرت عثمان رضہ جي قصاص جا باريءَ ۾ ـ والله اعلم).

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو بيبي عائشہ وٽ وڃڻ ۽ بيبي صاحبہ جي شان ۾ وحي نازل ٿيڻ: بيبي عائشہ رضہ فرمائي ٿي تہ: حضور صلي الله عليہ وسلم جن مون وٽ آبي جي گهر آيا تہ مان روئي رهي هيس. هڪ مائي انصارڻ مون کي ملڻ لاءِ آئي، تنهن بہ مون سان گڏ ٻئي رُنو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن اچي وينا ۽ الله تعاليٰ جي حمد ثنا بعد فرمايائون تہ: عائشہ! تنهنجي حق ۾ ماڻهن جيڪي چيو سو مان بہ ٻُڌو ۽ تو بہ ٻُڌو. جيڪڏهن تو کان گناهہ ٿيو آهي تہ پوءِ الله تعاليٰ کان معافي وٺ، ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ بانهن جي توبهہ قبول فرمائيندو آهي. جيڪڏهن تون پاڪ ۽ صاف آهين تہ پوءِ الله تعاليٰ تنهنجي پاڪائي صفائي بيان فرمائيندو. حضور صلي الله

عليہ وسلم جن ڳالهائي بس ڪيو تہ منهنجي اکين جا ڳوڙها سُڪي ويا. اَبي کي چيم تہ: حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي جواب ڏي. بابي چيو تہ: مان ڪهڙو جواب ڏيندس؟ جاهليت جي زماني ۾ جڏهن بُت پرست هئاسين ۽ خدا جو ڪوبہ ڊپ ڊاڻُ نہ هئو. انهيءَ زماني ۾ بہ منهنجي خاندان تي اهڙو الزام نہ آيو ۽ نہ وري ڪنهن کي جرات ٿي، هينئر منهنجو گهر اسلام کان روشن آهي ۽ الله تعاليٰ جو خوف دامنگير آهي، تہ پوءِ بہ اهڙا بهتان منهنجي خاندان تي مڙهيا ويڻ، سو الله تعاليٰ وڏيڪ ڄاڻي ٿو.

وري امڙ کي چيم تہ: تون حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي جواب ڏي. هُن چيو تہ: مان ڪوبہ سُخن نہ چوندیس. الله تعاليٰ کي علم آهي. وڏيڪ تون ۽ تنهنجي نيت. تڏهن مان حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ: توبهہ تائب هن حالت ۾ ٿيان، جڏهن ڪو گناهہ ڪيو هجيم. هرويرو تهان جي چوڙ تي ۽ ماڻهن جي بهتانن تي مان پاڻ ڪو نِڪو نہ لائيندیس. وڏيڪ الله تعاليٰ ٿو ڄاڻي. مان اهو ئي چوان ٿي جيڪو حضرت يعقوب عليہ السلام چيو هو. جڏهن پُٽن ڪوڙ هڻي اڇي چيس تہ حضرت يوسف کي بگهڙ کائي ويو. تڏهن چيائين تہ:

فَصَبْرٌ جَمِيلٌ ۖ وَاللَّهُ الْمُسْتَعَانُ عَلَىٰ مَا تَصِفُونَ ﴿١٨﴾

ترجمو: منهنجو صبر آهي جيڪي هي ڳالهيون ٿا ڪريو انهيءَ تي. الله تعاليٰ کان مدد ونڊبي جو اهوئي مددگار آهي (القرآن، 18:12). تنهنڪري آءُ بہ الله تعاليٰ تي ڀروسو ٿي ڪريان. باقي مون جهڙي ضعيف عورت لاءِ الله تعاليٰ جو قرآن نازل ٿئي، جنهن ۾ منهنجي برائي ۽ پاڪائي هجي، سو مان نڻي ڀائيان تہ ڪا ايڏي شان واري آهيان. باقي الله ۽ الله جو رسول مون تي مهربان ٿين، ۽ وري شرف بخشين تہ الله تعاليٰ جي رحمت ۾ اميدوار آهيان.

بيبي عائشہ فرمائي ٿي تہ : حضور صلي الله عليہ وسلم جن اتي ئي وينا هئا تہ مٿن وحي نازل ٿيو. جنهنڪري چمڙي جو وهاڻو مٿي هينان ڪري چادر ويڙهي سمهي پيا. ابي ءِ امڙ کي ڏاڍو انتظار ٿيو تہ عائشہ جو فيصلو الائي ڪيئن ٿيندو. نيٺ وحي ختم ٿيو تہ پاڻ سڳورا اٿي ويهي رهيا. دستور موجب سندن پيشاني مبارڪ مان پگهر پئي ٽِميو. مون ڏي منهن مبارڪ ڪري فرمايائون: عائشہ! مبارڪ هجئي. توکي الله تعاليٰ پاڪ ڪيو. پوءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڏهہ آيتون منهنجي برات جون پڙهيون، جيڪي سوره نور جون هيون.

إِنَّ ٱلَّذِينَ جَآءُو بِٱلْإِفْكِ عُصْبَةٌ مِّنكُمْ ۚ لَا تَحْسَبُوهُ شَرًّا لَّكُم ۖ بَلْ هُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۚ لِكُلِّ ٱمْرِئٍ مِّنْهُم مَّا ٱكْتَسَبَ مِنَ ٱلْإِثْمِ ۚ وَٱلَّذِى تَوَلَّىٰ كِبْرَهُۥ مِنْهُمْ لَهُۥ عَذَابٌ عَظِيمٌ ﴿١١﴾

ترجمو: بيشڪ جن ڪوڙو بهتان آندو سي اوهان مان ئي هڪ ٽولي آهن (اوهين) اُن (بهتان) کي نہ پانيو تہ اوهان لاءِ (ڪو) خراب آهي، بلڪ اهو اوهان لاءِ پلو آهي، منجهائن سڀ ڪنهن ماڻهوءَ گناهہ مان جيڪو ڪمايو سو سندس لاءِ آهي، ۽ منجهائن جنهن بهتان جو وڏو لُڙ مچايو تنهن لاءِ وڏو عذاب آهي (القرآن، 11:24).

ٱلْخَبِيثَٰتُ لِلْخَبِيثِينَ وَٱلْخَبِيثُونَ لِلْخَبِيثَٰتِ ۖ وَٱلطَّيِّبَٰتُ لِلطَّيِّبِينَ وَٱلطَّيِّبُونَ لِلطَّيِّبَٰتِ ۚ أُو۟لَٰٓئِكَ مُبَرَّءُونَ مِمَّا يَقُولُونَ ۖ لَهُم مَّغْفِرَةٌ وَرِزْقٌ كَرِيمٌ ﴿٢٦﴾

ترجمو: پليت زالون پليت مڙسن لاءِ آهن ۽ پليت مڙس پليت زالن لاءِ (لائق آهن) ۽ پاڪ زالون پاڪ مڙسن لاءِ (لائق) ۽ پاڪ مرد پاڪ زالن لاءِ (لائق) آهن، انهن لاءِ بخشش ۽ سڳوري روزي آهي (القرآن، 26:24).

حضور صلي الله عليہ وسلم جن ٻاهر نڪتا ۽ ماڻهن کي سڏائي خطبو ڏنائون. ڏهہ آيتون جيڪي حضرت عائشہ جي شان ۾ نازل ٿيون هيون سي ٻڌايائون ۽ جن چئن ڇڻن تي حَدَ قَذف (گارين) جي هنيائون، سي هئا: عبدالله بن ابي بن سلول، مسطح بن اثاثہ، حسان بن ثابت ۽ حمنہ بنت حجش. جن ظاهر ظهور عوام الناس جي آڏو پئي بهتان مڙهيا. حمنہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي سالي ۽ بيبي زينب جي ڀيٽ هئي. هن انهي ڪري بيبي عائشہ تي بهتان هنيا تہ مون ڏانهن ڀيٽ (بيبي زينب) خوش ٿيندي. انهن چئني مان هرهڪ کي حد قذف جي اسي لڪ هنيائون.

بيبي عائشہ صديقہ فرمائي ٿي تہ: الله تعاليٰ زينب تي رحم فرمائي، جنهن منهنجي شان ۾ نيڪيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ چيو. مسطح، حضرت ابوبڪر صديق رضہ جو عزيز هو ۽ تمام غريب هو. سندس ڪاڏي پيتي ڪپڙي لَتي جو خرچ بہ حضرت ابوبڪر صديق رضہ ڏيندو هو. جنهن هن واقعي کان پوءِ سندس خرچ بند ڪري ڇڏيو. جنهن تي الله تعاليٰ ڏوراپي طور آيت نازل فرمائي:

وَلَا يَأْتَلِ أُوْلُوا الْفَضْلِ مِنكُمْ وَالسَّعَةِ أَن يُؤْتُوا أُولِي الْقُرْبَىٰ وَالْمَسَاكِينَ وَالْمُهَاجِرِينَ فِي سَبِيلِ اللَّهِ ۖ وَلْيَعْفُوا وَلْيَصْفَحُوا ۗ أَلَا تُحِبُّونَ أَن يَغْفِرَ اللَّهُ لَكُمْ ۗ وَاللَّهُ غَفُورٌ رَّحِيمٌ ﴿٢٢﴾

ترجمو: توهان مان صاحب ڀلائي ۽ شاهوڪري جا هن ڳالهہ کي دوست نٿا رکن جو جيڪي سندن قريب ۽ مسڪين ۽ مهاجر الله جي واٽ ۾ آهن، انهن کي الله ڪارڻ ڏين ۽ کين معافي ڏين ۽ پاسو ڪن (سندن خطا ڏي نہ ڏسن) ڇا توهان کي هي ڳالهہ پسند نہ آهي تہ الله تعاليٰ توهان کي بخشي؟ الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي (القرآن، 22:24).

حضرت ابوبڪر صديق رضہ چيو تہ: قسم آهي الله تعاليٰ جو مون کي اها ڳالهہ وڻي ٿي تہ الله تعاليٰ مون کي بخشي. مان مسطح کي اڳي کان وڌيڪ ڏيندس ۽ پيارو گهرندس. ائين چئي ساڳيو ئي ڏيڻ ونڻ بدستور جاري ڪيائين.

ثمامہ بن اثال نجدي جو ايمان آڻڻ

سن 6 هجري جو واقعو آهي تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن اصحابن جو هڪ ٽولو نجد ڏي موڪليو. جو ثمامہ بن اثال اتان جنگي اسباب ۽ اناج جا قافلا مڪي ۾ مشرڪن کي پهچائيندو هو. يعني مشرڪن جو وڏو مددگار هو. جيئن تہ هو وڏو واپاري ۽ شاهوڪار هو. تنهنڪري هڪ طرف سندس واپار ٽيندو هو تہ ٻئي طرف حضور صلي الله عليہ وسلم جن ۽ مسلمانن سان سخت دشمني هڻڻ ڪري ڪفارن کي مدد پهچائيندو هو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: ڪنهن بہ صورت ۾ ثمامہ کي روڪجي تہ جيئن مشرڪن جي طاقت بہ بيهي وڃي. جنگ جو دارومدار آهي ئي اناج ۽ هٿيارن تي. مڪي وارن کي نہ پنهنجو ايترو اناج آهي ۽ نہ جنگي اسباب. اها سموري مدد کين ثمامہ پهچائيندو آهي.

اصحاب سڳورا ڪنهن طرح ثمامہ کي جهلي مديني وٺي آيا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي حڪم سان ثمامہ کي مسجد جي ٿنڀ سان ٻڌي ڇڏيائون. پاڻ سڳورا مسجد ۾ آيا تہ ثمامہ کي فرمايائون تہ: تو سان ڪهڙو برتاءُ ڪيو وڃي؟ ثمامہ چيو تہ: مون کي قتل ڪندئو تہ توهان کي حق آهي. جڻ تہ پنهنجي هڪ وڏي دشمن کي قتل ڪيو. پر جيڪڏهن مهرباني فرمائي معافي ڏنوَ تہ اهو توهان جو شان آهي جو توهان جي رحمت

دنيا ۾ مشهور آهي. جيڪڏهن فديه (تاوان) گهرجيوَ تہ جيترو چئو اوترو ڏيڻ لاءِ تيار آهيان.

اهو ڏينهن گذريو. ٻئي ڏينهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن ساڳيو سوال وري ٿمامہ کان پڇيو. هن وري بہ ساڳيو جواب ڏنو. ٽئين ڏينهن بہ ساڳيو جواب مليو. پاڻ سڳورن فرمايو تہ: ڇوڙي ڇڏيوس. ٿمامہ مسجد کان ٻاهر ويو. وڃي غسل کيائين ۽ مسجد ۾ موتي اچي بلند آواز سان چيائين:

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ

پوءِ چيائين تہ: يارسول الله! مان توهان جي دين کي سڀني دينن کان باطل سمجهندو هئس، پر هينئر ساري دنيا جي ماڻهن مان تون منهنجو پيارو، تنهنجو شهر سڀني شهرن مان پيارو ۽ تنهنجو دين سڀني دينن مان پيارو ٿو سمجهان. هاڻي حڪم فرمايو تہ مڪي وارن تي لشڪر موڪليان يا سندن اناج جا قافلا ۽ هٿيار بند ڪريان؟ پاڻ فرمايائونس تہ: فقط اناج جا قافلا بند ڪر. ٿمامہ موتي اچي مڪي وارن جو اناج بند ڪري ڇڏيو. جنهنڪري مڪي ۾ اهڙو تہ قحط پيو. جو اهل مڪہ لاچار ٿي حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڏي مِتي ماڻتي جا قسم وجهي موڪليا تہ ثمامہ کي اجازت ڏيو تہ اسان کي اناج ڏئي، نہ تہ سڀ ماڻهو مري ويندا. تڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن ثمامہ کي اجازت ڏني تہ پلي مڪي وارن کي اناج ڏنو وڃي.

غزوه بني لحيان

سن 6 هجري ۾ ٻيو واقعو غزوه بني لحيان جو پيش آيو. انهي قوم جي غداريءَ جو اڳ ذڪر اچي چُڪو آهي تہ بني لحيان جي هڪ عورت سلافہ، عاصم بن ثابت رضہ جي سِر آڻڻ لاءِ ابوسفيان بن ثابت کي هڪ سئو اُٺن

ڏيڻ جو وعدو ڪيو هو. ابوسفيان ست غدار موڪليا هئا، جيڪي حضور صلي الله عليہ وسلم جن کان ڏهہ اصحاب اسلام جي تبليغ جي بهاني ونا آيا هئا، ۽ کين شهيد ڪري ڇڏيو هئائون. انهن اصحابن جو اڳواڻ عاصم بن ثابت هو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن انهن ڪفارن جي سرڪوبي ۽ اصحابن جي انتقام ونڻ لاءِ ٻہ سئو جنگي بهادرن سان گڏ بني لحيان ڏي روانا ٿيا. اول اُتي پهتا جتي مسلمان شهيد ٿيا هئا. پاڻ سڳورن شهيدن جي حق ۾ مغفرت جي دعا گهُري، ۽ پوءِ اڳتي وڌي ڪُفارن جي جاِ تي پهتا. پر کين اڳواٽ خبر پئجي وئي هئي تہ مسلمان جنگ لاءِ تيار ٿي پهچي ويا آهن، تنهنڪري هو پڇي وڃي جبلن جي چوٽيءَ تي لِڪا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن اتي ترسي، پنهنجي لشڪر جا جٿا آسپاس ڪافرن جي ڳولا لاءِ موڪليا، مگر ڪوبہ دشمن هٿ ڪونہ آين، تنهنڪري خير سان موٽي مديني پهتا.

بني ڪلاب کي سيکٽ

بني ڪلان جو قبيلو بہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن ۽ مسلمانن جي برخلاف هو ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دشمنن کي مدد پئي ڏنائون، تنهنڪري محمد بن مسلمہ جي اڳواڻي هيٺ ٽيهن سوارن کي موڪليائون تہ اوچتو ئي اوچتو وڃي بني ڪلاب تي ڪڙڪن. مسلمان رات جو پنڌ ڪندا هئا ۽ ڏينهن جو لِڪي ويندا هئا. هڪ رات اوچتو وڃي بني ڪلاب تي ڪڙڪيا. ڪيترن کي قتل ڪيائون، باقي ونڻي پڳا. پوءِ مسلمان ڏيڍ سئو اُٺ ۽ ٽي هزار ريڍون ڪاهي مديني ۾ آيا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن ان مان خمس ڪيڍ، باقي مال مسلمانن کي تقسيم ڪري

ڏنو. محمد بن مسلمہ کي انهيءَ سفر ۾ اوڻيهہ ڏينهن لڳا. سن 6 هجري جو اهو ڏيون واقعو هو.

جنگ فدڪ

سن 6 هجري جو چوٿون مشهور واقعو جنگ فدڪ جو آهي، جنهن جو تفصيل هن طرح آهي: قبيلي سعد بن بڪر وارا فدڪ ۾ رهندا هئا. انهن بہ حضور جن جي خلاف لشڪرگڏ ڪرڻ شروع ڪيو ۽ خيبر جي يهودين کي پاڻ سان شامل ڪري رهيا هئا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن حضرت علي رضہ کي سئو ماڻهو جنگي هٿيارن سان ڏئي، انهي قبيلي جي بربادي لاءِ موڪليو. مسلمان رات جو پنڌ ڪندا هئا، ۽ ڏينهن جو ڪنهن مخفي جاءِ ۾ رهندا هئا. آخر اوچتو ئي اوچتو وڃي بنو سعد تي پهتا. ڪفار مسلمانن کي ڏسي ونئي ڀڳا. انهي حملي ۾ پندرهن سئو اُٺ ۽ اَٺ هزار رِڍون مسلمانن کي هٿ لڳيون، جي ڪاهي وڃي مديني ۾ نڪتا. ان مال مان خمس ڪڍي، باقي مال مسلمانن ۾ تقسيم ڪيو ويو.

غزوه ذي قرده

سن 6 هجري جو پنجون واقعو غزوه ذي قرده جو ٿيو. جنهن کي غزوه غابت بہ چوندا آهن. سلمہ بن الاڪوع کان روايت آهي تہ مان ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم جن غلام رياح وياسين پئي. مان ابو طلحہ انصاري جي گهوڙي تي سُوار هئس. رستي ۾ ڏنوسين تہ ڪافرن جو هڪ جٿو عبدالرحمان بن عينہ فرازي جي سرڪردگيءَ ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي وڳ کي ڪاهيو ٿا وڃن ۽ جَتن کي ڪُهي ڇڏيو اٿن. مون گهوڙو رياح کي ڏنو تہ وڃي حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي خبر ڪر، ۽ مان

ڪفارن جي پويان پيس. هڪڙي ماڻر تي چڙهي ٽي ڀيرا نعرو هنيم ۽ پوءِ تيراندازي شروع ڪيم. منهنجو ڪوبہ تير ڪونہ ڳٽو. جنهن کي پيو لڳي سو ڦٽجي ڪِري پوي. اُتي وڻ گهٽا هئا. تنهنڪري مون ڏي تير پيا هڻن تہ مان وڻن جي اوٽ پيو ڏيان. ڪڏهن وري جبل فرازہ تي چرهي مٿن پٿر پيو اڇلايان. آخر اهڙو تنگ ڪيو مانِ جو وڃ جي پچر کٽي ڇڏيائون. هو وڃن پيا، پر مان سندن پُٺ ڪونہ پيو ڇڏيان. ايتري ۾ هنن جا ٻيا ڪافر سنگتي بہ سندن مدد ۾ اچي ويا. مان اتي البت سست ٿيس، پر عين موقعي تي ڏٺم تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جا سُوار بہ اچي سهڙيا. انهن ۾ احزم اسدي، ابوقتاده، مقدار ۽ اسور ڪندي وغيره هئا. ڪافر مسلمانن جا سور ڏسي وٺي ڀڳا. احزم انهن جي پويان پيو. مان بہ جبل تان لهي احزم کي جهيلو ۽ سندس گهوڙي جي واڳ ورتم. چويمانس تہ هيڪر صبر ڪر تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن پاڻ تشريف فرا ٿين. احزم چيو تہ الله ۽ رسول الله ۽ آخرت تي ايمان اٿئي يا نہ؟ چيم: هائو. چيائين تہ بهشت ۽ دوزخ آهن؟ چيم: آهن. تڏهن چيائين تہ: پوءِ پري ٽي. منهنجي ۽ تنهنجي شهادت جي وچ ۾ نہ اچ! ائين چئي عبدالرحمان بن عينہ تي حملو ڪيائين. نيزو هنيائينس مگر ڪارگر نہ ٿيو. عبدالرحمان موٽي احزم تي وار ڪيو ۽ اهڙو نيزو هنيائينس جو احزم شهيد ٿي ويو. عبدالرحمان پنهنجي گهوڙي تان لهي احزم جي گهوڙي تي سوار ٿيو. اتي ابو قتاده انصاري بہ اچي پهتو. عبدالرحمان نيزو هٽي ڦٽي وڃس، مگر ابوقتاده اهڙو ڏڪ هنيس جو هڪ ئي ڏڪ سان جهنم ڏي موڪلي ڇڏيائينس. ابوسلمہ ٿو چوي تي عبدالرحمان جي مرڻ بعد مان اڪيلو ڪفارن جي پويان پيس. اڳيان پاڻي جو چشمو هو. هُو پاڻي پيڻ لاءِ اتي ويا، پر منهنجي تيرن پاڻي پيڻ نہ ڏنن. سج لٿي تائين ڏوڙايومانِ. سندن بہ گهوڙا منهنجي هٿ آيا، جي ڪاهي ڏي قرده تي موٽي

آيس تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن لشڪر سميت اتي لٿا پيا هئا. هڪ اُٺ جو دشمن جو هٿ آيو هو اُهو ڪُنو هئاون. حضرت بلال، اُٺ جو جيرو ۽ لهاندڙ سيخ ڪري حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ پيش ڪيو. مون عرض ڪيو تہ: هڪ سئو بهادر مرد ڏيو جيڪي مان چونڊي ڪٺان، تہ ڪفارن جي پاڙ پٽي ڇڏيون. حضور صلي الله عليہ وسلم جن موڪل نہ ڏني پر فرمايائون تہ: هو هينئر وڃي قبيلي عطفان جا مهمان ٿيا، پوءِ هڪڙو ماڻهو آيو جنهن ڇيو تہ برابر اهي ڪافر بنو عطفان وٽ مهمان ٿيا آهن. هُنن بہ اُٺ ڪُهي ڪَليو پئي تہ اوچتو واڃ جو ڏوڙيو مٿن پيو. هنن سمجهيو تہ اهو ڏوڙيو مسلمانن جي لشڪر جو آهي، سو ڪُنڊ اُٺ ڇڏي وٺي ڀڳا. پوءِ رات اُتي رهياسين. پاڻ سڳورن فرمايو تہ: اڄ اسان جي سوارن مان بهترين سوار ابوقتاده آهي، ۽ پيادن مان بهترين پيادو غازي سلمہ آهي. پاڻ سڳورن مون کي گهوڙي تي ٻيلهہ چاڙهيو ۽ پوءِ موٽي مديني آياسين.

عرنيہ قبيلي جي هڪ ٽولي جو قتل

هي واقعو بہ سن 6 هجري ۾ ٿيو. جنهن جو تفصيل هن طرح آهي تہ عرنيہ قبيلي جو هڪ ٽولو مديني ۾ آيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن تي ايمان آندائون. جيئن تہ مديني منوره جي هوا کين موافق نہ آئي، سيئي بيمار ٿي پيا ۽ کين جلندر جي بيماري ٿي پئي. تنهنڪري حضور صلي الله عليہ وسلم جن انهن کي ذالحدر ۾ موڪليو. جيڪو مسجد قبا جي ويجهو آهي. انهي لاءِ تہ اتي صدقي جي اُٺن جو کير ۽ پيشاب پين تہ چڱا ٿيا. اهي ماڻهو اتي رهي، اُٺن جو کير ۽ پيشاب پي جڏهن تندرست ٿيا، تڏهن منجهن کوٽ پيو ۽ مرتد ٿي پندرهن اُٺ ڪاهي روانا ٿيا. حضور جن جو

آزاد غلام يسار پويان پين، پر اُن کي جهلي هٿ پير ويڍي ڇڏيائون ۽ سندس پيٽ ۽ زبان ۾ ڪُندا ٽُنبي شهيد ڪري ڇڏيائون. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي جڏهن خبر پئي تڏهن لحزر بن جابر قهري کي ويهن سوارن سان انهن جي پويان موڪليائون، جيڪو کين پَڏي، قيد ڪري آيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن سفر غابہ ۾ ئي هئا جو اهو واقعو ٿيو. تنهنڪري لحرز بہ کين غابہ ۾ ونڻي آيو. انهن جي سزا لاءِ آيت نازل ٿي:

إِنَّمَا جَزَٰٓؤُاْ ٱلَّذِينَ يُحَارِبُونَ ٱللَّهَ وَرَسُولَهُۥ وَيَسۡعَوۡنَ فِي ٱلۡأَرۡضِ فَسَادًا أَن يُقَتَّلُوٓاْ أَوۡ يُصَلَّبُوٓاْ أَوۡ تُقَطَّعَ أَيۡدِيهِمۡ وَأَرۡجُلُهُم مِّنۡ خِلَٰفٍ أَوۡ يُنفَوۡاْ مِنَ ٱلۡأَرۡضِۚ ذَٰلِكَ لَهُمۡ خِزۡيٞ فِي ٱلدُّنۡيَاۖ وَلَهُمۡ فِي ٱلۡأٓخِرَةِ عَذَابٌ عَظِيمٌ ٣٣

ترجمو: جن ماڻهن الله ۽ رسول الله سان جنگ ڪئي ۽ زمين ۾ فساد ڪيو انهن جي سزا هيءَ آهي تہ قتل ڪيا وڃن يا ڦاسيءَ تي لٽڪايا وڃن يا سندن هٿ پير اُبتا (سڄو هٿ ڪپو پير) ڪپيا وڃن يا کين ملڪ نيڪالي ڏني وڃي، دنيا ۾ انهن لاءِ اها خواري آهي ۽ آخرت ۾ انهن لاءِ وڏو عذاب آهي (القرآن، 33:5). تنهنڪري انهن کي بہ قتل ڪري، هٿ پير ڪپي، سُوريءَ تي ٽنگي ڇڏيائون تہ ماڻهو ڏسي عبرت وٺن، جيئن الله تعاليٰ جي فيصلو آهي.

نماز باران

هي واقعو پڻ سن 6 هجري جو آهي. انهي سال ملڪ ۾ مينهن ڪونہ وٺو، جنهن ڪري سخت ڏڪار پيو. اَنّ تہ ڦهيو پر جانورن جو گاهہ بہ ڪونہ بچيو. ماڻهو اناج بنان تمام تنگ ٿيا. مال مواشي سڀ مري ويو. تڏهن سمورا اصحاب گڏجي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ آيا ۽ عرض

ڪيائون تہ: ماڻهو ٻُک وگهي مرن ٿا. مال مواشي مري ڪپي ويو. هاڻي الله تعاليٰ جي دربار ۾ دعا گهرو تہ ڪو رحمت جو مينهن وسي، نہ تہ ماڻهو ملڪ ڇڏي ڀڄي ويندا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن حڪم ڏنو تہ فلاڻي ڏينهن سيئي اچجو الله تعاليٰ مڙئي خير ڪندو. انهيءَ ڏينهن سيئي اصحاب اچي گڏ ٿيا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن نهايت عجز ۽ نياز سان پراڻا ڪپڑا پهري، پنهنجي اصحابن سان گڏجي عيدگاهہ ڏي هليا. ٻانگ ۽ تڪبير کان سواءِ ٻہ رڪعتون باران نماز جون باجماعت پڙهيائون. پهرين رڪعت ۾ سَبِّحِ اسمَ رَبِّکَ الَاعليٰ ۽ بيءَ ۾ رڪعت ۾ هَل اَتَاکَ حَدِيثُ الغَاشيَہ ٻُلند آواز سان پڙهيائون. نماز کان فارغ ٿي، اصحابن ڏي منهن مبارڪ ڪري چادر کي نيڪ تفائل لاءِ ڦيرايائون، يعني هيڻيون پاسو مٿي ۽ مٿيون پاسو هيٺ ڪيائون تہ ذُڪار سُڪار سان متجي وڃي. پوءِ هٿ مبارڪ مٿي کڻي تڪبير هنيائون ۽ مينهن لاءِ دعا گهريائون. اڃا دعا ۾ هٿا تہ ڪکر ظاهر ٿي وسڻ لڳو. پاڻ سڳوارا خوش ٿيا ۽ ماڻهن ۾ ٻہ ساهہ پئجي ويو. برابر ست راتيون ست ڏينهن مينهن اُنو. تڏهن وري اصحابن عرض ڪيو تہ: يارسول الله! هاڻي تہ مال ٿو مري، گهر ٿا ڊهن، دعا گهرو تہ مينهن بس ٿئي. پاڻ سڳورا مُرڪيا جو سندن ڏند مبارڪ چمڪيا پئي. پوءِ دعا گهريائون، ۽ دعا کان فارغ ٿيا تہ مينهن ٻہ بس ٿي ويو ۽ سج روشن ٿي ويو.

روايت آهي تہ مِينهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي چوطرف پيو پوي پر سندن بدن مبارڪ تي نہ پيو پوي. پاڻ فرمايائون تہ: اڄ جيڪڏهن چاچو ابوطالب جيئرو هجي ها تہ جيڪي بيت هُن ٺاهيا هئا، اهي اسان کي ٻُڌائي ها، پاڻ ڏاڍو خوش ٿئي ها ۽ اسان کي ٻہ خوش ڪري ها. حضرت علي رضہ فرمايو تہ: يارسول الله! اُهي بيت توهان کي پسند اچن تہ مان ٻُڌِاانوَ؟ جن جو ترجمو ڪن بزرگن هيئن ڪيو آهي:

خداداد باران باتشنگان بتعظيم پيغمبر انس و جان

(اسان اُجن کي الله تعاليٰ مينهن ڏنو انسانن ۾ جِنن جي پيغمرب جي تعظيم ڪري)

ازان يافته روزی اتمام ما وازان گشت سيراب انعام ما

(اسان جي روزي جي پورائي انهي کان ٿئي، انهي جي برڪت سان اسان جا چوپايا ڏاول ٿيا)

بنو هاشم اندر پناهه وی اند، همه طالبِ عزو جاه وي اند

(بنو هاشم جو قبيلو سندس پناهه ۾ آهن، سيئي سندس عزت ۾ مرتبي جا خواهان آهن)

بهر رزم غالب محمد صلي الله عليه وسلم بود بنصرت ز رحمان مريد بود

(سيڪنهن لڙائي ۾ محمد صلي الله عليه وسلم غالب هجي، خدا جي رحمت سان سندس مدد هجي)

نداريم ما دست از دامنش وگر گشت گرديم پيرا منش

(اسان سندس دامن کان هٿ نه هٽائينداسين، اگرچه سندس چوڌاري مري وڃون).

حج جو فرض ٿيڻ

سن 6 هجري جو سڀ کان اهم واقعو آهي مسلمانن تي حج فرض ٿيڻ. انهي سلسلي ۾ سيرت ۾ تواريخ جا سيئي صاحب متفق آهن، ۽ سيني جو دليل آهي ته آيت وَاَتِمُّو الحَجِّ وَالعُمرَةَ للهِ ترجمو: حج ۽ عمرو الله تعاليٰ لاءِ پورو ڪريو (القرآن، 196:2)، سال 6 هجري ۾ نازل تي آهي. پر ڪن جو چوڻ آهي ته حج نائين سال ۾ فرض ٿيو آهي.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي چاچي ابوطالب، ڏاڏي عبدالمطلب ۽ والدين جي ايمان بابت

مٿين بيتن مان ثابت ٿو ٿئي تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو چاچو ابوطالب نہ فقط موحد هو بلڪ رسالت جو بہ اقرار ڪندڙ هو. اڳ ۾ اچي چُڪو آهي تہ حضرت عباس بہ چيو آهي تہ سڪرات جي وقت مون پُڏو تہ ايمان آندائين. مگر غرغرن سبب ڪنهن کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ هو ڪلمو شهادت جو ٿو پڙهي. باقي حضرت علي رضہ جو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ اچي چيو قَد مَاتَ عَمُکَ الضّالُ (تنهنجو گمراهہ چاچو مري ويو)، سو هن ڪري تہ حضرت علي رضہ کي سندس پيءُ جي ايمان جي خبر ڪانہ هئي، پر جيڪڏهن سندس موت ڪفر تي ٿيو تہ بہ علماءَ اخيار جي روايات مان ثابت آهي تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جا والدين ۽ سندن چاچو ابوطالب مرڻ بعد حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دعا سان جيئرا ٿيا ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم جن تي ايمان آندائون. تفسير روح البيان ۾ زخرف سوره جي تفسير ۾ آندو اٿس تہ قَدثَبَتَ عِندَالعُلَمَاءِ وَالاَخيارَ اِنّ نَبِينَا عَلَيهُ السّلَامُ اَحيَا اَبُوَيهِ وَعَمَهُ اَبَا طَالِبِ فَآمَنُو بِهِ (علماءَ برگزيده کان ثابت آهي تہ حضور عليہ السلام پنهنجي والدين ۽ چاچي ابوطالب کي دعائن سان جيئرو ڪيو ۽ انهن مٿس ايمان آندو). وري روح البيان ۾ سوره بقره جي تفسير لکڻ وقت وَلاَ تُسئَلُ عَن اَصحَابَ الجَحِيمِ جي تفسير ۾ لکي ٿو تہ: رَوِیَ اَنّ اللّهَ اَحيَا لَہ اَبَاهُ وَوَالدَتُہ وَعَمّہ اَبَا طَالِب وَجَدّہ عَبدُالمُطلَلِب فَآمَنُوا بِہ انهي مان تہ سندس ڏاڏي عبدالمطب جو وري جيئرو ٿيڻ ۽ ايمان آڻڻ بہ ثابت آهي. اگرچہ انهي جي خلاف بہ روايتون آهن، مگر حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي رنہ ٿيندو، جيڪڏهن سندن

والدين، چاچي ابوطالب ۽ ڏاڏي عبدالمطلب لاءِ ڪفر جي فتويٰ ڏبي. تنهنڪري مومن جو شان آهي تہ اهڙا الفاظ زبان مان نہ ڪڍي، جو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي رنجش جو باعث ٿئي، تنهنڪري يا تہ انهن بزرگوارن جي روايات موجب ايمان قائل ٿيڻ گهرجي يا خاموش رهڻ گهرجي. والله اعلم بالصواب.

صلح حديبيہ

سن 6 هجري جي هن اهم واقعي جو تفصيل هن طرح آهي تہ:

حضور صلي الله عليہ وسلم جن خواب ڏٺو تہ:

لَقَدْ صَدَقَ ٱللَّهُ رَسُولَهُ ٱلرُّءْيَا بِٱلْحَقِّ ۖ لَتَدْخُلُنَّ ٱلْمَسْجِدَ ٱلْحَرَامَ
إِن شَآءَ ٱللَّهُ ءَامِنِينَ مُحَلِّقِينَ رُءُوسَكُمْ وَمُقَصِّرِينَ لَا تَخَافُونَ ۖ
فَعَلِمَ مَا لَمْ تَعْلَمُوا۟ فَجَعَلَ مِن دُونِ ذَٰلِكَ فَتْحًا قَرِيبًا ﴿٢٧﴾

ترجمو: بيشڪ الله پنهنجي پيغمبر کي (هر طرح جو واقعي موافق) خواب سچو ڏيکاريو تہ جيڪڏهن الله گهريو تہ پنهنجا مٿا ڪوڙائي ۽ وار ڪترائي مسجدالحرام ۾ بي ٻيوا ٿي ضرور گهڙندو ۽ نہ ڊڄندو. پوءِ (اوهين) جيڪي نہ ڄاڻندا آهيو. سو الله ڄاتو. تنهنڪري اِن (مڪي جي فتح) کان اڳ (خيبر جي) فتح (الله) ويجهي مقرر ڪئي (القرآن، 27:48). نبين جا خواب سچا هوندا آهن. حضور صلي الله عليہ وسلم جن بہ اهو خواب پنهنجي اصحابن کي ٻڌايو. اصحابن مان جيڪي مهاجر هئا ۽ پنهنجي وطن مڪي معظم مان وڃڻ ويجهڙيل هئا، ۽ کين بيت الله جي زيارت جو ڏاڍو شوق هوندو هو. انهن جڏهن اهو خواب ٻُڌو، تڏهن سمجهيائون تہ هن سال ئي اهو خواب سچو ٿيندو. مهينو ذوالقعد جو هو. تنهنڪري حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي مڪي هلڻ لاءِ سنيرايائون. پاڻ سڳورن حڪم فرمايو تہ:

تياري ڪريو تہ هن سال مڪي معظم ڏي هلي عمرو ۽ حج ادا ڪريون. مسلمان يڪدم تيار ٿي ويا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: هٿيارن کڻڻ جي ضرورت ڪانهي، جو حج لاءِ ٿا هلون، جنگ ڪانہ ڪنداسين، فقط تلوار جيڪڏهن ڪو کڻي تہ پلي کڻي. حضرت عمر رضہ ۽ سعد بن عباده هٿيارن کڻڻ لاءِ ڏاڍو زور پريو. مگر حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: ضرورت نہ آهي، بيت الله جو هدي ستر (70) اُٺ تيار ڪيائون. ابوجهل جو اُٺ جيڪو بدر ۾ هٿ آيو هو. سو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي تصرف ۾ هو. اهو بہ بيت الله جو هدي ڪري ڪاهيائون ۽ اهي هدي جا اُٺ، ناحيہ ابن جندب اسلمي جي حوالي ڪيائون. ڪن کي ڪنڌلا ڪنڊن ۾ ٻڌائون، ڪن جا ڳهان چيريائون تہ سندن پُڻن تي رت ڏسي، ماڻهو بيت الله جو هدي سمجهي چوري نہ ڪن.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن پنهنجي ڏاڍي قصويٰ تي سُوار ٿيا. عبدالله بن ام مڪتوم کي مديني جو خليفو ڪيائون. ڪن چيو آهي تہ نميلت ابن عبدالله ليئي کي خليفو ڪيائون. حضور صلي الله عليہ وسلم جن سان مهاجر، انصار ۽ عربن جا ٻيا قبيلا بہ گڏجي نڪتا، جن کي بيت الله جي زيارت جو شوق هو. ڪن چيو آهي تہ ست سئو ماڻهو، ڪن چوڏهن سئو ڪن پندرهن سئو ۽ ڪن سورهن سئو ماڻهو چيا آهن.

مديني وارن لاءِ احرام ٻڌڻ جي جاءِ ذوالحليفہ آهي، جيڪا مديني کان ڇهہ ميل پري آهي، اتي احرام ٻڌائون ۽ احرام ٻڌي لبيڪ چوڻ لڳا، جيئن احرام جو دستور آهي. حرمن سڳورن مان پاڻ سان هن سفر ۾ بيبي ام سلمہ رضي الله عنها هئي.

عبدالله بن بشر کي ويهہ سوار ڏيئي اڳ ۾ روانو ڪيائون، ۽ پاڻ منزلون ڪندا عسفان جي منزل تي اچي پهتا. اتي بشر بن سفيان الڪعبي

مليُن، جن چيو تہ توهان جي اچڻ جي خبر قريشين پُڌي آهي، تنهنڪري ٻين عربي قبيلن کي ٻہ پاڻ وٽ گهرايو اٿن ۽ تمام وڏو لشڪر گڏ ڪري ملدح (مڪي جي ٻاهران هڪ جاءِ) ۾ گڏو ڪيو اٿن. خالد بن وليد ۽ عڪرمہ بن ابوجهل کي ٻہ سئو ماڻهو ڏئي اڳيان ڪراع النعيم منزل ڏي موڪليو اٿن تہ توهان کي مڪي اچڻ کان روڪين. بهر صورت قريشن ۽ عربي قبيلن پڪو انجام ڪيو آهي تہ مرڻ ۽ مارائڻ کان سواءِ محمد (صلي الله عليہ وسلم) کي مڪي ۾ داخل ٿيڻ نہ ڏيندا سين. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: جيڪي قبيلا گهر ٻار ڇڏي وڃي قريشن سان شامل ٿيا آهن، اڳ ۾ انهن کي لُٽي سندن زالون ٻار ٻچا قيد ڪجن، جيئن ئي کين خبر پوندي، تيئن قريشن لاءِ اسان ڪافي آهيون. حضرت ابابڪر صديق رضہ عرض ڪيو تہ: هينئر اسان کي احرام آهن، عُمري ۽ زيارت لاءِ هلون ٿا، جيڪڏهن قريشين اسان کي نہ ڇڏيو تہ پوءِ ائين ٻہ ڪنداسين. تڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن اها صلاح مڃي، اصحابن کي سڃي پاسي واري وات تان هلڻ جو حڪم ڏنو. ڇاڪاڻ تہ سڏيءَ وات تي خالد بن وليد لشڪر وٺيو وينو هو. سڃي پاسي واري وات ڏانهن جبلن جون ڏاڍيون ڏکيون لاهيون چاڙهيون هيون. اصحاب سڳورا تمام تنگ ٿيا، پر هلندا رهيا، ۽ خالد بن وليد جي لشڪر کي ڇڏي اڳتي نڪري ويا. خالد کي تڏهن خبر پئي جڏهن پري کان اصحابن جي گهوڙن جي سُنبن جي رَئي اُڏامندي ڏٺائين، تنهنڪري پاڻ ٻہ ٻئي پاسي کان گهوڙا ڊوڙائي اڳ ۾ ئي اچي قريشن سان مليو.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن ٻہ حديبيہ جي ويجهو آيا تہ سندن ڏاچي قصويٰ ويهي رهي. ڏاچيءَ کي اُٺارڻ لاءِ ڏاڍا حِيلا ڪيائون پر نہ اُٺي، تڏهن اصحابن چيو تہ ٽڪجي پئي آهي، پر پاڻ سڳورن فرمايو: قصويٰ ۽

ٿڪجي! هن کي تہ الله تعالیٰ روکيو آهي، جيئن آبرهي اصحاب الفيل جي هاٿي محمود کي ڪعبہ کان پري الله تعالیٰ جهليو هو. آخر ڏاچيءَ کي اُٺاريائون، سا هلي وري حديبيہ جي کوهہ جي ويجهو ويهي رهي. کوهہ سُڪو پيو هو ۽ منجهس پاڻي تمام ٿورو هو. اصحابن چيو تہ: هن هنڌ هڪ تہ آهي واري، ٻيو پاڻي ڪونهي، هيترا سارا ماڻهو اُٺ ۽ گهوڙا ڪٽان پاڻي پيئندا؟ اهو ٻُڌي پاڻ سڳورن پنهنجي ٿيلهي مان تير ڪڍي ناجيہ بن جندب کي ڏنو. براء بن عارب ٿو چوي تہ: مون کي تير ڏنائون تہ وڃي کوهہ ۾ کوڙ. مان هيٺ لهي وڃي کوڙيو تہ پاڻي ٻُنيپ ڏنو ۽ کوهہ ۾ ايترو پاڻي ٿيو جو سيني ماڻهن، اُٺن ۽ گهوڙن پيتو. وري مينهن لاءِ دعا گهريائون تہ مينهن اَنو جنهنکري واري ڇمي پئي، پاڻي بہ جهجهو ٿيو.

قريشن طرفان بديل بن ورقاء الخزاعي ڪيترن ماڻهن سان گڏجي، حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ آيو. ۽ چيائين تہ: قريشن توهان جي آمد جو ٻُڌي، عربي قبيلن کي پاڻ سان ملائي توهان جي مقابلي لاءِ تيار ويٺا آهن. توهان لاءِ بهتر آهي تہ موٽي وڃو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جواب ۾ فرمايو تہ: اسان جنگ لاءِ ڪونہ آيا آهيون، فقط بيت الله جي زيارت ۽ عمرو ڪرڻ آيا آهيون. جيڪڏهن قريشن اسان جي اها ڳالهہ قبول نہ ڪئي تہ پوءِ اسان بہ جنگ کان ڪونہ مڙنداسين. بديل عرض ڪيو تہ: مان توهان جو ڏنل احوال قريشن کي ٻُڌائيندس. اڳتي سندن مرشي. هن سمورو احوال وڃي قريشن کي ڏنو جن چيو تہ: اسان محمد صلعم کي مڪي ۾ هرگز اچڻ نہ ڏينداسين. ماڻهو چوندا تہ قريش، محمد (صلي الله عليہ وسلم) کان ڊڄي ويا، تنهنکري اسان جي بدنامي ٿيندي. وري عروه بن مسعود ثقفي اُٺيو. جنهن قريشن کان پڇيو تہ: آءُ توهان ۾ ننڍو ٿي وڏو ٿيو آهيان، توهان جو مون تي اعتبار آهي يا نہ؟ هُنن چيو تہ: برابر. تون اسان جو

سڃڻ آهين ۽ اسان کي پُٽن بجاءِ آهين. عروه چيو تہ: محمد (صلي الله عليہ وسلم) ڳالهہ تہ چڱي ٿو ڪري، هو فقط طواف ڪري ۽ عمرو ادا ڪري هيا ويندا، پر جيڪڏهن روڪڻ گهرو ٿا تہ مان کين سمجهايان ٿو.

عروه، حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دربار ۾ پهتو. هن چيو تہ: قريش هينئر پنهنجي ضد تان نہ لهندا. جيڪڏهن توهان بہ ضد ڪندو ۽ جنگ لڳندي تہ توهان هينئر قريشن جي گهر ۾ آهيو. فتح قريشن جي ٿيندي. اهي ماڻهو جيڪي آندا اٿَو سي توهان کي اڪيلو ڇڏي ڀڄي ويندا، پوءِ توهان جو ڪهڙو حال ٿيندو؟ تنهنڪري توهان لاءِ بهتر آهي تہ وڃي وڃو!

ابوبڪر چيو تہ: بي ايمان! تون ٿو چوين تہ اسان رسول الله کي ڇڏي ڀڄي وينداسين! اسان کي اميد آهي تہ توهان کي قتل ڪري، توهان جي بُتن کي ڀيڄي، پوءِ طواف ۽ عمرو ادا ڪري موڻي وينداسين. عروه پڇيو تہ: هي ڪير آهي جو تڪڙو ٿو پوي؟ چيائون تہ: حضرت ابابڪر صديق رضہ آهي. چيائين: ان جو مون تي حق ۽ ٿورو آهي، اهو ڪونہ لاٿو اٿم، نہ تہ چڱي ورندي ڏيانس ها (اهو ٿورو هي هئو تہ عروه تي وڏو قرض هو هُن چندو ڪيو دوستن ۽ يارن سندس مدد ڪئي، جنهن ۾ ابابڪر صديق رضہ ڏهہ ڀڳا ڪيس ڏنا هئا).

عروه ڳالهائڻ وقت حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڏي هٿ ڪنيو اهڙي طرح پئي ڳالهايو. جو سندس هٿ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي منهن مبارڪ تائين پئي پهتو. مغيره بن شعبہ رضي اتي بيٺو هو. عروه هٿ ڌڪو ڪيو تہ سڏري (ابتي تلوار) هٿ تي هٽي چيائينس تہ: بي ادب! هٿ ڪٽي نہ ڳالهاءِ، هٿ پوئتي ڪر!

عروه، حضور صلي الله عليہ وسلم جن سان اصحابن جي صداقت ۽ محبت بہ ڏٺي، آخر کيس اهوئي جواب مليو تہ: اسان عمره ادا ڪرڻ، طواف بيت الله ۽ زيارت بيت الله کان سواءِ ڪوبہ موٽنداسين، پلي جنگ لڳي، اسان لڙڻ لاءِ تيار آهيون. عروه موٽي ويو ۽ قريشن کي چيائين تہ: آءٌ قيصرو ڪسريٰ ۽ ٻين بادشاهن جي دربار ۾ ويو آهيان، مگر جيڪا محمد (صلي الله عليہ وسلم) جي اصحابن ۾ محبت ۽ سچائي آهي، ان کي ڏسي منهنجي صلاح آهي تہ اوهان لاءِ صلح کان سواءِ ٻيو چارو ڪونهي.

عبدالله ابن عباس ٿو چوي تہ: قريشن رات جو پنجاهہ مڙس موڪليا تہ وجي محمد (صلي الله عليہ وسلم) جي لشڪر مان ڪنهن کي قتل ڪري اچو، مگر اهي پنجاهہ ئي ڇڪا گرفتار ٿي پيا ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم جن وٽ پيش ٿيا، پر پاڻ سڳورن کين معافي ڏئي حضرت عمر فاروق رضہ کي فرمايو تہ: تون قريشن وٽ وڃ ۽ کين سمجهاءِ تہ اسان جنگ لاءِ ڪوبہ آيا آهيون، عمرو ڪري موٽي ويندا سين. حضرت عمر رضہ عرض ڪيو تہ: قريش منهنجا وڏا دشمن آهن، منهنجا مائٽ بني عدي بن ڪعب مکي ۾ ناهن، جو منهنجي مدد ڪن، تنهنڪري بهتر آهي تہ حضرت عثمان رضہ کي موڪليو جو سندس مائٽ مکي ۾ گهڻا آهن. تنهنڪري حضور صلي الله عليہ وسلم جن، حضرت عثمان رضہ کي موڪليو.

حضرت عثمان مکي ۾ وڃي، ابوسفيان ۽ ٻين معتبرن سان مليو ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو پيغام کين ڏنائين. هنن چيس تہ: تون پلي بيت الله جو طواف ڪر توکي اجازت آهي، باقي محمد (صلي الله عليہ وسلم) کي ڪوبہ ڇڏيندا سين. حضرت عثمان چيو تہ: مان حضور صلي الله عليہ وسلم جان کان سواءِ طواف ڪري بي ادب نہ ٿيندس. انهن لفظن تي مشرڪ باهہ ٿي ويا، تنهنڪري حضرت عثمان رضہ کي بند ڪري

ڇڏيائون، ۽ ڪيس موٽڻ نہ ڏنائون. حضرت عثمان رضہ جڏهن موٽڻ ۾ دير ڪئي، تڏهن ماڻهن هُل هلايو تہ حضرت عثمان رضہ کي قريشين شهيد ڪري ڇڏيو.

بيعت رضوان: حضور صلي الله عليہ وسلم جن حضرت عثمان رضہ جي شهادت جو ٻُڌي هڪ وڻ کي ٽيڪ ڏئي ويهي رهيا. سيني اصحابن کي سڏائي چيائون تہ: حضرت عثمان رضہ شهيد ٿي ويو تنهنڪري هاڻي مرڻ مارائڻ کان سواءِ نہ موٽنداسين، جنهن کي خوشيءَ سان بيعت ڪرڻي آهي، سو ڪري، جيڪو نہ ڪري تنهن کي موڪل آهي. پر سيني اصحابن بيعت ڪئي. تنهن تي الله تعاليٰ سندن شان ۾ هيءَ آيت نازل فرمائي:

۞ لَّقَدْ رَضِيَ ٱللَّهُ عَنِ ٱلْمُؤْمِنِينَ إِذْ يُبَايِعُونَكَ تَحْتَ ٱلشَّجَرَةِ فَعَلِمَ مَا فِي قُلُوبِهِمْ فَأَنزَلَ ٱلسَّكِينَةَ عَلَيْهِمْ وَأَثَٰبَهُمْ فَتْحًا قَرِيبًا ﴿١٨﴾

ترجمو: بيشڪ الله مومنن کان (انهي وقت) راضي ٿيو جنهن وقت وڻ هيٺ توسان بيعت ٿي ڪيائون، پوءِ جيڪي سندن دلين ۾ هو سو ڄاتائين، پوءِ مٿن (دل جو) سمون لاٿائين ۽ کين هڪ ويجهي سوپ انعام ڏنائين (القرآن، 18:48). پوءِ پاڻ سڳورن فرمايو تہ جي عثمان رضہ جيئرو آهي تہ هي آهي عثمان رضہ جي محمد رسول الله سان بيعت، ائين چئي سڄو هٿ کٽي چيائون تہ هي هٿ عثمان رضہ جو آهي ۽ ٻئي هٿ لاءِ فرمايائون تہ هي هٿ محمد (صلي الله عليہ وسلم) جو. پوءِ ٻيئي هٿ گڏي چيائون تہ هي آهي عثمان رضہ جي محمد رسول الله سان بيعت، قتاده ٿو چوي تہ حضرت عثمان رضہ جو وڏو شان آهي، جو حضور صلي الله عليہ وسلم جن پنهنجو هٿ مبارڪ عثمان رضہ جو هٿ قرار ڏنو. سيني ماڻهن بيعت ڪئي، مگر جدي بن قيس منافق بيعت نہ ڪئي، هن اُٺ پئي ڳوليو. بيعت لاءِ چيائونس، پر چيائين: مون کي بيعت کان اُٺ پيارو آهي. قريشن کي جو انهي بيعت جي

خبر پئي، تڏهن منجهن هراس پيو تہ مسلمان ڪونہ مڙندا، تنهنڪري (حضرت جابر بن عبدالله روايت ٿو ڪري) انهن هڪ مڙس ڏاڍي تي آيو ۽ خبر ڏنائين تہ عثمان رضہ جيئرو آهي، سندس قتل واري ڳالهہ ڪوڙي آهي.

پوءِ قريشن سهيل بن عمرو کي موڪليو تہ وڃي محمد صلي الله عليہ وسلم سان صلح ڪريو تہ هن سال موٽي وڃي. سهيل پنهنجا ماڻهو ونڻي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ آيو. پاڻ سڳورن ڪيس پري کان ڏسي چيو تہ: هاڻي صلح ٿيندو. سهيل اچي صلح جون ڳالهيون هلايون. حضرت عثمان رضہ وٽن ڏهن مهاجرن سان قيد هو. تنهنڪري پاڻ سڳورن چيو تہ: اسان توهان جا پنجاهہ قيدي ڇڏيا آهن، توهان اسان جا ماڻهو نٿا ڇڏيو. تڏهن سهيل پنهنجو ماڻهو موڪلي، حضرت عثمان رضہ ۽ سندس ساٿين کي گهرائي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ڪيو.

صلح جا شرط: سهيل صلح جا هيٺيان شرط پيش ڪيا:

- هن سال موٽي وڃو ۽ ايندڙ سال اچي عمرو قضا ڪجو.
- ڏهن سالن جو معاهدو آهي تہ هڪ ٻئي سان نہ لڙنداسين ۽ نہ وري هڪ ٻئي جي دشمن کي مدد ڏينداسين.
- عربن جا قبيلا، جنهن بہ ڌُر سان وڃي ملن انهن کي ڪابہ ورڪ ٽوڪ نہ آهي،
- آئيندہ اچو تہ فقط تي ڏينهن مڪي ۾ رهي واپس وڃو.
- قريشن ۽ سندن حليفن مان ڪوبہ مسلمان ٿي توهان ڏي اچي تہ اهو موٽي پنهنجي مائٽن کي ملي ۽ جيڪو مسلمان مرتد ٿي ڪفارن سان وڃي ملي، اهو توهان کي واپس نہ ڏنو ويندو.

پوئين شرط تي اصحاب رنج ٿيا ۽ حضرت عمر فاروق رضہ چيو تہ: يارسول الله! هي شرط بہ قبول ٿا ڪريون؟ فرمايائون تہ: جيڪو مسلمان ٿيندو اسان کيس موتائي ڪافرن کي ڏينداسين، الله تعاليٰ پاڻ انهي لاءِ بندوبست ڪندو ۽ کيس رهائي ڏيندو. پر جيڪو مسلمان مرتد ٿي ڪافرن ڏي ويو تنهن کي اسان ڇا ڪنداسين، پلي ويو تہ ڇڱو ٿيو!

اُم عماره ٿي چوي تہ مان انهي مجلس ۾ حاضر هيس، جڏهن سهيل حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي روبرو صلح جا شرط پئي پيش ڪيا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي پويان عباده بن بشر ۽ مسلم بن اسلم هٿيارن سان بينا هريا. جڏهن بہ سهيل بن عمرو ڏاڍيان پيو ڀالهائي تہ هو روڪينس پيا تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي مجلس جو ادب ڪر! پيا اصحاب صفون ٻڌيون بينا هئا.

ابوجندل بن سهيل جو مسلمان ٿي اچڻ ۽ ڪيس وري ڪافرن جي حوالي ڪرڻ: سهيل بن عمرو جو پُٽ ابوجندل مسلمان ٿيو هو. تنهن کي سندس پيءُ مارڪُٽ ڪري، قيد ۾ وجهيو آيو هو. صلح جون ڀالهيون اڃا هليون پئي جو ابوجندل وجهہ ونيٰ، پاڻ ڇڏائي اچي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ پهتو. سهيل چيو تہ: ڪيل شرط موجب مون کي منهنجو پُٽ موتائي ڏيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: اڃا ڀالهيون آهن، صلحنامو لکيل ڪونهي، نڪو مٿس دستخط ڪيل آهي، تنهنڪري ابوجندل موتائي نہ ڏيو. سهيل انڪار ڪيو تہ جيڪڏهن ابوجندل منهنجي حوالي نہ ڪندو تہ پوءِ اسان ۽ توهان جو صلح نہ ٽيندو. آخر حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايس تہ: ابوجندل تنهنجي حوالي ڪريون تہ کيس ڪابہ تڪليف نہ ڏيندين، اهڙو ضامن ڏي. مڪرز بن حفض ضامن پيو تہ ابوجندل ونيٰ دانهون ڪيون تہ: اي مسلمانو! مان

مسلمان ٿي توهان جي پناهہ ۾ آيو آهيان. مون تي ڪافرن سخت ظلم ڪيا آهن ۽ ايذاءَ ڏنا آهن. وڏين مصيبتن سان توهان وٽ اچي پهتو آهيان. توهان وري مون کي موٽائي ڪافرن جي حوالي ٿا ڪريو! جي منهنجي مدد نٿا ڪريو تہ پوءِ ڪير آهي جو منهنجو فرياد ٻُڌندو ۽ مون کي هنن ظالمن کان بچائيندو؟

حضور صلي الله عليہ وسلم جن کيس دلجاءِ ڏني تہ: الله تعاليٰ ري رک، جلد ئي توکي ۽ ٻيا جيڪي مکي ۾ مسلمان ٿيا آهن، پر ڪافرن جي ظلم کان ايمان لڪايو وينا آهن، ڪافرن جي هٿن مان ڇوٽڪارو ملندو. ابوجندل پنهنجي پيءُ سهيل جي حوالي ٿيو. حضرت عمر رضہ چيس تہ: ڪافرن کي مارڻ اسلام ۾ جائز آهي، جي تون پيءُ کي ماريندين تہ ڇڏو ٿيندو. ابوجندل چيس تہ: ڀلا تون پنهنجي پيءُ خطاب کي نٿو مارين؟ حضرت عمر رضہ چيو تہ: حضور صلي الله عليہ وسلم جن مون کي منع ڪئي آهي. ابوجندل چيو تہ: جيڪڏهن منهنجي ڀَالهہ بہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي ڳَن پئي تہ مون کي بہ منع فرمائيندا.

صلحنامي جون ڀَالهيون طرفين منظور ڪيون. حضور صلي الله عليہ وسلم جن اوس بن خولي انصاري کي صلحنامي لکڻ لاءِ گهرايو. سهيل چيو تہ: صلحنامو حضرت علي رضہ لکي يا حضرت عثمان رضہ لکي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي حڪم تي حضرت علر رضہ مس قلم ڪاغذ ڪٽي لکڻ ويٺو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن لکايو تہ: بسم الله الرحمن الرحيم سهيل چيو اسان رحمان کي ڪونہ سڃاڻون، تنهنڪري بِاسمُکَ اَللّٰهُمَّ لَکَ مسلمان سڀ رنج ٿيا تہ هي پنهنجون سڀ ڀَالهيون حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي مجارائي ٿو. تنهنڪري بِسمِ الله ضرور لکڻ گهرجي. مگر حضور صلي الله عليہ وسلم جن، حضرت علي رضہ کي فرمايو: لِکُ بِاسمُکَ

اَللّٰهُمَّ. حضرت علي رضہ لکيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايس تہ: لِکُ، هَذا مَا قَضٰى عَلَيہ مُحَمَّدُ رَسُولُ الله (هي اهو آهي، جنهن جو رسول الله (صلي الله عليہ وسلم) فيصلو ٿو فرمائي). سهيل چيو تہ: اسان توکي رسول کونہ ٿا ميجون، جي توکي رسول کري ميجون ها تہ پوءِ جهڳڙو ڇاجو؟ توکي کعبت الله کان روکيو اٿئون. وطن کان بي وطن کيو اٿئون، انهي کري تہ اسان توکي رسول نٿا ميجون. جيکڏهن اسان توکي ميجي ورتو تہ پوءِ صلح ڇا لاءِ ۽ اختلاف ڇا لاءِ؟ تنهنکري لِکُ تہ مُحَمَّدُ ابنِ عَبدُاللهُ.

حضرت علي رضہ صلحنامي وارو کاغذ کڻي رکيو ۽ تلوار هٿ ۾ کڻي ڇيائين تہ: مشرکن جو کم مان پورو ٿو کريان. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايس تہ: علي! لِکُ، مُحَمَّدُ ابنِ عَبدُاللهُ ۽ رسول الله جو لفظ ڊاهي ڇڏ! حضرت علي رضہ عرض کيو تہ: مون کان اهو کيئن ٿي سگهندو جو رَسُولُ الله جو لفظ ڊاهي ڇڏيان! تنهن تي پاڻ سڳورن حضرت علي رضہ کان کاغذ ونڻي رَسُولُ الله جو لفظ پاڻ ڊاڻو.

صلحنامو لکجي پورو ٿيو تہ مسلمانن مان ابوبکر صديق رضہ، عمر فاروق رضہ، عبدالرحمان بن عوف رضہ، سعد بن ابي وقاص رضہ، عثمان بن عفان رضہ، ابو عبيده بن الجراح رضہ، محمد بن مسلمہ رضہ ۽ ابوجندل بن سهيل رضہ انهي صلحنامي تي صحيحون کيون ۽ ڪُفارن جي طرفان حويطب بن عبدالعزيٰ، مکرز بن حفض ۽ بين صحيحون کيون.

بنو خزاعہ جو قبيلو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي عهد انجام ۾ آيو ۽ بنو قبيلو قريش جي معاهدي ۾ آيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن حضرت علي رضہ کي فرمايو تہ: رَسُولُ الله جي لفظ ڊاهڻ تي رنج ٿو ٿين پر توتي بہ اهڙو واقعو ايندو جو اَمِيرُالمومنِين جو لفظ پنهنجي هٿن سان ڊاهيندين. ٿيو بہ ائين، جڏهن حضرت علي رضہ ۽ امير معاويہ ابن ابو سفيان

جي وچ ۾ لڙائي لڳي. گهٽي اختلاف کان بعد جڏهن صلح ٿيو تہ ڪاتب جڏهن لکيو علي اميرالمومنين تہ معاويہ اعتراض ورتو تہ: جيڪڏهن اسان توکي اميرالمومنين ڪري مڃون تہ پوءِ جنگ ڇاجي آهي! ڪاتب ڇيو تہ مان اميرالمومنين ڪونہ ڀاهيندس. تڏهن حضرت علي رضہ اميرالمومنين جو لفظ ڀاهي، حديبيہ جو واقعو ياد ڪري ڇيو تہ: صَدَقَ رَسُولُ الله صَلّي اللهُ عَلَيہ وَآلِہ وَسَلَمَ.

صلح تي حضرت عمر رضہ ءِ ٻين صحابن کي رنج: انهي صلحنامي لکڻ تي اصحاب تمام رنج ٿيا تہ اسان حق تي هئاسين ءِ ڪافر ناحق تي، اسان جيڪو صلحنامو لکي ڏنو آهي، ان ۾ اسان جي نهايت بيعزتي آهي. حضرت عمر فاروق، حضرت ابوبکر وٽ آيو ءِ ڇيائين تہ: محمد صلي الله عليہ وسلم، الله تعاليٰ جو سچو رسول آهي يا نہ؟ اسان جو اسلام سچو آهي يا نہ؟ اسان مسلمان حق تي آهيون يا نہ؟ جيڪڏهن جواب اثبات ۾ آهي تہ پوءِ اهو بيعزتي وارو صلح ڇو ٿيو؟

حضرت ابوبکر صديق رضہ ڇيو تہ: رسول الله صلي الله عليہ وسلم تي وحي نازل ٿو ٿئي، اهو جيڪي ڪندو سو الله تعاليٰ جي رضامندي موجب ڪندو، تون وڌيڪ نہ ڪُڇ. تڏهن وري حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دربار ۾ وڃي ساڳيو سوال ڪيائين. تنهن تي حضور صلي الله عليہ وسلم فرمايس تہ: عمر! تون جلد ئي وري مڪي ۾ اچي فاتحانہ حيثيت ۾ طواف ءِ زيارت ڪندين. مگر حضرت عمر رضہ رنج ٿي اُٿيو. تنهن تي ابو عبيده الجراح کيس تنبيهہ ڪئي تہ: حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي آڏو گستاخي جهڙا الفاظ ڳالهايا آهن. انهن کان توبهہ تائب ٿي! حضرت عمر رضہ فرمائي ٿو تہ: پوءِ مان پشيمان ٿيس، توبهہ ڪيم، روزا رکيم ءِ ٻانهان آزاد ڪيم تہ الله تعاليٰ معافي ڏي. انهيءَ حقيقت جو راز عمر فاروق

تي تڏهن کليو جڏهن مکو فتح ٿيو ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم جن، حضرت عمر رضہ کي گهرائي فرمايو تہ: هي اٿئي ڪعبت الله جون ڪُنجيون. حضرت ابوبڪر صديق رضہ ٿو چوي تہ: حجت الوداع ۾ ساڻيو ئي سهيل بن عمرو مسلمان ٿيو هو ۽ اُٺ ڪاهيو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ پئي آيو جيڪي پاڻ سڳورون پنهنجن هٿن سان ذبح پئي ڪيا. وري جڏهن منيٰ ۾ حلق ڪرايائون (مٿو ڪوڙايائون) تہ سهيل سندن وارا مبارڪ پئي جهليا ۽ پنهنجي اکين تي گهمائي پئي چُميا. حضرت عمر رضہ کي چيم تہ هي حديبيہ ۾ بسم الله الرحمن الرحيم بہ لکڻ نہ پئي ڏنو. محمد رسول الله جا لفظ ڌهرائي ڇڏيائين. اڄ ڏسينس تہ اسان کان وڌيڪ عاشق ٿيو ٻيٺو آهي. تنهن تي سهيل هيءَ آيت پڙهي تہ:

قُلِ ٱللَّهُمَّ مَٰلِكَ ٱلْمُلْكِ تُؤْتِى ٱلْمُلْكَ مَن تَشَآءُ وَتَنزِعُ ٱلْمُلْكَ مِمَّن تَشَآءُ وَتُعِزُّ مَن تَشَآءُ وَتُذِلُّ مَن تَشَآءُ ۖ بِيَدِكَ ٱلْخَيْرُ ۖ إِنَّكَ عَلَىٰ كُلِّ شَىْءٍ قَدِيرٌ ﴿٢٦﴾

ترجمو: (اي پيغمبر!) چئو تہ اي الله! ملڪ جا مالڪ! جنهن کي گهرين تنهن کي بادشاهي ڏئين ۽ جنهن کان وٺيئي تنهن کان بادشاهي کسين ۽ جنهن کي گهرين تنهن کي مانوارو ڪرين ۽ جنهن کي وٺيئي تنهن کي ذليل ڪرين، تنهنجي هٿ ۾ ڇڳائي آهي، بيشڪ تون سڀ ڪنهن شيءِ تي وسوارو آهين (القرآن، 26:3).

حديبيہ جي صلحنامي لکڻ بعد حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: جيڪي هديا آندا اٿن انهن کي نحر ڪريو (ڪُهو) ۽ مٿا ڪوڙايو. اول پاڻ سڳورن نحر ۽ حلق ڪرايو. جنهن کي ڏسي سيني اصحابن نحر ۽ حلق ڪرايو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي اُڻن ۾ ابوجهل وارو اُٺ بہ هديہ

۾ شامل هو. سو ڀڃي وڃي مڪي نڪتو. مڪي وارن اُٺ سجاڻي ڪٽي جهليو ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم جي خدمت ۾ چورائي موڪليائون تہ هِن اُٺ جي عيوض سئو اُٺن جو ڏيندا سون. اُٺ اسان کي ڏيو! حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: اسان بيت الله جو هديہ ڪري آندو آهي، ٻي صورت هجي ها تہ اسان ائين بہ ڪريون ها. سهيل مشرڪن کي چيو تہ اُٺ موٽائي ڏيو. آخر اُٺ موٽي مليو. پوءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: اهو اُٺ ۽ ٻيا ويهہ اُٺ بيت الله جي ڀرسان مروه جبل جي ويجهو نحر ڪري، فقيرن ۾ تقسيم ڪريو. اهو هن لاءِ ڪيائون تہ پلي ڪفار ابوجهل جي اُٺ جي قرباني پنهنجي اکين سان ڏسن. باقي اُٺ حديبيہ ۾ نحر ڪرائي ڇڏيائون. پنهنجا وار مبارڪ لهرائي هڪ وٽ تي اڇلايائون، جيڪي اصحابن تبرڪ لاءِ وڃي کنيا. اُم عماره ثي چوي تہ: مشڪل سان هڪ وار مبارڪ هٿ آيم. سو هميشہ بيمارن کي ڏوئي پياريندي هيس. الله تعاليٰ ان جي برڪت سان بيمارن کي شفا ڏيندو هو.

حديبيہ کان وپاسي ۽ رستي ۾ سوره فتح جو نازل ٿيٽ: حضرت عمر فاروق رضہ ڏو چوي تہ حديبيہ مان ڪوچ ڪري مديني روانا ٿياسين تہ رستي ۾ خيال ڪيم تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن سان ڪجهہ ڳالهايان. سو پنهنجي سواري حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي سواريءَ سان ملائي ڪجهہ عرض ڪيم مگر جواب ڪونہ ڏنائون. پوءِ چيم ثَقلَتْکَ اُمِّکَ يا عُمرُ! (عمر! توتي شل ماءُ روئي) شايد توسان حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڪاوڙيا آهن جو ورندي بہ نٿا ڏين. پوءِ اُٺ ڊوڙائي وڃي لشڪر جو اڳ ورتم ٿوري دير مس گذري تہ پاڻ سڳورن سڏايو ۽ مون کي ڏسي خنده پيشاني سان فرماياون: توکي اڳ ۾ جواب انهيءَ ڪري نہ ڏنم جو وحي نازل ٿي آهي، جا مون کي دُنيَا وَمَافِيهَا (جيڪي دنيا ۾ آهي) ان کان

وڏيڪ پياري ۽ پسند آهي. پوءِ سوره اِنَّا فَتَحنَا لَکَ فَتحاً مُّبِيناً (اي پيغمبر!) بيشڪ اسان توکي پڌري فتح ڏني (القرآن، 1:48) پڙهيائون ۽ اصحابن کي مبارڪ ڏنائون تہ اها فتح صلح حديبيہ جي آهي. جيئن سيني تفسيرن لکيو آهي تہ صلح حديبيہ کان پوءِ گهٽا قبيلا اسالم ۾ داخل ٿيا ۽ جن ماڻهن خوف کان ايمان لڪايو هو سي بہ ظاهر ٿيا. حضرت ابابکر صديق رضہ فرمائي ٿو تہ: اهو حديبيہ جو صلح، الله ۽ رسول جي وچ ۾ راز هو جو اسان سمجهي نٿي سگهياسين. انهيءَ صلح بعد ايترا مشرڪ اسلام ۾ داخل ٿيا، جو اول بعثت کان هن وقت تائين بہ ايترا مسلمان نہ ٿيا هئا.

ابو نصير جو مسلمان ٿي مديني ۾ اچڻ جو واقعو

حضور صلي الله عليہ وسلم جن حديبيب کان ٿي موٽي مديني پهتا تہ ابونصير مسلمان ٿي مڪي معظم مان پڇي مديني ۾ پهتو. قريشن کي خبر پئي تہ صلح حديبيہ موجب ابونصير کي واپس آڻڻ لاءِ اخنس بن شريف ۽ ازهر بن عبد عوف گڏجي حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڏي خط لکيو. جيڪو هڪ ماڻهو بني عامر لوي ۽ سندس هڪ آزاد غلام ڪوثر جي هٿان موڪليائون. اهو خط حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دربار ۾ پيش ٿيو. جيڪو ابي بن ڪعب کين پڙهي ٻڌايو. پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم ابونصير کي مشرڪن جي حوالي ڪيو. ابونصير عرض ڪيو تہ: اوهان جي حڪم جي تعميل ڪرڻي اٿم، مگر مشرڪ مون کي سخت تڪليف ڏيندا. پاڻ سڳورن فرمايو: قَد عَلِمتُ اِنَّا اَعطَينَا اَلقَومِ عَهدًا وَلآ يَصلُحُ فِي دِينِنَا الغَدرَ (توکي خبر آهي تہ اسان قوم سان عهد انجام ڪيو آهي. اسان جي دين ۾ ڪوٽ ڪرڻ جائز ناهي). فَانطَلِق فَاِنَّ اللّٰهَ سَيَجعَلُ لَکَ وَلِمَنَ المُستَضعِفِينِ فَرجَا (تون وڃ الله تعاليٰ سُٹت ئي تنهنجي لاءِ ضعيف

مسلمانن لاءِ جيڪي توسان آهن خلاسگي ۽ آزادگي ڏيندو). اصحابن بہ ابونصير کي دلداريون ۽ دلجايون ڏنيون تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دعا جلد قبول ٿيندي ۽ تون مشرڪن جي هٿن مان مڪي وارن مسلمانن سان گڏ آزاد ٿيندين.

ابونصير کي مشرڪ وٽي روانا ٿيا. ذوالحليفہ وٽ پهچي آرام لاءِ ترسيا. ابونصير مسجد ۾ گهڙي نفل پڙهي ٻاهر نڪتو ۽ جيڪو ٿمر هئس، سو چوڙي کائڻ لڳو. مشرڪن کي بہ کائڻ جي صلاح ڪيائين، مگر هنن گڏ کائڻ کان انڪار ڪري پنهنجو کاڌو کوليو ۽ ويهي کائڻ لڳا. ابونصير، عامري کي چيو تہ: تنهنجي تلوار تمام سٽي ٿي ڏسجي؟ عامري تلوار ماڻ مان کولي چيو تہ: مان ڪيترائي ڀيرا آزمائي آهي، تمام سٽي آهي. ابو نصير تلوار ڏسڻ لاءِ گهري تہ هن کڻي ڏنيس. ابونصير تلوار وٽي هڪ ئي ڏڪ سان عامري کي جهنم ڏي موڪليو. پر سندس آزاد غلام ڪوثر وٽي پڳو ۽ شام جو اچي مديني ۾ پهتو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کيس ڏيس چيو تہ: هي خوفزده آهي شايد ڪو حادثو ٿيو آهي! هوڏانهن ابونصير بہ عامري جي تلوار حمائل ڪري، سندس ئي اُٺ تي سوار ٿي اچي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ پهتو. ڪوثر چيو تہ: هن منهنجي سردار کي قتل ڪيو ۽ مان پڃي جان بچائي آهي. ابونصير عرض ڪيو تہ: توهان مون کي هنن جي حوالي ڪيو مون کي الله تعاليٰ نجات ڏني. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: ابونصير جنگ جي باهہ ٻاري آيو. پاڻ سڳورن جا اهي لفظ ٻُڌي ابونصير يڪدم روانو ٿي ويو ۽ وڃي منزل عيص تي پهتو جا سمنڊ جي ڪنڊيءَ تي آهي، اُتان قريشن جو لنگهہ هو جي شام ڏي واپار لاءِ ويندا هئا. ابو دجانہ ۽ ٻين مسلمانن ڏي، جيڪي ڪفارن جي قيد ۾ هئا تن ڏانهن حضرت عمر رضہ چورائي موڪليو تہ: ابونصير توهان

جو رفيق عيص منزل تي توهان جي انتظار ۾ آهي. اهو ٻُڌي مسلمان قيدين پڇڙ جا پهه پچايا ۽ هڪڙو هڪڙو ٿي ستر ماڻهو پڇندا ويجي ساڻس مليا. ڪن جو چوڙ آهي ته ٿي سئو ماڻهو ويجي گڏ ٿيا ۽ جيڪو قافلو اتي لنگهي تنهن کي لُٽي، ماڻهو ماري ڇڏيندا هئا. آخر قريشن جو اُتان لنگهڙ ۽ شام جو واپار وڙو سپ بند ٿي ويو. قريشن تنگ ٿي ابوسفيان کي چيو ته: حضور صلي الله عليه وسلم جن کي چئو ته اسان انهي شرط تان دستبردار آهيون ته جيڪو ڪافر مسلمان ٿئي اهو اسان کي موٽي ملي. تڏهن ابوسفيان، حضور صلي الله عليه وسلم جن ڏي مِتي مائٽي جا قسم وجهي موڪليا ته عيص وارن مسلمانن کي مديني گهرائي ونو. توهان کان وري انهن جي واپسي جو مطالبو ڪونه ڪنداسين، جو اسان جو واپار وڙو بند ٿي ويو آهي، هاڻي ته بک ٿا مرون.

حضور صلي الله عليه وسلم جن ابونصير ۽ ابو دجانه کي پنهنجي رفيقن سميت مديني ۾ اچڻ جو خط لکي موڪليو. ان وقت ابونصير سڪرات ۾ هو. حضور صلي الله عليه وسلم جن جو خط ونڊي اکين تي رکيائين، پوءِ ويجي بهشت ۾ آرامي ٿيو. سندس ڪفن دفن بعد سيئي رفيق ابودجانه جي سرڪردگي هيٺ مديني منور ۾ پهتا. حضور صلي الله عليه وسلم جن حضرت عمر رضه کي فرمايو ته: جنهن ابودجانه جي واپسي تي رنج ٿيو هئين، اُهو ڏس ته ڪيترن مسلمانن سميت مديني پهچي ويو. حضرت عمر رضه عرض ڪيو ته: الله ۽ رسول جي وچ ۾ جيڪي راز آهن، عمر جو عقل اتي پهچي نٿو سگهي.

با دشاهن ڏي قاصد موڪلي کين اسلام جي دعوت ڏيڻ

سن 6 هجري ۾، ڪن ڇيو آهي تہ 7 هجري جي محرم مهيني ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي خيال ٿيو تہ بادشاهن ڏي خط ۽ قاصد موڪلي ڪين اسلام جي دعوت ڏجي، جو پاڻ ساري دنيا جا مرسل ٿي آيا آهن. جيئن قرآن ڪريم ۾ آهي:

وَمَآ أَرۡسَلۡنَٰكَ إِلَّا كَآفَّةٗ لِّلنَّاسِ بَشِيرٗا وَنَذِيرٗا وَلَٰكِنَّ أَكۡثَرَ ٱلنَّاسِ لَا يَعۡلَمُونَ ﴿٢٨﴾

ترجمو: ۽ (اي پيغمبر!) اسان تو سيني انسانن لاءِ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ (رسول) ڪري موڪليو آهي، پر گهڻا ماڻهو نہ ڄاڻندا آهن (القرآن، 28:34). اصحابن مان عرض ڪيو تہ: بادشاهن جو قاعدو آهي تہ مُهر کان سواءِ خط قبول نہ ڪندا آهن، تنهنڪري مُهر ٺهرائي وڃي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن حڪم فرمايو جنهن موجب چانديءَ جي منڊي تيار ٿي، جنهن مُهر اُڪري ويئي. ڪن ڇيو آهي تہ ٽي مُهرون هيون، هڪ چانديءَ جي، ٻي چاندي ۽ لوهہ جي گڏيل، ٽين چانديءَ جي، جنهن تي پٿر جي ٽِڪ هئي. بهرصورت مُهر تي ٽي لفظ اُڪريل هئا، مُحمد ـ رسول ـ الله.

روايات مان ثابت آهي تہ اها مُهر واري خاتم (مُنڊي) حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي رحلت بعد حضرت ابابڪر صديق رضہ ڪي ملي، پوءِ حضرت عمر رضہ ڪي، ان بعد حضرت عثمان رضہ ڪي ملي، ۽ وٽس ڇهہ سال هئي، پوءِ ڪوهہ اريس ۾ ڪِري پئي. ڪوهہ جو پاڻي ڪڍيو ويو ۽ گهڻي ڳولا ڪئي ويئي مگر هٿ ڪانہ آئي. انهيءَ ڪري ئي حضرت عثمان رضہ جي حق ۾ ماڻهن طرفان ناراضگي پيدا ٿي، جو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو تبرڪ سندس هٿ مان هليو ويو هو.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڇهن بادشاهن ڏي، ڇهن قاصدن هٿان خط موڪليا: (1) نجاشي بادشاهہ حبشہ جو، خط عمرو بن اميہ ضميري

هٿان. (2) هرقل بادشاهہ روم جو خط وحيت الكلبي هٿان. (3) خسرو پرويز بادشاهہ عجم جو خط عبدالله حذافہ سهمي هٿان. (4) مقوقس حاڪم اسڪندريہ جو خط حاطب بن ابي بلقع هٿان. (5) حارث بن ابي ثمر غساني بادشاهہ شام جو خط شجاع بن وهب هٿان. (6) هوذه جنفي والي يمامہ جو خط سليط بن عامري کي ڏنائون. ڪن ڇيو آهي تہ ستون خط منذر بن سادي بحرين جي بادشاهہ ڏي علاء حضرمي هٿان موڪليائون.

قاصدن کي تاڪيد ڪيائون تہ پوري امانت ۽ ايمانداريءَ سان خط بادشاهن کي پهچايو ۽ کين زباني طرح بہ اسلام جي دعوت ڏيو. سيئي قاصد خط کڻي پنهنجي گهر ڏي ويا. مگر سيني کي اهو فڪر ٿيو تہ اسان جي زبان ۽ بولي ٻي. انهن بادشاهن ۽ سندن ملڪ جي بولي ٻي. اسان قاصدائي ۽ رسالت جو حق پوري طرح ڪيئن ادا ڪري سگهنداسين. رات جو سمهي پيا. صبح جو جيئن اُٿيا تہ جيڪو قاصد جنهن ملڪ جو هو. اهو انهي ملڪ جي زبان پيو ڳالهائي. معارج النبوه واري حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو معجزو ڪري لکيو آهي.

نجاشي ڏي حضور صلي الله عليہ وسلم جن بہ خط موڪليا. هڪ خط ۾ ڪيس اسلام جي دعوت ڏنل هئي تہ الله تعاليٰ وحده لاشريڪ لہ کي پنهنجو حقيقي معبود ڪري مڃ. ساڻس ڪو بہ شريڪ ذات خواه صفات ۾ نہ ڪر. محمد صلي الله عليہ وسلم کي الله تعاليٰ جو رسول ڪري مڃ. حضرت عيسيٰ. جنهن تي تنهنجو ايمان آهي. اُهو الله تعاليٰ جو بندو ۽ رسول هو. جنهن وصيت ڪئي هئي تہ مون کان بعد نبي آخر الزمان محمد احمد ايندو. اُن تي ايمان آڻجو ۽ منهنجي شريعت ۽ دين کي منسوخ ڪري سمجهجو. اها سندس وصيت قبول ڪر ۽ منهنجا اصحاب جيڪي تو وٽ هجرت ڪري آيا آهن. جن جو اڳواڻ منهنجو سئوٽ جعفر بن ابوطالب

آهي، انهن سڀني کي باعزت مديني روانو ڪر. ٻيو خط هو اُم حبيبہ بنت ابوسفيان لاءِ، جا مهاجره هئي، ان کي حضور صلي الله عليہ وسلم جن سان خطبت (نڪاح لاءِ چوڻ) ڪرڻ لاءِ.

عمر بن اميہ ضميري نجاشي جي مجلس ۾ پهتو ۽ خبر ڪيائينس تہ مون سان حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو خط مبارڪ آهي. نجاشي ادب لاءِ يڪدم تخت تان لهي هيٺ وينو ۽ خط وٺي اکين تي رکي، چُمي ڏئي پوءِ چيائين تہ: خط پڙهي ٻُڌاءِ، خط ٻُڌڻ بعد يڪدم حضرت جعفر رضہ کي گهرائي ساڻس بيعت ڪري اسلام تي آيو. ان بعد وري عمر بن اميہ ضميري کيس ٻيو خط پيش ڪيو. اهو بہ اکين تي رکي چُمي بيبي صاحبہ کي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي حرم ۾ داخل ٿيڻ لاءِ قبول ڪرايائين. بيبي صاحبہ سان شاديءَ جو احوال سن 7 هجري جي احوال ۾ ايندو.

وحيت الڪلبي رضہ جو هرقل بادشاهہ وٽ وڃڻ

حضور صلي الله عليہ وسلم جن روم جي حاڪم ڏي خط لکي وحيت الڪبي کي ڏنو ۽ چيائونس تہ اهو خط ڪٽي پهرين بصري جي حاڪم ڏي وڃ، اهو توکي پنهنجو معتبر ماڻهو ڏيندو. اُن کي ساڻ ڪري هرقل بادشاهہ وٽ وڃي کيس خط ڏي. وحيت الڪلبي فرمان موجب شام روانو ٿي ويو. بصري جي حاڪم حارث بن ابي غمرغسانيءَ پنهنجو ماڻهو عدي بن حاتم طائي ساڻس گڏ موڪليو. هرقل ان وقت بيت المقدس جي زيارت لاءِ ويو هو. هن نذر ڪيو هو تہ جيڪڏهن فارس ۽ عجم جي بادشاهہ خسرو پرويز پنهنجي قبضي ۾ ڪيل روم جو علائقو آزاد ڪيو تہ پوءِ هو پياده قسطنطنيہ کان روانو ٿي، بيت المقدس جي زيارت ڪندو ۽ اتي چند ڏينهن رهي عبادت ڪندو. هن جو نذر بحال ٿيو. رومي فارس تي غالب آيا

۽ ويو علائقو موتي هرقل جي قبضي ۾ آيو. انهيءَ نذر جي ادائگي لاءِ بيت المقدس ۾ آيو هو. هرقل علم نجوم جو تمام ماهر هو. ڪيس معلوم ٿيو تہ سُنت ئي هڪ مختون (طُهريل) قوم روم کي فتح ڪندي. هن اهو احوال پنهنجي ماڻهن کي ٻڌايو. جن چيو تہ: اهي يهودي آهن، جيڪي طهر ڪرائيندا آهن. اوهين پنهنجي ملڪ ۾ جيڪي بہ يهودي آهن، انهن کي قتل ڪرائي ڇڏيو. ايتري ۾ هرقل کي خبر پئي تہ بصري جي حاڪم، حارث بن ثمر غساني کي هڪڙو قاصد موڪليو آهي، جنهن سان هڪ عربي ماڻهو بہ آهي، جيڪو عجيب ڳالهيون ٿو ڪري. هرقل کين گهرائي، عمرو بن اميہ ضمري کان احوال پُڇيو. هُن چيو تہ: اسان مان هڪ شخص محمد (صلي الله عليہ وسلم) نالي ظاهر ٿيو آهي، جنهن نبوت جي دعويٰ ڪئي آهي. اسان هُن تي ايمان آندو آهي. هو هڪ الله تعاليٰ وَحَدَه لآشَرِيکَ لَہ جي عبادت لاءِ ٿو چوي ۽ بُتن جي عبادت کان روڪي ٿو. هرقل پُڇيو تہ: توهان عرب طهر ڪرائيندا آهيو؟ عمرو هائوڪار ڪئي. پوءِ وحيت الڪلبي، حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو خط هرقل کي ڏنو. خط عربي ۾ هو. تنهنڪري هن ترجمان کي گهرايو. جنهن کيس خط پڙهي ٻُڌايو. خط جو مضمون هو تہ: مون کي الله تعاليٰ نبي آخرالزمان ڪري موڪليو آهي. توهان کي اسلام جي دعوت ڏيان ٿو تہ هڪ وَحَدَه لآشَرِيکَ لَہ تي ايمان آڻيو ۽ مون کي سندس نبي ڪري مڃو. خط جي آخر ۾ هيءَ آيت لکيل هئي:

قُلْ يَٰٓأَهْلَ ٱلْكِتَٰبِ تَعَالَوْا۟ إِلَىٰ كَلِمَةٍ سَوَآءٍۭ بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمْ أَلَّا نَعْبُدَ إِلَّا ٱللَّهَ وَلَا نُشْرِكَ بِهِۦ شَيْـًٔا وَلَا يَتَّخِذَ بَعْضُنَا بَعْضًا أَرْبَابًا مِّن دُونِ ٱللَّهِ ۚ فَإِن تَوَلَّوْا۟ فَقُولُوا۟ ٱشْهَدُوا۟ بِأَنَّا مُسْلِمُونَ ﴿٦٤﴾

ترجمو: اي اهلِ ڪتاب! اچو هڪ ڪلمي تي جو اسان ۾ توهان جي وچ ۾ آهي، اهو هي آهي تہ الله تعاليٰ کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي عبادت نہ ڪريون ۽ ساڻس ڪوبہ شريڪ نہ ڪريون. اسان هڪ ٻئي کي الله تعاليٰ کان سواءِ رب ڪري نہ وٺون، پوءِ جيڪڏهن هنن منهن موڙيو تہ توهان چئو تہ شادي ٿا ڏيون تہ اسان مسلمان آهيون (القرآن، 63:3).

هرقل خط جو مضمون پُڌي، پنهنجي اميرن وزيرن کي چيو تہ: انهي ملڪ جي ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ کي وٺي اچو تہ حال احوال پڇونس.

حضور صلي الله عليہ وسلم متعلق هرقل ۽ ابوسفيان جي گفتگو: ان وقت ابوسفيان بن حرب بہ پنهنجي جماعت سان واپار لاءِ بيت المقدس ۾ آيل هو. ان کي وٺي هرقل جي روبرو آندائون، پر هرقل جي حڪم سان هن جي سپني ساڻين کي بہ وٺي آڻي حاضر ڪيائون. ابن عباس روايت ٿو ڪري تہ ابوسفيان چيو تہ: هرقل جي دربار ۾ پهتاسين تہ بادشاهہ وڏي شان شوڪت سان تخت تي وينو هو. امير وزير، عام خاص ماڻهو، علماءَ ۽ زاهد سپ مجلس ۾ موجود هئا. ترجمان کي گهرائي مون کان پڇيائين تہ اهو شخص جيڪو نبي ٿو سڏائي، توهان مان ڪو سندس مائٽ آهي؟ ابوسفيان چيو تہ: مان سندس عزيز آهيان. هرقل پڇيو تہ: ساڻس ڪهڙي مائٽي اٽئي؟ چيم تہ: منهنجو سئوٽ آهي، سعني منهنجو ڏاڏو اميہ ۽ محمد جو ڏاڏو هاشم پاڻ ۾ پائر هئا.

هرقل سڏي مون کي ويجهو بيهاريو ۽ منهنجي ساڻين کي منهنجي پويان بيهاريائين. پوءِ ترجمان کي چيائين تہ هن جي ساڻين کي چئو تہ مان هن کان سوال پڇندس جيڪڏهن هن ڪوڙ ڳالهايو تہ توهان مون کي پُڌائجو. ابوسفيان ٿو چوي تہ خدا جو قسم، جيڪڏهن اهو ڊپ نہ هجي ها تہ منهنجا ساڻي مون کي ڪوڙو ڪندا تہ محمد (صلي الله عليہ وسلم) تي

گھٽائي ڪوڙ هٽان ها، مگر ڊپ کان سچ چوٽو پيم. هرقل پڇيو تہ: اهو شخص نسب جي لحاظ سان توهان ۾ ڪيئن آهي؟ چيم تہ: وڏي شرف وارو نسب اٿس. وري پڇيائين تہ: سندس پيءُ ڏاڏن مان اڳي ڪنهن نبوت جي دعويٰ ڪئي آهي؟ چيم تہ: نہ. پڇيائين: سندس پيءُ يا ڪو ڏاڏو اڳي بادشاهہ هو؟ چيم: نہ. پڇيائين: هن جا تابعدار شاهوڪار ماڻهو آهن يا غريب؟ چيم: مسڪين ماڻهو سندس تابعدار آهن. پڇيائين: سندس تابعدار وڌندا ٿا وڃن يا ڪُٽندا وڃن؟ چيم: روز بروز وڌندا ٿا وڃن. پڇيائين: ڪو ماڻهو سندس مذهب ۾ وڃي ڦريو آهي؟ چيم: نہ. پڇيائين وعدو (انجام ۾ ڪوٺ) ڪري ٿويا نہ؟ چيم: هن وقت تائين ڪوبہ ڪوٺ ڪونہ ڪيو اٿس. هاڻي اسان سان نئون معاهدو ڪيو اٿس. ڏسجي تہ وفا ڪري ٿويا نہ!

ابوسفيان ٿو چوي تہ ايترو چئي سگهيس پر هرقل انهيءَ ڏي ڪو خيال ئي ڪونہ ڪيو. وري پڇيائين: نبوت کان اڳ ۾ توهان هن کي ڪوڙو سمجهندا هئا يا سچو؟ چيم: سچو. پڇيائين: توهان ۽ هُن جي وچ ۾ جنگ ٿي آهي؟ چيم: هائو. پڇيائين: فتح ڪنهن جي ٿي؟ چيم: ڪڏهن هو غالب ٿين تہ ڪڏهن اسان. پڇيائين: ڪهڙا حڪم ٿو ڪري؟ چيم: هڪ خدا جي عبادت ڪريو ۽ ساڻس ڪوبہ شريڪ نہ ڪريو. پيءُ ڏاڏن جي تابعداري نہ ڪريو. نماز ۽ روزي، صدقي ۽ سچائي، پاڪدامني ۽ مِٽي مائٽي جي لحاظ جو حڪم ٿو ڪري.

ان بعد هرقل بادشاهہ مون کي چيو تہ: توکان پهرين هن شخص جي نسب بابت سوال ڪيم تہ چيو تہ وڏي شرف وارو نسب اٿس. انبياءَ عليہ السلام هميشہ وڏي شان واري نسب جا هوندا اهن تہ ماڻهن کي نفرت نہ ٿئي. وري تو چيو تہ: سندس گهراڻي مان اڳ ڪنهن بہ نبوت جي دعويٰ نہ ڪئي آهي. جيڪڏهن اڳي ڪنهن دعويٰ ڪئي هجي ها تہ چئجي ها تہ هن انهن

جي تابعداري ڪري دعويٰ نبوت جي ڪئي آهي. وري تو ٻُڌايو تہ سندن وڏن مان ڪنهن بادشاهي بہ ڪانہ ڪئي آهي. جيڪڏهن ڪو سندس وڏو اڳ بادشاهہ ٿي گذريو هجي ها تہ چئجي ها تہ هن پنهنجي بادشاهي وري حاصل ڪرڻ لاءِ نبوت کي وسيلو بنايو آهي. تو ٻڌايو تہ فقط غريب ماڻهو سندس تابع ٿين ٿا. انبياء عليہ السلام جا تابعدار هميشہ غريب ۽ مسڪين هوندا آهن. وري ٻڌايئي تہ سندس تابعدار وڏندا ٿا وڃن. انبياء عليہ السلام جا تابعدار روزانو وڏندا ويندا آهن. تو چيو تہ: سندس دين کي ڪو برو ڄاڻي، وري مرتد ڪونہ ٿيو آهي. ايمان جو ميناج جنهن جي دل ۾ روح کي آيو تہ سر ويندس ۾ ساهہ ويندس پر ايمان نہ ڇڏيندو. تو چيو تہ: انجام جي خلاف بہ ڪونہ ٿو وڃي. انبياء عليہ السلام جيڪو وعدو ڪندا آهن، اهو ڪون پڇندا آهن. تو چيو تہ: اڳي ڪڏهن ڪوڙ بہ نہ ڳالهايو اٿس. جيڪو خلق تي ڪوڙ نہ هڻندو سو الله تعاليٰ تي ڪيئن ڪوڙ هڻندو تہ مان سندس رسول آهيان. وري تو ٻڌايو تہ: جنگ ۾ ڪڏهن اسان جي فتح ڪڏهن هُن جي. انبياء عليہ السلام ائين هوندا آهن تہ ڪڏهن فاتح ۽ ڪڏهن مفتوح، آزمائش ڪري، مگر آخر ۾ فتح انبياء عليہ السلام جي ٿيندي آهي. وري تو چيو تہ: الله تعاليٰ جي توحيد، نماز روزي، صدقي، سچائي ۽ صلہ رحمي جو حڪم ٿو ڪري.

هرقل چيو تہ جيڪي ڳالهيون مان توکان پُڇا ڪيون تو انهن جي تصديق ڪئي. جيڪڏهن واقعي اهي ڳالهيون محمد (صلي الله عليہ وسلم) ۾ آهن تہ جلد ئي هن ملڪ جو والي ٿيندو ۽ سندس حڪم جاري ٿيندو. مون کي يقين آهي تہ انهي وصفن سان نبي آخر الزمان ايندو مگر اها پڪ نہ اٿم تہ ڪو توهان جي قوم مان هوندو. هڪ ڏينهن ٿيندو جو

سندس پاء بوسي جو شرف مون کي ملندو. کوشش کريان ٿو تہ اها سعادت نصيب ٿئيم.

ابوسفيان ٿو چوي تہ خيال کيم تہ کنهن صورت سان هرقل جو عقيدو ڦيرايان، سو چيم تہ: سائين! هڪ ڳالهہ هن شخص جي اهڙي آهي جو کوبہ عقل وارو ماڻهو اعتبار نہ کندو. حڪم ٿئي تہ ٻڌايان؟ چيائين. ٻُڌاءِ. چيم تہ: هن هڪ دفعي چيو تہ اڄ رات مان مکي مان بيت المقدس ويس. اُتان وري آسمان جو سير کري موٽي آيس، هڪ ئي رات ۾ صبح کان اڳ.

هڪڙي ماڻهو دربار مان چيو تہ: سائين! برابر هڪڙي رات اهڙو واقعو ٿيو. مان بيت المقدس جو ڪُنجي بردار خادم آهيان. رات جو دروازو بند کري گهر ويندو آهيان مگر هڪ رات تمام زور ڏيڻ سان بہ دروازا بند نہ پيا ٿين. آخر سيني عزيزن قريبن کي بہ گهرايم جن بہ تمام زور ڏنا پر دروازا بند نہ ٿي سگهيا. صبح جو آياسين تہ دروازي وٽ ڏنوسين تہ کو وهٽ ٻَڌل هو.

هرقل حڪم کيو تہ: محمد (صلي الله عليہ وسلم) جو خط پڙهو. خط پڙهيو ويو. ڏنم تہ هرقل جي پيشاني مان پگهر پئي ٽِميو. هرقل خط ٻُڌي رومين کي محمد (صلي الله عليہ وسلم) جي دين قبولڻ جي آڇ ڪئي. اهو ٻُڌي دربار ۾ هلچل مچي وئي ۽ ونِي لُڙ ٿيو. مان دربار کان ٻاهر آيس ۽ رفيقن کي چيم تہ ابي ڪبشہ جو ڪم وڌي ويو جو بادشاهہ بني الاصفر (نصارن جو) بہ ڊڄيس ٿو. ابوسفيان چيو تہ: مون کي يقين ٿيو تہ هاڻي محمد (صلي الله عليہ وسلم) جو ڪم وڌندو ويندو. هن کي جيتي نہ سگهبو. آخر مون کي بہ الله تعالیٰ ايمان نصيب کيو (سندس ايمان جو قصو اڳتي ايندو).

هرقل، دحيت الکلبي کي خلاصو گهرايو. چيائين تہ: مان جاڻان ٿو تہ محمد (صلي الله عليہ وسلم) برابر نبي مرسل آهي. آسماني ڪتابن ۾

جنهن جي ٿنا صفت آهي، جنهن جو انتظار هو اُهو محمد صلي الله عليہ وسلم اهي. مان جيڪڏهن پنهنجو ايمان ظاهر ڪندس تہ، رومي مون کي ماري وجهندا، تنهنڪري صلاح آهي تہ سيني انصارن جو مرشد ۽ پيشوا جيڪو روم ۾ آهي، تون منهنجو خط کڻي انهيءَ وٽ وڃ. هو وڏو عالم ۽ نجومي آهي. سندس نالو ضناطر آهي، جيڪڏهن انهي ايمان آندو تہ پوءِ پڪ سيئي نصارا مسلمان ٿي پوندا. دحيت الڪلبي سندس ڳالهہ مڃي، هرقل خط کڻي وڃي ڏنس ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جا اوصاف ڪيس ٻڌايائين.

ضناطر چيو تہ: قسم آهي الله تعاليٰ جو تہ محمد (صلي الله عليہ وسلم) سچو نبي آهي. ائين چئي هو گهر ويو ۽ پنهنجو ڪارو لباس، جيڪو هميشہ بدن تي هوندو هئس. سو لاهي سفيد پوشاڪ پهري پنهنجي ڪليسہ (عبادت جي جاءِ) ۾ آيو ۽ سيني نصارن عام و خاص کي سڏائي چيائين تہ محمد (صلي الله عليہ وسلم) عربي جو خط ۽ قاصد آيو آهي، اسان کي دين اسلام جي دعوت ڏني اٿس. مان توهان کي گهرايو آهي تہ مان الله تعاليٰ ۽ سندس رسول محمد (صلي الله عليہ وسلم) تي ايمان آندو آهي چو تہ محمد (صلي الله عليہ وسلم) اهو ئي آهي، جنهن جي پيشن گوئي اسان جي ڪتابن ۾ ڪيل آهي، توهان بہ مٿس ايمان آڻيو ۽ آخرت جي عذاب کان پاڻ کي بچايو. نصارن اهو ٻُڌي مٿس حملو ڪيو ۽ ڪيس شهيد ڪري وِڌائون.

دحيت الڪلبي اهو سمورو احوال موٽي وڃي هرقل سان ڪيو. هرقل پنهنجي دارالحڪومت حمص ۾ آيو ۽ پنهنجي عاليشان محل ۾ روم جي علماء، عام و خاص کي گهرائي ۽ دروازا محل جا بند ڪرائي، کين چيائين تہ: مان توهان کي هن ڪري گهرايو آهي تہ توهان کي جيڪڏهن هميشہ لاءِ

نجات حاصل ڪرڻي آهي ۽ جهنم جي عذاب کان بچڻو آهي تہ محمد (صلي الله عليہ وسلم) عربي تي ايمان آڻبو جو سندس دين سچو آهي. اهوئي محمد (صلي الله عليہ وسلم) عربي آهي، جنهن جي بشارت حضرت عيسيٰ عليہ السلام ڏني آهي. اهو ٻُڌي ماڻهو ونِي ٻڌا، پر دروازا بند ڏسي بيهي رهيا.

هرقل ڏٺو تہ هي ايمان نہ آڻيندا، تڏهن چوڻ لڳو تہ: مان توهان کي آزمايو پئي تہ توهان پنهنجي مذهب ۾ مضبوط آهيو يا نہ؟ پوءِ سيني کيس تعظيم جو سجدو ڪيو. هرقل جي ايمان ۾ علمائن جو اختلاف آهي. ڪن چيو آهي تہ مسلمان ٿيو هو ۽ ڪن چيو آهي تہ دنيا کي آخرت تي ترجيح ڏني هئائين ۽ ايمان ڪونہ آندائين. ڏهن سالن بعد غزوه تبوڪ ۾ حضور عليہ السلام ڏي خط لکيائين تہ مان مسلمان آهيان. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: ڪوڙ ٿو ڳالهائي. هو پنهنجي نصرانيت تي آهي. والله اعلم بالصواب.

عبدالله بن حذيفہ جو پرويز وٽ وڃڻ

عبدالله بن حذيفہ، خسرو پرويز جي دارالحڪومت ۾ پهتو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو خط ڏنائينس. سندن خط لکڻ جو دستور هوندو هو تہ الله تعاليٰ جي حمد و ثنا کان بعد لکندا هئا تہ: مِن مُحَمَّدُ رَسُولِ اللهِ اِلِيٰ فَلَانٍ (محمد رسول الله جي طرفان فلاڻي ڏي). هن خط پڙهيو پر جڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو نالو پنهنجي نالي کان اڳ ۾ ڏنائين تہ حسد ۾ سڙي ويو ۽ خط ڦاڙي ٽڪر ٽڪرا ڪري ڇڏيائين ۽ خط جو جواب ڪونہ لکيائين. عبدالله ابن حذيفہ اها سموري خبر حضور جن جي دربار ۾

پيش ڪئي. پاڻ فرمايائون: خَرَق كِتَابِي مُمَزَّقَ الله مُلكُہ (منهنجو خط ڦاڙيائين الله تعاليٰ سندس ملڪ ٽڪرا ٽڪرا ڪندو).

خسرو نهايت ڪاوڙ مان هڪ فرمان، يمن جي والي بازان ڏي لکي موڪليو تہ عرب ۾ هڪ شخص محمد (صلي الله عليہ وسلم) نالي نبوت جي دعويٰ ڪري رهيو آهي ۽ بادشاهن ڏي خط ٿو لکي ۽ پنهنجي دين جي دعوت ٿو ڏي. تون پنهنجا بہ معتبر ماڻهو موڪلي هن کي منهنجي دربار ۾ حاضر ڪر. بازان پنهنجا بہ پهلوان بانويہ ۽ خرخسره انهن کي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دربار ۾ موڪليو ۽ خط ۾ لکي موڪليائين تہ هنن ٻنهي بهادرن سان گڏجي خسرو جي دربار ۾ وڃي حاضر ٿيءُ. ٻيءَ صورت ۾ عرب تي حملو ڪري توهان کي قتل يا قيد ڪري، تباهہ ڪيو ويندو. هي ٻيئي پهلوان خط کڻي روانا ٿيا. طائف ۾ پهتا تہ ابوسفيان ۽ صفوان بن اميہ ۽ ٻيا معتبر قريش اتي آيل هئا، تن سان وڃي مليا. ابوسفيان وارا ڏاڍا خوش ٿيا تہ ڪسريٰ پاڻهي محمد (صلي الله عليہ وسلم) جو ڪم پورو ڪندو. ٻيئي پهلوان منزلون ڪندا اچي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دربار ۾ پهتا. بانويہ، کين بازان جو خط ڏئي چوڻ لڳو تہ: يڪدم تيار ٿي اسان سان هل تہ توکي ڪسريٰ جي حوالي ڪريون. ٻيءَ صورت ۾ توهان جو ملڪ تباهہ برباد ٿي ويندو. توهان قتل ٿي ويندا ۽ توهان جا ٻار ٻچا دربدر ٿي ويندا. هنن شوخي ۽ گستاخي پئي ڪئي تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن نرميءَ سان پيش پئي آيا ۽ مُرڪيا پئي. ٿوري گهڙي بعد انهن پهلوانن تي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دهشت پوندي ويئي، تان جو کين ڏڪڻي وڻي ويئي ۽ ڳالهائي نہ پيا سگهن. آخر چيائون: سائين! توهان پنهنجي هلڻ جي بجاءِ خط لکي ڏيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: توهان اڄ رات وڃي آرامي ٿيو. سياڻي اچجو! ٻئي ڏينهن حضور صلي

الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: وڃي پنهنجي سردار بازان کي چئو تہ تنهنجي بادشاهہ خسرو پرويز کي منهنجي بادشاهہ احڪم الحاڪمين، خسرو جي پُٽ شيرويہ جي هٿان قتل ڪرائي ڇڏيو ۽ پيٽ ڦاڙائي ڇڏيائين ۽ بازان کي چئو تہ جلد ئي ڪسريٰ جي بادشاهي اسان جي حوالي ٿيندي. جيڪڏهن تون مسلمان ٿيندين تہ جنهن ملڪ تي تنهنجو قبضو آهي، سو تو وٽ ئي رهندو.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن کان اهو جواب ونڻي ٻئي قاصد موڪلائي روانا ٿيا ۽ منزلون ڪندا يمن ۾ پهتا. سمورو احوال پنهنجي سردار بازان کي ڏنائون. هُن پڇيو تہ: محمد (صلي الله عليہ وسلم) تي پهرو آهي؟ هنن چيو تہ: بلڪل نہ، هو اڪيلو بازارن ۾ گهمندو ڦرندو ٿو وتي. بازان چيو تہ توهان جي ڳالهين مان ظاهر آهي تہ هو بادشاهہ ناهي بلڪ نبي مرسل آهي. انهيءَ جي دين مڃڻ ضروري آهي. اميد آهي تہ سيني بادشاهن کان اڳ ۾ مان ايمان آڻيندس. ايتري ۾ شيرويہ جو خط بہ اچي پهتو تہ: مان پنهنجي پيءُ خسرو کي قتل ڪري ڇڏيو جو هو تمام ظالم هو ۽ ناحق فارس جي معتبر ماڻهن کي قتل ڪندو هو. ساري رعيت مٿس رنج هئي. هاڻي تون منهنجي تابعداري ڪر ۽ ماڻهن کان منهنجي بيعت وٺ. عربي پيغمبر محمد (صلي الله عليہ وسلم) جي باري ۾ ڪو بہ قدم نہ کڻجانءِ، جيستائين منهنجو ٻيو حڪم توکي ملي. انهي وقت بازان چيو تہ:

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ

حاطب بن ابي بلتعہ جو شاھہ مقوقس ڏي وڃڻ

حاطب بن ابي بلتعہ، حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو خط ڪٽي اسڪندريہ ۾ پهتو ۽ شاھہ مقوقس جي دربار ۾ حاضر ٿي خط پيش ڪيائين. مقوقس نهايت عزت ۽ احترام سان پيش آيو ۽ حاط کان حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي تعريف ٻُڌي نهايت خوش ٿيو. قاصد کي خلوت ۾ گهرائي چيائين تہ: جيڪا نبي آخرالزمان جي وصف ۽ ثنا حضرت عيسيٰ عليہ السلام فرمائي آهي، اها برابر حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم ۾ ليپي ٿي، برابر اهو ئي نبي آهي، جنهن جي بشارت انجيل ۾ آيل آهي. هن جو دين سيني دينن تي غالب ٿي ويندو. پوءِ خط جو جواب نهايت ادب ۽ احترام سان لکيائين ۽ چار ٻانهيون: هڪ ماريہ، ٻي شيرين اهي ٻئي پيئر هيون. ٻين ٻن جا نالا اهل سير ڪونہ لکيا آهن. هڪ غلام خواجہ سرا، ويهہ ڪپڑا، هزار مثقال سون، هڪ خچر اچي (دلدل)، هڪ گڏهہ يغفور، حضور صلي الله عليہ وسلم جن لاءِ تحفي طور موڪليائين. هڪ سئو مثقال سون ۽ پنج ڪپڑا حاطب کي ڏنائين مگر ايمان نہ آندائين. حاطب تحفا تحائف ۽ مقوقس جو خط حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ پيش ڪيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن بيبي ماريہ کي پنهنجي ٻانهي ڪري رکيو. سندس پيٽ شيرين، حضرت حسان بن ثابت کي بخشيائون. دلدل پنهنجي سواريءَ لاءِ رکيائون، جيڪا پوءِ عمر فاروق کي ملي، تنهن کان پوءِ حضرت علي رضہ جي سواريءَ لاءِ مخصوص ٿي. شاھہ مقوقس، حضرت عمر رضہ جي زماني ۾ فوت ٿيو. دلدل، امير معاويہ جي زماني ۾ مري وئي ۽ يغفور، حجت الوداع ۾ مري ويو. بيبي ماريہ مان حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي فرزند حضرت ابراهيم متولد ٿيو جو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويو.

شجاع وهب اسدي جو خط کٹي شام ڏي وڃڻ

شجاع وهب اسدي، حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو خط کٹي شام پهتو. اتي بُڌائين تہ ملڪ جو والي حارث بن شمر غساني، غوطہ (دمشق) ڏي ويو آهي، جو هرقل بادشاهہ ايليا (بيت المقدس) ۾ آيو آهي. سجاع وري غوطہ ڏي ويو. ٻہ-ٽي ڏينهن رهيو مگر حارث سان ملاقات نہ پئي ٿيس، جو ڪوبہ شجاع جو اطلاع ڪونہ پيو ڪري. آخر هڪ دربان، جيڪو مخفي طور مسلمان ٿيو هو، انهيءَ جي وسيلي سان خط حارث تائين پهتو. هن خط پڙهي کٹي زمين تي ڦٽو ڪيو ۽ نالائقي جهڙا سخن حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي شان ۾ چوڻ لڳو ۽ حڪم ڪيائين تہ: گهوڙن کي نعل هڻي تيار ڪريو تہ مديني تي حملو ڪريون. اهڙو اطلاع هرقل ڏي ٻہ موڪليائين. هرقل چورائي موڪليس تہ: روبرو اچ تہ صلاح ڪريون. پوءِ حارث، حضرت شجاع کي مثقال سون جو ڏيئي روانو ڪيو. حويطب بن حارث، شجاع کي ڪجهہ ڪپڙا ۽ سفر خرچ ڏئي موڪلايو. ۽ نبي سڳوري جي خدمت ۾ سلام موڪليائين.

شجاع، حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي، سارو احوال عرض ڪيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ حارث جو ملڪ برباد ٿي ويو. حارث فتح مڪہ وقت فوت ٿي ويو ۽ سندس ملڪ جبلہ بن ابهم غساني جي حوالي ٿيو. ڪن چيو آهي تہ حارث مسلمان ٿيو مگر چوندو هو تہ بظاهر مسلمان ٿيو آهيان، متان هرقل مون کي مارائي ڇڏي، پر گهٽا ٽا چون تہ اسلام ڪونہ قبوليائين.

سليط بن عمرو عامري جو خط کٹي يمامہ جي والي ڏانهن وڃڻ

سليط بن عمرو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو خط ڪٽي يمامہ جي والي هوذه بن علي النجفي وٽ پهتو. هن خط پڙهي، سليط کي عزت ڏني ۽ مهمان نوازي بلڪل عمده نموني سان ڪيائين. خط جو جواب لکيائين تہ: توهان تمام سهڻي طريقي سان ماڻهن کي دعوت ٿا ڏيو. مان بہ هڪ فصيح بليغ شاعر آهيان پر منهنجو خوف خطرو ماڻهن جي دلين ۾ تمام گهڻو آهي، جنهن ڪري ماڻهو مون کان ڊڄن ٿا. توهان جو ڳچ حصو مون کي ڏيو تہ پوءِ مان توهان وٽ اچان. پوءِ سليط کي ڪپڙا لٽا عمدا ڏئي روانو ڪيائين. جنهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي سمورو احوال عرض ڪيو.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: هڪ کارڪ بہ پنهنجي ملڪ جي ڪونہ ڏينداسون. فتح مڪي جي وقت جبرئيل عليہ السلام هوذه جي موت جي خبر حضور صلي الله عليہ وسلم جن خدمت ۾ عرض ڪئي. پاڻ سڳورن فرمايو تہ: يمامہ ۾ هڪ ماڻهو پيدا ٿيندو. جيڪو نبوت جي دعويٰ ڪندو. اهو ڪذاب (ڪوڙو) هوندو. ٿيو بہ برابر ائين. مسيلمہ ڪذاب، يمامہ ۾ نبوت جي دعويٰ ڪئي ۽ حضرت ابوبڪر صديق جي خلافت ۾ قتل ٿيو. سندس تفصيلي احوال اڳتي ايندو.

علاء حضرمي جو بحرين جي والي منذر ڏي وڃڻ

علاء حضرمي، حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو خط ڪٽي بحرين روانو ٿيو. بحرين جي والي منذر بن ساوي کي خط ڏنائين، جيڪو تمام خوش ٿيو ۽ علاء حضرمي کي نهايت عزت ۽ تعظيم ڏنائين. پوءِ بيعت ڪري مسلمان ٿيو ۽ پنهنجي رعيت کي اسلام جي دعوت ڏنائين. ڪن قبول ڪئي ۽ ڪن رد ڪئي. منذر سموري حقيقت حضور صلي الله عليہ

وسلم جن جي خدمت ۾ لکي موڪلي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جواب لکي موڪليو تہ: تنهنجو ملڪ توکي سدائين هجي، دوستن سان مروت ۽ دشمنن ڪفارن تي جزيہ رکي ڇڏ. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خطن تي بحرين جو هڪ نجار ۽ ٻيو منذر اميہ مسلمان ٿيا.

ظهار جو واقعو

هي واقعو سن 6 هجري جو آهي. خويلہ بنت ثعلبہ روايت ٿي ڪري تہ مان اوس بن الصامت جي گهر ۾ هيس. اوس مان مون کي اولاد گهٽو ٿيو. اوس آخر ۾ پيرسن، سُجو ۽ چيڙاڪ ٿي پيو. ٿوري گهڻي تي بدشد ڳالهائيندو هو. هڪ ڀيري سُجائي ۾ مون کي بہ تمام تنگ ڪيائين. هڪڙي ڏينهن ڪاوڙ ۾ اچي چوڻ لڳو اَنتَ عَليَّ كَظَهرِ اُمِّي (تون مون تي منهنجي ماءُ جي پُٺي وانگر آهين). انهي کي ظهار چئبو آهي، جو زال کي ڪنهن ماءُ ڀيڻ يا دائمي محرمہ سان تشبيهہ ڏجي. عربن جي عرف ۾ ظهار بہ طلاق ۾ آهي. جڏهن اوس جي ڪاوڙ ڏري ٿي تہ مون وٽ آيو تہ ناهہ ڪجي، مگر مون انڪار ڪيو ۽ چيم تہ اهو قصو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ عرض ڪجي، جيئن پاڻ حڪم فرمائين. خويلہ، حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي سمورو قصو عرض ڪيو ۽ چيائين تہ: اولاد سغير آهي، اوس وٽ ڇڏيندیس تہ مري ڪپي ويندا ۽ جيڪڏهن پاڻ سان وٺي ويندیس تہ پالي نہ سگهندیس، تنهنڪري اهڙي صورت پيدا ٿئي جو اسان وري بہ زال مڙس ٿي رهون. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: انهي باري ۾ ڪوبہ حڪم الله تعاليٰ جي طرفان نازل ٿيل نہ آهي. صبر ڪر. خويلہ ٿي چوي تہ بيبي عائشہ جي حجري ۾ وڃي سجدي ۾ ڪِري پيس ۽ هي الفاظ پئي چيم: اَللّٰهُمَّ اِنِّي اَشكُوا اِلَيكَ وَحدَتِي

وَ وَحشَتِي وَ فِرَاقَ زَوجِي (اي منهنجا مولىٰ! آءُ تو وٽ شڪايت ٿي ڪريان منهنجي اڪيلائي ۽ پريشاني ۽ مڙس جي جدائيءَ جي). ايجا سجدي ۾ ئي هيس تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن تي جبرئيل نازل ٿيو ۽ سوره مجادلہ نازل ٿي:

قَدْ سَمِعَ ٱللَّهُ قَوْلَ ٱلَّتِى تُجَٰدِلُكَ فِى زَوْجِهَا وَتَشْتَكِىٓ إِلَى ٱللَّهِ وَٱللَّهُ يَسْمَعُ تَحَاوُرَكُمَآ إِنَّ ٱللَّهَ سَمِيعٌۢ بَصِيرٌ ﴿١﴾

ترجمو: تحقيق الله تعالىٰ انهيءَ عورت جو قول ٻڌو جنهن توسان جهڳڙو پئي ڪيو مڙس جي حق ۾ ۽ الله تعالىٰ وٽ شڪايت ٿي ڪئي، الله تعالىٰ توهان جي گفتگو ٻڌي ٿو. بيشڪ الله ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي (القرآن، 1:58).

ظهار لاءِ حڪم ٿيو تہ ڪفارو ڪجي: غلام آزاد ڪجي يا ست مسڪينن کي ماني کارائجي يا ٻہ مهينا روزا رکجن. اوس پيرسن ۽ سُجو هو نہ ڪيس غلام هو ۽ نہ ٻن مهينن جي روزي رکڻ جي طاقت هيس ۽ نہ وري سُجائي جي ڪري ست مسڪينن کي طعام کارائڻ جي طاقت هيس. اتي ئي هڪ ماڻهو وڏو توبرو کارڪن جو ڪٽي اچي حاضر ٿيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن اوس کي فرمايو تہ: هي کارڪون ڪٽي فقيرن کي ڪفاري ۾ ورهائي ڏي. اوس عرض ڪيو تہ: سائين! مديني شهر ۾ مون کان وڌيڪ ٻيو ڪو ٻہ سُجو ڪونہ آهي ۽ منهنجو اهل و عيال بک ٿو مري، اجازت ڏيو تہ اهي کارڪون پنهنجن ٻارن ٻچن کي کارايان. حضور صلي الله عليہ وسلم جن موڪل ڏنيس، تڏهن هو کارڪون ڪٽي روانو ٿيو ۽ پنهنجي زال کي ٻہ وٺي ويو. فقها لکيو آهي تہ اهو خاصو اوس لاءِ هو نہ تہ ڪفارو ضرور ٻين فقيرن ۽ مسڪينن کي ڏيڻو آهي.

اُم رومان جي وفات

اُم رومان بيبي عائشہ رضہ جي والده هئي، جنهن سن 6 هجري ۾ وفات ڪئي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن پاڻ سندس دفن وقت حاضر هئا. ڪن روايتن ۾ آهي تہ پاڻ سندس قبر ۾ لٿا ۽ فرمايائون تہ: مَن اَرَادَ اَن يَّنظُرِ اِلیٰ حُورُالعَينِ فَيَنظُر اِلیٰ هَذِه المَرئتِ (جنهن ماڻهو جو ارادو هجي تہ اهڙي عورت ڏسان جا حورن مان هجي تہ پوءِ پلي ڏسي هن مائي ڏي). هن واقعي سان گڏ سن 6 هجري جا واقعات ختم ٿيا ۽ سن 7 هجري شروع ٿيو.

غزوه خيبر

حضور صلي الله عليہ وسلم جن حديبيہ کان پوءِ ڪجهہ ڏينهن مديني ۾ گذار، پنهنجي اصحابن انصارن خواه مهاجرن کي گهرائي حڪم فرمايو تہ: خيبر جي يهودين سان جنگ جي تياري ڪريو. مگر شرط هي آهي تہ اهو تيار ٿئي جيڪو خاص جهاد في سبيل الله لاءِ هلي، باقي جنهن جو مطلب مال غنيمت سان هجي، سو اسان سان نہ هلي. حضور صلي الله عليہ وسلمجن جو مطلب هو تہ مديني جا منافق ۽ يهودي شرڪت نہ ڪن. منافق جنگ جي ميدان مان پڇي ٿا اچن، جيئن احد ۾ ڪيائون، ان جو خراب اثر مسلمانن تي بہ پوي ٿو.

يهودين غزوه بنونضير ۽ بنو قريظہ بعد مسلمانن سان بدسلوڪي شروع ڪئي، جو اهي گهٽو ڪري شاهوڪار هوندا هئا ۽ مديني جي مسلمانن تي قرض هوندو هئن. مٿئين واقعي بعد مسلمانن کان قرض طلبي ۾ تمام سختي ڪرڻ لڳا.

هڪ اصحابي عبدالله روايت ٿو ڪري تہ مون تي ابوشحم يهودي جا پنج درهم هئا. مون کي اهڙو تنگ ڪيائين جو سارو ڏينهن پاڇي وانگر پويان لڳو وتي. مون وٽ بہ پئسو ڪونہ هجي جو کٽي ڏيانس. آخر گهٽو

تنگ ڪيائين تہ ڇيومانس: الله تعاليٰ وعدو ڏنو آهي تہ خيبر فتح ٿيندو. اُتان جيڪو مال غنيمت ملندو. تنهن مان تنهنجو قرض ادا ڪندس. انهن لفظن تي يهودي ابوشحم کي دل ۾ جڙ تہ تِير لڳي ويو. سوچڻ لڳو تہ: خيبر جي يهودين کي ٻين يهودين وانگر نہ ڀائنجو. تورات جو قسم آهي تہ ڏهہ هزار يهودي جنگي جوان ۽ تير انداز خيبر ۾ موجود آهن. اُتي توهان جي دال نہ ڳرندي. عبدالله سلمي چوي ٿو تہ: مون ڇيومانس تہ اسان کي ڊيڄارين ٿو ۽ اسان جي امانَ ۾ رهي اسان جي مخالفت ٿو ڪرين! آخر اسين جهڳڙو ڪندا حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ پهتاسين. مون سمورو حال حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو. يهودي ڇيو تہ: يارسول الله! توهان جو اصحابي منهنجو حق نٿو ڏئي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن مون کي فرمايو تہ: هن کي وڃي حق ڏي! مان گهر وڃي پنهنجا ٻہ ڪپڙا ڪٽي آيس ۽ پنجن درهمن ۾ وڪٽي يهودي جو قرض ادا ڪيم. مون کي ٻيو ڪپڙو ڪونہ هو. تنهنڪري سلمہ بن اسلم مون کي پنهنجا ڪپڙا ڏنا. مان ٻن ڪپڙن سان خيبر جي جنگ ۾ ويس. مون کي الله تعاليٰ وڏو مال غنيمت جو عطا ڪيو ۽ هڪ عورت ابوشحم جي مائٽياڻي ٻہ حصي ۾ ملي. جيڪا مديني ۾ ابوشحم کي ڏئي عيوض ۾ گهٽائي پئسا ورتم.

جڏهن جنگ جي مڪمل تياري ٿي وئي تڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن. سباع بن عرقط غفاري کي مديني جو خليفو مقرر ڪري. چوڏهن سوَن جنگي بهادرن سان مديني مان نڪتا. عڪاشہ بن محسن اسدي کي لشڪر جو مقدمہ مقرر ڪيائون. سڃي پاسي جو سالار حضرت عمر رضہ کي ۽ ڪبي پاسي لشڪر جو سالار حوزہ کي ڪيائون. هن جنگ ۾ گهوڙا ٻہ سئو هئا. پر اُٺ گهٽا هئا. عبدالله بن ابي سلول منافق پنهنجو خاص ماڻهو

خيبر وارن کي موڪليو تہ: محمد (صلي الله عليہ وسلم) پنهنجي لشکر سان خيبر ڏي اچي پيو. توهان جا بہ گهٽائي جنگي بهادر آهن، ٻاهر نڪري ميدان تي سندس مقابلو ڪجو. يهودين اهو ٻُڌي ڪنانہ ابن الحقيق کي پنهنجي حليف عرب قبيلن بنو غطفان ۽ ٻين ڏي موڪليو. جن چار هزار لشکر گڏ ڪري مقابلي لاءِ موڪليو. رستي ۾ آيا تہ آسمان مان آواز ٻُڌائون تہ: قتل گاهہ ڏي پيا هلو. اهو آواز ٻُڌي ڊپ لڳن تہ اسين مارجي ويندا سين، تنهنڪري واپس موٽي ويا. مورخن هن واقعي کي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو معجزو ڪري ليکيو آهي.

خيبر جو حاڪم سلام بن مشڪم هو. جيڪو ان وقت بيمار هو. اهل خيبر گڏجي وٽس ويا تہ ٻاهر نڪري مقابلو ڪجي يا ڪوٽ ۾ رهجي؟ سلام بن مشڪم چيو تہ: عبدالله بن ابي سلول بہ صلاح ڏني آهي تہ ٻاهر نڪري مقابلو ڪجي، ڪوٽ ۾ ويهڻ ڪم زالن جو آهي، پر يهودين سندس صلاح نہ ورتي ۽ ٻاهر نڪرڻ جي بجاءِ ڪوٽ ۾ رهي مقابلو ڪرڻ پسند ڪيائون.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن هلندا پئي آيا، رستي ۾ عامر بن سنان جنگي شعر پڙهندو ۽ اُنن کي حُدي جا آواز ڪندو هونگاريندو رهيو. هُن جي مِٺي آواز اهڙو تہ اثر ڪيو جو ماڻهو تہ جوش ۾ اچي ويا پر اُٺ بہ ٽُپن ڙ پئجي ويا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن پُڇا ڪئي تہ: مِٺي آواز وارو ڪير مرد آهي؟ چيائون: عامر آهي. تڏهن فرمايائون: رَحمَتُ الله. اهي الفاظ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جنهن لاءِ بہ چيا، تنهن کي سهادت جو درجو پئي مليو. حضرت عمر رضہ جن عرض ڪيو تہ: يارسول الله! عامر جي عمر درازيءَ جي بہ دعا فرمايو ها تہ جيئن سندس سهڻو آواز ٻُڌي خوش ٿيون ها. پاڻ سڳورن فرمايو تہ: خدا تعاليٰ جي قضا ائين آهي. عامر انهي جنگ ۾

شهادت جي درجي کي رسيو هو. لشکر اسلام منزل صهباء تي پهتو. عشاء جي نماز پڙهيائون. پوءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جن سونهي کي حڪم ڏنو تہ: اسان کي انهي رستي سان وڃي هل جيڪو غطفان ۽ خيبر جو وچ آهي، تہ خبر پوي تہ غطفان جا قبيلا يهودين جي مدد لاءِ ويا يا نہ.

عماد بن بشر کي ٻن سوَن مردن سان اڳ ۾ موڪليائون، جن يهودين جو هڪ جاسوس پڪڙي آندو. ان کان خيبر وارن جو احوال پڇيائون. هن چيو تہ: ڪنانہ بن ابي الحقيق کي ۽ لهوزه بن قيس کي پنهنجي حليفن، سنگتين ۽ عربي قبيلي غطفان ۽ ٻين ڏي مدد لاءِ موڪليو اٿن. عيينہ بن بدر پنهنجي لشکر سميت قلعي ۾ اچي نڪتو آهي. ٻہ هزار جنگي مرد توهان جي انتظار ۾ لڙائي لاءِ تيار بينا آهن. اهو ٻُڌي عباده بن بشر ٻہ۔ڻي لکڻ وهائي ڪڍيس، تڏهن چيائين تہ: مون کي امانُ ڏيو تہ تہ پوءِ سچي خبر ٻُڌايان. عباد چيس تہ: مون توکي امانُ ڏني. تڏهن چيائين تہ: منافق عبدالله اڳ ۾ ئي يهودين ڏي ماڻهو موڪليو آهي، تنهنڪري هنن پوري تياري ڪئي آهي. آسپاس جي حليفن، مددگارن ۽ دوستن کي ٻہ ماڻهو موڪليا اٿن. مونکي جاسوس ڪري موڪليو اٿن تہ توهان جي لشکر جو اندازو وغيره ڏسي وڃي کين ٻُڌايان.

حضرت عمر رضہ، حضور صلي الله عليہ وسلم جن کان جاسوس جي قتل جي اجازت گهري، عباده چيو تہ: مون هن کي امانُ ڏني آهي. تڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن ٻہ کيس امانُ ڏئي عباده جي حوالي ڪيو. جاسوس ٻہ انهي مهل مسلمان ٿيو.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن وادي حرف کان خيبر جي ڪوٽن تي ويا. اصحابن کي فرمايائون: اَدخُلوُا عَلٰی بَرکَتِ اللهِ وَقَدِمُوا بِسم اللهِ (الله تعاليٰ جي برڪت سان داخل ٿيو ۽ الله تعاليٰ جي نالسي سان اڳرائي ڪريو).

خيبر وارا روزانو پنهنجا سوار جاسوسي لاءِ موڪليندا هئا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن خيبر ۾ پهتا، انهي رات اهڙي ننڊ هيُن جو سج اُپرئي تائين ماڻهو تہ سجاڳ ڪونہ ٿيا پر ڪڙن بہ بانگ ڪانہ ڏني. صبح جو بيلچا کڻي پوکن ڏي ويا پئي تہ اوچتو سندن نظر وجي اسلامي لشڪر تي پئي. تڏهن چوڻ لڳا: وَاللّٰہ مُحَمَّدُ وَالجَيشُ (الله جو قسم محمد ۽ سندن لشڪر آهي) ائين چئي وڃي ڳڳا ۽ وجي ڪوٽ ۾ لِڪا.

پاڻ سڳورن فرمايو تہ: خَرَبَتَ خَيبَرُ اِنّا اَنزَلنَا بِسَاحَتِ قَومِ فَساءَ صُباحُ المُنذَرِينَ (خيبر ويران ٿي، اسان جنهن قوم جي ميدان تي لهنداسين پوءِ ڏنل قوم جو صبح بُرو ٿي پوندو). خيبر ۾ يهودين جا گهڻا قلعا هئا، جيئن تہ قلعہ ناعم، قلعہ قموص، قلعہ نطاط، قلعہ شق، قلعہ صعب، قلعہ وطيح ۽ قلعہ سلالم. ٻيا قلعا تہ جلد فتح ٿي ويا پر پويان ٻئي قلعا وطيح ۽ سلالم تمام تڪليف سان فتح ٿيا.

سلام بن مشڪم يهودين جي اڳواڻن کي چيو تہ: منهنجي صلاح ۽ عبدالله بن ابي بن سلول جي صلاح سان ڪونہ هليا. هاڻي تہ منهنجي صلاح تي عمل ڪريو. قيدي ٿي دشمن جي هٿن ۾ ذليل ٿي مرجي يا جيئجي، تنهن کان جنگ ۾ مرڻ هزار درجا بهتر آهي، پوءِ سلام جي صلاح موجب يهودين پنهنجا اهل و عيال ۽ مواشي مضبوط قلعن ۾ بند ڪيا. اناج ۽ ٻيو کاڌي پيتي جو سامان ناعم ۽ صعب قلعن ۾ محفوظ رکيائون. يهودي بهادر سپ نطاط قلعي ۾ گڏ ٿيا. سلام بن پاڻ کڻائي وجي نطاط قلعي ۾ رهيو، مگر لڙائي کان اڳ بيماريءَ جي ڪري جهنم ڏي روانو ٿيو.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن اصحابن کي خطبو ڏنو تہ: آخرت جي ثواب ۽ بهشت جي درجات لاءِ الله تعاليٰ جي راهہ ۾ نهايت صبر ۽ استقلال سان جنگ شروع ڪري ڏيو، انشاالله تعاليٰ فتح توهان جي ٿيندي!

مسلمانن تير اندازي شروع ڪري ڏني. محمد بن مسلمہ تمام گھٽي تير اندازي ڪئي، هوا تمام گرم هئي ۽ ٿڪجي بہ پيو هو. تنهنڪري قلعہ ناعم جي پاڇي هيٺان سمهي پيو. ڪنانہ ابن الحقيق يا مرهب يهودي (اختلاف رويات آهي) قلعي تان هڪ چپ ڪٽي مٿس اڇلائي، جو سندس خود (لوهي ٽوپ) مٿي ۾ گھڙي ويس، ڪن جو چوٽ آهي تہ اتي ئي شهيد ٿيو. ڪن جو چوٽ آهي تہ موٽندي شهيد ٿيو.

جناب ابن المنذر، حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي عرض ڪيو تہ: خيبر جون ڪجيون يهودين کي ساهہ کان بہ وڌيڪ پياريون آهن. اجازت ڏيو تہ ڪپي ڇڏيون. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کين اجازت ڏني، تڏهن چار سئو ڪجيون پاڙئون ڪپي ڇڏيائون تہ حضرت ابابڪر صديق رضہ چيو تہ خيبر انشاالله تعاليٰ ضرور فتح ٿيندو، پوءِ هي ڪجين جا باغ اسان جي ملڪيت ۾ اچڻا آهن، تن کي ڇو برباد ڪريون! وري حضور صلي الله عليہ وسلم جن وڌيڪ ڪجين ڪپڻ کان مسلمانن کي منع ڪئي.

هڪ رات حضرت عمر رضہ لشڪر جي چوڪي پئي ڏني تہ هڪ يهودي جاسوس کي پڪڙي وڏائين. يهودي امانُ گهري، عمر فاروق امانُ ڏنس ۽ سچي ڪرڻ لاءِ چيائينس. تڏهن يهودي ٻُڌايو تہ: نطاط قلعي کان جاسوس لاءِ آيو آهيان. اسان جي قوم کي توهان جو ڈاڍو ڊپ آهي. اڄ رات قلعي شق ۾ آيا اهن. اناج ۽ سامان مخفي هندن تي رکيو اٿن. مون کي سموري سامان جي خبر آهي. قلعو فتح ڪريو تہ پوءِ سمورو سامان توهان کي ڏيندس، مگر منهنجا ٻار ٻچا اتي آهن، انهن کي امانُ ڏجو! حضور صلي الله عليہ وسلم جن سندس عرض قبول ڪيو. ٻئي ڏينهن نطاط فتح ٿيو بلڪ ساڻئي ڏينهن قلعو شق بہ فتح ٿيو. يهودي جاسوس ٻرن ٻچن سوڌو مسلمان ٿيو. قلعي صعب تي مسلمان ڪاهي ويا تہ مرهب يهودي ميدان ۾ نڪري آيو ۽ جنگ

لاءِ للڪاريائين تہ: آهي ڪو مسلمان، جو مقابلي لاءِ نڪري نروار ٿئي! عامر بن الاڪوع، جنهن کي جنگي شعر پڙهندي ۽ حدي چوندي حضور جن رحمت الله فرمايو هو، سو مقابلي لاءِ نڪري نروار ٿيو. مرهب يهودي حملو ڪيو. عامر ڏانهس مگر يهودي جي تلوار ڍال ڪپي سر تي وڃي ڪُتي. عامر به جواب ۾ وار ڪيو پر تلوار منهن کان گُسي سندس گوڏو ڪپي وڌو ۽ ان زخم سبب شهيد ٿيو. اصحابن ۾ چميگويون ٿيون تہ عامر پنهنجي تلوار سان سهيد ٿيو. تنهنڪري شهادت جو درجو ڪونہ مليس. سندس پائيٽي مسلم بن الاڪوع روئندي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو تہ: چون ٿا تہ عامر شهيد نہ ٿيو. پاڻ فرمايائون: عامر کي به درجا آهن.

محاصري جي ڏينهن ۾ مسلمانن جي کاڌي پيتي جو سامان ڪُٽي ويو ۽ سختي ۾ پئجي ويا. قلعي صعب کان ويهہ گهيٽا نڪتا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: آهي ڪو جو هنن گهيٽن مان ڪٽي اڇي تہ اڇوڪو ويلو ڪريون! ابواليسر ٽُپ ڏئي اُٿيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کيس دعا ڪئي. ابواليسر به گهيٽا بغل ۾ ڪري، ڊوڙي اڇي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ پيش ڪيا. گهيٽا ذبح ڪيا ويا. سڃي لشڪر ڊئُو ڪري طعام کاڌو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن ابواليسر کي ڊگهي عمر لاءِ دعا ڪئي، جنهنڪري سيني اصحابن کان وڌي عمر ٿيس.

مسلمانن کي بُک اهڙو تنگ ڪيو جو مرڻ کنڊي وڃي ٿيا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ عرض ڪيائون تہ: هاڻي وڌيڪ بُک جهلڻ جي طاقت نہ آهي. پاڻ سڳورن دعا فرمائي تہ: الله تعاليٰ جنهن قلعي ۾ اناج کائڻ پيئڻ جو سامان آهي، اهو قلعو مسلمانن کي فتح ڪري ڏي. دعا

گُهري، سفيد جهنڊو المنذر کي ڏئي، قلعي صعب تي حملي جو حڪم فرمايائون. مسلمانن اهڙو حملو ڪيو جو يڪدم وڃي قلعو فتح ڪيائون. اتي اناج ۽ پيو کاڌي پيتي جو سامن گهڻو هو، اهو سڀ هٿ آين. انهي قلعي جي فتح کان اڳ مسلمانن بک سبب گڏهه ذبح ڪري پئي کاڌا. انهي ڏينهن به گڏهن جي گوشت جا ڪُنا پئي رڌا ته قلعو فتح ٿيو. تڏهن حضور صلي الله عليه وسلم جن گڏهن جي گوشت کائڻ جي به منع جو حڪم فرمايو ته انهي وقت ڪُنا کڻي اونڌا ڪيائون. عبدالله بن نجيح، مڪحول کان روايت ٿو آڻي ته: اِنَّ رَسُولَ اللهَ صَلَي اللهُ علَيهِ وَآلِهِ وَسَلّمَ نِهَاهُم يَومَئذٍ عَن اَربَعٍ عَن اِيمانِ آيهانِي مِنَ اِلسّبايا وَعَن اَكَلِ اَلحِمَار اَلاهلِي وَعَنَ اَكَلِ كُلِ ذِي النَابَ مِن السّباعِ وَعن بِيعَ المَغَانِمَ حَتيٰ يَقسِمِ (خيبر جي ڏينهن رسول الله صلي الله عليه وسلم چئن شين کان منع ڪئي: (1) نڪاح حامله عورت کان جا قيد ٿي اچي جيستائين ٻار ڄڻي، (2) گڏهه جي گوشت کائڻ کان، (3) سيڪنهن ڦاڙيندڙ جانور جي کائڻ کان، ۽ (4) غنيمت جي مال کي ورهاست کان اڳي وڪڻڻ کان).

قلعو قموص زبردست قلعو هو. مسلمانن حملا پئي ڪيا پر فتح نه ٿيو. حضرت عمر رضه سفيد جهنڊو کڻي لشڪر وٺي وڃي حملو ڪيو. طرفين کن سخت لڙائي لڳي، مگر قلعو فتح نه ٿيو. موٽي آيا ته حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: لَاَعطِيَنّ الرّيَتَ غَدَا رَجُلُ كِرَارَا غَير فَرارِ يُحِبُّ اللهَ وَرَسُولَه يَفتَحُ اللهُ يَدَيه (سياڻي جهنڊو هڪ اهڙي مرد کي ڏيندس، جيڪو ثابت قدم هوندو، بلڪل نه ڀڄندو، ان کي الله ۽ رسول دوست ٿو رکي، انهي جي هٿ سان فتح ٿيندو).

حضرت علي رضه جون اکيون اُٽيل هيون، تنهنڪري لڙائيءَ ۾ بهرو وٺي نٿي سگهيو. ٻئي ڏينهن لاءِ سيني کي خيال هو ته جهنڊو مون کي ملندو.

حضرت عمر رضہ ٿو فرمائي تہ: مون کي سالاري جو شوق اصل ڪونہ هوندو هو. پر هن موقعي تي مون کي بہ ڏاڍو شوق ٿيو تہ شل جهنڊو مون کي ملي. حضرت سعد بن ابي وقاص ٿو فرمائي تہ: مان بہ ساجهر گوڏا کوڙي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي آڏو وڃي ويٺس تہ من جهنڊو مون کي ملي. پاڻ سڳورن پنهنجي تنبو مان نڪري پڇيو تہ: علي ابن ابي طالب ڪٿي آهي؟ ماڻهن عرض ڪيو تہ: اکيون اهڙيون اُٽيل اٿس، جو پير جي پُڻي کي بہ ڏسي نٿو سگهي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: وڃي اچوس. حضرت علي رضہ حاضر ٿيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کيس پنهنجي ران تي سمهاري، پنهنجي لب مبارڪ سندس اکين تي مکيائون تہ اکيون اڳي کان بہ اڳريون ٿي پيون، پوءِ دعا فرمايائونس اَللّٰهُمَّ اَذهِب عَنهُ الحَرَّ والبَردَ (اي مولیٰ! علي کي سردي گرمي معاف ڪر). انهي دعا کان پوءِ حضرت علي رضہ کي نہ گرمي لڳندي هئي، جو سخت گرميءَ ۾ اوني ڪپڑا پائيندو هو ۽ نہ وري سردي لڳندي هيس، جو سخت سردي ۾ سنها ڪپڑا پهريندو هو.

جڏهن حضرت علي رضہ جي اکين جو درد هليو ويو تہ پوءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جن کيس زرهہ ڏيکايو ۽ ذوالفقار سندس ڪمر ۾ ٻڌي، فرمايائونس تہ: وڃ، پوئتي نہ موٽجانءِ جيستائين الله تعاليٰ جي حڪم سان قلعو فتح ٿئي. حضرت علي رضہ لشڪر سان روانو ٿيو ۽ جهنڊو سفيد ڪلي تي رکي اڃي قلعي قصوص تي پهتو. هڪڙي پٿر تي جهنڊو کوڙي قلعي تي حملو ڪيائين. هڪ يهودي قلعي تي بيٺل هو، تنهن پڇيس تہ: نالو ڇا اٿئي؟ ڇيائين: علي ابن ابي طالب. يهودي پنهنجي قوم کي سڏ ڪري ڇيو: غُلِبتُم وَمَا اَنزَلَ عَليٰ مُوسيٰ (قسم آهي تورات جو جيڪو موسيٰ عليہ السلام تي نازل ٿيو تہ اوهان مغلوب ۽ مارجي ويا). اهو آواز ٻُڌي حارث يهودي مرهب جو پاءُ ميدان ۾ ٽپي آيو. جنهن بہ مسلمان شهيد ڪيا.

حضرت علي المرتضيٰ مٿس حملو ڪيو ۽ هڪ ئي وار سان ڪيس دوزخ ڏي روانو ڪيائين. مرهب پاڻ جي قتل جو ٻُڌي وڏن بهادرن جي ٽولي سان ميدان ۾ ٽپي آيو. ٻہ زره ڍڪيل ۽ ٻہ تلوارون ٻڌل، خود (لوهي ٽوپي) مٿي ۾ پيل هئس. اڇڻ سان للڪاريائين. حضرت علي رضہ مقابلي لاءِ ويس. هن وار ڪيو پر حضرت علي رضہ اڳ ۾ ئي اهڙو ڍڪ هنيس جو خود چيري مٿو اڏو اڏ ڪري ڇڏيائينس. پوءِ مسلمانن گڏجي يهودين تي حملو ڪيو. ست ماڻهو حضرت علي رضہ جي تلوار سان قتل ٿيا، باقي يهودي ونڊي ڀڳا. هڪڙي يهودي حضرت علي رضہ جي هٿ کي ڏڪ هنيو تہ ڍال ڪِري پيس. يهودين جو هڪڙو سردار اها ڍال کڻي ونڊي ڀڳو. حضرت علي رضہ ڊوڙي يهودين کي ڇيريندو وڃي قموص قلعي جي دروازي وٽ پهتو. اهو دروازو اسي منن جو هو. هن دروازي کي چاليهہ مڙس ٻہ کولي نہ سگهندا هئا، پر حضرت علي رضہ اهڙي زور سان دروازي کي ڏڪ هنيو جو پوئتي وڃي ڪِريو. حضرت علي رضہ فرمائي ٿو تہ: روحاني قوت ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دعا سان دروازو ڀڳم، نہ جسماني طاقت سان. مسلمانن جو لشڪر قلعي ۾ ڪاهي پيو. يهودي اَلامان اَلاَمان پڪارڻ لڳا. حضرت علي رضہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي فرمان موجب هن شرط سان امان ڏني تہ: هڪ اُٺ جي کڻڻ جيترو سامان هرڪو کڻي روانو ٿئي، نہ هٿيار کڻي، نہ اناج ۽ نہ زر زيور. هن فتح کان حضور صلي الله عليہ وسلم جن تمام خوش ٿيا ۽ حضرت علي رضہ کي پاڪر پائي سندس اکيون چميائون ۽ فرمايائون قَد رَضيَ اللهُ عَنکَ وَرَضِيتُ اَنَا عَنکَ (الله تعاليٰ توکان راضي ۽ مان ٻہ توکان راضي آهيان). خيبر جي جنگ ۾ مسلمان پندرهن شهيد ٿيا ۽ يهودي ٽيانوي جهنم رسيد ٿيا. هن جنگ ۾ سئو زرهون، چار سئو تلوارون، پندرهن سئو ڪمانيون ۽ ٻيو گهڻو ئي اسباب هٿ آيو.قلعي جو

والي ڪنانہ ابن الحقيق هو. حضور صلي الله عليہ وسلم ڪيس گهرائي چيو تہ: اُٺ جي ڪل جيڪا زر، زيور ۽ جواهرات سان پري پوري اٿئي، اها ڪٿي آهي؟ ڪنانہ چيو تہ: جنگ جي خرچ ۾ سڀ ختم ٿي ويا، ڪجهہ بہ نہ بچيو آهي. حضور جن فرمايو تہ: جيڪڏهن اسان کي خبر پئي ۽ لِڪايل خزانو هٿ آيو تہ توکي امانُ ڪانہ ملندي پر قتل ڪيو ويندين. پوءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جن حضرت ابوبڪر، حضرت عمر، حضرت علي رضي الله عنهم ۽ يهودي معتبرن کي مٿس شاهد ڪيو. يهودين ڪنانہ کي گهنو ئي سمجهايو تہ هي نبي آخر الزمان آهن، کين ضرور خبر پوندي. پوءِ توکي امان ڪا نہ ملندي، پر هُن انڪار ڪيو تہ مون وٽ ڪو بہ زر زيور ناهي.

الله تعاليٰ حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي انهيءَ خزاني جي خبر ڏني. ڪن چيو تہ ثعلبہ بن سلام ابن الحقيق کي حضور صلي الله عليہ وسلم جن گهرايو. جنهن چيو تہ: ڪنانہ هڪڙي ڊير تي چونڪي ڏيندو آهي. مان سمجهان ٿو تہ خزانو اتي دفن ٿيل آهي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن زيد کي ڪن مسلمانن سان موڪليو جن وڃي خزانو هٿ ڪيو. ان بعد ڪنانہ جو خون حلال سمجهي، حضور صلي الله عليہ وسلم جن محمد ابن مسلمہ کي چيو تہ: پنهنجي ڀاءُ محمود ابن مسلمہ جي عيوض ڪنانہ کي قتل ڪر.

خيبر مان مال متاع، زر زيور، مال مواشي تمام گهٽو هٿ آيو. باقي مانهن کي قتل ڪان معافي ڏنائون. ڪنانہ جي زال صفيہ بنت حي ابن اخطب، وحيت الڪلبي جي حصي ۾ آئي، جيڪا حضور صلي الله عليہ وسلم جن وحيت الڪلبي کي عوض ڏئي پنهنجي لاءِ ورتي ۽ ڪيس آزاد ڪري ساڻس عقد ڪيو. فتح خيبر کان اڳ صفيہ خواب ڏٺو تہ چنڊ اڇي سندس جهولي ۾ پيو آهي. اهو خواب پنهنجي مڙس ڪنانہ کي ٻُڌايائين، جنهن ڪاوڙ ۾ اڇي ڪيس مُنهن تي اهڙي ٿڦڙ هنئي جو سندس اک ۾ نِيلي

ٿي پئي ۽ چيائينس تہ: تون اها خواهش رکين ٿي تہ محمد (صلي الله عليہ وسلم) جيڪو اسان جي قتل لاءِ آيو آهي، انهيءَ سان شادي ڪرين! ايا اُها اک ڇُڻي ڪانہ هئي جو حضور صلي الله عليہ وسلم جن سان سندس شادي ٿي.

ابن اسحاق روايت ٿو ڪري تہ بيبي صفيہ کي انس بن مالڪ جي ماءُ ام سليم بنت ملحان هار سينگار ڪرائي، ڪنوار بنائي، حضور صلي الله عليہ وسلم جن سان شادي ڪرائي. ابو ايوب خالد بن زيد تلوار ڪٽي ساري رات حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي تنبوءَ جي چونڪي ڏني. صبح جو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي پُڇا تي هُن عرض ڪيو تہ: يارسول الله! مون کي خوف ٿيو تہ بيبي صاهبہ جو پيءُ، مڙس ۽ ٻيا ويجها مائٽ مارجي ويا آهن، متان يهودي اهو ويڑ وٺن. تڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن کيس دعا فرمائي اَللّٰهُمَّ اَحفِظْ اَبَا اَيُوبَ كَمَا بَاتَ يَحفِظُنِي (اي مولیٰ! ابا ايوب کي نگاهہ ۾ رک، جنهن سڄي رات چونڪي ڏئي مون کي حفاظت ۾ رکيو).

مال غنيمت جي تقسيم: حضور صلي الله عليہ وسلم جن حڪم فرمايو تہ قروه بن عمربياضي پنهنجا رفيق وٺي سمورو مال غنيمت قلعي نطاط ۾ جمع ڪرائين. قروه حڪم موجب سمورو مال مواشي، زر زيور، اناج وغيره جيڪو بہ اسباب هو سو وڃي گڏ ڪرايو. منادي ٿي تہ ڪوب ماٺهو ڪابہ شيءِ نہ لڪائي. اَلخَيطُ وَالمُخِيطُ غُلُول (سئي ڏاڃو بہ ڪوٺ آهي). اَلغُلُولُ عَارُ وَنَارُ يَومَ القِيَامَہ (ڪوٺ شر آهي ۽ قيامت ۾ باهہ آهي)، تنهنڪري سمورو اسباب جمع ٿيو ويو. پوءِ پاڻ سڳورن ان مان خمس (پنجون حصو) ڪڍي، باقي مال مجاهدن کي تقسيم ڪري ڏنائون. پيادي کي هڪ حصو ۽ گهوڙي واري کي بہ حصا ڏنائون. هن جنگ ۾ زالون بہ لشڪر جي خدمت ۾ ڦٽيلن جي مرهم پٽيءَ لاءِ هليون هيون، انهن کي بہ مال غنيمت مان

ڏنائون. مگر انهن جو مردن وانگر حصو مقرر ڪونہ ڪيائون. اُميہ بنت ابي الصبت روايت ٿي ڪري بني غفار قبيلي جي عورتن ۾ آءُ ننڍي عمر جي هيس، جو جنگ ۾ شريڪ ٿي هيس. فتح خيبر ۾ پاڻ سڳورن، پنهنجي هٿن مبارڪن سان منهنجي ڳچيءَ ۾ هار وِڌو. خدا جو قسم آهي تہ مان اهو هار ڪڏهن بہ نہ لاٿو آهي ۽ وصيت ڪيائين تہ: مون کي هن هار سان جيڪو پاڻ سڳورن منهنجي ڳچيءَ ۾ وِڌو آهي، انهيءَ سان گڏ دفن ڪجو. متحرڪ ملڪيت جي تقسيم کان پوءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جن يهودين کي چيو تہ: توهان جي مرضي هجي تہ اسان توهان جون زمينون، باغ ۽ باغيچا توهان کي آبادي ءَ لاءِ ڏيون، پر ميوو خواه اناج وغيره جيڪا پيدائش ٿئي، تنهن مان اڌ توهان آبادگارن جو ۽ اڌ اسان جو. يهودين اها ڳالهہ قبول ڪئي. تڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن، عبدالله بن رواح کي بٽئي لاءِ مقرر ڪيو جيڪو سندن بٽئي اڌو اڌ ڪندو هو.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي وفات بعد حضرت ابوبڪر صديق رضہ بہ ساڳئي نموني سان اڌو اڌ بٽئي ڪندو آيو. وري حضرت عمر رضہ جو وقت آيو ان بہ ساڳي طرح بٽئي جو رواج اڌو اڌ جاري رکيو. پر جڏهن کيس خبر پئي تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن وفات کان اڳ فرمايو هو تہ لآ يَجتَمِعَنَّ بِجَزِيرَتِ العَرَبِ دِينَانِ (جزيره عرب ۾ بہ دين گڏ نہ رهندا)، تڏهن يهودين کي گهڪم ڪيائين تہ: جنهن کي خيبر ۾ هميشہ رهڻ جو انجام يا دستاويز حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي طرفان مليل هجي سو پيش ڪري، ٻيا ملڪ ڇڏي جلا وطن ٿين. ائين يهودين کي ملڪ نيڪالي ڏئي ڇڏيائين.

زينب يهو ديا ٽي جو حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي زهر ڏيڻ

زينب ڏيءَ حارث جي، جيڪا مشهور يهودي بهادر مرهب يهودي ني پاڻيجي هئي، تنهن ڇيلي جي گوشت جي اڳين ڇنگهه ۾ سخت زهر وجهي، پڇائي تحفو ڪري، حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ موڪليو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن دستور موجب پنهنجي اصحابن کي بہ شريڪ ڪيو. زهريلي گوشت مان ذرو کڻي وات مبارڪ ۾ وڌائون تہ معلوم ٿين تہ هن ۾ زهر آهي. اصحابن کي کائڻ کان منع ڪيائون. بشر ابن البرڪ جلدي ۾ هڪ لقمو انهي مان کائي ويو. زهر يڪدم اثر ڪيو ۽ اُتي جو اُتي شهيد ٿي ويو. آخرڪار حضور صلي الله عليہ وسلم جن تي بہ زهر اثر ڪيو ۽ پوءِ انهي زهر جي اثر ڪري حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي بہ شهادت ٿي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن يهودين جي معتبرن ۽ زينب کي گهرائي ڇيو تہ: سچ ٻڌائجو، ڀي صورت ۾ الله تعالیٰ مون کي حقيقت ٻڌائيندو ۽ توهان کي ڪوڙ جي سزا ملندي. پوءِ ڪائن پڇيائين تہ هن ڇيلي جي گوشت ۾ زهر هو؟ زينب ڇيو تہ: مان زهر وڌو هو. انهيءَ لاءِ جو توهان منهنجي پيءُ، مڙس ۽ چاچو قتل ڪرايو هو. خيال ڪيم تہ جي نبوت جي دعويٰ ۾ ڪوڙو آهي تہ زهر ڏيانس تہ ماڻهو ڇُٽي پوَن ۽ جيڪڏهن سچو نبي آهي تہ ڪيس خداتعالیٰ واقف ڪندو ۽ ڪوبہ نقصان نہ ٿيندو.

ڪن ڇيو آهي تہ زينب کي معاف ڪيائون ۽ ڪن ڇيو آهي تہ زينب کي قتل ڪرائي ڇڏيائون، اختلاف روايت جو آهي.

حجاج بن علاط سلمي جو واقعو

حجاج بن علاط وڏو شاهوڪار ۽ واپاري هو. بنو سليم جي زمين مان ڪيس سون جي کاڻ هٿ آئي هئي، جيڪا سندس تصرف ۾ هئي. هو واپار جي خيال سان نڪتو تہ خبر پيَس تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن خيبر

جي جنگ لاءِ ويا آهن. هو به اچي خيبر ۾ پهتو. حضور صلي الله عليه وسلم جن خيبر فتح ڪري مديني منور پهتا هئا تہ هن اچي اسلام قبول ڪيو ۽ حضور صلي الله عليه وسلم جن ڪر عرض ڪيائين تہ: منهنجو گهڻو واپار مڪي وارن سان آهي، اتي منهنجو وڏو قرض ۽ امانتون آهن. زال به اتي اٿم. ان وٹ به تمام گهڻو مال آهي. جيڪڏهن منهنجي اسلام جي خبر مڪي ۾ پهتي تہ سمورو مال ضايع ٿي ويندو. تنهنڪري مون کي اجازت ڏيو تہ مڪي ۾ وڃي پنهنجو مال هٹ ڪريان، مگر اوهان جي باري ۾ ڪجهہ ڪوڙ سچ ٻڌالهائڻو پوندو. پاڻ سڳورن کيس اجازت ڏني.

حجاج مڪي روانو ٿيو ۽ جڏهن منزل بيضاء تي پهتو تہ قريش جا ماڻهو گڏيس جيڪي خيبر جي حال احوال لهڻ لاءِ آيا هئا ۽ ايندڙ ماڻهن کان احوال پڇي پڇيائون. حجاج کي به ڏسي سڃاتائون ۽ پڇيائونس تہ قَاطِعُ الرَّحم (مِٹي مائٹي کي قطع ڪندڙ) محمد (صلي الله عليه وسلم) خيبر ۾ ڪاهي آيو هو. تنهن جو احوال معلوم اٿئي؟ حجاج ڪوڙ ڪري چيو تہ: مان اوڏهون ٿو اچان. محمد (صلي الله عليه وسلم) جا ماڻهو مارڪي ويا ۽ ٻيا قيد ٿي ويا ۽ پاڻ به قيد ٿي ويو. پر يهودين چيو تہ هن کي مڪي وارن جي هٹن ۾ ڏينداسين تہ پلي اُهي قتل ڪنس. اهو ٻُڌي هو ڏاڍو خوش ٿيا ۽ حجاج کان اڳي ئي مڪي ۾ وڃي ٻڌايائون تہ محمد (صلي الله عليه وسلم) کي اصحابن سوڏو قيد ڪيو مڪي ۾ ٿا آڻين. مڪي جي مشرڪن ۾ تہ عيد ٿي وئي، پر اتي جيڪي مسلمان هئا، تن کي ڏاڍو ڏک ٿيو. حضرت عباس رضہ پنهنجو ٻانهو حجان ڏانهن تصديق لاءِ موڪليو. پر هن چيو تہ: مان اهڙي خبر توکي ٻڌائيندس، جنهن ۾ تون خوش ٿيندي. هينئر ڇڏ تہ مان منهنجو مال هٹ ڪريان. حجاج، قريشن کي چيو تہ: يهودين کي محمد (صلي الله عليه وسلم) ۽ سندس ساٿين جو سامان هٹ آيو آهي، سو مون کي

خريد ڪرڻو آهي، متان ٻين واپارين کي خبر پوي ۽ اهي اڃي خريد ڪن، تنهنڪري مهرباني ڪري مون کي پنهنجا قرض ۽ امانتون ڏيو! پوءِ زال وٽان ۽ قريشن کان سمورا قرض اوڳاڙي ۽ امانتون ڪٽي حضرت عباص وٽ آيو ۽ چيائينس تہ: ڳجهہ ڳوهہ ۾ ڳالهائيندس، مگر قسم کڻ تہ منهنجي وڃڻ کان ٽن ڏينهن بعد اها خبر ڀلي ظاهر ڪجانءِ. پوءِ خيبر جي فتح جو سمورو احوال ٻڌائي، حجاج مڪي مان نڪري آيو. ٽن ڏينهن بعد حضرت عباس رضہ غسل ڪري، نوان ڪپڑا ڍڪي، بيت الله جو طواف ڪري فارغ ٿيو تہ مڪي جا مشرڪ وٽس آيا ۽ ڪائنس پڇيائون تہ: تون مسلمان ٿي ڪري ڇا جي لاءِ خوشي ڪئي آهي؟ حضرت عباس جواب ڏنو تہ: انهيءَ لاءِ جو حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جن خيبر فتح ڪيو ۽ يهودين جا وڏا وڏا بهادت قتل ٿي ويا. خيبر جو مال استباب لُٽيو ويو ۽ يهودين جي سردار جي ڌيءِ صفيہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي نڪاح ۾ آئي. اڄ سياڻي مڪو بہ فتح ٿي ويندو. انهي کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي خوشي ٿيندي! قريشن چيو تہ: قسم اٿئي خدا جو ٻُڌاءِ تہ اها خبر توکي ڪنهن ٻُڌائي؟ چيائين تہ: جنهن توهان کي شڪست جي خبر ٻُڌائي. حجاج خيبر ۾ وڃي مسلمان ٿيو ۽ ساري روئداد اکين سان ڏسي آيو هو. اهو بهانو فقط پنهنجي مال هٿ ڪرڻ لاءِ ڪيائين. اهو ٻُڌي مڪي ۾ واويلا مچي ويا.

صلح فدڪ

خيبر جي فتح کان پوءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جن محيصہ بن مسعود کي فدڪ جي يهودين ڏي موڪليو. ڪن حضرت علي رضہ جي نالي چيو آهي تہ: اسان جنگ فقط انهي لاءِ ٿا ڪريون تہ الله تعاليٰ جو ڪلمو ۽ قانون دنيا ۾ جاري ٿئي. تنهنڪري توهان مسلمان ٿي اسان جي

برادريءَ ۾ شامل ٿيو. ٻيءَ صورت ۾ توهان سان جنگ ڪئي ويندي. فدڪ جي يهودين پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪري، پنهنجو سردار نون بن يوشع ۽ ٻيا معتبر ماڻهو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي قاصد سان گڏ موڪليا تہ: اسان پنهنجي باغن جي پيدائش جو اڌ ڏيندا سين ۽ توهان جا دوست ٿي رهنداسين. توهان جي دشمنن کي توهان جي خلاف ڪابہ مدد نہ ڪنداسين.

انهي صلح موجب فدڪ جا باغ خاص حضور صلي الله علي وسلم جن جا ٿي رهيا، جو سواءِ جنگ جي، صلح ٿيو هو. انهن مان غازين کي ڪجهہ بہ نہ مليو. حضور صلي الله علي وسلم جن جيئن پنهنجو خمس پنهنجي اقربا، اهل بيت ۽ مسڪينن تي خرچ ڪندا هئا، تيئن فدڪ جي پيداوار بہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي حياتيءَ ۾ دواه بعد، ساڳيءَ طرح خرچ ٿيندي رهي.

مهاجرن جو حبشہ مان موٽي اچڻ

خيبر کي فتح بعد حضرت جعفر ابن ابي طالب ۽ سندس بيبي اسماء بنت عمس الغشميہ، جيڪي حبشہ ۾ مهاجر ٿي رهيا پيا هئا، اهي سڀ موٽي آيا. حضرت جعفر رضہ جنهن وقت حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دربار ۾ پهتو تہ پاڻ سڳورن کيس ڀاڪر پائي پيشاني تي چُمي ڏني ۽ فرمايائون تہ: مون کي خبر ناهي تہ مون کي وڏي خوشي فتح خيبر جي ٿي آهي يا جعفر جي اچڻ جي!

عمر بن اميہ الضميري کي حضور صلي الله عليہ وسلم جن نجاشي ڏي موڪليو هو تہ اسان جي مهاجرن کي اسان ڏي موڪليو. جن جو تعداد سورهن هو. نجاشي سيني مهاجرن کي بن ٻيڙين ۾ سوار ڪري حضور صلي

الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ موڪليو. ابو موسيٰ اشعري بہ پنهنجي عزيزن سميت حضرت جعفر رضہ سان گڏجي آيو هو. پاڻ سڳورا خيبر ۾ هئا تہ مهاجر بہ اچي پهتا. کين خيبر جي مال غنيمت مان حصو ڏنائون.

حضور صلي الله علي وسلم جن جو بيبي ام حبيبہ سان نڪاح

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي عمر بن اُميہ جي هٿان خط نجاشي ڏي موڪليو هو. سو بيبي اُم حبيبہ جي نڪاح لاءِ لکيو هئاون. بيبي صاحبہ رات جو خواب ڏٺو تہ ڪنهن ماڻهو کيس سڏ ڪيو تہ اُم حبيبہ ام المومنين. صبح جو کيس خواب بابت خيال آيو. سندس مڙس عبدالله ابن جحش، حبشہ ۾ مرتد ٿي مري ويو هو. نجاشي بادشاهہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو خط پڙهي پنهنجي خاص ٻانهيءَ رملہ کي بيبي صاحبہ ڏي موڪليو تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن توکي نڪاح ۾ آڻڻ جو پيغام موڪليو آهي. بيبي صاحبہ يڪدم قبوليت ڏني ۽ خوشخبري جي ڪري جيڪي زيور هٿس سي سپ لاهي رملہ کي ڏنائين. ام حبيبہ پنهنجي طرفان خالد بن سعيد بن عاص کي پنهنجو وڪيل ڪيو. نجاشي وٽ محفل ٿي، جنهن ۾ حضرت جعفر رضہ ۽ ٻيا اصحاب گڏ ٿيا. نجاشي پاڻ نڪاح جو خطبو پرهيو ۽ بيبي صاحبہ کي چار سو مثقال سن جا مهر ڏنائين. بيبي صاحبہ، خالد بن سعد جي معرفت پنجاهہ مثقال وري رملہ ڏي موڪلي ڏنا. رملہ اڳيان پويان زيور ۽ پٺسا بيبي صاهبہ ڏي موڪليا تہ: هي تنهنجو حق آهي جو تون مسافري جي حالت ۾ آهين. منهنجي طرفان رڳو حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي سفارش ڪجانءِ تہ ٻانهي رملہ تيتي ايمان آندو آهي، قيامت ڏينهن شفيع ٿجانءِ.

بيبي صاحبہ مديني آئي تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن ساڻس شادي ڪئي. بيبي صاحبہ کان پنجهٺ (65) حديثون روايت ڪيل آهن ۽ هجرت جي ڇوئيتاليهن (44) سالن بعد وفات ڪيائين. سندس مدفن روضہ جنت البقيع ۾ آهي.

حضور صلي الله علي وسلم جن جي دعا سان لٽل سج جي موٽي اچڻ وارو واقعو

منزل صهباء تي حضور صلي الله عليہ وسلم جن پنهنجو سِر مبارڪ حضرت علي رضہ جي هنج ۾ رکي سُتا تہ متن وحي نازل ٿيو. پاڻ انهي حال ۾ وحي سان مشغول هئا تہ سج لهي ويو. حضرت علي رضہ ٽپهري جي نماز ڪانہ پڙهي هئي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جڏهن وحي کان فارغ ٿيا تہ حضرت علي رضہ کان پُڇا ڪيائون تہ: ٽپهري جي نماز پڙهي اٿئي؟ حضرت علي رضہ جرض ڪيو تہ: نماز ڪانہ پڙهي اٿم. تڏهن حضور صلي الله علي وسلم جن دعا گهري تہ: اي مولیٰ! تنهنجي رسول جي اطاعت ڪري علي (رضہ) ٽپهري جي نماز قضا ڪئي آهي، تون لٽل سج وري واپس ڪر تہ علي نماز پڙهي. بي صروت ۾ هو تمام مغموم ۽ ڏکويل رهندو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دعا سان لٽل سج وري نڪري ظاهر ٿيو ڏينهن ڏنو حضرت علي رصہ نماز پڙهي.

جنگ وادي قريٰ

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جنگ کان موٽيا پئي تہ رستي تي وادي القريٰ جا يهودي سامهون ٿيا. ٻہ-ٽي قبيلا مشرڪن جا بہ پاڻ سان شامل ڪري لڙائيءَ لاءِ آيا هئا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن هڪڙو

اصحاب موڪلي ڪين سمجهايو تہ: اسلام آڻيو تہ اسان جا پائر آهيو. پي صورت ۾ توهان جا سر ۽ مال ماريا ۽ لُٽيا ويندا. يهودين نہ مڃيو ۽ لشڪر تيار ڪري آڏو آيا. مسلمانن جو لشڪر بہ سندن مقابلي ۾ تيار ٿيو. يهودين مان هڪ بهادر نڪري نروار ٿيو. جنهن کي حضرت زبير رضہ جهنم رسيد ڪيو ۽ ان کان سواءِ بہ-ٽي ٻيا بہ يهودي قتل ڪيائين. بہ-ٽي يهودي حضرت علي رضہ قتل ڪيا. شام جو طرفين جا لشڪر پنهنجي جاين ڏي موٽيا. صبح ٿيو تہ وري لڙائي لڳي. آخر مسلمانن کي فتح ٿي ۽ دشمنن جو لشڪر وڃي پڳو. انهيءَ جنگ ۾ دشمنن جا ڏهہ مانهو قتل ٿيا. تنهن کان سواءِ مسلمانن کي مال غنيمت بہ تمام گهڻو هٿ آيو.

ليلت التعريس جو واقعو

حضرت ابو هريره رضہ کان روايت آهي تہ خيبر کان موٽندي هڪ سڃي رات پنڌ ڪيوسين. رات جي پوئين پهر ۾ سيني کي ننڊ ورائي وئي. پاڻ سڳورا منزل انداز ٿيا ۽ حضرت بلال رضہ کي حڪم فرمايائون تہ: اڄ تون سجاڳ رهجانءِ ۽ صبح جي نماز لاءِ اٺارجانءِ. پوءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جن سميت سمورا اصحاب سمهي رهيا. حضرت بلال رضہ نماز پئي پرهي. نماز کان فارغ ٿي پنهنجي سواري کي ٽيڪ ڏئي، منهن اوپر ڏي ڪري ويهي رهيو تہ ننڊ وڃي ويس ۽ سج اپري ويو. جڏهن سج جي گرمي لڳن تہ سجاڳ ٿيا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن حضرت بلال رضہ کي هٿ هنيو تہ هوڇرڪ پري اٿي وينو. اصحابن حضرت بلال رضہ کي ملامت ڪئي. تنهن تي هن چيو تہ: مان بہ آخر انسان هوس، مون کي بہ ننڊ وڃي وئي، جيئن توهان کي ننڊ ورتو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: ڪوچ ڪريو جو هي وادي شيطان جي آهي. اڳتي هلي لٿا، وضو ڪري،

بانگ تڪبير چئي، نماز قضا پڙهيائون. اصحابن کي البت پريشاني ٿي ته اسان جي نماز قضا ٿي. تنهن تي پاڻ سڳورن فرمايو ته: اسان جا ساهه الله تعاليٰ جي هٿ وس آهن. جڏهن موڪائي ڏنائين تڏهن نماز پڙهي سين. پوءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جن حضرت ابابڪر صديق رضہ کي چيو ته: بلال نماز ٿي پڙهي ته شيطان وڃي پاسو ورتس. آخر ليٽي پيو. شيطان هن کي ٽڦيو پئي جيئن ماءُ پنهنجي ٻار کي ٽڦي ننڊ ڪرائيندي آهي.اتي حضرت بلال ہ اڃي نڪتو ءِ جيڪي حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تنهن جو حضرت رضہ اقرار ڪيو. ان تي حضرت ابابڪر چيو: اَشهَدُ اَن لّآاِلٰهَ اِلاَّاللّٰهُ وَاَشهَدُ اَنّک رَسُولُ الله

عمرتہ القضاء

حضور صلي الله عليہ وسلم جن خيبر فتح ڪري خير سان مديني منوره پهتا. ڪجهہ ڏينهن بعد سن 8 هجري جي مهيني ذوالقعد ۾ فرمايائون ته: جيڪي صلح حديبيہ ۾ اسان سان شامل هئا، اهي تياري ڪن ته هلي عمرو قضا ڪريون. انهي حڪم تي انهن اصحابن کان سواءِ ڇهہ سئو ٻيا ماڻهو ہ شامل ٿيا. ابوذر غفاري کي مديني منوره جو خليف مقرر ڪري، ڏهن هزارن ماڻهن سان مڪي معظمہ ڏانهن روانا ٿيا. ڏهہ گهوڙا عمدا هئا. هٿيار تمام گهٽا هئا ءِ زرهہ سيپ ڪنيائون. ست يا ستر اُٺ هديہ جا ہ پاڻ سان ڪنيائون. ڪن اصحابن عرض ڪيو ته: يارسول الله! شرط صلح ۾ هو ته هٿيارن کان سواءِ مڪي ۾ اڇجو ءِ توهان هٿيار ڪنيا آهن ته متان دشمن انجام شڪني ڪري حملو نہ ڪن. حضور صلي الله عليہ وسلم جن گهوڙا محمد بن مسلمہ جي حوالي ڪيا ءِ هٿيار بشر بن سعد کي ڏئي، اصحابن جي هڪ جٿي سان ڪين اڳي موڪليائون. اصحاب سڳورا جيئن منزل

مرالظهران تي پهتا تہ قريشن جي هڪ ٽولي کانئن احوال پڇيو. محمد بن مسلمہ کين ٻڌايو تہ سپاٽي حضور صلي الله عليہ وسلم جن هتي ايندا، ڇاکاڻ تہ پاڻ سڳورن کي اصحابن سميت عمرتہ القضاء ادا ڪرڻ جو ارادو آهي. انهي احوال قريشن ۾ ڏاڍي پريشاني پيدا ڪئي، تن يڪدم مڪي وارن کي وڃي آگاهہ ڪيو. قريشن جبلن جي چوٽيءَ تي چرهي وڃي پنهنجون منزلون ڪيون. حضور صلي الله عليہ وسلم جن مڪي ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ هديہ وارا اُٺ ڏي طوي وٽ گڏ ڪري، انهن جي حفاظت لاءِ گهٽي جماعت مقرر ڪئي ۽ پوءِ ڏاڍي قصويٰ تي سوار ٿيا. پاڻ سڳورا سواري سميت مسجد الحرام ۾ داخل ٿيا. عبدالله بن رواح ڏاڍيءَ جي مهار کي وٺي کين طواف پئي ڪرايو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي هڪ لٽ (جنهن کي محجن چوندا هئا) هٿ ۾ هئي، جنهن کي حجر اسود سان گسائي پوءِ ان کي پئي چمياٿون. اصحابن بہ طواف پئي ڪيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن اصحابن کي فرمايو تہ: پهرين ٽن ڦيرن ۾ رمل (ڊوڙڻ) ڪريو باقي ڦيرن ۾ بدستور طواف ڪيو. ڇو تہ قريشن ۾ اهو افواهہ هو تہ مديني جي آبهوا موافق نہ پئي اٿن ۽ ضعيف ٿي ويا اهن، تنهنڪري اهي احرام ڪيئن ڪري سگهندا! پر جڏهن اصحابن کي تڪڙو ڊوڙندو ڏٺائون تہ حيرت ۾ پئجي ويا.

عبدالله بن رواح، حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي اشاري موجب دعا پئي پڙهي ۽ سيني اصحابن بہ ساڻس شرڪت ڪئي. دعا هي آهي: لااِلٰهَ اِلاّاللّٰهُ وَحدَه وَ نَصرَ عَبدَه اَعَزَّ جُندَه وَهَزَمَ الاَحزَابَ (الله کانسواءِ ٻيو ڪوبہ معبود بالحق ناهي. اهو هڪڙو آهي جنهن پنهنجي ٻانهي کي فتح ڏني ۽ پنهنجي لشڪر کي عزت ڏني، جنهن دشمن جي جماعتن کي اڪيلي سر شڪست ڏني).

طواف کان پوءِ صفا مروه ۾ ڊوڙيا. هدين کي مروه وٽ ذبح ڪرڻ جو حڪم فرمايائون. معمر بن عبدالله عددي سندن سر مبارڪ ڪوڙيو ۽ ٻين اصحابن ۽ حلق (مٿو ڪوڙايو) ڪرايو. احرام کان فارغ ٿيا تہ حضرت بلال رضہ کي حڪم فرمايائون تہ جنهن ڪعبت الله جي ڇت تي چڙهي نماز جي بانگ چئي. پوءِ پاڻ سڳورن نماز پڙهي جيڪا ٻنپهرن جي هئي.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن انهي ٻيري ڪعبت الله ۾ داخل ٿيا يا نہ، ان باري ۾ مختلف روايتون آهن. پاڻ نماز کان فارغ ٿي حضرت جعفر بن ابي طالب کي حڪم فرمايائون تہ: بيبي ميمونہ بنت حارث هلاليہ کي سندن لاءِ خطبتہ (عقد نڪاح) ڪري. بيبي ميمونہ پنهنجو اختيار حضرت عباس رضہ کي ڏئي ڇڏيو هو. جيڪو سندس ٻيٽيوبو هو. حضرت عباس رضہ، بيبي ميمونہ رضہ جو عقد نڪاح حضور صلي الله عليہ وسلم جن سان ڪيو. پاڻ سڳورن سندس مهر جا چار سئو درهم يعني سئو روپيہ ڪيو.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن ٽن ڏينهن مڪي معظمہ ۾ گذاريا. جيئن تہ صلح موجب کين ايترو ئي رهڻو هو. تنهنڪري چوٿين ڏينهن قريشن جي طرفان سهيل بن عمرو ۽ حويطب بن عبدالعزيٰ اچي حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي چيو تہ: توهان کي هينئر مڪي مان ڪوچ ڪرڻ گهرجي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: جيڪڏهن ۽ ٽي ڏينهن ڇڏيو تہ مان هِت شادي ڪيان ۽ طعام وغيره تيار ڪري توهان کي کارايان. قريشن چيو تہ: اسان کي تنهنجي ڪاڄ ڪائڻ جي ضرورت ناهي، تنهنڪري توهان اسان جي زمين ۾ وڌيڪ نہ رهو. هڪدم نڪري وڃو!

سعد بن عباده، سهيل بن عمرو ۽ حويطب بن عبدالعزيٰ جي انهن سخت لفظن تي ڪاوڙ ۾ اچي چيو تہ: كَذَبتُمَا لاَ اُمُر لَكُمَا لَيسَتَ بِاَرضِكُم وَالاَرضِ اَبِيكُم لَن نَبرَحَ بِهَا اِلاَّ طَائِعَا (توهان ڪوڙ ٿا هڻو. توهان کي ماءُ نہ

هجي توهان جي ۽ توهان جي پيءُ جي زمين ناهي. اسان پنهنجي مرضي مطابق نڪرنداسين نہ توهان جي چوڻ تي). سعد جي انهن لفظن تي حضور صلي الله عليہ وسلم جن مُرڪيا ۽ هڪ فرمايائون: هن رات ڪوبہ مڪي ۾ نہ رهي. پوءِ پنهنجي آزاد غلام ابا رافع کي چڏيائون تہ بيبي ميمونہ کي وٺيو اچي ۽ پاڻ سرف منزل تي رهي شادي ڪيائون.

مڪي مان اُسهڻ وقت حضرت علي رضہ، حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ: اوم عماره بنت حمزه رضہ، جيڪا پنهنجي ماءُ سلميٰ بنت عميش وٽ مڪي ۾ رهي ٿي، سا اسان جي نياڻي ۽ چاچي جي ڌيءُ آهي، تنهن کي چو مشرڪن وٽ چڏيون ۽ چو نہ اسين پاڻ سان وٺي هلونس. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي اجازت ملڻ بعد حضرت علي، اُم عماره کي بيبي فاطمہ الزهرا سان گڏ ڪجائي تي چاڙهي مديني وٺي آيو. پوءِ حضرت علي رضہ، حضرت جعفر رضہ ۽ حضرت زيد بن حارث جي وچ ۾ اختلاف ٿيو. هر هڪ دعويٰ ڪئي تہ اسان جي سئوٽ آهي، اسان وٽ رهي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فيصلو ڏنو تہ اُم عماره جي ماسي حضرت جعفر بن ابي طالب جي گهر ۾ آهي، تنهنڪري اُم عماره حضرت جعفر رضہ جي پرورش ۾ رهي. حضرت جعفر رضہ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي چوڌاري صدقو ٿيڻ لڳو. جو حبشہ مان آيو هو ۽ اتي اهو رواج هو تہ جيڪڏهن حاڪم ڪنهن کي نوازيندو هو تہ خوشيءَ مان صدقو ٿيندو هو.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن مديني ۾ آيا تہ آيت نازل ٿي:

لَقَدْ صَدَقَ ٱللَّهُ رَسُولَهُ ٱلرُّءْيَا بِٱلْحَقِّ ۖ لَتَدْخُلُنَّ ٱلْمَسْجِدَ ٱلْحَرَامَ
إِن شَآءَ ٱللَّهُ ءَامِنِينَ مُحَلِّقِينَ رُءُوسَكُمْ وَمُقَصِّرِينَ لَا تَخَافُونَ ۖ
فَعَلِمَ مَا لَمْ تَعْلَمُوا۟ فَجَعَلَ مِن دُونِ ذَٰلِكَ فَتْحًا قَرِيبًا ﴿٢٧﴾

ترجمو: پنهنجي رسول جو خواب بيشڪ الله تعاليٰ سچو ثابت ڪيو تہ توهان مسجد الحرام ۾ انشاالله امن سان داخل ٿيندو. انهي حال ۾ جو توهان اتي مٿا ڪوڙائيندا ۽ ڪترائيندا، ڪنهن کان خوف نہ ڪندو. پوءِ الله تعاليٰ ڄاتو جو توهان ڪونہ ٿي ڄاتو. پوءِ فتح کي انهي جي ويجهو ڪيائين (القرآن 27:48). اهو سن 8 هجري جي مهيني ذوالقعد جي واقعو آهي.

غسان جي بادشاهہ جبلہ بن ابهم جو واقعو

حضور صلي الله عليہ وسلم جن ساڳئي سال (8 هجري) ۾ غسان جي بادشاهہ جبلہ بن ابهم کي خط لکيو. جنهن ۾ کيس اسلام جي دعوت ڏنائون. هُن اسلام قبول ڪيو ۽ تحفا تحائف حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ موڪلياٿون. هو حضرت عمر رضہ جي خلافت تائين اسلام تي ثابت رهيو. هڪ ڀيري حج تي ويو. طواف ڀئي ڪيائين تہ قبيلي فزاري جي هڪ ماڻهو جي لت سندس گوڏ تي پئي، جنهنڪري گوڏ لهي پيس. جبلہ کاوڙ ۾ اچي هن فزاري کي مُنهن تي اهڙي لپاٽ هنئي جو سندس نڪ ڀڄي پيو. فزاري اها دانهن حضرت عمر رضہ وٽ ڪئي، جنهن جبلہ کي گهرايو ۽ کيس حڪم ڪيو تہ اهو قصاس توکي ڏيڻو آهي تہ جيئن تو فزاريءَ جو نڪ ڇڻيو آهي، تيئن تنهنجو نڪ بہ ائين ڇڻيو ويندو. هن چيو تہ: مان بادشاهہ آهيان. هڪڙي عام ماڻهو لاءِ مون کان قصاس ٿو ونين. اها ڳالهہ مان ڪيئن مڃان؟ حضرت عمر رضہ فرمايو تہ: اسلام ۾ امير ۽ غريب جو درجو هڪ جهڙو اهي. غريب جو قصاص بادشاهہ کان ونڻو آهي. اهو اسلام جو قانون آهي. تڏهن جبلہ بن ابهم چيو تہ: مان اسلام ڇڏي نصراني ٿو ٿيان. حضرت عمر رضہ فرمايس تہ: پوءِ مرتد ٿيڻ ڪري توکي قتل ڪبو.

هن چيو تہ: هڪ رات مهلت ڏيو تہ ويچار ڪريان. حضرت عمر رضہ کيس مهلت ڏني. هو راتو واهہ پڄي ويو ۽ قسطنطنيہ ۾ وڃي وري نصراني ٿيو ۽ نصرانيت ۾ ئي مري ويو. عياذا بِاالله.

فروه بن عمرو خزاعي جو ايمان آڻڻ

سن 8 هجري جو هڪ مشهور واقعو فروه بن عمرو خزاعي جي ايمان آڻڻ جو آهي، جنهن جو تفصيل هن طرح آهي تہ روم جي بادشاهہ طرفان فروه بن عمرو خزاعي، عمان جو عامل (گورنر) هو. هن مسلمان ٿي هڪ خط پنهنجي اسلام آڻڻ جو هڪ غلام مسعود بن سعد جي هٿان حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ موڪليو ۽ تحفا تحائف بہ روانا ڪيائين. خط جو مضمون هن طرح هو تہ: مان پنهنجي محبت رسول الله جي طرف ظاهر ڪندي لکان ٿو تہ مان ايمان آندو آهي. الله تعاليٰ جي وحدانيت ۽ تنهنجي نبوت جو اقرار ٿو ڪريان. مان يقين سان چوان ٿو تہ تون اهو پيغمبر آهي جنهن جي اچڻ جي عيسيٰ بن مريم عليہ السلام بشارت ڏني آهي.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن سندس خط پڙهي، حضرت بلال رضہ کي حڪم فرمايو تہ هن کي گهر وٺي وڃ ۽ مسعود بن سعد جي مهمان نوازي ڪر. فروه جا موڪليل تحفا قبول فرمايائون، جن ۾ هڪ اُٺ، هڪ ڪُڙتو ابريشم جو مطلا ٿيل، هڪ گهوڙو، هڪ گڏهہ ۽ عمدا ريشمي ڪپڙا هئا. اُٺ حضرت ابابڪر صديق رضہ کي ڏنائون، ريشمي قبا مخزمہ بن نوفل کي، گهوڙو ۽ گڏهہ اسيد ساعدي کي ڏنائون ۽ نرم ريشمي ڪپڙا عروتن کي تقسيم ڪري ڏنائون.

خط جو جواب ڪيس لکيائون تہ: تنهنجو خط مليو. جيڪو تنهنجي ايمان تي مشتمل هو. جيڪڏهن تون ايمان تي ثابت قدم رهي، اسلام جا احڪام، نماز، زڪوات، حج ۽ روزا ادا ڪندين تہ سعادت دارين جو حقدار ٿيندين. اهو خط فروه بن عمرو جي غلام کي ڏيئي، حضرت بلال رضہ کي حڪم فرمايائون تہ پندرهن درهم مسعود کي ڏيئي روانو ڪري ڇڏيو.

فروه جي اسلام جي خبر جڏهن روم جي بادشاهہ کي پهتي تڏهن ڪيس گهرائي تنبيهہ ڪيائين تہ اسلام کان مُڙي وڃ. پر هُن جواب ۾ چيو تہ: مون کي يقين آهي تہ محمد صلي الله عليہ وسلم اهو سچو نبي آهي. جنهن جي بشارت حضرت عيسيٰ عليہ السلام ڏني هئي. تون بہ ڇاڻين ٿو مگر ڇاڻي واڻي ايمان نٿو آڻين، اها تنهنجي مرضي. مان اسلام کان بلڪل ڪونہ مُڙندس، پوءِ بادشاهہ ڪيس قتل ڪري ڦاسي تي لٽڪائي ڇڏيو.

خالد بن وليد، عمرو بن العاص ۽ عثمان بن طلحہ جو ايمان آڻڻ

سن 8 هجري ۾ خالد بن وليد، عمرو بن العاص ۽ عثمان بن طلحہ جي ايمان آڻڻجو واقعو نهايت ئي اهم آهي، جيڪو هن طرح آهي. خالد کان روايت آهي تہ جڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم عمره قضا جي لاءِ مڪي معظمہ اچي رهيا هئا ۽ عفان منزل تي پنهنجي اصحابن سان نماز خوف پڙهي رهيا هئا، تڏهن اسان کين نقصان رسائڻ لاءِ تمام گهڻي ڪوشش ڪئي، پر ڪامياب نہ ٿياسين. مون کين يقين ٿي ويو تہ حضور صلي الله عليہ وسلم ۽ سندن اصحابن جي نگهباني خدا جي طرفان ٿي رهي آهي. هاڻي اهي ضرور پنهنجي مخالفن تي غالب پوندا ۽ اسان جو وقار ختم ٿي ويندو. تنهنڪري سوچيم تہ قريشن جي طاقت ختم ٿي رهي آهي. حبشہ ڏي وڃڻ بہ اجايو آهي، جو نجاشي بادشاهہ، محمد صلي الله عليہ وسلم جو

معتقد ٿي ويو آهي. پوءِ خيال ڪيم تہ روم وارن ڏي وڃي نصراني دين قبول ڪريان. پوءِ وري خيال ٿيم تہ ڪجھ دير ترسي ڏسان تہ آخر پرده غيب مان ڇا ٿو ظاهر ٿئي. محمد صلي الله عليہ وسلم مڪي معظم ۾ عمره لاءِ روانا ٿيا. مان سهر ڇڏي هليو ويس. منهنجو پاءُ ابو الوليد بن وليد، جيڪو مسلمان ٿي چڪو هو ۽ محمد صلي الله عليہ وسلم جن سان گڏ مديني کان آيل هو، تنهن ڪنهنجي ڳولا ڪئي، پر مون کي نہ ڏٺائين، تڏهن هڪ خط لکي مون ڏي موڪليائين، جنهن جو مضمون هو تہ: توکي حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم ياد ڪيو آهي، فرمايو اٿس تہ خالد عقيل آهي ۽ وڏي ڪمال ۽ شان وارو آهي، هُن تي اسلام جي سچائي ظاهر ٿي چُڪي آهي، هو مسلمان ٿي پنهنجي طاقت اسلام جي ترقي ۽ بهتريءَ لاءِ خرچ ڪري تہ هن لاءِ تمام بهتر ٿيندو. تنهنڪري بنا دير جي مديني ۾ اچي مشرف باسلام ٿي. پر چيم تہ الرفِيقُ ثُم الطَّرِيقُ (اڳ ۾ آهي رفيق پوءِ آهي راهہ). تنهنڪري پنهنجو هم خيال بنائڻ لاءِ ڪو رفيق تاڙيان. صفوان بن اُميہ وٽ ويس ۽ ڪيس چيم تہ: هينئر محمد صلي الله عليہ وسلم جي دين جي ترقي عرب خواه عجم ۾ ٿي چُڪي آهي، بهتر آهي تہ هلي مسلمان ٿيون. هُن چيو تہ: ساري دنيا ختم ٿي وڃي، باقي مان وڃي رهان، تہ بہ محمد صلي الله عليہ وسلم تي ايمان ڪونہ آڻيندس. هن کي ڇڏي عڪرمہ بن ابوجهل کي چيم، جنهن پڻ انڪار ڪيو. آخر عثمان بن طلحہ عبدري کي چيم، جنهن قبول ڪيو. اسين ٻئي گڏجي مديني ۾ پهتاسين تہ عمرو بن العاص بہ ڏٺوسين. اُن سال حالي احوالي ٿياسين، جنهن چيو تہ: اسلام قبول ڪرڻ لاءِ حبشہ کان آيو آهيان، توهين بہ اسلام قبول ڪريو. اجا غسل ڪري ڪپڑا مٿياسين تہ منهنجو پاءُ بہ اچي نڪتو ۽ چيائين تہ: يڪدم حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيءُ جو تنهنجي اچڻ جو ٻُڌي بيحد خوش ٿيا

آهن. اهو پُڌي مان يڪدم حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ پهتس تہ چيم: السّلامُ عَلَيکَ يَارَسُول الله مُرڪي سلام جو جواب ڏنائون. چيم: اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ ۽ عرض ڪيم تہ گناهہ گهٽا ڪيا اٿم. الله تعاليٰ کان معافي ونِي ڏيو! حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: اسلام اڳيان سڀ گناهہ ميٽي ڇڏيندو. پوءِ عمرو بن العاص ۽ عثمان بن طلحہ بہ ايمان آندو.

غزوه موتہ

موتہ جي جنگ جو واقعو پڙ سن 8 هجري ۾ ٿيو. جنهن جو احوال هن ريت آهي تہ: ملڪ شام جي وادي بلقاء جي واهٽن (ڳوٺن) مان هڪ واهڙ جو نالو موتہ آهي جيڪو بيت المقدس کان بہ منزلون پري آهي. انهيءَ جنگ جو سبب هي هو. جو حضور صلي الله عليہ وسلم جن بصريٰ جي حاڪم ڏي حارث ابن عمير ازدي جي هٿان خط موڪليو. حارث کي رستي ۾ قيصر روم جو هڪ امير شرجيل بن غساني مليو ۽ پڇيائين تہ: ڪاڏي ٿو وڃين؟ حارث چيو تہ: محمد صلي الله عليہ وسلم جو قاصد آهيان ۽ بصريٰ ڏي ٿو وڃان. اهو پُڌي شرحبيل حارث کي قتل ڪري ڇڏيو. ان وقت تائين حارث کان سواءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو ٻيو ڪوبہ قاصد شهيد نہ ڪرايو ويو هو. اها خبر جڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي پهتي، تڏهن يڪدم شام تي ڪاهہ ڪرڻ جو حڪم ڪيائون. اهو مهينو جمادي الاولیٰ سن 8 هجري هو. ٽي هزار لشڪر هٿيارن ۽ جنگي اسباب سان تيار ٿيو. زيد شهي ٿئي تہ جعفر بن ابي طالب امير ٿئي، جيڪڏهن اهو بہ شهيد ٿي وڃي تہ عبدالله بن رواح کي امير ڪيو وڃي، اهو بہ شهيد ٿئي تہ پوءِ مسلمانن کي اختيار آهي تہ جنهن کي مناسب ڄاڻن ان کي پنهنجو امير

ڪن. هڪ يهودي ان هنڌ موجود هو تنهن چيو تہ: اي محمد صلي الله عليہ وسلم جيڪڏهن تون نبوت ۾ سچو آهي تہ اهي ماڻهو جن کي امير ڪيو اٿئي، اهي ضرور شهيد ٿي ويندا، جو اڳيان نبي بہ جيئن چوندا هئا تيئن ٿيندو هو. يهودي وري زيد کي چيو تہ: جيڪڏهن محمد صلي الله عليہ وسلم سچو نبي آهي تہ پوءِ تون هن جنگ کان واپس ڪونہ ايندي. زيد چيو تہ: اَلحَمدُلله، جيڪڏهن منهنجي لاءِ شهادت جو درجو هجي تہ انهيءَ کان وڌيڪ مون کي ڇا کپي؟

پاڻ سڳورا لشڪر مان ٽنيتہ الوداع تائين گڏجي آيا، ۽ پوءِ موڪلائڻ وقت کين هدايت ڪيائون تہ: خاص الله تعاليٰ واسطي جهاد ڪريو. شام جي عبادتگاهن ۾ جيڪي راهب وينا هجن، انهن کي ۽ ٻارن کي، عورتن ۽ ٻُڌن کي قتل نہ ڪجو. باغ، وڻ، پوکون ۽ جايون برباد نہ ڪجو. عبدالله بن رواح، حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي عرض ڪيو تہ: مون کي ڪو خاص امر فرمايو. ڪيس فرمايائون تہ: اتي خدا جي عبادت گهٽ آهي، تون وڌيڪ عبادت ڪجان ۽ خدا تعاليٰ کي وڌيڪ ياد ڪجان.

اسلامي لشڪر جڏهن موتہ جي ويجهو پهتو تڏهن شرحبيل بہ تمام وڏو لشڪر سنيرائي مسلمانن جي مقابلي ۾ آيو. وادي القريٰ ۾ ٻيئي لشڪر آمهون سامهون ٿيا. جنگ لڳي، جنهن ۾ شرحبيل جو ڀاءُ سروس مارجي ويو. شرحبيل تمام خوفزده ٿي قلعي ۾ وڃي لڪو ۽ پنهنجو ٻيو ڀاءُ قيصر ڏي مدد لاءِ موڪليائين، جنهن وڏو لشڪر مدد لاءِ موڪلي ڏنو. مشرڪن جي قبيلن بہ شرحبيل جي لشڪر سان اچي مدد ۽ شموليت ڪئي، جنهن سبب سندس لشڪر لک کان مٿي ٿي ويو. مسلمان رات جو منزل معادن تي رهيا. پاڻ ۾ صلاح ڪيائون تہ جيتوڻيڪ دشمن جي لشڪر جو تعداد تمام گهڻو

آهي، پر اسان کي بہ جهاد في سبيل الله ڪرڻو آهي. جيڪڏهن فتح ٿي تہ عيد ۾ جي شڪست آئي تہ شهادت.

صبح جو مسلمان وڏي موتہ جي شهر وٽ پهتا. طرفين جا لشڪر هڪ ٻئي جي مقابل ٿيا. زيد بن حارث صفون برابر ڪري جهنڊو هٿ ۾ کڻي زوردار حملو ڪيو پر لڙائي ۾ ڪندي شهيد ٿي ويو. يڪدم حضرت جعفر بن ابي طالب جهنڊو کنيو ۽ لڙائي ۾ ڪاهي پيو. وڙهندي وڙهندي سندس سڄي ٻانهن ڪپجي پيئي تہ جهنڊو وري کٻي هٿ ۾ جهليائين، تہ اها بہ ڪپجي ويس. آخر هڪ ڪافر سندس ڪمر ۾ تلوار هنئي، جنهن سان شهيد ٿي ويو. يڪدم عبدالله بن رواح جهنڊو سنڀالي کنيو ۽ جنگ ڪندي شهيد ٿي ويو. ان بعد ثابت بن اقدم جهنڊو وڃي سنڀاليو ۽ چيائين: مسلمانو! اتفاق ڪري هڪ کي امير چونڊيو! مسلمانن چيس: تون امير آهين. چيائين: مان انهيءَ رُتبي جو ماڻهو نہ آهيان. پوءِ سڀني مسلمانن خالد بن وليد کي امير چونڊيو.

جڏهن عبدالله بن رواح شهيد ٿيو ۽ خالد بن وليد امير ٿيو تہ مسلمان پنهنجي شڪست محسوس ڪري پڇڻ لڳا. پر قطبہ بن عامر دانهن ڪري مسلمانن کي چيو تہ: ميدان ڇڏي پڇڻ کان جنگ ۾ قتل ٿيڻ بهتر آهي. انهن لفظن جو اهڙو اثر ٿيو جو سڀئي مسلمان موٽي آيا. خالد بن وليد جي اڳواڻي هيٺ اهو سڄو ڏينهن سخت جنگ هلي. ٻئي ڏينهن صبح جو خالد بن وليد اسلامي لشڪر کي اهڙي ترتيب سان ٻيهاريو جو دشمنن سمجهيو تہ مسلمانن کي مدد اچي ويئي آهي، جنهنڪري هو بہ بزدل ٿي پيا. ان ڏينهن جنگ ۾ خالد بن وليد ايترو تہ لڙيو جو ڏهہ تلوارون پڇي پيون. يارهين تلوار يماني سان وڃي قلعہ موتہ فتح ڪيائين ۽ قلعي جا ڪيترا ماڻهو قتل ڪيائين.

هوڏانهن مديني منوره ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن لڙائيءَ جو سمورو نقشو پئي ڏنو. زيد جي شهادت وقت اصحابن کي فرمايائون تہ: زيد رضہ بهشت وجي پهتو. وري جعفر بن ابي طالب شهيد ٿيو تہ فرمايائون تہ: الله تعاليٰ کيس ٻہ بازون ياقوت جا عطا ڪيا آهن، جن سان هو بهشت ۾ اڏامي رهيو آهي. انهيءَ ڪري جعفر طيار جي نالي سان ملقب ٿيو. حضرت جعفر طيار جي شهادت وقت حضور صلي الله عليہ وسلم جن جون اکيون اشڪ آلود هيون. وري فرمايائون تہ: عبدالله بن رواح ٻہ شهيد ٿي بهشت ۾ ويو. پوءِ سيني لاءِ مغفرت جي دعا گهريائون. انهيءَ جنگ ۾ خالد بن وليد کي ٻہ سيف الله (الله تعاليٰ جي تلوار) جو لقب مليو.

فتح مڪ معظم

ساڳئي سال (سن 8 هجري) غزوه موتہ جمادي الاخريٰ ۽ رجب المرجب جا ٻہ مهينا مس گذريا تہ بنوبڪر ۽ بنو خزاعہ قبيلن جي وچ ۾ فساد پيدا ٿيو. اهي ٻئي قبيلا اڳ ۾ ئي هڪٻئي جا سخت دشمن هئا. حديبيہ جي صلح وقت اهو فيصلو ٿيو هو تہ سيني ٻاهرين قبيلن کي اختيار هوندو تہ قريشن سان يا محمد صلي الله عليہ وسلم سان معاهدو ڪن تہ کين ڪابہ روڪ نہ هوندي. ان بعد بنوبڪر جو قبيلو وجي قريشن سان شامل ٿيو ۽ بنو خزاعہ جو قبيلو حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جن سان اچي معاهدو ٿيو. يعني ضرورت وقت هڪٻئي جي مدد ڪندا ۽ پاڻ ۾ صلح سانت سان رهندا. جنگ جي وقت ۾ قريشن بنوبڪر سان ۽ بنو خزاعہ، حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جن سان مدد ۾ هوندا.

ڪجهہ ڏينهن گذرڻ بعد قبيلي بنوبڪر جي هڪ پاڙي بني ذيل جي هڪ خبيث مرد، حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي شان ۾ شعر ذميمہ

(خراب ۽ ٿوڪ جهڙا) چوڻ لڳو. بنو خزاعہ جي هڪڙي غلام کيس روکيو پر هو باز نہ آيو. تنهنکري غلام کيس سخت مارڪُٽ ڪئي. جنهنکري بنوبکر وارا يڪدم بنو خزاعہ سان لڙڻ لاءِ تيار ٿي ويا ۽ قريش وٽ وڃي سمورو احوال پيش ڪري مدد جي طلب ڪيائون. قريشن کين هٿيارن ۽ مالي امداد ڪرڻ کان سواءِ ڪئين بهادر جوان بہ ڏنا. جهڙوڪ سهيل بن عمرو، خويطب بن عبدالعزيٰ، عڪرمہ بن ابي جهل، صفوان بن اميہ ۽ مڪرز بن حفص. رات جو حملو ڪري بنو خزاعہ جي مٿان وڃي ڪڙڪيا. ٻنهين قبيلن ۾ سخت لڙائي لڳي، جنهن ۾ ويهہ ماڻهو بنو خزاعہ جا مارجي ويا. صبح جو قريش واپس هليا ويا پر اها ڳالهہ مشهور ٿي وئي تہ قريشن بہ جنگ ۾ شرڪت ڪئي. اتي هو پنهنجي ڪِئي تي پشيمان ٿيا تہ انهيءَ حرڪت ڪري جيڪو صلح جو معاهدو اسان ۽ مسلمانن جي وچ ۾ هو، ان جي ٽوڙڻ جو الزام اسان تي پيو. جيڪڏهن بنو خزاعہ وارا حضور صلي الله عليہ وسلم جن وٽ فريادي ويا تہ اهي ضرور اسان کان بنو خزاعہ جي خونن جي بدلو ونڊندا. تنهنکري حارث بن حسام، عبدالله بن ابي ربيعہ ۽ ابوسفيان وٽ ويا تہ هاڻي ڇا ڪجي؟ ابوسفيان چيو تہ: توهان هڪ تہ اهو خراب ڪم ڪيو ۽ ٻيو تہ منهنجي زال هنده خواب ڏٺو آهي، تنهن تي ويتر مون کي هراس ۾ وجهي ڇڏيو آهي. پڇيائونس تہ: اُهو ڪهڙو خواب آهي؟ چيائين تہ: هنده خواب ڏٺو آهي تہ حجون جي منزل کان خون جي ندي وهندي مڪ معظمہ طرف آئي ۽ خندمہ جي جاءِ وٽ اچي گم ٿي. اهو ٻُڌڻ سان قريش جا ويتر ڇهہ ڇڇي پيا. ابوسفيان چيو تہ: توهان اهو ڪم منهنجي صلاح کان سواءِ ڪيو آهي. پر محمد صلي الله عليہ وسلم ۽ سندس اصحاب مون ڏانهن ڪري سمجهندا. تنهنکري آءٌ مديني وڃان ٿو، من کو بچاءُ جو طريقو هٿ اچي.

بيبي عائشہ رضہ فرمائي ٿي تہ: جنهن رات بنوبڪر ۽ قريش گڏجي بنو خزاعہ سان جنگ ڪئي، انهيءَ رات حضور صلي الله عليہ وسلم جن هر هر پيا فرمائين: لَقَد حَدَثَ فِي خِزَاعَت اَمرِ (بنو خزاعہ ۾ وڏو حادثو پيدا ٿيو). مون عرض ڪيو تہ: قريش صلح ٽوڙيو ڇا؟ فرمايائون: هائو. عرض ڪيم تہ ان ۾ ڇڪائي آهي يا برائي؟ فرمايائون: ڇڪائي آهي.

بيبي ميمونہ رضہ فرمائي ٿي تہ: حضور صلي الله عليہ وسلم جن غسلخاني کان نڪتا تہ فرمايائون: لَبِّيکَ لَبَّيک نُصِرت نُصِرَتَ (حاضر آهيان، حاضر آهيان، فتح ملي ويئي فتح ملي ويئي). عرض ڪيم، ڪنهن سان ٽا ڳالهايو؟ فرمايائون: تہ بنو خزاعہ وارن تي بنوبڪر ۽ قريش گڏجي حملو ڪيو آهي.

ان جي ٽئين ڏينهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن مسجد ۾ وينا هئا تہ عمرو بن سالم خزاعي چاليهن مانهن سان اچي نڪتو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي روبرو بيهي قصيدو چيائين. جنهن ۾ سمورو احوال عرض ڪيائين. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جواب ۾ فرمايو: حَسبُکَ يَا عَمرُو (عمرو، جيڪي تو چيو سو ڪافي آهي). پوءِ ڪين دلداري ڏئي وطن واپس ڪيائون.

ابو سفيان مدينہ ۾ آيو تہ پهرين بيبي ام حبيبہ جي گهر ويو، جيڪا سندس نياڻي هئي. بيبي صاحبہ ڪيس ڪيڪاري ويهاريو، هو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي پٿرٽي تي ويهڻ لاءِ وڌيو تہ بيبي صاحبہ پٿرٽي ڪٽي ويڑهي ورتي. ابوسفيان چيو تہ: پٿرٽي مون کان پياري ٿي ڪرين؟ چيائين تہ: هيءَ پٿريٽي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي آهي. تون اڃا مشرڪ پليد آهين. هن پٿرٽي تي ويهڻ جي لائق نہ آهين. ابوسفيان چيو تہ: اسان کان نڪري خراب ٿي ويئي آهين. بيبي صاحبہ فرمايس تہ: الله تعاليٰ مون

کي اسلام جي هدايت فرمائي ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي صحبت جو شرف بخشيائون. تون ايڏي عقل ۽ سمجهہ هوندي بہ اجا پٿرن جي پوڄا پيو ڪرين! ابو سفيان ڪاوڙجي اٿي ڪڙو ٿيو ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دربار ۾ پهتو. نئين صلح لاءِ گهٽو ئي عرض معروض ڪيائين، مگر حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڪيس صفا جواب ڏنو. ناااميد ٿي حضرت ابابڪر صديق رضہ وٽ ويو. مگر انهن بہ جواب ڏنس تہ: مون کي ڪو بہ اختيار ناهي جو تنهنجي سفارش ڪريان. وري حضرت عمر فاروق رضہ وٽ ويو. تنهن تہ ڪيس ڪُتو جواب ڏنو. وري حضرت علي المرتضيٰ وٽ ويو. جنهن فرمايس تہ: حضور صلي الله عليہ وسلم جن هينئر جنگ جو پڪو ارادو ڪيو آهي، توکي واپس ٿيڻ گهرجي. ابوسفيان نيٺ ناااميد ٿي واپس وريو.

هوڏانهن ابوسفيان جي در ڪرڻ کري قريش ۾ ڏاڍو انتظار پيدا ٿيو تہ متان مسلمان ٿي ويو هجي. ابوسفيان رات جو گهر پهتو ۽ صبح جو قرباني‌ءَ جو گهيٽو ڪُهي بن بُتن 'اساف' ۽ 'نائلہ' تي قرباني‌ءَ جو رت هاريائين. اهو ڏسي مشرڪن کي يقين ٿيو تہ ابوسفيان پنهنجي دين تي ثابت قدم آهي، پوءِ سيني کي سمورو احوال ٻڌايائين جنهنڪري اهي مايوس ٿي پنهنجي گهر ڏي هليا ويا.

رمضان شريف جو چنڊ ڏسي، حضور صلي الله عليہ وسلم جن مديني کان ٻاهر وارن سيني قبيلن ڏي ماڻهو موڪليا تہ هٿياربند ٿي مديني پهچي وڃو پر اها خبر ڪنهن کي نہ ڏيو. متان مڪي وارا اڳيئي خبردار ٿي وڃن. مگر خاطب بن ابي بلتعہ هڪ خط قريشن جي رئيسن کي آگاهہ ڪرڻ لاءِ لکيو تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن وڏي پيماني تي لشڪر گڏ ڪري جنگ جي تياري ڪري رهيو آهي، اها جنگ جي تياري ڏسڻ ۾ ٿي اچي تہ

مڪي لاءِ آهي. اهو خط مزنيہ قبيلي جي هڪ عورت ساره نالي کي ڏنائين تہ مڪي ۾ وڃي ابوسفيان کي پهچاءِ. اها عورت خط وارن ۾ لڪائي، اُٺ تي چڙهي رواني ٿي.

حضرت جبرئيل اها خبر اچي پاڻ سڳورن کي ڏني، جن وري حضرت علي رضہ ۽ حضرت عمار بن ياسر ۽ زبير بن العوام کي موڪليو. جن منزل 'روضہ خاخ' تي ان عورت کي وڃي جهليو ۽ کانئس خاطب وارو خط گهرياٿون، پر ساره انڪار ڪيو. هنن گهڻي ڳولها ڪئي مگر خط جو پتو ڪونہ پيين. تڏهن حضرت علي رضہ فرمايس تہ: جيڪڏهن سچي نہ ڪنديئن تہ تلوار سان ٽڪر ٽڪر ڪندوسانءِ يا ننگو ڪري تلاشي ونندوسانءِ، انهيءَ تي ساره ڍڄي ويئي ۽ وار کولي خط ڪڍي ڏنائين. حضرت علي رضهو اهو خط آڻي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ پيش ڪيائون. پاڻ خاطب بن ابي بلتعہ کي گهرائي پُڇا ڪئي. خاطب جواب ڏنو تہ: برابر اهو خط مان لکيو آهي. مان الله تعاليٰ کي واحد شاهد ڄاڻي چوان ٿو تہ مسلمان آهيان، منهنجو اهل و عيال مڪي ۾ آهي. منهنجو اتي عزيز قريب ڪونہ اهي جيئن ٻين مهاجرن جا آهن، جيڪي سندن اهل عيال جي پرداخت ڪندا آهن. مون اهو خط هن ڪري لکيو آهي تہ منهنجو قريشن تي ٿورو ٿي پوي تہ منهنجي اهل عيال جي نگهباني ڪن. اهو بہ يقين اٿم تہ فتح اسلام جي آهي ۽ منهنجو خط قريشن کي ڪابہ مدد ڪانہ ڏيندو.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن اصحابن کي فرمايو تہ: خاطب جيڪي چوي ٿو سو سچ ٿو چوي. حضرت عمر رضہ چيو تہ: يا رسول الله! اجازت ڏيو تہ هن منافق جو گردن ٽوڙيان تنهن تي حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: خاطب اهل بدر مان آهي اِنَّ اللهَ قَد اَطَّلَع عَلیٰ اَهلِ بَدَرِ

فَقَالَ اعمَلوا مَاشِئتُم فَقَد غَفَرَ لَكُم (بيشڪ الله تعاليٰ اهل بدر تي پنهنجو ظهور فرمايو ۽ چيائين تہ مون توهان کي بخشيو. اڄ کان بعد توهان ڪهڙا بہ عمل ڪريو). تنهن هوندي بہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن کيس تنبيهہ ڪري معافي ڏني.

خاطب بن ابي بلتعہ وڏن سمجهو اصحابن مان هو. جڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن کيس مقوقس ڏي قاصد ڪري موڪليو هو ۽ اتي قريش جا وڏا سردار بہ وينا هئا، تڏهن مقوقس پڇيس تہ: تنهنجو صاحب پيغمبر اهي؟ هُن چيو تہ: بيشڪ مقوقس چيو تہ: جڏهن سندس قوم کيس شهر نيڪالي ڏني تہ پوءِ هنن کي ڇونہ پٽيائين تہ هو هلاڪ ٿي وڃن ها. تڏهن خاطب پڇيو تہ: حضرت عيسيٰ نبي مرسل هو يا نہ؟ چيائين تہ: بيشڪ نبي مرسل هو. پڇيائين تہ: بني اسرائيل کيس ڦاسيءَ تي چاڙهيو تہ پوءِ ڇونہ کين بددعا ڪيائين تہ هلاڪ ٿي وڃن ها؟ نبين ۽ پيغمبرن جو ڪم نہ آهي جو پنهنجي قوم کي برباد ڪن.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي مڪمل تياري ٿي رهي هئي. حضرت ابوبڪر صديق رضہ فرمائي ٿو تہ: حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي حويليءَ ۾ ويس تہ بيبي عائشہ رضہ سفر جي تياري ڪري رهي هئي. پڇا ڪيم تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي تياري ڪهڙي طرف آهي؟ چيائين تہ: اهو يقين ڪونہ اٿم. پر گمان آهي تہ مڪي معظمہ لاءِ تياري اهي. اهو ٻُڌي حضرت ابوبڪر صديق رضہ بہ موٽي آيو ۽ اچي تياري ڪيائين. ان بعد حضور صلي الله عليہ وسلم قبيلن ڏي جيڪي قاصد موڪليا هئا، اهي بہ هٿيارن ۽ سُوارين سميت تياري ڪري پهچي ويا.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن 10 رمضان المبارڪ تي تيار ٿي نڪتا. پنهنجي حرمن مان بيبي امہ سلمہ رضہ کي پاڻ سان کنيائون. ڪي

قبيلا مديني ۾ پهچي ويا هئا، کي رستي ۾ هئا تہ کي منزلن ۾ هئا. لشکر ۾ ٿي جهنڊا هئا، جن مان هک حضرت علي رضہ کي ۽ ٻيو زبين بن العوام کي ۽ ٽيون جهنڊو حضرت سعد بن ابي وقاص کي ڏنائون. مديني منوره ۾ مکتوم بن حصين بن عتبہ بن خلف الغفاري کي خليفو مقرر کيائون. کن جو چوڻ آهي تہ عبدالله بن ام مکتوم کي خليفو مقرر کيائون. پاڻ بہ روزو رکيائون ۽ سيني اصحابن بہ روزو رکيو. عديل منزل تي روزو کوليائون.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن ذوالحليفہ تي پهتا تہ حضرت عباس رضہ پنهنجي اهل عيال سميت هجرت کري، مکي مان مديني منوره ٿي آيو. جو رستي ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيو. کيس حکم فرمايائون تہ: اهل عيال ۽ سامان اسباب مديني موکلي ڏي، تون اسان سان موٽي هل.

وري جڏهن منزل نقب العقاب تي پهتا تہ ابو سفيان بن الحرث بن عبدالمطلب ۽ عبدالله بن ابي اميہ بن المغيرت المخزومي پنهنجي اهل عيال سان اچي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي پيش پيا. حضور صلي الله عليہ وسلم کين نہ اچڻ ڏنو. ڇاکاڻ تہ هنن حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي ايذائڻ ۾ کابہ کسر کانہ ڇڏي هئي. مگر بيبي امہ سلمہ رضہ عرض کيو تہ: ابوسفيان جو سوٽ ۽ عبدالله توهان جو پڦاٽ ۽ سهرو آهي، کين معافي ڏيو. جو هو تائب ٿي اسلام قبولي آيا آهن ۽ پوءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جن کين معاف کيو.

جڏهن منزل مرالظهران تي پهتا، جيکا مکي معظمہ کان ٻارهن کوهہ پري آهي، تڏهن مسلمانن جو تعداد ڏهہ هزار ٿي ويو. جن مان اکثر گهوڙيسوار ۽ جنگي هٿيارن سان هئا. مکي وارن کي حضور صلي الله عليہ

وسلم جن جي اچڻ جي کابہ خبر کانہ هئي، مگر بيقراري ۽ بدحواسي ضرور هئن تہ اسان جي عهدشڪني ڪري اِجهو ٿو رسول الله اچي مڪي ۾ ڪڙڪي. تنهنڪري انهي خبر چار لهڻ لاءِ ابوسفيان بن حرب ۽ حڪم بن حزام ۽ بديل بن ورقہ مڪي مان نڪري پيا ۽ اچي مرالظهران وٽ نڪتا، جتي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي منزل ڪيو وينا هئا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن حڪم موجب مسلمانن رات جو تمام گهڻي انداز ۾ باهيون ٻاري چڏيون هيون. اهو ڏسي ابوسفيان چيو تہ: مان عمر ۾ اهڙيون باهيون ۽ ايترو لشڪر ڪونہ ڏٺو اهي، الائي ڪنهن جو آهي؟ بديل چيو تہ: بنوخزاعہ وارن جو لشڪر هوندو، پر بنو خزاعہ ايترا ڪٽان آيا؟ هي ڪو ٻيو لشڪر آهي.

حضرت عباس رضہ ٿو چوي تہ: مون کي بہ يقين ٿي ويو تہ اڄ مڪي وارن جو موت آهي، ڪيس کابہ خبر کانهي، ڪو هجي جو کين خبر ڏي تہ اڳ ۾ ئي اچي حضور صلي الله عليہ وسلم جن کان معافي ونڻ ۽ امانُ گهُرن. جيڪڏهن اوچتو هي لشڪر وجي مٿن ڪڙڪيو تہ سيئي مارجي ويندا. حضرت علي رضہ سان صلاح ڪيائين تہ ڪيئن هنن کي خبر موڪلجي. حضرت علي رضہ چيس تہ: چاچا! ٻاهر وجي جاچ ڪريو تہ ڪو اوٺي يا ڪير وارو مڪي وڃڻ وارو هجي تہ ڪٽي نياپو موڪليون. حضرت عباس رضہ، حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي سفيد خچر تي سوار ٿي، جاچ جوچ لهڻ لاءِ نڪتو تہ ڳالهائڻ ٻُڌي سُجاتائين تہ ابوسفيان آهي. سڏ ڪري چيائين تہ: ابو حنظلہ! (ابوسفيان جو ڪُنيت). هن جواب ۾ پڇيو تہ: ابو الفضل (حضرت عباس جو ڪنيت) آهين؟ ٻنهي هڪٻئي کي سجاتو. ابوسفيان وڌي آيو تہ حضرت عباس چيس تہ: اڄ توهان جو خاتمو آهي. هي لشڪر حضرت صلي الله عليہ وسلم جو آهي. مان ڀاڻ انهيءَ لاءِ

نڪتس تہ توهان کي ڪا خبر موڪليان تہ اچي معافي ونو ۽ امانُ گهُرو. نہ تہ مارجي ويندو. هاڻي منهنجي صلاح آهي تہ چڙهہ خچر تي تہ هلون حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ هلي معافي وٺ. ابوسفيان کي ڊپ اهڙو اچي ورايو جو وائي نہ پئي نڪريس. مانڙي ڪري ٻيلهہ چڙهي پيو. حضرت عباس رضہ ٿو چوي تہ: حضرت عمر فاروق رضہ جي آڏو لنگهياسين تہ سجاتائين. چيائين عباس! خدا جي دشمن کي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خچر تي ٻيلهہ چاڙهيو اٿئي! خدا جو شڪر جو اسان جي ور چڙهي ويو آهي. ائين چئي هُن وجي تلوار ڪنئي. هيڏانهن مان بہ ونڊي خچر کي اِڙيون هڻي پڄايو ۽ جلدي وجي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ پهتاسين. تہ مٿان حضرت عمر رضہ بہ اچي ڪڙڪيو ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم کي عرض ڪيائين تہ: ابو سفيان خدا جو دشمن هٿ آيو آهي. اجازت ڏيو تہ گردن لاهي ڇڏيانس. حضرت عباس چيو تہ: مان هن کي امان ڏني آهي. پر حضرت عمر رضہ مڙيئي نہ. هر هر پيو چوي تہ سائين! موڪل ڏيو تہ سر لاهيانس.

حضرت عباس چيو تہ: عمر رضہ کي چيم تہ تڪڙ ٿو ڪرين جو تنهنجو مائٽ (يعني بني عدي ابن ڪعب) مان ناهي. هي اسان جو مائٽ (عبد مناف مان) آهي. حضرت عمر رضہ فرمايو تہ: منهنجو ڪم اهي اسلام سان. جنهن ڏينهن تو اسلام قبول ڪيو. تون منهنجي پيءُ کان بہ وڌيڪ پيارو آهين. منهنجو مِٽي مائٽي سان واسطو ئي ڪونهي. اتي حضور صلي الله عليہ وسلم جن حضرت عباس کي فرمايو تہ هينئر ابوسفيان کي ونڊي وڃ. صبح جو اسان وٽ پيش ڪجانءِ.

صبح جو حضرت عباس رضہ وري ابوسفيان کي ونڊي اچي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ڪيو. حضور صلي الله عليہ

وسلم جن ابوسفيان کي چيو تہ: توکي حيف هجي اجا بہ تون الله تعاليٰ کي وَحدَه لآشَرِيک لَہ ڪري نٿو مڃين! ابوسفيان جواب ڏنو تہ توتان ماءُ ۽ پيءُ قربان ڪريان. تون ڏاڍو بردبار، مهربان ۽ مِٺي مائٽي جو لحاظ ڪندڙ آهين. جيڪڏهن برابر الله تعاليٰ کانسواءِ ڪو ٻيو اسان جو ٻرجهلو هجي ها تہ هن حال ۾ ضرور اسان جي مدد ڪري ها. پر ڪوبہ ڪونهي تنهنڪري يقين ٿيم تہ الله تعاليٰ وحده لاشريک لہ آهي.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن وري فرمايو تہ: حيف اٿئي جو تون ايجان مون کي الله تعاليٰ جو رسول ڪري نٿو مڃين؟ ابوسفيان ساڳيا لفظ دهرائيندي چيو تہ: اجا تائين منهنجي دل ۾ شڪ آهي، تنهن تي حضرت عباس رضہ دڙڪو ڏئي چيس تہ چئو:

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ

پوءِ ابوسفيان ڪلمون شهادت جو پڙهي مسلمان ٿيو. ان بعد حضرت عباس عرض ڪيو تہ: سائين! ابوسفيان وڏائي پسند آهي، هن لاءِ ڪو خاص حڪم فرمايو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: جيڪو ابوسفيان جي گهر پناهہ وٺنو ان کي اسان پناهہ ڏني ۽ جيڪو ڪعبت الله جي حرم ۾ پناهہ وٺندو ان کي بہ اسان پناهہ ڏني.

ان بعد حضور صلي الله عليہ وسلم جن حضرت عباس رضہ کي فرمايو تہ: جنهن گهَٽ مان اسلامي لشڪر لنگهندو، اتي ڪنهن اوچتي هنڌ تي ابوسفيان کي وڃي ٻيهار تہ مسلمانن جو تعداد ڏيڍو ۽ شان شوڪت ڏسي. حضرت عباس رضہ ڪيس گهَٽ وٽ وڃي ٻيهاريو. جيڪو بہ جٿو پيو لنگهي تہ ابوسفيان پُڇي تہ: هي ڪهڙو قبيلو آهي؟ حضرت عباس رضہ ڪيس ٻڌائيندو پيو وڃي. لشڪر جو تعداد ۽ شان شوڪت ڏسي حيرت وٺي ويس. جڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي انصارن ۽

مهاجرن سان ڏنائين تہ پُڇا ڪيائين تہ: هي وڏي شان وارو جٿو ڪنهن جو آهي؟ حضرت عباس رضہ چيو تہ: هي حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم ج جٿو انصارن ۽ مهاجرن غازين مجاهدن جو آهي. ابوسفيان عبرت ۾ پئجي ويو ۽ چيائين تہ: ادا ابوالفضل! تنهنجي پائٽي جي حڪومت وڏي ويئي. حضرت عباس رضہ چيس تہ: نياڳا! چئو تہ نبوت جي ترقي ٿي ويئي.

خالد بن وليد، ابوسفيان کي ڏسي پنهنجي جماعت ۽ جٿي مان ٽي ڀيرا تڪبير جو نعرو هنيو. ابوسفيان جي دل ڪنبي رهي هئي. خالد جي پويان زبير بن العوام پندرهن سئو بهادرن سان لنگهيو. جنهن بہ تڪبير جا نعرا بلند ڪيا. ابوسفيان چيو تہ: اڄ تائين اهڙو لشڪر اکين سان ڪونہ ڏٺو اٿم. ائين پئي چيائين تہ حضرت سعد بن عباده، جنهن جي هٿ ۾ جهنڊو اوس ۽ خزرج انصارن جو جهنڊو هو ڏام ڏوم سان اچي لنگهيو ۽ ابوسفيان کي ڏسي چيائين: اي مجاهدو! اڄ قتل ۽ غارت جو ڏينهن آهي. اڄ احد جنگ جو بدلو هت وٺنداسين. اڄ اسان کي حرم پاڪ جي حرمت جو لحاظ ناهي رکڻو. اهو ٻُڌي ابوسفيان، حضرت عباس رضہ کي چيو: لَہُ اليَومُ ضِدُ الهَلاَکُ (هن کي اڄ وڏو ضد آهي، اسان جي قوم لاءِ وڏي هلاڪي آهي).

ابوسفيان، حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دربار ۾ وڃي عرض ڪيم تہ: سعد کي وڏو ضد آهي ۽ چوي ٿو تہ اڄ تنهنجي قوم مارجي ويندي. هاڻي پنهنجي قوم ۽ عزيزن تي رحم فرمائي کين قتل غارت کان بچايو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: سعد اهو سخن سهو کان چيو آهي. اسان کيس اهڙو حڪم نہ ڏنو آهي. حضرت عثمان رضہ ۽ عبدالرحمان بن عوف رضہ پڻ عرض ڪيو تہ سعد کان اسان کي بہ ڊپ آهي تہ متان قريشن تي حملو ڪري کين نقصان هيٺ آڻي. تنهن تي حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: سعد جي پٺ قيس کي چئو تہ پنهنجي

پيءُ کان جھنڊو ونڻي. ڪِن جو چوڻ آھي تہ حضرت علي رضہ کي فرمايائون تہ سعد جو جھنڊو تون ويڃي سنيال.

حضرت عباس رضہ، ابوسفيان کي چيو تہ: تون ھاڻي ويڃ ۽ اڳ ۾ وڃي مڪي وارن کي ٻُڌاءِ تہ اڄي امان ونڻ، متان مارجي وڃن. ڪين اھو حڪم بہ ٻُڌائج تہ جيڪو ابوسفيان جي گھر ۾ آيو ان کي امان آھي ۽ جيڪو گھر ۾ در بند ڪري ويھي رھي ان کي بہ امان ۽ جيڪو بيت الله مسجد الحرام ۾ داخل ٿيو ان کي بہ امان آھي. ابوسفيان تڪڙو تڪڙو مڪي ۾ پھچي ويو. اڃا مڪي وارن کي ڪابہ خبر مانہ ھئي. تنھنڪري گڏ ٿي ڪائنس حال احوال پڇڻ لڳا. ابوسفيان چيو تہ: محمد صلي الله عليہ وسلم وڏي لشڪر سان اڄي پيو، جنھن سان مقابلو مشڪل آھي. جيڪو منھنجي گھر ايندو تنھن کي امان آھي ۽ جيڪو پنھنجي گھر ۾ ويھي در بند ڪري ڇڏيندو ان کي بہ امان آھي ۽ جيڪو مسجد الحرام ۾ وڃي پناھہ ونڊندو اھو بہ امان ۾ رھندو. ھنن چيو تہ: ڪھڙي نہ وحشتناڪ خبر آندي اٿئي! شايد تون بہ مسلمان ٿي پيو آھين! اتي سندس زال 'ھندہ' اٿي ڏاڙھيءَ ۾ ھٿ وجھي مارڻ لڳس ۽ مائٽن کي چوڻ لڳي تہ: ھن پوڙھي احمق کي اڃا وينا ڏسو، قتل نٿا ڪريوس!

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو لشڪر بہ ھلندي اڄي ذي طويٰ ۾ پھتو. لشڪر جو معائنو ڪيائون تہ کين ھجرت وارو اھو ڏينھن ياد آيو، جنھن ڏينھن انھيءَ ساڻيءَ جاءِ تي بي يارو مددگار ھئا، فقط حضرت ابابڪر صديق رضہ ھڪ رفيق ھو. اڄ ساڻيو ھنڊ آھي جو ڏھن ھزار بھادرن جو لشڪر ساڻ ھئن. ھو خيال ايندي سواريءَ تي ئي سر مبارڪ سجدي ۾ رکيائون ۽ الله تعاليٰ جو شڪرانو بجاءِ آندائون. پوءِ حڪم فرمايائون تہ: حضرت زبير رضہ مھاجرن جي لشڪر سان مڪي جي مٿان گھيرو ڪري،

پنهنجي گهر جي آڏو جهنڊو کوڙي، اڳتي نه وڌي جيسين کيس ٻيو حڪم نه پهچي. حضرت خالد بن وليد پنهنجي فوج 'اسلم' ۽ 'غفار' قبيلن سان مڪي جي هينان گهيرو ڪري ۽ پنهنجو جهنڊو مڪي جي محلاتن جي سامهون کوڙي ڇڏي. حضرت عبيده بن الجراح کي حڪم فرمايائون ته: بنان هٿيارن، پيادو لشڪر وٺي، وادئ جي تري مان هلي مڪي کي گهيرو ڪر. ان بعد پاڻ سڳوارن به پنهنجي خاص خاص بهادرن ۽ صلاحڪارن سان سيني جي پويان روانا ٿيا ۽ سيني کي هدايتون ڪيائون ته: توهان مان ڪوبه اڳرائي ڪري مڪي جي ماڻهن سان جنگ نه ڪري، تيستائين اهي خود جنگ نه ڪن.

عڪرمہ بن ابوجهل ۽ صوفان بن اميہ ۽ سهيل بن عمرو پنهنجي لشڪر بنو بڪر ۽ بنو حارث سان گڏجي، خالد بن وليد جي مقابلي لاءِ آيا. جنگ ۾ دشمن جا اناويهہ ماڻهو قتل ٿي ويا. جيئن بنو خزاعہ جي ويهن ماڻهن کي قتل ڪيو هئاون. جن جي ڪري حضور صلي الله عليہ وسلم جن مڪي تي چڙهائي ڪئي هئي. بو بڪر جا به ويهہ ماڻهو قتل ٿي ويا ۽ اٺ ماڻهو ٻيا به مڪي وارن جا قتل ٿيا. خالد بن وليد جي لشڪر مان فقط ٻہ ڄڻا شهيد ٿيا، هڪ جيش ابن الشعر ۽ ٻيو ڪرز بن جابر.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي خبر پئي ته خالد بن وليد مڪي وارن تي تلوار هلائي آهي، تڏهن هڪڙي اصحابي کي موڪليائون ته خالد کي چئو ته اَرفَعَ عَنهُم اَلسَّيفَ (مڪي وارن کان تلوار روڪ). پر هن وڃي چيو ته: حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمائين ٿا ته: ضَع فِيهِم اَلسَّيفَ (مڪي وارن ۾ تلوار وجهہ کين قتل ڪر). خالد بن وليد ستا ڄڻا قتل ڪري بيٺو ته حضور صلي الله عليہ وسلم جو فرمان ڏوراپي سان پهتس ته: اسان توکي منع ڪئي ته به نہ مڙئين ۽ قتل شروع ڪري ڏنئي! خالد عرض ڪيو

تہ: مون اوهان جي حڪم جي تعميل ڪئي آهي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن ساڳئي ماڻهوءَ کي گهرائي چيو تہ: مان توکي حڪم ڏنو تہ خالد کي چئو تہ تلوار بند ڪري، پر تو هن کي تلوار هلائڻ جو وڃي چيو. ھُ عرض ڪيو تہ: توهان جو حڪم ڪٽي نڪتس تہ اڳيان هڪ شخص ڏٺم جنهن جا پير زمين تي هئا پر سندس سَر آسمان تي هو. تنهن منهنجي سيني کي ڏڪ هڻي چيو تہ خالد کي چئو تہ تلوار هلائي نہ تہ هن تلوار سان قتل ڪندوسانءِ. پوءِ لاچار ڊڄي خالد کي اهو حڪم پهچائيم. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: صَدَقَ اللّٰهُ وَ صَدَقَ رَسُولُہ (الله ۽ سندس رسول سچا آهن). احد جي جنگ ۾ منهنجو چاچو حضرت حمزو رضہ شهيد ٿيو هو تہ مون وعدو ڪيو هو تہ جيڪڏهن قريشن جي فتح حاصل ڪيم تہ ستر ڀڻا قتل ڪندس. ان وقت مون کي منع ٿي. پر الله تعاليٰ پنهنجي رسول جو قول پورو ڪيو. مسلمانن جو ڊيڊيو ڏسي مشرڪ وڻي ٻڌا. ڪي جبلن ڏي، ڪي ڪاڏي تہ ڪي ڪاڏي. تڏهن ابوسفيان رڙ ڪري چين تہ: ڇوڪا پاڻ کي ڪُهايو! يا مهنجي گهر اچو يا پنهنجي گهرن ۾ هٿيار ڦٽا ڪري در بند ڪري ويهي رهو. يا مسجد الحرام ۾ وڃي پناهہ وٺو. مشرڪن آخر تائين ائين ڪري پنهنجي جان بچائي.

ان بعد حضور صلي الله عليہ وسلم جن پنهنجو طنبو حجون جي جاءِ تي کوڙيو ۽ اتي غسل ڪيو. بيبي اُم هاني بنت ابوطالب چوي ٿي تہ: حضور صلي الله عليہ وسلم جن مڪي جي مٿئين پاسي منزل ڪئي. منهنجي ڏيرن مان ٻہ ڀڻا پڃي اچي منهنجي گهر ۾ لڪا، جيڪي قبيلي بني مخزوم مان هئا (بيبي صاحبہ اڳ ۾ هبيره بن وهب المخزومي جي گهر ۾ هئي). حضرت علي رضہ ٻہ اچي نڪتو ۽ چيائين تہ: مان انهن ٻنهي مڙسن کي قتل ڪندس. مون کيس روڪيو ۽ گهر جا دروازا بند ڪري حضور صلي الله

عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ ويس. پاڻ ان وقت هڪ ڪونار ۾، جنهن ۾ اتي جو نشان هو غسل پئي ڪيائون. بيبي فاطمہ الزهرا کين ڪپڑي جي اوٽ ڪيو بيني هئي. پاڻ غسل ڪري ڪپڑي سان لڳ مبارڪ اگهي، اَٺ رڪعتون نماز ضحيٰ جون پڑهي، مون ڏي متوجهہ ٿيا ۽ ڪيڪار ڪيائون تہ: مَرحَبَا وَ اَهلاً يَا اُم هآنِي. مون ٻنهي ڏيرن جي ڳالهہ ۽ حضرت علي رضہ جي ڳالهہ ڪري ٻڌائي. پاڻ فرمايائون تہ: جنهن کي تو پاڻ پناهہ ڏني، تنهن کي اسان بہ پناهہ ڏني. انهن ٻنهي ماڻهن مان هڪ حرث بن هشام ۽ ٻيو زهير بن اُميہ بن المغيره هئا.

ان بعد حضور صلي الله عليہ وسلم جن زره ڏڪي، خود (لوهو ٽوپ) سِر تي رکي طنبو مان ٻاهر نڪا ۽ پنهنجي اُٺ تي سُوار ٿي، مسجد الحرام ڏي روانا ٿيا. حضرت ابابڪر صديق رضہ سڄي طرف کان ۽ اسيد بن الحضير کٻي پاسي کان، بلال بن رياح ۽ عثمان بن طلحہ پويان، محمد بن مسلمہ ڏاڇي جو اڳ وٺي بيت الله شريف ڏي هليا. پاڻ سڳورا آهستي سورت اِنّا فَتَحنَا چوندا، سواءِ احرام جي مسجد الحرام ۾ داخل ٿيا. حجر الاسود کي پنهنجي عصا سان چميائون. الله اڪبر جي تڪبير چيائون تہ سڀني مسلمانن تڪبير هنئي. جنهنڪري ڪافرن جي دلين ۾ ڏڪڻي پئجي ويئي. طواف پورو ڪري، ڏاڇيءَ تان لهي، بيت الله ۾ داخل ٿيا ۽ بيت الله کي بُتن کان پاڪ صاف ڪيائون.

انهيءَ اجمال جو تفصيل هن طرح آهي تہ عثمان بن طلحہ ڪعبت الله جو ڪنجي بردار هو. ان کان ڪنجي گهرياٿون، مگر هن چيو تہ: ڪنجي ماءُ سلامہ بنت سعد جي هٿ ۾ آهي، جنهن جا ٻئي پُٽ جنگ احد ۾ مارجي ويا آهن. تنهن تي حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڪنجي وٺي اچڻ لاءِ حضرت بلال رضہ کي عثمان بن طلحہ سان گڏ موڪليو. پر هن

ڪنجي ڏيڻ کان نٽائي دير پئي ڪئي، تنهنڪري حضور صلي الله عليہ وسلم جن انهن جي پويان وري حضرت ابابڪر صديق رضہ ءِ حضرت عمر رضہ کي موڪليو. لاچار ٿي سلافہ ڪنجي پنهنجي پُٽ عثمان بن طلحہ کي ڏني، جنهن اچي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي حوالي ڪئي. اِتي حضرت عباس رضہ اُٿي حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي عرض ڪيو تہ: جيئن زمزم جي پاڻي پيارڻ جو شرف اسان کي ڏنو اٿوَ تيئن ڪعبت الله جي ڪنجي بہ منهنجي حوالي ڪريو. اتي آيت نازل ٿي: اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُكُم اَن تُؤدُّو الاَمَانَاتِ اِليٰ اَهلِهَا (الله تعاليٰ حڪم ٿو فرمائي تہ امانتون پنهنجي ملڪن کي ادا ڪري ڏيو). حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڪعبت الله جو دروازو کولائي، ڪنجي وري بہ عثمان بن طلحہ جي حوالي ڪئي، جنهن وري پنهنجي ياءُ شيبہ کي ڏني، جا اڃ تائين سندس اولاد جي هٿ ۾ آهي.

ڪعبت الله ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن سان گڏ حضرت بلال رضہ حضرت اُمامہ بن زيد ءِ عثمان بن طلحہ پڻ داخل ٿيا. پوءِ حڪم فرمايائون تہ: دروازو بند ڪريو تہ ماڻهن جو انبوهہ نہ ٿئي. ان بعد ڪعبت الله ۾ اندر نماز پڙهڻ ڪانپوءِ ڪعبت الله ۾ رکيل ٽي سئو ست (360) بُتن مان هرهڪ کي عصا هڻي چوندا ويا تہ:

وَقُلْ جَآءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ ۭ اِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوْقًا

يعني: (اي پيغمبر!) چئو تہ سچ آيو ءِ ڪوڙ ڀڳو. ڇو تہ ڪوڙ ڇندڙ آهي.

تہ بُت منهن ڀر ڪِرندا ڇڄي پورا ٿيندا ويا. مگر بہ-ٽي وڏا بُت رهجي ويا، جي تمام مٿي رکيل ها ءِ جن تي عصا نہ پئي پهتي. تڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن حضرت علي رضہ ڏي نهاريو. حضرت علي رضہ عرض ڪيو تہ: منهنجي ڪلهي تي پير رکي، بُتن کي ڌاهيو. مگر پاڻ سڳوارن فرمايو تہ: تون منهنجي ڪلهي تي چڙهہ. حضرت علي رضہ عرض ڪيو تہ: گستاخي

ٿيندي. پاڻ فرمايائون تہ: امر ادب کان وڌيڪ آهي. تون منهنجي ڪلهي تي چڙهي بُت ڌاهہ! حضرت علي رضہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي ڪلهي مبارڪ تي چڙهي چيو تہ: يا رسول الله! منهنجو مٿو عرض جي ٿنيي مٿان ٿو گسي، جنهن بہ شئي کي هٿو ٿو وجهان سا منهنجي قبضي ۾ اچي ٿي وڃي. ائي چئي 'هبل' جو وڏو بُت پَٽ تي ڪيرائي وڌائين، جو ٽُڪر ٽُڪر ٿي ويو.

پوءِ حضرت زبير بن العوام ابوسفيان کي خطاب ڪندي چيو تہ: احد جي جنگ ۾ 'هبل' تي ناز پئي ڪيئي، اڄ هي اٿئي هبل. ابوسفيان چيو تہ: يار ملامت نہ ڪر. جيڪڏهن هبل ۾ طاقت هجي ها تہ اسان جو هي حال نہ ٿئي ها. پر اهو 'هبل' رڳو ٿلهو ٽڪر هئو اسان ڀليل هئاسين. حضرت ابراهيم عليہ السلام ۽ حضرت اسماعيل عليہ السلام جون صورتون هيون جن جي اڳيان ڳوٽون فالن جون رکيل هيون. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: قَاتَلَهُمُ اللهِ (خدا جي لعنت هجي). هنن پيغمبرن تہ فالون ڪونہ وڌيون هيون. پوءِ زعفران جو پاڻي گهرائي اهي صورتون محو ڪيائون.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڪعبت الله جي چائنٽ تي بينا هئا تہ قريشن جا وڏا وڏا اڪابر اچي سامهون بينا. پاڻ سڳورا فرمائڻ لڳا: لَااِلٰہَ اِلَّاللّٰہُ وَحدَہ لَاشَرِيکَ لَہ صَدَقَ وَعدَہ وَنَصَرَ عَبدَہ وَاَعزَّ جُندَہ وَهَزَمَ الاَحزَابِ وَحدَہ پوءِ قريشن کي خطاب ڪندي فرمايائون تہ: مَاذَا تَقُولُونَ وَمَاذَاتَظُنُونَ (چا ٿا چئو ۽ ڪهڙو گمان اٿوَ). هُنن چيو تہ: نَقُولُ خَيرَا وَنَظُنٌ خيرَا (اسان چڱو ٿا چئون ۽ تو ۾ چڱو گمان ٿا رکون). : اَخُ کَرِيمُ اِبنِ اَخُ الکَرِيمِ وَقَد قَدُرَتَ (تون مهربان پاءُ جو پٽ آهين، تون اسان تي سگهارو ٿي آيو آهين). پاڻ

فرمايائون تہ: توهان يوسف عليہ السلام جي پائرن جهڙو جواب ڏنو آهي، تنهنڪري آءٌ بہ يوسف عليہ السلام جهڙو جواب ڏيندس تہ:

قَالَ لَا تَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ ۭ يَغْفِرُ اللّٰهُ لَكُمْ ۡ وَهُوَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ۝۹۲

يعني: توهان تي ڪابہ ميار جث ڦٽ ڪانہ آهي، توهان کي الله تعاليٰ معاف ڪندو هو ارحم الراحمين آهي (القرآن 92:12). اِذهَبُو فَاَنتُم طُلَقَآءُ (توهان آزاد آهيو هليا وڃو). پوءِ نهايت بلاغت سان خطبو ڏنائون يعني وعظ فرمايائون تہ: جاهليت جون رسمون اجايون آهن. فخر ءِ وڏائي اجائي آهي. سيئي آدم عليہ السلام جا اولاد آهيون. اَنَّ اَکرمَکُم عِندَاللهِ اَتقيٰ کُم (الله تعاليٰ وٽ عزت انهيءَ جي آهي جو الله تعاليٰ کان وڌيڪ ڊڄي ٿو).

پنپهرن جي نماز جو وقت آيو تہ حضرت بلال رضہ کي حڪم فرمايائون تہ: ڪعبت الله جي ڇت تي چڙهي بانگ ڏي. ڪن ماڻهن بانگ جي لاءِ گستاخي جا الفاظ چيا، جن کي پاڻ سڳورن گهرائي چيو تہ: توهان هي الفاظ اسان جي شان ۾ پرپُٹ چيا. هو قبولدار ٿيا ءِ پشيمان ٿي معافي گهريائون. انهن مان 'الحرث' ءِ 'عتاب' چيو هو تہ: نَشهَدُ اِنّکَ رَسُولُ اللهُ (اسان شاهدي ٿا ڏيون تہ تون برابر الله تعاليٰ جو رسول آهين).

حضرت ابوبڪر صديق رضہ پنهنجي پوڙهي پيءُ ابوقحافہ کي هٿ کان وٺي حضور صلي الله عليہ وسلم جن وٽ آيو. پاڻ فرمايائون تہ: ڇو هن پِير مرد کي تڪليف ڏنئي. مان پاڻ وٽس اچان ها! پوءِ پاڻ سڳورن کيس پنهنجي آڏو ويهاري، سندس سِيني تي هٿ مبارڪ گهمايا. هُن اسلام آندو. ابو قحافہ جا وار اڇا هئا. پاڻ سڳورن فرمايو تہ: هن جي وارن کي اڇائي کان ڦيرائي ڪو رنگ ڏيو.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن مڪي وارن لاءِ عام معافي ۽ احسان جو حڪم جاري ڪيو. مگر يارهن مردن ۽ ڇهن زالن لاءِ ڇيائون تہ: جتي بہ ڏسو اتي قتل ڪريون. اگرچہ بيت الله جي غِلاف هيٺان هجن (انهن جو بيان اڳتي ايندو.

مڪي وارن سان حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي اها مهرباني ۽ معافي ڏسي، مديني جي انصارن کي خيال ٿيو تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن شايد مڪي معظمہ ۾ ترسي پون، جو پنهنجو وطن اٽن ۽ اسان ڏاڙڪا ٿي موڻي ويون. ايتري ۾ جبرئيل عليہ السلام آيو جنهن انصارن جي سموري گفتگو کين ٻُڌائي. حضور صلي الله عليہ وسلم انصارن کي گهرائي کانئن تصديق ڪئي ۽ ڇيائون تہ: مون توهان سان جيڪو وعدو ڪيو آهي تہ منهنجو مرڻ جيئڻ توهان سان هوندو. اهو ساڳيو وعدو قائم آهي. مون مڪي وارن سان جيڪا مهرباني ڪئي آهي، سا هن ڪري تہ مون کي الله تعاليٰ رَحمتُ لِلعَالَمِين جو خطاب عطا ڪيو آهي تنهنڪري رحم ڪرڻ منهنجو ڪم آهي.

يارهن مر دن ۽ ڇهن عورتن کي قتل ڪرڻ جو حڪم: جن يارهن مردن ۽ ڇهن عورتن لاءِ قتل جو حڪم ڏنل هو، تن جا ڏوهہ بہ وڏا هئا. انهن جو تفصيل هن طرح آهي. انهن يارن مان هڪ عبدالعزيٰ بن حنظلہ هو، جيڪو فتح مڪي کان اڳ مديني ۾ وڃي مسلمان ٿيو هو ۽ سندس نالو عبدالله رکيائون. حضور رَحمتُ لِلعالمِين جن کيس هڪ خزاعي مرد سان گڏ عربي قبيلن ڏي زڪوات وٺڻ لاءِ موڪليو هو. هڪ ڏينهن پنهنجي ساٿي خزاعي کي چيائين تہ مان سمهي ٿو پوان، تون ماني تيار ڪري رکجانءِ. خزاعي کي بہ ننڊ اچي ويئي. هي جو اُٿيو تہ ڏٺائين تہ ماني نهيل ڪانهي، سو هن کي قتل ڪري، مرتد ٿي مڪي موڻي هليو ويو. فتح مڪي جي ڏينهن هو وڃي

بيت الله جي غلاف ۾ لِڪو پر حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي فرمان موجب برد ئي اسلمي ڪيس قتل ڪري ڇڏيو.

ٻيو شخص حضرت عثمان رضہ جو ٽڇ شري پاءُ، عبدالله بن سعد بن ابي السرح هو جيڪو پڻ مديني ۾ وڃي مسلمان ٿيو هو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن متس وحي جي لکڻ جو ڪم رکيو هو. هن خيانت ڪري قرآن ۾ وحي جي بجاءِ پنهنجون ڳالهيون لکيون. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي سندس انهيءَ خيانت جي خبر پئي تہ هو ڊپ کان ڀڄي مڪي ۾ آيو. فتح مڪي جي ڏينهن حضرت عثمان رضہ سندس حق ۾ گهڻي سفارش ڪئي، مگر قبول نہ پئي، آخر حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو سر مبارڪ پاڪ ۾ جهلي عرض ڪري معافي ونڻي ڏنائونس. هن وري اسلام آندو. مگر شڪي رهندو هو. تنهنڪري حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ اسلام اڳيان ڏوهہ ميٽي ڇڏيندو آهي.

ٽيون شخص هو عڪرمہ بن ابوجهل، جنهن جي ايذاءُ ۽ دشمنيون حد کان ٻاهر هيون. فتح مڪي جي ڏينهن هڪ صحابي کي شهيد ڪيائين. وري جڏهن ٻُڌائين تہ مون کي معافي ڪانہ ملندي، سو يمن طرف ڀڄي ويو. سندس زال اُم حڪيم مسلمان ٿي هئي، تنهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي عرض ڪيو تہ: عڪرمہ کي معافي ڏيو تہ ڪيس ونڻي اڇي پيش ڪريان. پاڻ سڳورن معافي ڏنس. سندس زال وڃي ڳولي لڌس ۽ ڇيائينس تہ: ساري مخلوقات کان وڏيڪ جيڪو ڪريم ۽ رحيم آهي تنهن توکي معافي ڏني آهي، موٽي هل. ڇيائين تہ: مون کي پڪ نٿي ٿئي تہ منهنجي ايڏن ظلمن تي معافي ملندي. پر زال جي يقين ڏيارڻ تي مڪي ڏانهن موٽيو. هوڏانهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن اصحابن کي فرمايو تہ: عڪرمہ مسلمان ٿي آيو آهي. سندس پيءُ ابوجهل کي گهٽ وڌ نہ ڳالهائجو. متان

کيس رنج ٿئي. عڪرمہ جڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي آڏو آيو تڏهن چيائين تہ:

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ

وڏيڪ عرض ڪيائين تہ: ڪيل گناهن جي معافي ڏيو ۽ دعا ڪريو تہ اسلام تان قربان ٿي شهيد ٿيان. حضور صلي الله عليہ وسلم کيس معافي ڏئي دعا گهُري، جو هو 'غزوه اجنا دين' ۾ شهيد ٿيو.

چوٿون شخص حويرث بن تقيد هو جيڪو هميشہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي هَجو ۾ شعر چوندو هو. هن جڏهن پنهنجي قتل جو حڪم ٻُڌو، تڏهن پنهنجي گهر ۾ در بند ڪري ويهي رهيو. حضرت علي رضہ سندس ڳولا ۾ نڪتو. هو هڪڙي گهر مان نڪري ٻئي گهر ۾ ويو تہ حضرت علي رضہ جي ور چڙهي ويو. جنهن کيس قتل ڪري ڇڏيو.

پنجون شخص مفيس بن جنابہ هو. سندس ڏوهہ هي هو جو ياٽس هشام بن جنابہ مديني ۾ اچي مسلمان ٿيو هو. عزوه مريسيع ۾ هڪڙي انصاري بني عمرو بن عوف گمان ڪيو تہ هشام مشرڪ آهي، تنهنڪري هن کي قتل ڪري ڇڏيائين. مفيس مديني ۾ آيو ۽ ياءُ جي خون جي خلب ڪيائين. حضور صلي الله عليہ وسلم جن قتل ڪري مڪي ڏڃي ويو ۽ مرتد ٿيو. فتح مڪي جي ڏينهن شراب پِي، مست ٿيو وينو هو تہ عبدالله کي خبر پئي، جنهن وڃي قتل ڪيس.

ڇهون شخص هيان بن الاسود هو، جنهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي نياٽي بيبي زينب رضہ کي تير هنيو هو. بيبي زينب، مڪي معظمہ مان مديني منوره ڏانهن ٻئي آئي، اُٺ جي ڪجائي ۾ سوار هئي ۽ مهار حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي غلام ابو رافع جي هٿ ۾ هئي. هيان بن الاسود رستي ۾ لڪي تير هنيو، جنهنڪري بيبي صاحبہ ڪجائي تان

ڪِري پيئي ۽ انهيءَ صدمي سبب سندس وفات ٿي. فتح مڪي جي ڏينهن هيان پڇي ويو هو. بعد ۾ جڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن مديني موٽي آيا تہ هي بہ اچي پيش پيو ۽ معافي گهريائين. حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڪيس معافي ڏني ۽ هو مسلمان ٿيو.

ستون شخص صفوان بن اميہ هو جنهن دشمني مان ڪو نہ گهٽايو. فتح مڪي جي ڏينهن بہ لڙائي ڪيائين. وڏو رئيس هو. جڏهن ٻُڌائين تہ ڪيس قتل ڪرڻ جو حڪم آهي، تڏهن يمن ڏي وڃي پڳو تہ جي امن ملي تہ واهہ نہ تہ درياءَ ۾ ٻُڏي مرندو. عمرو بن وهب جمحي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دربار ۾ التجا ڪئي تہ صفوان کي معافي ڏيو. هو وڏو رئيس آهي. دربدر ٿي مري ويندو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڪيس معافي ڏني. عمرو عرض ڪيو تہ توهان جي نشاني ڪانسواءِ هو ڪونہ موٽندو. جو سندس ڏوهہ گناهہ تمام گهٽا آهن. حضور صلي الله عليہ وسلم جن پنهنجي چادر مبارڪ، ڪن جو چوڙ آهي تہ پنهنجي دستار مبارڪ جنهن سان مڪي جي فتح وقت داخل ٿيل هئا، سا نشاني طور موڪلي. صفوان کي جڏهن عمر بن وهب وڃي معافي جو ٻڌايو. تڏهن عجب ۾ پئجي ويو ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دربار ۾ پيش ٿي چيائين تہ: عمرو ٿو چوي تہ توکي حضور صلي الله عليہ وسلم جن معافي ڏني آهي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: عمرو سچ ٿو چوي. تڏهن چيائين تہ: مون کي بہ مهينا مهلت ڏيو تہ ويچار ڪريان. پاڻ فرمايائون تہ: توکي چار مهينا موڪل اهي. صفوان مشرڪ هوندي بہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن سان غزوه حنين ۽ طائف ۾ شريڪ هو. انهن لڙاين ۾ گهڻو ئي مال ۽ اُنٺ جا ڌڻ هٿ آيا هئا. صفوان انهن ڏي پيو نهاري، تڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم

جن فرمايس تہ: اهي سيئي تنهنجا آهن، ڪاهي وڃ. آخر حضور صلي الله عليہ وسلم جن جون مهربانيون ڏسي مسلمان ٿيو.

اٿون شخص حارث بن طلحہ هو جنهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي تمام گهٽيون تڪليفون ڏينون هيون. فتح مڪي ۾ حضرت علي رضہ کيس قتل ڪري ڇڏيو.

نائون ڪعب بن زهير هو جيڪو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي شان ۾ تمام گستاخانہ الفاظ ڳالهائيندو ۽ هَجَوَ ڪندو هو. انهيءَ جي پٺ قتل جو حڪم هو. سندس ڀاءُ بحير بن زهير اچي مسلمان ٿيو ۽ ڪعب لاءِ بہ معافي گهرايائين. پوءِ هو بہ اچي مسلمان ٿيو ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم جن معافي ڏنيس.

ڏهون شخص حضرت امير حمزہ جو وحشي قاتل هو. هو پڄي طائف ڏي هليو ويو هو. جڏهن طائف جا ماڻهو حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڏي وفد ڪري آيا تہ هي بہ انهن سان گڏجي آيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کانئس مُنهن مبارڪ پري ڪيو. هن عرض ڪيو تہ: جيڪڏهن آءٌ مسلمان ٿيان تہ منهنجي لاءِ بخشش آهي؟ حضور صلي الله عليہ وسلم جن آيت پڙهي:

إِنَّ ٱللَّهَ لَا يَغۡفِرُ أَن يُشۡرَكَ بِهِۦ وَيَغۡفِرُ مَا دُونَ ذَٰلِكَ لِمَن يَشَآءُۚ وَمَن يُشۡرِكۡ بِٱللَّهِ فَقَدۡ ضَلَّ ضَلَٰلَۢا بَعِيدًا ﴿١١٦﴾

ترجمو: بيشڪ الله هيءُ (ڏوهہ) نہ بخشيندو جو (ڪنهن کي) ساڻس شريڪ ڪيو ويجي ۽ ان کانسواءِ (ٻيا گناهہ) جنهن لاءِ گهرندو تنهن کي بخشيندو ۽ جيڪو الله سان (ڪنهن کي) شريڪ ٻڌائيندو سو بيشڪ وڏي، پل ۾ پُليو (القرآن 116:4). وحشي چيو تہ: هن ۾ آهي تہ جي گهُري. خبر ناهي تہ

منهنجي بخشش گهرندو يا نہ؟ حضور صلي الله عليہ وسلم جن وري ٻي آيت تلاوت ڪئي:

﴿ قُلْ يَٰعِبَادِيَ ٱلَّذِينَ أَسْرَفُوا۟ عَلَىٰٓ أَنفُسِهِمْ لَا تَقْنَطُوا۟ مِن رَّحْمَةِ ٱللَّهِ ۚ إِنَّ ٱللَّهَ يَغْفِرُ ٱلذُّنُوبَ جَمِيعًا ۚ إِنَّهُۥ هُوَ ٱلْغَفُورُ ٱلرَّحِيمُ ﴿٥٣﴾

ترجمو: پر جن توبهہ ڪئي ۽ ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا سي، اُهي آهن جن جون مدايون الله ڦيرائي نيڪيون ڪندو ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي

﴿ قُلْ يَٰعِبَادِيَ ٱلَّذِينَ أَسْرَفُوا۟ عَلَىٰٓ أَنفُسِهِمْ لَا تَقْنَطُوا۟ مِن رَّحْمَةِ ٱللَّهِ ۚ إِنَّ ٱللَّهَ يَغْفِرُ ٱلذُّنُوبَ جَمِيعًا ۚ إِنَّهُۥ هُوَ ٱلْغَفُورُ ٱلرَّحِيمُ ﴿٥٣﴾

(القرآن 70:25). وحشي چيو تہ: ايمان ۽ توبهہ ڪان بعد عمل صالح شرط آهن. الائجي عمل صالح ڪري سگهان يا نہ! تڏهن آيت نازل ٿي:

ترجمو: (منهنجي طرفان انهن کي) چئو تہ، اي منهنجا اُهي ٻانهو جن پاڻ تي ظلم ڪيو! (اوهين) الله جي رحمت کان نااُميد نہ ٿيو، چو تہ الله سڀ گناهہ بخشيندو آهي، بيشڪ اهو ئي بخشڻهار مهربان آهي (القرآن 53:39). ان بعد وحشي چيو:

أَشْهَدُ أَنْ لَّا إِلٰهَ إِلَّا اللّٰهُ وَأَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهُ وَرَسُولُهُ

حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي عهد خلافت ۾ مسيلمت الڪذاب نبوت جي دعويٰ ڪئي هئي. تنهن کي بہ ساڻئي وحشي انهيءَ نيزي سان قتل ڪيو جنهن سان حضرت امير حمزہ رضہ کي شهيد ڪيو هئائين. پوءِ چوڻ لڳو تہ: ڪفر جي حالت ۾ جيڪو تمام پلو انسان هو ان کي قتل

ڪيم ۽ اسلام جي حالت ۾ جيڪو سيني ماڻهن کان بچڻو هو. ان کي به قتل ڪيم.

يارهون شخص عبدالله، زبعري هو. جيڪو شاعر هو ۽ هميشه حضور صلي الله عليه وسلم جن جي شان ۾ هَجَوَ جا شعر چوندو هو. فتح مڪي جي ڏينهن پنهنجي قتل ٿيڻ جو حڪم ٻُڌي، وٺي ڀڳو ۽ نجران ۾ وڃي پهتو. گهڻن ڏينهن کان پوءِ پشيمان ٿي حضور صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ آيو ۽ عرض ڪيائين ته: گناهه ايترا ڪيام اٿم جو معافي جهڙا نه آهن. آءٌ الله تعاليٰ کي وحده لاشريڪ له ۽ توهان کي الله تعاليٰ جو رسول ڪري مڃان ٿو. هاڻي معافي ڏيو يا قتل ڪرايو. حضور صلي الله عليه وسلم جن کيس معافي ڏني ۽ فرمايائون ته: اسلام اڳيان گناهه سڀ ميٽي ٿو ڇڏي.

حضور صلي الله عليه وسلم جن ڇهن عورتن جي قتل جو حڪم فرمايو هو. تن جو تفصيل هن طرح آهي:

پهرين هنده عورت بنت عتبه، ابوسفيان جي زال هئي، جنهن اُحد جي جنگ ۾ حضرت امير حمزه رضه کي وحشي کان قتل ڪرائي سندس جگر چٻاڙيو هو. ٻين شهيدنجا نڪ ۽ چپ ڪپايا هئا. ان جي به قتل جو حڪم جاري ٿيل هو. حضور صلي الله عليه وسلم جڏهن مردن ۽ عورتن کان ايمان جي بيعت پئي ورتي، تڏهن به جيڪي عورتن جا جٿا پئي آيا، تن کي پنهنجي چادر جو پلئو پئي ڏنائون، ته انهي تي هٿ رکي اسلام تي ايمان آڻيو. زنا نه ڪجو. چوري نه ڪجو. شرڪ نه ڪجو ۽ اولاد کي ناحق قتل نه ڪجو. 'هنده' به منهن لڪائي اچي بيعت ڪئي، ۽ ان بعد منهن کولي چيائين ته: آءٌ هنده آهيان. حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته: اسلام آڻڻ ڪري توکي سڀ معاف آهي. هنده چيو ته: اڳ ۾ روءِ زمين ۾ تو جهڙو دشمن ڪونه پائيندي هيس، هاڻي روءِ زمين ۾ توکان وڌيڪ ڪوبه پيارو

ڪونهي، جو تون بيشڪ رَحمَتَ لِلعَالَمِين آهين، نہ تہ اسان جا ڏوهہ معافي جهڙا نہ هئا.

ٻيون بہ عورتون جن جي قتل جو حڪم جاري ڪيل هو سي هيون قريبہ ۽ ٻي تريبہ. آهي ٻئي ابن الحنظل جون ٻانهيون هيون، جيڪي هميشہ حضور صلي الله عليہ وسلم جي هَجَوَ ڪنديون هيون. تيبہ قتل ڪئي ويئي ۽ قريبہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ اچي مسلمان ٿي ۽ معافي مليس.

چوٿين عورت بہ ابن الحنظل جي ٻانهي هئي، اها بہ قتل ڪئي ويئي.

پنجين عورت ساران نالي عبدالمطلب جي ٻانهي هئي، جنهن حاطب جو خط ڪنيو هو، اها مرتده ٿي مڪي آئي ۽ قتل ٿي ويئي.

ڇهين اُم سعد هئي، اها بہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي ايذائيندڙ هئي، اها بہ قتل ڪئي ويئي.

مڪي معظم جي حرمت جو اعلان: فتح مڪي جي ٻئي ڏينهن هذيل قبيلي جو جندب الاربع نالي هڪ شخص مڪي ۾ آيو. جنهن بو ڪعب قبيلي جي هڪ شخص خراص بن اميہ کي تلوار پيٽ ۾ هڻي ماري ڇڏيو. اها خبر جڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي پئي، تڏهن 'صفا' جبل تي چڙهي وعظ فرمايائون، جو نهايت فصيح ۽ بليغ هو. فرمايائون تہ: الله تعاليٰ جڏهن کان زمين آسمان پيدا ڪيا آهن، قيامت تائين مڪي معظم ۾ خون ڪرڻ، ڪنهن جي بيعزتي ڪرڻ، يا ڪنهن شئي کي شڪار ڪرڻ جائز ناهي. ڪنهن بہ مسلمان کي جائز ناهي جو مڪي جو وڻ وني يا گاهہ ڪپي. فقط هڪ گهڙي منهنجي لاءِ اجازت ملي، جو قريشن جا بدمعاش اسلامي لشڪر جي مقابلي لاءِ آيا. انهي حالت ۾ الله تعاليٰ اجازت ڏني تہ انهن کي قتل ڪيو وڃي. ان بعد ڪعبت الله جي ساڳي حرمت ۽ عزت

آهي، جا اڳ هئي. هينئر جو هي خون ڪيو ويو آهي، ان جي خون بها هڪ سئو اُٺ وارثن کي ادا ڪئي وڃي.

عزيٰ ۽ منات جي بُتخانن جي بربادي: حضور صلي الله عليہ وسلم جن فتح بعد پندرهن ڏينهن مڪي ۾ رهيا. رمضان شريف جي پوئين ڏهي ۾ مڪو فتح ٿيو. انهن پندرهن ڏينهن ۾ جيڪا نماز پئي پڙهيائون، تنهن ۾ قصر (چئن رڪعتن واري نماز ۾ رڪعتون) پئي ڪيائون. خالد بن وليد کي ٽيهہ سوار ڏئي، 'عزيٰ' جي بُت کي ڊاهڻ لاءِ نخلہ طرف موڪليائون. آُتي ڪنانہ ۽ مضر قبيلا هئا، جي عزيٰ جي پوڄا ڪندا هئا. هي وڏو بتخانو هو. خالد وڃي بتخانو ڊاهي، عزيٰ کي برباد ڪري آيو.

سعد بن زيد کي اوس، خزرج ۽ غسان قبيلن جي بُت 'منات' کي ڊاهي اڇڻ جو حڪم ڪيائون، جيڪو ويهن سوارن سان ويو ۽ منات جو بتخانو ڊاهي آيو.

بنو خزيمت جو بيگناہ قتل: حضور صلي الله عليہ وسلم جن فتح مڪي بعد خالد بن وليد کي يلمم جي طرف قبيلي بني جذيمت کي اسلام جي دعوت ڏيڻ موڪليو. اهو قبيلو بني ڪنانہ مان هو. خالد بن وليد سان عربن جا قبيلا سليم بن منصور ۽ مدلج بن مره بہ گڏ هئا. بني جزيمت جي ماڻهن اڳ خالد جي چاچي فاڪهت بن مغيره ۽ عبدالرحمان جي پيءُ عوف کي قتل ڪيو هو. اهي پئي يمن کان واپار ڪري موٽيا هئا. ساڻن مال اسباب گهڻو هو. انهي طمع ڪري ئي کين ماريو هئائون، پر کين سدائين ڊپ هو تہ قريش ڪڏهن نہ ڪڏهن ضرور اسان کان اهو عوض ونندا. سو هينئر بہ لشڪر ڏسي هٿيار ڪٽي خالد جي سامهون آيا. خالد چيو تہ: لڙائيءَ لاءِ آيا آهيو چا؟ هنن چيو تہ: لڙائيءَ لاءِ ڪونہ آيا آهيون پر پنهنجي بچاءَ لاءِ هٿيار کنيا اٿئون. خالد چين تہ هٿيار ڦٽا ڪريو. انهن مان هڪ شخص

حجدم نالي کين چيو تہ: هٿيار ڏٺا ڪندو تہ خالد اوهان کي قيد ڪري قتل ڪري ڇڏيندو. هُنن چيس: حجدم! تون بيقوفت آهين. اسان اسلام قبوليو آهي، جنگ ختم ٿي ويئي آهي. پوءِ اسان کي ڇو ماريو ويندو؟ ائي ڇئي هٿيار ڪٽي ڏٺا ڪيائون. تڏهن خالد بن وليد هنن کي قيد ڪري، ڪٽي قتل جو حڪم ڪيو. بني سليم وارن خالد جي حڪم موجب قيدين کي قتل ڪيو. باقي مهاجرن ۽ انصارن خالد جو چوڙ نہ مڃيو. انهي موقعي تي بنو جزيمت مان هڪڙي ماڻهو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دربار ۾ اچي فرياد ڪيو. ڀاڙ سڳورن، حضرت علي رضہ کي گهٽو مال ڏئي موڪليو تہ قتل ٿيلن جي وارثن کي (خون بها) ڏئي راضي ڪيو وڃي. حضرت علي رضہ نہ رڳو سيني کي خون بها ڀري ڏني، پر جيڪو مال بچي پيو اهو بہ کين ڏئي آيو. ان بعد حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڪعبت الله ڏي متوجهہ ٿي هٿ مٿي کڻي فرمايو: اَللّٰهُمَّ اِنِّی اَبرَءُ اِلَیکَ مِمَّا صَنَعَ خَالد (اي منهنجا مولیٰ، آءٌ جيڪي خالد ڪيو آهي، انهي کان بيزار آهيان).

خالد ۽ عبدالرحمان جي وچ ۾ جهڳڙو ٿيو. عبدالرحمان چيو تہ: اسلام ۾ جاهليت جو ڪم ڪيو اٿئي. خالد چيو تہ: مون تنهنجي پيءُ عوف جو قصاس ورتو. عبدالرحمان چيو تہ: غلط ٿو چوين. آءٌ پنهنجي پيءُ جو قاتل ماري آيو آهيان. تو پنهنجي چاچي فاڪهت جي قصاص لاءِ اهو ڪم ڪيو.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن خالد کي تنبيهہ ڪئي تہ: عبدالرحمان جي نيڪين سان تنهنجيون نيڪيون نہ پُڃنديون، توڙي اُحد جبل جيترو سون خرچ ڪرين.

غزوه حنين

جيئن تہ الله تبارک وتعاليٰ حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي سلطنت ديني ۽ اخروي عطا ڪئي هئي. تيئن دنيوي بادشاهي بہ تفح مڪا کان بعد عطا ٿي. عربن جا گهٹا قبيلا مطيع ٿيا ۽ اسلام ۾ داخل ٿيا. جيئن قرآن ڪريم ۾ آهي تہ:

إِذَا جَاءَ نَصْرُ اللَّهِ وَالْفَتْحُ ﴿١﴾ وَرَأَيْتَ النَّاسَ يَدْخُلُونَ فِي دِينِ اللَّهِ أَفْوَاجًا ﴿٢﴾ فَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ وَاسْتَغْفِرْهُ ۚ إِنَّهُ كَانَ تَوَّابًا ﴿٣﴾

ترجمو: جڏهن الله جي مدد ۽ سوپ اچي ۽ ماڻهن کي الله جي دين ۾ ٽوليون ٽوليون ٿي گهڙندو ڏسين. تڏهن (تون) پنهنجي پالڻهار جي ساراه سان گڏ پاڪائي بيان ڪر ۽ ڪانئس بخشش گهُر، چو تہ اُهو پاجهہ سان موٽندو آهي (القرآن: 110: 1_3). مگر 'هوازن' ۽ 'ثقيف' قبيلن پاڻ ۾ گڏجي صلاح ڪئي تہ محمد صلي الله عيہ وسلم هينئر فتح مڪي کان فارغ ٿيو آهي، عربن جاگهٹئي قبيلا وڃي ساڻس مليا آهن. فقط اسان بہ قبيلا ۽ ٻيا سان جي آس پاس وارا وڃي بچيا آهيون. هو هينئر اجهو ٿو اسان ڏي رخ ڪري. اسان تہ سندس آڻ ڪانہ مجينداسون. تنهنڪري بهتر آهي تہ اڳ ۾ وڏي هلي ساڻس جنگ ڪريون. پوءِ هوازن قبيلي وارن مالڪ بن عوف نضيري کي، جو وڏو عزت وارو ۽ سخي مڙس هو، تنهن کي پنهنجو سردار ڪري چونڊيو ۽ ثقيف وارن بيانہ ابن عبدالذليل کي، ڪن چيو آهي تہ حارث ابن الاسود کي سردار چونڊيو. انهن ٻنهي سردارن جي ڪوشش سان آسپاس وارا ٻيا قبيلا بہ اچي ساڻس شريڪ ٿيا. انهي طرح ٽيهہ هزار بهادر هٿياربند تيار ٿي حضور صلي الله عليہ وسلم جن سان جنگ لاءِ هليا.

بني حشم جي قبيلي مان زيد بن الصمہ، جنهن جي عمر هڪ سئو ست ورهيہ هئي، جيڪو نهايت مدبر ۽ تجربيڪار هو ۽ اکين کان نابينا هو

تنهن کي بہ صلاح مصلحت لاءِ پاڻ سان کنيائون. منزل اوطاس تي پهتا تہ زيد، ٻارن جي روئڻ ۽ زالن ۽ جانورن جا آواز ٻڌا. پُڇا کيائون تہ ڇا آهي؟ ڇيائونس تہ: مالک بن عوف پنهنجو ۽ قبيلن جو اهل و عيال، مال مواشي سڀ پاڻ سان کنيو آهي. زيد پڇيس تہ: ائين ڇو کيو اٿئي؟ مالک جواب ڏنو تہ: پنهنجو ۽ ٻين ٻهادرن جو اهل عيال هن ڪري کنيو اٿم تہ اهل و عيال ڇڏي ڀڄي ڪونہ ويندا، ضرور لڙندا، پوءِ فتح ٿيندي. ٻيءَ صورت ۾ ٻارن ٻچن سان گڏجي مرون تہ ڇڪو آهي، جو اسان جي مرڻ بعد اسان جا ٻار ٻچا دشمنن کي هٿ نہ اچن. زيد چيو تہ: تمام خراب ڪم کيو اٿئي. جيڪڏهن فتح ٿي تہ ڇڪو نہ تہ دشمن جو لشکر جڏهن اسان کي زالن ۽ ٻارن ۾ ڪاهي پوندو تڏهن ڏاڍي خرابي ٿيندي. تنهنڪري بهتر آهي تہ ٻار ٻچا ۽ مال مواشي ڪنهن محفوظ قلعي ۾ ڇڏي هلو. پر مالک سندس صلاح نہ ميجي.

اها حالت ڏسي زيد سڃي لشکر کي سڏي چيو تہ: مالک اهل عيال ساڻ ڪٽي غلط ڪم کيو آهي. محمد صلي الله عليہ وسلم کي هينئر وڏي طاقت اچي ويئي آهي. مالک جڏهن جنگ جو زور ڏسي، پنهنجو عيال وٺي ڀڄي وڃي قلعہ طائف ۾ لڪندو تہ سڃي خواري توهان تي اچي ڪڙڪندي.

تنهنڪري يا اهل عيال موٽايو يا سيئي پوئتي موٽو. سيني زيد جي راءِ منظور ڪئي، مگر مالک تلوار ڪٽي چيو تہ: جيڪڏهن زيد جي راءِ تي هلندا تہ آءٌ پاڻ کي ماري ڇڏيندس، سيئي لاچار ٿي، مالک جي راءِ موجب ٻارن ٻچن سميت اڳتي وڌيا ۽ 'حنين' منزل وٽ اچي پهتا.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي خبر پئي تہ دشمن جو لشکر لڙائيءَ لاءِ تيار ٿيو اچي، تڏهن عبدالله بن حدود اسلمي کي موڪليائون تہ

سچي خبر لهي اچي ۽ پنهنجي لشڪر کي تياري جو حڪم ڏنائون. ڏهه هزار لشڪر پاڻ سان اڳ هون ۽ ٻه هزار لشڪر مڪي مان آيو. جملي سورهن هزار لشڪر گڏ ٿيو. پوءِ عتاب بن اسيد کي مڪي معظمه ۾ پنهنجو خليفو مقرر ڪري حنين ڏي روانا ٿيا. هڪ سئو زرهه صوفان بن اميه کان گهريائون، جيڪو ان وقت مسلمان نه ٿيو هو تنهن چيو ته: زور سان ٿا وٺو يا اُڌاريون؟ حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته: عاريت طور ٿا وٺون، پوءِ واپس ڏيندا سون. صفوان اُنن تي زرهون کڻائي حضور صلي الله عليه وسلم جن ڏي موڪليون.

عبدالله بن حدور اسلمي ٻه لشڪر جو تعداد ۽ هٿيار بابت سمورو احوال اچي حضور صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ پيش ڪيو. پاڻ سڳورن مرڪي فرمايو ته: اهو سمورو مال انشاالله تعاليٰ مال غنيمت ۾ مسلمانن وٽ ايندو.

هوڏانهن مالڪ بن عور ٻه پنهنجا جاسوس موڪليا ته مسلمانن جي لشڪر ۽ سپاهه جو اندازو ڪري اچي ٻُڌايائين. اهي جاسوس موٽي آيا، مگر سندن لڳن ۾ ڏڪڻي هجي. مالڪ پڇين ته: ڇا ڏسي آيا آهيو جو ڏڃو ۽ ڏڪو ٿا؟ هنن چيو ته: محمد صلي الله عليه وسلم جو لشڪر ته ڏٺوسين تمام گهڻو آهي، مگر ٻيا سفيد پوش ماڻهو ٻه ڏٺاسين، جيڪي ابلق گهوڙن تي سوار هئا. اهي پڻ اچي محمد صلي الله عليه وسلم جي لشڪر سان مليا. اهو ڪو خدائي لشڪر هو. ڇڏو آهي ته موٽي هلون، نه ته مارجي ويندا سين. مالڪ بن عوف کين تنبيهه ڪئي ته: اهڙي ڳالهه دل ۾ رکو متان ماڻهن ۾ هراس پئجي نه وڃي، جنگ ضرور ڪندا سين پوءِ جيئن نصيب هوندو.

مالڪ بن عوف جو لشڪر اچيئي وادئ حُنين ۾ پهچي ويو. جبلن جي لڪن ۾ پنهنجو لشڪر لڪائي ويهاريائين ته جيئن مسلمانن جي لشڪر تي اوچتو حملو ڪري، ڪين تباهه ڪري ڇڏجي. ٿيو به ائين. آسر مهل مسلمانن جي لشڪر لَڪن مان لنگهڻ شروع ڪيو ته ڪافرن اهڙو ته حملو ڪيو جو اسلامي لشڪر ۾ اچي پاچ پيئي. خالد بن وليد جو لشڪر اڳ ۾ ه، اهو به سخت حملي سبب ٽڙي پکڙي ويو. تان جو مسلمانن جو سمورو لشڪر پڄي ويو ۽ حضور صلي الله عليه وسلم جن سان فقط چند ماڻهو رهجي ويا. حضرت علي رضه ۽ سندن چاچو حضرت عباس، عبدالله بن مسعود ۽ سندن سئوٽ سفيان بن الحارث بن عبدالمطلب، ٻيا سئوٽ حضرت جعفر، ربيعه، ثم، فضل بن عباس، اسامه، زبير، زيد ۽ سندس مامون ابن ايمن، گهڻن جو چوڻ آهي ته عام روايتون به ائين آهن ته رڳو چار ماڻهو وڃي حضور صلي الله عليه وسلم جن سان رهيا. ٽي پنهنجا بني باشم مان: حضرت علي رضه، حضرت عباس ۽ ابو سفيان بن الحارث (به سئوٽ ۽ هڪ چاچو)، باقي چوڏون به قريشن مان حضرت عبدالله بن مسعود هو. حضرت علي رضه ۽ حضرت عباس رضه حضور صلي الله عليه وسلم جن جي اڳيان ۽ حضرت ابوسفيان خچر جي واڳ جهليو بيٺو هو ۽ حضرت عبدالله ڪٻي پاسي کان حفاظت ڪيو بيٺو هو. ڪن جو چوڻ آهي ته اهي چار بزرگ به هليا ويا، حضور صلي الله عليه وسلم جن اڪيلا وڃي رهيا.

جيڪو نوان مسلمان ٿيا هئا، تن مان هڪڙي وڃي صفوان بن اميه کي چيو ته: اسان جو وير به 'هوازن' ۽ 'ثقيف' محمد (صلي الله عليه وسلم) کان وٺي ڇڏيو جو مسلمانن کي سخت شڪست آئي آهي. تڏهن صفوان دڙڪو ڏئي چيس ته: زبان بند ڪر خبيث، محمد (صلي الله عليه وسلم) کڻي اسان جو دشمن آهي، پر وري به پنهنجو ته آهي! اسان تي جيڪڏهن

مالڪ بن عوف اچي حڪومت ڪري تہ اسان جو ڪهڙو حال ٿيندو؟ خدا ڪري تہ وري بہ محمد (صلي الله عليہ وسلم) کي فتح ٿئي!

شيبہ بن عثمان بن ابي طلحہ ٿو چوي تہ: مان حضور صلي الله عليہ وسلم جن سان انهيءَ ارادي سان گڏيو هئس تہ احد جي جنگ ۾ منهنجو پيءُ ۽ ڀاءُ مارجي ويا آهن، جتي بہ وجهہ مليو تہ محمد (صلي الله عليہ وسلم) کي قتل ڪندس. جڏهن ڏٺم تہ محمد (صلي الله عليہ وسلم) جو سمور لشڪر پڄي ويو. تڏهن گهوڙي تان لهي، وجهہ وٽي سڄي پاسي کان آيس تہ حضرت عباس کي شينهن وانگر ڏٺم. جنهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي چونڪي پئي ڏني ۽ سندن پيشاني مبارڪ تان متي صاف پئي ڪيائين. ڦري ڪٻي پاسي ويس تہ سندس سئوٽ ابوسفيان مست هاٿيءَ وانگر تلوار ڪنيو سندس حفاظت پئي ڪئي. پويان آيس تہ مون تي اهڙو آتشي حملو ٿيو جو وڃي ڪِريس. حضور صلي الله عليہ وسلم جن مون کي ڏسي مرڪي چيو تہ: يا شِيبَہ اَدنُ مِنّي (شيبہ! مون ڏي آءُ). مان ويس تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن پنهنجو هٿ مبارڪ منهنجي سيني تي هڻي فرمايو تہ: اَللّٰهُمَّ اذهَب عَنہُ الشَيطَانَ قسم آهي خدا جو منهنجي دل مان دشمني تہ هلي ويئي، مگر محمد صلي الله عليہ وسلم ساري دنيا کان وڌيڪ منهنجو محبوب ۽ پيارو ٿيو. پوءِ تلوار ڪڍي ڪافرن تي حملو ڪيم. حضور صلي الله عليہ وسلم جن پنهنجي طنبو ۾ آيا تہ مان بہ ساڻس گڏ هئس. پاڻ فرمايائون: شيبہ! تنهنجي دل ۾ جيڪي هو اهو الله تعاليٰ توکان نيو. هاڻي مسلمان ٿيءُ! مون چيو: اَشهَدُ اَن لّآاِلٰہ اِلاّاللّٰہُ وَاَنّکَ رَسُولُاللّٰہ پوءِ معافي گهريم. پاڻ فرمايائون: قَد غَفَرَاللّٰہُ لَکَ (توکي الله تعاليٰ معافي ڏني).

حضور صلي الله عليہ وسلم جن حضرت عباس کي فرمايو تہ: اصحابن کي سڏ ڪر. حضرت عباس جو آواز تمام وڏو هو. بلند آواز سان

وٺي سڌ ڪرڻ لڳو. اصحابن جي ڪنن تي جڏهن حضرت عباس جو آواز پيو تہ پٽنگن وانگر اچي ڪڙڪيا ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي صحيح سلامت ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا. پهرين پهرين مديني جا سمورا انصار آيا. جيئن جيئن لشڪر گڏ ٿيندو ويو تيئن تيئن الله تعاليٰ جي مدد ۽ شامل ٿيندي ويئي. جيئن الله تعاليٰ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو تہ:

ثُمَّ أَنزَلَ ٱللَّهُ سَكِينَتَهُۥ عَلَىٰ رَسُولِهِۦ وَعَلَى ٱلْمُؤْمِنِينَ وَأَنزَلَ جُنُودًا لَّمْ تَرَوْهَا وَعَذَّبَ ٱلَّذِينَ كَفَرُوا۟ ۚ وَذَٰلِكَ جَزَآءُ ٱلْكَٰفِرِينَ ﴿٢٦﴾

ترجمو: وري الله پنهنجي پار ڪان سڪون پنهنجي پيغمبر تي ۽ مومنن تي لاٿو ۽ (ملائڪن جو) لشڪر لاٿائين جن کي نہ ٿي ڏٺو ۽ ڪافرن کي سزا ڏنائين ۽ اها ڪافرن جي سزا آهي (القرآن 26:9).

ڪفارن تي حملو ٿيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن مٽيءَ جي هڪ مُٺ پري ڪفارن جي لشڪر ڏي اڇلائي، جا هرهڪ ڪافر جي منهن ۾ وڃي لڳي ۽ سندن اکين ۾ پئي.

وَمَا رَمَيْتَ إِذْ رَمَيْتَ وَلَٰكِنَّ ٱللَّهَ رَمَىٰ

ترجمو: اهو تنهنجو ڇُٽڻ نہ هو جيڪو تو ڇُٽيو پر اهو الله تعاليٰ جو ڇُٽڻ هو (القرآن 17:8). مسلمانن ايڏا ۽ زوردار حملو ڪيو. تان جو ڪافرن ۾ ڀاڄ ڪاڏي.

هن لڙائيءَ ۾ چار مسلمان شهيد ٿيا ۽ ڪافرن جا ستر ماڻهو قتل ٿيا. مال غنيمت ۾ ڇهہ هزار نوي گهوڙا، چوويهہ هزار اُٺ، چاليهہ هزار رڍون ٻکريون ۽ چار هزار اوقيہ سون مسلمانن کي هٿ آيو. جيڪي نوان مسلمان ٿيا هئا، پر ايڏا ڪين شڪ شبها هئا، سي پڻ هن فتح ڪان بعد پڪا ۽ سچا مسلمان ٿيا.

جنگ هلائڻ کانپوءِ ڪافرن ۾ ٻي فرقا ٿي پيا: هڪ مالڪ بن عوف سان پڄي ويجي طائف جي قلعي ۾ لڪا، پيا بطن نخلہ ڏي وڃي پڳا ۽ ٽيا اوطاس ڏي پڄي ويا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن ابوعامر اشعري کي هڪ جماعت سان، جن ۾ زبير ابن العوام، ابوموسيٰ اشعري ۽ سلمہ بن الاڪوع هئا، تن کي ڪافرن جي پويان موڪليو. جيڪي اوطاس ۾ ويجي ڪافرن سان لڙيا. هن لڙائيءَ ۾ ابوعامر شهيد ٿي ويو. انهيءَ جاءِ تي سندس پائٽيو ابو موسيٰ اشعري سپهہ سالار ٿيو. ڪفارن پاڄ ڪاڏي ۽ گهٽا مارجي ويا. زيد بن الصمہ بہ حضرت زبير بن العوام جي هٿان مريجي ويو.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن حڪم فرمايو تہ: سمورو مال اسباب غنيمت جعزانہ (جاءِ جو نالو) ۾ گڏ ڪيو وڃي، جو اتي تقسيم ڪبو ۽ ڪوبہ ماڻهو تقسيم کان اڳي پاڻ وٽ ڪوبہ مال غنيمت نہ رکي، نہ تہ قيامت جي ڏينهن خائن سڏبو. حضرت عقيل اهو اعلان ٻُڌي ڪجهہ ڏاڪا ۽ سُئي، جيڪي پنهنجي بيبي فاطمہ بنت عقبہ کي ڏنا هئائين، سي وري موڪلائي ونڻي وڃي مال غنيمت ۾ جمع ڪرايا. سمورو مال غنيمت ۽ قيدين جي سنيال جو ڪم بشر انصاري جي هٿ ۾ ڏنائون.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي رضائي پيٽ مائي شيما جي قيد ٿيڻ جو واقعو: جيڪي ماڻهو قيد ٿيا تن ۾ مائي شيما بہ هئي، جيڪا مائي حليمہ سعيديہ ۽ حارث بن عبدالعزيٰ جي ڌيءَ هئي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن دائي حليمہ جي ٽڄ پيٽي هئي. جڏهن مائي شيما اصحابن کي چيو تہ: مان محمد صلي الله عليہ وسلم جي پيٽ آهيان، مون کي ڇڏيو. تڏهن ڪيس ڪٽ تي چاڙهي پاڻ سڳورن وٽ ونڻي آيا. مائي شيما کين پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي ۽ ننڍپڻ جون ڳالهيون ياد ڏياريون. ڪن جو چوڻ آهي تہ شيما کي حضور صلي الله عليہ وسلم جن راند ڪندي پُٺيءَ ۾ چڪ

پاتو هو. جڏهن کان اهو نشان بہ کين ڏيکاريائين، تڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي مٿس تمام گهڻو رحم آيو ۽ کيس پنهنجي چادر مبارڪ تي ويهاري فرمايائين تہ: اسان وٽ هلي رهين تہ هميشہ عزت سان رهہ. جي واپس وڃڻ چاهين تہ توکي انعام ڏئي موڪلي ڏيون. مائي شيما حب الوطنيءَ ڪري واپسي جي گهُر ڪئي. پاڻ سڳورن هڪ ٻانهي، ٽي غلام ۽ مال غنيمت جو ڏئي کيس موڪل ڏني. تنهن تي هن اسلام قبول ڪري پنهنجا قيدي مِٽ مائٽ ڇڏايا ۽ پوءِ پنهنجي قبيلي ڏي ويئي.

غزوه طائف

مالڪ بن عوف، حنين جي جنگ کان اڳ، طائف جي قلعي جي مرمت ڪرائي. هڪ سال جو اَنُ پاڻي ۽ گاهہ وغيره سمورو سامان موجود ڪري، پوءِ حنين جي جنگ لاءِ نڪتو هو. جڏهن ثقيف ۽ هوازن جي قبيلن سان ڀڳو تہ وڃي طائف جي قلعي ۾ داخل ٿيو ۽ دروازا بند ڪري، جنگ لاءِ تيار ٿي ويهي رهيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي جڏهن اهو احوال معلوم ٿيو، تڏهن انهي قلعي کي فتح ڪرڻ جو ارادو ڪري لشڪر کي چڙهائي جو حڪم فرمايائون. اهو پڻ سن 8 هجري جو واقعو آهي. لشڪر جو جهنڊو حضرت علي رضہ کي ڏنائون ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ ابو عبيده بن جراح يا خالد بن وليد کي ڏنائون. هزار لشڪر کي مقدمو ڪري موڪليائون، پاڻ باقي لشڪر سوڌا پويان روانا ٿيا. منزلون ڪندا اچي طائف ۾ پهتا. رستي ۾ مالڪ بن عوف جي ماڻي ڏنائون. انهيءَ کي ساڻڻ جو حڪم ڏنائون. قلعي جي ويجهو لهي پيا. مالڪ بن عوف وارا تہ اڳئي تيار بينا هئا، تن مينهن وانگر تِير وسائڻ شروع ڪيا، جنهنڪري گهڻا اصحاب ڦٽجي پيا. اها صورت ڏسي حضور صلي الله عليہ وسلم جن انهيءَ جاءِ تان

ڪوچ جو حڪم ڏنو ۽ جتي هينئر طائف جي مسجد آهي، اتي وڃي منزل ڪيائون. پوءِ حڪم فرمايائون تہ: ڪجين جا باغ ڪپي ساڙيو. قلعي وارن کي جڏهن اها خبر پئي، تڏهن تمام عجز ۽ زاري ڪيائون تہ: لشڪر کي باغن جي ڪپڻ، ساڙڻ ۽ برباد ڪرڻ کان روڪيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن سندن عرض قبول ڪيو. پر جنگ بدستور جاري رهي. ڪن جو چوڻ آهي تہ ارڙهن ڏينهن ۽ گهٽن جو چوڻ آهي تہ چاليهہ ڏينهن جڃنگ هلي. انهيءَ جنگ ۾ گهٽا اصحاب ڦٽجي پيا ۽ ٻارهن اصحابي شهيد ٿيا. حضرت ابوبڪر صديق رضہ جو پٽ حضرت عبدالله بہ شهيد ٿي ويو. آخرڪار حضور صلي الله عليہ وسلم جن منادي ڪرائي تہ: جيڪو غلام (ٻانهو) اسان ڏي ايندو تنهنکي آزاد ڪري ڇڏيندا سون. اهو عام پڙهو ٻُڌي، قلعي مان ويهہ غلام ٽپي آيا، جن اسلام قبول ڪيو ۽ پاڻ کين آزاد ڪيائون. گهٽن ڏينهن بعد جڏهن طائف جا ماڻهو پيش پيا ۽ قلعي جون ڪنجيون حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي حوالي ڪيائون، تڏهن غلامن جي واپسي جو مطالبو ڪيائون. مگر حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ هي الله تعالیٰ جا آزاد ڪيل بندا آهن. هينئر تونا کي ڪوبہ حق ناهي، جو کين غلام رکي سگهو.

نقل آهي تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن رات جو خواب ڏٺو تہ کير جو ٻريل ٻيالو مليو آهي. ايجا پيتو ڪونہ اٿن تہ ڪُڪڑ جهنپ هڻي ڪيرائي وڌو ۽ کير هارجي پيو. حضرت ابوبڪر صديق رضہ سان اهو خواب بيان فرمايائون، جنهن عرض ڪيو تہ: هن سال هي قلعو فتح نہ ٿيندو. پاڻ فرمايائون تہ: مان پاڻ اهو تعبير ڪيو آهي، تنهنڪري ڪوچ ڪرڻ گهرجي. مگر اصحابن کي اها ڳالهہ گران گذري. عرض ڪيائون تہ: فتح کان اڳي ڪوچ ڪرڻ مناسب نہ آهي. تڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم

جن کين جنگ جي اجازت ڏني. انهي ڏينهن جيڪا لڙائي ٿي، تنهن ۾ تمام گھٽا اصحاب ڦٽيا. پوءِ محسوس ڪيائون ته جيئن حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو رايو آهي، تيئن ڪرڻ گھرجي. ٻئي ڏينهن لشڪر ڪوچ ڪيو.

طائف جي قلعي جي محاصري وقت حضرت علي رضہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي حڪم موجب ثقيف ۽ هوازن قبيلن جا بُتخانا برباد ڪرڻ لاءِ لشڪر وڃي ويو هو. بُتخانن جي پوڄارين کي خبر پئي ته اهي به پنهنجو لشڪر وڃي اچي سامهون ٿيا. انهن ۾ هڪڙو بهادر مڙس مشهور هو تنهن ٻاهر نڪري ڪنهن مسلمان کي مقابلي لاءِ للڪاريو. پر ڪنهن کي به جرئت نہ ٿي جو انهيءَ ملعون جو مقابلو ڪري. حضرت علي رضہ تلوار کڻي مقابلي لاءِ اٿيو ته حضرت ابوالعاص بن الربيع کيس روڪيو ته: تون سپهہ سالار آهين، جيڪڏهن شهيد ٿي وڃين ته پوءِ ڪير تنهنجي جاءِ پريندو؟ حضرت علي رضہ چيو ته: جيڪڏهن مان شهيد ٿي ويس ته پوءِ تون منهنجي جاءِ تي ٻيهجانءِ. حضرت علي رضہ هن ملعون تي اهڙو حملو ڪيو جو هڪ ضرب سان جهنم رسيد ٿي ويو. هوڏانهن حضور صلي الله عليہ وسلم کي ٻہ حضرت علي رضہ جو انتظار هو جيڪو سمورا بُتخانا ڍاهي ڪوڇ ڪرڻ کان اڳ اچي پهتو.

هڪڙو صحابي روايت ٿو ڪري ته هلندي هلندي منهنجو اُٺ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي اُٺ سان وڃي ٽڪريو ۽ منهنجي جُتي جي رهڙ سان سندن پير مبارڪ ڦٽجي پيو. مون کي پنهنجي لڪڻ سان هوشيار ڪيائون ۽ ٿورو لڪڻ منهنجي پير کي به هنيائون. دل ۾ چيم ته الله تعاليٰ جي رسول کي ايذايو اٿم. منهنجون عبادتون ۽ نيڪيون سڀ برباد ٿي ويون اهو رنج ڪيئن معاف ڪرايان. ٻئي ڏينهن مون کي گھرايائون.

مون سمجهيو تہ مون کي ضرور کا سزا ڏيندا، پر خدمت ۾ حاضر ٿيس تہ فرمايائون: ڪالهہ توکي لکڻ هنيو اٿم، ان جو عوض گهُر تہ پري ڏيان. ڏاڍو پشيمان ٿي عرض ڪيم تہ: مان اوهان کي ايذاءُ ڏنو آهي، اُن جي معافي جو طلبگار آهيان. فرمايائون تہ: اها تہ اسان ڪالهہ ئي توکي ڏئي ڇڏي. باقي تنهنجو عوض رهيل آهي. ائين چئي اَسي ريڍون مون کي عطا ڪيائون.

ٻيو صحابي روايت ٿو ڪري تہ: جڏهن منزل 'قرن' تي پهتاسين تہ منهنجي ڏاڇي بہ سندن ڏاڇي قصويٰ جو پاسو ورتو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن پنهنجي ڏاڇيءَ کي لکڻ هنيو تہ اهو اڇي مون کي لڳو. تڏهن فرمايائون تہ: لکڻ توکي لڳي ويو. عرض ڪيم تہ: جند جان، ماءُ پيءُ توهان تان قربان ڪيان، فڪر ناهي. جعرانہ تي لٿاسين تہ هڪ سئو ويهہ گهيٽا مون کي ڏنائون.

مال غنيمت جي تقسيم: سمورو مال غنيمت جعرانہ ۾ جمع ٿيل هو. مڪي معظمہ جا قريش، جيڪي نوان مسلمان ٿيل هئا ۽ ايجان سندن دل ۾ ايمان مضبوط نہ هو، کين خوش ڪرڻ لاءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جن پهرين وڏو انعام انهن کي ڏنو. ابوسفيان بن حرب، جيڪو سردار هو ۽ بخيل بہ مشهور هو، تنهن مال غنيمت ڏسي، حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي چيو تہ: يارسول الله! اڄ توهان سڀني قريشن کان وڌيڪ شاهوڪار آهيو. اهو ٻُڌي حضور صلي الله عليہ وسلم جن مُرڪيا. هن چيو تہ: اسان تي بہ مهرباني ڪري مال غنيمت مان عطا ڪريو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن چاليهہ اوقيہ چاندي ۽ سئو اُڻن جا ڏنس. عرض ڪيائين تہ: منهنجي پُٽ يزيد کي بہ ڏيو. انهي کي بہ ابوسفيان جيترو ڏنائون. وري عرض ڪيائين تہ: منهنجي پُٽ معاويہ کي بہ ڏيو. ان کي بہ اوترو ئي ڏنائون. اتي ابوسفيان چيو:

بيشڪ تون وڏو سخي، ڪريم ۽ رحيم آهين. الله تعاليٰ توکي جزا خير جي عطا ڪندو.

قريش جا ٻيا جيڪا امير امراءَ ۽ رئيس هئا، تن کي بہ گهٽو ئي مال غنيمت ڏنائون. حڪم بن حزام کي سئو اُٺ ڏنائون تہ اجا پيو ڏسي، تڏهن پيو سئو اُڻن جو بہ ڏنائونس. حارث بن عمرو صفوان بن اميہ، حويطب بن عبدالعزيٰ، اسيد بن حارث ثقفي، حارث بن هشام (ابوجهل جو ڀاءُ)، قيس بن عدي، اقرع بن جابس، عنبہ بن حصين نزاري کي سئو سئو اُڻن جو ڏنائون. وري علاء بن حارث ثقفي، مخرمت بن نوفل ۽ هشام بن عمرو عامري کي پنجاهہ-پنجاهہ اُٺ عطا ڪيائون. هن واقعي ۾ علمائن جو اختلاف آهي. ڪن جو چوڻ آهي تہ اهو مال غنيمت جي وچ مان ڏنائون ۽ ڪن جو رايو آهي تہ پنهنجي خمس حصي مان.

انهيءَ وچ ۾ عباس بن مرداس کي چار اُٺ ڏنائون، جيڪو رنج ٿي ٻہ-ٽي بيت ٺاهي آيو تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن وڏن ماڻهن سان رعايت ڪري کين بخشش ڪئي ۽ مون کي صرف چار اُٺ ڏنائون. حضور صلي الله عليہ وسلم جن، حضرت علي رضہ کي حڪم فرمايو تہ: وڃ، هن جي زبان وڃي ڪپ. حضرت علي رضہ ٻانهن مان ونيو وڃي، اُڻن جي قطار ۾ بيهاريس تہ سئو اُڻن جو چونڊي ڪڍ. هُن ڊڃندي عرض ڪيو تہ: مون سمجهيو تہ تون منهنجي زبان ڪپيندين، انهيءَ ڪري مان ڏڪندو پئي هليس. پر توهان تہ تمام وڏا سخي آهيو. حضرت علي رضہ چيس تہ: زبان نيڪيءَ سان ڪپبي آهي، نہ ڪي تلوار سان. حضور صلي الله عليہ وسلم جن انهن ماڻهن کي وڏا انعام ڏنا جو اهي نوان مسلمان ٿيا آهن، ۽ قومن جا سردار آهن تہ سندن دل خوش ٿئي. اسان ۽ تون تہ سچا مسلمان آهيون، اسان کي ڪهڙي گهرج آهي! هُن چيو: سائين! سچ ٿو چوين، مان توبهہ

ڪئي، مون کي اهي چار اُٺ ڪافي آهن. اهڙي بدگماني مديني جي انصارن ۾ بہ ٿي تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن وڏن ماڻهن کي، جيڪي پنهنجا عزيز قريشي اٿس، تمام وڏا انعام ڏنا آهن ۽ اسان کي وساري ڇڏيو اٿس. ڪِن چيو تہ پاڻ سڳورا هاڻي مديني ڏي بہ ڪونہ هلندا، اتي ئي مڪي ۾ رهي پوندا ۽ اسين نڌڻڪا ٿي هليا وينداسين.

اها ڳالهہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي ڪن پيئي تہ سيني انصارن کي پنهنجي طنبوءَ ۾ گهرائي، کين چيائون تہ: توهان اڳ جاهل ۽ گمراهہ هئا، منهنجي اچڻ ڪري الله تعاليٰ توهان کي علم ۽ سمجهہ سان نوازيو ۽ هدايت ڪئي. مون کان اڳ توهان جهنم جي ڳَپَ تي هئا. الله تعاليٰ توهان کي اُتان ڪڍيو ۽ نور هدايت جو عطا ڪيو، جنهن سان بهشت ۾ ويندو. توهان جهيڙن جهٽن ۾ تباهہ ٿي ويا هئا، ياءُ ياءُ جو دشمن ۽ پُٺ پيءُ جو ويري هو، منهنجي اچڻ ڪري الله تعاليٰ توهان جي دشمني دوستي سان مِٽائي، هينئر توهان ڪنڌ ۽ ڪير آهيو. هنن چيو: سچ آهي. ان بعد حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: هاڻي مون کي بہ چئو تہ اسان توتي هي احسان ڪيا آهن. هنن چيو: اسان کي ڇا مجال آهي! تڏهن پاڻ فرمايائون تہ: توهان مون کي چئو تہ جڏهن تون نبي ٿي آئين تہ تنهنجي قوم تنهنجي تڪذيب ۽ انڪار ڪيو. اسان تنهنجي تصديق ڪئي ۽ توکي مڃيوسين. تومکي ڪنهن بہ مدد ڪانہ ڪئي، اسان تنهنجي پوري مدد ڪئي. توکي تنهنجي قوم وطن کان بي وطن ڪيو. اسان توکي پنهنجي جان ۾ جاءِ ڏني تون غريب هئين اسان توکي مالدار شاهوڪار بنايو. تون خوفزده هئين اسان توتي پهرا ڏئي توکي سلامت رکيو.

جڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن اها تقرير فرمائي تہ سيني انصار روئڻ لڳا ۽ هٿ پير حضور صلي الله عليہ وسلم جا چُمي چوڻ لڳا تہ:

اسان کي ڪجهہ بہ نہ گهرجي. فقط تون اسان تي مهربان هُج. اسان کي رڳو اهو خوف آهي تہ متان اسان کي ڇڏي وڃين. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: جن کي مون انعام ڏنا آهن، انهن تازو صدمو سنو آهي. ڪن جا عزيز مارجي ويا ۽ گهر لُٽجي ويا. انهن جي دل خوش ڪرڻ لاءِ ۽ ايمان جي پڪائي لاءِ کين مون وڌا انعام ڏنا. هو مال سامان کڻي ويا ۽ توهان جي پلئہ پيو الله ۽ الله جو رسول. هاڻي ٻڌايو تہ توهان فائدي ۾ آهيو يا هو؟

سڀ انصار گِريي ۾ اچي چوڻ لڳا کَفَانَا رَسُولُ الله (اسان کي الله تعالیٰ جو رسول ڪافي آهي). حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: بحرين جي زمين جيڪا فتح ٿيندي مون کان بعد اها توهان جي هوندي. هنن عرض ڪيو تہ: اسان کي الله تعالیٰ ۽ ان جو رسول گهرجي. توهان کان بعد ڪاڏي ڪنداسين زمين ۽ ملڪيتن کي؟ اسان سان فقط تون هُج. تڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو: منهنجو جيئڻ، منهنجو مرڻ ۽ منهنجو حشر توهان سان هوندو. انشاالله تعالیٰ حوض ڪوثر تي گڏباسين.

غنيمت جي مال جي گهڻي تقسيم ٿي چُڪي هئي تہ هوازن قبيلي جي هڪ جماعت جعرانہ ۾ ئي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿي. هنن اسلام قبول ڪيو ۽ ٻين جي بہ اسلام جي خبر ڪيائون. پوءِ عرض ڪيائون تہ: هن جنگ ۾ اسان کي سخت صدمو پهتو آهي، جو اسان جون عورتون، ٻار ۽ ٻيا مرد قيد ٿيا آهن ۽ مال اسباب بہ سمورو لُٽيو ويو آهي. انهيءَ جماعت جو رئيس ۽ خطيب، ابو برقان زهير بن سرد سعدي هو. تنهن نهايت ادب سان عرض ڪيو تہ: تو اسان ۾ پرورش پاتي. مان تنهنجو رضاعي چاچو آهيان ۽ تنهنجون ماسيون ۽ پڦيون رضاعي آهن. اڄ تون اقتدار ۽ عزت جو صاحب آهين، اسان تي خاص رحم جي نظر فرمائي، اسان جو مال ملڪيت ۽ قيدي اسان کي واپس ڏيار. حضور

صلي الله عليہ وسلم جن جواب ۾ فرمايو تہ: مون کي توهان لاءِ وڏي عزت آهي. مون غنيمت جي تقسيم ۾ انهي ڪري دير پئي ڪئي تہ من توهان اچي وجو. مگر توهان دير ڪئي تنهنڪري مال توڙي قيدي ورهائجي ويا آهن. تنهن هوندي بہ بن ڳالهين مان هڪڙي ڳالهہ پسند ڪريو. يا قيدين جي ڇڏائڻ جي گهُر ڪريو يا مال اسباب ڇڏائڻ جي. هنن عرض ڪيو تہ: اهل عيال ڇڏي مال جي گهُر ڪيئن ڪنداسين؟ اسان کي پنهنجو اهل و عيال ملي تہ چڱو. تڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: بني عبدالمطلب کي جيڪو حصو آيو آهي اهو تہ مون توهان کي ڏنو. باقي ٻيهري نماز وقت توهان مون کي وچ ۾ شفيع ڪري مسلمانن کي عرض ڪريو. بن پهرن جي نماز بعد حضور صلي الله عليہ وسلم جن الله تعاليٰ جو حمد ثنا چئي مسلمانن کي فرمايو تہ: هي توهان جا ٻائر مسلمان ٿي آيا آهن، مون کي سفارش ڪئي اٿن. آءٌ توهان کي چوان ٿو تہ هنن جا قيدي کين واپس ڏيو. مون پنهنجو حصو ۽ پنهنجي ٻائرن بني هاشم جو حصو کين ڏنو. توهان کي بہ مناسب آهي تہ اها قرباني ڪريو.

مهاجرن ۽ انصارن يڪدم اُٿي اعلان ڪيو تہ: اسان بہ پنهنجا حصا قيدين جا ۽ مال جا کين ڏنا. مگر بني تميم جي سردار اقرع بن حابس، ۽ بني نزاره جي سردار عينيہ بن حصين فزاري چيو تہ: اسان ۽ اسان جي قوم پنهنجو حصو ڏيڻ تي راضي نہ آهيون. تڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: جيڪو راضي نہ آهي، ان کي ايندڙ غنيمتن مان هڪ اُٺ جي عوض ڇهہ اُٺ ڏينداسين. عام مسلمانن حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دلچسپي ڏسي، هوازن قبيلي جا سمورا قيدي آزاد ڪيا ۽ مال اسباب پڻ موٽائي ڏنائون.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن انهيءَ وچ ۾ مالڪ بن عوف جي پُڇا ڪئي. هوازن وارن چيو تہ اڄا قلعي طائف ۾ بند آهي. پاڻ سڳورن فرمايو تہ: مالڪ بن عوف جيڪڏهن اسان وٽ مسلمان ٿي اچي تہ سندس اهل عيال ۽ مال اسباب موٽائي ڏيون ۽ سئو اٺن جو وڏيڪ بہ ڪيس عطا ڪريون. اها خبر هوازن جي قبيلي، مالڪ بن عوف کي پهچائي تہ هو نهايت خوش ٿي جعرانہ ۾ اچي پيش پيو ۽ مسلمان ٿيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن وعدي مطابق سندس قيدي، مال ۽ سئو اُٺن جو وڏيڪ ڪيس عطا فرمايو.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن 12 ذوالقعد سن 8 هجري تي جعرانہ کان روانا ٿيا ۽ اصحابن سميت عمره جو احرام ٻڌي، اچي مڪي معظمہ ۾ داخل ٿيا. عمره جا احڪام پورا ڪري، عتاب بن اسيد کي مڪي جو امير مقرر فرمايائون ۽ حضرت معاذ بن جبل ۽ ابو موسيٰ اشعري کي قرآن ڪريم جي تعليم ۽ دين جي احڪامن سيکارڻ لاءِ مقرر ڪيائون، جنهن تي هو نهايت خوش رهيا. مڪي جي رئيس ابوسفيان بن حرب کي يمن جي علاقہ 'غزانہ' جو والي ۽ گورنر مقرر ڪيائون ۽ ڪثير بن عبدالله کي سندس مدد ۾ موڪليائون. اُتان روانا ٿي منزل مرالظهران تي باقي مال غنيمت تقسيم ڪري ذوالقعد جي آخر يا ذوالحج جي پهرين تاريخ تي خير سان اچي مديني منوره ۾ پهتا.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي نيا ٽي بيبي زينب رضہ جي وفات

بيبي صاحبہ جي وفات سن 8 هجري ۾ ٿي. سندس وفات جو سبب هو تير هو جيڪو ڪيس 'هبار' هنيو هو. ان جو بيان اڳي اچي چڪو آهي. ڪيس هڪ فرزند علي نالي هو جيڪو فتح مڪي ۾ حضور صلي الله عليہ

وسلم جن سان ٻيلهه چڙهيل هو. بلوغت کي پهتو تہ رحلت کيائين. ٻي نياڻي مسمات اُمامہ هئي، جنهن سان حضرت علي رضہ. بيبي فاطمہ جي وفات بعد، شادي ڪئي.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي فرزند حضرت ابراهيم رضہ جي ولادت: ساڳئي سال نہ 8 هجري ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي بيبي ماريہ قبطيہ رضہ جي شڪم مبارڪ مان حضرت ابراهيم رضہ فرزند تولد ٿيو. ابو رافع، حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي دربار ۾ وڃي مبارڪباد پيش ڪئي، جنهن تي پاڻ سڳورن خوش ٿي، کيس هڪ غلام بخشيو. ان بعد عقيقي ۾ گهيٽو ذبح ڪيائون. عقيقي وقت حضرت ابراهيم رضہ جا وار لهرائي، چانديءَ ۾ توري صدقو ڏنائون ۽ سندس وار مبارڪ دفن ڪرايائون.

منبر وارو واقعو: انهيءَ سال حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خطبي پڙهڻ لاءِ مسجد ۾ منبر تيار ٿيو ۽ محراب جي پاسي ۾ رکيو ويو. انهيءَ لاءِ تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن مٿس چڙهي خطبو پڙهن ۽ وعظ فرمائين. ان کان اڳ ڪجيءَ جو هڪ ٿنب هو. پاڻ سڳورا ان کي ٽيڪ ڏئي خطبو پڙهندا هئا. جمعي جي ڏينهن هو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن نئين نئين ٺهيل منبر تي چڙهي خطبو پڙهڻ شروع ڪيو تہ ٿنب بہ روئڻ شروع ڪيو. اصحاب سڳورا حيران ٿي ويا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن منبر تان لهي وڃي پاڪر پاتس ۽ دلجاءِ ڏنائونس تہ: جيڪڏهن تنهنجي مرضي هجي تہ توکي باغ ۾ رکايون، جو وري تازو ۽ سرسبز ٿي وڃين، جيڪڏهن گهُرين تہ توکي بهشت ۾ رکايون تہ قيامت جي ڏينهن ماڻهو تنهنجا ميوا کائن. هُن روئڻ کان بس ڪئي ۽ آخرت قبول ڪيائين. پوءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي حڪم سان ٿنب کي دفنايو ويو.

انهيءَ واقعي تي مولانا رومي جو هيءُ ٻيو بيت مثنوي ۾ موجود آهي. پهريون بيت وزن کان ڪريل آهي ۽ مثنويءَ ۾ به نه ڏنو ويو آهي:

بنواخت نور مصطفيٰ حنانرا
کمتر چو بي نيستي حنا نه شو حنا نه شو
آن ستون را دفن کردند در زمين
تا چو مردم حشر گردم يوم دين

ترجمو: حضور صلي الله عليه وسلم جن جي نوراني تجلي ٿنب کي نوازيو. تون به ڪاٺي کان گهٽ ڪونه آهين. تون به سندن فراق ۽ جدائيءَ ۾ روئندو رهه. هن ٿنب کي زمين ۾ دفن ڪيائون ته قيامت ڏينهن مانهن وانگر ان جو حشر ٿئي.

اهو منبر امير معاويه جي دور تائين مديني ۾ هو. هن پنهنجي گورنر مروان کي حڪم ڪيو ته حضور صلي الله عليه وسلم جن جو منبر منهنجي لاءِ شام ڏي موڪل. مروان ڪوشش ڪري منبر کڻايو ته مديني منوره ۾ اونداهو ٿي ويو. سج گرهڻ ٿيو. آخر منبر ساڄيءَ جاءِ تي رکيو ويو. سن 45 هجري ۾ مديني ۾ باهه لڳي ته منبر به انهيءَ ۾ سڙي ويو. حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي ته: مَابَينَ قَبَرِي مِنبرِي رَوضتُ مِن رِيَاض الجَنَّه (منهنجي قبر ۽ منبر جي وچ ۾ بهشت جي باغيچن مان باغيچو آهي). انهيءَ سان گڏ سن 8 هجري جا واقعا ختم ٿيا ۽ نائون سال شروع ٿيو.

سن 9 هجري جا واقعا. زڪوات جي وصولي جو حڪم: سال 9 هجري جي شروع مهيني محرم الحرام ۾ حضور صلي الله عليه وسلم جن مسلمانن کي صدقن ۽ زڪوات جي اڳاڙڻ لاءِ عمال (آفيسر) مقرر ڪيا. بريده ابن الّضيب رضه کي اسلم قبيلي ۽ غفار قبيلي ڏي موڪليائون. عباد بن بشير کي بني سليم ڏي، عمرو بن العاص کي بني فزاره ڏي، ضحاڪ بن ابوسفيان

کي بني کلاب ڏي، رافع بن مڪث کي بجنہ ڏي ۽ بشير بن سفيان ڪعبي کي بني ڪعب ڏي روانو ڪيائون.

بشير بن سفيان، بنو ڪعب کي بني تميم جي پاڻيءَ تي وڃي لڌو. بشير مال مويشي اُٺ ۽ ٻيو مال ڳڻڻ شروع ڪيو. بنو تميم ۽ بنو ڪعب وارن ڇيو تہ ايڏو وڏو مال هر سال زڪوات ۾ ڏيون، سو اسان کان ڪونہ پڇندو، اها اجائي ڇڪ آهي. بشير کين گهڻو سمجهايو ۽ نصيحت ڪئي تہ: زڪوات ۽ صدقات مال تي فرض آهي، سو سيڪنهن مسلمان کي ادا ڪرڻو پوندو، ٻيءَ صورت ۾ هو سچو ۽ پڪو مسلمان رهي نگو سگهي. پر هنن بشير سان دست درازي شروع ڪئي. تنهنڪري هو موڪي مديني منوره ۾ آيو ۽ سمورو حال حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ عرض ڪيائين.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: آهي ڪو جو بنو تميم ۽ بنو ڪعب وارن کان اهو حساب ونڻي! عينيہ بن حصين فزاري قسم کڻي انهن ٻنهي قبيلن کي گرفتار ڪري اڇڻ جو وعدو ڪيو ۽ پوءِ پنجاهہ بهادر ونڻي روانو ٿيو ۽ منزلون ڪندي وڃي بنو تميم ۾ پهتو. گهرن ۾ گهڻا مرد ماڻهو ڪونہ هئا، تنهنڪري مال اسباب لُڻي، يارهن مرد، يارهن عورتون ۽ ٽيهہ ڇوڪرا قيدي ڪري، مديني ۾ آڻي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ پيش ڪيائين. قيدين کي محفوظ جاءِ ۾ رکيو ويو.

ٻن ٽن ڏينهن بعد بنو تميم جو هڪ وفد، جنهن ۾ اقرع بن حابس، عطا بن حاطب، زبرقان بن بدر، نعيم بن سعد، عمر بن الاقم ۽ قيس بن سعد پنهنجي قيدين سان ڳالهايئون، پوءِ اچي مسجد نبوي ۾ نڪتا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن بيبي عائشہ جي حجره ۾ آرامي هئا. هنن ونڻي ڏاڍيان سڏ ڪيا. ماڻهن کين منع ڪئي، پر هو باز نہ آيا. نيٺ حضور صلي الله عليہ

وسلم جن سندن واڪن تي سجاڳ ٿيا ۽ ٻيهري جي نماز پڙهي حجره ڏي واس ٿيا تہ بنو تميم رستو وڻي، بيهي رهيا. عرض ڪيائون تہ: توهان جي اصحابن اسان سان بيواجبي ڪئي آهي، جو اسان جا آدمي قيد ڪري آيا آهن.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو ۽ اچي مسجد ۾ وينا. بني تميم ۾ اقرع بن حابس عرض ڪيو تہ: اجاز ملي تہ اسان جو خطيب ۽ شاعر پنهنجو طرف پيش ڪري. حضور صلي الله عليہ وسلم جن اجازت ڏني. عطاء بن حاطب شعرن ۾ پنهنجو مقصد ٻڌايو. ان جي جواب ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: ثابت بن قيس هنن کي جواب ڏي. ثابت اهڙو جواب ڏنو جو هنن جا هٿ پير ڙي ٻيا.

اقرع بن حابس چيو تہ: خدا جو قسم، محمد صلي الله عليہ وسلم کي آسماني مدد مليل آهي، جو سندس شاعر ۽ خطيب، اسان جي شاعرن ۽ خطيبن کان وڌيڪ قابل ۽ فصيح آهن. ان بعد حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي تابعداري ڪيائون. تڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن سندن قيدي سندن حوالي ڪيا ۽ ٻيا تحفا تحائف بہ ڪين ڏنا. ان موقعي تي بنو تميم جي باري ۾ آيت نازل ٿي تہ:

إِنَّ ٱلَّذِينَ يُنَادُونَكَ مِن وَرَآءِ ٱلْحُجُرَٰتِ أَكْثَرُهُمْ لَا يَعْقِلُونَ ﴿٤﴾
وَلَوْ أَنَّهُمْ صَبَرُوا۟ حَتَّىٰ تَخْرُجَ إِلَيْهِمْ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ ۚ وَٱللَّهُ غَفُورٌ رَّحِيمٌ ﴿٥﴾

ترجمو: بيشڪ جيڪي حجرن جي ٻاهران توکي سڏيندا آهن، تن مان گهڻا بي سمجهہ آهن. ۽ جيڪڏهن اُهي (ايستائين) صبر ڪن ها

جيستائين انهن ڏانهن ٻاهر اچين تہ انهن لءِ پلو هجي ها ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (القرآن 4:49_5).

عدي بن حاتم طائي جو اسلام آڻڻ

حضور صلي الله عليہ وسلم جن حضرت علي رضہ کي پنجاهہ سوران سان 'طي' قبيلي جا بُتخانا برباد ڪري اچڻ لاءِ موڪليو. حضرت علي رضہ پنهنجي ساڻين سان وڃي قبيلي طي ۾ پهتو ۽ بتخانا پڃي پرزا پرزا ڪري ڇڏيائون. مال اسباب بہ تمام گهڻو هٿ آين. قوم جو سردار عدي بن حاتم طائي شام پڃي ويو. حاتم طائي جي ڏيءِ بہ قيد ڪري مال غنيمت ۾ شامل ڪئي ويئي. اها تمام سياڻي ۽ سهڻي هئي. مديني منوره ۾ جتي قيدي رهائبا هئا، اُتي هن کي بہ رهايو ويو.

هڪ ڏينهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن مسجد ڏي پئي ويا تہ هن مائيءَ دانهن ڪري عرض ڪيو: يَا رَسُولَ‌اللهِ! هَلَکَ الوَالِدُ وغَابَ الوَاقِدُ فَاَمنُن عَلَی مَنَّ اللهُ عَلَيکَ (اي الله جا رسول! منهنجو پيءُ وفات ڪري ويو ۽ سنياليندڙ پڃي ويو. مون تي مهرباني ڪر. الله تعاليٰ توتي مهربان ٿيندو). حضور صلي الله عليہ وسلم جن پڇيو تہ: تنهنجو سنياليندڙ ڪير آهي؟ هُن جواب ڏنو تہ: منهنجو پاءُ عدي بن حاتم. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: اهو الله ۽ سندس رسول کان پڃي ويو آهي، ائين چئي هليا ويا.

وري ٻئي ڏينهن تي بہ ساڳي طرح عرض ڪيائين، ۽ پاڻ سڳورن ساڳو جواب ڏنو. ٽئي ڏينهن بہ ساڳي طرح عرض ڪيائين. هن ڀيري سندس عرض قبول ڀيو. قبيلي طي جا ماڻهو آيا. مائي کي نوان ڪپڑا ۽ تحفا تحائف ڏئي روانو ڪيائون. مائي وڃي پنهنجي پاءُ عدي کي شام ۾ ڳولي لڌو ۽ چيائينس تہ: بادشاهہ آهي يا نبي، بهرحال سندس تابعداري

كانسواءِ ٻيو چارو ڪونهي. عدي اها ڳالهه ٻُڌي مديني ڏي روانو ٿيو. جنهن وقت هو مديني ۾ پهتو. ان وقت حضور صلي الله عليہ وسلم جن مسجد ۾ هئا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن پڇيس: ڪير آهين؟ هن جواب ڏنو: آءٌ عدي بن حاتم آهيان. حضور صلي الله عليہ وسلم جن پنهنجي جاءِ ڏي روانا ٿيا ۽ عدي بہ پويان لڳو. رستي ۾ هڪ پوڙهي عورت حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي ٻانهن مان جهلي ڇڇ وقت بيهاري ڇڏيو. عدي اهو ڏسي دل ۾ چيو تہ: نبي آهي، بادشاهہ ڪٽي ٿا اهڙين بيواهن سان بيهي سندن عرض احوال ٻُڌن. حجره جي دروازي تي پاڻ سڳورن کاٻار جي ٻُور سان ٻريل پٽرٽي وڇائي. عدي کي ان تي ويهڻ لاءِ چيو. هن انڪار ڪيو. مگر حضور صلي الله عليہ وسلم جن کيس پٽرٽي تي ويهاري، پاڻ زمين تي ويهي رهيا. عدي دل ۾ چيو تہ: نبي آهي. بادشاهہ ڪٽي ٿا اهڙا قرب ڏين، جو پاڻ زمين تي ۽ مون کي پٽرٽي تي ويهاريو اٿن.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن عدي کي فرمايو تہ: تنهنجو مذهب فلاڻو آهي. تو جيڪي فلاڻا فلاڻا ڪم ڪيا، اهي تنهنجي مذهب ۾ بہ جائز نہ هئا. هُن قبول ڪيو. وري عدي کي فرمايائون تہ: تو مسلمانن وٽ مال متاع ڏنو آهي؟ ڇو نٿو مسلمان ٿئين؟ هڪڙي ڏينهن مسلمان اهڙا شاهوڪار ٿيندا جو ڪو خيرات ونڊ وار بہ نہ هوندو. تون هن ڪري بہ مسلمان نٿو ٿئين تہ مسلمان ٿورا ۽ سندن حڪومت ٿوري آهي. دشمن تمام گهڻا ۽ سندن ملڪ وڏا اهن. مگر هڪڙي ڏينهن ڏسندين تہ قيصر ۽ ڪسريٰ جا محلات بہ مسلمانن جي قبضي ۾ هوندا ۽ هڪ ڏينهن اهڙو بہ ايندو جو هڪ عورت اڪيلي سر قادسيہ مان اُٺ تي سوار ٿي اچي حج پڙهندي ۽ اُن کي ڪوبہ خوف خطرو نہ هوندو.

عدي اهي ڳالهيون ٻُڌي سچي دل سان ايمان آندو ۽ سچو مسلمان ٿيو. پوءِ چوي ٿو تہ اهي ٻئي واقعا مون اکين سان ڏٺا جو قيصر ۽ ڪسريٰ جا محلات ۽ ملسمانن جي قبضي ۾ آيا ۽ قادسيہ کان اڪيلي عورت ۽ امن امان سان حج پڙهي آئي.

غزوه تبوڪ

هي واقعو سن 9 هجري جي رجب مهيني ۾ ٿيو. تفصيل هن ريت آهي تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن مديني ۾ ذوالحج کان رجب تائين رهيا. 'تبوڪ' هڪ جاءِ جو نالو آهي، جيڪا شام جي پاسي ۾ آهي. ڪن جو چوڻ آهي تہ تبوڪ ڪوٺ يعني قلعي جو نالو آهي ۽ ڪي چون ٿا تہ چشمي جو نالو آهي. هن جنگ ۾ اسلام جو لشڪر انهيءَ جاءِ تي پهچي واپس ٿيو. هڪڙا افضحہ (خوار ڪندڙ) ۽ چون ٿا، چو تہ هن ئي جنگ ۾ منافق خوار خراب ۽ پڌرا ٿيا. ڪن وري هن جنگ جو نالو 'جيش العسره' رکيو يعني لشڪر جو ڏڪ. اهو هن ڪري جو هن جنگ ۾ هڪ تہ سخت ڏڪار هو. ڪاڏل ۽ سُريل جَوَ. توڙي ڪيئنِ ڪاڏل ردي ڪتل ۽ نہ ٿي ملي. ڏهن ماڻهن کي سواريءَ لاءِ هڪ اُٺ مليو. جو واري وٺيءَ سان سوار ٿي ٿيا. پاڻي ۽ تمام گهٽ هو. انهيءَ تائين جو اُٺن جي ٿورائي هوندي ۽ اُٺ ٻئي ڪُنائون ۽ پاڻيءَ جي بجاءِ اُٺن جون اوجهريون ٻئي چوسيائون. ٻيو تہ گرمي سخت هئي ڏاڍا جهولا پئي لڳا. هوڏانهن وري باغن جو فصل ۽ ميون جي تياري ۽ هئي. وٽن جا ڇانوَ ڇڏي، جهولن ۽ لُڪن ۾ هلڻ، ۽ ميون جو تيار فصل ڇڏي ٻُکون ڪاٽڻ تمام مشڪل هو. قرآن ڪريم ۾ آهي تہ:

يَـٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ مَا لَكُمْ إِذَا قِيلَ لَكُمُ ٱنفِرُوا۟ فِى سَبِيلِ ٱللَّهِ ٱثَّاقَلْتُمْ إِلَى ٱلْأَرْضِ ۚ أَرَضِيتُم بِٱلْحَيَوٰةِ ٱلدُّنْيَا مِنَ ٱلْءَاخِرَةِ ۚ فَمَا مَتَـٰعُ ٱلْحَيَوٰةِ ٱلدُّنْيَا فِى ٱلْءَاخِرَةِ إِلَّا قَلِيلٌ ﴿٣٨﴾

ترجمو: اي مومنو! توهان کي ڇا ٿيو آهي جو جڏهن اوهان کي چئبو آهي ته الله جي واٽ ۾ (جهاد لاءِ) نڪرو ته زمين ڏانهن ڳرا ٿي ڪِرندا آهيو آخرت جي بدران دنيا جي حياتي سان راضي ٿيا آهيو دنيا جي حياتي جو سمان آخرت (جي مقابلي) ۾ ٿورڙي ڪانسواءِ نه آهي (القرآن، 38:9).

هن جنگ جو ڪارڻ هي هو ته شام کان گِيهه ۽ زيتون جو تيل هڪ قافلو مديني ۾ پهتو. قافلي وارن ڳالهه ڪئي ته روم جي بادشاهه تمام وڏو لشڪر گڏ ڪيو آهي ۽ عربن کي قبيلا بہ ساڻس ملي ويا آهن. جهڙوڪ جذام، عامله، غسان وغيره مديني تي چڙهائي لاءِ لشڪر جو مقدمہ 'بلقاءَ منزل' تي پهچي ويو آهي. ڪن چيو ته بادشاهه هرقل کي نصارن لکيو آهي ته جنهن مرد نبوت جي دعويٰ ڪئي هئي، سو وفات ڪري ويو آهي ۽ سندس ملڪ ۾ قحط ڏاڍو پيو آهي. ماڻهو بُک ٿا مرن، اهو ملڪ آسانيءَ سان قبضي ۾ اچي ويندو. تنهنڪري هرقل پنهنجي گورنر قباد کي چاليهه هزار لشڪر ڏئي مديني ڏي روانو ڪيو آهي.

اهي خبرون حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي پهتيون ته يڪدم پنهنجا ماڻهو آسپاس وارن قبيلن ڏي تياريءَ لاءِ موڪليائون ۽ سڀني اصحابن کي خاص طرح شاهوڪارن کي مالي مدد ڏيڻ جو حڪم فرمايو ته جيئن لشڪر لاءِ کاڌ خوراڪ وغيره مهيا ڪجي.

حضرت عمر رضہ فرمائي ٿو ته: مان ان وقت شاهوڪار هئس، تنهنڪري هن موقعي تي اهڙو خير ڏيان جيئن حضرت ابابڪر کان اڳرائي ڪري وڃان. پوءِ گهر جو سمورو مال بہ حصا ڪيم. اڌ گهر جي لاءِ رکيم ۽ اڌ کڻي اچي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ پيش ڪيم. فرمايائون: ڇا آندءِ ۽ ڇا ڇڏي آئين؟ عرض ڪيم: سموري ملڪيت جو اڌ آندم، اڌ اهل عيال لاءِ ڇڏي آيس. ايتري ۾ حضرت ابوبڪر

صديق رضہ بہ آيو. هن بزرگ سمورو مال اسباب جيڪي بہ هئس، ڪٽي اچي حاضر ڪيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن پڇيس: اهل عيال لاءِ ڇا ڇڏي آئين؟ عرض ڪيائين تہ: اهل عيال لاءِ الله تعاليٰ ۽ سندس رسول جو نالو ڇڏي آيو آهيان. حضرت عمر فاروق چوي ٿو تہ وري ڪڏهن بہ ابوبڪر صديق رضہ کان نيڪيءَ ۾ اڳرائي ڪرڻ جو ارادو ڪونہ ڪيم.

حضرت عثمان رضہ جو قافلو شام جي واپار لاءِ تيار هو. سئو اٺن جو سامان سميت اچي حاضر ڪيائين. وري حضور صلي الله عليہ وسلم جن گهُر ڪئي تہ ٻيو سئو اُٺن جو سامان سميت رات جو اچي ڏنائين. وري بہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن گُر ڪئي تہ ٽيهر بہ سئو اُٺن جو لِڪائي سامان سوڏو اچي پيش ڪيائين. چوٽين پيري هزار دينار جو سون بہ اچي ڏنائين. سندس شان ۾ آيت نازل ٿي تہ:

ٱلَّذِينَ يُنفِقُونَ أَمْوَٰلَهُم بِٱلَّيْلِ وَٱلنَّهَارِ سِرًّا وَعَلَانِيَةً فَلَهُمْ أَجْرُهُمْ عِندَ رَبِّهِمْ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُونَ ﴿٢٧٤﴾

ترجمو: جيڪي پنهنجا مال الله جي راهہ ۾ خرچ ڪن ٿا رات جو ۽ ڏينهن جو ظاهر ظهور ۽ لِڪ ڇپ ۾ انهن لاءِ اجر آهي تنهنجي پالڻهار وٽ نہ انهن تي ڪو خوف آهي ۽ اهي ڏپ نہ ڪن (القرآن، 2:274).

حضرت عبدالرحمان بن عوف کي چار هزار درهم هئا، ٻہ هزار درهم الله جي راهہ ۾ ڏنائين. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کيس دعا برڪت جي ڪئي. سندس مال ملڪيت ۾ اهڙي برڪت پئي جو سندس وفات بعد جيڪي چار عورتون هيس، جن مان هڪ عورت پنهنجي اٺوڳ تي رڳو چوٽين حصي تي راضي ٿي تہ بہ اسي هزار درهم چانديءَ جا مليس. ڪن

چيو آهي تہ اسي هزار دينار سون جا ونڻ، باقي ڇڏي هلي ويئي. اها هئي برڪت حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دعا جي.

ابو عقيل انصاري رات ڏينهن پورهو ڪري پہ ٽوپا ڪتل جا مزوري ڪمائي هڪ ٽوپو عيال لاءِ ڇڏيائين ۽ هڪ ٽوپو اچي مدد ۾ ڏنائين. حضور جن سينې جي مٿان سندس ٽوپو ڪتل جو رکيو تہ هن وڏي قرباني ڪئي آهي. انهن غريبن جي صدقي تي ڪن منافقن ٽوڪ ڪئي، انهن جي رد ۾ آيت نازل ٿي تہ:

ٱلَّذِينَ يَلْمِزُونَ ٱلْمُطَّوِّعِينَ مِنَ ٱلْمُؤْمِنِينَ فِى ٱلصَّدَقَٰتِ وَٱلَّذِينَ لَا يَجِدُونَ إِلَّا جُهْدَهُمْ فَيَسْخَرُونَ مِنْهُمْ سَخِرَ ٱللَّهُ مِنْهُمْ وَلَهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ ﴿٧٩﴾

ترجمو: اهي اهڙا آهن جو صدقي ڏيندڙن مومنن جي صدقي ڏيڻ ۾ طنعا هڻندا آهن ۽ انهن کي (بہ طعنا هڻندا آهن) جيڪي (مزدوري ڪرڻ جي) محنت کان سواءِ ڪجهہ نہ لهندا آهن ۽ انهن سان مسخريون ڪندا آهن، الله (بہ) سندن مسخرين جو کين بدلو ڏيندو ۽ انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (القرآن، 79:9).

حضور صلي الله عليہ وسلم جن لشکر جي تياري جو حڪم فرمايو. کي غريب اصحاب، جن وٽ ڪوبہ سواري يا کاڏي پيتي جو اسباب ڪونہ هو. جهڙوڪ: سالم بن عمر، عتبہ بن يزيد، ابلو ليليٰ، عبدالرحمان بن ڪعب مازني، عمرو بن عمير، سلمہ بن صخرو، عرياض بن ساريہ، عبدالله ابن معقل بن يسار، عمر بن الحمام الجموع، صخر بن مهدس بن عبدالرحمان. انهن سينې حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دربار ۾ عرض ڪيو تہ: اسان کي سواري وغيره ملي تہ اسان بہ لشکر سان هلون. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کين جواب ڏنو تہ: ايترو بندوبست ناهي جو توهان جهڙن

غريبن کي سيکجهه ڏئي ڪڍجي. ڇو ته ايترو سامان به ڪونهي جو توهان جي پورت ڪجي. اهو پُڌي هو ڏکارا ٿيا ۽ روئندا مجلس کان اُٿيا. انهن جو لقب ٿيو 'جماعت بَکائين' (روئندڙن جي جماعت). قرآن ڪريم سندن بيان ٿو فرمائي ته:

وَلَا عَلَى ٱلَّذِينَ إِذَا مَآ أَتَوْكَ لِتَحْمِلَهُمْ قُلْتَ لَآ أَجِدُ مَآ أَحْمِلُكُمْ عَلَيْهِ تَوَلَّوا۟ وَّأَعْيُنُهُمْ تَفِيضُ مِنَ ٱلدَّمْعِ حَزَنًا أَلَّا يَجِدُوا۟ مَا يُنفِقُونَ ﴿٩٢﴾

ترجمو: ۽ نڪي اُنهن تي (ڪو گناهه آهي) جي جڏهن تو وٽ اچن ٿا ته تون کين پاڻ سان ڪڍ تون هنن کي فرمائين ٿو ته مون وٽ ايترو ناهي جو توهان کي ڪڍان ته انهن جي اکين مان ڳوڙها ٽِمن ٿا ڏک جي ڪري، اهو ڪونه اٿن جو خرچ ڪي هلن! (القرآن، 92:9). انهن مان ڪن کي حضرت عثمان رضہ خرچ ڏنو ڪن کي حضرت عباس رضہ ۽ ڪن کي ٻين اصحابن مڙئي انهن کي به پاڻ سان ڪنيائون، جيڪي رهيا انهن تي الله تعاليٰ فرمايو ته ڪابہ معيار نہ آهي.

منافقن مان ٻياسي ڇڪا آيا، جن اچي عذر پيش ڪيا ته: اسان کي مجبورين پيش آهن تنهنڪري هلي نہ ٿا سگهون. اسان کي معافي ڏيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو ته: جلد ئي الله تعاليٰ اسان کي توهان کان ڇڏائيندو. انهن لاءِ قرآن ڪريم بيان ٿو فرمائي ته:

وَجَآءَ ٱلْمُعَذِّرُونَ مِنَ ٱلْأَعْرَابِ لِيُؤْذَنَ لَهُمْ وَقَعَدَ ٱلَّذِينَ كَذَبُوا۟ ٱللَّهَ وَرَسُولَهُۥ ۚ سَيُصِيبُ ٱلَّذِينَ كَفَرُوا۟ مِنْهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ ﴿٩٠﴾

ترجمو: عربن مان معافي گهرندڙ آيا تہ انهن کي معافي ڏني وڃي، ويهي رهيا اهي جن الله ۽ سندس رسول جي تکذيب ڪئي، جلدي ڪافرن کي مصيبت پهچندي انهن لاءِ عذاب دردناڪ آهي (القرآن، 90:9).

ٻيا منافت معافي گهرڻ ڪونہ آيا. پاڻ نہ هليا پر ٻين کي بہ منع ڪيائون تہ جهولن ۽ لُڪن ۾ مارجي ويندو. انهن لاءِ قرآن ڪريم بيان ڪو فرمائي تہ:

فَرِحَ ٱلْمُخَلَّفُونَ بِمَقْعَدِهِمْ خِلَٰفَ رَسُولِ ٱللَّهِ وَكَرِهُوٓاْ أَن يُجَٰهِدُواْ بِأَمْوَٰلِهِمْ وَأَنفُسِهِمْ فِى سَبِيلِ ٱللَّهِ وَقَالُواْ لَا تَنفِرُواْ فِى ٱلْحَرِّ ۗ قُلْ نَارُ جَهَنَّمَ أَشَدُّ حَرًّا ۚ لَّوْ كَانُواْ يَفْقَهُونَ ﴿٨١﴾

ترجمو: خوش ٿيا جيڪي رسول الله جي خلاف ويهي رهيا. انهن ٻُرو ڄاتو جو پنهنجي مالن ۽ سِرن سان الله تعاليٰ جي راهہ ۾ جنگ ڪن ۽ ٻين کي چيائون تہ وڃو گرمي ۾، انهن کي چئو تہ باهہ دوزخ جي سخت گرم آهي جهولن کان، جيڪڏهن هو سمجهن (القرآن، 81:9).

حضور صلي الله عليہ وسلم جن حڪم فرمايو تہ: لشڪر مديني کان ٻاهر نڪري ثنيت الوداع ۾ گڏ ٿئي. اڳواڻ لشڪر جو حضرت ابوبڪر هجي. پوءِ مديني منوره ۾ محمد بن مسلمہ الانصاري کي خليفو مقرر ڪيائون. ڪن جو چوڻ آهي تہ سباع بن صرفهاني. حضرت علي رضہ کي پنهنجي اهل عيال جي سنيال لاءِ مقرر ڪيائون. جنهن کي منافق طعنا هنيا تہ تون حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي نہ وڃئين. تڏهن پاڻ سان وڃي نہ ويئي. حضرت علي رضہ اهي طعنا ٻُڌي لشڪر جي پويان روانو ٿيو ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم جن ايڏا جرف منزل تي لٿا پيا هئا تہ پاڻ بہ وڃي پهتو. پاڻ سڳورن سندس احوال ٻُڌي فرمايو تہ: منافق ڪوڙا آهن، تون موڃي

وڃي گهرن جي حفاظت ڪر. انهيءَ تي راضي ناهين ڇا تہ تون مون کي اهڙو آهين جهڙو موسيٰ کي هارون، مگر مون کان بعد ڪو نبي ڪونہ هوندو. اهو پُڌي حضرت علي رضہ مديني ۾ موڪي آيو.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڏنيہ الوداع کان نڪتا تہ عبدالله بن ابي بن سلول منافقن جي وڏي ٽولي سان واپس ٿيو ۽ چوڻ لڳو تہ: محمد صلي الله عليہ وسلم سمجهي ٿو تہ بني الاصفر (نصارن) سان جنگ سڀائي آهي. ڏسندو تہ پاڻ مارجي ويندو ۽ سندس اصحاب قيد ٿي. ملڪن ۾ غلام ٿي وڪامندا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن سندس واپس ورڻ جو پُڌي فرمايو تہ اسان لاءِ انهيءَ ۾ خير آهي تہ هو اسان سان نہ هلن. ٻيا منافق وري مال غنيمت جي لاءِ ۽ پڻ انهيءَ خيال سان هليا تہ ڪو وجهہ لڳي تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي شهيد ڪري وجهون.

سموري لشڪر جو تعداد ٽيهہ هزار هو. ڪن چيو آهي تہ اسي هزار هو ۽ ڪن چيو آهي تہ هڪ لک ڪن هو. وڏو جهنڊو پيشوائي جو حضرت ابوبڪر صديق وٽ هو ۽ ٻيو جهنڊو حضرت زبير بن العوام کي ڏنائون. واس ۽ خزرج قبيلن جو جهنڊو اسيد بن الخصيہ ۽ ابو دجانہ کي ڏنائون. خالد بن وليد کي مقدمہ (اڳ) لشڪر جو سالار ۽ ميمنہ (سڄي پاسي) جو سالار حضرت طلحہ بن عبدالله کي ۽ ميسره (کٻي پاسي) لشڪر جو سالار حضرت عبدالرحمان بن عوف کي ڪيائون. هر منزل تي جيئن جيئن سختي پئي آئي تيئن تيئن منافق واپس پئي موٽيا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن اهو پُڌي پئي فرمايو تہ: ڇڏو ٿيو جو اهي موٽيا، انهن ۾ ڪو خير ڪونهي.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جڏهن وادي القريٰ ۾ پهتا ۽ حِجر ثمود قوم ۾ منزل ڪيائون تہ فرمايائون: قوم ثمود تي غضب نازل ٿيو هو

تنهنڪري اڄ رات بہ سخت هوا لڳندي، ڪوبہ اڪيلو ٻاهر نہ نڪري. اُنن جا گوڏا مضبوط ٻڌي ڇڏيو ۽ ڪوبہ پاڻي نہ پئي، نہ هتان ڪو نماز لاءِ وضو ڪري. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو اَڻو هن پاڻي مان ڳوهيو هجي تہ اُنن کي کارائي ڇڏي. انهي حڪم جي خلاف هڪ ماڻهو پنهنجي قضاء حاجت لاءِ نڪتو تہ رستي ۾ خناق جي بيماري ٿيس. نِڙي سُڄي پيس. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ آندائونس. پاڻ ڪيس دعا ڪيائون تہ چڱو پلو ٿيو. ٻيو هڪ ماڻهو پنهنجو اُٺ ڳولڻ ويو تہ ان کي هوا کڻي وڃي قبيلي طي جي جبلن وٽ اڇلايو. جڏهن اهو قبيلو مديني شريف آيو تہ انهيءَ ماڻهو کي بہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ پيش ڪيائون.

حجر ثمود کان منزل ڪنيائون تہ اصحابن سڳورن پاڻي جي طلب ڪئي تہ حڪم موجب حجر ثمود جو پاڻي ڪم نہ آندوسين. هتي آبادي ڪانہ آهي، هيڏو لشڪر پاڻي ڪٿان پيئندو؟ حضور صلي الله عليہ وسلم جن قبلي ڏي منهن مبارڪ ڪري هٿ کڻي دعا گهُري. ڏينهن گرم ٿ ويو هو جهولو سخت گرم پئي گهُليو. ايتري ۾ آسمان مان ڪڪ پيدا ٿيا. ايترو تہ مينهن اُنو جو لشڪر ۽ وهٽن پاڻي پي ڏوءُ ڪيو ۽ پنهنجون مشڪون ۽ ڪَليون کڻي ڀريائون.

رستي ۾ ڪنهن منزل تي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو اُٺ گم ٿي ويو. اصحاب اُٺ ڳولڻ ويا. بنو قينقاع جو هڪ ماڻهو نالي ماتر مسلمان ٿيو هو پر منافق هو. عمار بن حزام کي جو صاحبِ بدر هو، چيائين تہ: حضور صلي الله عليہ وسلم آسامن جون خبرون ڏئي ٿو پر اُٺ جي خبر نٿي پويس تہ ڪاڻي آهي. تنهن تي حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: مون کي الله تعاليٰ جيڪي ٻڌائيندو اهو ئي مان ڄاڻان ٿو. الله تعاليٰ هينئر مون کي

جاڻايو آهي ته تنهنجو اُٺ غلا وادي ۾ آهي، مهار سندس وٽ ۾ ويڙهجي ويئي آهي، تنهن سبب اُٺ بينو رهيو آهي.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن منزلون ڪندا تبوڪ ۾ پهتا. ابوذر غفاري رضہ جو اُٺ رستي ۾ ٽڪجي پيو هو جنهنڪري پوئتي رهجي ويو هو. ماڻهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي چيو ته: ابوذر غفاري رضہ به بين منافقن وانگر موٽي ويو، مگر پاڻ سڳورن کي انهن جي ڳالهہ اعتبار ۾ نہ آئي. هڪ ڏينهن هڪڙو ماڻهو سڏو حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڏانهن ايندو ڏٺائون. اصحابن سڃاتو ته اهو ابوذر غفاري رضہ هو، جيڪو اُٺ کي ڇڏي جيڪو سامان کڻي سگهيو سو ڪُلهي تي کڻي اچي پهتو هو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن مرحبائيءَ لاءِ اُٿيا ۽ فرمايائون ته: الله تعاليٰ ابوذر تي رحمت ڪري تَمشِي وَحدَكَ وَتَمُوتُ وَحدَكَ وَتُبعَثُ وَحدَكَ (اڪيلو ئي هليو آئين ۽ اڪيلو ئي مرندين ۽ اڪيلو ئي قيامت ۾ اُٿندين).

حضرت ابوذر رضہ، حضرت عثمان رضہ جي عهد خلافت ۾ گوشہ نشين ٿي جبلن ۾ رهڻ لڳو. اُتي پنهنجي بيبي ۽ هڪ غلام بہ ساڻس رهندا هئا. جڏهن موت ويجهو آيس ته وصيت ڪيائين ته: مون کي غسل ۽ ڪفن ڏيئي رستي ۾ منهنجو لاش کٽ تي رکي انتظار ڪجو، جيڪو پهريون قافلو اُتان لنگهي اني کي ٻڌائجو ته هي رسول الله صلي الله عليہ وسلم جو اصحابي ابوذر غفاري آهي، اسان کي دفن ۾ مدد ڪريو. ٿيو بہ ائين، سندس فوت ٿيڻ بعد غسل ڏئي، ڪفن پهرائي، سندس کَٽ رستي تي رکي ويئي ته هڪ قافلو عراق کان ٿي آيو، جنهن سان حضرت عبدالله بن مسعود، مکي شريف ڏانهن عمرو ادا ڪرڻ پئي ويو. پُڇا ڪيائون ته: هي چا آهي؟ سندس غلام ۽ بيبب سمورو احوال ڪيو. حضرت عبدالله بن مسعود ڏاڍو رُنو ۽ چيائين: سچ فرمايو رسول الله صلي الله عليہ وسلم ته اڪيلو مرندين،

اکيلو دفن ٿيندين ۽ اکيلو قيامت ۾ اُٿندين. پوءِ انهن نماز جنازه جي پڙهي احسن طريقي سان دفن ڪيو.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن تبوڪ پهچي ويا. ابا خيثمہ اصحابي گرمي جي تڪليف سبب موٽي آيو. هڪڙي ڏينهن گهر اچي تہ سندس ٻئي زالون پنهنجون ڪوٺيون ٻُهاري ڇٽڪار ڪري، بسترا ويڇائي، سنو طعام رڌي ويٺيون آهن. وقت منجهد جو هو. هن اها صرتحال ڏسي خيال ڪيو تہ: افسوس! رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جهولن، برڇٽن، بکن ڏکن ۾ آهن ۽ مان عيش آرام ۾، زالن کي چيائين تہ: منهنجي الله ٿُهار آهي. مان اندر گهر ۾ نہ ايندس ۽ نہ ماني کائيندس. اُٺ تي چڙهيو روانو ٿيو تہ رستي ۾ عمير بن وهب بہ مليس، جيڪو حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڏي ٻئي ويو. هن کي چيائين تہ: مان حضور صلي الله عليہ وسلم جو ڏوهي آهيان، تنهنڪري ضورت ٻئي تہ منهنجي سفارش حضور ۾ ڪجانءِ. اُٺ هشائي حضور صلي الله عليہ وسلم جن وٽ اچي حاضر ٿيو تہ فرمايائونس: چگو ڪيئي، ۽ پوءِ سندس حق ۾ دعا خير جي گهريائون.

خالد بن وليد کي دومت الجندل ڏي موڪليٰ: دومت الجندل نالو جاءِ جو آهي. عبدالملڪ نصراني اتي جو حاڪم هو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن خالد بن وليد کي حڪم فرمايو تہ: چار سوئو ويهہ سوار وني ويڄي دومت الجندل تي چڙهائي ڪر. خالد عرض ڪيو تہ: هن لڙائي لاءِ ايترا سپاهي ڪافي نہ ٿي سگهندا، وڌيڪ لشڪر گهرجي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايس تہ: اکيدر کي (گئزن) جبل جي ڪُئون جو شڪار ڪندي سواءِ تڪليف جي پڪڙي ايندين، تنهن لاءِ اهو لشڪر ڪافي آهي. خالد بن وليد لشڪر وني روانو ٿيو. دومت الجندل ۾ پهتو ۽ رات جو اکيدر جي ڪوٽ جي پرسان منزل ڪيائين. اکيدر پنهنجي زال زبابہ ۽

ڏيءِ انيف سان شراب پي رهيو هو تہ جبل جي ڳئون (جنهن کي سنڌي ۾ روجهہ چئبو اهي) اچي ڪوٺ جي دروازي کي ڪڙڪائڻ ۽ ڪنهڙ لڳي. اکيدر جي زال اُٺي روجهہ کي ڏنو ۽ عجب کائي مڙس کي چيائين تہ ڪڏهن عمر ۾ اهڙو واقعو ڏنو اٿئي؟ اکيدر روجهن جي شڪار جو ڏاڍو شوقين هو سو يڪدم ڪٺي گهوڙي تي زين ڪرايائين ۽ سندس پاءُ حسان بب بن-ثن سُوارن سان باهر نڪري پيو. اکيدر ۽ حسان پنهنجي سوارن سان نڪتا تہ خالد بہ مٿن حملو ڪيو. حسان کي ماري وڌائون باقي اکيدر کي قيد ڪيائون. سندن ٻيا سپاهي ڀڄي ويا، جن وڃي ڪوٺ ۾ پناهہ ورتي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن اکيدر کي جيئرو جهلڻ جو حڪم ڏنو هو. تنهنڪري خالد بن وليد چيس تہ: مون کي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو حڪم آهي تہ توکي جيئرو سندس خدمت ۾ حاضر ڪريان. مگر شرط آهي تہ قلعي جون ڪنجيون اسان جي حوالي ڪر. اکيدر قبول ڪرڻ تي کيس وٺي قلعي جي آڏو آندائون. سندس پاءُ مصاد، قلعي جو محافظ هو. تنهن پهرين تہ قلعو حوالي ڪرڻ کان انڪار ڪيو. پر پوءِ اکيدر جي سمجهائڻ تي هن قلعي جو دروازو کوليو. ٻہ هزار اُٺ، اَٺ سئو گهوڙا، چار سئو نيزا ۽ چار سئو زرهون خالد جي حوالي ڪيائون، جنهن اکيدر ۽ سندس پاءُ کي قيد ڪري، حسان جي ريشمي قبا ۽ زريفتي صدري، عمر بن اميہ ضميري جي هٿان اڳواٽ حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڏي موڪلي ڏنا. جڏهن اها قبا حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ پيش ٿي تہ اصحاب عجب ۾ پئجي ويا ۽ قبا کي هٿ لائي پيا چون تہ: ڪيڏي نہ نرم ۽ سهڻي زريفت آهي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: لَمَنَادِيلُ سَعدِ بِن مُعَاذِ فِی الجَنَّتِ اَلیَن وَ اَحسَنُ مِن هذَا (معاذ بن جبل جو رومال بهشتي هن کان گهڻو نرم ۽ سهڻا آهن).

خالد بن وليد چند تحفا ۽ مال غنيمت جو خمس، حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ روانو ڪيو. ۽ باقي مال غنيمت پنهنجي لشڪر کي تقسيم ڪري ڏنو. اڪيدر ۽ سندس پاءُ کي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ آيا ۽ ٻئي ڇڻا مسلمان ٿيا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن سندن حڪومت کين واپس ڪئي. ڪن جو چوڙ آهي تہ مسلمان ڪونہ ٿيا هئا، تنهنڪري مٿن جزيہ مقرر ڪري ڇڏيائون.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن تبوڪ ۾ ٻہ مهينا ٽڪيا. ڪن جو چوڙ آهي تہ پندرهن يا ارڙهن ڏينهن رهيا. پوءِ وڏن معتبر اصحابن کي سڏي، انهن سان مشورو ڪيائون تہ: ڇا صلاح آهي، اڳتي وڌي روم تي چڙهائي ڪريون يا واپس هلون؟ اصحابن عرض ڪيو تہ: جيڪڏهن الله تعاليٰ جو توهان تي حڪم آهي تہ پوءِ اسان توهان سان حاضر آهيون. پر جيڪڏهن خدائي حڪم نہ آهي تہ پوءِ جيڪا اوهان جي مرضي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: الله تعاليٰ جو حڪم هجي ها تہ پوءِ توهان سان صلاح جي ضرورت نہ هئي. حضرت عمر فاروق رضہ عرض ڪيو تہ: روم جي بادشاهہ وٽ تمام وڏو لشڪر آهي، جنگي اسباب ۽ اناج جي رسد بہ وٽس ڪافي آهي. اسان جو حال توهان کان مخفي ڪونهي. هي سال ڏڪار جو آهي، تنهنڪري بهتر آهي تہ هن سال موٽي هلون، باقي ساري ملڪ ۾ اها خبر پهچي چڪي آهي تہ اسلام جو پيغمبر پنهنجي لشڪر سميت روم جي حدن ۾ داخل ٿيو پر روم جي بادشاهہ کي طاقت نہ هئي جو سندن مقابلي لاءِ نڪري. اهو ئي اسان جي لاءِ ڪافي آهي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن حضرت عمر جي راءِ کي سنو سمجهي واپسي جي تياري ڪئي.

روم جي بادشاهہ هرقل پنهنجو ڪو خاص ماڻهو موڪليو هو تہ وڃي مسلمانن جي پيغمبر ﷺ سندن اصحابن جي رسم رواج ۽ هلت چلت ڏسي اچي. هُن ماڻهو حضور صلي الله عليہ وسلم جن ﷺ سندن اصحابن جي عبادت، نماز، ادب ۽ اخلاق، سمورو احوال وڃي هرقل کي ٻڌايو. جنهن پنهنجي قوم جي ڏاهن ماڻهن کي گهرائي چيو تہ: مون کي يقين ٿي ويو اهي تہ هي سچو نبي مرسل آهي. آخرت جي نجات گهرجيوَ تہ يڪدم مسلمان ٿيو آءٌ بہ اسلام قبول ٿو ڪريان. اهو ٻُڌي سندس قوم اها ڳالهہ قبول نہ ڪئي ۽ رڙيون ڪري وڃي ٻڌي. ڪن چيو آهي تہ هرقل ايمان آندو ۽ ڪن چيو آهي تہ قوم کان ڏڃي ايمان ڪونہ آندائين. وَاللّٰہُ اَعلَمُ بِالصّوآبِ.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي تبوڪ کان واپسي: تبوڪ ۽ مديني منوره جي وچ ۾ وادي مشقق ڀاڪي جو هڪ چشمو هو جو جبل مان پيو سِمندو هو. ۽ فقط بن يا ٽن مانهن جي پيئڻ جيترو پاڻي هوندو هو. پاڻ سڳورن فرمايو تہ: انهي پاڻي مان اسان کان اڳي ڪوبہ نہ پئي. پر منافق اڳيئي وڃي چشمي تي پهتا ۽ سمورو پاڻي پِي ويا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جڏهن اتي پهتا، ڏٺائون تہ پاڻي جو ڏڪ بہ ڪونهي. پُڇا تي معلوم ٿين تہ فلاڻا فلاڻا منافق اڳ ۾ ئي پهچي پاڻي پِي ويا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن مٿن لعنت ڪئي ۽ بددعا ڪيائين. پوءِ پنهنجو هٿ مبارڪ انهي هنڌ تي رکيائون، جتان پاڻي پئي سِميو. هٿ رکڻ شرط پاڻي اڇي ٻُنب ڏنو ۽ پرٽڻ شروع ڪيو. پاڻي جو آواز اهڙو زور سان اڇڻ لڳو جو جڻ تہ رعد جي گجگوڙ هجي. ماڻهن پاڻي پيتو، وهٽن پيتو ۽ ٽانوَ سڀ ڀريائون. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: توهان مان ڪوبہ جيئرو هوندو ۽ ڪڏهن بہ هِت ايندو تہ ڏسندو تہ پاڻي انهي گجگوڙ سان سدائين پيو وهندو.

حضرت عبدالله بن مسعود کان روايت آهي تہ: هڪ رات آيس تہ ڏنم لشکر ۾ باهہ پئي ٻري. مان ٻہ تبوڪ ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم سان گڏ هئس. وڃي ڏسان تہ عبدالله ذوالبجادين المدني فوت ٿيو آهي، جنهن کي پاڻ سڳورا پنهنجن هٿن سان کيس قبر ۾ پيا رکن ۽ حضرت ابوبکر صديق ۽ حضرت عمر فاروق ٻہ اندر قبر ۾ آهن. انهن کي حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: اِلَيَّ اَخِيکُمَا (منهنجي ويجهو ڪريو پنهنجي ٻاڻُ کي). ان بعد فرمائڻ لڳا اَللّٰهُمَّ اِنِّي رَاضٍ عَنہُ فَارضَ عَنہُ (اي منهنجا سائين، آڻُ هن کان راضي آهيان تون ٻہ هن کان راضي رهہ). عبدالله بن مسعود ڇيو تہ: جيڪر انهيءَ جاءِ تي مان هجان ها تہ حضور جن منهنجي حق ۾ اهڙا الفاظ فرمائين ها. ذوالجبادين انهيءَ ڪري چوندا هئس تہ هو ننڍو هو جو پيءُ مري ويس ۽ چاچي جي سنيال ۾ رهيو. وڏو ٿيو تہ وڏي بخت وارو واپاري ٿيو. مال متاع گهڻو هئس، هن کي شوق ٿيو تہ مان اسلام قبول ڪريان، سو چاچي کي چيائين تہ: بهتر آهي تہ تون ٻہ مسلمان ٿيءُ بت پرستي ڇڏي ڏي. نہ تہ آڻُ مديني وڃان ٿو مسلمان ٿيڻ. سندس چاچي ٻيو سڀ ڪجهہ کسي ورتو پر چادر ۽ گوڏ ٻہ کسي ورتائين. ماءُ وٽ ويو. جنهن هڪڙو ڪنبل ڏنس، جنهن کي ڦاڙي اڌ گوڏ ڪيائين ۽ اڌ چادر ڪيائين. حضور صلي الله عليہ وسلم جن سندس نالو عبدالله ذوالبجادين (ٻن رلين جو مالڪ) رکيو. جنگ تبوڪ ۾ هن عرض ڪيو تہ: دعا ڪريو تہ مون کي شهادت نصيب ٿئي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کٻڙ جو ڇوڏو سندس ٻانهن ۾ ٻڌي دعا گهُري تہ: الله تعاليٰ ڪافرن جي قتل کان هن کي بچاءِ ۽ درجو شهادت جو کيس نصيب ڪر. هن عرض ڪيو تہ: منهنجو مطلب ائين نہ آهي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايس: تون فِي سَبِيلِ الله جهاد لاءِ هلين ٿو. توکي تپ ٿيندو ان ۾ تنهنجو موت ٿيندو. درجو شهادت جو توکي ملندو.

واپس ٿيندي اسلامي لشڪر کي هڪ غار مان لنگهڻو پيو. رستو سوڙهو هو تنهنڪري حضور صلي الله عليہ وسلم جن منادي ڪرائي تہ غار مان ڪوبہ ماڻهو اڳ ۾ نہ لنگهي. پوءِ حذيفت اليماني ۽ عمار بن ياسر کي پاڻ سان کنيائون. حذيفت اُٺ جي مهار ونيو ٿي هليو ۽ عمار بن ياسر پويان اُٺ کي ڀئي ڪاهيو. حذيفت رضہ چيو تہ: ڏٺم تہ چوڏهن سوار اسان جي سامهون ٿيا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن هڪ ڪئي تہ ونې ڀڳا. پاڻ فرمايائون: هن منافقن کي سڃاتو؟ اسان عرض ڪيو تہ: ڪونہ سڃاتاسين جو سندن منهن ٻڌل هئا. پاڻ فرمايائون تہ: اهي هن ارادي سان آيا هئا تہ منهنجي اُٺ کي ٽاهہ ڏين تہ مان ڪِري پوان. پوءِ هو مون کي قتل ڪن. الله تعاليٰ انهن کي سخت بيماريءَ ۾ گرفتار ڪري هلڪ ڪندو. پوءِ سندن نالا ۽ سندن ٻِيُن جا نالا حذيفت ۽ عمار کي ٻُڌايائون ۽ کين تاڪيد ڪيائون تہ: سندن نالا ظاهر ڪري کين خوار نہ ڪجو. جو هتي منافق گهٽئي آهن. اصحاب بہ چوندا هئا تہ: حَذِيفتُ صَاحبُ السِّر الّذِیٰ لَايَعلَمُ غَيرُهُ (حذيفت رسول الله جو رازدار آهي جو ٻين کي اهڙي خبر ڪانہ آهي جهڙي حذيفت کي آهي).

حضور صلي الله عليہ وسلم جن اصحابن جا فضائل بيان ڪندي حذيفت جي شان ۾ فرمائيندا هئا اَعلَمُهُم بِشَانِ المُنَافِقِينَ حُذِيفَتُ (سيني اصحابن کي منافق جي سڃاڻڻ ۾ حذيفت وڏيڪ آهي). حضرت عمر رضہ تہ روزانو حذيفت جي دروازي تي اچي پُڇندو هو تہ: هَل ذَكَرَنِي رَسُولُ اللهِ صَلّي الله عَلَيہِ وَسَلّمَ مَعَ المُنَافَقِينَ (ڇا حضور عليہ السلام جن مون کي منافق سان تہ زڪر ڪونہ ڪيو آهي؟) حذيفت چوندو هو تہ: لآ، لآ (نہ نہ)، توکي منافقن مان ڪونہ ڳڻيندا آهن.

رسالہ قدسيہ ۾ شيخ احمد غزالي رحہ آندو آهي تہ ڏسو ڪسر نفسي حضرت عمر رضہ جي. هوڏانهن قيامت ڏينهن منادي ٿيندي اَوَّلُ مَن يُّضَافِهُ الرَبُّ عُمرُ (قيامت ۾ رب العالمين پهرين جنهن سان پليڪار ڪندو اُهو عمر رضہ هوندو).

مسجد ضرار جو واقعو: ابوعامر راهب، حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو دشمن هو، جنهن 'احد' ۽ 'حنين' جي جنگين ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خلاف بهرو ورتو هو، جو پوءِ شام ڏانهن ڀڄي ويو هو. اُتان مديني جي منافقن ڏي خط موڪليائين تہ 'مسجد قبا' جهڙي هڪ مسجد ٺاهيو، جيڪا تمام ڪشادي هجي، انهي ۾ اسا مڙئي اچي گڏ ٿيندا سين، ڪوبہ اسان کي پرکي ڪونہ سگهندو. پوءِ اُن ۾ ويهي محمد (صلي الله عليہ وسلم) جي خلاف پنهنجون ڪاروايون شروع ڪندا سين. يارهن منافقن ڪوشش ڪري اها مسجد ٺاهي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جڏهن تبوڪ جي تياريءَ ۾ هئا، تڏهن منافقن اچي عرض ڪيو تہ: توهان جي مسجد پري آهي، برسات ۽ اونداهين راتين ۾ ان ڏانهن اچي نٿا سگهو، تنهنڪري اسان پنهنجي سهولت لاءِ مسجد ٺاهي آهي، اُتي هلي نماز پڙهو تہ برڪت واري ٿئي، ۽ پوءِ اسان بہ اُن ۾ نماز پڙهنداسين. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: هينئر اسان سفر جي تياريءَ ۾ آهيون، واپسي وقت اچي توهان جي مسجد ۾ نماز پڙهنداسين. حضور صلي الله عليہ وسلم جن تبوڪ کان موٽنديد، منزل ذي ادان ۾ لٿا. اُتان مدينو ڪلاڪ ٻن جو پنڌ هو تہ منافق گڏجي حضور صلي الله عليہ وسلم جن وٽ ويا تہ توهان واپسي وقت اسان جي مسجد ۾ نماز پڙهڻ جو وعدو ڪيو هو، سو مهرباني فرمائي هلو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن بہ اوڏانهن وڃڻ جي تياري ۾

هئا تہ جبرئيل سڳورو چار آيتون مسجد ضرار جي باري ۾ ڪٽي اچي نازل ٿيو تہ:

وَٱلَّذِينَ ٱتَّخَذُوا۟ مَسْجِدًا ضِرَارًا وَكُفْرًا وَتَفْرِيقًۢا بَيْنَ ٱلْمُؤْمِنِينَ وَإِرْصَادًا لِّمَنْ حَارَبَ ٱللَّهَ وَرَسُولَهُۥ مِن قَبْلُ ۚ وَلَيَحْلِفُنَّ إِنْ أَرَدْنَآ إِلَّا ٱلْحُسْنَىٰ ۖ وَٱللَّهُ يَشْهَدُ إِنَّهُمْ لَكَٰذِبُونَ ﴿١٠٧﴾

ترجمو: ۽ (اُنهن مان اهڙا بہ آهن) جن نقصان پهچائڻ ۽ ڪفر ڪرڻ ۽ مسلمانن جي وچ ۾ ڏڦيڙ وجهڻ ۽ جن (ماڻهن) الله ۽ سندس پيغمبر سان اڳ ويڙهہ ڪئي آهي تن واسطي گهات ناهڻ لاءِ (هڪ) مسجد بڻائي آهي، ۽ (اُهي) ضرور قسم کڻندا تہ چڱائي کان سواءِ اسان جو (بڻائڻ ۾) ٻيو ڪو ارادو نہ آهي، ۽ الله شاهدي ڏئي ٿو تہ اُهي ڪوڙا آهن (القرآن، 107:9).

انهي وقت حضور صلي الله عليہ وسلم جن مالڪ ابن الحشم ۽ معن ابن عدي کي موڪليو جن مسجد ضرار کي ڌاهي ساڙي ڇڏيو. اهو رمضان جو مبارڪ مهينو هو جو مديني منوره ۾ تشريف فرما ٿيا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن دستور موجب پهرين مسجد ۾ روانا ٿيا، اُتي نفل پڙهي پوءِ پنهنجي حويليءَ ۾ ويا.

واقعو ٿن اصحابن جو، جيڪي جنگ تبوڪ ۾ شامل نہ ٿيا: حضور صلي الله عليہ وسلم جن مديني منوره ۾ وارد ٿيا تہ جيڪي منافق هئا، اهي تہ پنهنجا بهانا ڏيئي هليا ويا تہ اسان هن سبب ڪري توهان سان جنگ ۾ شامل ٿي نہ سگهياسين. حضور صلي الله عليہ وسلم جن انهن کي چڏي ڏنو. باقي رهيا ٽي ڄڻا پڪا ۽ سچا مسلمان: ڪعب بن مالڪ، مراره ابن الربيع ۽ هلال ابن ميہ. انهن جو احوال هن طرح آهي تہ ڪعب بن مالڪ روايت ٿو ڪري تہ: مون ڪنهن بہ جنگ ۾ پويان پير ڪونہ ڏنو. سيني جنگين ۾

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو ساڻي هيس. پر جنگ تبوڪ ۾ مان ڇڳيلائي ۽ سواريءَ وغيره جي سپ سهولت هوندي ہ شامل ڪونہ ٿيس. حضور صلي الله عليہ وسلم جن پنهنجي لشڪر سان روانا ٿي ويا. مان ہ پيو سنبران تہ اڄ نہ سياڻي ويندس. آخر رهجي ويس. حضور صلي الله عليہ وسلم جن اچڻ جو انتظار پئي ڪيم ۽ دل ۾ سوچيم ہ پئي تہ ڇا چوان ۽ ڪهڙو بهانو پيش ڪريان يا سچ چئي ڏيان تہ هاسيڪار ڪونہ هليس! انهي ويچار ۾ هئس تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن ہ خير سان اچي مديني منوره ۾ داخل ٿيا. منافق تہ ڪوڙا قسم ڪٽندا ۽ بهانا ڏيندا هليا ويا. جڏهن منهنجو وارو آيو تہ پاڻ سڳورن ٿورو مرڪي چيو تہ: توکي ڇا ٿيو؟ تون تہ تيار هئين. اُٺ ہ سواريءَ لاءِ خريد ڪيو هيئي! چيم تہ: هائو يارسول الله! مون کي ڪوبہ سبب رهڻ جو ڪونہ هو رڳو اجايو قصور ڪري توهان جي خدمت ۾ هلي نہ سگهيس. ڪوبہ عذر بهانو ڪونہ آهي جو پيش ڪريان. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: سچ ٿو چوين. هاڻي الله تعاليٰ تنهنجي حق ۾ جيڪي فيصلو ڏينو تہ ان تي عمل ڪبو.

منهنجي مِٽن مائٽن يارن دوستن اچي مون کي ورايو ۽ جُٽ ڪرڻ لڳا تہ سيڪو حيلو بهانو ڏئي جند ڇڏايو ويو. تو ائين ڇونہ ڪيو؟ پر انهن کي جواب ڏنم: هڪ تہ قصور ڪري جنگ ۾ شريڪ نہ ٿيس، ويتر هٽان ڪوڙِ اِها تمام خراب ڳالهہ آهي. پوءِ پُڇا ڪيم تہ پئي ڪنهن ہ مون وانگر پنهنجي قصور جو اقرار ڪيو يا نہ؟ چيائون تہ مراره بن الربيع ۽ هلال بن اميہ ہ تو وانگر پنهنجي ڏوهہ جا قبولدار ٿيا آهن. چيم تہ: هاڻي ڇڳو ٿيو ٻيا ٻہ يار ہ تہ مون سان شامل آهن.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن مديني منوره ۾ پڙهو گهمايو تہ: ڪوبہ مسلمان هنن ٽن ڇٽن سان نہ ڪائي نہ پئي ۽ نہ ڪو واسطو رکي ۽ نہ

ساڻن کو ڳالهائي ٻولهائي. اها منادي ٻُڌي مِٽن مائٽن يارن دوستن ۽ پنهنجن پراون قطع تعلقات ڪري ڇڏيا. مراره ۽ هلال تہ پوڙها هئا، سي پنهنجي گهرن ۾ ڪِري پيا ۽ رات ڏينهن رڳو روئڻ ۽ زاري ۾ لڳي ويا، مگر مان جوان مڙس هئس. گهر ۾ بہ آرام ڪونہ پيو اچي، ٻاهر وڃان تہ ڪو ڳالهائي ڪونہ. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي جماعت ۾ بہ پيو وڃان ۽ سلام ڪريان پر مون ڏانهن ڏنائون بہ ڪونہ ٿي. هڪ ڏينهن پنهنجي سئوٽ ابو قتاده جي باغ ۾ ويس تہ هو منهنجو پيارو آهي، اُهو ضرور ڳالهائيندو. مگر هن يار تہ ڏٺو بہ ڪونہ. ويتر ميڇن سان چيائين وڃ! موٽي مديني جي بازار مان لنگهيس، پر ڪنهن بہ مون سان ڪونہ ڳالهايو ٻولهايو.

منهنجي حال جي خبر ٻاهرين ملڪن ۾ بہ پئجي وئي. غسان جي بادشاهہ پنهنجو قاصد مون ڏي موڪليو تہ اسان ڏي هليو اچ. قاصد بازار ۾ پُڇا ڪئي تہ ڪعب بن مالڪ ڪاڏي آهي مان ان وقت اُتان پئي لنگهيس. ڪوبہ ماڻهو منهنجو نالو ڪونہ پيو ونيو. رڳو اشارا پيا ڪنس تہ اِهو ٿو وڃي ۽ هن ڏوڙي اچي مون کي خط ڏنو. خط پڙهي ويتر پريشاني ۾ پئجي ويس تہ جيڪڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي خبر پئي تہ هي ٻين بادشاهن سان خط و ڪتابت ٿو رکي تہ منهنجي لاءِ وڏيڪ مصيبت ٿيندي. تنهنڪري خط کڻي ساڙيم ۽ قاصد کي موڪلائي چڏيو. ان بعد حضور صلي الله عليہ وسلم جن کان وري حڪم آيو تہ زالون بہ هنن کان جدا رهن. اهو حڪم ٻُڌي زالون بہ جدا ٿي ويون. هلال بن اميہ جي زال، حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دربار ۾ وڃي عرض ڪيو تہ: هلال پوڙهو ۽ ضعيف آهي، ڪيس ماني ٽِڪي نہ ملندي تہ مري ويندو. تنهنڪري مون کي اجازت ملي تہ ماني ٽِڪي ڪري ڏيانس. حضور صلي الله عليہ وسلم جن اها اجازت ڏنس.

منهنجي مائٽن چيو تہ تون بہ پنهنجي زال کي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ موڪل تہ تنهنجي ماني ٽِڪي جي بہ اجازت ونيو

اچي. پر مان چيو تہ: مان جوان مڙس آهيان، منهنجي لاءِ اجازت کانہ ملندي. پنجاهہ ڏينهن قطع تعلقات کي گذري ويا. سندن حال قرآن شريف هنن لفظن سان بيان ٿو فرمائي: حَتَّىٰٓ إِذَا ضَاقَتۡ عَلَيۡهِمُ ٱلۡأَرۡضُ بِمَا رَحُبَتۡ (زمين ايڏي موڪراٽي هوندي بہ هنن تي تنگ ٿي پيئي). ايڪونجاهہ رات آئي تہ الله تعاليٰ جي رحمت جا دروازا کُليا، اسان جي توبهہ جي قبوليت واري آيت نازل ٿي:

لَقَد تَّابَ ٱللَّهُ عَلَى ٱلنَّبِيِّ وَٱلۡمُهَٰجِرِينَ وَٱلۡأَنصَارِ ٱلَّذِينَ ٱتَّبَعُوهُ فِي سَاعَةِ ٱلۡعُسۡرَةِ مِنۢ بَعۡدِ مَا كَادَ يَزِيغُ قُلُوبُ فَرِيقٖ مِّنۡهُمۡ ثُمَّ تَابَ عَلَيۡهِمۡۚ إِنَّهُۥ بِهِمۡ رَءُوفٞ رَّحِيمٞ ١١٧

ترجمو: پيغمبر ۽ اُنهن مهاجرن ۽ انصارن تي بيشڪ الله باجهہ سان موٽيو جن سوڙهہ جي وقت ۾ پيغمبر جي تابعداري ڪئي اُن کان پوءِ جو منجهانئن هڪ ٽوليءَ جون دليون لُڏي وڃڻ تي ويجهيون هيون، وري (الله) مٿن باجهہ سان موٽيو، ڇو تہ اُهو مٿن شفقت ڪندڙ مهربان آهي (القرآن، 117:9). صبح جي نماز پڙهي حضور صلي الله عليہ وسلم جن اصحابن کي آيت ٻُڌائي تہ الله تعاليٰ انهن ٻنهي جي توبهہ قبول ڪئي. انهيءَ ڏينهن ڪعب بہ مسجد ۾ ڪونہ آيو هو، جو گهر پئي رُنو ۽ زاري ڪيائين. هو پئي ڇڻا تہ ائين ئي گهرن ۾ نمازون پڙهندا هئا ۽ رات ڏينهن پيا روئندا هئا.

ڪعب ٿو چوي تہ صبح جي نماز پڙهي، قبلي ڏي منهن ڪيو زاري پئي ڪيم تہ عمر بن حمزه اسلمي ۽ چيو آهي تہ ابوبڪر صديق رضہ اچي توبهہ قبول پوڻ جي مبارڪباد ڏني. يڪدم سجدي ۾ ويس. ڪپڑا بدن جا خوشيءَ مان لاهي ڪٽي مبارڪ ڏيندڙ کي ڏنم، ۽ اُڌارا ڪپڑا ڏيکي ڍوڙندو

اچي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دربار ۾ پهتس. زبير بن العوام مديني ۾ پڙهو پئي ڏنو تہ هنن ٽن ڇڻن جي توبهہ قبول پئي ۽ قطع تعلقات ختم ٿيو. مسجد ۾ پهتس تہ عبدالله بن طلحہ ڀاڪر پائي مبارڪ ڏني. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي سلام عرض ڪيم. سندن منهن مبارڪ چوڌهين جي چنڊ وانگر پئي چمڪيو. فرمايائون تہ: ڪعب توهان تي الله تعاليٰ جي مهرباني ٿي. ٻيا ٻہ ڇڻا ٻہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دربار ۾ اچي حاضر ٿيا. ڪعب عرض ڪيو تہ: موڪل ڏيو تہ پنهنجو سمورو مال الله جي راهہ ۾ خيرات ڪريان. فرمايائون تہ: ڪجهہ پنهنجي لاءِ ٻہ جهل، باقي خيرات ڪر. آيت هيءَ آهي:

وَّعَلَى الثَّلٰثَةِ الَّذِيْنَ خُلِّفُوْا ؕ حَتّٰۤى اِذَا ضَاقَتْ عَلَيْهِمُ
الْاَرْضُ بِمَا رَحُبَتْ وَضَاقَتْ عَلَيْهِمْ اَنْفُسُهُمْ وَظَنُّوْۤا اَنْ
لَّا مَلْجَاَ مِنَ اللّٰهِ اِلَّاۤ اِلَيْهِ ؕ ثُمَّ تَابَ عَلَيْهِمْ لِيَتُوْبُوْا ؕ اِنَّ
اللّٰهَ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿۱۱۸﴾

ترجمو: ۽ اُنهن ٽن تي (ٻہ) جيڪي (جهاد کان) رهجي ويا هئا، تانجو جڏهن زمين ايتري ويڪرائي هوندي ٻہ مٿن سوڙهي ٿي ويئي هئي ۽ سندن ساهہ مٿن مُنجهيا هئا ۽ يانيائون ٿي تہ (هاڻي) الله (جي عذاب) کان بچڻ جي جاءِ سندس (بارگاهہ) کان سواءِ ڪونہ آهي، وري مٿن هن لاءِ ٻاجهہ سان موٽيو تہ توبهہ ڪن، ڇو تہ الله ئي توبهہ قبول ڪندڙ مهربان آهي (القرآن، 118:9).

وا دي رمل جي جنگ: سن 9 هجري ۾ وادي الرمل جي جنگ جو واقعو ٿيو. جنهن جو تفصيل هن ريت آهي: 'ڪشف الغمہ' ۾ آهي تہ تبوڪ جي غزوه کان بعد هڪ اَعرَابِي (ٻهراڙي جو رهاڪو) آيو. جنهن چيو تہ: عربن جو هڪ قبيلو وادي الرمل ۾ اچي گڏ ٿيو آهي ۽ سندن مقصد آهي تہ راتو رات هلي مديني تي حملو ڪريون. حضور صلي الله عليہ وسلم جن اصحابن

سان مشورو ڪري، اصحاب صفہ ۽ بين ڪيترن کي، حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي جهنڊي هيٺ روانو ڪيو. اها وادي تمام ڏکي هئي. منجهس وڏڪار ۽ لِڪ گهٽي هئي، تنهنڪري اسلام جو لشڪر وادي ۾ گهڙيو تہ دشمنن حملو ڪري ڏنو. جيڪي اُتي لِڪا وينا هئا. سخت لڙائي لڳي ۽ گهڻا اصحاب شهيد ٿي ويا، باقي جيڪي بچيا سي واپس اچي مديني نڪتا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي خبر پهتي تہ تمام ڏکايل ٿيا ۽ حضرت عمر رضہ کي اصحان جي وڏي جٿي مٿان امير ڪري، جهنڊو ڏئي موڪليائون. هي بہ اتي وڃي پهتا تہ دشمنن حملو شروع ڪري ڏنو. جيئن تہ دشمنن کي تمام گهڻي اوٽ ۽ لِڪ هئي، تنهنڪري مسلمانن جي لشڪر کي وري بہ شڪست آئي ۽ ڪيترائي شهيد ٿي ويا. تڏهن عمرو ابن العاص، جيڪو جنگي حرفتن سبب مشهور هو، تنهن چيو تہ: مون کي انهن سان مقابلي جي اجازت ملي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کيس جهنڊو ڏئي، غازين جو ڇڪو تعداد ساڻ ڪري ڏنو. هي بہ ساڳيءَ طرح وادي ۾ گهڙيو تہ دشمنن حملو ڪيو. آخر هي بہ شڪست کائي، ماڻهو مارائي موٽي آيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ خيال ڪيائون تہ ڪيئن بہ ڪري انهن دشمنن جي پاڙ پٽجي. سو حضرت علي رضہ کي جهنڊو ڏئي وڏي جماعت غازين جي کيس ڏنائون ۽ حضرت ابوبڪر، حضرت عمر ۽ حضرت عمور ابن العاص کي بہ سندس رفاقت ۾ موڪليائون.

حضرت علي رضہ وادي الرمل جو رستو ڇڏي سڌو عراق ڏانهن رخ ڪيو. کيس گهڻو ئي ڇيائون تہ سڌو وادي الرمل ڏي هلو. مگر ڪنهن جي ڪانہ ٻُڌائين. آخر ور وڪڙ ڪندي صبح جو دشمنن جي پويان ڦري اچي گهيرو ڪيائين، جنگ شروع ٿي. دشمنن جون اڙون ڪونہ رهيون، تنهنڪري کي ماريا، کي قيد ٿيا، مسلمان فتح ڪري واپس مديني وريا

تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن پاڻ اصحابن سميت سندن استقبال لاءِ شهر کان ٻاهر آيا. حضرت علي رضہ جي نظر جيئن ئي مٿن پئي تہ يڪدم گهوڙي تان لهي پيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايس تہ: سوار ٿي، جو الله ءِ الله جو رسول توکان راضي آهن.

بني ثقيف جي وفد جو اسلام آڻڻ

حضور صلي الله عليہ وسلم جن غزوه تبوڪ کان موٽي مديني منوره رمضان شريف ۾ آيا تہ بني ثقيف جو وفد سندن خدمت ۾ آيو. ءِ اسلام آندائين. ان جو تفصيل هن ريت آهي تہ: جڏهن موٽي مديني منوره آيا تہ عروت بن مسعود سندن پويان روانو ٿيو. ءِ واٽ تي ئي اچي ساڻن مليو. اسلام آندائين ءِ عرض ڪيائين تہ: موڪل ڏيو تہ وڃي پنهنجي قوم ثقيف کي اسلام جي دعوت ڏيان. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: تنهنجي قوم سخت آهي، هُنن ۾ وڏائي ءِ هَٺ آهي. تون کين اسلام جي دعوت ڏيندي تہ توکي قتل ڪري ڇڏيندا. عروت عرض ڪيو تہ: مان پنهنجي قوم جو ايتريقدر پيارو آهيان، جو مون کي پنهنجي نياڻين ءِ اکين کان بہ وڌيڪ سمجهندا آهن، سي وري مون کي نصيحت ڪرڻ تي ڪيئن قتل ڪندا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کيس رخصت ڏني.

هو پنهنجي قوم ڏي موٽي ويو ءِ هڪ مٿاهين جاءِ تي بيهي پنهنجي قوم کي اسلام جي دعوت ڏنائين. هنن کي اهڙي تہ منيان لڳي جو چئني طرفن کان مٿس تِير وسائي کيس ڪيرائي وِڌائون. بنو مالڪ چيو تہ اسان جي ماڻهو اوس بن عوف قتل ڪيس. بني عتاب چيو تہ اسان جي ماڻهو وهب بن جابر قتل ڪيس. عروت کي ايڏا هوش هو. ڪانئس پنهنجي قتل متعلق پُڇا ڪيائون، تہ چيائين: مون تي الله تعاليٰ مهرباني ڪئي، جو مون

کي شهادت جو درجو عطا کيائين. مون کي اُتي ئي دفنايو جتي رسول الله جا شهداء دفن ٿيل آهن. هُنن کيس اُتي دفنايو.

مهينو گهزرڻ بعد بنو ثقيف پاڻ ۾ گڏجي صلاح ڪئي تہ چوطرف جيڪي عربن جا قبيلا آهن، اُهي سڀ مسلمان ٿي ويا آهن. اسان انهن سان بہ مقابلو ڪري ڪونہ سگهنداسين. تنهنڪري چونہ عبد يا نيل بن عمرو بن عمير کي مديني موڪليون، جيڪو هڪ داناءُ، عزت وارو ۽ عروت بن مسمعود جهڙو لائق آهي! پر هن انڪار ڪيو تہ: توهان تي پروسي ناهي، جيڪڏهن مان بہ عروت وانگر اسلام جا احڪام توهان ڏي ڪٽي اچان تہ مون کي عروت وانگر قتل ڪري ڇڏيندو. باقي گهٽا ڇٽا وفد ڪري هلن تہ پوءِ مان بہ هلڻ لاءِ تيار آهيان. اها ڳالهہ سڀني کي وڻي. تنهنڪري هن پاڻ سان پنج ماڻهو ٻيا کنيا، ۽ وفد ڪري مديني روانا ٿيا. مديني جي ٻاهران مغيره بن شيبہ، حضور صلي الله عليہ وسلم جن جا اُٺ ٿي چاريا تہ هنن اچي کيس ڄاڻايو تہ: اسان طائف مان آيا آهيون، ۽ ثقيف قبيلي جا آهيون. اسان جي خبر وجي نبي عليہ السلام جن کي ڏي، هُن اُٺ ڇڏي حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي اطلاع ڏيڻ پئي ويو تہ رستي ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضہ مليس، جنهن سان احوال ڪيائين. حضرت ابوبڪر صديق کيس پاڻ سان گڏ ونڻي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دربار ۾ ويو ۽ کين ٻڌايائين تہ ثقيف وارن جو وفد بيعت ۽ اسلام آڻڻ جي ارادي سان آيو آهي. مگر سندن ڪي شرط آهن. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کان اجازت ملڻ بعد مغيره، وفد وٽ وجي کين حضور صلي الله عليہ وسلم جن سان ملڻ جا آداب ۽ طريقا سيکاريا. مگر هو پنهنجي رسومات موجب اچي مليا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن انهن لاءِ مسجد پرسان طنبو هڻايو.

هنن جي سفارش خالد بن سعيد بن العاص پئي ڪئي ۽ سموري ڳالهه ٻولهه ۾ خالد جي ذريعي پئي ٿي. هنن لاءِ حضور صلي الله عليه وسلم جن جي طرفان جيڪا ماني پئي آئي، اُها ۾ هنن جي ذريعي پئي کاڌي. جڏهن پهريائين خالد ٿي کاڌي. سندن شرطن جي لکپڙهه ۾ خالد پئي ڪئي.

سندن هڪڙو شرط هو ته اسان جي وڏو بُت 'لات' ڏانو نه وڃي. جنهن لاءِ حضور صلي الله عليه وسلم جن انڪار ڪيو. آخر ۾ هنن ۾ سال پوءِ هڪ سال ۽ پوءِ هڪ مهينو مهلت گهُري. مگر حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته: هڪ ساعت ۾ بُتن کي ڪونه ڇڏيندا سون. تڏهن ڇيائون ته: اسان پنهنجي هٿن سان پنهنجا بُت ڏاهيون؟ اها ڳالهه حضور صلي الله عليه وسلم جن قبول ڪئي.

ٻيو شرط وڌائون ته: پنج وقت نماز هميشه جماعت سان پڙهڻ تمام مشڪل اهي، اسان کي نماز جي معافي ملي. حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: لآ خَيرَ فِي الدِّينِ لآ صَلواتَ فِيهِ (جنهن دين ۾ نماز نه آهي انهيءَ دين ۾ ڪابه خوبي ۽ نيڪي نه آهي). تنهنڪري نماز ڪنهن ۾ حالت ۾ معاف ڪري نٿي سگهجي. حضور صلي الله عليه وسلم جن هنن جي قوم ڏي ڪتاب لکي ڏنو جنهن ۾ اسلام جا احڪام ڄاڻايل هئا. هنن مان هڪ ننڍي جوان کي دين سکڻ جو ڏاڍو شوق هو سو يڪدم قرآن شريف جون آيتون ۽ احڪام دين جا ڄاڻي ويو. ان کي حضور صلي الله عليه وسلم جن ساري وفد جو امير مقرر ڪيو.

هنن جڏهن اسلام قبول ڪيو ته حضرت بلال رضه کين روزا رکائيندو ۽ چوڙائيندو هو. هڪ ثقفي ٿو چوي ته: بلال روزي رکڻ لاءِ ماني آڻيندو هو ته اسان چوندا هئاسين ته فجر ٿي ويو آهي. هاڻي ٿو ماني آڻين؟

تہ حضرت بلال چوندو هو تہ: حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي ڏسي آيو آهيان تہ کائين پيا. روزو هميشہ دير سان رکجي. وري روزي ڇوڙڻ وقت ماني آڻيندو هو تہ وري بہ اسان چوندا هئاسين تہ: اڄان سج لٿو ئي ڪونہ اهي، تہ هو چوندو هو تہ: حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي روزو کوليندو ڏسي پوءِ توهان لاءِ ماني آندي اٿم. جو روزي ڇوڙڻ وقت تڪڙ ڪندا آهن. پوءِ پاڻ بہ اسان سان ويهي کائيندو هو.

عثمان بن العاص کي وفد کي نماز سيکارڻ لاءِ مقرر ڪيائون ۽ ڪيس حڪم ڪيائون تہ: نماز پڙهڻ ۾ جماعت جو خيال ڪجانءِ جو ڪي بيمار، ڪي ضعيف ۽ ڪي ڪم ڪار وارا ماڻهو هوندا. تنهنڪري نماز ڊگهي نہ ڪجانءِ. اهي هدايتون حاصل ڪري بنو ثقيف موڪلايو تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن سفيان بن حرب ۽ مغيره بن شعبہ کي انهن سان گڏ موڪليو تہ وڃي بنو ثقيف جا بُت ڊاهي اچو. جڏهن طائف ۾ پهتا تہ مغيره رضہ، سفيان کي بُت ڊاهڻ لاءِ چيو. سفيان چيس تہ: پنهنجي قوم سان پاڻ مٿو ڏي. آءٌ هلندس تہ متان مون سان بہ عروت بن مسعود جهڙي حالت ڪن، تنهنڪري تون وڃي بُت ڊاهي اچ. مغيره وڃي چنجورن سان بُت ڊاهڻ شروع ڪيا. هوڏانهن هزارين ٻار ۽ زالون اچي گڏ ٿيا. زالن ۾ ٻڪو شروع ٿي ويو تہ اسان جي ابن ڏاڏن جي اِلاهن کي ڊاهي ٿو. مگر معيره ڪنهن ڏي بہ ڪونہ ڏنو. هٿي ڊاهي ڪٽي ڊير ڪري وڌائين. جيڪو انهن کي سون چاندي چڙهيل هو، سو بہ لاهيندو ويو. چند ڏينهن بعد مغيره ۽ سفيان اچي مديني منوره ۾ پهتا.

بني مره جي وفد جو مسلمان ٿيڻ

تبوڪ جي غزوه بعد عرب قبيلن جا وفد حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ ايندا ويا ۽ مسلمان ٿيندا ويا. تنهنڪري انهيءَ سال (9

هجري) کي دُرُودُالوَفَودِ (وفدن جو اچڻ) جو سالن سڏيندا هئا. هن سال ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن پاڻ بہ عمدو لباس پهريو ۽ پنهنجي اصحابن کي بہ صاف ۽ سُٿڻ ڪپڑهن پهرڻ جو حڪم ڪيو هئاون. جيڪو بہ وفد ايندو هو تنهن جي رهڻ ۽ کاڌ خوراڪ جو سٿو بندوبست ڪيو ويندو هو ۽ وفد جي واپسي وقت کين تحفا تحائف ڏئي خوش ڪري اُماڻيندا هئا.

انهيءَ سال بني مره جو وفد آيو. تيرهن ماڻهو آيا، جي اچي مسلمان ٿيا، ۽ عرض ڪيائون تہ: يا رسول الله! اسان تنهنجي ناناڻي قبيلي مان آهيون. توهان جي والده جو نسب ۽ اسان جو نسب موسيٰ بن غالب سان وڃي ٿو ملي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کين ڏاڍو قرب ڏنو ۽ ملڪ جو احوال پڇيو. هنن عرض ڪيو تہ: اسان جي ملڪ ۾ قحط آهي، جو ڪيترن سالن کان برسات ڪانہ پئي آهي. مال مويشي مري ويا آهن ۽ ماڻهو گذران لاءِ تنگ اچي ويا آهن. حضور صلي الله عليہ وسلم جن قبلي ڏي منهن ڪري دعا گهُري ۽ فرمائڻ لڳا اَللّٰهُمَّ اَسقِهِم الغَيثَ (اي الله! هنن کي مينهن جو پاڻي پيار). موڪلائڻ وقت هرهڪ کي ڏهہ ڏهہ اوقيہ چاندي جا ڏنائون ۽ سندن رئيس حارث بن عوف کي ٻارهن اوقيہ موڪليائون. ملڪ ۾ ويا تہ سندن اچڻ کان اڳ برسات جام وڻي هئي. حساب ڪيائون تہ جنهن ڏينهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن دعا گهُري انهيءَ ڏينهن برسات وسڻ شروع ڪيو.

بنو عامر جو وفد

عامر بن الطفيل ۽ اُزيد بن قيس، پنهنجي قوم بني عامر جي طرفان حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ آيا. پاڻ ۾ صلاح ڪئي هئاون تہ عامر، حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي ڳالهين ۾ مشغول رکي ۽

اُزيد پويان وجهه ونِي حضور صلي الله عليه وسلم جن تي تلوار جو وار ڪري. حضور صلي الله عليه وسلم جن جي دربار ۾ پهچي، عامر چيو تہ: توهان مون کي اهڙو فيصلو لکي ڏيو جيئن توهان جي وفات بعد خلافت مون کي ملي. حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ: خلافت جو وڏو منصب آهي. تون يا تنهنجي قوم انهيءَ مرتبي جي لائق نہ آهي. عامر چيو تہ پوءِ جيڪي ٻهراڙيءَ جا قبيلا آهن، انهن جو سردار مون کي ڪر. حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ: اڳ ۾ ايمان آڻ ۽ جهاد في سبيل الله لاءِ تيار ٿي، پوءِ توکي مجاهدن جو سپهہ سالار مقرر ڪيو ويندو. عامر چيو تہ: اهڙو ڪم مون کان ڪونہ پُڇندو. ائين چئي اُٿيو ۽ چوٽ لڳو تہ پايدن ۽ سوارن جو ايترو لشڪر وڃي مديني تي ڪاهيندس، جو اڳ ڪنهن نہ ڏٺو هوندو. ٻاهر وڃي اُزيد کي چوٽ لڳو تہ محمد (صلي الله عليه وسلم) تي ڇونہ تلوار جو وار ڪيئي؟ اُزيد چيو تہ: جڏهن اهڙو خيال پئي آيم تہ فقط توکي پئي ڏٺم. محمد (صلي الله عليه وسلم) تہ مون کي نظر ئي ڪونہ پئي آيو. جيڪڏهن تلوار هٽان ها تہ توکي لڳي ها. حضور صلي الله عليه وسلم جن کين بددعا ڪئي. رستي ۾ هئا تہ عامر کي طاعون جو ڳوڙهو ڪنڈ ۾ نڪتو جو سلولہ زال جي گهر ۾ مري ويو. هي اهو بدمعاش هو جنهن بير معونہ تي ستر مسلمان شهيد ڪرايا هئا.

اُزيد پنهنجي قوم ۾ ويو تہ اچي گڏ ٿيا ۽ عامر جي پُڇا ڪيائونس. هن سمورو قصو کين ٻڌايو. اُزيد هڪڙي ڏينهن اُٺ تي چڙهيو پئي ويو تہ وڃ جهڙي ڏيئي کيس اُٺ سميت ساڻي ڇڏيو.

بني نجيب جو وفد

سن 9 هجري ۾ بني نجيب جا تيرهن ماڻهو آيا، ۽ اچي مسلمان ٿيا. پنهنجي مال موسيشي جا زڪوات بہ پاڻ سان ڪنيو آيا هئا. حضور صلي

الله عليہ وسلم جن کين نهايت عزت ڏئي پاڻ وٽ رهايو ۽ سندن مهماني وغيره جو پرو انتظام ڪيو. وڃڻ وقت کين فرمايائين تہ: اها زڪوات ۽ خيرات موتائي وڃي پنهنجي ملڪ جي مسڪينن ۽ فقيرن کي ڏيو جو اهي وڌيڪ مستحق آهن. هنن عرض ڪيو تہ: پنهنجي مسڪينن ۽ محتاجن کان جيڪي بچيو آهي، سو ئي خدمت ۾ آندو اٿئون. پوءِ هنن اسلام بابت تمام گهڻا سوال پڇيا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کانئن ڏاڍو راضي رهيا، جو هنن کي اسلام جي سکڻ جو ڏاڍو شوق هو. کين عطيا ۽ تحفا ڏئي پڇا ڪيائون تہ سيئي سنگتي هتي موجود آهيو يا ڪو رهيل آهي؟ هنن عرض ڪيو تہ: هڪ نينگر آهي، جنهن کي سامان جي، نگهباني لاءِ پوئتي ڇڏي آيا آهيون. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: انهيءَ کي بہ موڪليو. انهيءَ نينگر اچي عرض ڪيو تہ: سائين! مون کي دنيا جا تحفا تحائف نہ گهرجن. پر مون کي الله تعاليٰ جي رحمت ۽ گناهن جي بخشش گهرجي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو: اَللّٰهُمَّ اَغفِر لَہ وَارحَمہُ وَاَجعَل غَنَاتُہُ فِي قَلبِہ (اي مولیٰ! هن کي بخش ڪر ۽ مٿس رحم ڪر ۽ هن جي قلب ۾ شاهوڪاري پيدا ڪر). حجت الوداع ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن هن جي ملڪي مانهن کان انهيءَ جوان جو احوال پڇيو. هنن عرض ڪيو تہ: هو جوان نهايت نيڪوڪار، متقي، پرهيزگار ۽ دني کان بيپرواهہ آهي.

بني ڪنانہ جو وفد

ساڳئي سال بني ڪنانہ جو وفد پڻ آيو ۽ مسلمان ٿيو. انهي جماعت جو پيشوا ۽ رئيس واثلہ ابن الاسيع هو. روايت آهي تہ اڳ ۾ واثلہ مديني منوره آيو هو، جنهن وقت حضور صلي الله عليہ وسلم جن غزوه تبوڪ جي

تياري ڪري رهيا هئا. واٽلہ کان حضور صلي الله عليہ وسلم جن پڇيو تہ: ڪير آهين ۽ ڪهڙي ڪم لاءِ آيو آهين. واٽلہ عرض ڪيو تہ بني ڪنانہ جو سردار آهيان. خدمت ۾ آيو آهيان تہ توهان تي ايمان آڻيان. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کيس تعظيم ڏني ۽ ڪلمہ شهادت جي تقلين ڪئي. هو بيعت ڪري پنهنجي قوم ڏي موٽيو ۽ انهن کي اسلام جي هدايت ڪئي. مگر ڪنهن بہ سندس ڳالهہ نہ مڃي. فقط سندس پيٽ اسلام قبول ڪيو. هو وري موٽي مديني ويو تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن تبوڪ ڏي هليا ويا هئا. ايا لشڪر ۽ سپاهہ پويان ويو پئي، هن کي بہ شوق ٿيو تہ مان بہ وڃي غزوه ۾ بهرو ونان. جنهنڪري ڪعب بن عجيره کيس پنهنجي اُٺ تي چاڙهي وڃي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ پيش ڪيو. پاڻ سڳورن کيس خالد بن وليد سان گڏجي ايڪدر جندل جي طرف جهاد لاءِ موڪليو. اڪيدر فتح ڪري، خالد بن وليد جڏهن مال غنيمت تقسيم ڪيو تہ واٽلہ کي بہ تمام گهٽو حصو آيو. هن اهو سمورو حصو ڪٽي وڃي ڪعب بن عجيره کي ڏنو تہ: هي سمورو مال اسباب مون توکي ڏنو جو تون مون کي پنهنجي اُٺ تي سوار ڪري ونڻي آيو آهين. ڪعب چيو تہ: اهو سمورو مال ڪٽي وڃ، جو آءٌ توکي خدا ڪارڻ اُٺ تي ونڻي آيس. واٽلہ وري موٽي پنهنجي قوم ڏي ويو. جن کي پوءِ احساس ٿيو ۽ اهي هن سان گڏجي اچي مسلمان ٿيا.

بني سعد بن بڪر جو وفد

قبيلي بني سعد جو اڳواڻ ضمام بن ثعلبت پنهنجي قوم طرفان مديني منوره ۾ آيو. پنهنجو اُٺ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي مسجد جي در اڳيان هُشائي، اندر آيو. ان وقت حضور صلي الله عليہ وسلم جن ٽيڪ ڏيو ليٽيا پيا هئا. مسلمانن جي جماعت پڻ موجود هئي تہ ضمام اچي

پڇيو: توهان مان محمد صلي الله عليہ وسلم ڪهڙو آهي؟ اصحابن اشاري سان ڪيس ڏَسيو. تڏهن ضمام چيو: اي محمد (صلي الله عليہ وسلم) پٽ عبدالله جا! آءٌ توکان ڪي سوال پڇندس ۽ انهن ۾ سختي ڪندس. ڪاوڙبين ته نہ؟ پاڻ فرمايائون ته: پلي پُڇ. ڪاوڙ نہ ڪندس. پوءِ چيائين ته: قسم اٽئي الله تعاليٰ جو. توکي الله تعاليٰ حڪم ڪيو آهي ته اسان ڪيس هڪڙو ڪري مڃون ۽ ساڻس ڪوبہ شريڪ نہ ڪريون ۽ جن بُتن کي اسان جا ابا ڏاڏا پوڄيندا هئا، انهن کي ڇڏي ڏيون؟ حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو ته: قسم آهي مون کي الله تعاليٰ جو ته مون کي الله تعاليٰ اهو حڪم ڪيو آهي، وري قسم ڏئي چيائين ته: توکي الله تعاليٰ حڪم ڪيو آهي ته اسان پنج وقت نماز پڙهون، مال جي زڪوات ادا ڪريون. حج بيت الله جو پڙهون ۽ روزا رمضان شريف جا رکون؟ حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو ته: هائو مون کي الله تعاليٰ حڪم ڪيو آهي. مطلب ته هرهڪ حڪم جي پُڇا تي قسم پئي ڏنائين. حضور صلي الله عليہ وسلم جن بہ جواب ۾ قسم تي هائوکار ڪئي. آخر ۾ هن چيو ته:

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ ؕ

تنهنجي حڪم موجب سمورا فرائض ادا ڪندس ۽ جيڪي منع ٿيل ڪم آهن انهن کان پرهيز ڪندس. پوءِ موٽيو اُٺ ڏي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو ته: جيڪڏهن سچ چيو اٿس ته بهشتي آهي. ضمام موٽي وڃي پنهنجي قوم کي اهو احوال ٻڌايو. ۽ بُتن جي سخت مذمت ڪرڻ لڳو. سندس قوم چيو ته: ضمام! متان بُت چريو يا ڪوڙو هيو ڪري ڇڏينئي! هُن چيو ته: بُتن ۾ نفعو ۽ نقصان پهچائڻ جي ڪابہ طاقت ڪانهي. مون الله ۽ سندس رسول تي ايمان آندو آهي. توهان بہ ايمان آڻيو. ٻئي ڏينهن ساري قوم مسلمان ٿي. حضرت عبدالله بن عباس فرمائي ٿو ته: حضور صلي الله

عليہ وسلم جن کان جھڙا پڪا ۽ پُختا سوال ضمام ڪيا، اھڙا ڪنھن بہ نہ ڪيا.

عبدالله بن ابي بن سلول منافق جو موت: سن 9 هجري جي شوال مهيني ۾ عبدالله بن ابي بن سلول سخت بيمار ٿيو ۽ ذوالقعد ۾ مري ويو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کانئس مزاج پرسي ڪرڻ ويندا ھئا. جڏھن پاڻ سڳورن کيس تنبيھ ڪئي تہ ساري عمر نفاق ۾ گذاريئي، ھينئر موت اچي ويو اٿئي! تڏھن چيائين تہ: منھنجي قسمت ائين آھي. ۽ عرض ڪريان ٿو، اھي قبول فرمايو: ھڪ تہ پنھنجو پيراھن مبارڪ منھنجي ڪفن لاءِ ڏجو. ٻيو تہ منھنجي جنازي نماز پڙھجو ۽ منھنجي مغفرت جو سوال ڪجو. سندس مرڻ بعد حضور صلي الله عليہ وسلم جن پنھنجو پيراھن بہ ڪفن لاءِ ڏنس ۽ جنازي نماز لاءِ اُٿيا تہ حضرت عمر فاروق رضہ، سندس دامن پکڙي چيو تہ: اھڙي خبيث تي نماز ٿا پڙھو، جيڪو رئيس المنافقين ھو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: مون کي الله تعاليٰ اختيار ڏنو آھي تہ ھن تي نماز پڙھان يا نہ پڙھان. ڪٽي ستر ڀيرا ھن لاءِ بخشش گھُران، مگر الله تعاليٰ کيس ڪونہ بخشيندو. جيڪڏھن مون کي يقين ھجي ھا تہ ستر کان وڌيڪ ڀيرا بخشش گھرڻ سان ھن جي بخشش ٿيندي تہ جيڪر ستر کان وڌيڪ ڀيرا بہ بخشش گھران ھا! فرمان الاھي آھي تہ:

اَسْتَغْفِرْ لَهُمْ اَوْ لَا تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ اِنْ تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ سَبْعِيْنَ مَرَّةً فَلَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَهُمْ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿٨٠﴾

ترجمو: اُنھن لاءِ بخشش گھُرين يا اُنھن لاءِ بخشش نہ گھُرھين، جيڪڏھن اُنھن لاءِ ستر ڀيرا بخشش گھُرين تہ بہ الله انھن کي نہ بخشيندو. اھو ھن

سببان آهي جو انهن الله ۽ سندس پيغمبر کي نہ مڃيو ۽ الله بي دين قوم کي هدايت نہ ڪندو آهي (القرآن، 80:9). پوءِ پاڻ سڳورن جنازي نماز پڙهائي. دعا گهُري فارغ ٿيا، تہ آيت نازل ٿي: ﴿وَلَا تُصَلِّ عَلَىٰٓ أَحَدٍ مِّنْهُم مَّاتَ أَبَدًا وَلَا تَقُمْ عَلَىٰ قَبْرِهِۦٓ ۖ إِنَّهُمْ كَفَرُوا۟ بِٱللَّهِ وَرَسُولِهِۦ وَمَاتُوا۟ وَهُمْ فَٰسِقُونَ ﴿٨٤﴾﴾

ترجمو: ۽ منجهائن جيڪو مري تنهن تي بلڪل نماز نہ پڙهہ ۽ نڪي سندس قبر تي بيهہ بيشڪ انهن الله ۽ سندس پيغمبر کي نہ مڃيو ۽ اهي بي دين ٿي مُئا (القرآن، 84:9).

حضور صلي الله عليہ وسلم جن حضرت عمر رضہ جي منع ڪرڻ تي بہ نماز پڙهي ۽ پيراهن ڏنو. تنهن جو سبب هي هو تہ بدر جي جنگ ۾ جڏهن حضرت عباس رضہ قيد ڪيو ويو هو ۽ ڪيس پيراهن بہ ڪونہ هو ۽ ڪنهن جو پيراهن بہ پورو ڪونہ پئي ٿيس تڏهن عبدالله پنهنجو پيراهن ڏنو هئس. تنهنڪري حضور صلي الله عليہ وسلم جن اهو سندس ٿورو لاهي ڇڏيو. وري نماز هن ڪري پڙهيائون جو سندس پُٽ پڪو مسلمان هو. انهي جي ڪري ۽ منافقن کي ڏيکارڻ لاءِ تہ سندن رئيس بہ آخري وقت ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي نماز ۽ مغفرت جي التجا ڪئي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن انهن عمل مان اهو نتيجو نڪتو جو انهيءَ ڏينهن ڪيترائي منافق توبهہ تائب ٿي، سچا مسلمان ٿيا.

حبشہ جي بادشاهہ نجاشي جي وفات

جابر بن عبدالله انصاري کان روايت آهي تہ: جنهن ڏينهن نجاشي فوت ٿيو. انهي ڏينهن جبرئيل عليہ السلام، حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي اها خبر ڏني، ۽ سندس جنازي نماز پڙهڻ لاءِ عرض ڪيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي حڪم تي سيئي وڃي عيدگاهہ ۾ گڏ ٿياسين.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن نماز پڑهائي، اصحابن جون ٿي صفون هيون. عبدالله ٿو چوي تہ مان ٻيءَ يا ٽيءَ صف ۾ هئس. حضور صلي الله عليہ وسلم جن چار تڪبيرون هڻي نماز کان فارغ ٿيا.

علماء ڪرام جو اختلاف آهي تہ نماز علي الغائب (غائب تي نماز جنازي جي پڙهڻ) جائز آهي يا نہ؟ امام شافعي ۽ ڪي حنفي قائل آهن تہ جائز آهي. مگر حنبلي ۽ مالڪي قائل نہ آهن. نجاشي جي باري ۾ چون ٿا تہ: اهو خاص حڪم حضور صلي الله عليہ وسلم جن لاءِ هو يا تہ نجاشي جو لاش ملائڪن حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي روبرو آندو هو يا حضور صلي الله عليہ وسلم جن پنهنجي نور نبوت سان نجاشي جو جنازو پئي ڏٺو. باقي ٻين کي نماز غائب پڙهڻ جائز نہ آهي.

حضرت ابوبڪر رضہ ۽ حضرت علي رضہ کي حج لاءِ موڪلڻ: حضور صلي الله عليہ وسلم جن 9 هجري جي ذوالقعد مهيني ۾ حج جي لاءِ حضرت ابابڪر صديق رضہ کي امير الحجاج ڪري موڪليو. پاڻ هن ڪري نہ ويا، تہ دستور موجب مشرڪ ۽ ڪافر اگهاڙا ٽي اچي ڪعبت الله جو طواف ڪندا. کين اها ڳالهہ پسند نہ آئي تہ انهن سان ملي حج پڙهجي. تنهنڪري ٽي سئو آدمي چونڊي، انهن تي حضرت ابابڪر صديق رضہ کي امر الحجاج ڪري موڪليائين. حضرت ابابڪر صديق ۽ سندس ساٿين ذوالحليفہ کان احرام ٻڌي روانا ٿيا تہ حضرت جبرئيل سوره براعت توبهہ جون چاليهہ آيتون نازل ڪيون. جنهن موجب مشرڪن سان ٿيل عهد و بيان تہ حج کان ڪنهن کي بہ روڪيو نہ ويندو. ختم ٿيو:

بَرَآءَةٌ مِّنَ ٱللَّهِ وَرَسُولِهِۦٓ إِلَى ٱلَّذِينَ عَٰهَدتُّم مِّنَ ٱلْمُشْرِكِينَ ﴿١﴾

ترجمو: الله تعاليٰ ۽ سندس رسول طرفان بيزاري آهي طرف انهن جي جن سان توهان عهد ڪيو جي مشرڪ هئا (القرآن، 1:9).

وَأَذَانٌ مِّنَ ٱللَّهِ وَرَسُولِهِۦٓ إِلَى ٱلنَّاسِ يَوْمَ ٱلْحَجِّ ٱلْأَكْبَرِ أَنَّ ٱللَّهَ بَرِىٓءٌ مِّنَ ٱلْمُشْرِكِينَ ۙ وَرَسُولُهُۥ ۚ فَإِن تُبْتُمْ فَهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۖ وَإِن تَوَلَّيْتُمْ فَٱعْلَمُوٓا۟ أَنَّكُمْ غَيْرُ مُعْجِزِى ٱللَّهِ ۗ وَبَشِّرِ ٱلَّذِينَ كَفَرُوا۟ بِعَذَابٍ أَلِيمٍ ﴿٣﴾

ترجمو: ۽ وڏي حج جي ڏينهن الله ۽ سندس پيغمبر جي طرفان ماڻهن ڏانهن اعلان آهي ته الله ۽ سندس پيغمبر مشرڪن کان بيزار آهي پوءِ (اي مشرڪو!) جيڪڏهن (شرڪ کان) توبهہ ڪندو ته اُها اوهان لاءِ ڀلي آهي، ۽ جيڪڏهن اوهين منهن ڦيرائيندو ته ڄاڻو ته اوهين الله کي ٽڪائڻ وارا نہ آهيو. ۽ (اي پيغمبر!) ڪافرن کي ڏکوئيندڙ عذاب جي خبر ڏي (القرآن 3:9).

حضرت ابوبڪر صديق رضہ انهن آيتن جي نزول کان اڳ روانو ٿي ويو هو. ماڻهن عرض ڪيو ته: اهي احڪام الاهي ڪير وڃي پُڄائيندو؟ حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو ته منهنجو قريب اهل بيت اهو حڪم پهچائيندو. پوءِ حضرت علي رضہ کي سڏائي حڪم ڪيائون ته: هي آيتون ڪٽي وڃ. جڏهن مَنَيٰ ۾ اچي تڏ ٽين تڏهن پڙهو ڏياري ٻُڌائج ته: لَايدخُلِ الجَنَّتَ كَافِرُ ولَا يَحُجُ بَعدَ العَام مُشرِكُ وَلَايَطُوفُ بِالبَيتِ عُريانُ وَمَنَ كَانَ لُه عِندَ رَسُولِ اللهِ عَهدُ فَهُوَ لَه اِلِيٰ مُدَّتِه (ڪافر بهشت ۾ ڪونہ ويندو ۽ هن سال کان بعد ڪو بہ ڪافر حج پڙهڻ نہ اچي ۽ بيت الله کي ڪوبہ اگهاڙو طواف نہ ڪري. جن ڪافرن سان رسول الله عهد انجام ڪيو آهي اهو مدت گذرڻ بعد ختم سمجهڻ گهرجي).

حضرت جابر بن عبدالله روايت ٿو ڪري ته مان بہ ابوبڪر صديق رضہ سان گڏ هئس. منزل فرح تي پهتاسين. صبح جي نماز جو وقت هو. اجا نماز شروع ڪانہ ڪئي هئيسين ته حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي

ڏاچي جو آواز ٻڌوسين. ابابڪر صديق رضہ سمجهيو تہ شايد حضور صلي الله عليہ وسلم جن پاڻ تشريف فرما ٿيا آهن. اچن تہ گڏجي نماز پڙهون. جهٽ گذري تہ ڏاچي اچي ظاهر ٿي ۽ مٿس اميرالمومنين حضرت علي رضہ سوار هو. ابابڪر صديق رضہ، چيو تہ: اَمِر آهين يا مَامُور (حاڪم ٿي اسان تي آيو آهين يا ڪو حڪم ڪٽي اسان جي طرف آيو آهين). جواب ڏنائين تہ: حڪم ڪٽي پهچائڻ آيو آهيان. نماز بعد حضرت علي رضہ فرمايو تہ: احڪام حج جا تنهنجي لاءِ آهن. جو تون اميرالحجاج آهين، باقي مون کي سوره توبهہ جون برائت واريون چاليهہ آيتون پڙهي، خلق کي ٻڌائڻ جو فرمان آهي. حضرت جابر رضہ ٿو چوي تہ مڪ معظمہ ۾ پهتاسين. ستين تاريخ ابابڪر صديق رضہ خطبو پڙهيو ۽ ماڻهن کي حج جا احڪام ٻڌايا. پوءِ حضرت علي رضہ اتي سوره توبهہ جون برائت واريون چاليهہ آيتون پڙهي ٻڌايون ۽ مٿيان چار ئي حڪم بہ بيان ڪيائين. مڪي معظمہ ۾ حضرت علي رضہ تلوار ڪڍي فرمائڻ لڳو تہ: جيڪي بہ اڳهاڙا طواف ٿا ڪن، يڪدم ڪپڙا پهري طواف ڪن، ٻي صورت ۾ سندن گردن ڪپيا ويندا. مشرڪن يڪدم وڃي ڪپڙا پاتا. وري عرفات تي ابابڪر صديق خطبو پڙهي حج جا احڪام ٻڌايا تہ حضرت علي رضہ بہ سوره توبهہ جون برائت چاليهہ آيتون پڙهي ٻڌايون. هج کان فارغ ٿي ٻئي اصحاب مديني منوره پهتا.

انهي سال 9 هجري ۾ ٻيا بہ گهڻا وفد حضور صلي الله عليہ وسلم جي خدمت ۾ آيا جن جو بيان هتي ڪرڻ ضرورو نٿو سمجهجي، ڇاڪاڻ تہ ڪتاب تمام وڏو ٿي ويندو.

سن 10 هجري جا واقعا: بني الحارث قبيلي جو اسلام آڻڻ

حضور صلي الله عليہ وسلم سن 10 هجري ۾ خالد بن وليد کي اصحابن جي جماعت سان قبيلي بني الحارث بن کعب ڏي موکليو ۽ کيس هدايت کيائون تہ: تي ڏينهن انهن کي دعوت اسلام جي ڏي، تيستائين لڙائي نہ کجانءِ. جيکڏهن انهن اسلام قبول کيو تہ پوءِ اتي رهي کين اسلام جا احکام سيکارج ۽ صورت ۾ لڙائي شروع کجانءِ.

خالد بن وليد پنهنجي جماعت سان منزلون کندو وجي بنوالحارث ۾ پهتو ۽ هنن کي اسلام جي دعوت ڏنائين. جيکا هنن قبول کئي ۽ مسلمان ٿيا. خالد ۽ سندس جماعت کين اسلام جا احکام سيکارڻ لڳا. پوءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي حکم موجب خالد بن وليد انهيءَ قوم جو هک وفد پاڻ سان ونڻي مديني منوره ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيو. وفد حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دربار ۾ اچي چيو نَشهد اَن لَّااِلٰه اِلَّاالله وَنَشهَدُ اَنَّکَ رَسُولُ الله حضور صلي الله عليہ وسلم جن کين مرحبا کري کجهہ ڏينهن پاڻ وٽ ۽ پوءِ کين واپسيءَ جي اجازت ڏنائون. عمرو ابن خرام کي انهن جي جماعت جو امير کري موکليائون تہ وجي بنوالحارث جا صدقا ۽ زکوات وغيره جمع کري. عمرو اتي ئي هو جو حضور صلي الله عليہ وسلم جن هن جهان مان رحلت فرمائي.

نجران جي نصارن سان صلح کرڻ

حضور صلي الله عليہ وسلم جن ساڳئي سال نجران جي نصارن ڏي خط لکي کين اسلام جي دعوت ڏني. نصارن خط پڙهي پاڻ ۾ صلاح کئي تہ روبرو هلي کو صلح کري اچجي. هينئر اسلام جي پيغمبر کي کافي

طاقت آهي. جيڪڏهن هن اسان تي حملو ڪيو تہ مقابلو مشڪل ٿيندو. تنهنڪري چوڏهن معزز ۽ معتبر ماڻهو چونڊي مديني ڏي موڪليائون. انهيءَ وفد جو اڳواڻ قبيلي بني ڪنده جو سردار عبدالمسيع هو. جنهن جو لقب 'عاتب' هو. وفد ۾ سندن عالم ابو الحارث بن علقمہ بہ شامل هو. ابوالحارث جو پاءُ ڪرز بن علقمہ وفد سان گڏ هو. رستي ۾ ابوالحارث جي اُٺ ٺاهو کاڏو. تہ هو ڪنڌ پر وجي ڪِريو. جنهن تي ڪرز پٽڻي طور چيو تہ: شل اهو ڪنڌ پر ڪِري. جنهن اسان کي رلايو آهي (يعني محمد صلي الله عليہ وسلم). ابوالحارث پاءُ کي چيو: شل تون ڪنڌ پر ڪِرين. ڪرز چيو: پلا چو ٿو ائين چئين؟ ابوالحارث چيو تہ: محمد (صلي الله عليہ ولسم) الله تعاليٰ جو پيغمبر آهي. سالن جا سال اسان سندس انتظار پئي ڪيو. ڪرز چيو تہ: ادا! پوءِ مٿس ايمان چو نہ ٿو آڻين؟ ابوالحارث چيو تہ: ايمان آڻيندس تہ سموري قوم ڇِڙي ويندي. انعام ۽ اڪرام جيڪي ڏنا اٿن. اُهي کسي ويندا. ڪرز جي دل ۾ محبت پيدا ٿي. سو پنهنجو اُٺ اڳتي تکو ڪاهيندي اچي مديني منوره نڪتو ۽ حضور صلي الله عليہ وسلمجن جا هٿ مبارڪ چُمي مسلمان ٿيو. باقي وفد مديني پهتو. سندن ڪپڙا ريشمي ۽ مُنڊيون سونيون هيون. مسجد ۾ آيا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي سلام عرض ڪيائون. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کين جواب ڪونہ ڏنو. مسجد مان ٻاهر اچي اصحابن کي چيائون تہ اسان ڏي توهان جي نبي خط موڪليو جنهنڪري آياسين. مگر اسان کي کو جواب ڪونہ ٿو ڏي.

حضرت علي رضہ کين چيو تہ: ريشمي ڪپڙا ۽ مُنڊيون سونيون لاهي پوءِ وٽن وڃو. هُنن ائين ڪيو. پوءِ حضور صلي الله عليہ وسلم ساڻن ڳالهايو ٻولهايو. نصارن حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي متعلق سوال ڪيو. پاڻ سڳورن فرمايو تہ: الله تعاليٰ جو ٻانهو ۽ نبي مرسل هو. هنن سوال ڪيو تہ: پلا هن کي پيءُ آهي؟ حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: هو بنا

پيءُ جي پيدا ٿيو. هُنن چيو تہ: سموري مخلوقات ماءُ پيءُ جي وسيلي پيدا ٿي آهي، هي بہ جيڪڏهن خدا جو بندو هجي ها تہ ڪيس پيءُ هجي ها. يعني هُنن جو اعتقاد هو تہ حضرت عيسيٰ خود خدا آهي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: سياڻي انهيءَ سوال جو جواب اچي پُڌجو.

پئي ڏينهن جبرئيل عليہ السلام آيو ۽ آيت نازل ٿي تہ:

إِنَّ مَثَلَ عِيسَىٰ عِندَ اللَّهِ كَمَثَلِ آدَمَ ۖ خَلَقَهُ
مِن تُرَابٍ ثُمَّ قَالَ لَهُ كُن فَيَكُونُ ﴿٥٩﴾ الْحَقُّ مِن رَّبِّكَ فَلَا
تَكُن مِّنَ الْمُمْتَرِينَ ﴿٦٠﴾ فَمَنْ حَاجَّكَ فِيهِ مِن بَعْدِ مَا جَاءَكَ
مِنَ الْعِلْمِ فَقُلْ تَعَالَوْا نَدْعُ أَبْنَاءَنَا وَأَبْنَاءَكُمْ وَنِسَاءَنَا وَ
نِسَاءَكُمْ وَأَنفُسَنَا وَأَنفُسَكُمْ ثُمَّ نَبْتَهِلْ فَنَجْعَل لَّعْنَتَ اللَّهِ
عَلَى الْكَاذِبِينَ ﴿٦١﴾

ترجمو: تحقيق صفت عيسيٰ عليہ السلام جي الله تعاليٰ وٽ آدم عليہ السلام جي مثل آهي. هن کي بہ بنا پيءُ جي مِٽيءَ مان پيدا ڪري پوءِ چيائين تہ ٿي پئو تہ ٿي ويو. تنهنجي رب وٽ حق ثابت آهي، پوءِ تون شڪ ڪندڙن مان نہ هج. پوءِ جيڪو توسان جهڳڙو ڪري ۽ تو وٽ علم بہ اچي ويو تہ انهن کي چئو تہ اچو پنهنجا پُٽ ۽ زالون ۽ پاڻ اچي حاضر ٿي، اسان بہ پنهنجي پُٽن ۽ زالن ۽ جندن سان اچي حاضر ٿا ٿيون، پوءِ مباهلو (قسم) ڪٽنداسين تہ ڪير حق تي آهي پوءِ گڏجي ڪوڙن تي لعنت ڪنداسين (القرآن، 3:59،60،61).

هُنن اچي پنهنجي سوال جو جواب پُڌو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمائين تہ مباهلي لاءِ تيار ٿي اچو. هُنن چيو تہ: اسان پاڻ ۾ صلاح ڪريون.

ٻئي ڏينهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن امام حسن، امام حسين، بيبي فاطمہ ۽ حضرت علي رضہ کي پاڻ سان وٺي ميدان ۾ نڪتا. کين چيائون تہ: مان دعا گهران ٿو توهان آمين چئجو.

نصارن پنج تَنن جو نڪرڻ دعا ۽ آمين جو ٻُڌي دهلجي ويا. سندن پيشوا ۽ عالم ابوالحارث چيو تہ: اهيءَ جماعت جيڪڏهن دعا گهرندي تہ پوءِ روءِ زمين تي ڪو نصارو نہ رهندو. تنهنڪري اسان مباهلو نہ ڪنداسين. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: پوءِ اسلام آڻيو. هُنن چيو تہ: اسلام بہ ڪونہ آڻينداسين. فرمايائين تہ: پوءِ جنگ لاءِ تيار ٿيو. هُنن چيو تہ: مقابلي جي طاقت بہ ڪانهي. باقي بہ هزار وڳا سال ۾ هرهڪ وڳي جي قيمت چاليهہ درهم هوندي. هڪ هزار رجب ۾ ڏينداسين ۽ ٽيهہ گهوڙا، ٽيهہ اُٺ، ٽيهہ تراريون ۽ ٽيهہ نيزا بہ ڏينداسون. تنهنجا اصحاب ايندا تہ انهن جي مهماني وغيره بہ ڪنداسون. انهن ڳالهين تي صلح ٿيو. پوءِ چيائون تہ: توهان اسان کي هڪ امين ڏيو جيڪو اسان جا فيصلا نبيريندو رهي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: سياڻي توهان کي امين ڏينداسين.

حضرت عمر رضہ چوي ٿو تہ: مون کي ننڊ نہ آئي تہ شل مون کي مقرر ڪن، مگر صبح جو نماز پڙهي، حضور صلي الله عليہ وسلم جن ابو عبيده بن الجراح کي نجران جي نصارن جو امين ۽ حاڪم ٿي وڃڻ جو حڪم ڏنو. اهو عهدنامو انهيءَ سال حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي خلافت تائين هليو. پوءِ حضرت عمر رضہ جي عهد خلافت ۾ ڦيرايو ويو.

حضرت علي رضہ جو يمن ڏي وڃڻ

سن 10 هجري ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن يمن فتح ڪرڻ ۽ دين اسلام جي دعوت ڏيڻ لاءِ حضرت علي رضہ کي حڪم ڪيو. رواني

ٽيڻ وقت پنهنجي هٿن مبارڪن سان حضرت علي رضہ کي دستيار ٻڌائون. جنهن جا ٿي پيڃ هئا ۽ ٻہ ڀُرا. هڪ ڀُرو هٿ جيترو وڏو. گرانٽ مٿيون ڀُرو ڇڏيل هو. پوءِ کيس دعا فرمائي، چوڻ لڳا تہ: اڳ ۾ جنگ نہ ڪجو. هُنن کي لآاِلآہَ اِلآاللّٰہُ جي تلقين ڪجو. جيڪڏهن اسلام قبول ڪيائون تہ کين احڪام اسلام جا سيکارجو. شاهوڪارن کان زڪوات ۽ صدقا ونڻي اُتي جيڪي مسڪين ۽ محتاج هجن، انهن کي ڏجو.

حضرت علي رضہ هرض ڪيو تہ: اَهلِ کَتَاب جي ملڪ ڏي موڪليو ٿا، هو ضرور مذهبي سوال ڪندا. آءٌ جوان آهيان ۽ علم احڪام جو چندان عالم نہ آهيان. حضور صلي الله عليہ وسلم جن سندس سيني تي هٿ هڻي دعا ڪئي تہ: اَللّٰهُمَّ ثَبِت لِسَانَہ وَاَهدِ قَلبَہ (اي الله! هن جي زبان ثابت ڪر ۽ سندس قلب کي هدايت ڪر). انهي جو اهڙو اثر ٿيو جو حضرت علي رضہ وڏي ۾ وڏو عالم ٿيو. جنہ نجي حق ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: اَقضَاکُمُ عَلِیّ (علي توهان ۾ وڏو قاضي آهي).

حضرت علي رضہ ٽن سون بهادرن سان يمن پهچي ويو. لشڪر چوطرف موڪليائين. جنهن مال غنيمت جو تمام گهڻو اچي گڏ ڪيو. حضرت براءِ بن عازب روايت ٿو ڪري تہ: دشمن اسان جو لشڪر ڏسي ۽ مال غنيمت گڏ ڪرڻ ڏسي، جنگ لاءِ تيار ٿي آيا. اسان صبح جو نماز پڙهي تہ دشمن جو لشڪر بہ وڏي تياري سان اچي سامهون ٿيو. حضرت علي رضہ صِفون سِڌيون بيهاري، دشمنن ڏي متوجهہ ٿي، کين حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو حڪم ٻڌايو تہ: اسان مسلمان هڪڙي الله تعاليٰ وحده لاشريک لہ کي مڃون ٿا ۽ سندس عبادت ڪريون ٿا. الله تعاليٰ اسان ڏي حضرت محمد رسول الله موڪليو آهي تہ اسان سندن حڪمن هيٺ هلي دنيا ۾ الله تعاليٰ جي حڪومت قائم ڪريون. حڪومت محض الله

تعاليٰ جي آهي. اسان نائب ٿي سندس حڪومت جاري ڪنداسون. اسان جو مطلب لڙائي ڪرڻ يا ملڪ فتح ڪرڻ جو نہ آهي. توهان رڳو مسلمان ٿي وڃو ۽ چئو: اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ تہ توهان کي الله تعاليٰ جا قانون ٻڌائي، پنهنجي وطن ڏي موٽي وڃون. توهان پنهنجي ملڪ جي حڪومت خدا تعاليٰ جي قانون مطابق هلايو. هنن اهو ٻڌي يڪدم اسلام قبول ڪيو.

ڪن ڇيو آهي تہ ٿوري لڙائي لڳي، جنهن ۾ دشمن جا اناويهہ ماڻهو مارجي ويا. پوءِ وري حضرت علي رضہ اها تقرير ڪئي تہ سمورا مسلمان ٿي پيا. هنن پنهنجي مال جا صدقا وغيره ڏنا. حضرت علي رضہ مال غنيمت جو خمس ڪڍي، باقي غازين کي تقسيم ڪري ڏنو ۽ پوءِ يڪدم مڪي معظمہ ڏانهن روانا ٿيا، جو حضور صلي الله عليہ وسلم جن حج لاءِ مڪي معظمہ روانا ٿي ويا هئا.

جرير جو وفد جو واقعو

ساڳئي سال (10 هجري) ۾ جرير بن عبدالله بجلي جو وفد ڏيڍ سئو ماڻهن سان مديني منورو ۾ آيو ۽ اچي مسلمان ٿيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن هنن جي اچڻ کان اڳ اصحابن کي فرمايو تہ: هن رستي سان هڪ جوان وڏي وفد سان اچي پيو، جنهن جي پيشاني تي حضرت عيسيٰ عليہ السلام جهڙا نشان هوندا. اصحابن تياري ڪئي تہ وفد بہ اچي پهتو. جرير بن عبدالله نهايت روشن پيشاني وارو هو، جنهنڪري حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: هن امت جو يوسف ثاني جرير بن عبدالله آهي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کانئس قبيلن جو احوال پڇيو. هن ڇيو تہ: ٻيا قبيلا مسلمان ٿيا آهن ۽ سندن بتخانا ڊاڻا ويا آهن. حضور صلي الله عليہ

وسلم جن پڇيس تہ: ذوالحليفہ جا بتخانا؟ هن عرض ڪيو تہ: اميد هيم تہ اهي مان پنهنجي هٿن سان ڌاهيدس. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايس تہ: وڃي اهي بتخانا پڇ. تڏهن چيائين تہ: ذوالحليفہ پري آهي. اُٺ جي سواري تي تڪليف ٿيندي، گهوڙا تمام سرڪش آهن. حضور صلي الله عليہ وسلم جن سندس سيني تي هٿ هڻي، ڪيس دعا ڪئي تہ اَللّٰهُمَّ اثَبتهُ وَاجعَله هَادِيَا مَهدِيَا (اي الله! هن کي مظبوط ڪر ۽ هدايت ڪندڙ ۽ هدايت وارو ڪر). جرير بن عبدالله ٿو چوي تہ: حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڪان موڪلائي گهوڙي تي سوار ٿيس تہ سرڪش گهوڙو اهڙو نرم ٿي پيو جڙ تہ گهيٽو هو. رات ڏينهن پنڌ ڪندي ذوالحليفہ وت پهتس. اتي جي بتخانن کي باهہ لڳايم. جنهن ۾ اهل ذوالحليفہ آخر مسلمان ٿيا. بتخانا ڌاهي ناس ڪياسين. انهن بتخانن ۾ سون چاندي ۽ ٻيو مال اسباب هو. سو سمورو مديني منورو موڪليوسين. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جرير ۽ سندس ساٿين جي حق ۾ دعا خير گهُري.

بني حنيفہ جو وفد

بنو حنيفہ جو وفد يمامہ مان مديني منوره ۾ اچي پهتو. هن وفد ۾ مسيلمہ ڪذاب بہ هو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي ارشاد موجب وفد کي رملہ بنت الحارث جي سراءِ ۾ ترسايو ويو. صبح جو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دربار ۾ حاضر ٿي سيئي مسلمان ٿيا. مسيلمہ بہ پنهنجي رفيقن وانگر مسلمان ٿيو. پوءِ جڏهن موٽي يمامہ ۾ پهتو تہ مرتد ٿيو ۽ نبوت جي دعويٰ شروع ڪيائين. ماڻهن کي چوڻ لڳو تہ: مون کي خدا تعاليٰ، محمد عليہ السلام سان نبوت ۾ شريڪ ڪيو آهي، جيڪو مون تي ايمان آڻيندو تنهن تي نماز معاف آهي. وياج کائڻ ۽ شراب پيئڻ جائز آهي. اهو

پُڌي تمام گهٽا ماڻهو سندس تابعدار ٿيا. جڏهن ڪافي زور ورتائين تڏهن ڏهه ماڻهو چونڊي حضور صلي الله عليه وسلم جن ڏي موڪليائين ۽ هڪ خط لکيائين ته: مِن مُسَيلمَتِ رَسُولِ اللهِ اِليٰ مُحَمدِ رَسُولِ اللهِ صَلي اللهُ عَلَيه وَسَلّمُ اَمّا بَعدِ اِنّي قَد اِشرَكتُ فِي الاَمرِ مَعَكَ وَاِنّ لَنَا نِصفَ الاَرضِ وَلِلقُريشِ نِصفُهَا (هي خط مسيلمہ خدا جي رسول جو طرف محمد الله تعاليٰ جي رسول ڏي. اما بعد الله تعاليٰ مون کي تنهنجي نبوت ۾ شريڪ ڪيو آهي. زمين جو اڌ اسان جو ۽ اڌ توهان قريشن جو).

حضور صلي الله عليه وسلم جن خط پڙهي سخت غضب ۾ اچي چوڻ لڳا ته: هي ڏندڙ جيڪو آڳ ڪريان ٿو جيڪڏهن مسيلمہ گهُري ته به ڪونہ ڏيانس. پوءِ آيل وفد کان پڇيائون ته: توهان چاڻا چئو. هنن چيو: جيئن مسيلمہ ٿو چوي اسان به ائين ٿا چئون. حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته: قاصدن کي قتل ڪرڻ جائز نہ آهي، نہ ته توهان کي يڪدم قتل ڪرائي ڇڏيان ها. پوءِ خط جي جواب ۾ لکيائون ته: مِن مُحَمّدِ رّسُولُ اللهُ اِليٰ مُسَيلَمَتَ الكَذّابِ وَالسّلاَمُ عَليٰ مَنِ اتّبَعَ الهُديٰ كِتَابَكَ كِتَابُ الكَذّبَ وَالاِفتِرآءِ عَلَي اللهِ فَاِنّ الاَرضَ لله يُرثُهَا مَن يّشآءُ مِن عِبَادِهِ وَالعَاَقِبَتُ لِلمُتّقِينَ (هي خط آهي طرفان محمد صلي الله عليه وسلم الله تعاليٰ جي رسول جي مسيلمت ڪذاب ڏي سلام ان تي آهي جيڪو تابع هدايت جو ٿيو. تنهنجو خط سراسر ڪوڙو هو ۽ الله تعاليٰ تي اجايو بهتان هو. زمين الله تعاليٰ جي آهي پنهنجي بانهن مان جنهن کي وٽي ان کي ورثي ۾ ڏي، ڇڪائي آخرت جي پرهيزگارن لاءِ آهي).

انهيءَ ڏهين سال ۾ گهٽا وفد آيا ۽ مسلمان ٿيا. هت جيڪي ضروري هئا سي لکيا ويا.

حج الوداع جو واقعو

سن 10 هجري ۾ حج الوداع (جدائي جو حج) جو مشهور واقعو ٿيو جنهن جو تفصيل هن طرح آهي تہ مهيني ذوالقعد ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن حج جي تياري ڪئي. پنهنجا قاصد عربي قبيلن ڏي موڪليائون تہ جن کي بہ حضرت نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم سان گڏجي حج پڙهڻو هجي، اهي تيار ٿي مديني منوره ۾ اچن. 25 ذوالقعد، ڏينهن آچر تي، (يا سومر تي، روايتن جو اختلتاف آهي) مديني منوره مان نڪتا. نڪرڻ کان اڳ غسل ڪري، سرمون قطي ڏنائون ۽ خوشبوءِ مکيائون، سِبيل ڪپڙا لاهي گوڏ ۽ چادر پاتائون. مسجد نبوي ۾ اچي چار رڪعتون نفل پڙهي ذوالحليفہ طرف روانا ٿيا. تپهريءَ مهل ذوالحليفہ ۾ پهتا ۽ نماز سفر جي بہ رڪعتون پڙهيائون، جيڪي اُٺ بيت الله جا هديہ ڪري ڪنيا هئاون، تن کي نشان ڪرايائون. ڪنڍلا ۽ گانا سندن ڳچيءَ ۾ ٻڌائون. ڪُهاڙ چيري، ان جو رت سندن ڪُهاڻڻ ۽ ڦُڻن تي هاريائون، تہ ڪوبہ اُٺ ڪاڏي نڪري وڃي يا گم ٿيئي تہ ماڻهو سمجهن تہ هي بيت الله جو هديہ آهي. تنهنڪري ڪوبہ ماڻهو کين هٿ نہ لائي. ناجيہ ابن جندب اسلمي کي اُٺن ڪاهڻ ۽ سنيالڻ جو ڪم ڏنائون. سيني مانهن کي عمره جو احرام ٻڌڻ لاءِ حڪم ڪيائون. ناجيہ چيو تہ: يارسول الله! ڪو اُٺ رستي ۾ مري پوي تہ ڇا ڪريون؟ ڪيس نحر (ڪُهي) ڪري، سندس خون وٺي پاسي پُڻيءَ تي هاريو تہ شاهوڪار ماڻهو صدقو سمجهي گوشت نہ کائي. توهان کي ضرورت پوي تہ اُٺن تي پلي چڙهجو نہ تہ پنڌ ڪاهيو اچجو.

انهي سفر ۾ بيبي فاطمہ رضہ ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جون سموريون بيبيون سڳوريون گڏ هيون. ڪجاون کي پردا ڏنل هئا. هڪ لک چوويهہ هزار ماڻهو حضور صلي الله عليہ وسلم سان حج جي سفر ۾ گڏ

هليا. ذوالحليفہ کان احرام ٻڌائون. حضرت ابوبکر صديق رضہ جي گهر واري اسماء بنت عميس جو اتي ويم ٿيو ۽ محمد ابن ابوبکر ڄائو. بيبي اسماء کي حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: حج جا احڪام باقاعدي ڪندي هل، باقي بيت الله جو طواف تڏهن ڪجانءِ جڏهن پاڪ ٿئين. پوءِ پاڻ سڳورن ۽ سيني اصحابن احرام ٻڌو. لبيڪ شروع ڪيائون: لَبّيکَ اَللّٰهُمَّ لَبّيک اِنّ الحَمدَ وَالنِعمَتَ لَکَ وَلَکَ المُلکُ لَا شَرِيکَ لَکَ (تنهنجي دربار ۾ حاضر آهيون اي مولیٰ سائين حاضر تعريفون ۽ نعمتون تنهنجي لاءِ آهن، ملڪ جي حڪومت تنهنجي آهي ۽ ڪوبہ توسان شريڪ ۽ پائيوار ناهي).

منزل ذي طويٰ تي پهتا تہ حضرت ابابکر صديق رضہ عرض ڪيو تہ: يارسول الله! توهان جو سامان سفر ۽ ڪاڌي پيتي جو منهنجي اُٺ تي هجي، جو منهنجو غلام اُهو اُٺ ڪاهيو ۽ سنياليندو پيو هلندو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن سندس عرض قبول فرمائي، سمورو سامان صديق اڪبر جي اُٺ تي ڪرائي، سندس غلام جي حوالي ڪيو. هڪڙي منزل تي اهو غلام اُٺ جا گوڏا ٻڌي سمهي پيو تہ اُٺ چوڙائي اٿي هليو ويو. غلام سجاڳ ٿيو تہ اُٺ جو پتو لڳايائين مگرڪونہ لڌو. اصحابن بہ گهٽي ڳولها ڪئي مگر اُٺ ڪونہ لڌو. قبيلي بني اسلم کي خبر پئي تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو اُٺ گم ٿيو آهي، ڪابہ شيءِ ڪاڌي پيتي جي ڪانہ اٿن. انهن ڪتل گِيهہ ۽ پيو سامان ڪاڌي جو موڪلي ڏنو. جيڪو حضور صلي الله عليہ وسلم جن پنهنجي ۽ ابوبکر صديق رضہ جي ڪٽنبن کي کارايو ۽ پاڻ کاڌو. ايتري ۾ پوبان جيڪو سائقہ (پوبان سنيال وارو) صفوان بن معقل اسلمي پي آيو. تنهن کي اُٺ ور چڙهي ويو. جو آڻي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ پيش ڪيائين. هوڏانهن وري حضرت سعد بن

عباده ۾ سندس پُٹ، پنهنجو سمورو سامان کٹي اچي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ پيش ٿيا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن انهن کي دعا ڪئي ۽ فرمايو تہ: توهان سامان کٹي وڃو. اسان کي پنهنجو سامان ۽ اُٹ ملي ويو.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن مڪي معظمہ ۾ باب بني شيبہ مان داخل ٿيا ۽ بيت الله کي ڏسي فرمايائون: اَللّٰهُمَّ زِد هذا البَيتَ تَعظِيمَا وَتَشرِيفَا وَ تَكرِيمَا وَمُهَابَتُ وَزِد مَن عَزَمَ مِمَّنَ حَجَّ وَاعتَمَرَ تَشرِيفَا وَتَكرِيمَا (اي منهنجا مولیٰ! هن گهر جي تعظيم ۽ شرف ۽ بزرگي ۽ هيبت وڌاءِ ۽ جيڪو حج پرهي ۽ عمرو ڪري انهي کي بہ تعظيم، شرف ۽ بزرگي ۾ وڌاءِ). مسجد الحرام ۾ داخل ٿي حجر الاسود کي چمي ڏنائون ۽ ست ڦيرا بيت الله جو طواف ڪيائون. اول ٽي ڦيرا ڊوڙي طواف ڪيائون ۽ باقي آهستي سان، ۽ هر ڦيري سان حجر اسود ۽ رڪن يماني کي بہ ٻئي هٿ لاتائون ۽ چُميائون ۽ ٻنهي رڪنن جي وچ ۾:

رَبَّنَآ اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّفِي الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ

ترجمو: اي مولیٰ! اسان کي دنيا ۾ نيڪي عطا ڪر ۽ آخرت ۾ بہ نيڪي عطا ڪر ۽ عذاب باهہ جهنم کان اسان کي بچاءِ (القرآن2:201). ٽي پڙهيائون. طواف کان فارغ ٿي مقام ابراهيم وٽ ويا اتي آيت:

وَاتَّخِذُوا مِن مَّقَامِ اِبْرٰهٖمَ مُصَلًّى

ترجمو: جاءِ ابراهيم جن کي جاءِ نماز جي ڪري ونو (القرآن، 2:201) ۽ بہ رڪعتون واجب الطواف جون پڙهي. هڪ ۾ قُل يٰاَيُّهَاالكَافِرُونَ (سوره الكافرون)، جنهن ۾ ڪفر کان بيزاري جو حڪم آيل آهي. بيءَ ۾ قُل هُوَ الله اَحَدُ (سوره الاخلاص) جنهن ۾ توحيد جو بيان آهي، پڙهيائون. باهر نڪري صفا ۽ مروه متوجهہ ٿيا. آيت

۞ إِنَّ ٱلصَّفَا وَٱلْمَرْوَةَ مِن شَعَآئِرِ ٱللَّهِ ۖ فَمَنْ حَجَّ ٱلْبَيْتَ أَوِ ٱعْتَمَرَ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِ أَن يَطَّوَّفَ بِهِمَا ۚ وَمَن تَطَوَّعَ خَيْرًا فَإِنَّ ٱللَّهَ شَاكِرٌ عَلِيمٌ ﴿١٥٨﴾

ترجمو: تحقيق صفا ۽ مروه (جبل) الله (جي عبادت) جي نشانين مان آهن، پوءِ جيڪو بيت الله جو حج ڪري يا عمرو تنهن کي ڪنهي جي طواف ڪرڻ ۾ ڪو گناهه نه آهي، ۽ جيڪو وڌيڪ چڱائي ڪندو (تنهن جي الله قبول ڪندو) ڇو ته الله قبول ڪندڙ ڄاڻندڙ آهي (القرآن، 158:2). اڳ ۾ صفا تي چڙهي منهن مبارڪ ڪعبت الله ڏي ڪري فرمايائون:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ يُحْيِ وَيُمِيْتُ وَهُوَ حَيٌّ لَّايَمُوْتُ اَبَدًا اَبَدًا ط ذُوالْجَلَالِ وَالْاِكْرَامِ ط بِيَدِهِ الْخَيْرُ ط وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ط

لآاِلٰهَ اِلّااللّٰهُ وَحدُهُ وَنَصَرَ عَبدُه وَهَزَمَ الاَحزابَ وَحده لآشيءِ بَعدَه

(الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪوبه معبود بالحق نه آهي، هو اڪيلو آهي، انهي سان ڪوبه شريڪ ٻائيوار ڪونه آهي. انهي جو آهي ملڪ ۽ انهيءَ جي آهي ساراهه، اهو ئي جياري ۽ ماري ٿو، هو سدائين جيئرو آهي ۽ ڪڏهن به نه مرندو. سمورو خير انهيءَ جي هٿ قدرت هيٺ آهي، هو سڀ شيءِ تي قادر آهي، انهي کان سواءِ ڪوبه معبود بالحق ڪونه آهي، هو اڪيلو آهي، پنهنجي ٻانهي محمد ڪريم کي فتح ڏنائين. اڪيلو ئي دشمنن جا لشڪر ڀڄايائين، ڪابه شيءِ انهي کان پوءِ ڪانهي).

ست ڀيرا صفا مروه جي وچ ۾ سَعِي ڪيائون. انهي کان فارغ ٿي حڪم فرمايائون ته: جنهن ٻاڻ سان هديه قرباني بيت الله جي نه آندي آهي، اهو احرام کان فارغ ٿئي. يعني مٿو ڪوڙائي يا ڪترائي ۽ احرام لاهي ڪپڙا سبيل ڏڪي. وري ستين تاريخ ذوالحج جي حج لاءِ احرام ٻڌي. پر

جنهن پاڻ سان هديا آندا آهن، اهي احرام سان رهن. جيستائين 'مِنيٰ' ۾ انهن کي نحر نه ڪن. اسان به جيڪر هديا نه آڻيون ها ته ڇڏو هِت حڪم ڏنائين ته: توهان احرام کولي ڇڏيو باقي آءٌ احرام سان رهندس.

حضرت علي رضہ جون يمن کان اچڻ: حضرت علي رضہ کي حضور صلي الله عليہ وسلم جن يمن طرف موڪليو هو جتان فارغ ٿي مڪي ڏانهن موٽيو ته ڪيترائي اُٺ بيت الله جو هديہ ڪري آندائين.حضرت علي رضهاحرام به ٻڌو آيو هو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کانئس پڇيو ته: احرام ۾ نيت ڪيئن ڪئي اٿئي؟ عرض ڪيائين ته: توهان نيت ڪانہ ٻُڌائي هئي. تنهنڪري مان نيت ڪئي ته: اي خدايا! جيئن ته تنهنجي نبي احرام ٻڌو ۽ نيت ڪئي آهي، آءٌ به احرام ٻڌان ٿو ۽ نيت ڪريان ٿو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايس ته: هديہ ۾ اُٺ وغيره به آندا اٿئي؟ هن هائوڪار ڪئي. تڏهن فرمايائون ته: تون مون وانگر احرام سان رهہ، مِنيٰ ۾ اُڻن کي نحر ڪر پوءِ احرام ڇوڙيندا سون. حضرت علي رضہ بيبي فاطمہ وٽ آيو ته ڏنائين ته احرام کولي، سينڌ سرما ڪيو ويڻيون آهن. حضرت علي رضہ جي پُڇا تي بيبي صاحبہ چيو ته: اسان کي پاڻ سڳورن احرام لاهڻ جو حڪم ڪيو هو. حضرت علي رضہ خاموش رهيو.

ستين ڏينهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن حڪم فرمايو ته: جنهن احرام کوليو آهي، اهو حج لاءِ احرام ٻڌي. پوءِ چار ڏينهن مڪي معظمہ ۾ رهي، تاريخ نائين ذوالحج تي وڃي عرفات ۾ لٿا، جتي سندن طنبو لڳل هئا. سج لڙيو ته ڏاڇي قصويٰ تي سوار ٿيا ۽ مسلمانن کي حج جا احڪام سيکاريائون. پوءِ نهايت فصاحت ۽ بلاغت سان خطبو پڙهيائون. الله تعاليٰ جي حمد و ثنا بعد مسلمانن کي فرمايائون ته: آءٌ نٿو ڄانيان ته هن سال بعد عرفات ۾ جتي آءٌ خطبو پڙهي رهيو آهيان، مون کي ڪو ڏسندو. اي انسانو!

توهان جا خون، توهان جا مال، توهان تي هڪبئي لاءِ حرام آهن. هميشہ لاءِ جيئن هن ڏينهن ۾ حرام آهن. توهان جلدي پنهنجي مولیٰ سان ملندو. پوءِ توهان کي توهان جي عملن جي پُڇا ڪندو. جنهن وٽ ڪابہ امانت رهيل آهي تہ سلامت مالڪ کي موٽائي ڏي. وياج حرام آهي. مال کي بنا وياج جي ڏجي. رقم راس المال ڏجي. وياج نہ ڏجي. جيئن آڻ پنهنجي چاچي عباس رضہ جو وياج تي ڏنل مال، جيڪو آهي ان جو وياج معاف ٿو ڪريان. باقي مُور مال موٽائي ڏيو. جيڪو اسلام کان اڳ ۾ خون ٿيل آهي اهو اسلام کان بعد معاف آهي. آڻ پنهنجي سئوٽ الربيعہ ابن الحرث بن عبدالمطلب جو خون معاف ٿو ڪريان، توهان بہ جاهليت وارا خون ماف ڪريو.

اي مسلمانو! اڄ شيطان ناااميد ٿي چڪو آهي، جو وري سندس پوڄا هن زمين ۾ ٿئي. مگر فتنو فساد وجهندو. انهيءَ کان بچجو. اي مسلمانو! توهان جا زالن تي حق آهن ۽ زالن جا بہ توهان تي حق آهن. توهان جا انهن تي حق آهن جو توهان جي اجازت کان سواءِ ڪنهن جي منهن نہ پون ۽ پنهنجي گهر ڪنهن کي نہ ڇڏين. جنهن کي توهان بُرو سمجهو ۽ توهان جا انهن تي حق آهن تہ هو بيحيائي، بدڪاري زنا نہ ڪرائين، پر جيڪڏهن هو توهان جون نافرمان ٿيون ٿين تہ انهن کي ڪي ڏينهن سزا طور پاڻ کان پري ڪري ڇڏيو ۽ انهن کي سزا ڏيو. پر اهڙي نہ جنهن ۾ هو ڦٽجي پون. پوءِ جيڪڏهن اهي پشيمان ٿي توهان کان معافي گهرن، تہ پوءِ وري ساڻن اڳين هلت چلت، کاڌ خوراڪ، لٽو ڪپڙو ڏيندا ڪريو. آڻ توهان کي عورتن جي حق ۾ وصيت ٿو ڪريان نيڪي ڪرڻ جي، اهي توهان جي قبضي ۾، ۽ توهان جي هٿن ۾ رهن ٿيون. هنن کي پنهنجا اختيارات نہ آهن، توهان وٽ اهي امانت آهن. الله تعاليٰ توهان کي حلال ڪري ڏنيون آهن. توهان انهن

جي چڱي سنيال ڪريو. اَلرِّجَالُ قَوَامُونَ عَلَي النِّسَاءِ (مڙس زالن جا سنياليندڙ آهن). اهي مسلمانو! آءٌ توهان وٽ ٻه شيون ڇڏي ٿو وڃان، انهن کي مضبوط ونندو تہ ڪڏهن ٻہ گمراهہ نہ ٿيندو. هڪ آهي الله تعاليٰ جو ڪتاب (قرآن ڪريم)، ٻيو آهي سُنت رسول الله جي، اهي هڪٻئي کان جدا نہ ٿيندا جيستائين اچي مون سان حوض تي ملن.

اي مسلمانو! منهنجي ڳالهہ ٻُڌو ۽ سمجهو اَن كُلِّ مُسلِمِ اَخُ المُسلِمِ (سيڪو مسلمان، مسلمان جو ڀاءُ آهي). سڀ مسلمان هڪٻئي جا ڀائر آهن. پوءِ ڪوبہ مسلمان ٻئي مسلمان تي ظلم نہ ڪري ۽ جيڪو پنهنجي لاءِ پسند ڪري اُهو پنهنجي ڀاءُ مسلمان لاءِ پسند ڪري. جو پنهنجي لاءِ بُرو سمجهي سو ٻئي ڀاءُ مسلمان لاءِ بُرو سمجهي. پوءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو: اي منهنجا مولیٰ تون شاهد آهين. مون تنهنجا پيغام ۽ احڪام تنهنجي خلق کي پهچايا. ماڻهن چيو: قسم آهي الله تعاليٰ جو توهان برابر الله تعاليٰ جا احڪام اسان کي پهچايا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن تقرير پئي ڪئي. انهيءَ جو ترجمو ربيعہ بن اميہ بن خلف بلند آواز سان ماڻهن کي پئي پهچايو. پاڻ فرمايائون تہ: هي ڪهڙو مهينو آهي، ڪهڙو ڏينهن آهي، ڪهڙو شهر آهي، ۽ ڪهڙي جاءِ آهي؟ ماڻهن جواب ڏنو تہ: مهينو ذوالحج آهي، ڏنهن جمعي جو آهي، شهر مڪو معظم آهي ۽ جاءِ عرفات جي آهي. فرمايائون تہ: جيئن هن مهيني ۾، هن ڏينهن ۾، هن شهر ۾ ۽ هن جاءِ ۾ خون ڪرڻ، ڪنهن جو مال ناحق کائڻ حرام آهي، تيئن سدائين سيڪنهن مهيني ۾، سيڪنهن شهر ۾، سيڪنهن جاءِ ۾ خون ڪرڻ ۽ پرائو مال کائڻ سدائين حرام آهي. اي مسلمانو! وارث لاءِ وصيت جائز نہ آهي. ان کي ورثو ملندو. ٻار نڪاح واري جو آهي. زانيءَ کي نہ

ڏياريو. جيڪو پنهنجي ذات مٿائيندو يا پيءُ مٿائيندو، اُن تي الله تعاليٰ جي لعنت آهي. الله انهيءَ جي خير خيرات بہ قبول نہ ڪندو.

وري فرمايائون تہ: هي عرفات جو جبل آهي. عرفات سموري بيهڻ جي جاءِ آهي، ائين نہ اهي تہ جتي مان بيهان يا قرباني ڪريان اُها جاءِ مقرر ٿي ويئي، ٻيءَ جاءِ تي بيهڻ يا قرباني ڪرڻ جائز نہ آهي.

خطبو ختم ڪري، حضرت بلال رضہ کي ٻيهري نماز جي ٻانگ جو حڪم ڪيائون. نماز باجماعت پڙهي، وري بلال رضہ کي تڪبير جو حڪم ڪيائون ۽ وري اُتي جو اُتي ٽيهري جي نماز پڙهيائون. (هي آهي جَمَعُ بَينَ الصَّلوَاتِينِ (بہ نمازون گڏي پڙهڻ). جو اڳا سوڏو ساڳيو حڪم اهي). پوءِ اُٿي پنهنجي ڏاڇي تي سوار ٿيا ۽ خطبي واري جاءِ تي بيهي، منهني قبلي ڏي ڪري، نهايت عجز ۽ زاري سان دعا گهريائون. هٿن مبارڪن جون تريون مُنهن جي سامهون ۽ ويجهو هئن، فرمايائون تہ: اڳين نبين جي سيني دعائن کان وڌيڪ ۽ منهنجي سيني دعائن کان هيءَ دعا وڌيڪ آهي:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ط

(الله تعاليٰ کان سواءِ ڪوبہ الله ناهي، هو اڪيلو آهي، هن جو ڪوبہ شري نہ آهي، انهيءَ جو ملڪ آهي، انهيءَ جو همد ۽ ساراهہ آهي، هو سڀ شئي تي قادر آهي).

علمائن جو اختلاف آهي تہ عرفات جي ڏينهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي روزو هو يا نہ؟ حضرت عباس رضہ جي گهر واري ام الفضل ٿي چوي تہ: ڪير جو پيالو حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڏي موڪليو هئم، پيتائون، سيني ماڻهن ڏٺو. روزو ڪونہ هئن. عرفات تي پوئين آيت جا جبرئيل نازل ڪئي، سا هئي:

اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَاَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ وَرَضِيْتُ لَكُمُ الْاِسْلَامَ دِيْنًا

(اڄ توهان جو دين ڪامل ڪيم ۽ مون توهان تي پنهنجا انعام پورا ڪيا ۽ توهان لاءِ دين اسلام پسند ڪيم).

عرفات ۾ سج لٿو تہ اُسامہ بن زيد کي پاڻ سان ٻيلهہ چاڙهي، مزدلفہ ڏي روانا ٿيا. مغرب ۽ عشاء جي نماز هڪ ٻانگ ۽ ٻن تڪبيرن سان گڏ عشاء جي وقت پڙهيائون. رات مزدلفہ ۾ رهيا. صبح جي نماز ساجهر اوندهہ ۾ پڙهي، مُنهن قبلي ڏي ڪري دعائون گهرڻ لڳا. سج اُپرڙ کان بعد روانا ٿيا.

نقل آهي تہ عرفات ۾ اُمت جي مغفرت لاءِ دعائون گهريائون. دعا قبول ٿي مگر حُقُوقُ العِبَادِ (ٻانهن جي حقن جي) دعا ظالمن لاءِ قبول نہ ٿي تہ ڪو مظلوم جو حق ظالم کي معاف ڪبو. حضور صلي الله عليہ وسلم جي گهڻي التجا ڪئي مگر قبول نہ ٿي. وري مزدلفي ۾ سخت زاري سان دعا گهريائون. الله تعاليٰ قبول ڪئي تہ مظلوم کي راضي ڪري کيس، بهشت ۾ داخل ڪبو. پوءِ ظالم کي بخشيو ويندو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دعا قبول ٿي، جبرئيل مبارڪباد پيش ڪئي تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن مُرڪيا. حضرت ابابڪر صديق رضہ مرڪڻ جو سبب پڇيو. فرمايائون تہ: ظالم جي حق ۾ دعا قبول ٿي، شيطان متي ۾ ڏوڙ وسائيندو ويو تہ باقي منهنجا سنگتي ڪهڙا رهيا.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن مزدلفي مان روانا ٿيا. فضل بن عباس کي ٻيلهہ چاڙهيائون. مِنيٰ ۾ جَمرَتُ العَقبَہ تي پهتا تہ وادي ۾ بيهي ست پٿريون رَمِي ڪيائون يعني ڇُٽيائون. هر پٿري سان تڪبير پئي چيائون. مِنيٰ ۾ بہ عرفات جهڙو خطبو ڏنائون. پوءِ قرباني جي جاءِ ڏي ويا. پنهنجا آندل اُٺ ۽ حضرت علي جا يمن کان آندل اُٺ هڪ سئو هئا. ٻاهٺ اُٺ حضور صلي الله عليہ وسلم جن پنهنجي هٿن مبارڪن سان نحر (قرباني)

ڪيا. سندن عمر مبارڪ ان وقت ٻاهٺ سال هئي تہ اُٺ بہ ٻاهٺ قربان ڪيائون. باقي اُٺ حضرت علي رضہ نحر ڪيا. پوءِ پنهنجو سر مبارڪ ڪوڙايائون. پنهنجا وار مبارڪ اصحابن کي ورهائي ڏنائون. هڪ حصو ابو طلحہ کي ڏنائون تہ تقسيم ڪري ۽ هڪ حصو پنهنجي حرمن کي ڏنائون. پيشاني مبارڪ جا وار خالد بن وليد کي ڏنائون، جيڪو هميشہ تبرڪ لاءِ پاڻ سان کڻي دعا گهرندو هو تہ الله تعالیٰ کيس فتح ڏيندو هو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن پنهنجي حرمن طرفان ڳئون جي قرباني ڏني ۽ هڪ گهيٽو بہ قرباني ڪيائون.

احرام کان فارغ ٿي مڪي معظمہ ۾ آيا. نماز ٻپهري جي پڙهي کوهہ زمزم تي آيا. زمزم جو پاڻي بني عبدالمطلب جي حوالي هو. انهن کي فرمايائين تہ: پاڻي ڪيڏي ماڻهن کي پياريو. مون کي ماڻهن جي انبوهہ جو خيال نہ هجي ها تہ مان پاڻ پاڻي ڪيڏي ماڻهن کي پياريان ها. پوءِ زمزم جي پاڻيءَ جو پريل ڏِلو حضور صلي الله عليہ وسلم جن آڏو آندائون. پاڻ ان مان ڪجهہ پيتائون. حج جا مناسڪ (احڪام) پورا ڪري، بہ-ٽي ڏينهن مڪي معظمہ ۾ ترسي، پوءِ مديني منوره ڏي روانا ٿيا. منزلون ڪندا اچي غدير خُ تي پهتا، جو جحفہ جي پاسي ۾ آهي. جحفہ، مِيقَاتُ يعني احرام ٻڌڻ جي جاءِ آهي، اُتي لهي ٻپهري جي نماز پڙهي، منهن مبارڪ اصحابن ڏي ڪري فرمايائون: اَلَستُ اَولیٰ بِالمَومِنِينَ مِن اَنفُسِهِم (چا آءٌ مومنن کي سندن نفسن کان وڌيڪ نہ آهيان؟) اصحابن چيو تہ: هائو. توهان اسان کي پنهنجي سِرن ۽ ساهن کان وڌيڪ پيارا آهيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: الله تعالیٰ منهنجو مولیٰ آهي ۽ مان سيني مومنن جو مولیٰ آهيان. پوءِ حضرت علي رضہ جو هٿ وني فرمايائون تہ: مَن کُنتُ مَولاٰہُ فَعِلِيُ مَولاٰہُ، اَللّٰهُمَّ وَالِ مَن وَالاٰہُ وَعَادِ مَنِ عَادَاہُ وَاَخذَلُ مَنِ خَذَ لَہ وَانصُرُ مَن نَصَرَہ

وَادرِالحَقّ مَعَّه حَيثَ كَانَ (جنهن جو آءٌ دوست آهيان علي ان جو دوست آهي. اي الله تعاليٰ! دوست رک انهي کي جيڪو علي کي دوست ٿو رکي، دشمن رک انهي کي جيڪو علي کي دشمن ٿو رکي، جيڪو هن کي خوار رکي ان کي خور رک، مدد ڪر انهي جي جيڪو هن جي مدد ڪري. حق انهي طرف هجي جتي به هو هجي). حضرت علي رضہ کي انهي دعا تي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي حرمن مبارڪ جو پيغام موڪليو. حضرت عمر فاروق به مبارڪ ڏيندي چيس تہ: مومن ءِ مومنياڻين جو ولي ءِ دوست ٿيو آهين.

پاڻ سڳورا واپس ورندي وري هڪ رات ذوالحليفہ ۾ رهيا. جڏهن مديني تي نظر پيين تہ فرمايائون:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ط

آئِبُون تَائِبُونَ عَابِدُونَ سَاجِدُونَ حَامِدُونَ صَدَقَ وَعدَه وَنَصَرَ عَبدُه وَاَعَزَّ جُندَه وَهَزَمَ الاَحزَابَ وَحدَه.

هن حج کي حجت الوداع انهي ڪري ٿو ڪونجي، جو ان بعد حضور صلي الله عليہ وسلم جن وري حج تي نہ وڃي سگهيا ءِ اڳيئي رحلت فرمائي ويا.

جرير بن عبدالله کي ذي الڪلاغ ڏي موڪلڻ

جرير بن عبدالله بجلي کي ذي الڪلاغ سنمع بن مرز بن مالڪ بن حسان ڏي موڪليائون، جيڪو فائط جي بادشاهن مان هو ءِ خدائي جي دعويٰ ڪئي هئائين. گهٽا ماڻهو سندس مطيع ٿي ويا هئا. تنهنڪري حضور صلي الله عليہ وسلم جن سندس هدايت لاءِ موڪليو. جرير تي ئي هو تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن رحلت فرمائي ويا. ذي الڪلاغ،

حضرت عمر فاروق رضہ جي عهد خلافت ۾ مدينو منوره ۾ آيو. ارڙهن غلام ساڻ هئس، انهن سميت اڇي مسلمان ٿيو. چار هزار غلام بروقت آزاد ڪيائين. حضرت عمر فاروق چيس تہ: باقي غلام بہ اسان کي وڪڻي ڏي. هن چيو تہ: اڄ رات سوچيان. صبح جو سيني غلامن کي آزاد ڪري ڇڏيائين. حضرت عمر فاروق کيس آفرين چيو. هن عرض ڪيو تہ: هڪ تمام وڏو گناهہ ڪيو اٿم، انهيءَ جو ڏپ اهي. حضرت عمر فاروق رضہ پڇيس تہ: اهو ڪهڙو گناهہ آهي؟ چيائين تہ: مان بہ-ٽي ڏينهن پنهنجي پوڄارين کان غائب ٿي ويس، هنن کي ڏاڍو انتظار هو. عين انتظار ۾ مان بہ پنهنجي محلات مان ظهور ڪيو. هڪ لک ماڻهو هئا، جن سيئي منهنجي سامهون سجدي ۾ ڪِري پيا، اهو وڏو گناهہ آهي. حضرت عمر فاروق رضہ فرمايس تہ: سچي دل سان توبهہ ڪر ۽ الله تعاليٰ کي راضي ڪر، اميد آهي تہ الله تعاليٰ تنهنجو گناهہ معاف ڪندو.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي فرزند ابراهيم رضہ جي وفات

حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي سن 10 هجري ۾ بيبي ماريہ قبطيہ جي بطن مبارڪ مان فرزند تولد ٿيو هو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جا ٻيا فرزند بيبي خديجت الڪبريٰ مان هئا، سي اڳي وفات ڪري ويا هئا. حضرت ابراهيم سان ڏاڍو پيار هئن، مگر قدرت کي ائين منظور هو جو الله تعاليٰ ننڍپڻ ۾ ئي حضرت ابراهيم رضہ کي پاڻ ڏي گهرايو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي وڏو صدمو پهتو ۽ سندن اکين مبارڪن مان ڳوڙها پئي وهيا. حضرت عبدالرحمان بن عوف عرض ڪيو تہ: اسان کي تہ منع ڪندا آهيو مگر پاڻ ٻيا روئو! حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: مان ٻِڌڻ کان منع ڪندو آهيان ۽ نہ ڳوڙهن ڳاڙڻ کان، هي هڪ جذبو

محبت جو آهي جو انسان جي وس کان ٻاهر آهي وَاِنَّا بِفِرَاقِکَ يَااِبرَاهِيمَ لَمَحزُونُونَ (اسان تنهنجي جدائي ۾ اي ابراهيم ڏکايل آهيون). انهيءَ ڏينهن سج گرهڻ ٿيو تہ مديني ۾ هُل پئجي ويو تہ حضرت ابراهيم رضہ جي وفات جو اثر آهي جو سج بہ ڏک کان بي نور ٿي ويو آهي. انهيءَ تي حضور صلي الله عليہ وسلم جن مسجد ۾ وڃي الله تعاليٰ جي حمد و ثنا بعد فرمائڻ لڳا تہ: سج ۽ چنڊ الله تعاليٰ جي قدرت جا نشان آهن. اهي ڪنهن جي مرڻ يا ڄمڻ جي ڪري بي نور نہ ٿيندا آهن. توهان جڏهن سج جي بي نور ٿيڻ جو واقعو ڏسو تہ الله تعاليٰ کان ڊڄو يڪدم نماز ۽ دعا ۾ مشغول ٿي وڃو ۽ الله تعاليٰ کي ٻاڏايو. جيستائين انهن کي خلاصگي ملي. پوءِ حضرت ابراهيم رضہ کي جنت البقيع ۾ دفن ڪيائون. پاڻ دفن وقت موجود هئا. فرمايائون تہ: ايجان هن کي کير ڏائڻ جي مدت بہ پوري ڪانہ ٿي هئي. کيس بهشت ۾ حورون کير پيارينديو.

سن 11 هجري جا واقعا

هن سال ڪيترائي واقعا ٿيا، جن مان اهم واقعو نبي سڳوري جن جي وفات جو آهي. هيٺ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي وفات توڙي ٻين مشهور واقعن جو تفصيل سان بيان ڏجي ٿو:

مسيلمت الڪذاب جي نبوت جي دعويٰ

حضور صلي الله عليہ وسلم جن حجت الوداع کان واپس آيا تہ کين بيماري عار ض ٿي. اها خبر عام ملڪ ۾ پکڙجي وئي. دشمنان دين کي وجهہ لڳي ويو. سو نبوت جون دعوائون ڪري ماڻهن کي گمراهہ ڪرڻ لڳا. مسليمت بن ڪسر بن حبيب بن الحارث الحنفي بہ انهن ماڻهن مان هو. هن

کي يمامہ جو رحمان ڪوٺيندا هئا، جو چوندو هو تہ جيڪو ملائڪ مون ڏي وحي ٿو آڻي، تنهن جو نالو 'رحمان' آهي. هو وفد حنيفہ سان مدينيِ ۾ اچي مسلمان ٿيو هو ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم جن کان خلافت جي طلب ڪئي هئائين، جيڪا حضور صلي الله عليہ وسلم جن منظور نہ ڪيس، تڏهن موٽي وڃي مرتد ٿيو هو ۽ نبوت جي دعويٰ ڪرڻ لڳو هو ۽ ماڻهن کي گمراهہ ڪندو هو. سندس ڪم اهڙا هئا جي ماڻهن کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيا. وٽس يا تہ استدراج هو جيڪو گمراهہ ماڻهن کي آزمائڻ لاءِ الله تعاليٰ ڏيندو آهي. يا کي شعبده هئس جن سان ماڻهن کي گمراهہ ٿي ڪيائين. کي ڪم اهڙا بہ ڪندو هو جو فائدي جي بجاءِ نقصان ٿي پوندو هو.

هڪ زال آيس تہ منهنجو باغ کجين جو آهي، کوهہ آهي، پر پاڻي تمام ٿورو آهي. حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم تہ دعا ڪندو آهي تہ ٿورو پاڻي بہ ٻُنپ ڏئي گهڻو ٿي درياء وانگر وهندو آهي. تون بہ کا دعا ڪر تہ اسان جي کوهہ جو پاڻي گهڻو ٿئي ۽ باغ ۾ برڪت پوي. انهيءَ عورت کان پُڇا ڪيائين تہ: خبر اٿئي تہ محمد (صلي الله عليہ وسلم) ڪيئن ڪندو آهي؟ هُن چيو تہ دلو گهرائي، پاڻي جي گرڻي ان ۾ وجهندو آهي. پوءِ اهو پاڻي وڃي کوهہ ۾ وجهندا آهن تہ پاڻي ۾ برڪت پوندي آهي. اهو پاڻي جيڪو باغ پيئندو آهي، ان ۾ برڪت پوندي آهي. مسيلمت چيو تہ: تون بہ پنهنجي کوهہ مان دلو پاڻي جو پرائي اڇ. هوءَ دلو پري آئي تہ مسيلمت گرڻي ڪري دلي ۾ وڌي. مائيءَ دلو پاڻي جو وڃي کوهہ ۾ وڌيو تہ کوهہ سُڪي ويو. وري سندس وضو جو پاڻي باغ ۾ وڌائين تہ باغ سڙي ويو. هڪ ٻئي ماڻهو هن جي گرڻين جو پاڻي ڪٽي برڪت لاءِ زمين ۾ وڌو تہ پوک سڙي ويس ۽ ساري زمين ڪلراٹي ٿي ويس.

هڪ ماڻهوءَ چيس تہ: ٻہ پُٽ اٿم. دعا ڪر تہ سندن عمر وڌي ٿئي ۽ برڪت وارا ٿين. هن دعا گهري. هو ماڻهو جيئن گهر موٽي ويو تہ معلوم ٿيس تہ هڪڙي پُٽ کي بگهڙ کائي ويو ۽ ٻيو ڪوهہ ۾ ڪِري مري ويو آهي.

هڪڙي ماڻهوءَ جي هڪ اک ڪاڻي هئي، انهيءَ لاءِ دعا گهريائين. هن هٿ لائي دعا گهري تہ ٻيءَ اک جو نور بہ هليو ويو ۽ نابين ٿي ويو.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن وفات بعد هن زور ورتو ۽ لشڪر تيار ڪيائين. حضرت ابوبڪر صديق رضہ ويهہ هزار لشڪر خالد بن وليد جي ڪمان هيٺ موڪليو. جنهن وجي مقابلو ڪيس. مسيلمت کي بہ چاليهہ هزار لشڪر جنگي بهادرن جو هو. لڙائي تمام سخت لڳي. خالد بن وليد جو ڏهہ هزار لشڪر شهيد ٿي ويو. مسلمانن جي باقي بهادرن جهڙو ثابت بن قيس، شماس ۽ زيد بن الخطاب حضرت عمر رضہ جي ٻاءُ ۽ براءِ بن مالڪ جي همت سان ڪفارن جي لشڪر ۾ ڀاڄ ڪاڏي. مسيلمت ٻڌي وڃي حديقت الموت ۾ پناهہ ورتي، جنهن کي حديقت الرحمان (رحمان جو باغ) بہ چوندا هئا. انهيءَ باغ ۾ بہ سخت لڙائي لڳي. اتي وحشي نالي هڪ شخص، جيڪو امير حمزہ رضہ جو قاتل هو. تنهن مسيلمت الڪذاب جي سيني ۾ اهڙو تير هنيو جو پِتي کان پار ٿي ويس. هڪ ٻئي اصحابي تلوار جو وار ڪري کيس جهنم رسيد ڪري ڇڏيو. سندس باقي لشڪر مان ڪي مئا، ڪي قيد ٿيا ۽ مسلمانن کي فتح نصيب ٿي.

سجاح نالي هڪ عورت جي نبوت جي دعويٰ

ساڳئي سال (سن 11 هجري) ۾ سجاح نالي هڪ عورت ڏيءَ حارث جي قبيلي بني ربوع جي هڪ عورت سجاح بنت هارث بہ مسيلمت ڪذاب سان گڏ نبوت جي دعويٰ ڪئي ۽ گهٽا ماڻهو سندس مطيع ٿيا.

مسيلمت کي خوف ٿيو تہ هن سان لڙائي کبي تہ کاميابي کانہ ٿيندي، جو گھٽا قبيلا ساڻس وڃي مليا آهن. ۽ جيکڏهن عورت جي فتح ٿي تہ خواري ٿيندي ۽ نبوت بہ ويندي تہ ملک يمامہ تي بہ سندس قبضو ٿي ويندو. تنهنکري هن سوچيو تہ آخر عورت آهي، زر زيور ۽ تحفن تحائفن تي راضي ٿي ويندي، سو تمام گھٽا زر زيور ۽ تحفا تحائف موکلي، لکيائينس تہ: تون بہ نبي ۽ آءٌ بہ نبي، پاڻ ۾ ملاقات ٿيندي تہ هکبئي کي ڳجها راز ٻُڌائبا. سجاح کي اها ڳالهہ پسند آئي. سو ٻنهي علائقن جي وچ تي کٽي طنبو هنيائون ۽ ان کي سينگاريائون تہ ٻن نبين جي مخفي ملقات ٿي ٿئي. سجاح پنهنجي امت سان اچي حاضر ٿي، هيڏانهن مسيلمت بہ پنهنجا معتبر امتي وٺي وڃي حاضر ٿيو. ٻنهي نبين جي مخفي ملاقات شروع ٿي. طنبو ۾ هر قسم جي عيش جو سامان موجود هو. شراب کباب بہ جام هئا. مسيلمت منيون منيون ڳالهيون سجاح کي ٻڌايون. شراب کباب جو دور شروع ٿيو. مسيلمت چيو تہ: نبي نبي سان محبت جو شرف حاصل کري تہ تمام چڱو. سجاح بہ قبول کيو. پوءِ ٿي ڏينهن خوب شراب کباب ۽ عيش عشرت کري هرکو واپس وريو. سجاح کان پنهنجي امت پڇيو تہ: کهڙا فيصلا ٿيا ۽ کهڙا مخفي راز ظاهر ٿيا؟ سجاح چيو تہ: مان هن نبوت مجي ۽ هن منهنجي نبوت مجي، ۽ اسان جي وچ ۾ عقد نکاح ٿيو. پڇيائونس تہ: توکي مهر چا مليو؟ چيائين تہ: مون مهر جي گهُر کانہ کئي. چو تہ هُن پنهنجو پاڻ منهنجي حوالي کري ڇڏيو. تڏهن سندس امت چيو تہ: مهر جي مقرري ضروري آهي، نہ تہ عقد نکاح جو ثابت نہ ٿيندو. سجاح موٽي وڃي مسيلمت کي چيو تہ: مهر منهنجو چا آهي؟ هن چيس تہ: تنهنجي امت جو کو پڙهو ڏيندڙ چالاک ماڻهو هجي تہ ان کي سڏاءِ، جنهن تي مثبت ابن الربيع کي گهرايو ويو. ان کي مسيلمت چيو تہ:

سجاح جي امت ۾ وڃي پڙهو گهماءِ تہ مسيلمت، سجاح جي مهر ۾ صبح ۽ سومهٽي جون نمازون سندس امت تان معاف ڪيون ۽ يمامہ جي اناج جو اڌ سجاح جي مومنياڻين ۽ محتاجن کي ڏنو ويندو. پوءِ سجاح پنهنجي جزيره ڏي وئي ۽ ٽي ماڻهو مقرر ڪيائين تہ اناج گڏ ڪري اچن، ايتري ۾ خالد بن وليد جو لشڪر بہ اچي سهڙيو.

سجاح متعلق بہ روايتون آهن: هڪ تہ امير معاويہ جي زماني ۾ هو پنهنجي امت سميت مسلمان ٿي. ۽ بي روايت آهي تہ پنهنجي جزيري ۾ لِڪي وئي ۽ ڪنهن کي بہ سندس وفات جي خبر نہ پئي.

عبهلت بن اسود عنسي جي نبوت جي دعويٰ

هي پڻ سن 11 هجري جو واقعو آهي، جنهن جو تفصيل هن طرح آهي تہ: عبهلت بن اسود بن ڪعب بن عنسي، جنهن کي ذوالخمار (برقعي وارو) بہ چوندا هئا، جو هميشہ مُنهن نقاب ۾ ڍڪيو رکندو هو. هڪ جادوگر ماڻهو هو. شعبدن ۽ جادو سان گهڻا ماڻهو تابع ڪيائين. ڪن جو چوڻ آهي تہ هن سان بہ شيطان هئا جي سندس مطيع هئا. هڪ کي سحيق ۽ ٻئي کي شقيق سڏيندو هو. اهي شيطان ڪيس زماني جا ڪي حوادثات يا ڪي غيب جون ڳالهيون ٻڌائيندا هئا. جيئن جنن وارن مانهن جو دستور اڳي زماني کان وٺي اڄ ڏينهن سوڌو هليو آيو آهي، تہ ڪي سچيون ۽ ڪي ڪوڙيون ڳالهيون ڏسي ماڻهن کي گمراهہ ڪندا آهن.

صنعاء يمن جو حاڪم بازان، جو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي فرموده موجب مسلمان ٿيو هو. فوت ٿي ويو تہ اسود عنسي پنهنجا معتقد وٺي وڃي صنعاء يمن تي حملو ڪيو ۽ ملڪ پنهنجي قبضي هيٺ آندائين. سندس وڏيڪ دل وڏي سو ڪٽي نبوت جي دعويٰ ڪيائين. ساڳئي

وقت اتي حڪومت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ بازان جي زال مرزبانہ کي پنهنجي عقد نڪاح لاءِ طلب ڪيائين.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو عامل (حاڪم) فروه بن مسيڪ جيڪو قبيلي مراد جي مٿان فرمانروا هو تنهن خط لکي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ موڪليو جنهن ۾ سمورو احوال لکي موڪليائين. ابو موسيٰ اشعري ۽ معاذ بن جبل بہ يمن جي آسپاس حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي طرفان حاڪم مقرر ٿيل هئا. انهن کي بہ خط لکي مٿئين واقعي کان واقف ڪيائين. تڏهن اهي اصحاب سڳورا حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کين فرمايو تہ: توهان سيئي گڏجي مٿس حملو ڪريو. الله تعالیٰ توهان جو مددگار ٿيندو ۽ اهو شر دفع ٿي ويندو. تڏهن اصحاب سڳورا اچي صنعاء ۾ هڪ هنڌ گڏ ٿيا. مرزبانہ کي نياپو موڪليائون تہ: اسود تنهنجي پيءُ ۽ مڙس کي ماريو ۽ هينئر توسان شادي جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. توکي ڪجهہ غغيرت آهي تہ ڪنهن بہ طرح کيس ختم ڪر. مرزبانہ پنهنجو سئوٽ فيروز ديلمي، جيڪو نجاشي جو پاڻيجو بہ هو ۽ سن 10 هجري ۾ اچي مسلمان ٿيو هو تنهن کي اسود جي قتل ڪرڻ جو هڪم ڪيائين. فيروز وادیہ نالي پنهنجي ٻئي هڪ بهادر سان گڏجي وڃي اسود عنسي جي جاءِ کي کاٽ هنيو ۽ اندر گهڙي وڃي اسود لعين جي سِر تي ٻيڻا ۽ سُٽي ئي مٿس تلوار جو وار ڪري، کيس جهنم ڏي موڪليائون. اسود ان وقت وڏي دانهن ڪئي، جنهن تي سندس چوڪيدار اُٿيا. مگر هي جوان هليا آيا. اصحابن سڳورن اها خبر مديني ڏانهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دربار ۾ موڪلي. هن خبر پهچڻ کان اڳ حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: اسود لعين جو ڪم هڪڙي نيڪ شخص پورو ڪري

ڪيس جهنم ڏي روانو ڪيو. مگر اصحابن جي خبر اچڻ کان اڳ ئي پاڻ سڳورا رحلت فرمائي ويا. ڪن راوين جو چيو آهي تہ حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي خلافت وقت هن لعين جو قتل ٿيو. مگر پهرين ڳالهہ معتبر آهي تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي زماني ۾ هو جهنم رسيد ٿيو.

طلحہ بن خويلد جي نبوت جي دعويٰ

طلحہ بن خويلد بہ هڪ جادوءِ جن وارو ماڻهو هو. هو بہ دعويٰ ڪندو هو تہ: مان نبي آهيان ءِ مون تي جبرئيل نازل ٿيندو آهي. ماڻهن جي گمراهي جو سبب گهڻو ڪري هي هئو جو هڪڙي ڏينهن هي پنهنجي معتقدن ءِ مريدن سان گڏجي ملڪ جي دوري تي نڪتو. رستي ۾ پاڻي ختم ٿي ويو. ماڻهو اچي تنگ ٿيا. آخر ماڻهو لاچار ٿي ڪيس چوڻ لڳا تہ: تون سچو نبي آهين تہ پاڻي جو بندوبست ڪر. نہ تہ اسان سيئي مري وينداسين ءِ تون بہ اسان سان مرندين. پر جيڪڏهن بچي وئين تہ ڪوبہ اڳتي ڪونہ ڇيندو. هن چيو تہ: اِرکَبُو عَلَاَلاَ وَاَجرَوَا اَميالا سَتِّجِدُوا بَلَاَلاَ (منهنجي گهوڙي تي سوار ٿيو بہ-ٽي ميل وڃو پاڻي ملي ويندو). قدرت خدا جو پاڻي ملي ويو. ماڻهو هن جا وڌيڪ معتقد ٿيا ءِ گمراهہ ٿيڻ لڳا. حضور صلي الله عليہ وسلمجن جي رحلت بعد، حضرت ابوبڪر صديق رضہ، طلحہ بن خويلد جي شر دفع ڪرڻ لاءِ وڏو لشڪر تيار ڪري، حضرت خالد بن وليد جي ڪمان هيٺ روانو ڪيو. خالد بن وليد قبيلي طي ۾ پهتو تہ جيڪي مسلمان قبيلا اڃا هن لعين جا مطيع نہ ٿيا هئا، اهي بہ سڀ اچي سندس لشڪر سان شامل ٿيا. طلحہ تي حملو ٿيو. وڏي لڙائي لڳي. طلحہ مراقبو ڪري ويهي رهيو. سندس سڀهہ سالار عبينہ بن حصين فزاري هرهر اچي پيو پڇيس تہ: جبرئيل آيو يا نہ؟ طلحہ پيو جواب ڏي تہ: جبرئيل آيو

آهي چوي ٿو فتح توهان جي آهي. تڏهن عبينہ چيس تہ: مردود ڪوڙ ٿو هٽين. اسان جو لشڪر وڃي ٿو ماربو ۽ شڪست ڪائيندو. ۽ مسلمانن جو لشڪر وڃي ٿو وڏندو ۽ فتحمند ٿيندو. پوءِ پنهنجي لشڪر ۾ اچي اعلان ڪيائين تہ: اي قوم فزاره! توهان هليا وڃو هي طلحہ لعين ڪوڙو آهي. فزاره قوم سڀهہ سالار جي پويان لڳي تہ باقي لشڪر بہ پويان پير ڪيا. طلحہ پڄي شام ۾ وڃي لِڪو ۽ ٻيا قبيلا جيڪي مرتد ٿيا هئا، سي موٽي وري مسلمان ٿيا. طلحہ متعلق چون ٿا تہ هو پوءِ پشيمان ٿي اچي مسلمان ٿيو ۽ مسلمان ٿي لشڪر سان ملي جهاد ڪندو رهيو. تان جو سهيد ٿيو. وَاللّٰهُ اَعلمُ بِالصّوابِ۔

اُسامہ بن زيد جي لشڪر جي تياري

روايت آهي حضور صلي الله عليہ وسلم جن 26 صفر سن 11 هجري سومر جي ڏينهن اصحابن کي گهرائي جنگ جي تياري جو حڪم فرمايو. سندن فرمان موجب سيڪو تياري ۾ لڳي ويو. ٻئي ڏينهن تي اسامہ بن زيد کي گهرائي فرمايائون: تون هن لشڪر جو امير ٿي موتہ جي ويجهو فلسطين جي زمين داروم ڏي وڃ. جتي تنهنجي پيءُ زيد کي قتل ڪيو اٿن. تون بہ وڃي کين اتي قتل ڪر ۽ فتحمند ٿي جلدي واپس اچ. مگر تياري ائين ڪر جيئن انهن کي تنهنجي لشڪر جي خبر نہ پوي، متان هو باخبر ٿي وڃن. پنهنجا جاسوس اڳي موڪلي ڇڏ تہ توکي خبر لهي آڻي ڏين، جيئن توکي انهن تي ڪاهہ ڪرڻ ۾ سهولت ٿئي.

29 صفر 1 ربع جي ڏينهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي سخت تپ ٿيو ۽ مٿي ۾ سور تمام گهڻو ٿين. انهي هوندي 30 سفر خميس جي ڏينهن پنهنجي هٿن مبارڪن سان جهنڊو تيار ڪري اسامہ کي ڏنائون ۽

ڪيس فرمايائون: بِسمِ اللهِ فِی سَبيلِ اللهِ اَقتُل مَن كَفَرَ بِااللهِ (الله تعاليٰ جي نالي سان الله تعاليٰ جي راهہ ۾ ڪافرن سان وڙهه). اسامہ جهنڊو وٺي پنهنجي هڪ بهادر بريره بن الحصيب کي ڏنو ۽ پوءِ حڪم ڏنائين تہ: سمورو لشڪر مديني جي ٻاهران وادي جرف ۾ گڏ ٿئي. حضرت ابوبڪر، حضرت عمر ۽ حضرت عثمان رضہ جن کي ٻہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن حڪم ڪيو تہ: اسامہ جي مدد لاءِ سندس لشڪر سان گڏجي وڃو. سيني انصارن کي ٻہ ساڳيو حڪم مليو تہ: ڪوبہ مهاجر انصار پوئتي نہ رهي، سيئي وڃي اسامہ جي لشڪر سان شامل ٿيا. ڪن ماڻهن کي البتہ گران گذري تہ غلام زادي (اسامہ بن زيد) کي انصارن ۽ مهاجرن جي وڏن وڏن مرتبي وارن اصحابن تي سرداري ٿا ڏين. اهڙيون ڳالهيون حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي ڳن تي پيون تہ پاڻ باوجود سخت تڪليف جي مٿي مبارڪ تي پٽي ٻڌي، رنج آلوده ٿي پنهنجي جاءِ مان نڪري آيا ۽ مسجد جي منبر تي چڙهي مسلمانن کي فرمائڻ لڳا تہ: اي مسلمانو! اها ڪهڙي ڳالهہ آهي جو اسامہ جي امارت ۾ توهان کي ناگوري ٿي لڳي؟ شايد غزوه موتہ ۾ جو سندس پيءُ زيد کي امير ڪيو هئوسين. اها ٻہ توهان کي منيان لڳي هوندي. مون کي خدا جو قسم آهي تہ غزوه موتہ ۾ زيد امارت ۽ سرداريءَ جو وڏيڪ حقدار هو ۽ هينئر اسامہ سرداري جو وڏيڪ لائق آهي. اسامہ ۽ زيد مون کي محبوب ترين ماڻهن مان آهن. هينئر منهنجي وصيت اسامہ جي امارت لاءِ قبول ڪريو. جو هو هن وقت هن جنگ لاءِ توهان مان وڏيڪ لائق آهي. ان بعد پاڻ پنهنجي جاءِ ڏانهن تشريف فرما ٿيا.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي فرمان موجب ماڻهن جا ٽولن جا ٽولا پئي ويا، جي اسامہ جي لشڪر ۾ پئي شامل ٿيا. ڏهين ربيع الاول تائين

لشڪر ڪنو ٿي ويو. سمورو سامان جنگي اسباب وغيره گڏ ٿي ويو. يارهين ربيع الاول آچر جي ڏينهن اسامہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ موڪلائڻ آيو. سندن سيراندي ڏانهن ٻيهي، هٿ ۾ سِرَ مبارڪ چميائين. پاڻ سڳورن جو مرض وڌي ويو هو. تنهنڪري ڳالهائي نہ پيا سگهن. پر پنهنجا هٿ مبارڪ آسمان ڏي ڪٽي وري اسامہ ڏي پئي ڪيائون. اسامہ چوي ٿو تہ: مان سمجهيو ٿي تہ خير جي دعا منهنجي حق ۾ ٿا گهرن.

اسامہ رات لشڪر ۾ رهي، صبح جو وري موڪلائڻ لاءِ آيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي 12 ربيع الاول سومر جي ڏينهن صبح جو گهڙي کن مرض ۾ ڪجهہ تخفيف هئي، جو اسامہ کي فرمايائون: اِذهَب عَليٰ بَرکَتِ اللهِ (الله تعاليٰ جي برڪت سان وڃ). اسامہ جي لشڪر کي ڪوچ جو حڪم ڏنو. پاڻ سوار پئي ٿيو تہ سندس ماءُ ايمن نياپو موڪليس تہ متان ويو آهين، حضور صلي الله عليہ وسلم جن سڪرات ۾ آهن. اسامہ لشڪر سميين واپس آيو. بريده جهنڊو اچي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي جاءِ اڳيان کوڙيو.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي رحلت ۽ ڪفن دفن کان بعد، جڏهن حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي خلافت ٿي تہ حڪم فرمايائين تہ: جهنڊو ساڳيءَ طرح اسامہ بن زيد جي دروازه تي کوڙيو وجي ۽ اسامہ کي حڪم ڪيائون تہ: پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم جي حڪم موجب سمورو لشڪر ونڻ وجي ڪفارن سان جنگ ڪر. ان وقت عربن جا ڪي قبيلا مرتد ٿيا هئا. اصحابن عرض ڪيو تہ: سمورو لشڪر نڪري ويندو تہ دشمنن کي وجهہ ملندو ۽ هو مديني تي ڪاهي ايندا، پوءِ اسان باقي رهيل لشڪر کان سواءِ کهڙو مقابلو ڪنداسين؟ تنهنڪري ڪجهہ وقت لشڪر باهر نہ ڪڍو؟ مگر ابابڪر صديق رضہ ڪجهہ بہ نہ ٻُڌو. چيائين تہ:

جيڪڏهن مون کي پڪ ۽ هجي ته لشکر جي نڪري وڃڻ بعد اسان کي جانور ڦاڙي ڇڏيندا ته ۽ مان لشکر نه هٽائيندس ۽ حضور صلي الله عليه وسلم جن جي حڪم جي انحرافي نه ڪندس. باقي اسامه کي فرمايائين ته: تون مهرباني ڪري حضرت عمر فاروق رضه کي موڪل ڏي ته هت اسان جي ڪمن ڪارين ۾ صلاحڪار ٿي رهي. اسامه اها ڳالهه قبول ڪري، لشکر وٺي شام ڏانهن ويو ۽ انهن جا گهٽا ماڻهو ماري، مال غنيمت جو تمام گهڻو کڻي، مديني منوره موٽي آيو.

حضور عليه السلام جن جي رحلت ۽ انهي واقعي بابت تحقيق

حضرت بيبي عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کان روايت آهي ته ماهه صفر جي آخر ۾ هڪ رات حضور صلي الله عليه وسلم جن ننڊ مان بيدار ٿي ٻاهر وڃڻ جو ارادو ڪيو. عرض ڪيم ته: ڪاڏي تياري آهي؟ فرمايائون ته: جنت البقيع وارن لاءِ دعا مغفرت جي گهرڻ ٿو وڃان. پنهنجو آزاد ٿيل غلام مويهبه ۽ پاڻ سان کنيائون. مويهبه ٿو چوي ته: آءٌ سندن خدمت ۾ هئس، جو اچي جنت البقيع ۾ پهتا. اُتي بيهي فرمايائون: اَلسَّلَامُ عَلَيكُم يَااَهلَ المَقَابِرِ بَرَكَتَ لَكُم مَّا اَصبَحَتُم فِيهِ مِمَّا اَصبَحَ النَّاسُ فِيهِ اَقبَلتِ الفِتنَ كَقِطَعَ اَللّيلِ المُظلَمِ يَتّبِعُ اَخِرُهَا اَوّلَهَا اَلآخِرَتُ شَرّ مِنَ الأُولىٰ (اي قبرن وارا! توهان تي سلام هجي ۽ توهان کي مبارڪ هجي انهي حال تي، جيڪو توهان تي گذري ويو انهي حال کان جنهن تي ماڻهو آهن، فتنا اچي ويا آهن، جيئن رات اوندهيءَ جو هڪ ٽڪرو. جنهن جي پويان ٻي اونداهي اچي. پوئين اونداهي پهرين اونداهي کان سخت آهي).

مويهبه ٿو چوي ته: پوءِ مون ڏي متوجهه ٿي فرمايائون ته: الله تعاليٰ مون کي دنيا جي خزانن جون ڪنجيون ۽ هميشه ۾ رهڻ، ۽ بهشت ڏنو ۽ پئي

طرفان وري الله تعاليٰ جو ديدار ۽ بهشت مليو. انهن ۾نهي ۾ مون کي اختيار ڏنو ويو تہ جيڪو مون کي پسند اچي اهو مان قبول ڪريان. مون عرض ڪيو تہ: سائين! توهان دنيا جي خزانن جون ڪنجيون ۽ همیشہ دنيا ۾ رهڻ، ۽ بهشت ونو. فرمايائون تہ: اي مويهبا! مون الله تعاليٰ جو ديدار ۽ بهشت قبول ڪيو. ان بعد اهل بقيع جي لاءِ دعاءِ مغفرت گهُري. موٽي جاءِ تي آيا. پوءِ کين بيماري شروع ٿي. جنهن ۾ الله تعاليٰ ڏي راهي ٿيا.

بيبي عائشہ صديقہ فرمائي ٿي تہ: جنت البقيع کان آيا تہ مون کي مٿي ۾ سخت سور ٿيو. مون بيقراري ۾ دانهون پئي ڪيون ۽ چيم پئي 'وراسي' (هاءِ منهنجو مٿو). پاڻ فرمايائون بَل اَنَّاوَاللهِ يَا عَائِشَہ وَراسي (قسم آهي الله جو اي عائشہ! مون کي سور آهي، هاءِ منهنجو مٿو) يعني مون کي اجا وڌيڪ مٿي جو سور آهي. پوءِ فرمايائون تہ: توکي ڪهڙو نقصان ٿئي جو تون مون کان اڳي مرين! آءٌ تنهنجي نماز پڙهان ۽ تنهنجو ڪفن دفن پنهنجي هٿن سان ڪريان! مون چيو: سائين! پوءِ توهان يڪدم ٻي ڪنوار آڻي منهنجي جاءِ تي رهائيندو. ابو بُڏي حضور صلي الله عليہ وسلم جن مرڪيا. منهنجو سور هليو ويو ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو سور وڌندو ويو.

بيبي ميمونہ جي گهر ۾ هئا جو کين وڌيڪ تڪليف ٿي. پوءِ حرمن کي گهرائي ڪائن موڪل گهرياٿون تہ: جيڪڏهن پنهنجي رضا خوشي سان موڪل ڏيو تہ آءٌ بيماريءَ جي حالت ۾ عائشہ جي گهر ۾ رهان! سيني خوشي سان کين موڪل ڏني ۽ سيئي بيبي عائشہ جي گهر ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ڪنديون رهيون. انهي وقت حضور صلي الله عليہ وسلم جن جا نَو حرم (بيبيون سڳوريون) هئا: (1) عائشہ بنت ابوبڪر (2) حفصہ بنت عمر (3) اُم حبيبہ بنت ابوسفيان (4) اُم سلمہ بنت ابي اميہ

(5) سوده بنت زمعت (6) زينب بنت جحش (7) ميمونہ بنت الحرث (8) جويريہ بن الحرث، ۽ (9) صفيہ بنت حي بن اخطب.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو مرض وڌندو ويو ۽ کين سخت تڪليف ٿيندي ويئي. بخار انهي حد تي هو جو ڪوبہ ماڻهو بدن تي هٿ رکي نہ پيو سگهي. پاڻ فرمايائون تہ: انبيائن کي عوام کان وڌيڪ آزمائش ايندي آهي، جو درجو بہ اعليٰ آهي. مرض جي حالت ۾ سمورا اهل بيت خدمت ۾ هئا. بيبي فاطمہ رضہ پنهنجي ويجهو گهرائي، کيس ڪن ۾، ڪا ڳالهہ ڪيائون بيبي صاحبہ روئڻ لڳي. وري پاڻ ڏي ڪري پي ڳالهہ ڪيائونس تہ مرڪڻ لڳي. عائشہ صديقہ پڇيس تہ: اتي روئڻ، اتي کلڻ، ٻڌاءِ تہ پهرين ڇا چيائون ۽ پوءِ ڇا چيائون؟

بيبي فاطمہ فرمايو تہ: بابا سائين جو راز ڪونہ ٻڌائيندس. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي رحلت بعد وري خاتون کان پڇيم. چيائين تہ: جبرئيل هر سال مون کي هڪ دفعو قرآن پڙهي ٻڌائيندو هو. هن سال بہ دفعا قرآن پڙهيو اٿس. جنهن مان ظاهر آهي تہ منهنجو اجل اچي ويو آهي. مان اها ڳالهہ ٻُڌي رُنيس تہ وري مون کي بي ڳالهہ ٻڌايائون تہ پنهنجي ڀاتين سان پهريون تون اچي مون سان ملندئين. انهيءَ تي خوش ٿي مُرڪيس.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو مس، قلم ۽ڪاغذ گهرڻ: حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو مرض وڌندو ويو تہ اصحابن ۾ بہ بيقراري وڌندي ويئي. حجري جي ٻاهر وينا هوندا هئا. آخر حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: مس قلم ۽ ڪاغذ آڻيو تہ آءٌ توهان کي وصيت لکي ڏيان تہ توهان هرگز گمراهہ نہ ٿيندو. اصحابن ۾ اختلاف پيدا ٿيو. هڪڙو چيو تہ: مس، قلم ۽ ڪاغذ ڪٽي حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي ڏيو. ڪن چيو تہ: شدت مرض ۾ جابول ٿيندي آهي. تنهنڪري مات ڪري ويهو. حضرت

عمر چيو تہ: مرض ۾ درد تمام وڌيل آهي، تنهنڪري حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي وڌيڪ تڪليف نہ ڏيڻ گهرجي. اسان جي هٿن ۾ قرآن ڪريم عمل لاءِ آهي. وڌيڪ ڇا گهرجي. اصحابن مان گهٽا حضرت عمر فاروق رضہ جي خيال جا ٿيا تہ گهٽن جو خيال هو تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن کان لکرائجي. اصحابن ۾ گوڙ ٿيو تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: هينئر اٿي وڃو. انهي هوندي بہ وصيت ڪيائون تہ: اُخرِجُو اليَهُودَ وَالنَّصَارىٰ مِن جَزِيرَتِ العَرَّبِ (جزيره عرب ۾ بہ دين ڏ نہ رهندا). ٻي وصيت ڪيائون تہ: جيڪي عربي قبيلا مديني ۾ اچن، انهن جي خاطرداري ۽ مهمان نوازي ڪجو. ٽين وصيت بہ هئي، جا راوي ٿو چوي تہ مون کان وسري ويئي آهي.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو وعظ: حضرت عباس، حضرت فضل پٽ عباس ۽ حضرت علي رضہ، هرهر حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي حجري ۾ پئي آيا ويا. اهو ڏسي مديني منوره جا انصار، جي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي شمع رخ جا پروانا هئا، سي حيران پريشان حجري جي ٻاهران، مسجد جي چوطرف هرهر طبع پرسي لاءِ اچڻ لڳا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي انصارن جو احوال ٻڌايو ويو. پاڻ فرمايائون تہ: انصار ڇاٿا چون؟ حضرت علي رضہ عرض ڪيو تہ: انصار ٿا چون تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي رحلت بعد اسان جو حال الائي ڪهڙو ٿيندو؟ انهي تي حضور صلي الله عليہ وسلم جن سيني کي مسجد ۾ گڏ ٿيڻ جو حڪم ڏئي پاڻ حجري مان نڪتا تہ هڪ طرف حضرت عباس ۽ ٻئي طرف ڪڏهن حضرت علي رضہ ڪڏهن حضرت فضل بن عباس ٽيڪ ڏيو ٿي هليا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي مٿي مبارڪ کي پَٽي ٻڌل هئي. سندن پير مبارڪ گهلبا پئي ويا. انهي حال سان مسجد ۾ آيا ۽ منبر جي

پهرئين ڏاڪي تي اچي وينا. حضرت بلال رضہ کي حڪم فرمايائون تہ: منادي ڪر تہ اهل مدينہ اچي گڏ ٿين. حضرت بلال رضہ جي منادي تي مديني جون بازاريون بند ٿي ويون. ننڍا وڏا مرد خواهہ زالون سڀ اچي گڏ ٿيا. ڪوبہ پوئتي ڪونہ رهيو.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن بعد حمد ثنا جي فرمايو تہ: توهان منهنجي موت کان ڊجو ٿا؟ ڪوبہ نبي پيغمبر دنيا ۾ هميشہ ڪونہ رهيو. آءٌ بہ هميشہ ڪونہ رهندس. آءٌ وصيت ٿو ڪريان تہ هميشہ الله تعاليٰ کان خوف ڪريو ۽ ساڻس شرڪ نہ ڪريو ۽ سندس رحمت ۾ اميدوار رهو. انصارن کي وصيت ٿو ڪريان تہ مهاجرن سان نيڪي ڪن. جيئن پهريئن ساڻن نيڪي ڪيائون. مهاجر پاڻ ۾ محبت ۽ سلوڪ سان رهن ۽ هلن. اي مهاجرن جي جماعت! توهان کي وصيت ٿو ڪريان تہ انصارن سان نيڪي ڪجو! هنن توهان جي اچڻ کان اڳ ايمان آندو. توهان لاءِ پنهنجا گهر انعام ڪيائون ۽ سمورين ملڪيتن، باغن، زمينن ۽ مواشين ۾ توهان کي پائيوار ڪري اڌ ڏنائون. توهان مان جيڪو حاڪم ٿئي، اهو انصارن جي نيڪن سان نيڪي ڪري ۽ هنن جي بدڪارن کي معافي ڏي. اي مسلمانو! نيڪي ڪريو تہ الله تعاليٰ توهان ڏي نيڪ حاڪم موڪلي ۽ جيڪڏهن بدڪار ٿيندو تہ ظالم حاڪم توهان جي سرڪوبي ۽ سزا لاءِ موڪليندو. اي مسلمانو! آءٌ توهان کان جلد جدا ٿي پنهنجي مولیٰ ڏي وڃڻ وارو آهيان. جنهن کي بہ مان ڪو ڏک ڏنو هجي يا ايذايو هجي يا ڪنهن جو ڪو حساب ڪتاب مون تي رهيل هجي، جنهن جي مون کي خبر نہ آهي تہ ڪوبہ شڪ شبهو يا شرم نہ ڪري. مون کان قصاص ونڻي ۽ مال ملڪيت جو حق رهيل هجي تہ پرائي ونڻي ۽ آءٌ آزاد ٿي پنهنجي خدا ڏي وڃان مون کي دوست اهو لڳندو جو پنهنجو رهيل حق مون کان ونڊندو.

ان بعد منبر کان لٺا. پنپهرن جي نماز پڑهي وري منبر تي چڑهي چيائون تہ: مون کان شرم نہ ڪريو. پنهنجو حق وٺو تہ آءٌ خوش ٿيندس. هڪڙي صحابي عرض ڪيو تہ: فلاڻي موقعي ۾ سائين جن مون کان ٽي درهم ورتا هئا، جي مون کي نہ مليا آهن. پاڻ يڪدم حضرت فضل بن عباس کي حڪم ڪيائون تہ: هن کي ٽي درهم ادا ڪريو. باقي گهنن مانهن دعائون گهريون ۽ پنهنجي قصورن جون معافيون ورتائون، گهٽن نفاق کان توبهہ ڪئي ۽ سچا مسلمان ٿيا.

حضرت ابوبڪر صديق رضہ کي امام ٽي نماز پڑهائڻ جو حڪم: حضور صلي الله عليہ وسلم جن مرض جي حالت ۾ شدت ۾ بہ حضرت بلال کي ٻانگ جو حڪم ڪندا هئا. جڏهن ماڻهو اچي مسجد ۾ گڏ ٿيندا هئا ۽ حضرت بلال اچي دروازي تي خبر ڏيندو هو تہ پاڻ اچي نماز پڑهائيندا هئا. مگر جڏهن مرض وڌي ويو تہ بيبي عائشہ صديقہ روايت ٿي ڪري تہ پاڻ فرمايائون: مُرُوااَبَابَكرٍ فَلْيُصَلِّ بِالنَّاسِ (ابوبڪر کي حڪم ڪريو تہ ماڻهن کي نماز پڑهائي). مان عرض ڪيو تہ: يارسول الله! نرم دل انسان آهي، سندس آواز ضعيف آهي. جڏهن قرآن پڑهندو آهي تہ گهٽو روئندڙ آهي. ڪنهن ٻئي کي حڪم ڪريو تہ نماز پڑهائي. تہ وري بہ ساڳيو حڪم ڪيائون. ٽيون ڀيرو عرض ڪيم تہ فرمايائون اِنَّكُنَّ صَوَاحِبُ يُوسُفَ (توهان يوسف عليہ السلام جي سنگين وانگر ٿيا آهيو). جيئن ان کي پُلايائون تيئن مون کي بہ پُلائڻ گهرو ٿيون. مُرُوااَبَابَكر فَلْيُصَلِّ بِالنَّاسِ (ابوبڪر کي هڪم ڪريو تہ ماڻهن کي نماز پڑهائي). حضرت عائشہ صديقہ فرمائي ٽي تہ: آءٌ رڳو هن ڪري ٻئي نٽايان تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي مصلي تي ڪو ٻيو نماز پڑهائيندو تہ مانهن کي مُنيان لڳندي. تنهنڪري ڇيم تہ پلي ڪو ٻيو هجي، بابا نہ هجي.

انس بن مالڪ روايت ٿو ڪري تہ: تاريخ 12 ربيع الاول سومر جي ڏينهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن رحلت فرمائي. انهيءَ ڏينهن جي صبح جي نماز جيئن حضرت ابوبڪر صديق رضہ پئي پڙهائي تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن پاڻ ۾ مرض جي تخفيف سمجهي، نماز لاءِ ٻاهر نڪتا. ماڻهن نماز پئي پڙهي. جڏهن خبر پيين تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن تشريف فرما ٿيا آهن تہ خوشيءَ ۾ نماز پيڙهڻ ۾ هٿا تہ پاڻ سڳورا بہ اچي ويا. اصحاب هيڏي هوڏي ٿي جاءِ ڏيڻ لڳا. حضرت ابوبڪر صديق رضہ بہ سمجهيو تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي اچڻ ڪري جماعت ۾ چرپر ٿي آهي. سو پاڻ بہ هٿڻ شروع ڪيائون تہ پلي مصلي تي پاڻ سڳورا اچي بيهن. مگر حضور صلي الله عليہ وسلم جن ارشاد فرمايون: اِن اَثبُتُوا عَلٰی صَلَواتِکُم (پنهنجي نماز تي محڪم بيهو). سيڪو بيهي رهيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي اصحابن جي جماعت تمام پسند آئي. وَجَلَسَ رَسُولُ الله صَلَّی الله عَلَيہِ وَسَلَّمَ اِلٰی جَنبِہ فَصَلّٰی قَاعَدًا عَن يَمِينِ اِلٰی بَکرٍ (حضور عليہ السلام جن ابوبڪر صديق رضہ جي پاسي ۾ اچي وينا، پوءِ نماز ويهي پڙهيائون ابوبڪر جي سڄي پاسي ۾). نماز بعد ماڻهن ڏي متوجهہ ٿي ڳالهايائون جو مسجد کان بہ ٻاهر آواز پئي ويو. فرمايائون تہ: يآاَيُّهَالنَّاسُ سُعرَتِ النَّارِ وَاَقبَلَتِ الفِتَنُ (اي انسانو! باهہ ٻري رهي آهي ۽ فتنا سامهون اچي ويا آهن). اِنِّی لَم اُحِلَّ اِلَّا مَااَحَلَّ القُرآنَ وَلَم اُحَرِّمُ اِلَّا مَاحَرَّمَ القُرآنُ (مون حلال نہ ڪيون، مگر اُهي شيون جن کي قرآن حلال ڪيو آهي ۽ مون حرم نہ ڪيون آهن، مگر اهي شيون جن کي قرآن حرام ڪيو آهي).

حضور صلي الله عليہ وسلم ڳالهائي بس ڪئي تہ حضرت ابوبڪر صديق رضہ عرض ڪيو تہ: يارسول الله! آڻ سمجهان ٿو تہ اڄ توهان ڪجهہ چاق آهيو الله تعاليٰ جي فضل سان؟ پاڻ فرمايائون تہ: هائو آڻ چاق آهيان.

پوءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جاءِ تي ويا تہ وري حضرت علي رضہ نڪتو. ماڻهن پڇيس تہ ڇيائين تہ: الله تعاليٰ جي فصل سان هينئر خوش آهن. اتي حضرت عباس هٿ ورتس تہ: اي علي! موٽ تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ هلي فيصلو وٺون. حضور صلي الله عليہ وسلم جن اڄ وفات ڪندا، ڇو تہ بني عبدالمطلب جي وفات وقت جيڪي نشان ٿيندا آهن، اهي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي پيشاني مبارڪ تي اڇيا ويا اهن. تنهنڪري خلافت بنسبت فيصلو وٺون تہ اسان بنو هاسم کان ٿا ڏين يا ٻين کي. اسان کي ٿا ڏين تہ بس، ۽ جيڪڏهن ٻين کي تہ پوءِ کين عرض ڪريون تہ اسان ڏين ۽ ماڻهن کي سمجهائين. حضرت علي المرتضيٰ چيو: چاچا! مان نہ هلندس، جو حضور صلي الله عليہ وسلم جن هينئر پنهنجي سڪرات ۾ آهي ۽ اسان هلي فيصلو ڪرايون! جيئن خدا گهريو تيئن ٿيندو.

حضور عليہ السلام جن جي رحلت: بيبي عائشہ صديقہ فرمائي ٿي تہ: مسجد کان موٽي اچي منهنجي هنج ۾ ليٽي پيا. ايتري ۾ هڪ ماڻهو حضرت ابوبڪر جي آکهہ جو آيو جنهن کي سائو ڏڻڪ هٿ ۾ هو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن خيال ڪري اوڏهين ڏنو. سمجهيم تہ ڏنڪ جو خيال اٿن. عرض ڪيم تہ: ڏنڪ ڪندو؟ فرمايائون تہ: هائو. بيبي صاحبہ فرمائي ٿي تہ: ڏنڪ وٺي، ڇپاڙي نرم ڪري، صاف ڪري کين ڏنم. پاڻ تمام گهڻي وقت تائين ڏنڪ ڪيائون. مگر ڏنم تہ منهنجي هنگ ڳري ٿيندي ٿي وڃي. پوءِ خيال سان حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي ڏنم تہ پاڻ اکيون مبارڪ پٽي فرمائڻ لڳا: بَلِ الرَّفِيقُ الاَعلیٰ مِنَ الجَنَّتِ (بهشت مان رفيق اعليٰ گهرجي). چيم تہ: کين الله تعاليٰ دنيا ۾ رهڻ جو ۽ بهشت جي رهڻ جو اختيار ڏنو. پاڻ بهشت قبول فرمايائون. ايترو مس چيائون تہ سندن روح

مبارڪ پرواز ڪيو. پاڻ سڳورا منهنجي جهولي ۾ هئا ۽ سندن سر مبارڪ منهنجي ڳاٽ جي هڏن تي هو. پوءِ مون سندن سر مبارڪ وهاڻي تي رکي، مٿان چادر وڌي ۽ اٿي ٻين عورتن سان روئڻ لڳيس. وقت ضُحيٰ جو هو. روئڻ جي آواز تي حضرت عمر فاروق رضہ آيو. جنهن چيو تہ: منافق ٿا چون تہ حضرت رسول الله صلي الله عليہ وسلم وفات ڪري ويو. قسم آهي الله تعاليٰ جو رسول الله وفات ڪانہ ڪئي آهي. پر هو پنهنجي خدا ڏي ويو آهي. جيئن حضرت موسي بن عمران ميقات تي ويو هو ۽ پنهنجي قوم کان غائب ٿي ويو هو ۽ چاليهن ڏينهن کان پوءِ موٽي آيو. ماڻهن چيو تہ هو مري ويو. قسم آهي تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن بہ موٽي ايندا، جيئن موسي عليہ السلام موٽي آيو هو. مان انهن ماڻهن جا هٿ پير ڪپيندس، جيڪي چون ٿا تہ رسول الله وفات ڪري ويو.

ايتري ۾ حضرت ابوبڪر صديق آيو. تنهن ڪنهن ڏي بہ نہ واجهايو. سڏو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي مٿان ويو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي مٿان چادر پيل هئي، اڇڻ سان سندن منهن مبارڪ کولي ڏسي، پيشاني مبارڪ تي چمي ڏئي، چوڻ لڳو تہ: جيڪو الله تعاليٰ موت لکيو هو، اهو توهان چکيو. قربان ڪريان ماءُ پيءُ توهان تان، توهان خدا تعاليٰ جي جوار رحمت ۾ هوندا. پوءِ چادر سندن منهن مبارڪ تي وجهي باهر نڪتا. حضرت عمر رضہ کي منع ڪيائين تہ بس ڪر. مگر هن بس نہ ڪئي. پوءِ ماڻهن ڏي متوجهہ ٿيو. سيئي ماڻهو حضرت عمر رضہ کي ڇڏي، حضرت ابوبڪر صديق رضہ ڏي متوجهہ ٿيا. حضرت ابوبڪر صديق رضہ فرمايو تہ: اي انسانو! جيڪو محمد عليہ السلام کي پوڄيندو هجي تہ محمد عليہ السلام وفات ڪئي آهي. پر جيڪو الله تعاليٰ کي ٿو پوڄي تہ الله تعاليٰ جي القيوم آهي، هو ڪونہ مرندو. پوءِ آيت پڙهيائين:

وَمَا مُحَمَّدٌ إِلَّا رَسُولٌ قَدْ خَلَتْ مِن قَبْلِهِ ٱلرُّسُلُ ۚ أَفَإِيْن مَّاتَ أَوْ قُتِلَ ٱنقَلَبْتُمْ عَلَىٰٓ أَعْقَٰبِكُمْ ۚ وَمَن يَنقَلِبْ عَلَىٰ عَقِبَيْهِ فَلَن يَضُرَّ ٱللَّهَ شَيْـًٔا ۗ وَسَيَجْزِى ٱللَّهُ ٱلشَّٰكِرِينَ ﴿١٤٤﴾

ترجمو: ۽ محمد (صلي الله عليہ والسم جو) پيغمبر ئي آهي، بيسڪ اُن کان اڳ ڪيترا پيغمبر گذري ويا، پوءِ جيڪڏهن (اُهو) مري وڃي يا قتل ٿئي تہ (اوهين) پنهنجين ڪُڑين (پر پوئتي) ڦرندو ڇا؟ ۽ جيڪو پنهنجين ڪڑين (پر پوئتي) تي ڦرندو سو الله کي ڪجهہ بہ نقصان ڪڏهن نہ پهچائيندو ۽ الله شاڪر (احسان مجيندڙن) کي سُٹت ثواب ڏيندو (القرآن، 144:3).

حضرت عمر رضہ ٿو چوي تہ: جڏهن اها آيت پُڌم تڏهن هوش آيم ۽ سمجهيم تہ برابر حضور صلي الله عليہ وسلم جن دنيا مان رحلت فرمائي ويا.

سقيفہ بني ساعدہ جو واقعو: حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي وفات بعد سمورا انصار سعد بن عباده وٽ اوطاق قبيلي بني ساعده ۾ وڃي گڏ ٿيا ۽ اتي پنهنجا رايا ۽ مشورا ڪرڻ لڳا تہ هينئر خلافت جي اسان دعويٰ ڪريون تہ سعد بن عباده کي خليفو ڪريون يا ڪنهن ٻئي کي؟

حضرت علي المرتضيٰ، حضرت زبير بن العوام ۽ طلحہ بن عبدالله، اهي وري بيبي فاطمہ رضہ جي گهر ۾ وڃي گڏ ٿيا ۽ مشورا ڪرڻ لڳا. باقي مهاجر حضرت ابوبڪر صديق رضہ ۽ حضرت عمر رضہ وٽ وڃي گڏ ٿيا. ايتري ۾ هڪڙو ماڻهو آيو جنهن اچي ابوبڪر صديق رضہ ۽ عمر فاروق رضہ کي ٻڌايو تہ: سمورا انصار، سعد بن عباده وٽ سقيفہ بني ساعده ۾ وڃي گڏ ٿيا آهن. توهان وڃي اتي ساڻن ملو، متان هو ڪو قطعي فيصلو ڪري وجهن. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي لاش مبارڪ پنهنجي جاءِ ۾

رهي. اهل بيت دروازا بند ڪري ڇڏيا، جو ڪنهن کي به اچڻ ڪونہ ڏي ڏنائون.

حضرت عمر، حضرت ابوبڪر کي چيو تہ: هلي تہ انصارن ڏي هلون تہ هو ڇا ڪري رهيا آهن. حضرت عمر ڏو چوي تہ: اسان سيئي مهاجر گڏجي حضرت ابوبڪر سان وياسين، رستي ۾ به ماڻهو مليا، جن اسان کي پڇيو تہ: اَينَ تُرِيدُونَ يَامُعشَرَالمُهَاجِرِينَ (ڪاڏي ارادو ڪيو ڏا وڃو اي جماعت مهاجرن جي!) اسان چيو: پنهنجي انصارن پائرن ڏي. هنن چيو تہ: بهتر آهي تہ توهان هنن وٽ نہ وڃو. توهان پنهنجو فيصلو پاڻ ۾ ڪريو. اسان چيو تہ: نہ، اسان هنن وٽ وينداسون.

اسان سقيفہ ۾ انصارن وٽ وياسين. انهن جي وچ ۾ هڪ مڙس مٿي چڙهيو ويٺو هو. پڇيوسين تہ: هي ڪير آهي؟ چيائون تہ: سعد بن عباده آهي. پڇيوسين تہ: ڇا آهيس؟ چيائون تہ: چاق نہ آهي. اسان ويٺاسين تہ انهن جو هڪ خطيب اٿيو. الله تعاليٰ جي حمد ثنا بعد هن چيو تہ: اسان الله تعاليٰ جي دين جا مددگار آهيون. اسلام جا محافظ ۽ پُشت پناهہ آهيون. توهان مهاجر به اسان جي جماعت آهيو. توهان جي قوم تان هينئر اهو رتبو لهي ويو.

هُن اهو ارادو ظاهر ڪيو تہ هينئر خلافت ۽ امارت اسان جي هجي ۽ مهاجرن کان اهو حق کسيو وڃي.

حضرت عمر رضہ چوي ڏو تہ: جڏهن سندن خطيب ماٺ ڪئي، تڏهن مون خيال ڪيو تہ اُٿي هنن کي ڇڪو ٻُڌايان. مگر حضرت ابوبڪر رضہ فرمايو: اي عمر! تون صبر ڪر. پوءِ مان ويهي رهيس. حضرت ابوبڪر رضہ اٿي تقرير ڪئي، ۽ قسم آهي الله تعاليٰ جو تہ جيڪي ڳالهيون منهنجي دل ۾ هيون اهي سڀ بيان ڪيائين. انصارن کي خطاب ڪندي

چيائين تہ: جيڪي توهان چئو ٿا تہ توهان اسلام جي خدمت ۾ مدد ڪئي آهي، اها ڳالهہ برابر آهي. اسان مجون ٿا، باقي رهي خلافت ۽ امارت، اها سمورا عرب قريش کان سواءِ ڪنهن جي قبول نہ ڪندا. عربن ۾ نسب جي ڪري ۽ رُتبي ۽ شان جي ڪري قريش اعليٰ درجو رکن ٿا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو آهي تہ: اَلاِئمَتُ مِنَ القُرَيشِ (امام ۽ خليفا قريش مان هوندا). آءٌ توهان کي هنن ٻن ماڻهن ۾ مختيار ٿو ڇڏيان. هڪ آهي عمر بن الخطاب، ٻيو آهي ابو عبيده بن الحراج، جي ٻئي توهان جي اڳيان موجود آهن.

انصارن چيو تہ: اها ڳالهہ ڪانہ ڏهندي. فيصلو آهي تہ ٻہ امير هجن، هڪ اسان مان ۽ هڪ توهان مان. پوءِ شور ۽ گوڙ وڌي ويو. خوف ٿيو تہ جهيڙو نہ ٿئي. اتي حضرت عمر رضہ ٿو چوي تہ: ابوبڪر صديق رضہ کي چيو تہ: هٿ ٻاهر ڪر. هُن هٿ ٻاهر ڪيو تہ مون سندس بيعت ڪئي تہ سيني مهاجرن ٻہ بيعت ڪئي، پوءِ انصارن ٻہ بيعت ڪئي. بني سقيفہ مان واپس آياسين. رات گذري، صبح جو حضرت ابوبڪر صديق رضہ مسجد ۾ منبر تي اچي وينو تہ حضرت ابوبڪر جي ڳالهائڻ کان اڳ ۾ حضرت عمر رضہ تقرير ڪئي. الله تعاليٰ جي حمد و ثنا بعد چيائين تہ: مون جو ڪالهہ چيو هو تہ رسول الله جن وفات ڪري ڪونہ ويا آهن، نہ وفات ڪندا، سو منهنجو خيال هو. نہ قرآن ڪريم ۾ آهي، نہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن کو اهڙو حڪم ڪيو هو. الله تعاليٰ اسان کي هدايت لاءِ پنهنجو ڪتاب موڪليو آهي، ان تي عمل ڪنداسين تہ هدايت تي هونداسين. حضرت رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن دنيا مان رحلت فرمائي ويا. ڪائنہ بعد جيڪو ماڻهو توهان ۾ پلو آهي، حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو رفيق في الغار آهي ثَانِیَ الثنَينِ اَذهُمَا فِی الغَار (هي ابابڪر صديق انهن ٻن مان ٻيو

هو جو هو ٻئي غار ۾ گڏ هئا. توهان سيئي اُٿي سندس بيعت ڪريو. پوءِ سيني ماڻهن اُٿي حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي بيعت ڪئي. هي بيعت عامہ آهي. اڳي بيعت سقيفہ جي خاص هئي. پوءِ حضرت ابوبڪر صديق رضہ اُٿي تقرير ڪئي. الله تعاليٰ جي حمد ثنا بعد چيائين: اي مسلمانو! آءٌ توهان جو خليفو مقرر ٿيو آهيان. اءٌ توهان کان وڌيڪ ڪونہ آهيان. آءٌ جيڪڏهن چڱا ڪم ڪريان تہ منهنجي مدد ڪجو ۽ جيڪڏهن بُرا ڪم ڪريان تہ مون کي هن منصب تان لاهي ڇڏجو. سچ امانت آهي، ڪوڙ خيانت آهي. توهان مان هيٺو مون وٽ ڏاڍو آهي. توهان جو ڏاڍو مون وٽ هيٺو آهي. جيستائين آءٌ هيٺن جا حق ڏاڍن ماڻهن کان وني ڏيان. جا قوم جهاد ڇڏيندي آهي، سا خوار ٿي رهندي آهي. جنهن قوم ۾ زنا ۽ بيحيائي هوندي آهي، انهي قوم تي الله تعاليٰ جو غضب پوندو آهي، ۽ مهلڪ مرض، وبا ۽ طاعون انهي قوم تي الله تعاليٰ موڪليندو آهي. آءٌ جيستائين الله ۽ رسول الله جي تابعداري ڪندو رهان تہ توهان بہ منهنجي تابعداري ڪريو ۽ جيڪڏهن آءٌ الله ۽ سندس رسول جي تابعداري ڇڏي ڏيان تہ توهان بہ منهنجي تابعداري ڇڏي ڏيو.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي غسل ۽ڪفن دفن جو بيان: اڳاري ڏينهن جيئن حضرت ابوبڪر صديق جي بيعت ٿي ۽ هو خليفت المسلمين منتخب ٿيو تيئن ماڻهو يڪدم حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي غسل ۽ ڪفن دفن جي ڪم ۾ لڳي ويا. عبدالله بن ابوبڪر ۽ حسين ابن عبدالله روايت ٿا ڪن تہ: حضرت علي ابن ابي طالب، حضرت عباس بن عبدالمطلب، حضرت فضل بن العباس، قثم بن العباس، اسامہ ابن زيد ۽ شقران (حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو آزاد غلام) حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي غسل ڏنو. انصارن جي قبيلي بني عوف بن الخزرج مان

هڪڙي جوان اوس بن خوني عرض ڪيو تہ: خدا واسطي مون کي بہ غسل جي ڪم ۾ شريڪ ڪريو. جو اسان انصارن مان بہ ڪو هڪڙو انهي اَجر ۾ بهرو ونڻي ۽ شرف وارو ٿئي. حضرت علي رضہ ڪيس اندر اچڻ جي اجازت ڏني تہ تون رڳو ويهي ڏس. غسل جو ڪم اسان جي ذمي آهي. عائشہ صديقہ ٿي فرمائي تہ: جڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي غسل جو ارادو ڪيائون تہ منجهي پيا تہ ڪپڑا لاهي غسل ڏيون جيئن ٻين ميَتن کي ڏبو آهي يا ڪپڑن سوڌو کين غسل ڏيون. پاڻ ۾ اختلاف ٿي پيين. قدرت الله تعاليٰ جي، ايتري ۾ سيني کي ننڊ جي گهل اچي ويئي جو سندن مٿا سينن تي لڙڪي پيا تہ آواز هاتفي آين تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي ڪپڑن سوڌو غسل ڏيو. ڪپڑا نہ لاهيو. پوءِ اتي هنن غسل ڏنو. قميص ڪانہ لاٿائون. قميص جي مٿان پئي پاڻي وِڌائون ۽ قميص جي مٿان پئي مهٽيائون. قميص اندران هٽ ڪونہ لاتائون. حضرت علي رضہ، حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي پنهنجي سيني تي ٽيڪ ڏني، حضرت عباس ۽ سنسن ٻنهي پُٽن فضل ۽ قثم، حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي سڄي ڪٻي پاسي پئي ڦيرايو. اسامہ بن زيد ۽ شقران ٻنهي پاڻي پئي پرٽيو ۽ حضرت علي المرتضيٰ غسل پئي ڏنو ۽ چيائين تہ: صَدَّقَتَ بِاَبِي وَ اُمِي اَنَّتَ مَا اَطِيبُکَ حَيًّا وَ مَيِّتًا (آءٌ پنهنجو پيءُ ۽ ماءُ توتي قربان ڪريان، ڪهڙو نہ خوشبودار آهين حياتي ۾ خواهہ مماتي ۾).

ابن اسحاق روايت ٿو ڪري تہ: غسل کان بعد حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي ٽن ڪپڑن ۾ ڪفن ڏنو ويو. عبدالله اب عباس روايت ٿو ڪري تہ: حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دفن جو ارادو ڪيائون تہ: اصحابن ۾ اختلاف پيدا ٿيو. ڪن رايو ڏنو تہ جنت البقيع ۾ دفن ڪجي. ڪن چيو تہ مسجد جي صحن ۾، مگر حضرت ابوبڪر صديق رضہ فرمايو

تہ: مون حضور صلي الله عليہ وسلم جن کان ٻُڌو آهي تہ جيڪي بہ انبياءَ عليہ السلام گذريا آهن، انهن کي اتي دفن ڪيو ويو آهي، جتي سندن روح مبارڪ قبض ٿيا آهن. تنهنڪري حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي بہ ساڳيءَ جاءِ تي دفن ڪجي، جتي سندن روح مبارڪ پرواز ڪيو.

حضرت علي المرتضيٰ بہ چيو تہ: سڄي روءِ زمين ۾ الله تعاليٰ جي نزديڪ انهي جاءِ کان بهترين جاءِ ڪابہ ڪانهي، جتي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو روح مبارڪ قبض ٿيو آهي.

اڪابر اصحابن جي بہ راءِ ٿي تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي سندن جاءِ ۾ دفن ڪجي. جيڪو بيبي عائشہ صديقہ جو حجرو آهي. انهيءَ راءِ کان پوءِ سندن وصيت موجب کين اڪيلو ڇڏي ويا تہ پهرين ملائڪ نماز پڙهن. جڏهن سمجهيائون ملائڪن نماز پڙهي ورتي هوندي، تڏهن پهريائين بنو هاشم مان سندن عزيزن حضرت عباس ۽ ٻين وڃي جدا جدا نماز پڙهي. پوءِ اصحابن جو ٽولو پئي ويو جي جدا جدا نماز پڙهي پيا آيا. مردن نماز پڙهي، ننڍن ٻارن نماز پڙهي، آخر ۾ عورتن نماز پڙهي. انهيءَ وصيت تي عمل ڪرڻ سبب سندن دفن ۾ دير ٿي، جو سڄو ڏينهن غسل ۽ نماز ۾ لڳي ويو ۽ اربع رات دفن ٿيا.

قبر جي بنائڻ ۾ اختلاف ٿيو تہ لحد پاسي ۾ ڪجي يا وچ ۾ ناهجي. مديني ۾ اهو ڪم بہ اصحاب ڪندا هئا. مهاجرن مان ابو عبيده بن الجراح قبر جي وچ ۾ ناهيندو هو ۽ انصارن مان وري ابو طلحہ انصاري پاسي ۾ ناهيندو هو. حضرت عباس ٻنهي ڏي ماڻهو موڪليو تہ اڳ ۾ ابو طلحہ انصاري اچي نڪتو جنهن لحد تيار ڪئي. حضرت علي رضہ، حضرت عقيل رضہ، حضرت فضل، حضرت قثم، حضرت شقران، حضرت اسامہ ۽ حضرت اوس انصاري رضہ قبر ۾ اندر داخل ٿيا. شقران، قطيفہ (لوئي، جا

خيبر ۾ کين حصي ۾ آئي هئي) حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي هينان وڃائي. اها سندن وصيت موجب هئي. ڪن ڇيو آهي تہ سِرُن ڏيڻ بعد هڪ دنگي مان ڪڍي وئي هئي.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي لحد ۾ رکيو ويو. پويون پويون ماڻهو جيڪو قبر مان ٻاهر نڪتو سو قثم بن عباس هو. ڪن اهل تذڪره قثم کان روايت ڪئي آهي تہ: پويان مان هئس جو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو منهن مبارڪ کولي ڏٺم تہ سندن چپ ڇُرندا ڏٺم. ڳن ڏٺم تہ: رَبِّ اُمَّتِي اُمَّتِي جو آواز ٻُڌم. وَالله اَعلَمُ بِالصَّوَابِ. لحد مبارڪ جا پٿر نَوَ هئا. اها اربع جي رات هئي، جو حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي دفن ڪيائون.

دفن بعد دستور موجب سڀني اصحابن، فاطمت الزهره رضہ جي گهر وڃي شرائط تعزيت ۽ معذرت جا بجا آندا. خاتون جنت فرمائڻ لڳي تہ: منهنجي بابا سائين کي زمين ۾ دفن ڪيوَ. توهان کان اهو ڪيئن ڦُنو! اصحابن عرض ڪيو تہ: الله تعاليٰ جي حڪم کي مڃڻو پيو.



ضميمو

حصو اول

شجره طيبه

نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم کان ونڻي عدنان تائين

انهيءَ بابت حافظ ابوعمر يوسف بن عبدالله المعروف بابن عبدالبرالمري (القربي) سن 368هـ ڪتاب الاستيعاب ۾ لکيو آهي تہ: هذَا مَالَم يَختَلِفُ فِيهِ اَحدُ مِنَ النَّاس (هن شجري ۾ ڪنهن هڪڙي جو بہ اختلاف ناهي). خدا جو شڪر آهي جو حضرت عبدالله کان عدنان تائين سمورا نالا بالتفصيل لکيل آهن. انهن سان گڏوگڏ حضور عليہ السلام جن جي والده ماجده جو نسب ۾ سندن ڏاڏڻ ۾ ڏاڏين، نان ۾ نانين جا نالا بہ بالتفصيل درج ڪيا ويا آهن. اهي نالا ڏاڏڻ ۾ نانن جا 'تاريخ ڪبير طبري' ۾ 'طبقات الڪبير' ابن سعد ۾ 'تاريخ الڪامل' ابن اثير ۾ مليا. طبقات الڪبير ابن سعد انهن ۾ وڌيڪ آهي.

حصو ٻيو

عدنان کان حضرت اسماعيل عليہ السلام تائين

جيئن اسان بيان ڪيو آهي تہ حضرت محدثين انهيءَ طرح ذڪر ڪونہ ڪيو آهي، جو ائين بيان ڪرڻ دشوار ۾ ڏکيو آهي. تنهنڪري اٺ- نوَ پيڙهيون ذڪر ڪرڻ ڪانپوءِ چوندا آهن تہ حضور عليہ السلام جو نسب مبارڪ حضرت اسماعيل عليہ السلام سان وڃي ٿو ملي. اسان هن ڪري بين ڪيو آهي جو عالمن اختلاف ڪيو آهي. سَبَاتِکُ الذَّهَب سَوَيدِي جي صفحي 19 ۾ لکي ٿو تہ: قهر اخنلف جي ڪراهتہ رفع النسب من عدنان

اليٰ آدم فذهب ابن اسحاق و ابن جرير و غيرهما اِليٰ جوازه وعليہ البخاري وغيره من العلما (ابن اسحاق ۽ ابن جرير ۽ بيا، ۽ بخاري، عدنان کان آدم تائين نسب بيان ڪرڻ جائز ٿا چون.

ڪتاب رحلت الشافعي ۾ جلال الدين سيوطي، امام شافعي ۽ هارون الرشيد جي گفتگو ۾ ذڪر ڪيو آهي: فقال لي اين لي عن نفسک قال الشافعي فالقيت حتي الحقت آدم عليہ السلام بالبطن (هارون رشيد چيو: تون پنهنجي (نسب) بابت ٻُڌاءِ. مان نسب ٻڌائڻ شروع ڪيو تان جو آدم عليہ السلام کي مٿيءَ سان وڃي ملايم). انهيءَ ڪري ڇڏڻ کان لکڻ بهتر سمجيم.

حصو ٽيون

اسماعيل عليہ السلام کان وٺي حضرت آدم عليہ السلام تائين

اهو حصو موجوده تورات تان ورتل آهي جو عمرين جو تعداد بہ اتي ڇاڻايل آهي جو اڪثر مورخن اهو صحيح ۽ ثابت لکيو آهي.

حصو اول

نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم کان وٺي عدنان تائين

پيءُ ۽ ڏاڏا سڳورا	مائرون	مائرن جون ڏاڏيون ۽ نانيون سڳوريون
محمد عليہ السلام ابن عبدالله	آمنہ	پيءُ وهب بن عبد مناف بن زهره بن ڪلاب (ڇهون ڏاڏو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو). ماءُ بره بنت عبدلعزيٰ بن عثمان بن عبد اسرار

بن قصي (پنجون ڏاڏو حضور صلي الله عليه وسلم جن جو).

عبدالمطلب فاطمه پيءُ عمر بن عائز بن عمران بن مخزوم بن يقظه بن مره (ستون ڏاڏو حضور صلي الله عليه وسلم جن جو).

هاشم سلميٰ پيءُ عمرو بن زيد بن بعيد بن فراش بن عامر بن غنم بن عدي بن النجار تيم الله بن ثعلبه خزرجي.

ماءُ عمره بنت سخر بن حبيب ابن الحارث بن ثلبع بن نازن بن النجار ساكن مدينه.

عبد مناف عاتڪه پيءُ مره بن هلال بن فالج بن ذڪوان بن ثعلبه بن بهثه بن سليه بن منصور (سترهون ڏاڏو حضور صلي الله عليه وسلم جن جو).

ماءُ وبه عرف صفيه بنت حوز بن عمرو بن صوصعه بن معاويه بن بڪر بن هوازن (سترهون ڏاڏو حضور صلي الله عليه وسلم جن جو).

قصي حبي پيءُ حليل بن حبشيه بن سلول بن ڪعب بن عمرو بن ربيعه (خزاعي قبيلي جو هو).

ماءُ هند بنت عامر بن نصر بن عمرو بن عامر (خزاعي قبيلي مان هو).

ڪِلاب فاطمه پيءُ سعد بن سيل (خير) بن حماله بن عوف بن عامر الجادر (هن پهرين ڪعبت الله جي پت تيار ڪئي هئي، قبيلي دشنوه مان هو).

ماءُ ظريفه بنت قيس بن اميه ذي الراسي ن

جشيم بن ڪنانہ بن عمر بن القين بن فهم بن عمرو بن قيس بن عيلان بن الياس (سترهون ڏاڏو حضور صلي الله عليہ وسلم جو).

مره هند پيءُ سرير بن ثعلبہ بن الحارث بن مالڪ (پارهون ڏاڏو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو).

ماءُ امامہ بنت عبد منات بن ڪنانہ (چوڏهون ڏاڏو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو).

ڪعب مخشيہ پيءُ شيبال بن محارب بن فهر (يارهون ڏاڏو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو).

ماءُ وحشيہ بنت دايل بن قاسط بن بن هنب بن اقصيٰ بن دعمي بن جديلہ.

لوسَيٰ ماويہ ماءُ عاتڪ بنت ڪاهل بن عذره.

غالب عاتڪ پيءُ يخلہ بن النصر بن ڪنانہ (تيرهون ڏاڏو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو).

ماءُ انيسہ بنت شيبان بن ثعلبہ بن عڪابہ بن صعب بن علي بن بڪر بن وائل.

فهر الملقيث قريش ليليٰ پيءُ حارث بن تميم بن سعد بن هذيل بن ملاڪ (سورهون ڏاڏو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو).

مالڪ جندلہ پيءُ عامر بن الحارث بن مضاض بن زيد بن مالڪ (جرهم قبيلي جو).

ماءُ هند بنت الظليم بن مالڪ ابن الحارث (جرهم قبيلي مان).

نضر	عِكرِشہ	پيءُ عدوان امارشہ بن عمر بن قيس بن عيلان بن مضر (ارڙهون ڏاڏو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو). ماءُ جو نسب نہ مليو.
ڪنانہ	برهہ	پيءُ مَرّ بن اَدّ بن ظانجہ (ٻيٽ هئي ثميم بن مره جي. طانجہ ياءُ مدرڪ جو به آهي). ماءُ جو نسب نہ مليو.
خريمہ	عوانہ هند	پيءُ سعد بن قيس بن عيلان بن الياس (سترهون ڏاڏو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو). ماءُ وعد بنت الياس (سترهون ڏاڏو).
مدرک	سلميٰ	پيءُ اسلم بن الحاف بن قضاعہ. ماءُ جو نسب نہ مليو.
الياس	ليليٰ (خندف)	پيءُ حلوان بن عمران بن الحاف بن قضاعہ. ماءُ خريہ بنت ربيع بن نزار (اوٽيهون ڏاڏو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو).
مصَر	رباب	پيءُ جند بن معد (ويهون ڏاڏو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو). ماءُ جو نسب نٿو ملي.
نزار	سوده	پيءُ عکَ بن الريث بن عدنان (ايڪيهون ڏاڏو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو). ماءُ جو نسب نہ مليو.
معد	معانہ	پيءُ جوشم بن جلهمہ بن عمر بن بره بن جرهم. ماءُ سلميٰ بنت الحارث بن مالڪ بن فنم

(نحم قبيلي مان آهي).

عدنان مهده پيءُ مهم بن حاڪب بن جريس بن جاثر بن ارم.

ماءُ جو نسب نہ مليو.

حصو ٻيو

عدنان کان حضرت اسماعيل عليہ السلام تائين

روايت ڪلبي کان جيڪا آهي، طبري ڪئي	روايت ابن سعد مندرجہ طبقات الڪبر	توضيحات جيڪا طبري پنهنجي راوي کان ڪئي آهي
اود	اود	
هميسع	هميسع	
سلامان	سلامان	هميسع ءِ ساحب بہ ان کي چوندا هئا.
عوص	عوص	سنجر ءِ نبيب بہ ان کي چوندا هئا.
بوز	بوز	هن کي ثعلبہ بہ چوندا هئا، قبيلو بني ثعلبہ جو هن ڏانهن منسوب آهي.
قموال	قموال	هن کي يوزا ءِ عشرالعتاء بہ چوندا هئا، عشره جي رسم عرب ۾ انهيءَ وِڏي.
ابي	ابي	هن کي سعد رجب بہ چوندا هئا. رجبي جي رسم عرب ۾ هن وِڏي.
عوام	عوّام	قموال ءِ بريح الناحب ان کي چوندا هئا. حضرت صليمان جي زماني ۾ هو.

ناشر	ناسر	محلم ذوالعين هن جو لقب آهي.
حزا	حزا	هن کي عوام ۾ چوندا هئا.
بلداس	بلداس	هن کي مهتمل ۾ چوندا هئا.
يدلاف	تقدلاف	رائمہ هن جو لقب اهي.
طانج	طانج	هن کي طاهب ۾ چوندا هئا، عيقان هن جو لقب آهي.
جاحم	جاحم	هن جو لقب عُلتہ آهي.
ناحش	ناحش	هن جو لقب الشهدود آهي.
مافي	مافي	هن کي عرب الظريب ۽ خاطم الناء چوندا آهن.
عيفي	عيفي	هن کي عافي ۽ عبقر ابوالحب ۾ چوندا آهن. جنت عبقر هن ڏي منسوب آهي.
عبقر	عبقر	هن کي ابراهيم جامع الشعل چوندا هئا، هن جي عهد ۾ ڪامل امن امان هو.
عبيد	عبيد	هن کي اسماعيل ذوالمطابخ چوندا هئا، جو ساري ملڪ ۾ مسافرخانا مسافرن لاءِ ٺهرايا هئائين.
الرعا	الرعا	هن کي يزن الطعان چوندا هئا. هيءُ پهريون ماڻهو آهي، جنهن جنگ ۾ نيزو استعمال ڪيو.
حمدان	حمدان	هن کي اسماعيل ذوالاعوج ۾ سڏيندا هئا. اعوج هن جي گهوڙي جو نالو هو.
سنبر	سنبر	هن کي يشمين ۽ مطعم چوندا هئا. هن جي جاءِ ۾ هميشہ غريبن لاءِ طعام تيار هوندو هو.
يثربي	يثربي	يشرم ۽ صح ۾ چوندا هئس.

يحزن	يحزن	يحزن ۽ قور لقب هئس.
يلحن	يلحن	ملحن نالو ۽ لقب عنود هئس.
ارعوي	ارعوي	رعوي بہ چوندا هئس، لقب دعدع هئس.
عيضي	عيضي	عاقر لقب هئس.
دي شان	دي شان	هن جو لقب الزائر آهي.
عيصر	عيصر	هن کي عامر ۽ بندوان ذوالانديہ چوندا هئا. هن جي عهد ۾ بن پائرن نبيت ۽ جاون (پئي پٽ قادور جا) ۾ جنگ ٿي.
اقناد	اقناد	اياهم لقب اٿس.
ايهام	ايهام	دوس القق ۽ اجمل الخلق لقب هئس.
مقصر	مقصيٰ	حص ۽ نزال لقب اٿس.
ناحث	ناحث	_
زارح	زارح	قمير لقب هئس.
سمي	شمي	سما بہ سڏيندا هئاس. المحشر لقب هئس.
مُزي	مُزي	مرهز بہ چوندا هئس.
عوص	عوص	هن جو لقب ثمرو صفي بہ چوندا هئا.
عرام	عرام	_
قيندار	قيندر	_

حصو ٽيون

اسماعيل عليہ السلام کان وٺي حضرت آدم عليہ السلام تائين

اسماعيل عليہ السلام	137 سال عمر
ابراهيم عليہ السلام	175 سال عمر
نازهہ آذر	205 سال عمر

ناحور	159 سال عمر
حروج	232 سال عمر
رعو	239 سال عمر
فالج	239 سال عمر
عابر	460 سال عمر
ارفکشاد	438 سال عمر
سام	602 سال عمر
نوح علیہ السلام	950 سال عمر
لامک	777 سال عمر
منوشالح	969 سال عمر
اخنوع ادریس علیہ السلام	365 سال عمر
یارد	962 سال عمر
ملھل ایل	895 سال عمر
قینان	910 سال عمر
آنوش	905 سال عمر
شیث علیہ السلام	912 سال عمر
آدم علیہ السلام	930 سال عمر

*****

سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپايل ڪجهه ڪتاب